شاهڪار لکڻين جي چونڊ

ماهوار

ڪرزما

ڊائجسٽ

سالگرهه مبارڪ

ڪينسر"

عظيم ڪهاڻيڪار امر جليل

جي اڻ ڇپيل ڪهاڻي

سيران پير حضرت عبدالقادر جيلاني (رحم)

جي زندگي، جو ايمان افروز احوال

ڪيمياگر"

مشهور اديب پائلو ڪوئلهو جي ناول جو مڪمل ترجمو

ماهوار

ڪرزما

جلد پهريون، شمارو بارهون، جون 2006ع

چيف ايڊيٽر (اعزازي) : ڊاڪٽر خالد نوراني
سب ايڊيٽرز : مقصود قاضي
ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ
ٽائيٽل ڊزائين : علي اڪبر چٽو
ڪمپيوٽرلي آئوٽ : فيصل ميمڻ
امجد علي ٿهيم
صدر الدين گرافڪس اينڊ پرنٽرز ڪراچي.
فون: 021-2214834 موبائيل: 0300-2800427
قيمت في پرچو : 35 رپيا
سالياني في : 300 رپيا

مواد موڪلڻ لاءِ پتو:
پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او)، ڪراچي

سول ڊسٽريبيوٽرس: (1) عرفان علي نوراني (ڪراچي ڪان وٽي نواب شاهه تائين)
موبائيل: 0333-2745033
(2) اختيار علي سولنگي (موري ڪان وٽي جيڪب آباد تائين)
موبائيل: 0333-7594472

اشتهارن لاءِ ايڊريس:

عرفان علي نوراني
بنگلو نمبر D-121/B بلاڪ پنجون،
ڪلفٽن ڪراچي
موبائيل: 0333-2745033
موبائيل: 0300-9223834

E-mail: krizmadigest@yahoo.com

هيءَ ڊائجسٽ پبلشر مير محمد نوراني ۽ القادر پرنٽنگ پريس ڪراچي ۽ مان ڇپائي پڌرو ڪيو

16
کرزما پوسٽ
کرزما

22
ڊاڪٽر نور ناز جهتيال
حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رح

64
امر جليل
کينسر

184
الطاف شيخ
ملائيشيا 12 سال بعد

72
ريٽا شهاڻي
ڪمائينڊز زال

76
منور سراج
رنگن جي خوشبو

95
امر لغاري
چوڌريءَ جو سيرزيو

90
حسن منصور
هُوٽر

106
عزيز ڪينجهرائي
مهمائي مِرون

113
سڳن آهرچا
رعب

100
صادق لاشاري
عشق جو چڪر ناهي

174
ذوالفقار ارشد گيلاني /ساجد علي ٺهيم
مرزا صاحبان

110
آڪاش لغاري
دل هڪ مندر

136
سعلمڪاوي
گلزار علي ولياڻي
فاطم

127
ڪرشن چندر/عرفان ميمڻ
ڪُتا پلاننگ

120
جوهانيز وي جينس
/ڊاڪٽر منظور ميمڻ
گم ٿي ويل جهنگ

155
جيفري آرچر/نصر الله عباسي
ايماندار
اگناٽيس

150
ممدوح شوڪت اسنڊال
امر اياز مهر
امان، بابا

145
سنڌيڪار: طفيل مگسي
پلاند

202
سڊني شيلڊن/محمد ميمڻ
محشر

169
انتون چيخوف/نرتن رشاد
تلهو ۽
سنهو

162
او هينري/صائمڪنياڻي
واهه ڙي
قسمت!

240
متفرقہ
شاعري

218
ڊاڪٽر خالد نورانی
مرڻ کان پوءِ
جا عجب اسرار

252
پائلو ڪوئلهو
جگديش آهوجا
ڪيمياگر

226
محبوب علي سمون
حضرت عزير
عليہ السلام

اخبار ۽ رسالن جي وڪري سان دلچسپي رکندڙ دوستن لاءِ

خوشخبري

ڪرزما ڊائجسٽ پنهنجي اجراءَ جي مختصر عرصي ۾ سنڌي پڙهندڙن پاران وڏي مرٽ ماڻي آهي. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته سنڌي ماڻهو معياري شين جو قدر ڪرڻ ڄاڻڻ ٿا. پر ٻيئن ته سنڌ ۾ ڪتابن جي ترسيل جو ڪو جامع نيٽ ورڪ نه آهي، ان ڪري سواءِ ڪن مخصوص ڪتابن جي عام سنڌي ڪتاب ۽ رسالا سڄي سنڌ ۾ نه ٿا پهچي سگهن.

جيئن ته ڪرزما ڊائجسٽ "ڪرزما پبليڪيشن" پاران جاري ڪيو ويو آهي ۽ هن اداري پاران ڪرزما ڊائجسٽ کان علاوه ٻين ضروري موضوعن تي به ڪيترائي رسالا ۽ ڪتاب ڇپرائڻ جو ارادو آهي. جن کي هر جاءِ تائين پهچائڻ لاءِ اسانجو ادارو هڪ جامع نيٽ ورڪ ٺاهڻ جو خواهشمند آهي. ان سلسلي ۾ اخباري صنعت سان وابسته ايجنٽن ۽ ڪتابن جي فروخت سان تعلق رکندڙن کي ضلعي، تعلقي يا شهرن جي سطح تي ڪرزما پبليڪيشن جي رسالن ۽ ڪتابن جي ورهاست لاءِ ايجنسي ونڊ جي يا نمائندگي ڪرڻ جي لاءِ دعوت ڏجي ٿي. ان سلسلي ۾ خواهشمند ساڻي هيٺين پتن تي لکپڙه ڪري سگهن ٿا.

پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او) ڪراچي

۽

ڊاڪٽر خالد نوراني، بنگلو نمبر D-121/B، بلاڪ پنجون،

ڪلفٽن ڪراچي. 0300-9223834

پنهنجي پاران

ڪرزما جو نئون شمارو حاضر آهي. هيءُ سالگرهہ نمبر آهي، يعني ڪرزما جو بہ ٻارنهون پرچو. ان عرصي ۾ پڙهندڙن جيڪا موٽ ڪرزما کي ڏني آهي، تنهن لاءِ اسان پڙهندڙن جا شڪر گذار آهيون، جو انهن اسان جي ڪچي ڦڪي کي قبول ڪري اسان کي مانائتي موٽ ڏني آهي.

اسان جي ڪوشش آهي تہ پنهنجي پڙهندڙن کي معياري لکڻيون پيش ڪريون، ان ۾ اسان ڪيترو ڪامياب ٿيا آهيون. اهو اوهان ٻڌائيندا.

سنڌ جي سياسي صورتحال ٻري رهي آهي. مختلف ننڍن وڏن گروپن کي گڏ ڪري جيڪا مخلوط حڪومت ٺاهي وئي آهي، تنهن جي ڪمن جي ڪار گزاري سيني جي سامهون آهي. جڏهن مختلف شين کي گڏ ڪري رکبو تہ پوءِ ان جو مٿو ٻڪريءَ جو هوندو تہ ڏڙ گڏهہ جو، پير هاٿيءَ جا تہ پڇ باندر جو، سنگ هرڻ جا تہ خر سوئر جا. اهو ئي حال اسان جي صوبائي حڪومت جو بہ آهي. وزير اعليٰ حڪومت جو اڳواڻ هوندو آهي ۽ سيئي وزير ان جا جوابده. پر هتي صورتحال ابتڙ آهي. وزير چون ٿا تہ معاهدي تحت وزير اعليٰ کي اسان جي وزارتن ۾ مداخلت ناهي ڪرڻي. ان جو مطلب آهي سنڌ ۾ هڪ نہ پر ڏهاڪو ڪن حڪومتون وجود ۾ آهن. ظلم جي انتها اها آهي تہ سنڌي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت ۾ آهن پر پوءِ بہ هيٺا ۽ جهڪيا وينا آهن. خدا انهن مٿان رحم ڪري ۽ اسان جي سنڌ مٿان بہ.

ماڻهو ڪاليج، يونيورسٽيون، انسٽيٽيوٽ کولي رهيا آهن ۽ ڪروڙن ۽ اربن جي سيڙپ ٿي رهي آهي پر ان ۾ شايد ئي ڪو سنڌي هوندو. سنڌ ۾ جو وڏيرو پنهنجي عزت بچائڻ ۽ ٻئي جي عزت لاهڻ ۾ رڌل آهي. وچون طبقو آهي ئي ڪو نہ. هندن جي وڄڻ کان پوءِ اهو خال نہ پريو آهي ۽ هيٺيون طبقو هميشہ وانگر مهانگائي جي گهاٽي ۾ پيڙهجي رهيو آهي. ڪا راهہ نظر نہ ٿي اچي. ڪا اهڙي سياسي پارٽي ناهي جنهن ۾ ماڻهن کي ويساهہ هجي. هڪڙي پارٽيءَ کان ٻي پارٽيءَ ڏانهن ڀڄن ٿا ۽ اتي پهچي خبر پوين ٿي تہ اها رڄ آهي... ۽ ان صورتحال ۾ اسان ڇا ڪريون... ان سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ اسان هر پڙهندڙ کي دعوت ڏيون ٿا. اميد تہ موٽ ڏيندا.

ڪرزما پوسٽ

هنن صفحن تي اسان پنهنجي پڙهندڙن جا رايا ۽ تنقيدون ڏيندا آهيون. ڪجهه دوستن اها شڪايت ڪئي آهي ته پوسٽ باڪس لاءِ رجسٽرڊ ڊاڪ يا ڪوريئر سروس وارا خط نه تا وٺن. چيف ايڊيٽر ڪرزما ڊائجسٽ، هائوس نمبر B/121-D، بلاڪ 5، ڪلفٽن، ڪراچي تي به موڪلي سگهن تا. دوستن کي درخواست ڪجي ٿي ته پنهنجا رايا ۽ تنقيدون اسان کي هر مهيني پنڌرهين تاريخ کان پهرين موڪلين ڇو ته ان کان پوءِ پرچو پريس ۾ هليو ويندو آهي. دوستن کي اهو به عرض آهي ته پنهنجي ايڊريس سان گڏ جيڪڏهن پنهنجو فون نمبر يا ڀرپاسي جو فون نمبر رابطي لاءِ موڪلينداته مهرباني ٿيندي. ڇو ته ان صورت ۾ ادارو ساڻن مواد لاءِ ترت رابطو به ڪري گهي ٿو.

(ادارو)

ماهوار ڪرزما جو تازو شمارو خريد ڪيم.هن ۾ جن لکڻين متاثر ڪيو،تن ۾ عمر خيام، .ٽي ڪٽائون ،ڊيل،اکين ۾ فريز ٿي ويل رات ،منع ٿيل ميوو، زندگي، دهلي، پت، ڪاروسج ۽ خودداري بيحد وڻيون.شاعريءَ جي سيڪشن ۾ وسيم سومرو، صادق لاشاري، منور ملاح ملهايو.

ضمير گولو قبوسعيد خان

ڪرزما جو نئون شمارو مليو،ڏسي اکين کي ڏاڍي راحت ملي.توهان کي جس هجي جو عظيم ڪهاڻيڪار امر جليل کي واپس سنڌي ڪيتر ۾ وٺي آيا آهيو. سندس ڪهاڻيون زندگيءَ کي استاه ڏيندين آهن.مهرباني ڪري ٻين اديبن کي به واپس ادب ڏانهن وٺي اچو.جيڪڏهن غلام نبي مغل، نورالهدي شاه، مدد علي سنڌي، شوڪت شورو .طارق عالم ابڙو، مهتاب محبوب، قمر شهباز، آغا سليم جن کان ڪهاڻيون لکرائي ڪرزما ۾ شايع ڪريو ته اهو اوهان جو سنڌي ادب تي احسان ٿيندو.

علي مراد جمالي ،حيدرآباد.

ادا اسان ڪوشش ڪنداسين ته سنڌ جي سيني وڏن ۽ ڀلور ڪهاڻيڪارن کان ڪهاڻيون لکرائي اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪيون.امر جليل،حسن منصور کان پوءِ هن ڀيري سائين منور سراج ۽ سائين مان واري الطاف شيخ کي به ڪرزما جي صفحن تي وٺي آيا آهيون.اوهان جون دعائون گڏ هونديون ته اهو ڏينهن ڏور نه آهي جڏهن انهن سيني ڪهاڻيڪارن جون لکڻيون ڪرزما ۾ پڙهندا. (ادارو)

ڪرزما جو نئون شمارو ڏٺم.خوشي ٿي،ان کان وڌيڪ خوشي تڏهن ٿي جڏهن پنهنجي غزل ڪرزما جي صفحن تي ڏٺم. توهان پاران جيڪي ڳالهيون لکيل آهن ،سي

سو فيصد سچ آهن. اسان جا سنڌي پڙهيل ڳڙهيل هوٽلن تي ويهي سو ڏيڍ سو روپيا خرچ ڪري ويهندا پر سنڌي رسالو ڪونہ خريد ڪندا. مان توهان ڏانهن ڪهاڻي ۽ شاعري موڪلي رهيو آهيان .شايع ڪندا.

صادق لاشاري سجاول فقير.

توهان جي ڪهاڻي شايع ڪئي پئي وڃي.اميد تہ اسان ڏانهن مواد موڪليندا رهندا .(ادارو)

ڪرزما جو نئون پرچو ورتم.هي ڊائجيسٽ ٻين سنڌي ڊائجيسٽن کان معيار ۾ اڳرو آهي .پر هڪڙي گذارش ڪندس تہ اهڙي ڊائجيسٽ کي ڪڏهن بہ بند نہ ڪجو.ٽائيٽل تي محترم سائين "استاد" امر جليل جي لکڻي تي نظر پئي تہ بي انتها خوشي ٿي. گويند خوشحالاڻي ۽ عمر خيام جو احوال بہ بهترين هو.شاعريءَ جا صفحا ڪجهہ وڌايو.

فدا سيلرو،شهداد ڪوٽ

جيڪڏهن خدا گهريو تہ هي رسالو ڪڏهن بہ بند نہ ٿيندو.اسان جي پوري ڪوشش هوندي تہ ڪرزما هميشہ ڇپجندورهي.گهڻو ڪري عام شاعري ملي ٿي.جيڪڏهن شاعري سڻي ملي تہ صفحا وڌائينداسين .(ادارو)

هن دؤر ۾ سنڌي ڊائجيسٽ ڪيڻ هڪ ڏکيو عمل آهي ۽ وري ان ادبي ڊائجسٽ ۾ هر موضوع جو مواد پيش ڪري اوهان بهاداريءَ جو ثبوت ڏنو آهي. ڇو تہ سنڌي ڊائجيسٽ(سوجهري کان سواءِ سڀ سياسي ،مذهبي ۽ اختلافي موضوئن جو مواد ڇپڻ کان ايئن لهرائيندا آهن،جيئن ڪانوَ کي گليلي ڏيکارجي) .اپريل جي مهيني دوران ڪهاڻين مان ڪجهہ اڳي ٻين رسالن ۾ بہ ڇپجي چڪيون آهن. انهن ۾"پت"، "ڪارو سج"، "خودداري" ۽ "امان تون مري وڃ" شامل آهن.مهرباني ڪري ڇپيل ڪهاڻين کي وري وري ڪري شايع نہ ڪندا.ٻہ ڪهاڻيون "ي....ي" جي عنوان سان تہ ٻي ڪهاڻي "جهڪڻ کان پوءِ" جي نالي سان موڪلي رهيو آهيان،شايع ڪندا.

نورالحق "نور"،قمبر علي خان

ٻن ڪهاڻين يعني "پت" ۽ "ڪارو سج" جي لاءِ تہ چونداسين تہ اهي خود اداري ترجمو ڪري شايع ڪيون.اسان کي انهن جي ڇپجڻ جي پهرين خبر هجي ها تہ شايع نہ ڪيون ها. البتہ "خودداري"، "امان تون مري وڃ "جي لاءِ تہ خود سندن سنڌيڪار وضاحت ڏيندا.اداري کي توهان سان بہ شڪايت آهي، ڪيترن دوستن اسان کي لکيو آهي تہ توهان جي ڪهاڻي" وقت جو ڦيرو" اڳ بہ شايع ٿيل آهي. ادي مهناز لاکو تہ اسان کي "هزار داستان" مان اها ڇپيل ڪهاڻي ڪڍي ثبوت طور تي موڪلي آهي.توهان جي وضاحت جو انتظار رهندو.اوهان اهو بہ ٻڌائيندا تہ توهان جون موڪليل ٻئي ڪهاڻيون

پهرين شايع ٿيل آهن يا نہ.ان بعد ئي انهن کي ڇاپيو ويندو. .توهان جي جواب جو انتظار رهندو .(ادارو)

ڪرزما پنهنجي معيار کي برقرار رکيو آهي سائين امر جليل شروع کان وٺي پڙهندڙن کي پنهنجي سحر ۾قابو رکيو آهي ، جيڪو اجا تائين سندس قلم جي جادوءَ منجهان نہ نڪري سگهيو آهي ،ان جو سبب اهو آهي تہ هو هر پڙهندڙ کي اندر ۾ پٽر تو هٽي.ڪرزما جون سيئي ڪهاڻيون ۽ ترجمنن جي چونڊ جاندار ۽ پرپور ڪئي ويئي آهي.

پيارعلي پريمي

اپريل واري شماري ۾امر جليل،گوبند خوشحالاڻيءَ،حسن منصورءِ ڊاڪٽر نور ناز جهتيال،محبوب سمون جون لکڻيون ڏاڍيون پسند آيون. همزاد جي باري ۾ پڙهندي ڏاڍي حيرت ٿي،ڇو تہ مون پهرين ان باري ۾ ڪڏهن بہ ڪٿي بہ ڪونہ پڙهيو هو.شايد واقعي اهڙي قسم جو اهو پهريون مضمون سنڌيءَ ۾ ڇپيو آهي.ريٽا شهاڻيءَ،ڪرشن چندر،خواب ۾ حقيقت ،اجيت ڪور ڪهاڻيون ڏاڍيون وڻيون.شاعري جا صفحا وڏايو.

رسول بخش دايو،لاڙڪاڻو.

نئين شماري ۾ امر جليل جا "امڙ ڏاتهن لکيل ٽي خط"،گوبند خوشحالاڻيءَ جو ناول "هڪ دفعو وري"،"عمر خيام" ،"روشني" ، "رت جي درياءَ ۾ لڙهندڙ ڇوڪري" بيحد پسند آيا. ٽائيٽل ڊزائين لاءِ علي اڪبر ڇٽي صاحب کي جس هجي.جنهن ٽائيٽل تمام خوبصورت ڊزائين ڪيو آهي. محبوب سمون جو "حضرت ارمياه عليہ السلام" تي لکيل مضمون ڏاڍو پسند آيو.

وفا تاج سولنگي، ماتلي.

ڪرزما ۾ سڄو مواد سازاه جوگو هو، پر جن ڪهاڻين ڏاڍو متاثر ڪيو، تن ۾ هڪ دفعو وري،عمر خيام،معجزاڻو انتقام،شهيد هوتو ۽ ان جي پورهيت مند ماءُ،مئل جيئرو ٿي پيو ۽ محشر بهترين هيون.شاعريءَ ۾ غلام محمد غازي،حنيف عاطر،بيڪس بلوچ ،دل کي سرور بخشيو.توهان نَوَن ليکڪن کي جاءِ ڏيئي ڪرزما کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

محمد يونس ڪيڙانو مير پور بٺورو.

مئي جو پرچو خوبصورت ٽائيٽل سان سامهون آهي، جنهن ۾ "پنهنجي پاران "ءڪهاڻيون وٽندڙ هيون .شاعري ۾ غلام محمد غازي،قلب سومرو،فياض چنڊ ڪليري جي شاعري بيحد پسند آئي.

زاهد حسين تنيو،اڳڙا.

مئي وارو ڪرزما ڪنوار جيان سينگاريل سهڻو پرچو اوهان جي محنتن ۽ محبتن

جي ثمر هٿن تائين پهتو.باقاعدي هر مهيني ڪرزما شايع ڪرڻ تي اوهان جي حوصلي کي داد ڏجي ٿي.ڪرزما ڪامياب ڊائجيسٽ طور پنهنجي حيثيت مجرائي چڪو آهي.اهي ماڻهو جن جو ادب سان ڪو به لڳاءُ ڪونهي ،اهي به پنهنجي شخصي علم جي واڌاري ڪاڻ هي رسالو وٺن ٿا ۽ پڙهن ٿا.

"صحافي" شاه خالدڏاتار ڏارو،پير پٺو

مئي مهيني جي شماري ۾عمر خيام بهترين لڳو.امر جليل جا "امڙ ڏانهن لکيل ٽي خط" واقعي بهترين لڳا.نثري ٽڪرن ۽ چونڊ شعر جا سلسلا جاري ڪيو.هڪ شڪايت به ڪندو هلان ته ڪرزما ڊائجسٽ مئي جي شماري ۾ منهنجي شاعري صفحي 276 تي ڇپيل آهي،پر ان جي مٿان منهنجو نالو نه ڏنو ويو آهي.آفتاب احمد لولائيءَ جي غزل کان هيٺ منهنجي شاعري ڏنل آهي،پر منهنجو نالو ن

بابر حسين ملڪ (آزاد بابر سنڌي ،گهوٽڪي)

سائين اوهان جو نالو غلطي سان ڇپجڻ کان رهجي ويو آهي ،ان لاءِ اوهان کان معافي جا طلبگار آهيون.هن خط جي شايع ٿيڻ سان پڙهندڙن کي توهان جي شاعري جي خبر پئجي ويئي هوندي."چونڊ شعر" سلسلي لاءِ اسان اڳ ۾ ئي شماري ۾ به چيو هو.پر ان جي موٽ ڪا نه ملي. (ادارو)

ڪرزما جو نئون شمارو منهنجي آڏو آهي. وجود کي نرم گرم ڪندڙ لکڻين سان امر جليل کي پڙهڻ کان پوءِ امر جليل لاءِ مون وٽ لفظ نه آهن ته ڇا لکان. اهڙا ليکڪ اسان کي حوصلو بخشين ٿا.ڪرزما سان گڏ اهڙا به دوست آهن جن جي ڪري پڙهڻ ۽ لکڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي .انهن ۾ رينا شهاڻي،گوبند خوشحالاڻي،گوبند مالهي،حسن منصور،فياض چنڊ،امر لغاري،ڊاڪٽر خالد نوراني،محبوب سمون،طفيل مگسي جن آهن.شاعري ۾ به سٺا مسافر شامل آهن. جن ۾ غلام محمد غازي،حنيف عاطر،منور ملاح ،فراخ جانوري،فياض چنڊ ڪليري آهن.شاعريءَ جا صفحا وڌايو.

الطاف چنڊ ڪليري.

هن ڀيري ڪرزما جو پرچو ڪجهه دير سان مليو .ڪجهه پڙهيرءِ ڪجهه ڏٺيم،بهرحال پرڪيم ته اڄ ڪلهه جي دؤر ۾ تمام پلوڙ آهي.ٽائيٽل واري من موهيندڙ تصوير تمام ڪشش دار هئي.اندر ڪوليم،مواد جي چونڊ اهڙي اڳ ڪنهن به رسالي ۾ ناهي ڏٺي.شاعريءَ جا صفحا وڌايو.

زيب سنڌي دوڙ.

ڪرزما کي پڙهڻ جو پهريون موقعو مليو آهي ،ان ڪري ڪرزما ۾ ڪنهن ڪهاڻي لکڻ بجاءِ ڪرزما بابت لکڻ تو گهران.سمجهه ۾ نه تو اچي ته امر جليل جي لکيل ڪهاڻي "امڙ ڏانهن لکيل ٽي خط" جي تعريف ڪريان يا ڊاڪٽر نور ناز جهتيال

۽ امر اياز جي لکيل ترجمنن تي،حسن منصور جي لکيل تحرير"مد فن ساه کڻن تا" هڪ شاهڪار تخليق هئي .گوبند خوشحالاڻيءَ جو سمورو ناول پرتجسس ۽ لاجواب هو.اهڙي سمجهداري ۽ ۽ عقل کي ڊوڙائڻ واري ناول تي هندوستان جو اهو سنڌي ليکڪ مبارڪباد لهڻي.سنڌ رنگ ڊائجسٽ جي اديبن ،راجا عمران ابڙو،پيڻ نسرين سيد،پيڻ سڌير شاه، سائين ايم طيب عباس،ڪرزبانو سنڌي،زرينہ امداد سومرو،سيف الحق سيف کان ڪهاڻيون لکرايو.

پير الطاف جيلاني، هيرت جاڳير.

اسان وٽ انهن اديبن ۽ پينرن جا ڪي پتا ۽ ايڊريسون ڪونهن. جيڪڏهن اهي دوست ۽ پينر هي سٽون پڙهي رهيون آهن تہ انهن کي گذارش ٿي ڪجي تہ ڪرزما ڊائجيسٽ ۾ سندن لکيڻ کي شايع ڪرڻ اسان لاءِ فخر جو باعث هونديون. (ادارو)

ڪرزما جو چنڊ اسان جي شهر ۾ اٿين تاريخ تي ڪڙيو. "پنهنجي پاران "۾ ايڏو ڪڙو سچ ."عمر خيام" جو آخري حصو.گوبند خوشحالاڻيءَ جو آخري حصو ، "روشني" ، " امڙ ڏانهن لکيل ٽي خط" "احسانمندي" موهي وڌو.

علي غلام خاصخيلي ٻوٻي سانگهڙ

ڪرزما حسب معمول مليو،سرورق شاندار هيو.اوهان جي ڪالم" پنهنجي پاران" پڙهيم. آئون اوهان جي سيني ڳالهين سان متفق آهيان."عمر خيام" هڪ زبردست تحرير هئي،امر جليل جا ٽي حط پڙهيم.امر جليل بنان ڪنهن شڪ شبهي جي سنڌ جو وڏو ليکڪ آهي.ريٽا شهاڻي جي ڪهاڻيءَ "روشنيءَ" ڏاڍو متاثر ڪيو.ٿورڙو ايئن لڳو جڻ پلاٽ ڪي جلد جلد سميٽڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هجي.حسن منصور جي موضوع جي لحاظ سان زبردست تحرير هئي.خوشحالاڻيءَ جو ناول بہ شاندار هو.مون اوهان ڏانهن "رقاصہ راڻي"، "جان قربان" نالي بہ ڪهاڻيون موڪليون هيون. اهي اوهان وٽ پهتيون يا نہ. جواب ڏيندا.

آزاد طيب عباسي،گربچاني.

سائين توهان جو مواد پهتو."رقاصہ راڻي" کي جلد شايع ڪبو.ٿورو پنهنجي واريءَ جو انتظار ڪندا. (ادارو)

اوهان ڏانهن برصغير جي تاريخ تان "جهانسيءَ جي راڻي" موڪلي رهيو آهيان.تاريخ منهنجو من پسند موضوع آهي. اردو ڊائجسٽن ۾ ڏسو.هر ڪنهن ۾ تاريخي واقعن تي ڪهاڻيون ڏنل هونديون آهن.اميد تہ منهنجي ڪاوشن کي ڪرزما ۾ جاءِ ڏيندا.

محمد يوسف پٽو،دڙو

اسان تاريخي ڪردارن جو سلسلو هلائي رهيا آهيون. مئي جي شماري ۾ "سونهن ديوي" ۽ هن شماري ۾ "مرزا صاحبان" ڏئي رهيا آهيون.اسان جهانسيءَ جي راڻيءَجي موضوع تي مڪمل ناولٽ ڏيڻ چاهيون ٿا.اوهان پاڻ لکي يا ڪنهن جو ترجمو ڪري موڪليندا تہ ضرور شايع ڪنداسين. (ادارو)

گلن سان سجايل گلدستو ڪرزما ڊابجسٽ هٿن جي سونهن بڻيو.پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي.دعا آهي تہ شال اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي لاج رکندڙ ڪرزما ڊائجسٽ بلندين تائين رسي ۽ سرائيون ڪاميابيون ماڻيندو رهي.مون هڪ ڪهاڻي "پراڻي حويلي"اوهان کي موڪلي آهي .شايع ڪندا.

مهڪ ناز لاڪو

ادي،توهان پنهنجي ڪهاڻيءَ تي ٿوڙي محنت ڪندا تہ اها ضرور چيچڻ جي لائق ٿي ويندي.٠(ادارو)

هن پيري سنڌ ڏرتي جي مهان ليکڪ امر جليل جا "امڙ ڏانهن لکيل ٽي خط "پڙهيم ،سچ تہ ڪن پل لاءِ وجائجي ويس.اميد تہ امر جليل جون لکڻيون هر شماري ۾ شايع ڪندارهندا.فياض چنڊ ڪليري جي شاعريءَ ڪهاڻي بيحد پسند آئي."عمر خيام" انتهائي خوبصورت هو.نئين ليکڪ بيوس محرم علي مغيري جي ڪهاڻي "ڪيليئر"سٺي لڳي.سيکڙاهٽ هوندي بہ دوست سٺو لکيو آهي. .توهان جو اهو عمل ساراہ جوڳو آهي،ڇو تہ ان سان نَون ليکڪن جي همت افزائي ٿيندي.

امر اختر جلالاڻي ٺري ميرواہ.

انهن دوستنن جا نالا جن جا خط جاءِ نہ هجڻ جي ڪري شايع نہ ڪري سگهيا آهيون.

غريب نواز جمالي، علي شاهد سنڌي،امداد جسڪاڻي،ساگر ايس ايم،نديم سڪر،مير محمد نوتڪاڻي،جانوري ساگر سانگهڙائي،وفا غلام حسين،مير جت شهداد پور،سوپراج سانگهڙائي،مٺو سانگهڙائي فضل قادر نوتڪاڻي ڳڙهو بدين،عبدالجبار ڪوسو تلهار،امين پٽو ڪوٽري،افروز شاہ، مجبور گهرام علي،الي گل ڪلهوڙو،الله رکيو جوڻيجو ڳوٺ مظهر علي جروار امن آباد،نظر شاہ جيلاني خير پور ميرس،شيخ فرازي لاڙڪاڻو،ڪريم گل دايو،۽راشد راز دايو شهداد ڪوٽ،سپاهي محمد اسماعيل خاصخيلي،مور مغيري،علي غلام خاصخيلي ڪنڊياري،نثار نوتڪاڻي ماتلي،شبنم پٽو حيدر اباد،مريم ناز مورو،ريحانہ ميتلو ڪراچي،سرمد سومرو قمبر.

☆☆☆

وقت جي وڏي ۾ وڏي عالم جي داستان حيات جنهن پنهنجي وسيع علم بدولت لکين ماڻهن کي گمراهيءَ کان بچايو. پاڻ ننڍپڻ کان ئي سچائيءَ جا پيڪر هئا. سندن سچائيءَ جا واقعا اڄ به گونجن ٿا. سندن حسن پري پري تائين مشهور هو. پنهنجي زندگيءَ جا ڪافي سال، الله جي راهه ۾ جهنگن ۽ بيابانن ۾ عبادت ڪندي گذاريائون. سندن زندگي اسان کي صحيح رستي جي رهنمائي ڪري ٿي.

حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رح

ڊاڪٽر نور ناز جهتيال

تاريخ اسلام جي عظيم بزرگ جي زندگيءَ جو سبق آموز احوال

چوڏهين جي چنڊ جڏهن بغداد کان چار سؤ ميل ڏور علائقي "گيلان" جي هڪ دريا ڏانهن ليئو پاتو ته ڪناري تي هڪ نوجوان کي عبادت ۾ رڌل ڏسي هو واٽڙو ٿي ويو. اها منهنجي چانڊوڪي آهي يا هن نوجوان جي چهري مان ڦٽندڙ روشنيءَ درياهه کي روشن ڪيو آهي؟

نوجوان سجدي مان مٿو کنيو ۽ بک کان بيحال ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. هن کي بنا ڪجهه کائڻ جي ٽي ڏينهن ۽ راتيون ٿيون هيون. درياهه جي پاڻيءَ تي هن جو گذارو هو. ان مهل به هو مشڪل سان اٿيو ۽ ٽڙندو ۽ ٿابڙجندو پاڻيءَ ويجهو پهتو. اوچتو هن جي نظر هڪ صوف تي پئي، جيڪو پاڻيءَ سان گڏ وهندو هن ڏانهن اچي رهيو هو. صوف ڏسندي ئي هن کي بک اهڙو ستايو جو هن بنا ڪجهه سوچڻ ۽ سمجهڻ جي هٿ وڌائي صوف کنيو، بسم الله پڙهي ۽ کائڻ لڳو. ان هڪ صوف ۾ اهڙي ڪا برڪت هئي جو بک اٿين ختم ٿي ويس، ڄڻ هن کي ڪڏهن لڳي ئي نه هئي. پيٽ ڀرڻ کان پوءِ هن الله جو شڪر ادا ڪيو ۽ پنهنجي جاءِ تي اچي ويٺو.

جڏهن بک ختم ٿيس ته ان انسان کي اهو احساس ٿيو ته هن ڪنهن جي امانت ۾ خيانت ڪئي آهي ڇو ته هن ان صوف جي مالڪ کان پڇڻ کان سواءِ ان جو صوف کاڌو هو. اهو خيال ايندي ئي هو بي قرار ٿي ويو. دل مجبور ڪيس ته ان صوف جي مالڪ کي ڳول. ان جي پڇڻ کانسواءِ اهو صوف تو تي حلال نه ٿو ٿي سگهي.

نوجوان ان مهل اٿي ڪڙو ٿيو. اوڏانهن هلڻ لڳو. جتان صوف آيو هو. تماشائي چنڊ ان نوجوان سان گڏ هلڻ لڳو

تہ ڪٿي اونداهيءَ ۾ اهو نوجوان رستو پلجي نہ وڃي. پر هن کي ڪهڙي خبر تہ نيڪيءَ جي جرڪندڙ روشني ان نوجوان سان گڏ آهي. نيٺ چنڊ جي لڪڻ جو وقت اچي ويو ۽ ايسيتائين نوجوان بہ پنهنجي منزل تي پهچي ويو هو.

هن هڪ جاءِ تي درياهہ جي ويجهو، هڪ باغ ڏٺو. هڪ وڻ جون ٽاريون پاڻيءَ کي چمي رهيون هيون. نوجوان جي دل گواهي ڏني تہ هيءُ اهو ئي وڻ آهي، جنهن جو صوف هن کاڏو آهي.

وڻ تہ ملي ويو پر هاڻ مالڪ جي خبر ڪيئن پوي؟ موڪل ڪانسواءِ باغ ۾ ڪيئن وڃي؟ ڪير ملي تہ ان کان پڇي؟ هن درياهہ ڪناري مصلو وڇايو ۽ ويهي ڏينهن جي نڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ڏينهن نڪتو تہ هن ڪجهہ ماڻهو باغ ڏانهن ويندا ڏٺا، " ضرور هي ماڻهو باغ جا نوڪر آهن." هي بيتاب ٿي اٿيو ۽ ڊوڙندڙ هنن تائين پهتو.

" ڇا؟ توهان ٻڌائي سگهون ٿا تہ هن باغ جو مالڪ ڪير آهي؟"

" هن باغ ڇو مالڪ سيد عبدالله صومعي آهي."

هن ٻيهر بيتاب ٿي پڇيو، " ڇا مان هن سان ملي سگهان ٿو؟"

" ڇو نہ؟ هو رئيس ضرور آهي، پر گهڻي عبادت ڪرڻ ڪري هن جو خدا جي خاص ٻانهن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن جا در هر وقت غريبن ۽ مسڪينن لاءِ کليل آهن. تون بہ وڃي ان سان مل."

" هن جو گهر ڪٿي آهي؟"

" اڄ مون سان گڏ."

هڪ ماڻهو اڳتي وڌيو ۽ ان نوجوان کي ساڻ ڪري عبدالله صومعي ڏانهن آيو. هو اهو سمجهيو ان نوجوان کي ڪا ضرورت آهي، جنهن لاءِ ڪا امداد وٺڻ آيو آهي، پر جڏهن نوجوان وات کولي پنهنجو مقصد بيان ڪرڻ لڳو تہ هي ماڻهو ڇرڪجي ويو.

" توهان جي باغ جو هڪ صوف پاڻيءَ ۾ وهندو اچي رهيو هو. مان بڪايل هئس، ان لاءِ صوف کڻي کاڌم. مان توهان کان ان غلطيءَ لاءِ معافي گهران ٿو."

" تنهنجو نالو ڇا آهي ۽ تون ڪير آهين؟"

" منهنجو نالو ابو صالح آهي ۽ جيلان جي هڪ ڳوٺ نيف جو رهاڪو آهيان."

" اهو صوف تو وڻ تان تہ ڪونہ پٽيو هو. تون نہ ڪائين ها تہ ٻيو ڪو ڪائي ها. ايڏو لڄي ڇو آهين؟"

" ٻين ۽ مون ۾ وڏو فرق آهي. مان ان کي امانت ۾ خيانت سمجهان ٿو ۽ جيسين توهان معاف نہ ڪندا، منهنجو ضمير ملامت ڪندو رهندو." نوجوان رئندي چيو.

نوجوان جي اها حالت ڏسي عبدالله سمجهي ويو تہ اهو ڪو معمولي نوجوان نہ آهي پر ڪو ولي الله آهي. هن جي تربيت ڪجي تہ هي آسمان تي چنڊ بنجي چمڪندو. هن کي پنهنجي شفقت هيٺ

رکي قرب الاهي جا مدارج طئ ڪرايان ته اها وڏي نيڪي ٿيندي.

هن ڪجهه سوچي چيو،" تو کي ڏهن سالن تائين هن باغ جي سار سنڀال ڪرڻي پوندي ۽ نفس کي مارڻو پوندو. تڏهن توکي صوف بابت معاف ڪرڻ لاءِ سوچيندس."

" مونکي منظور آهي. صوف توهانجي امانت هو. توهان ان جو جيڪو ڏنڊ وٺو."

ابوصالح اها شرط منظور ڪندي باغ جي سار سنڀار شروع ڪري ڇڏي. سڄي رات جاڳندي باغ جي سار سنڀار به ڪندو هو ته اڪيلائيءَ جو فائدو وٺندي هو خدا جي عبادت پڻ ڪندو هو. ڏينهن ۾ ٿوري دير آرام ڪري سيد عبدالله جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو.

سيد عبدالله جي صورت ۾ هن کي هڪ رهبر ڪامل ملي ويو هو. هو ان جي نگرانيءَ ۾ سلوڪ جون منزلون طئ ڪري رهيو هو. ايستائين جو هن کي ڏهه سال ٿي ويا.

شرط جو مدو پوري ٿيڻ تي هن عبدالله کي وڃي چيو،" مان توهان جو شرط پوري ڪيو آهي. ڏهه سال گذري ويا آهن. هاڻي مونکي معاف ڪيو."

" نه! اجا به سال وڌيڪ منهنجي خدمت ڪر. پوءِ ان بابت سوچيندس."

ابوصالح هن جي اها خواهش به پوري ڪئي. جڏهن به پيا به سال گذري ويا ته سيد عبدالله موصعي هن کي گهرايو. هو خوشي خوشي هن وٽ آيو.

نالو: سيد عبدالقادر
ڪنيت: ابو محمد
لقب: محي الدين
والد: سيد ابو صالح
والده: سيده ام الخير فاطمه
اولاد: ويهه پٽ ۽ 29 نياڻيون
وطن: جيل جيلان يا گيلان
رهائش: بغداد
جم جي تاريخ پهرين رمضان المبارڪ 470 هه يا 472 هه
وفات: 561 هه (9، 10، 11، يا 17 ربيع الثاني)
مزار مبارڪ: بغداد
شجره نسب: حضرت عبدالقادر جيلانيءَ جو نسب جو سلسلو پيءُ جي طرفان يارنهن واسطن سان ۽ اهو واسطو ماءُ جي طرفان امير المؤمنين حضرت علي ڪرم الله وجهه سان وڃي ملي ٿو.
علمي لڪيون: غنيت الطالبين، فتوح الغيب، فتح رباني، مڪتوبات سبحاني، ديوان غوث اعظم، قصائد

هاڻي هو آجو ٿيڻ وارو هو،" پٽ! تون منهنجي چيل پهرين آزمائش تي ته پورو لٿو آهين. هڪ ٻي خدمت اجا به باقي آهي. اها هيءَ ته منهنجي هڪ ڏيءُ آهي، جيڪا مندي آهي. هئن کان محروم ۽ ڪنن کان ٻوڙي ۽ اکين کان انڌي آهي. ان کي پنهنجي نڪاح ۾ قبول ڪر. پوءِ مان توکي صوف بخش ڪندس."

اهو شرط ڏاڍو ڪڙو هو. اهڙي معذور ڇوڪريءَ کي ڪير به نڪاح ۾ وٺڻ لاءِ تيار نه ٿي سگهيو. پر

ابوصالح کي پنهنجي خطا معاف ڪرائڻي هئي، سو اهو به قبولڻو پيو.

سيد عبدالله پنهنجي ڏيءُ سيده فاطمه جو هن سان نڪاح ڪري ڇڏيو. جڏهن سڀ مهمان هليا ويا ۽ ابو صالح پنهنجي ڪنوار جي ڪمري ۾ ويو ته اهو ڏسي حيران ٿي ويو ته ڇوڪريءَ جا سڀ عضوا صحيح سلامت هئا. دل ۾ خيال آيس ته شايد اها ڪا ٻي ڇوڪري آهي. ڪمري مان نڪري سيد عبدالله وٽ پهچي سڄي ڳالهه ٻڌايائين. عبدالله وراڻيس." پٽ! ان ۾ اهي سڀ ڳالهيون آهن، جيڪي مون توکي ٻڌائيون آهن. هوءَ انڌي آهي، اڄ ڏينهن تائين هن ڪنهن نامحرم کي نه ڏٺو آهي. ٻوڙي آهي جو هن گهر ۾ اڄ تائين حق ڪانسواءِ ڪجهه ناهي ٻڌو. هوءَ مندي آهي جو اڄ ڏينهن تائين گهر مان پير ناهي ڪڍيو. هٿن کان محروم آن ڪري آهي جو اڄ ڏينهن تائين هن شرع خلاف ڪو ڪم ناهي ڪيو."

هاڻي ابو صالح سمجهيو ته صوف جي بخشش سان گڏ هن کي ڇا عطا ڪيو ويو هو. عبادت جو صلو پاڪدامن زال جي صورت ۾ مليو هو. هو پنهنجي زال ساڻ ڪري نيف هليو آيو. گهر برڪتن سان ۽ راتيون عبادتن سان ڀرجي ويس.

••••

سيده فاطمه جي عمر ست سال هئي. اها ئي عمر ابو صالح جي هئي. اولاد جي نعمت کان محرومي هاڻي ناميديءَ ۾ بدلجي وئي هئي. ڀلا هن عمر ۾ گهر جو چراغ ڪيئن روشن ٿيندو. ڪنهن وقت جي گهريل دعا قبول ٿي ۽ ٻار ڄمڻ جون نشانيون ظاهر ٿيون.

رات جو آخري پهر هو. حضرت ابو صالح اٿڻ وارا هئا جو سڄو گهر نور سان روشن ٿي ويو. سڳنڌ سان واسجي ويو. حضرت ابو صالح خواب ۾ ڏٺو ته حضرت محمد مصطفيٰ صه آيا آهن ۽ پاڻ فرمائن ٿا." اي ابو صالح! الله تعاليٰ توکي صالح فرزند عطا ڪيو آهي. اهو منهنجو ۽ خدا پاڪ جو محبوب آهي ۽ سمورن اوليائن ۾ هن جو درجو بلند آهي."

هن جي اک کلي تي ڏٺائين ته هن جي گهر واري تهجد لاءِ جاڳيل هئي. ڪين اهو خواب ٻڌايائون. ٻنهي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيو. هنن کي ايڏي وڏي نعمت ملڻ واري هئي.

الله جي وليءَ جي اچڻ جون تياريون شروع ٿي ويون. آخر اها رات به اچي وئي، جنهن جو صبح رمضان المبارڪ جي سعادتن ۽ برڪتن سان شروع ٿي رهيو هو. چند نظر اچي ويو هو. رمضان جي پهرين تاريخ شروع هئي. هجري سال جي 471 سال هو. عالم قدسيءَ کان عالم امڪان طرف بخشش شروع ٿي. الله جو ولي پيدا ٿي چڪو هو.

ابو صالح هن جو نالو مبارڪ عبدالقادر رکيو. سيد عبدالله موصعي کي خبر پئي ته هو به پنهنجي ڏهٽي کي ڏسڻ لاءِ آيو. هنن کي ڪو پٽ نه هو، جنهن ڪري پنهنجي ڏهٽي کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. نئين ڄاول ٻار،

باک مهل ماءُ جو کير پيتو ۽ بيخبر ٿي سمهي پيو. ڏينهن ٿيڻ ڪري سندن ماءُ هن جي بک جو خيال ڪري کير هن جي وات تي رکيو. پر هن منهن ٻئي پاسي ڦيري ڇڏيو: گهٽي پيرا ائين ٿيو ته هن سوچيو ته شايد هن کي بک ناهي لڳي. روئيندو ته پوءِ کير ڏينديس.

منجهند جو ٻيهر خيال آيس. ٻارڙو اجا تائين ماڻ ۾ هو. هوءَ گهر جو ڪم ڇڏي ڊوڙندي ٻار ڏانهن آئي. گلاب ٿڌيل هو، ٻار جي چپن تي مرڪ هئي. هن ڪوشش ڪئي ته ٻار کير پيئي. ٻار هڪ دفعو ٻيهر منهن ڦيري ڇڏيو. هاڻ هوءَ پريشان ٿي وئي. ننڍڙو ايڏي دير کان بکايل هو. هن پنهنجي مڙس کي اها ڳالهه ٻڌائي. هن به ان ڳالهه جو مشاهدو ڪيو. هن جي دل تي سڀ ڪجهه چٽو ٿي ويو.

" هيءُ ٻارڙو مادرزاد ولي آهي. ان جي بشارت مون کي اڳ ۾ ئي ملي آهي. تون پريشان نه ٿيءُ. هيءُ به زوري سان آهي. افطار جي وقت هيءُ به افطار ڪري ونندو." ماءُ، ٻار کي خوشيءَ مان چمندي رهي. هن کي هنج ۾ کڻي هن کي وندرائيندي رهي. ٻار سوچيو هوندو ته ماءُ کي مصروف ڇو رکي. هن کي ڪيترائي ڪم آهن. هن هوريان هوريان اکيون بند ڪيون ۽ سمهي رهيو.

افطار جو وقت ٿيو ته سيده فاطمه روزو افطار ڪيو ۽ ننڍڙي عبدالقادر کي سيني سان لاتو ۽ هاڻي ٻار کي کير پيڻ ۾ ڪو عار نه هو. هن ڏيءُ ڪري کير پيتو. سڄي رمضان ۾ اها حالت رهي. هو ڏينهن جي وقت کير نه پيئندا هئا. جڏهن افطار جو وقت ٿيندو هو تڏهن کير پي روزو ڇوڙيندو هو. سيد عبدالقادر جيلاني اهو رمضان پورو روزي سان گذاريو. شروع کان آخر تائين سڄو ڏينهن روزو رکندا هئا ۽ افطار کان پهرين کير بلڪل نه پيئندا هئا ۽ نه عام ٻارن جيان روئندا رڙندا هئا. گل اجا ٿڙيو نه هو، پر هن جي سڳنڌ جو چرچو چئني پاسي پکڙجي ويو.

سڄي علائقي ۾ هن جي روزو رکڻ جو چرچو هو. ماڻهو پري پري کان ان ٻارڙي جو ديدار ڪرڻ لاءِ اچڻ لڳا.

سمجهه وارو ٿيڻ کانپوءِ هو گهر کان ٻاهر نڪرڻ ۽ عام ٻارن جيان گهٽيءَ ۾ کيڏڻ هن کي پنهنجي شان جي خلاف لڳندو هو. شام ٿيندي ئي گهٽيءَ ۾ ٻار گڏ ٿي کيڏندا هئا، پر ڪنهن کي اج تائين اها خبر نه هئي ته هن گهر ۾ ڪو ٻار عبدالقادر جي نالي سان به رهي ٿو.

عبدالقادر کانپوءِ الله تعاليٰ، سيده فاطمه کي ۽ابو صالح کي هڪ ٻيو پٽ به عطا ڪيو، پر عبدالقادر جهڙو وقار ۽ منصب ڪنهن کي نه مليو. هر ماءُ جيان هن جي ماءُ کي به شوق هو ته هن جو پٽ به ٻين ٻارن سان ملي ڪري کيڏي. هوءَ هر شام هن کي منٿون ڪندي هئي ته ٻاهر وڃي ٻارن سان کيڏ. هڪ سال کانپوءِ هو گهر کان نڪتو ۽ هڪ پاسي بيهي کيڏندڙ ٻارن کي ڏسڻ لڳو. هڪ

ٻار عبدالقادر کي بہ کيڏڻ لاءِ چيو. هن جي زبان تي انڪار آيو. پر هو کيڏڻ لاءِ اڳتي وڌيو. اوچتو هڪ آواز هن کي ٻڌڻ ۾ آيو." برڪتن وارا مون ڏانهن اچ... برڪتن وارا مونڏانهن اچ...."

اهو آواز ٻڌي هن کي ايڏو ڊپ ٿيو جو هو ڏڪڻ لڳو. ڳچيءَ ۾ پيل رومال ائين ڏکي رهيو هو. ڇڻ تيز هوا هجي. ٻار حيران هئا تہ عبدالقادر کي ڇا ٿيو؟ پوءِ هو ڊوڙندو گهر ويو ۽ ماءُ جي هنج ۾ منهن لڪائي ڇڏيائين.

ماءُ خيال ڪيو تہ شايد ڪنهن ٻار کيس ڪجهہ چيو اٿس." ڇا ٿيو؟ ٻارن سان ڪو جهيڙو ٿيو آهي؟"

" نہ! ٻار تہ تمام سٺا آهن. هو تہ مونکي راند ڪڏڻ لاءِ چئي رهيا هئا."

" پوءِ ڇا ڳالهہ آهي؟ تون ڏکي ڇو رهيو آهين؟ رنگ پيلو ٿي ويو اٿئي."

" جڏهن مون ٻارن سان کيڏڻ جو ارادو ڪيو تہ هڪ آواز مون کي ڊيڄاري ڇڏيو."

" ڪهڙو آواز پٽ؟ "

" ڪو مونکي چئي رهيو هو، برڪت وارا هيڏانهن اچ. اهو ڪير هو امان؟"

" الله تعالي شايد توکي راند ڪرڻ کان پري رکڻ ٿو چاهي. غلطي منهنجي هئي جو مون توکي کيڏڻ لاءِ چيو. توکان الله تعالئ ٻيو ڪو ڪم وٺڻ ٿو چاهي. ٻيهر راند لاءِ سوچجانءِ بہ نہ." سيده فاطمہ چيو ۽ الله جي بارگاهہ ۾ پنهنجي پٽ لاءِ دعاگو ٿي وئي." اي الله! منهنجي ٻچي کي هر امتحان ۾ ڪامياب ڪجانءِ. مونکي خبر آهي تہ جنهن راهہ جو هو راهي آهي، اهو آزمائشن سان ڀريل آهي. تون هن کي ثابت قدم رکجانءِ."

ان واقعي کانپوءِ سيد عبدالقادر جي تربيت هڪ نئين انداز سان ٿيڻ لڳي. هن کي هاڻي مستقبل جي آزمائش لاءِ تيار ڪرڻ جي ضرورت هئي.

☆☆☆

پهرين آزمائش تڏهن ظاهر ٿي، جڏهن هن جو پيءُ ابو صالح اوچتو گذاري ويو. هن هوش بہ نہ سنڀاليو هو جو يتيم ٿي ويو. خوشقسمتيءَ سان سندس ناني کين سنڀاليو. جيڪو ان وقت تائين حيات هو ۽ وقت جو وڏو ولي هو. اهو سندس ئي فيض هو جو ابوصالح علم جي بلندين کي ڇهي ورتو هو. هاڻي عبدالقادر جيلانيءَ جو هن جي شفقت هيٺ اچڻ جي ڪنهن غيبي اسرار جي نشاندهي ڪري رهيو هو.

حضرت عبدالله موصعي جو ڪو پٽ نہ هو. هن پنهنجي سڄي شفقت پنهنجي يتيم ڏهٽي لاءِ وقف ڪري ڇڏي. هن جي روحاني طاقت کيس ٻڌائي ڇڏيو هو تہ ان معصوم جي پيشانيءَ تي نور چمڪي رهيو آهي.

مڪتب وڃڻ کان اڳ مرشد عارف جي خاص تربيت گاهہ ۾ هنن اسرارِ الاهي جي ڪيترن گوشن جو سير ڪيو ۽ جڏهن ظاهري علم کان واقفيت جو وقت آيو تہ سندن والده کين مڪتب ۾ ويهاريو.

ان ڏينهن بہ هميشہ جيان تارن جي چانوَ ۾ ڪيس اتاريو ويو. ڪيس سينگاري تيار ڪري مڪتب موڪليو ويو. اڃا هو گهران نڪتو تہ نوراني چهرن جو هجوم هن جي ڪپي، سڄي هلڻ لڳو. نوڪر ساڻن گڏ هو. جنهن ڪري ڏڃڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو. مڪتب ويجهو آيو تہ هن جي دل علم حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ ڏڙڪڻ لڳي. مڪتب ۾ قدم رکيائين تہ نوراني چهرا سڏي سڏي چوڻ لڳا، "الله جي وليءَ کي جاءِ ڏيو. الله جي وليءَ کي جاءِ ڏيو."

پاڻ حيران هئا تہ اهي سڀ آواز ٻيا ماڻهو ڇو نہ ٻڌي رهيا آهن ۽ جيڪي شڪليون هو ڏسي رهيو هو، ٻيا ماڻهو ڇو نہ تا ڏسن. هو انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ هئا تہ شفيق استاد هٿ وڌائي سندس آڏر ڀاءُ ڪيو ۽ پنهنجي ويجهو ويهاريو. استاد کي جيتوڻيڪ هن جي عظمت جي خبر نہ هئي، پر هو ڄاڻندو هو تہ هي ٻار ضرور ڪنهن بابرڪت خاندان مان آهي. ابو صالح جي اولاد ۾ ڪنهن کي شڪ هو. حضرت عبدالله صومعي کان ڪير واقف نہ هو.

ٻار معصوميت منجهان استاد ڏانهن نهاريو ۽ استاد جي دنيا بدلجي وئي. هن کي لڳو تہ هن جو سينو علم جي خزانن سان ڀرجي ويو آهي. هي ٻار تعليم ڏيڻ آيو هو يا وٺڻ...

ٻئي ڏينهن مڪتب ويو تہ ڪيس ٻيهر اهي نوراني چهرا ڏسڻ ۾ آيا ۽ آواز ٻڌڻ ۾ آيا" الله جي وليءَ کي ويهڻ لاءِ جاءِ ڏيو." جڏهن اهو سلسلو ڪيترا ڏينهن هلندو رهيو تہ هن پنهنجي ماءُ کي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌايو. ماءُ جي مک تي خوشيءَ جا ڪيترا ئي رنگ آيا. "منهنجا ٻچا! انهن آوازن کان نہ ڊڄ. اهي الله جا فرشتا آهن، جيڪي تنهنجي نگراني ڪن پيا. خبردار! اهڙو ڪو ڪم ڪيو اٿئي جو انهن فرشتن کي شرمندگي ٿئي. ڏين جو علم حاصل ڪر ۽ سدائين سچ ڳالهاءِ. اها ئي منهنجي نصيحت آهي."

پاڻ پنهنجي امڙ جي نصيحت کي غور سان ٻڌائون ۽ هر ڊپ کي دل مان ڪڍي ڇڏيو. هاڻ پاڻ تعليم جون منزلون طئ ڪري رهيا هئا. شروع وارا ڏينهن هئا. مڪتب جون ڀتيون هنن جي اچڻ سان جرڪي رهيون هيون تہ شفيق نانا سائين وفات ڪري ويس. هاڻي تربيت جو سڄو بار سندن امڙ جي ڪلهن تي اچي ويو.

سندن ماءُ بہ اهڙي ملي هئي، جيڪا هر ڳالهہ ۾ علم جو خزانو هئي. زندگيءَ جو هڪ هڪ پل عبادت الاهيءَ ۾ گهاريو هئائين. هن مڙس جي وفات ۽

فرق

ارسطو کان ڪنهن پڇيو تہ عالم ۽ جاهل ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

هن جواب ڏنو،"جاهل عالم کي نہ ٿو سڄاڻي ڇو تہ هو ڪڏهن بہ عالم نہ رهيو آهي پر عالم جاهل کي سڄاڻي ٿو ڇو تہ هو خود جاهل رهي چڪو آهي.

پوءِ پيءُ جي وفات جو صدمو صبر سان سٺو ۽ پٽ جي تربيت ۾ مصروف ٿي وئي. تعليم جا مرحلا مدرسي ۾ طئہ ٿي رهيا هئا، پر تربيت، جو مدرسو گهر ۾ کلي ويو هو. باطني تعليم ماءُ جي هنج ۾ ٿي رهي هئي.

سيد عبدالقادر جوانيءَ ۾ قدم رکيو تہ پاکيزگيءَ کي بہ ريس ٿيڻ لڳي. حسن ۽ سونهن جو پيڪر ۽ اهڙي بيداغ جواني. جنهن پاسي لنگهندا هئا تہ ڏسندڙن جون اکيون ادب مان جهڪي ويندیون هيون. سندن عمر ارڙنهن سال ٿي تہ وڏيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ بغداد وڃڻ جو خيال ڪيائون. هڪ ڏينهن تهجد جي نماز لاءِ امڙ سان گڏ اٿيا تہ امڙ ڏانهن غور سان ڏٺائون. هوءَ تمام ضعيف ٿي وئي هئي. انهتر سالن جي هئي. پاڻ دل ۾ سوچيائين تہ هن عمر ۾ مان ئي سندس اميدن جو مرڪز آهيان. ڇا مونکي بغداد وڃڻ جي موڪل ملندي؟ ڇا ڪين ڇڏي بغداد جو سفر ڪري سگهان ٿو؟

پاڻ انهيءَ سوچ ۾ هئا تہ سندس امڙ اها ڳالهہ ڇاڻي ورتي، " عبدالقادر! ڇا ڳالهہ آهي، تون پريشان پيو لڳين؟"

" جي ها! هڪ اهڙي ڳالهہ آهي، جنهن مونکي پريشان ڪيو آهي."

" مونکي نہ ٻڌائيندين؟"

" مان تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بغداد وڃڻ ٿو چاهيان، پر توهانجي پوڙهي هئڻ جو خيال وڃڻ نہ ٿو ڏي."

" محبت کي فرض، تي حاوي ٿيڻ نہ ڏي. بغداد جا مدرسا ۽ استاد سڄي دنيا ۾ مشهور آهن. توکي ضرور وڃڻ گهرجي. وڏ ۾ وڏ ڇا ٿيندو؟ موٽندين تہ شايد مون سان ملي نہ سگهندين. اهو سڀ هتي رهي بہ ٿي سگهي ٿو. تون گهر کان نڪري موٽي اچين ۽ مان نہ هجان تہ پوءِ!. تون منهنجو فڪر نہ ڪر، وڃڻ جي تياري ڪر."

" توهان مون کانسواءِ ڪيئن رهندا؟" منهنجي نيٽن جا نور! تنهنجي جدائي تہ هڪ پل لاءِ مون کان سٺي نہ ٿيندي. پر جنهن مقصد لاءِ تون بغداد وڃڻ چاهين ٿو، مان ان جي رستي ۾ حائل نہ ٿيندس. علم حاصل ڪرڻ مقدس فرض آهي. منهنجي دعا آهي تہ تون هر قسم جا ظاهري ۽ باطني علم حاصل ڪرين. مان شايد هاڻ جيئري توکي ڏسي نہ سگهان، پر منهنجيون دعائون هر حال ۾ توسان گڏ هونديون." موڪل ملڻ جي دير هئي، سڄي رات جاڳي شڪراني جا نفل ادا ڪيائين. صبح ٿيندي ئي اهڙي قافلي جي ڳولها ۾ نڪتا، جيڪو ويجهڙ ۾ بغداد وڃڻ لاءِ تيار هجي. خوش قسمتيءَ سان ڪين اهڙو قافلو ملي ويو.

عبدالقادر جيلاني ڪجهہ ڪتاب ۽ ڪاڏي جو سامان ساڻ ڪنيو ۽ قافلي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ امڙ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو.

" ڪجهہ ڪاڏي پيتي جو سامان سفر لاءِ ڪنيو اٿئي؟" امڙ پڇيس.

" مون سان منهنجا ڪتاب گڏ آهن." " مون وٽ توکي ڏيڻ لاءِ

ڪجهه آهي،" امڙ چئي هڪ ٽيلهي ڪڍي آئي،" تنهنجي پيءُ مرحوم جي ڇڏيل ملڪيت مان مون وٽ اسي دينار آهن. ڇاليهه دينار تنهنجي ڀاءُ لاءِ رکان ٿي ۽ ڇاليهه سفر لاءِ توکي ڏيان ٿي." امڙ اهي دينار سندن ڪيسي ۾ سبي ڇڏيا تہ جيئن اهي محفوظ رهن. پاڻ هڪ دفعو ٻيهر امڙ کان نماڻائيءَ سان موڪل گهري،" منهنجا جگر جا ٽڪرا! منهنجي هڪ نصيحت، هميشہ ياد رکي ڇڏي. سچ ڳالهائجانءِ ۽ ڪوڙ جي ويجهو بہ نہ وڃجانءِ."

" امان سائٽ! مان واعدو ٿو ڪيان تہ ايئن ئي ڪندس."

ان ڪانپوءِ ڪنهن وٽ ڪجهه بہ چوڻ لاءِ نہ هو. عجيب منظر هو. ماءُ جي پوڙهين اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا. شايد ان خيال کان تہ هوءَ ڪيس ٻيهر ڏسي نہ سگهندي. هوءَ ڪيس موڪلاڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪري آئي،" وڃ! توکي خدا جي خوالي ڪيو. اهو ئي تنهنجو نگهبان آهي."

قافلو سفر لاءِ تيار هو. بس سندن انتظار هو. سندن پهچندي ئي قافلو سفر لاءِ روانو ٿي ويو.

ڦورن کان بچڻ لاءِ اڳواٽ انتظام ڪيو ويو هو. پوءِ بہ ڊگهي سفر ۽ خطري کان هر ماڻهو ڊنل هو. اهو قافلو سفر ڪندو جڏهن همدان پهتو تہ سيني سڪ جو ساهہ ڪنيو. ڪجهه ڏينهن جي سفر کانپوءِ هي قافلو همدان کان روانو ٿيو. بيابان ڪوهستاني علائقو هو. هي خطري وارو آخري علائقو هو. ان کانپوءِ بغداد پري نہ هو.

"ٻڌو! اسان هن مهل احمد بدوي ڏاڙيل جي علائقي مان لنگهي رهيا آهيون."

" الله اسان جي مدد ڪندو."

" توهان ڇو پيا ڊڄو؟" هڪ ٻئي ماڻهوءَ چيو،" قافلي ۾ اهڙا وڙهڻ وارا بہ آهن، جيڪي ان ڏاڙيل جو مقابلو ڪري سگهن ٿا."

" خدا ڪري تنهنجو اندازو درست هجي. پر احمد بدوي جو ٽولو ڏاڍو خطرناڪ آهي."

"الله مالڪ آهي."

ٿوري دير کانپوءِ ماڻ ٿي وئي. جانور ڪنڌ هيٺ ڪري هلي رهيا هئا، چڙ کين ڪنهن خطري جو احساس ٿيو هجي. اوچتو جبلن پٺيان ڏاڙيل ظاهر ٿيا. اهو حملو ايڏو تہ اوچتو هو جو ڪير بہ پاڻ کي سنڀالي نہ سگهيو. اهو سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي تہ اهو احمد بدوي ڏاڙيل جو جٿو هو، جيڪو هنن تي ٽٽي پيو هو. انهن طاقتور ڏاڙيلن سان وڙهڻ جي همت ڪنهن ۾ نہ هئي. ائين سڄو قافلو پٿر جيان هڪ جاءِ تي بيهي رهيو. نہ مقابلي جي طاقت هئن ۽ نہ ڀڄڻ جي.

ڏاڙيلن قافلي کي ڪمزور ڏسي ڪري کين ڦرڻ شروع ڪيو. هر ماڻهوءَ جو مال ملڪيت ڦري هڪ جاءِ تي ڍير ڪندا رهيا. عبدالقادر جيلاني هڪ پاسي بيهي آرام سان اهو سڀ تماشو ڏسي رهيو هو. چهري تي نہ خوف هوس ۽ نہ

ڪا پريشاني. ڪنهن ڦورو ڪيس ڇوڪرو سمجهي ڪجهه نه ڇيو.

ايتري ۾ هڪ ڦوروءَ جي نظر مٿن پئي. " او ڇوڪرا! تو وٽ به ڪجهه آهي ڇا؟" ڦوروءَ ٽوڪ مان ڪائنس پڇيو.

" ها! مون وٽ ڇاليهه دينار آهن."

ڦوروءَ اهو ٻڌي وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ ٻئي ساٿيءَ کي چيو، " ٻڌ! هي ڇا چئي پيو. چوي ٿو ته هن وٽ ڇاليهه دينار آهن."

ٻئي ڏاڙيل ڪائنس پڇيس، " ڇا تون سچ پيو چوين؟ تو وٽ واقعي به ڇاليهه دينار آهن؟"

" مان ڪوڙ ڇو ڳالهائيندس. مون چيو ڪو نه ته مون وٽ ڇاليهه دينار آهن."

" هي ته ڪو ڏاڍو عجيب ڇوڪرو آهي. هن کي سردار وٽ وٺي هل. هو پاڻ هن جي تلاشي وٺندو."

ڦورو هن کي وٺي سردار وٽ آيو ۽ ان کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. ڏاڙيل ڪيس مٿي کان وٺي پيرن تائين ڏٺو ۽ ڪائنس پڇيو، "ڇوڪرا سچ ٻڌاءِ ته تو وٽ ڇا آهي؟" "مون پهرين به تنهنجن ٻن ساٿين کي ٻڌايو آهي ته مون وٽ ڇاليهه دينار آهن." "ڪٿي آهن؟ ڪڍي ڏيکار."

" منهنجي قميص ۾ سبيل آهن."

سردار قميص اڍيڙي ته ان مان واقعي ڇاليهه دينار نڪتا. هو ان کي يوڳ سمجهي رهيا هئا. تلاشيءَ مهل هن کان ڪجهه به نه نڪتو هو. هو چاهي ها ته اهي دينار لڪائي سگهي ها.

" ڇوڪرا توکي خبر آهي اسان ڦورو ۽ ڏاڙيل آهيون. مسافرن کي ڦريندا آهيون. پوءِ به توکي ڪو ڊپ ناهي."

" مان خدا کانسواءِ ڪنهن کان به نه ٿو ڊڄان."

توکي ڊپ نه هو ته اسان توکان اهي دينار ڦري وٺنداسين؟ تو ان بابت اسانکي ڇو ٻڌايو؟ تون اهي لڪائي به سگهين پئي؟"

" منهنجي امڙ گهر کان نڪرڻ مهل مونکي نصيحت ڪئي هئي ته سچ ڳالهائجانءِ. پلا امڙ جي نصيحت انهن ڇاليهه دينارن کان مٿي آهي ڇا؟"

" تون انهن دينارن کانسواءِ بغداد ڪيئن ويندين؟"

" خدا رازق آهي. اهو گهٽو ڪجهه ڏيندو."

اهي لفظ نه هئا، حق ۽ صداقت جي ترڪش مان نڪتل تير هئا، جيڪي هنن جي واتان نڪتا ۽ احمد بدويءَ جي سيني ۾ ڪپي ويا. هن جي اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا، "تون ٻار تي ماءُ سان ڪيل عهد پاڙيو. افسوس آهي مان پنهنجي رب جو ڪيل عهد ٽوڙيندو رهيس."

احمد بدويءَ جي دنيا بدلجي وئي. هو رڙيون ڪري روئي رهيو هو. ڪڏهن اٿي بيٺو ته ڪڏهن ويٺو پئي. هن پنهنجي قميص ڦاڙي ڇڏي ۽ سندن قدمن تي ڪري معافي ورتي ۽ ڦرلٽ کان توبه ڪري ڇڏي.

صبر

حضرت سليمان عليه السلام جي زماني ۾ هڪ ماڻهوءَ هڪ خوبصورت ۽ خوش نظر پکي خريد ڪيو. جڏهن ان کي پڃري ۾ وڌو ويو تہ اتي هڪ ٻيو پکي اڏامي اچي ان پڃري تي مٿي اچي ويٺو ۽ پنهنجي زبان ۾ ڪجهہ چئي هليو ويو. ان کان پوءِ پڃري ۾ قيد پکيءَ ڪجهہ ڳالهائڻ ۽ ٻولهائڻ بلڪل بند ڪري ڇڏيو. مالڪ جڏهن اهو ڏٺو تہ هي سليمان عليه السلام جي دربار ۾ اچي ساڻس پکيءَ جي شڪايت ڪئي. حضرت سليمان عليه السلام پڃرو گهرايو ۽ پکيءَ کان پڇيو "تنهنجي مالڪ توکي قيمت ڏيئي خريد ڪيو آهي. هن جو تو مٿان حق آهي. سُوچو ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. پکيءَ جواب ڏنو تہ "حضور هن کي چئي ڇڏيو تہ منهنجو خيال ڪرڻ ڇڏي ڏي. مان جيستائين پڃري ۾ بند آهيان، ڪڏهن بہ نہ ڳالهائيندس." پاڻ فرمايائون، "چو؟" هن جواب ڏنو تہ "حضور مان وطن ۽ ٻارن ٻچن جي محبت ڪري روئندو هيس تہ منهنجي هڪڙي ٻاءُ اچي مون کي چيو تہ اي نادان، روئڻ پٽڻ کي ڇڏي ڏي نہ تہ عمر ڀر پيو پڃري ۾ قيد رهندي. صبر ۽ سڪون اختيار ڪري تہ ڏس. تون آزاد ٿئين ٿو يا نہ."

سليمان عليه السلام ان شخص کي اهو جواب بيان ڪيو.

ان چيو تہ، "پوءِ هن کي آزاد ڪري ڇڏيو. مان تہ هن کي پنهنجي دل خوش ڪرڻ لاءِ خريد ڪيو هو. تنهن ڪري سليمان عليه السلام پنهنجي هڙوٽان هن پکيءَ کي خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيو."

"مان سالن کان خدا جي مخلوق کي ڦري رهيو آهيان. ڪيترن مظلومن جون بددعائون آهن مونکي. ڄاڻان ٿو تہ اهو گناهہ آهي، پوءِ بہ نہ ٿو مڙان، پر هاڻي رب منهنجيون اکيون کوليون آهن. مان توکي شاهد ڪري ان پيشي کان توبہ ڪيان ٿو." پوءِ هن پنهنجن سائين کي چيو." اڄ کان پوءِ توهان سان منهنجو ڪو واسطو ناهي. توهان جيڏانهن وڃي وڃو."

هن جي سائين سردار جو اهو حال ڏٺو تہ هنن جون دليون بہ ميڻ ٿي ويون." سردار تون ڦرلٽ ۾ اسان جو سردار هئي ۽ توبہ ڪرڻ ۾ بہ اسان جوسردار آهين. اسان بہ ان ڪم کان توبہ ڪئي."

سڄي گروهہ توبہ ڪئي ۽ قافلي کي سڄو مال ملڪيت موٽائي ڏنو. قافلي وارن اهو منظر ائين ڏٺو، جڻ خواب ڏسي رهيا هجن. جڏهن هوش آيو تہ سڀ سندس ٿورائتا ٿيا. قافلي ٻيهر سفر شروع ڪيو ۽ خير سان بغداد پهتو.

پاڻ بغداد ۾ داخل ٿيا تہ چاليهہ دينارن مان ڪجهہ خرچ ٿي ويا هئس ۽ ڪجهہ ڪيسي ۾ پيل هئس. پاڻ الله تي ڀروسو ڪيو ۽ جنهن مقصد لاءِ آيا هئا، ان ۾ مصروف ٿي ويا.

نظاميہ مدرسي ۾ داخل ٿيا تہ نندڙو پٽڪو مٿي تي هوس ۽ هڪ جبو اوڍيل هوس. ڀري جوانيءَ ۾ زاهدن جو نشان فقر...

استادن کين هٿوهٽ ڪنيو ۽ جڏهن کين اها خبر پئي تہ هي اهو نوجوان آهي، جنهن جي سڄ ڳالهائڻ ڪري سڄي قافلي جي جان بچي وئي هئي تہ استادن جي نظر ۾ هن جو احترام اڃا بہ وڌي ويو.

نظاميہ مدرسو اسلامي دنيا منجھہ علم ۽ فنون جو مرڪز هو. وڏا وڏا نالي وارا استاد ان مدرسي ۾ هئا. پاڻ خدا جو شڪر ادا ڪيائون تہ صحيح جاءِ تي پهتا آهن. پاڻ دل لڳائي تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪيائون.

☆☆☆

488 هہ ۾ جڏهن عبدالقادر جيلاني بغداد پهتا تہ اسلامي دنيا طرح طرح جي فتنن ۾ ورتل هئي. هڪ پاسي "فتنو خلق قرآن" ۽ باطني تحريڪ جي روپ ۾ مسلمانن لاءِ ايمان جو خطرو بڻيل هئا تہ ٻئي پاسي نام نهاد عالم ۽ نام نهاد صوفي ماڻهن جي دين ۽ ايمان تي ڏاڙو هڻي رهيا هئا. مرڪز اسلام بغداد انهن فتنن ڪري سڀ کان گهڻو متاثر ٿيل هو. بدڪاري، بدنظمي ۽ منافقت جي ٻيگهي متل هئي. سلجوقي پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا. جنهن سلطان جي طاقت وڌي ويندي هئي، بغداد ۾ ان جي نالي جو خطبو پڙهيو ويندو هو. عباسي خليفو ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿي سگهيو. ڪنهن حق چوندڙ جي عزت محفوظ نہ هئي. عبدالقادر جيلاني بغداد پهچندي ئي حالتن جو جائزو ورتو تہ پاڻ کي بيوس محسوس ڪيائين. اڃا هن جي تعليم پوري نہ ٿي هئي. پاڻ ماڻهن کي اخلاقي برائين کان محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. جيڏانهن ويندا هئا، اتي برايون عام هيون. ڪجهہ ڏينهن ۾ سندن دل ڀرجي وئي. تعليم اڌ ۾ ڇڏي وڃي بہ نہ ٿي سگهيو. هاڻي هڪ ئي صورت هئي تہ دل لڳائي تعليم حاصل ڪندا رهن ۽ حالتن کان پري رهن.

هڪ ڏينهن هن جي دل اهڙي تہ ڀرجي وئي جو سبق کان واندا ٿي جهنگ منهن ڪيائون. پڙهڻ ۾ اهڙا تہ مصروف ٿيا جو هوش ئي نہ رهيو ۽ اونداهي ٿي وئي. هاڻي ڪتابن مان لفظ گم هئا. پاڻ ڪتاب هڪ پاسي رکي دجلہ نديءَ جي ڪناري پهتا. جڙي ٻوٽيون ۽ ٻوٽا پري تائين پکڙيل هئا. انهن جڙي ٻوٽين سان بک اجهائي ۽ پاڻيءَ سان وضو ڪري عبادت ۾ مصروف ٿي ويا. رات گهري ٿي تہ شهر ڏانهن موٽڻ بدران ان ڌرتيءَ کي بستر ناهي آرام ڪرڻ لاءِ سمهي رهيا.

ان رات سندن طبيعت ۾ شامل زهد کي اهڙو سڪون مليو جو پوءِ اهو سندن روز جو معمول بنجي ويو. سبق کان واندا ٿي جهنگ ڏانهن هليا ويندا هئا. بيابان ۾ رات گهاريندا هئا. ڌرتي بستر ۽ سر يا پٿر وهاڻو. طوفان، اونداهي، سردي، گرمي، هر شيءِ کان بي نياز ٿي اگهاڙين پيرين رات جي اڪيلائين ۾ جهنگ جهاڳيندا هئا ۽ جڙي ٻوٽيون سندن ڪاڏو هيون.

انهن مصيبتن جي لذت کان واقف ٿيندي ڪجهہ ڏينهن ٿيا هئا جو بغداد ۾ ڏکر اچي ويو. ماڻهو ان جي هڪ هڪ داڻي لاءِ سڪندا رهيا. حالت اها ٿي جو ماڻهو ٻوٽن ۽ پنن سان پيٽ ڀرڻ تي مجبور ٿي ويا. شهر ڇڏي جهنگ ڏانهن ڊوڙيا. جڙي ٻوٽيون، وڻ جا پن پٽي کائڻ لڳا. عبدالقادر جيلانيءَ جو گذران انهن تي هو.

هاڻي انهن پنن جو ملڻ بہ مشڪل هو.

پاڻ دجلہ ڪناري ويندا هئا تہ اتي اچي ئي ماڻهن جي پيهہ پيهان هوندي هئي. پاڻ صبر ڪري موٽي ايندا هئا. سندن همت نہ ٿيندي هئي تہ ماڻهن کان ڪس ڪوهہ ڪن. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ڏينهن لنگهڻ ڪاٽيائون. برداشت جي طاقت بہ ختم ٿي وئي. بغداد جي هڪ بازار ويجهو مسجد وٽ پهتا تہ پيرن هلڻ کان انڪار ڪيو. تاڀڙجندي مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيا. سڪون تہ الله جي گهر ۾ ملندو آهي. پر ڪمزوري اهڙي هئي جو ويهڻ بہ مشڪل هو. پاڻ فرش تي ليٽي پيا. ڪجهہ دير انهيءَ حالت ۾ رهيا تہ هڪ ماڻهو گوشت ۽ مانی ڪٽي مسجد ۾ آيو ۽ هڪ پاسي ويهي ڪائڻ لڳو.

اهو منظر ڏسي ڪيس بک وڌيڪ ستايو. بي اختيار سندن دل چاهيو تہ اتي ڪري انهيءَ ماڻهوءَ سان گڏ ماني ڪائي، پر پنهنجي نفس کي ملامت ڪئي تہ بي صبر نہ ٿي. خدا تي توڪل رک. هو پاڻ کو انتظام ڪندو.

پاڻ ان ماڻهوءَ کان بي نياز ٿي اکيون ٻوٽي ڇڏيائون. هن ماڻهوءَ جي نظر مٿن پئي. الله هن جي دل ۾ وڌو. هن پاڻ کين دعوت ڏني. پهرين تہ پاڻ انڪار ڪيائون. نيٺ هن جي زور ۾ پڙ تي پاڻ غيبي اشارو سمجهي دعوت قبول ڪيائون. هن سان گڏ ماني ڪائڻ لڳا.

"توهان بغداد جا نہ ٿا لڳو." هن ڪانئن پڇيو.

"توهان صحيح اندازو لڳايو. مان جيلان جو رهاڪو آهيان ۽ هت علم حاصل ڪرڻ لاءِ ترسيل آهيان."

" اڙي! اها تہ تون خوشخبري ٻڌائي. مان بہ جيلان جو رهاڪو آهيان."

" اها تہ سچ بہ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي."

" تون ايترو وقت هتي رهيل آهي. جيلان جي رهاڪو عبدالقادر ڪي بہ سڃاڻندو هوندين. هو بہ علم حاصل ڪرڻ لاءِ هتي آيو آهي."

" اهو عبدالقادر تہ مان ئي آهيان."

"ياءِ! مان تنهنجي امانت ۾ خيانت ڪئي آهي. خدا جي واسطي مون کي معاف ڪر." اهو ماڻهو روئڻ لڳو. هن جا لڙڪ وهڻ لڳا.

"ياءِ! ڪهڙي امانت ۽ ڪهڙي خيانت... پنهنجي ڳالهہ جي ٽوري وضاحت ڪر. تون مونکي منجهائي وڌو آهي."

" توهان جي امڙ منهنجي هٿان توکي اٺ دينار موڪليا هئا. مان ڪيترائي ڏينهن توکي ڳوليندو رهيس تہ جيئن تنهنجي امانت توکي ڏيان. پر تنهنجي ڪا خبر نہ هئي. منهنجو ذاتي خرچ ختم ٿي ويو. ڳالهہ لنگهڻ تائين پهتي. توکي تہ خبر آهي اڄ ڪلهہ هتي بغداد ۾ اناج سون جي اڳهہ تي ملي ٿو. مون بک کان مجبور ٿي تنهنجي امانت مان مانی ورتي. مون کي ان گناهِ عظيم لاءِ معاف ڪر."

" تون منهنجي وڏي ياءُ جهڙو آهين." پاڻ هن کي ڀاڪر پاتو. "ڪنهن جو

ڪجهه ناهي. سڀ ڪجهه الله جو ڏنل آهي. تو جيڪو ڪجهه خرچ ڪيو، مان ان لاءِ تو کي سچي دل سان معاف ڪيان ٿو."

اهو ماڻهو سندن سهڻي سلوڪ کان ڏاڍو متاثر ٿيو. پاڻ هن کي دلاسو ڏنائون. هن ماڻهوءَ امانت وارن دينارن مان ڪجهه دينار ڪين ڏنا ۽ پاڻ ڪين محبت مان موڪلايو.

انهن دينارن مان ڪجهه ڏينهن ٻيا به لنگهي ويا. پر ان ايڏو ته مهانگو ٿي ويو هو جو اهي پئسا گهڻو سات نه ڏئي سگهيا. ڪيترن ڏينهن کانپوءِ ساڳ جا ڪجهه پن يا ٻوٽا ملندا هئس ته ڪجهه وقت گذري ويندو هوس. پرديس ۾ ڪنهن کان قرض وٺندي به لح ٿيندي هئس. پنهنجو حال ظاهر ڪرڻ کانسواءِ علم حاصل ڪرڻ ۾ رڌل رهيا.

دنياوي قرض گهرندي ته ڪين لڄ ٿيندي هئن، پر علم جي خيرات طلب ڪرڻ ۾ ڪين ڪو عار نه هو. مدرسي کان ٻاهر به ڪنهن استاد جي مشهوري ٻڌندا هئا ته ان وٽ وڃي جهولي جهليندا هئا. سڄي بغداد ۾ مشهور هو ته اهڙو شاگرد ڪنهن ڏٺو نه ٻڌو. بک ته هن کي ڇڻ لڳندي نه هئي. ڪتاب ئي هن جو سڀ ڪجهه هئا. هو اهي سڀ تڪليفون فراخدليءَ سان سهي رهيا هئا ۽ علم جون منزلون طئ ڪري رهيا هئا.

هڪ ڏينهن هڪ بيابان ۾ ويهي سبق ياد ڪري رهيا هئا ته غيب مان آواز آيو، "عبدالقادر! تون ڪيترن ڏينهن کان بکايل آهين ۽ علم حاصل ڪرڻ ۾ توکي تڪليف ٿي رهي آهي. وڃ انبيائن جي سنت تي عمل ڪر ۽ ڪنهن کان قرض وٺ."

پاڻ اهو آواز ٻڌي حيران ضرور ٿيا، پر پريشان ڪونه ٿيا. ننڍپڻ کان اهو آواز ٻڌندا پئي آيا. ان لاءِ ڪا نئين ڳالهه نه هئي. پاڻ ان آواز کي جواب ڏنائون." مان هڪ يتيم انسان آهيان. قرض وٺي ڪيئن لاهيندس."

" تون ان جو فڪر نه ڪر. تنهنجي قرض لاهڻ لاءِ اسان ذميوار آهيون."

ان آواز کي غيبي اشارو سمجهي پاڻ ان بيابان مان ٻاهر نڪتا. هاڻ ڏکر جو زمانو گذري ويو هو. جنهن ڪري نان وارن جا دڪان کلي ويا هئا. پاڻ هڪ دڪان سامهون وڃي بيهي رهيا. ڪجهه دير همت ڪرڻ ۾ لڳايائون، پوءِ نان واري کي چيائون، " ڀاءُ! ٿي سگهي ته مونکي روز ڏيڍ ماني قرض ڏيندو ڪر. جڏهن قدرت چاهيو ته مان قرض ادا ڪندس. جي مري وڃان ته بخشي ڇڏجانءِ."

اهو نان وائي به ڪو سچو ماڻهو هو. سندن سوال ٻڌي روئڻ لڳو." توهان جڏهن چاهيو منهنجي دڪان تان نان وٺي ويندا ڪريو."

قرض جو انتظام ٿي ويو هو. پاڻ ان نانوائيءَ کان روز ڏيڍ ماني کڻي ويندا هئا. پر هميشه ڪين اهو فڪر هوندو هو ته اهو قرض ڪيئن لهندو؟ سال تي سال گذرندا ويا. قرض ايڏو ٿي ويو جو ڪيس نانوائيءَ وٽ ويندي شرم ايندو هو.

پاڻ ان نانوائيءَ وٽ وڃڻ ڇڏي ڏنائون. ٻيهر بک ڪاٽڻ لڳا. پاڻ ان

دعا قبول نہ ٿيڻ جا پنج سبب

حضرت ابراهيم بن اڌهم ٻي صدي هجري جو هڪ مشهور صوفي ۽ زاهد ٿي گذريا آهن. پاڻ بلخ جا رهاڪو هئا. سندس والد تہ وڏو مالدار شخص هو. پر پاڻ دولت کي لت هٿي ۽ علم ۽ عبادت ۾ سڄي عمر گذاري ڇڏي. محنت مزدوري سان روزي ڪمائي ۽ ڏينهن رات دين جو علم سکڻ ۽ خدا جي عبادت ۾ جتيل رهيا.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ هڪ ماڻهو سندس وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو. "حضرت، مان توهان کان هڪ ڳالهہ پڇڻ آيو آهيان. قرآن شريف ۾ الله جو فرمان آهي تہ: ترجمو ، "مان دعا ڪرڻ وارن جي دعا قبول ڪندو آهيان." الله جو ڪلام برحق آهي پر مون کي ڏاڍو تعجب آهي تہ آئون برابر دعا ڪندو رهان ٿو ۽ دعا قبول ئي نہ ٿي پئي. هي ٻڌايو تہ ان جو سبب ڇا آهي؟"

تنهن تان پاڻ فرمايائون. "ياءُ ٻڌ، دعا قبول نہ ٿيڻ جا پنج سبب آهن.

(1) قرآن پڙهين ٿو، ان تي عمل نہ ٿو ڪرين.

(2) رسول صہ جن جي محبت جو دم ڀرين ٿو پر سنت رسول صہ تي عمل نہ ٿو ڪرين.

(3) تو خدا کي سڄاتو پر ان جو حق ادا نہ ڪيو.

(4) ابليس تي لعنتون وجهين ٿو پر خود ان جي رستي تي هلين ٿو.

(5) تون پنهنجي عيبن تي اکيون بند ڪريو ڇڏين ۽ ٻين جي عيبن کي پيو ڳوليندو رهين ٿو."

حالت ۾ بيابان جي فرش تي بستر ناهي ستل هئا تہ ان آواز ڪين ٻيهر ڏونڌاڙيو. "پريشان ڇو آهين؟ هتان کان ڏکڻ پاسي وڃ. اتان جيڪو ڪجهہ ملئي، اهو ان نانوائيءَ کي ڏئي اچ."

پاڻ ڪپڙا چنڊي اٿيا. ڪتاب ڇڏي اتي هليا. ڪجهہ اڳتي هلڻ ڪانپوءِ ڪين ڪا شيءِ چمڪندي نظر آئي. ويجهو وڃي ڏٺائون تہ اهو سون جو ٽڪر هو. پاڻ اهو کڻي هليا آيا. ان وقت ئي نانوائيءَ وٽ ويا ۽ اهو ٽڪرو ڪيس ڏئي، قرض کان آجپو حاصل ڪيائون.

☆☆☆

ڪين بغداد ۾ رهندي اٺ سال ٿي ويا هئا. علم قرئت، علم حديث، علم فقہ، لغت، شريعت کو اهڙو علم نہ هو، جيڪو پاڻ پنهنجي باڪمال استادن کان حاصل نہ ڪيو هجين.

بغداد فساد ۽ فتني ۾ وکوڙيل هو. پاڻ فطري طرح فساد ۽ فتني جا مخالف هئا. هاڻي جڏهن تعليم پوري ڪئي هئائون ۽ نانوائيءَ جو بہ قرض لهي ويو هوس، پاڻ قرآن شريف کڻي ۾ ڪٿي هڪ پاسي هلڻ لڳو. اهو رستو بيابان ڏانهن ويو پئي. هلندي ڪين تابو آيو ۽ پاڻ هيٺ ڪري پيا. اچا اٿيا نہ هئا تہ هڪ غيبي آواز آيو. "هتان نہ وڃ! خدا جي خلق کي توکان فيض ملڻ وارو آهي."

" مونکي خدا جي خلق سان ڪهڙو

واسطو! مون کي پنهنجي دين جي سلامتي مطلوب آهي." پاڻ ڪريل حالت ۾ هوندي به اتان جواب ڏنائون.

" نه نه! تنهنجو هتي رهڻ ضروري آهي. تنهنجي دين کي ڪجهه نقصان نه ٿيندو."

جڏهن ميزبان زور ڀري ته مهمان جي مجال جو انڪار ڪري. پاڻ خدا جي مرضيءَ آڏو ڪنڌ جهڪايو. سڀ در ڪليل هئا، پر سندن پيرن ۾ اهڙا زنجير پيا جو ڪين وڃڻ جو ارادو ڇڏڻو پيو.

هئي ڏينهن هڪ پاڙي مان لنگهي رهيا هئا ته هڪ در ڪليو ۽ ان منجهان هڪ ماڻهو منهن ٻاهر ڪڍي ڪيس چيو، "چو؟ عبدالقادر تو ڪالهه رب کان ڇا گهريو هو؟"

ان ماڻهوءَ جو سوال ايڏو ته اچانڪ ٿيو هو جو هو حيران پريشان ٿي ويو ته هي ڪير آهي جو ڪيس سڃاڻي ٿو ۽ سندس نالو وٺي سڏي پيو. پاڻ ڪين ڪو جواب نه ڏئي سگهيا. ان ماڻهوءَ ڪاوڙ مان در بند ڪري ڇڏيو.

پاڻ اڳتي وڌيا، سڄو رستو ان ماڻهوءَ بابت سوچيندا رهيا. اوچتو بيهي رهيا، "هي ماڻهو ته الله جي ولين مان هو، نه ته هن کي ڪالهه واري ڳالهه جي خبر ڪيئن پوي ها! منهنجو نالو وٺي ڪيئن سڏي ها؟ مان هن جي درجي ڄاڻئ وٺي ويهان ها. مان اتان هليو ڇو آيس؟ هاڻي به ڪهڙو اڳتي وڌيو آهيان. موٽي وڃي هن جو در ڪڙڪايان ٿو."

پاڻ موٽيا ته سهي پر حجاب اهڙو هو جو ڪين ڪوشش ڪندي به اهو در نه مليو. ان گهٽيءَ جا سوين چڪر لڳايائين، پر سڀ در هڪجهڙا هئا. ڪهڙو در ڪڙڪائي ها.

اهو در نه مليس، جنهن منجهان ماڻهوءَ پنهنجو منهه ٻاهر ڪڍي ڪيس اها ڳالهه چئي هئي. ان جو چهرو ڪيس ياد هو. پاڻ ان چهري کي ڳولهڻ شروع ڪري ڇڏيائون. صبح ٿيندي ئي بازار ۾ نڪري ويندا هئا. ڪيترا ڏينهن گذري ويا. مايوس ٿي ويا هئا.

هڪ ڏينهن سندس من جي مراد پوري ٿي وئي. ان ماڻهوءَ کي مٺائيءَ جي دڪان تي ويٺل ڏٺائون. ان مان ظاهر هو ته اهو دڪان ان ماڻهوءَ جو هو.

" هي جيڪو ماڻهو دڪان تي ويٺو آهي، هن جو نالو ڇا آهي؟" هن هڪ واٽهڙوءَ کان پڇيو.

" اڙي! توهان هن کي نه ٿا سڃاڻو؟ هي مشهور مٺائيءَ وارو شيخ حماد آهي." حضرت عبدالقادر اهو جواب ٻڌي مايوس ٿي ويا ۽ ڪين پنهنجي اندازي تي شڪ ٿيو ته شايد ڪين سڃاڻڻ ۾ غلطي ٿي آهي." هي اهو بزرگ نه ٿو ٿي سگهي. ڀلا هڪ مٺائي وڪڻندڙ ولي الله ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ هي ڪو دنيادار ماڻهو آهي."

اڃا هو انهيءَ ٻڌتر ۾ هئا ته هڪ واٽهڙوءَ سندن اهو شڪ دور ڪيو." هن جي دڪانداريءَ تي نه وڃو، هي وڏو پهتل بزرگ آهي. وڏا وڏا بزرگ هن کان علم پرائيندا آهن. شام جو رهاڪو آهي، پر

بغداد جي برڪت بنجي هت ترسيل آهي."

اهو واٽهڙو ٻيو بہ ڪجهہ ٻڌائي ها، پر سندس ٻڌڻ جي تاب ڪٿي هئي. منزل سامهون هئي. جنهن ڪي هو ڳولهي رهيو هو، اهو ليي ويو پاڻ اڳتي وڌي ڪين سلام ڪيائون ۽ دڪان آڏو بيهي رهيا.

"آخر موٽي آئين نہ؟" شيخ حماد ڪين ڏسي چيو.

"مان ڪلهہ واري ڳالهہ جو جواب ڏيڻ لاءِ حاضر ٿيو آهيان."

" تون حاضريءَ لاءِ نہ، پر حڪومت ڪرڻ لاءِ هن دنيا ۾ آيو آهين. سڀني بزرگن تنهنجي باري ۾ اڳ ڪٿيون ڪيون آهن ۽ تون خالي هٿين بغداد مان وڃي رهيو هئين."

" مان اٺ سال رهي علم حاصل ڪيو آهي. خالي هٿ ڪٿي آهيان؟"

" اهو ڪم تہ هر مدرسي ۾ ٿئي پيو. تنهنجو سينو تہ باطني علم سان مالا مال ٿيڻ وارو آهي. رياضت ۽ مشقت ڪندين تہ ڪندن بنجي ويندين."

" پوءِ دير ڇا جي آهي؟ مون کي پنهنجي شاگرديءَ ۾ وٺو."

" وٺ. هي اسانجو ناهيل شربت پيءُ. ڳالهيون پيون ٿيندیون."

ان مٺاڻ ۾ اهڙي تاثير هئي جو وينا تہ ڪين اٿڻ وسري ويو. شيخ حماد جي ٻانهن پڪڙي چيائون، "حضرت! توهان ئي مونکي منزل تائين رسائيندا."

شيخ حماد مرڪندو رهيو ۽ سندن حالت ڏسي مزو پئي ورتائين.

"ڏس ڪتاب جو علم رستن جي علم جيان آهي، پر جيسين هلڻ جي همت نہ هوندي، اهڙي علم جو ڪهڙو فائدو!"

"اها همت ڪيئن نصيب ٿيندي؟"

"مجاهدن ۽ رياضت سان. خلق خدا کان منهن موڙي ياد الاهي ۾ گم ٿي وڃ. هر محبت کي دل مان ڪڍي ڇڏ. پنهنجي نفس تي ائين قابو رک، جيئن چهبڪ سوار ڏاند هڪليندو آهي."

"توهانجي رهنمائيءَ کانسواءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي."

"هاڻي جيڏانهن وڃي هليو وڃ. ٽئين سال مان تنهنجو انتظار ڪنديس."

شيخ جو حڪم هو، هو ڪيئن رڪجي ها. آلين اڪين سان اٿي بيابان ڏينهن هليا. نوجوانيءَ جو زمانو هوس. سندن عمر فقط ڇويهہ سال هئي. دنيا جون رنگينيون هر پاسي کان سڏي رهيون هيون. پر پاڻ هر دعوت ٺڏي عراق جي وسيع بيابان ۽ ريگستان ۾ هليا ويا. وڻن جا پن ۽ جڙي ٻوٽيون سندن کاڌ خوراڪ هيون. ڪٿي پاڻي مليو تہ پيتائون، نہ تہ الله جو نانءُ. نفس کي دٻائڻ لاءِ ڪنڊن کي بستر ڪيائون. زخمن سان بدن چور چور ٿي ويو. نہ هو ماڻهن کي سڃاڻندا هئا نہ ماڻهو ڪين سڃاڻندا هئا. حالت اها ٿي وئي جو ڪين ماڻهو "عبدالقادر ڇريو" جي نالي سان سڏڻ لڳا.

بغداد جو جهنگ سندن توبهہ زاريءَ ڪرڻ سان گونججڻ لڳو. ٽي سال انهيءَ

حالت ۾ گذاري پاڻ وري شهر ۾ داخل ٿيا. ڪمزوريءَ ۽ زخمن جي ڪري پاڻ رستي تي ڪري پيا. ڪجهه ماڻهن کين سڃاڻي ورتو.

"هي ته عبدالقادر چريو آهي."

" هن جي اها ڪهڙي حالت آهي."

" هي مري ويو آهي."

" بڪ ۽ ڪمزوريءَ جو مقابلو ڪيئن ڪري ها. آخر مري ويو."

" هاڻ هن جو ڪفن، دفن اسان تي آهي."

ڪفن جو انتظام ٿي ويو. غسل ڏيڻ لاءِ تختي تي اڃا رکيائون مس ته ڪين هوش اچي ويو. سڀ ماڻهو پنتي تي ويا." هي سڀ ڇا آهي؟"

هنن جي پڇڻ تي ڪين ٻڌايو ويو ته اسان سمجهيو ته تون مري ويو هئين. توکي غسل ڏنو پئي ويو.

"مان سڪر جي حالت ۾ هئس. پر توهان نه سمجهندؤ. شيخ حماد کي ٻڌايو ته عبدالقادر وعدو وفا ڪرڻ لاءِ موٽي آيو آهي."

ماڻهو ڊوڙندا ويا ۽ شيخ حماد کي وٺي آيا. سندن نظر جيئن ئي شيخ حماد تي پئي، پاڻ هنن جي قدمن ۾ ڪري پيا.

"عبدالقادر تون واعدو پورو ڪيو آهي، پر هي تماشو ڇا جو آهي. اٿ مون سان گڏ هل."

پاڻ ڪنڌ هيٺ ڪري هن پٺيان هلندا رهيا ۽ هن جي دڪان تي اچي ويٺا. حضرت شيخ هڪ پيالي ۾ مٺاڻ ڪٽي پيڻ لاءِ ڏنس ۽ چيو." ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو آهين. اچي هيءُ پي وٺ."

اهو مٺاڻ پيئندي ئي ڪين لڳو ته ڪمزوري ختم ٿي وئي ۽ ڪين ڇڻ بک لڳي نه هئي. گڏوگڏ اهو محسوس ڪيو ته ڇڻ اهو دڪان ڪنهن بيابان ۾ آهي ۽ شيخ کان سواءِ ٻيو ڪير به اتي ڪونهي.

"ڇا پيو محسوس ڪرين؟"

" اڪيلائي!"

" ڪهڙي قسم جي اڪيلائي؟"

" توهان ۽ مون کانسواءِ هتي ڪير به ناهي!"

" جڏهن مان به نه هجان تڏهن اچجانءِ."

" هاڻ مان ڪيڏانهن وڃان؟"

" آباديءَ ۾، پر آباديءَ کان پري."

ان کان وڌ پڇڻ جي همت نه هئي. اٿيا ۽ هڪ پاسي هلڻ لڳا. قدرت پاڻ سندن رهنمائي ڪري رهي هئي. هلندي هلندي ڪرخ پاڙي وٽ پهتا. هتي سلجوقين جي پائمالي ڪانپوءِ ڪيترا گهر خالي پيا هئا. "آباديءَ ۾ پر آباديءَ کان ڏور.... "اهي لفظ سندن ڪنن ۾ گونجيا ۽ ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي. پاڻ انهن گهرن مان هڪ گهر ۾ ترسي پيا. ڪڏهن ڪو رستو پڌڪيل واٽهڙو هن پاسي ايندو هو ته سندن حالت ڏسي افسوس ڪندو هو." ويچارو چريو!"

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن بک ڪين ستايو ته پاڻ ڪاڏي جي ڳولا لاءِ نڪتا. هڪ ٻوٽو نظر آيو، جنهن کي اتان جا ماڻهو "ڪوندلي" چوندا هئا. پاڻ ان

ٻوٽي کي پنهنجو ڪاڏو ٻڌايو. ڪيترا ڏينهن ان ٻوٽي کي ڪائي عبادت الاهي ۾ مصروف ٿي ويندا هئا.

ان حالت ۾ ڪيترا سال گذري ويا. هڪ ڏينهن سندن عجيب حالت ٿي. بي خبريءَ ۾ هڪ پاسي ڊوڙڻ شروع ڪيائون. نہ ڄاڻ ڪيستائين ڊوڙندا رهيا. جڏهن ڪين هوش آيو پنهنجو پاڻ کي بغداد جي ڀرسان هڪ ڳوٺ "شستر" ۾ ڏٺائين. جيڪو بغداد کان ٻارنهن ڏينهن جي مسافريءَ تي هو. هو پنهنجي حالت تي حيران هئو تہ اتي ڪيئن پهتو.

اوچتو سندن سامهون هڪ عورت ظاهر ٿي ،" تون عبدالقادر ٿي ڪري پنهنجي حالت تي حيران آهين؟" عورت اهو چئي غائب ٿي وئي.

پاڻ حيرت جي عالم منجهان ٻاهر نڪري آيا. جڏهن مان هيستائين ڊوڙي ڪري اچي سگهان ٿو تہ پوءِ حج بيت الله لاءِ مڪي معظم ڇو نہ هليو وڃان؟ اهو سوچي پنڌ هلڻ شروع ڪيائون. منزلون طئ ڪندا جهر جهنگ جهاڳيندا جڏهن پاڻ بغداد ۽ مڪي جي وچ ۾ هڪ جاءِ مينارت القرون پهتا تہ اتي سندس هڪ ماڻهوءَ سان ملاقات ٿي. جيڪو هنن جيان وڏيون ٻرانگهون ڀري هلي رهيو هو. ڇڻ تڪڙ ۾ هجي.

" دوست! ڪيڏانهن وڃڻ جو ارادو آهي؟" هن ماڻهوءَ کانئس پڇيو.

"حج بيت الله لاءِ مڪي معظم پيو وڃان."

"ڇا مان توهان سان هلي سگهان ٿو؟"

"خوشيءَ سان."

اهو ماڻهو شيخ عدي بن مسافر هو. جيڪو ان وقت جي مشهور اوليائن مان هڪ هو. شيخ عبدالقادر کين سڃاڻندا نہ هئا. رستي ۾ فقط ايتري خبر پين تہ هي ماڻهو شيخ عدي آهي. باقي اهو ڄاڻي ورتائون تہ هي نوجوان بہ الله جي خاص ٻانهن مان آهي.

" نوجوان! تون ڪٿان جو رهاڪو آهين؟"

" گيلان جي ڌرتيءَ جو رهاڪو آهيان."

" او خدا جا ٻانها! اڄ تون ڏاڍو ٿڪايو آهي."

" ڇو، اهو وري ڪيئن؟"

" مان حبش ۾ هوس تہ مونکي "حالت ڪشف" ۾ خبر پئي تہ الله سائين تنهنجي دل نور سان منور ڪري ڇڏي آهي ۽ پنهنجي فضل ڪرم سان توکي اهو ڪجهہ عطا ڪيو آهي، جيڪو ڪنهن ٻئي ولي الله کي نہ ڏنو اٿس. ان

مڪيءَ جي اهميت

هڪ دفعو هڪ مڪي اچي وري وري خليفي منصور عباسي جي منهن تي اچي ويٺي ٿي، خليفي بيزاري ٿيندي چوڻ لڳو، "الائي ڇو الله ڪٿي ان ذليل مڪيءَ کي پيدا ڪيو آهي؟"

ويجهو ئي ان دور جو سڀ کان اعليٰ عالم ۽ مفسر شيخ ابن السلمان ويٺو هو، چوڻ لڳو، "تہ جيئن معزورن جو غرور ٽٽي."

مشاهدي کانپوءِ منهنجي دل چيو تہ تنهنجي زيارت ڪريان. هاڻي توکي ڏٺو اٿم تہ دل چوي ٿي تہ توسان گڏ هجان."

اهو چئي هو رستي جي هڪ پاسي هلڻ لڳو ۽ پاڻ ٻئي پاسي. ٻئي منزلون طئ ڪندا مڪي معظم پهتا. ٻنهي جي دلين تي نور الاهي جي برسات شروع ٿي وئي.

هڪ ڏينهن ٻئي طواف ڪري رهيا هئا تہ حضرت عدي تي نور الاهي جو اهڙو نزول ٿيو جو هو بيهوش ٿي ڪري پيو ۽ ايئن پئي لڳو جڻ مري ويا هجن.

اها ئي عارفہ، جيڪا ڪين رستي ۾ ملي هئي، ٻيهر ظاهر ٿي ۽ حضرت عدي جي سيرانديءَ وٽ بيهي ڪجهہ دير ڪيس ڏسندي رهي. پوءِ ڪين ڏونڌاڙي چوڻ لڳي، "جنهن الله توکي ماريو آهي، اهو ئي توکي جيئرو ڪندو. پاڪ آهي اها ذات، جنهن جي نور جي آڏو ڪنهن شيءِ کي بقا جي مجال ناهي، سواءِ ان جي جنهن کي رب پاڻ چاهي. ان رب ذوالجلال جي نور ذهنن کي پنڊپهڻ ۽ عقل جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن." ان عارفہ حبشہ جي وات مان اهي لفظ نڪرندي ئي حضرت عدي کي هوش اچي ويو ۽ هو اٿي ويهي رهيو.

پوءِ شيخ عبدالقادر هاتف غيبي جو آواز ٻڌو، جيڪو ڪين چئي رهيو هو "عبدالقادر! اسان توکي ٻنهنجين نشانين سان عجائبات ڏيکاريندا سين. بس پنهنجي جڳهہ تي ثابت قدم رهجان. منهنجي رضا ڪانسواءِ ڪنهن جي رضا نہ گهر. تنهنجي لاءِ اسانجو شهود دائمي آهي. خلق خدا جي فيض لاءِ ويهي رهہ. ڇو تہ اسانجا ڪجهہ خاص ٻانها آهن، جن کي اسان تنهنجي وسيلي عزت عطا ڪنداسين ."

ان وقت عارفہ حبشيہ جو آواز آيو، "جوان صالح! اڄ تنهنجو رتبو مٿانهون آهي. مان ڏسان ٿي تہ تنهنجي مٿي تي نور جو ڇاتو آهي ۽ ان جي چوڌاري آسمان تائين فرشتن جو هجوم آهي ۽ سڀ الله جي ولين جون نظرون تو ڏانهن آهن."

حج بيت الله ڪندي پاڻ فيض ۽ برڪتن جا اهي خزانا ميڙيا جو سندن دنيا بدلجي وئي. حيرت ۾ وجهندڙ اهڙا واقعا ۽ منظر سامهون آيس جو پاڻ ڪنهن ٻيءَ دنيا جا مسافر لڳي رهيا هئا.

حج بيت الله کان موٽيا تہ شهر ۾ وڃڻ بدران عراق جي بيابان ۾ ترسي پيا. پاڻ ٻڌو هئائون تہ منهنجي رضا ڪانسواءِ ڪنهن جي رضا نہ گهر. پاڻ زور شور سان ان تي عمل شروع ڪيائون. هاڻ ڪنهن سان غرض نہ هئن. خدا جي رضا لاءِ مجاهدن ۾ راتيون گهاري رهيا هئا.

هڪ ڏينهن بيابان ۾ وينا هئا تہ هڪ هڪ اهڙي نوراني هستيءَ سان مليا، جنهن کي پاڻ اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هئائون. ان هستيءَ ۾ اهڙي تہ ڪشش هئي جو بي اختيار دل هن ڏانهن ڇڪجڻ لڳس.

" ڇا تون مون سان رهڻ چاهين ٿو؟" ان بزرگ هستيءَ ڪائنس پڇيو.

" ها! جي منهنجي مالڪ جي رضا

هجي ته....."

" وعدو ڪر ته منهنجي مخالفت نه ڪندين، جيڪو چوان، ائين ڪندين."

" مان توهانجي مخالفت نه ڪرڻ ۽ چيو مڃڻ جو واعدو ڪيان ٿو، پر ان شرط تي ته شرع خلاف ڪا ڳالهه نه ٿيندي."

" ٺيڪ آهي، هاڻ تون اتي ويٺو رهه، جيسين مان نه اچان، اتان نه اٿجانءِ." اهو چئي نوراني بزرگ ماڻهو هليو ويو.

پاڻ اتي ويهي عبادت ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا. خيال ڪيائون ته اڄ نه ته سڀان اهو ماڻهو ضرور ايندو. ڪيترن ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ به اهو ماڻهو نه موٽيو. بک ڪين ستايو ته پاڻ ڪاڏي جي ڳولها ۾ نڪتا. هڪ جاءِ تي ڪجهه مانيون پيون هيون. ڪنهن کي شايد ضرورت ڪان وڌيڪ هيون جو هت ڦٽي ڪري ويو هو. پاڻ اهي مانيون کاڏي کاڻ ڪنيائون.

ڏينهن تي ڏينهن گذرندا ويا. ماڻهو جيڪي شيون بيڪار سمجهي ڦٽيون ڪري ويندا هئا، پاڻ اهي ڪٿي جيئڻ جو سامان ڪندا هئا ۽ انهيءَ جاءِ تي اچي ويهندا هئا، جتي اهو ماڻهو ڪين ويهڻ لاءِ چئي ويو هو. پنهنجو عهد نيائيندي ڪين سال ٿي ويو. اهو ماڻهو سال ڪانپوءِ ظاهر ٿيو. شيخ عبدالقادر خوش ٿي ويو ته هاڻ راز ڪلندو ته ڪهڙي ڳالهه هئي. اهو نوراني بزرگ هن دفعي به تڪڙ ۾ هو. ڪجهه دير ساڻن ويهي وري وڃڻ لاءِ اٿيو.

" جيسين ٻيهر مان موٽي نه اچان، اتي ويٺو رهه." ائين چئي هو هليو ويو.

اميد دلاسو ڏنس ته هي ماڻهو هن ڀيري سال ڪانپوءِ آيو هو، پر هن دفعي شايد جلدي اچي. هن کي روڪي به نه ٿي سگهيا جو حڪم مڃڻ جو عهد ڪيو هئائون. ماڻ ڪري جت وينا هئا، اتي وينا رهيا.

امتحان ٻيهر شروع ٿي ويو. سيارو، اونهارو، طوفان، مينهن سڀ اچي هليا ويا. ايستائين جو سال گذري ويو. اهو ماڻهو ٻيهر آيو ۽ ٿوري دير، ٻيهر ڪين ويهڻ لاءِ چئي هليو ويو.

جڏهن ٽيون سال به گذري ويو ته اهو ماڻهو ظاهر ٿيو. هن ڀيري هن جي هٿ ۾ ماني ۽ ڪير هو. ائين پئي لڳو ته هن ڀيري هو ڪافي دير ويهڻ لاءِ آيو هو.

" مرحبا اي صالح نوجوان!" ان نوراني بزرگ ڪيس چيو، " منهنجو نالو خواجه خضر (عليه السلام) آهي. مونکي حڪم ٿيو ته ماني ۽ ڪير توسان گڏ ويهي کاوان."

اهو ٻڌڻ جي دير هئي، ڪين سڀ ڪجهه سمجهه ۾ اچي ويو. حضرت خضر عليه السلام جو منصب رهنمائي ڪرڻ ۽ پٽڪيل ماڻهن کي راهه ڏيکارڻ آهي. قدرت کي منهنجي رهنمائي منظور هئي. ان لاءِ هن سان مونکي ملايو آهي.

ٻنهي گڏجي ماني ۽ ڪير کاڏي. اهو کاڏو ڪو عام کاڏو نه هو، جنت مان آيل سامان هو. ان غذا جي پيٽ ۾ ويندي

ئي کين عالم بالا کان تحت الثريٰ تائين هر منظر چٽو نظر اچڻ لڳو.

حضرت خضر عليہ السلام کين ڪجھ دير پنهنجي قرب کان فيضياب ڪيو ۽ پوءِ هليا ويا. هن دفعي هن بہ فرمائش نہ ڪئي هئي.

هاڻ حضرت شيخ عبدالقادر آزاد هئا. جنهن پاسي چاهين هليا وڃن ها، پر هڪ مدهوش ڪندڙ سڳنڌ سڄي جهنگ ۾ پکڙجي وئي. پاڻ ان سڳنڌ کي بستر بڻائي اتي سمهي پيا. هڪ نوراني محفل هئي، جيڪا تصور جي هر پل ۾ آباد هئي. حضرت خضر عليہ السلام غير حاضريءَ ۾ بہ هر جاءِ تي حاضر هئا.

خضر عليہ السلام جيڪو رستو کين ڏيکاري ويا هئا، هاڻ ان راهہ تي هلڻ جو وقت اچي ويو هو. اهو ڏيکارڻ جو وقت اچي ويو هو تہ عروج جي ڪهڙي منزل تي سندن قيام هو ۽ اڃا ڪهڙي منزل تائين کين وڃڻو هو.

هڪ ڏينهن ڪيفيتن جو اهڙو مينهن وٺو جو سندن سڄو بدن ڪنبڻ لڳو. ڇڻ سياري ۾ وسندڙ مينهن ۾ ڪو ڪليل جاءِ تي وينو هجي. پوءِ پاڻ نيم بيهوش ٿي ڪري پيا. ان اڌ بيهوشيءَ واري حالت ۾ کين سندن باطن جو مشاهدو ڪرايو ويو. پاڻ باطن کي ڪيترين ڳالهين ۾ وکوڙيل ڏٺو.

ندا آئي، "اهي تنهنجا ارادا ۽ اختيار آهن....انهن کان جان ڇڏاءِ تہ تنهنجو باطن صاف ٿي ويندو."

ڏکٽي گهٽ ٿي تہ اڌ بيهوشي، سڄي بيهوشيءَ ۾ بدلجي وئي. ڇاهيائون تہ اتي ويهن. پوءِ باطن جي دنيا وارو خواب ياد آيو. اختيار ۽ ارادن کان جان ڇڏائڻي آهي. اهو ارادو بہ ڇو ڪيائون تہ اتي ويهن. پنهنجي ارادي ۽ اختيار کي ڇڏي خالي ٿانوَ جيان ٿي وڃ تہ جيئن خدا جي مرضيءَ سان هلڻ ڦرڻ لڳين. جڏهن هو اتاريندو تہ ان مهل ئي اتندس. ڪيترا ڏينهن لنگهي ويا، ۽ هي پنهنجي جاءِ تان چريا بہ ڪونہ. اختيار هون تہ اتي ويهن. پر اختيار کي مفلوج ڪري ڇڏيائون. ذات جي نفي ان کي چئبو آهي.

کاڌي جو ذرو بہ پيٽ ۾ نہ ويو هون. ڪمزوري وڌي وئي هئي. هٽ چورڻ جي بہ همت نہ هئي، تہ متان ڪٿي اهو حڪم خدا جي مرضيءَ جي خلاف نہ هجي. هر هر اٿڻ جو ارادو ڪندا هئا ۽ توبہ توبہ ڪري اهو ارادو ختم ڪري ڇڏيندا هئا.

ڪيترن هفتن کانپوءِ کين يقين آيو تہ هاڻ موت ويجهو آهي. ارادي ۽ اختيار جي نفي اهڙي ڪئي هئي جو کين اهو بہ ياد نہ هو تہ پاڻ بڪايل آهن. اکيون کليل هيون. سڄو وجود بيجان هو. غيب مان آواز آيو، "عبدالقادر اٿي ۽ زنده رهڻ جو سامان ڪر."

جڏهن اهو آواز ڪيترا ڀيرا آيو تہ بي اختيار اٿڻ جي ڪوشش ڪيائون، پر ايتري طاقت ڪٿي هئي. بيچيني ۾ هڪ پاسي هٽ هنيائون تہ ڪجھ گاهہ هٽ ۾ اچي ويو. بنا ارادي اهو گاهہ وات ۾ وڌائون. هاڻ کين خبر پئي تہ ارادي جي

نفي جي معنيٰ ڇا آهي؟ جڏهن مالڪ ڪارائڻ چاهي ڪائو. هو جيترو اختيار ڏي، بس اهو ئي تنهنجو اختيار آهي. اهڙي طبيعت ناهيو، جيئن هن جو اختيار توهان جو اختيار بڻجي وڃي. گاهه جي شڪل ۾ جڏهن جڙي ٻوٽيون هن جي پيٽ ۾ ويون ته ڪين ڪجهه طاقت ملي. اوچتو دل ۾ خيال آيو ته پير مرشد شيخ حماد سان ملي ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن. شهر وڃي ساٿن ملجي. اهو خيال ايندي ئي وري توبه جا لفظ سندن وات تي اچي ويا. دنياوي طلب ڪان جان ڇڏائڻ سان ته باطن جي صفائي ممڪن ٿيندي. پوءِ اها محبت وچ ۾ ڇو آئي؟ دنيا ڪان جان ڇڏائڻ اها ئي آهي جو مالڪ جي محبت هر محبت تي غالب اچي وڃي.

هنن هڪ سال انهيءَ مجاهدي ۾ گهاريو. الله ڪانسواءِ ڪنهن جو خيال به دل ۾ نه اچي. ارادا، منصوبا، خواهشون سيني ڪان پاسيرو ٿي ويا.

هڪ ڏينهن ٻيهر اها حالت ٿي. هن دفعي ڪين نفس جو مشاهدو ڪرايو ويو. هتي به گهڻا ئي مرض ڏيکاريا ويا. پاڻ سڄو سال انهن مرضن سان جنگ جوٽي، ايستائين جو اهي مرض پاڙئون پٽجي ويا ۽ سندن نفس تابع الاهي ٿي ويو.

هڪ سال ڪانپوءِ ڪين توڪل جي در تي آندو ويو. هتي وڏو هجوم هو. اولياءِ ڪرام قطار ناهي بينا هئا. پاڻ هجوم ڪان اڳتي نڪري شڪر جي در تي آيا. اتي به اهو ئي حال هو. پاڻ اتان به لنگهي ويا. پوءِ غنا ۽ مشاهدي جي در تي پهتا. اندر ويا ته اتي روحاني ڪاڏن جي ڪا ڪوٽ نه هئي. اتي ڪين سچي عزت ۽ مسرت ملي.

پاڻ ان مشاهدي مان ٻاهر نڪتا ته سندن هستيءَ ۾ انقلاب اچي ويو هو. ائين پئي لڳو جڻ ڪين ڪو ٻيو وجود عطا ٿيو هجي. ٻاهر جو موسم به بدلجي ويو هو. ڪڪر هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيا هئا. ڏسندي ڏسندي ئي مينهن ڪٽيون پوڻ لڳيون. اڄ ڪان زبان سڪي ٿوٽ ٿي وئي هئي. پاڻ مينهن وسڻ تي خدا جو شڪر ادا ڪيائين.

پاڻ ڏٺائون ته سندن اڄ اجهندي ئي بادل جا ٽڪرا ختم ٿي ويا ۽ ايڏي ته عظيم الشان روشني ظاهر ٿي جو آسمان روشن ٿي ويو.

ان روشنيءَ مان آواز آيو، "اي عبدالقادر! مان تنهنجو رب آهيان. مان انعام طور تو لاءِ سڀ شيون حلال ڪيون آهن."

يڪدم ڪين اهو خيال آيو ته اهو منهنجو رب نه ٿو ٿي سگهي. حرام شيون ته پيغمبرن لاءِ به حلال نه آهن، مان ڪهڙي شيءِ آهيان. پاڻ يڪدم اعوذ بالله من الشيطان الرجيم پڙهي.

اها روشني يڪدم اونداهيءَ ۾ بدلجي وئي. هر طرف دونهون ڦهلجي ويو ۽ پوءِ هڪ آواز آيو، "اي عبدالقادر تنهنجي علم توکي بچائي ورتو آهي، نه ته مون ان مڪر سان ستر صوفين کي گمراهه ڪيو آهي."

اهو شيطان مردود جو ٻيو ڄار هو. هن حضرت شيخ کي سندن علم جو احساس ڏياري هٿ ۽ وڏائيءَ ۾ وکوڙڻ تي ڇاهيو. پاڻ شيطان جي ان ڄار کي به ناڪام ڪري ڇڏيو."منهنجي علم نه پر منهنجي الله مونکي بچايو آهي. منهنجي مولا ڪريم جو ڪرم آهي، جيڪو هر حال ۾ مون سان گڏ آهي."

ايتري ۾ پاڻ ڏنائون ته بيڙي ڪراهت شڪل وارو شيطان، ڌرتيءَ تي ويٺو رڙيون ڪري مٿي کٽي پنهنجي مٿي ۾ وجهي رهيو هو، " اي عبدالقادر! تو مونکي مايوس ڪيو آهي."

" اي ملعون! پري هليو وڃ. مان توکان هميشه لاءِ پناهه گهران ٿو."

" اها ڳالهه مون لاءِ اڃا به سخت آهي." ابليس چيو ۽ سندس چوڌاري ڄار ۽ ڦندا ڦهلائي ڇڏيا. اهي ڦندا وسوسن ۽ خواهشن جا ڦندا هئا." هي ڄار دنيا جون خواهشون آهن، جيڪي مان تو جهڙن ماڻهن لاءِ ڦهلائيندو آهيان." ابليس چيو ۽ غائب ٿي ويو.

هن جي غائب ٿيندي ئي ڪيترين شيون ظاهر ٿيون . پاڻ بارگاهِ رب العزت ۾ عرض ڪيو ته اهو سڀ ڇا آهي ۽ ڇو آهي؟ " اهي مخلوق سان لاڳاپا آهن ۽ توکي انهن کان رشتو ٽوڙڻو آهي." غيبي اشارو ملي ويو هو. پاڻ انهن لاڳاپن ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ ان بابت مجاهدو ڪندا رهيا. ايستائين جو اهي سڀ رشتا ناتا ٽٽي ويا. هاڻ دل ۾ ڪنهن انسان جي محبت نه هئي. خلوت ئي خلوت هئن. خدا جي محبت کانسواءِ ڪجهه ياد نه هو. پاڻ پنهنجو سڀ ڪجهه خدا جي رضا مٿان نثار ڪري چڪا هئا.

هر قسم جا ظاهري ۽ باطني علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ، مجاهدن ۽ رياضت ڪرڻ ڪري پاڻ نه فقط استقامت جا جبل بنجي چڪا هئا، پر ڪين حق باطل ۽ اونداهي ۾ فرق ڪرڻ جو به علم حاصل ٿي چڪو هو. پاڻ پوري طرح ان حقيقت کي پروڙي ويا هئا ته شريعت حق کي قيامت تائين بدلائي نه ٿو سگهجي. شريعت جي حڪمن جو مخالف بيشڪ شيطان ئي ٿي سگهي ٿو.

بيابان ۾ رهندي ڪين تيرنهن سال گذري ويا هئا. سينو معرفت الاهي سان ڀريل هو. پاڻ جهنگ مان نڪري شهر ڏانهن هلڻ لڳا. اڃا شهر نه پهتا هئا ته بيابان ۾ ڪين برج نظر آيو، جيڪو ڪنهن وقت ڪنهن بادشاهه ٺهرايو هو ۽ اهو ويران پيو هو. سندن دل اوڏانهن ڇڪجڻ لڳي. پاڻ ان برج ۾ داخل ٿيا ۽ خدا جي منشا مطابق ان ۾ ترسيا.

ڪا خواهش ساڻ نه هئن. ڪو ارادو گڏ نه هو. برج ۾ سانت هئي ۽ پاڻ هئا. عشا جي وضو سان نماز پڙهڻ شروع ڪندا هئا ته فجر ٿي ويندي هئن. ڪڏهن هڪ پير تي بيهڻ ته ڪڏهن ٻئي پير تي، ۽ قرآن شريف پڙهندي صبح ڪري ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن سمهڻ جي خواهش هوندي هئي ته رات جي پهرئين پهر سمهي رهندا هئا. پوءِ جلد اٿي عبادت ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. ڪافي

ڏينهن ڪڏرڻ کان پوءِ جڏهن ڪين بک ستائيندي هئي تہ شهر ڏانهن نڪري ويندا هئا. ڪا شيءِ ملندي هئي تہ ڪائيندا هئا نہ تہ وڻ جي پنن ۽ جڙي ٻوٽين تي گذارو ڪندا هئا. ڪير ملڻ ايندو هو تہ ملندا هئا، نہ تہ ڪنهن سان ملڻ جي خواهش نہ هئي.

ان حالت ۾ يارنهن سال گذاري ڇڏيائون. پنجويهہ سال بيمثال رياضت ڪانپوءِ پاڻ سڄو تزڪيہ نفس حاصل ڪري ورتو تہ قدرت کي منظور ٿيو تہ سندن هٿ ڪنهن پير ڪامل جي هٿ ۾ ڏنو وڃي ۽ قدرت ان جا سبب پيدا ڪيا.

پاڻ هڪ دفعي الله سان عهد ڪيائون تہ مان ان وقت تائين ماني نہ کائيندس، جيسين ڪو مونکي وات ۾ گرهہ وجهي نہ کارائيندو ۽ ان وقت تائين پاڻي نہ پيئندس، جيسين مونکي پاڻي نہ پياريو ويندو.

اهو وڏو صبر آزمائيندڙ عهد هو، پر ڪين الله تي پورو پروسو هو. پاڻ ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنائون. ڪنهن کي هوش هجي تہ ڏينهن ڳڻي. الائي ڪيترا ڏينهن گذري ويا. پوءِ هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو آيو. هڪ ٿانو ۾ ماني ۽ ٻوڙ سندن آڏو رکي هليو ويو.

ڪيترن ڏينهن جي بک هئي، ڪاڏو ڏسندي اجا وڌي وئي. ڪاڏي ڏانهن هٿ وڌايائون تہ ڪين وعدو ياد آيو. عهد اهو هو تہ جيسيتائين ڪير هٿ سان نہ کارائيندو، تيسين نہ کائيندس. خدا جو قسم! مان پنهنجو واعدو نہ ٽوڙيندس. جيسين ڪير مونکي نہ کارائيندو، مان نہ کائيندس. ماني پري ڪندي ئي پاڻ پنهنجي اندران گوڙ ٻڌائون. جنهن مان بک بک جو آواز اچي رهيو هو. اهو سندن نفس هو، جيڪو گوڙ ڪري رهيو هو.

قاضي ابو سعيد مبارڪ محزمي ڪامل ولي هئا. هنن ڪشف جي حالت ۾ اهو گوڙ ٻڌو. خبر پئن تہ عبدالقادر بک ڪري بيحال آهي. پاڻ انهيءَ مهل اٿيا ۽ برج تي پهتا. آواز بلڪل چٽو ۽ صاف هو. هر طرف بک، بک جي واويلا متل هئي. "عبدالقادر هي گوڙ ڇا جو آهي؟" حضرت ابو سعيد محزمي ويجهو وڃي ڪانئن پڇيو.

" اهو نفس جي خواهش جي بيچيني آهي، نہ تہ روح مطمئن آهي ۽ ياد الاهي ۾ رڌل آهي."

" باب ازج تائين اچ. اتي منهنجو گهر آهي." حضرت ابو سعيد فرمايو ۽ هليا ويا.

هنن جي وڃڻ کانپوءِ دل ۾ چيائون تہ ائين تہ مان ڪيڏانهن بہ نہ ويندس. پاڻ اهو سوچي رهيا هئا تہ حضرت خضر عليہ السلام آيا، " ضد نہ ڪر، اٿ ۽ ابو سعيد جي گهر وڃ. پنهنجو هٿ هن جي هٿ ۾ ڏي."

ايڏي وڏي سفارش. هاڻ انڪار جي مجال نہ هئي. پاڻ برج کان ٻاهر نڪتا ۽ باب ازج ڏانهن وڌيا. ڏنائون تہ حضرت ابو سعيد پنهنجي گهر آڏو سندن انتظار ڪري رهيا هئا.

" عبدالقادر منهنجو چوڻ ڪافي نہ هو جو حضرت خضر عہ کي چوڻ جي ضرورت پئي؟"

" جيڪو هن چيو اهو توهان ڪٿي چيو هو؟"

" هن ڇا چيو؟"

" جيڪڏهن رڳو ماني لاءِ اچان ها تہ پنهنجي نفس جي پيروي ڪريان ها. هنن اهو چيو تہ مان پنهنجو هٿ توهان جي هٿ ۾ ڏيان."

" ائين آهي تہ ائين سهي. اچ اندر اچ."

اهڙو مريد تہ گهرڻ سان بہ ناهي ملندو. حضرت ابو سعيد پنهنجي قسمت تي جيڏو ناز ڪري ها، اهو گهٽ هو. گهر اندر ايندي پاڻ ڪين احترام ۽ عقيدت سان ويهاريو. پاڻ حضرت ابو سعيد جي هٿ تي بيعت ڪيائون. حضرت ابو سعيد ماني گهرائي ۽ پنهنجي هٿ سان گره ڀڃي سندن وات ۾ وجهندا رهيا. هر گرهہ سان سندن سينو نور سان ڀرجي ٿي ويو.

جڏهن پاڻ پيٽ ڀري ماني ڪاڏائون تہ ڪجهہ مهمانن آڏو حضرت ابو سعيد کين هڪ چادر مبارڪ ڏني ۽ چيو، "اي عبدالقادر! هيءَ چادر حضرت محمد مصطفيٰ صہ، حضرت علي عہ کي عطا ڪئي هئي ۽ هنن خواجہ حسن بصري رحہ کي عطا ڪئي ۽ هنن کان ٿيندي مون تائين پهتي آهي. هاڻي اها توکي عطا ڪجي ٿي."

پاڻ اها چادر مبارڪ پائيندي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيو ۽ ڪائن موڪل وٺي پاسي واري حجري ۾ نفل ادا ڪرڻ لاءِ هليا ويا.

" هن نوجوان جا قدم سيني ولين جي ڳچيءَ تي هوندا ۽ ان زماني جا ولي هن جي آڏو ڪنڌ جهڪائي بيٺل هوندا." قاضي ابو سعيد محزمي جن پنهنجن مهمانن کي مخاطب ٿيندي فرمايو.

—

حضرت عبدالقادر جيلاني جي هميشہ اها خواهش هوندي هئي تہ پاڻ خلوت ۾ هجن، بيابان ۽ اڪيلائيءَ هجي، نہ مخلوق کين ڏسي نہ پاڻ مخلوق کي ڏسن. پر الله تعاليٰ کي ڪجهہ ٻيو منظور هو.

پاڻ بيعت ڪانپوءِ ڪنهن بيابان کي آباد ڪرڻ جو سوچي رهيا هئا تہ 16 شوال 521 هہ تي منجهند جو آرام ڪرڻ لاءِ سمهيا ئي هئا تہ سندن خواب ۾ حضرت محمد مصطفيٰ صہ آيا ۽ کين فرمايائون، "اي عبدالقادر! تون ماڻهن کي گمراهيءَ کان بچائڻ لاءِ وعظ ۽ نصيحتون ڇو نہ ٿو ڪرين؟"

" يا رسول الله صہ مان هڪ عجمي آهيان. فصيح ۽ بليغ عربن آڏو ڪيئن ڳالهايان."

" پنهنجو وات کول." حضور صہ فرمايو.

پاڻ حضور صہ جي حڪم تي لبيڪ چيائون. سرور ڪائنات پنهنجي پڪ مبارڪ ست ڀيرا سندن وات ۾ وڌي ۽ پوءِ چيائون، " وڃ! قوم کي واعظ ۽ نصيحت

ڪر ۽ ڪين الله جي رستي ڏانهن سڏ ڪر."

اڪ ڪلي تہ خواب ياد هو ۽ حڪم ملي چڪو هو. انڪار جي مجال نہ هئي. پر پوءِ بہ پاڻ پريشان هئا. ان واديءَ ۾ قدم رکڻ جو حڪم ٿيو هو، جنهن جو سير پاڻ اڳ ڪڏهن نہ ڪيو هئائون. اڻڄڻل رستا ۽ اڻڄڻل منزل... اهو سفر ڪيئن طئ ٿيندو. ماڻهو عبدالقادر کي چريو چئي قبول ڪري چڪا آهن. هو منهنجي نئين انداز کي پسند ڪندا يا نہ؟ هنن پنهنجي عهد جو جائزو ورتو. ماڻهن ۾ اخلاقي ڪوٽ هئي. ان موقعي تي مجلس ۽ هدايت جي سخت ضرورت هئي. ان کان وڌو ڪو جهاد نہ هو تہ اسلام جي حقيقي روح کان ماڻهن کي روشناس ڪرائجي.

سندن اندر مان آواز آيو." اي عبدالقادر! تون جيڪي علم حاصل ڪيو آهي، ان مان خدا جي خلق کي فائدو نہ پهتو تہ ان جو ڪهڙو فائدو؟ تنهنجا مجاهدا تو لاءِ آهن، پر علم سيني لاءِ آهي. اهو حقدارن ۾ ورهائي ڇڏي. ماڻهن کي سڏي راهہ تي وٺي اچ. مڪر ۽ فريب جو پردو چاڪ ڪر. نام نهاد واعظ ڪندڙن جي وات کي بند ڪر." ان آواز کي ٻڌندي ئي پاڻ نئين عزم سان شيخ حضرت ابو سعيد جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ سڄو خواب ٻڌايو.

دير ڇا جي آهي؟ منهنجو مدرسو حاضر آهي. بغداد وارن کي مخاطب ڪر ۽ ڪين حق ڏانهن سڏ ڪر."

اهو حڪم ملندي ئي پاڻ اڳين نماز پڙهيائون. مسجد مدرسي سان مليل هئي. واعظ جو اعلان ڪيو ويو. پاڻ مسجد مان اٿي مدرسي جي منبر تي ويهي رهيا. نمازين مان ڪجهہ ماڻهو سندن چوڌاري گڏ ٿي ويهي رهيا. ماڻهو گهڻا نہ هئا. پاڻ پهريون پيرو ايڏن ماڻهن سان مخاطب هئا. هيڪي رهيا هئا. اوچتو ڪشف جي حالت ۾ اچي ويا. پاڻ ڏٺائون تہ حضرت علي عہ سامهون بيٺا آهن.

" واعظ شروع ڪر."

"حضرت! مان منجهي پيو آهيان."

" پنهنجو وات کول." حضرت عليءَ ڪين چيو.

پاڻ وات کوليائون تہ حضرت علي رضہ پنهنجي پڪ مبارڪ چهہ دفعا سندن وات ۾ وڌي ۽ فرمايو." هاڻ وعظ شروع ڪر."

" سائين! توهان ست دفعا پنهنجي پڪ مبارڪ ڇو نہ عطا فرمائي؟"

" اهو هادي اڪرم صہ جو ادب آهي." حضرت علي رضہ فرمايو.

هاڻ بيخوديءَ واري حالت ختم ٿي وئي. ماڻهو ساهہ روڪي سندن حالت ڏسي رهيا هئا ۽ چاڻيائون پئي تہ وعظ شروع ٿئي. حضرت عبدالقادر جيلاني بيخوديءَ واري حالت گذرڻ کانپوءِ پرسان وينل ماڻهن ڏانهن نهاريو. ان نظر ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ هئا جو ماڻهن تي سندن هيبت طاري ٿي وئي.

حضرت عبدالقادر جيلاني منبر تي

بيٺا هئا ۽ ماڻهن جون اکيون هيٺ هيون. هنن کين سوين پيرا ڏنو هو، پر اڄ سندن منهن مبارڪ منجهان حسن جمال جو نور ڦٽي رهيو هو. جنهن سان سڄو مدرسو روشن ٿي ويو هو. پاڻ خطبو پڙهيائون ۽ ان کانپوءِ موضوع ڏانهن آيا ۽ ماڻهن کي چيائون، "لوڪو! اسلام روئي رهيو آهي ۽ فاسقن، بدنيتن، گمراهيءَ جي مڪر جا ڪپڙا پاتلن ۽ اهڙين ڳالهين جي دعويٰ ڪرڻ وارن جي ظلم ڪري اسلام پنهنجو مٿو جهلي رڙيون ڪري رهيو آهي. رسول اڪرم ﷺ جي دين جون پٽيون ۽ ان جو بنياد لڏي رهيو آهي. اي زمين جا رهاڪو! اچو ۽ جيڪو ڪرٽو آهي، ان کي مضبوط ڪريون ۽ جيڪو ڍهي پيو آهي، ان کي صحيح ڪريون."

جيتوڻيڪ عبادتن ڪرڻ ڪري سندن بدن ڪمزور هو، پر آواز ۾ ايڏو ڪڙڪو هون جو مدرسي کان ٻاهر وڃي رهيو هو. پاڻ جيڪي ڳالهيون ڪري رهيا هئا، اهي سيني جي سامهون ڪنهن نه ڪيون هيون. ماڻهو ساهه روڪي ٻڌي رهيا هئا.

پاڻ فرمايائون." اي بغداد واروا! توهان جي اندر ۾ نفاق وڌي ويو آهي ۽ اخلاص گهٽجي ويو آهي. ڳالهيون گهڻيون آهن ۽ ڪم ڪجهه به نه. چاٽي وٺو ته عمل ڪانسواءِ قول ڪنهن ڪم جو ناهي. عمل ڪانسواءِ قول اهڙو خزانو آهي، جيڪو خرچ نه ٿو ڪري سگهجي. اها فقط دعويٰ آهي. شاهد ۽ دليل ڪانسواءِ... دين جهڙو هڪ ڍانچو آهي بغير ڪنهن روح جي . روح ته توحيد، اخلاص، ڪتاب ۽ سنت تي عمل ڪرڻ سان ايندو آهي. توهانجا اعمال روح ڪانسواءِ آهن. غفلت ڇڏيو. اچو خدا ڏانهن اچو."

سندن زبان عربي نه هئي. پاڻ فارسي جا رهاڪو هئا. پر ان مهل عربيءَ ۾ تقرير ڪري رهيا هئا.پاڻ اهڙي زبان استعمال ڪري رهيا هئا جو عرب به نثار ٿي وڃن. ٻڌندڙ حيرت مان سندن ڳالهائڻ ٻڌي رهيا هئا. تنقيد جي ميزان تي پرکي رهيا هئا. اهڙي پراثر ۽ دلنشين زبان ۽ واعظ هنن ڪڏهن اڳ نه ٻڌو هو. واعظ پورو ٿيندي ئي ماڻهن ۾ هل چل مچي وئي. هر ڪنهن جي وات تي مرحبا جا لفظ هئا. هڪ مسيحا هو جيڪو مرده جانين ۾ روح ڦوڪي رهيو هو.

وعظ ختم ٿيو ۽ ماڻهو مدرسي مان ٻاهر نڪتا ته هر وات تي سندن تقرير جو چرچو هو. هر ماڻهو ٻئي سان ان بابت ڳالهائي رهيو هو. جيڪي نه ويا هئا، انهن کي نه وڃڻ جو ڏک هو. هر وات تي اهو سوال هو. ٻيو وعظ ڪڏهن ٿيندو؟

جمع المبارڪ جي شام ٻيهر هدايت لاءِ آيا ته سڄو شهر ڪين ٻڌڻ لاءِ آتو هو. هر ماڻهو اڳيان ويهڻ لاءِ مشتاق هو، پر مجال هئي ڪو چوچٽ ڪري. سندن رعب مدرسي جي پٽين تي پهرو ڏئي رهيو هو. پاڻ خطبو شروع ڪيائون ته مدرسو چڻ ڪنهن ويراني جو ڏيک ڏيڻ لڳو. ائين پئي لڳو ته اتي چڻ ڪير هو ئي ڪونه. سندن آواز ائين گونجي

رهيو هو، جڻ ريگستانن ۾ هوا وڻن سان وچڙندي گذرندي آهي.

" مان ان طريقي کي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان، جنهن تي حضرت محمد ص، سندن اصحابي ۽ پوئلڳ رهيا آهن. هن دور ۾ ماڻهو دولت جا پوڄاري آهن. اهي موسيٰ ع جي قوم جيان ٿي ويا آهن. سندن دلين ۾ پئسي جي محبت گهر ڪري وئي آهي. هن زماني ۾ درهم ۽ دينار جي لالچ ۾ ورتل آهن. افسوس آهي توهان تي. هن دنيا جي بادشاهه کان مال جا طلبگار آهيو. اهو ڄاڻندي به ته اهو جلدي لهي ويندو يا مري ويندو. هن جو ڏنل مال ملڪيت اتي ئي رهجي ويندو ۽ توهان کي اهڙي قبر ۾ وجهڻو آهي، جيڪا اونداهيءَ، اڪيلائيءَ ۽ ڪيڙن ماڪوڙن جو گهر آهي. فاني بادشاهه تي پروسو نه ڪريو نه ته نامراد رهجي ويندؤ ۽ مدد بند ٿي ويندي. پروسي لائق فقط ذات الاهي آهي، جيڪو ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي. جنهن کي فنا ناهي." ان وعظ جو اثر اهڙو ٿيو جو ڪيترن جوش ۾ اچي ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا. هر طرف سڏڪا ۽ روڄ طاري هو. ڪيترائي ماڻهو بيهوش ٿي ڪري پيا. سندن اثر جو سبب اهو هو جو هو جن ڳالهين طرف ڌيان ڏياري رهيو هو پاڻ ان کان آجو هو.

ان مجلس جي اهڙي مشهوري ٿي جو ٻئي وعظ ۾ خليفي جي محل جو ناظم عزيز الدين به اچي حاضر ٿيو. اهو ڏاڍو بااثر امير هو، جنهن ڪري وڏي ناڪ ۽ ڏهڻي سان آيو.

حضرت جن جي نظر جيئن ئي هن امير تي پئي، سندن باطن جي آئيني هن جي هٿ کي ظاهر ڪري ڇڏيو. پاڻ موضوع مٿائي ڇڏيو ۽ هن کي مخاطب ڪري چيو، "توهان سيني جي حالت اها آهي جو هڪ انسان ٻئي انسان جي بندگي ڪري ٿو. الله جي بندگي ڪير ڪندو ؟،" ان ڪانپوءِ رڙ ڪري چيو، "بيهي رهو. پنهنجا هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏيو ته جيئن هن فاني گهر کان پڇي ڪري رب العالمين ڏانهن هلون ۽ هن جو رسو پڪڙيون. توهان کي خدا ڏانهن وڃڻو آهي ۽ اهو توهان جي عملن جو پڇاڻو ڪندو."

سڀ ماڻهو ماٺ ۾ اچي ويا هئا. ڪنهن کي مجال هئي ته ناظم عزيز الدين کي ڪو ائين مخاطب ڪري ڳالهائي؟ هو ڪنهن مجلس ۾ ويندو هو ته امير مجلس منبر کان لهي هن جو آڏر ڀاءُ ڪندو هو. هن لاءِ پهرين قطار ۾ جاءِ هوندي هئي. هتي عام ماڻهو وينا هئا. هن جي آڏرياءُ لاءِ ڪير به منبر تان نه لٿو هو. جنهن انداز سان ڪيس سڏيو ويو هو، اها بلڪل نئين ڳالهه هئي.

مجلس ختم ٿي، هر رات تي اها ڳالهه هئي. ماڻهن اهو سمجهيو ڪٿي اهڙي مجلس تي پابندي نه مڙهي وڃي. پر ڪجهه نه ٿيو. هفتي ۾ ٽي ڏينهن اهڙيون مجلسون ٿينديون رهيون.

وعظ ۽ هدايت جو سلسلو مدرسي اندر شروع ڪيو ويو هو. پر ماڻهن جي گهٽائيءَ ڪري اها جاءِ ننڍڙي ٿي وئي.

مدرسي کان ٻاهر رستي تي بہ رش هوندي هئي. اها حالت ڏسي پرپاسي واريون جايون مدرسي سان ملائي ان کي وسيع ڪيو ويو. پر اها ويڪر بہ ماڻهن جي رش هٽڻ ڪري گهٽ لڳڻ لڳي. سندن مجلس شهر کان ٻاهر عيدگاهہ جي وسيع ميدان ۾ رکي وئي.

هر طرف جا ماڻهو سندن وعظ ٻڌڻ لاءِ تتي پيا. سندن مشهوري سڄي عراق، شام، عرب ۽ عجم تائين پکڙجي وئي. هدايت جا قافلا عراق جو رخ ڪرڻ لڳا. مجلس ۾ ايندڙ ماڻهن جو تعداد ستر هزار ۽ ان کان وڌي ويندو هو. هدايت جو اهو سلسلو ماڻهن کي سيراب ڪري رهيو هو. عيسائي، يهودي ۽ ٻين غير مذهبن جا ماڻهو بہ سندن مجلس ۾ ايندا هئا. پٿر بنجي ايندا هئا ۽ ميڻ ٿي ويندا هئا. پنهنجو مذهب ڇڏي اسلام قبول ڪندا هئا. انهن مسلمانن جو تہ ڪو ڪاٿو ڪو نہ هو، جيڪي فتني ۽ لالچ ۾ ورتل هئا ۽ سندن هٿ تي توبہ ڪري ڪامل مسلمان ٿي ويندا هئا.

ان ڳالهہ سندن ڪيترا حسد ڪندڙ پيدا ڪري ڇڏيا. عالمن جو وڏو گروهہ سندن مخالفت لاءِ تيار ٿي ويو. پر سندن عاشقن جي ميڙ ۾ سندن تائين ڪو پٿر نہ ٿي پهچي سگهيو. ڪير بہ سندن خلاف هڪ اکر ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هو. علم ۽ فضل جي گهڻائي هٽڻ جي باوجود سندن عاجزي ۽ نياز نوڙت جو اهو عالم هو جو پاڻ ماڻهن جي دلين ۾ آباد هئا.

☆☆☆

بغداد علم ۽ حڪمت ڪر سڄي اسلامي دنيا جو مرڪز هو. ڪيترائي عالم وعظ ۾ مصروف هئا. سيد غوث اعظم جي سهڻي آواز ۽ ڳالهائڻ آڏو سڀ مجلسون هيچ هيون. انهن عالمن سندن مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي. سندن علم کان واقف هوندي بہ ڪين لاجواب ڪرڻ جون اٽڪلون سوچڻ لڳا. انهن سڀني گڏجي فيصلو ڪيو تہ اسان سڀ هڪ هڪ مسئلو کڻي ان وقت ڏانهن وڃون. جڏهن پاڻ وعظ ڪري رهيا هجن ۽ ماڻهن جو هجوم هجي. ان وقت سڀ مسئلا هڪ هڪ ڪري پڇيا وڃن. پاڻ مصروف هئڻ ڪري سوال جو جواب صحيح نموني ڏئي نہ سگهندا ۽ انهيءَ نموني ماڻهن جي دلين مان سندن عقيدت ختم ٿي ويندي.

ان اٽڪل تي عمل ڪندي هڪ سؤ عالم ،فتح جي اميد سان، سندن مجلس ۾ ان وقت پهتا، جڏهن پاڻ ڪنهن موضوع تي تقرير ڪري رهيا هئا. ماڻهن هنن عالمن کي سڃاڻي جاءِ ڏني ۽ هو سڀ منبر ويجهو ويهي رهيا. حضرت غوث اعظم ڪجهہ دير ان موضوع تي ڳالهايو، جنهن تي انهن عالمن جي اچڻ کان پهرين ڳالهائي رهيا هئا. پوءِ ماڻ ٿي ويا.

اڃا ڪنهن سوال ئي نہ ڪيو هو جو پاڻ واري واري سان هنن سڀني عالمن کي مخاطب ٿيندي چيو، " توهان جو سوال هي آهي ۽ جواب هي آهي...."

پاڻ سڀني جي سوالن جي جواب اهڙي تہ سٺي انداز ۾ ڏنا جو سڀني

عالمن جا وات پنجي ويا. سڀ عالم حيرت مان ڪين ڏسي رهيا هئا. حيرت جي ڳالهه اها هئي ته پاڻ سندن دلين جو حال ڄاڻي ورتو هو. مجلس ۾ گوڙ ٿي ويو، ڇڻ زلزلو اچي ويو هجي.

هاڻي سندن علم سان گڏ ڪرامت جو به ذڪر ٿيڻ لڳو. پاڻ مخالفت جو زور ٽوڙڻ لاءِ ڪرامتن سان به ماڻهن کي عقيدتمند بنائڻ شروع ڪيو. ان ڪرامت جو مقصد نمائش نه پر الله جي وليءَ جو شان ڏيکارڻ هو.

هڪ ڏينهن پاڻ وعظ ڪري رهيا هئا. ٻڌندڙ هزارن جي تعداد ۾ بغداد ۾ گڏ هئا. اوچتو ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا ۽ مينهن وسڻ لڳو. ماڻهو مينهن کان بچڻ لاءِ ٽڙي پڪڙي ويا.

پاڻ آسمان ڏانهن نهاريو ۽ چيو، "مولا ڪريم مان تنهنجي ٻانهن کي گڏ ڪيان ٿو ۽ تون انهن کي چڙوچڙ ڪرين ٿو."

اٿين چوڻ جي دير هئي ۽ اتي جو اتي مينهن وسڻ بند ٿي ويو ۽ ماڻهو ٻيهر گڏ ٿي ويا. ڏسڻ وارن ڏٺو ته جنهن جاءِ تي ٻڌندڙ ويٺل هئا، ايستائين مينهن جو هڪ ڦڙو به نه پئي وسيو. باقي ٻي سڄيءَ جاءِ تي مينهن ڏڙاڏڙا وسي رهيو هو.

ماڻهن سندن جڏهن اها ڪرامت ڏٺي ته چيو، " بيشڪ توهان هن دور جا ولي آهيو."

هاڻ ته روز ڪا نه ڪا ڪرامت ڏسڻ لاءِ ملي رهي هئي. ماڻهو پروانن جيان سندن چوڌاري گڏ ٿي رهيا هئا. پنهنجيون دلي مرادون ڪٿي ايندا هئا ۽ دعا جا گهرجاؤ هوندا هئا. پاڻ سامهون نه به هوندا هئا ته سندن نالو ڪٺڻ تي ئي ماڻهن جون دلي مرادون پوريون ٿي ويندیون هيون.

هڪ ڏينهن پاڻ وعظ ڪري رهيا هئا ته سندن منهن مبارڪ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ پنهنجو هٿ چادر اندر لڪائي ڇڏيو. جڏهن ڪڍيو ته ٻانهن مان پاڻي وهي رهيو هو. ڪنهن کي ڪو خيال نه آيو. سندن بدليل حالت ڏسي ڪنهن جي دل ۾ خيال به آيو ته به ڪنهن کي پڇڻ جي همت نه ٿي.

ان واقعي جي ٻن مهينن کانپوءِ پاڻ پنهنجن دوستن سان گڏ ويٺا هئا. ڪجهه بغداد جا سوداگر پهتا ۽ ڪوڙ ساريون سوڪڙيون ڪٿي حاضر ٿيا. انهن سوداگرن ٻڌايو ته اسان پرسڪون سمنڊ ۾ سفر ڪري رهيا هئاسين، اوچتو تيز هوا هلڻ لڳي ۽ سمنڊ ۾ طوفان اچي ويو. اسان جو جهاز پنور ۾ ڦاسي پيو ۽ ٻڏڻ وارو هو، جو اسان جي وات مان بي اختيار "يا شيخ عبدالقادر جيلاني" نڪتو. اسان ڏٺو ته غيب مان هڪ هٿ نڪتو ۽ جهاز کي ڇڪي ڪناري تي وٺي آيو."

ان واقعي جي تاريخ پڇي وئي. اها ساڳي تاريخ هئي، جڏهن پاڻ پنل ٻانهن چادر مان ڪڍي هئي ۽ رعب ڪري ماڻهو ڪائن ان جو سبب پڇي نه سگهيا هئا.

☆☆☆

اهي ڳالهيون ڏسڻ ۾ ته سمجهه کان مٿي هيون، پر ماڻهو جيڪڏهن سندن

رياضتن ۽ مجاهدن تي غور ڪن ته اهي ڳالهيون ناممڪن ڏسڻ ۾ نه ايندون. سدائين باوضو هوندا هئا. راتيون مراقبي، مشاهدي ۽ خدا جي عبادت ۾ گهاريندا هئا. ننڊ ڪوهين ڏوز هوندي هئي. ڪيترا دفعا لاڳيتو روزا رکندا هئا. جڏهن اها حالت هجي ته دعا ۾ اثر ۽ زبان ۾ تاثير ڪيئن نه هوندي.

سندن ڪرامتون مشهور ٿيون ته ڪجهه ماڻهن ان کي وڏاءُ چوڻ شروع ڪيو. هڪ اهڙو ماڻهو عبدالصمد بن همام به هو. اهو سندن ڪرامتن کان منڪر هو. هڪ پيري هو جمعي ڏينهن مدرسي ۾ رسان لنگهيو. ڪيس پيشاب تنگ ڪيو، پر نماز جو وقت ويجهو هو. هن سوچيو ته پهرين نماز ادا ڪيان. پوءِ ان کان چوٽڪارو حاصل ڪريان. هو مدرسي ۾ هليو ويو ۽ منبر ويجهو وڃي ويٺو. جيئن جيئن نماز جو وقت ويجهو آيو، ماڻهن جي پيهه وڌندي وئي. هوڏانهن ڪيس پيشاب روڪڻ به ڏکيو ٿي ويو. اٿڻ جي ڪوشش ڪري ٻاهر وڃڻ جي ڪيائين، پر ٻاهر وڃڻ لاءِ رستو نه مليس. ممڪن هو ته هن جا ڪپڙا ناپاڪ ٿي وڃن ها. سيدنا غوث اعظم پنهنجي منبر تان لهي هيٺ آيا ۽ پنهنجي ٻانهن مبارڪ سان هن کي ايئن ڍڪي ڇڏيو، جيئن ڪو ڪنهن کي لڪائڻ چاهيندو هجي. عبدالصمد بن همام پاڻ کي هڪ باغ ۾ ڏٺو، جتي پري پري تائين ڪير نه هو. ويجهو ئي پاڻي وهي رهيو هو. هن پنهنجي ضرورت کان واندو ٿي وضو ڪيو ۽ به رڪعت نماز پڙهي. ان مهل پاڻ حضرت هن جي مٿان پنهنجي ٻانهن هٽائي ڇڏي.

عبدالصمد اهو ڏسي واٺرو ٿي ويو ته هو ڪنهن باغ ۾ نه پر ساڳي مسجد اندر ماڻهن جي وچ ۾ انهيءَ جاءِ تي ويٺو هو، جتي پهرين اچي ويٺو هو. سوچڻ جو وقت نه هو. جماعت اٿي بيٺي هئي.

جڏهن نماز ٿي وئي ۽ هو اٿڻ لڳو ته ڏٺائين، هن جو اهو رومال، جنهن ۾ گهر جي تالن جون چابيون ٻڌل هيون، غائب هو. ڏاڍو ڳوليائين پر نه لڌو. مايوس ٿي ڪري ڪيس گهر جا تالا ٽوڙي اندر وڃڻو پيو.

هو ڪيترا ڏينهن سوچيندو رهيو، اهو اتفاق هو يا حضرت عبدالقادر جي ڪرامت هئي، پر ڪنهن نتيجي تي پهچي نه سگهيو. پنڌرنهن ويهه ڏينهن ڪانپوءِ ڪنهن سفر تي ويو. رستي ۾ هڪ جاءِ تان لنگهيو ته ڪيس ائين لڳو ته چڻ پاڻ پهرين اتي اچي چڪو هو.ذهن تي زور ڏنائين ته ڪيس ياد آيو ته جنهن وقت حضرت عبدالقادر هن مٿان پنهنجي ٻانهن جو پاڇو ڪپو هو، هن پاڻ کي ان باغ ۾ ڏٺو هو. هو اتي بيهي رهيو. باغ اندر ويو ته اهو واهه به ڏنائين جتي ويهي هن وضو ڪيو هو. ۾رسان سندس رومال پيو هو. جنهن ۾ چابيون ٻڌل هيون. هن رومال کنيو. جيئن ئي شهر آيو، هن جي وات تي حضرت عبدالقادر جي عظمت ۽ بزرگيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه هو، جيتوڻيڪ سڀ ڄاڻندا هئا ته عبدالصمد

بن همام، حضرت عبدالقادر جي ڪرامتن کان بنهه منڪر هو.

پاڻ اڃا تائين شادي نه ڪئي هئائون. سندن مشغلا اهڙا هئا جو ازدواجي زندگيءَ جو بار کڻي نه ٿي سگهيا. تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ زندگيءَ جا پنجويهه سال جهنگ ۽ بيابان ۾ گهاريا هئائين . رياضتن ۾ ڪين پنهنجو هوش به نه هو. ان ڪري امتحان ڪانپوءِ دين جي پوئلڳن جي جدوجهد ۾ مصروف ٿي ويا. مخالفن کي هڪ ڳالهه اها به هٿ اچي وئي ته پاڻ اڃا تائين سنت رسول صه کي پورو نه ڪيو هئائين. سندن عمر پنجاهه سالن کان مٿي هئي. پاڻ انهيءَ اعتراض کي مرڪي ٻڌندا رهيا ۽ انتظار ڪندا رهيا ته غيب جي پردي مان ڇا ٿو ظاهر ٿي. پاڻ پنهنجو ارادو، اختيار الله کي ڏئي ڇڏيو هو. جڏهن الله تعاليٰ چاهيندو، مان شادي ڪندس.

اهو ئي ٿيو، هر ڪم جو هڪ وقت مقرر ٿيل آهي. الله تعاليٰ ڪين وقفي وقفي سان چار گهر واريون ڏنيون ۽ ڪين گهڻو اولاد عطا ڪيو يعني ويهه پٽ ۽ اوڻتيهه نياڻيون. شاديءَ کان پوءِ منجهن اها تبديلي آئي هئي جو پاڻ نهايت عمده ڪپڙا پائڻ لڳا. سندن ڪپڙو ڏاڍو قيمتي هوندو هو. ڪپڙي جا واپاري پري پري کان مهانگا ڪپڙا ڪڍي ايندا هئا. هڪ زمانو هو جو پاڻ هڪ معمولي جبو پائيندا هئا. هاڻ مخالفن ڏٺو ته پاڻ هر جمعي تي نوان قيمتي ڪپڙا پهرين ٿا. قيمتي کان قيمتي ڪپڙو به هڪ ڏينهن کان وڌ نه پائيندا هئا. مخالفن کي هڪ نئون موضوع هٿ اچي ويو، " عبدالقادر دنياادار ٿي ويو آهي."

اهو بحث گهڻا ڏينهن هلي نه سگهيو. جلدي اهو راز کلي ويو ته اهو به سندن فڪر جو هڪ انداز هو ۽ مسڪينن جي مدد جو هڪ بهانو هو . قيمتي ڪپڙا هڪ ڏينهن پائڻ ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن ڪنهن محتاج کي ڏئي ڇڏيندا هئا. اهو غريب ماڻهو اهي ڪپڙا وڪڻي پنهنجي ضرورت پوري ڪندو هو. جيئن ته اهي ڪپڙا سندن پهريل هوندا هئا، ان ڪري سندن عقيدتمند واڌو ملهه ڏئي به ان کي خريد ڪري وٺندا هئا ۽ غريب ماڻهن جو پلو ٿي ويندو هو.

غريب ۽ مسڪينن جو خيال هر وقت ڪين هوندو هو. ۽ پاڻ هنن جي مدد ڪرڻ لاءِ بهانا پيا ڳولينداهئا. هڪ دفعي پاڻ حج بيت الله لاءِ وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ هڪ ڳوٺ ۾ ترسيا. پاڻ اتي هڪ ماڻهوءَ کان پڇيائون ته هن ڳوٺ ۾ سيني کان وڌيڪ ڪير محتاج ۽ مسڪين آهي؟ ماڻهن هڪ غريب پوڙهي بابت ٻڌايو.

پاڻ سڌو ان جي گهر ويا. پاڻ ان جي جهريل گهر ۾ رهڻ لاءِ موڪل ورتائون. ان پوڙهي خوشيءَ سان ڪين موڪل ڏني. سندن اچڻ جي خبر جيئن ئي ڳوٺ وارن کي پئي ته ڳوٺ وارا سندن لاءِ سوڪڙيون ڪڍي اچڻ لڳا. حيثيت وارن ماڻهن سون چاندي، ان، جانور ۽ ٻيون سوڪڙيون ڪڍي سندن خدمت ۾ آنديون.

پاڻ اهي سڀ شيون قبول ڪيون.

رات گهاري پاڻ جڏهن مڪي معظم لاءِ روانا ٿيا تہ اهو سڀ مال ۽ موڪڙيون ان پوڙهي کي هدئي طور ڏئي ويا. اهو بک ۽ غربت جو ماريل پوڙهو انهن سوڪڙين پاڪڙين ڪري رات وچ ۾ امير ٿي ويو.

☆☆☆

ست سال ٿي ويا هئا. پاڻ باطل جي مورچن تي عوامي خطبن ذريعي حملو ڪندا رهيا. پري پري کان ماڻهن سندن علم ۽ توجهہ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا هئا ۽ ان وهندڙ سمنڊ مان سيراب ٿي گهر ويندا هئا. هاڻ ضرورت ان ڳالهہ جي هئي تہ جيڪي ماڻهو سندن خطبن ڪري سڌي رستي تي اچي ويا هئا، انهن کي شريعت بابت سمجهائجي. ان لاءِ پاڻ مدرسي ۾ درس ڏيڻ جو انتظام ڪيو. فجر جي نماز کانپوءِ پاڻ مدرسي ويندا هئا. شاگردن ۽ ٻين ماڻهن کي شريعت جي طريقن بابت تعيلم ڏيندا هئا. هڪ سبق تفسير جو، هڪ حديث جو، هڪ فقہ جو، هڪ اختلاف ائمہ اهلسنت ۽ ان جي دليلن جو. هو ظهر جي نماز کانپوءِ وري شريعت بابت درس ڏيندا هئا.

حضرت عبدالقادر جيلاني علم جو وهندڙ سمنڊ هئا. نہ فقط ظاهري علم جو، پر باطني علم جو بہ وهندڙ بحر هو. سندن تربيت وٺندڙ ايترا ٽڙي پڪڙي ويا جو بغداد جون درسگاهون ڇڻ ويران ٿي ويون. سندن مشهوري ۽ عزت احترام وڌي ويو هو. سندن عظمت جو حال اهو هو جو مشائخ ۽ عالم سندن مدرسي ۾ ڀهاري ڏئي ڇنڊ ڪار ڪندا ٿيا. جڏهن پاڻ ڪين موڪل ڏيندا هئا تہ اهي سندن آڏو ادب مان اچي ويهندا هئا.

مشهور ولي الله شيخ علي بن ابي نصر الهيتي پنهنجن ساٿين سان گڏ پنهنجي رهائش زويران کان سندن خدمت ۾ بغداد ايندا هئا. بغداد ويجهو پهچندي ئي پنهنجن ساٿين کي چوندا هئا تہ دجلہ نديءَ ۾ غسل ڪري وٺو ۽ پنهنجين دلين کي وسوسن کان آجو ڪريو. اسان سلطان اولياءِ جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ وارا آهيون. بغداد ۾ پهچندي جڏهن ماڻهو سندن خدمت ۾ ايندا هئا تہ پاڻ فرمائيندا هئا شيخ عبدالقادر ڏانهن وڃو. مان تہ سندن هڪ ننڍڙو خادم آهيان. جڏهن حضرت غوث اعظم جي در تي ايندا هئا پنهنجي جتي لاهيندا هئا ۽ حاضر ٿيڻ لاءِ موڪل گهرندا هئا. پاڻ جڏهن ڪين سڏيندا هئا تہ ادب مان حاضر ٿيندا هئا.

هيبت ۽ جلال جو اهو حال هو جو وعظ ۽ مجلس ۾ ساهہ کڻڻ ڪانسواءِ ڪو ٻيو آواز ٻڌڻ ۾ نہ ايندو هو. وعظ مهل ڪنهن جي مجال نہ هوندي هئي تہ ڪو ڪير هيڏانهن هوڏانهن چري سگهي يا ڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪري يا وري ڪنهن سان سرهاڻ ڪري. جڏهن پاڻ ڪنهن واٽ تان لنگهندا هئا ماڻهو احترام مان رستي تي بيهي رهندا هئا. ڳالهائڻ روڪي، اکيون هيٺ ڪري ڇڏيندا هئا. سندن اٺ ۽ خچر جنهن تي پاڻ سوار هوندا هئا، جڏهن لنگهي ويندو هو تڏهن

ماڻهن کي هوش ايندو هو. هڪ ڏينهن پاڻ جامع مسجد ۾ وينا هئا. ڪين نيم آئي پاڻ الحمد الله چيائون. جواب ۾ ماڻهن يرحمڪ الله ويرحڪم چيو ته هزارين ماڻهن سان پريل مسجد گونججي وئي. مسجد کان ڏور خليفو المستنجد بالله به وينو هو. هن اهو آواز ٻڌو ته حيرت مان پڇيو ."هي ڇا جو آواز آهي؟"

" حضرت عبدالقادر جيلانيءَ کي نيم آئي آهي ۽ ماڻهن ان جو جواب ڏنو آهي." ماڻهن کيس جواب ڏنو.

اهو ٻڌندي ئي خليفي مٿان لرزو طاري ٿي ويو... الله اکبر! اها عظمت ۽ جلال... اها عظمت فقط الله جي ولي کانسواءِ ڪنهن کي حاصل ٿي سگهي ٿي.

ان ڏينهن کانپوءِ جڏهن اهو خليفو سندن نالو ٻڌندو هو ته ڏکي ويندو هو. جڏهن پاڻ خليفي کي ڪجهه لکت ۾ موڪليندا هئا ته اهو خليفو ان لکتيءَ کي اکين تي رکي چمندو هو ۽ ان تي عمل ڪندو هو. خليفي جي مجال نه هئي ته سندن چوڻ تي عمل نه ڪري.

☆☆☆

اهو هڪ سياڳو ڏينهن هو. پاڻ حلب جي محلي ۾ پنهنجي مهمان خاني ۾ واعظ ڪري رهيا هئا ته اوچتو مٿانهن بيخوديءَ واري حالت طاري ٿي وئي. پاڻ بي اختيار ٿي فرمايائون! "منهنجو هي پير هر ولي الله جي ڪنڌ تي آهي."

ان مجلس ۾ سوين اڪابر ۽ مشائخ دين موجود هئا. انهن سيني سندن اهو ارشاد ٻڌي پنهنجا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا. ڪامل شيخ علي بن ابو نصر الهيتي به ان مجلس ۾ موجود هو. پاڻ يڪدم اٿي سندن قدم مبارڪ پڪڙي پنهنجي ڪنڌ تي رکي ڇڏيو.

ڌرتي تي جتي جتي ڪو قطب ابدال يا ولي هو، انهن به حڪم الاهي سان سندن اهو آواز ٻڌو ۽ پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. خواجه معين الدين چشتي اجميري جو اهو جوانيءَ جو وقت هو. هو ان مهل خراسان ۾ جبلن منجهه رياضت ۾ مصروف هئا. انهن غائبانه اهو آواز ٻڌو ۽ پنهنجو ڪنڌ ايڏو ته جهڪائي هيٺ ڪيو جو سندن پيشاني ڌرتيءَ کي ڇهڻ لڳي. روايت آهي ته دنيا جا گهٽ ۾ گهٽ ٽي سؤ تيرنهن اولياءِ ڪرامن ان ارشاد آڏو پنهنجي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا هئا.

اصفهان جي هڪ ولي الله شيخ صنعان علم جي دريا جا زبردست عالم ليکيا ويندا هئا. اهو فرمان انهن به ٻڌو پر حضرت غوث اعظم جو رتبو سڃاڻڻ ۾ ڪانئن غلطي ٿي وئي. هن ڪنڌ جهڪائڻ کان انڪار ڪيو. ان وقت ڪين محسوس ٿيو ته سندن سڀ طاقتون، ڪرامتون ڪسجي ويون. پاڻ کي خالي محسوس ڪيائون ۽ گهبرائجي ويا. هاڻ ڪين سيڪجهه سمجهه ۾ اچي ويو هو. هو جتي وينا هئا، اتان اٿيا ۽ بغداد ڏانهن سفر شروع ڪيائون. ڪيترا ڏينهن سفر ڪرڻ کانپوءِ سندن آستاني تي پهتا. اتي ماڻهن جو هجوم هو. پاڻ نصيحت ۽ وعظ ڪري رهيا هئا. شيخ صنعان ماڻ ڪري هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو. اکين ۾

لڙڪ هئا. چهري جو رنگ پيلو هو. اتي ڪيترن جو اهو حال هو. ڪنهن ڏيان نہ ڏنو تہ ڪير اچي وينو آهي. وعظ جو آواز ڪنن ۾ اچي رهيو هو.

" جيڪو آخرت چاهي ٿو، ان کي زهد اختيار ڪرڻ گهرجي. سيني حاجتن کان انڌا ٿي وڃو ۽ ان مان ڪنهن سان بہ لاڳاپو نہ رکو. ڇو تہ جڏهن انهن ڳالهين تي ڌيان ڏيندؤ تہ ان مهل تائين الله جي فضل ۽ ڪرم جا در توهان تي بند ٿي ويندا. ان لاءِ پنهنجي حاجتن تي قابو رکو ۽ انهن کي پنهنجي يقين، فنا ۽ علم سان ڊاهي ڇڏيو."

جيئن ئي پاڻ ماڻ ٿيا تہ حضرت شيخ صنعان ميڙ مان نڪري حضرت عبدالقادر وٽ منبر تائين پهتا ۽ سندن پيرن تي ڪري پيا، " ڪير آهين؟ ڪٿان آيو آهين؟" حضرت عبدالقادر شفقت مان پڇيس.

"حضرت مان شيخ صنعان، اصفهان مان حاضر ٿيو آهيان."

"تون شيخ صنعان آهين! هي ڪهڙي حالت ڪئي اٿئي؟" پاڻ ڪيس اتاريو ۽ پنهنجي ويڇهو ويهاريو.

پوءِ شيخ صنعان ڪين سڀ ڪجهہ ٻڌايو ۽ معافي گهري. پاڻ ڪين ڀاڪر پاتو. ڀاڪر پائيندي ئي شيخ صنعان جا سڀ وڃايل درجا ڪين ٻيهر ملي ويا. پر درجن ۾ اڃا وڌيڪ واڌارو ٿي ويو.

سندن اهو فرمان تہ منهنجو پير هر ولي الله جي ڪنڌ تي آهي، سندن وات مان نڪتل فقط جملو نہ هئو، پر اهو حڪم الاهي هو. جيڪو سندن وات مان نڪتو هو. ڇو تہ سلطاني تاج سندن مٿي مبارڪ تي رکڻو هو. ڪين سيني اوليائن کان مٿي ٿيڻو هو.

ڪيترن اوليائن اها شهادت ڏني آهي تہ جنهن مهل ڪين اهو ارشاد مليو، ان مهل هنن فرشتن جو هڪ گروهہ هوا ۾ اڏامندي ڏٺو. اهو گروهہ سڌو سندن مجلس ۾ اچي وينو ۽ ڪين باطني بادشاهت تي مبارڪباد ڏني. ان ڏينهن دنيا جي ڪيترن ولين سندن آڏو ڪنڌ جهڪايو.

ان ارشاد جي معنيٰ ۽ مطلب ڪيترن ڏينهن تائين بحث هيٺ رهيو. ان ڳالهہ تي سڀ سهمت هئا تہ سندن اهو ارشاد حڪم الاهي مطابق هو، پر ان جي معنيٰ بابت اختلاف آهي. ڪجهہ ماڻهو ان قول بابت سندن ان وقت جي اوليائن ڪانسواءِ سندن ڪان اڳ وارا ۽ پوءِ وارا اولياءِ بہ ڳڻين ٿا. ان جي ابتڙ ٻين ماڻهن جو خيال آهي تہ سندن اهو فرمان صرف ان وقت جي ولين لاءِ مخصوص هو. ڇو تہ ولين ۾ اصحابي سڳورا، تابعين بہ شامل آهن، جن جي فضيلت ۽ سرسي مسلم آهي ۽ پوءِ ايندڙن ولين ۾ حضرت مهدي عليہ السلام بہ شامل آهي.

☆☆☆

سندن هستي اسلام لاءِ بهار جيان هئي، جنهن دلين جي قبرستان ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو هو ۽ اسلامي دنيا ۾ ايمان ۽ روحانيت جي هڪ نئين لهر ڇانئجي وئي هئي. لڪن جي تعداد ۾ حق

جا طالب سندن هٿ تي بيعت ڪري رهيا هئا. پوءِ اهي ئي سڪيا وٺندڙ ماڻهو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي تبليغ جا فرض انجام ڏيئي رهيا هئا. پاڻ جڏهن به ڪنهن مريد يا خادم کي حق جي دعوت ڏيئي روانو ڪندا هئا ته هي هدايتون ڏيندا هئا:

1. حاڪم ۽ اميرن جي نوڪري نه ڪرڻ.
2. ڪنهن امير کان وظيفو قبول نه ڪرڻ.
3. هر ڪم ۾ الله جي رضا ۽ خوشنوديءَ تي راضي رهڻ.
4. الله جي ڪتاب ۽ سنت رسول صه تي مضبوطيءَ سان عمل ڪرڻ.
5. شريعت جي حد کان اڳتي نه وڌڻ.
6. سادي زندگي گذارڻ.
7. هٿ ۽ وڏائيءَ کان پري رهڻ.
8. حق جي تبليغ ۾ ڪنهن رڪاوٽ کان مايوس نه ٿيڻ.
9. وقت جي پابندي ڪرڻ.
10. غير مسلمن سان برابريءَ جو سلوڪ ڪرڻ.
11. دنياوي شين ۽ ظاهري ڏيک کان پرهيز ڪرڻ.

پاڻ داعين جي جيڪا جي جماعت تيار ڪئي هئائون، اها ظاهري ۽ باطني علم ۾ پڙ هئي. ان جماعت جي ماڻهن سندن فيض مان پورو فائدو حاصل ڪيو هو. سندن رڳ رڳ ۾ خدا ۽ رسول صه جي محبت سمايل هئي. ڪين صرف زباني تبليغ نه ڪرڻي هئي، پر ڪين تعليمات محمديءَ جو عملي نمونو بنجي گمراهن کي حق جي راهه ڏانهن آڻڻو هو. اهي ماڻهو پنهنجي مرشد ڪامل جي سچي ۽ عملي تصوير هئا. هي جت به ويا، هڪ پاسي اسلام جي سچي تصوير پيش ڪئي ٻئي پاسي پنهنجي مرشد ڪامل جو بهترين تعارف ڪرايو. جيڪي ماڻهو حضرت عبدالقادر جيلاني سان ملي نه سگهيا هئا، انهن داعين کي ڏسي سندن عقيدتمند بنجي ويا.

سندن علم ۽ فضل جو درياهه اهڙو ته وهيو جو هر طرف کان ماڻهو جٿن جي صورت ۾ اچي فيض پرائيندا هئا. واعظ، تدريس ۽ عبادت الاهي مان ڪين ايڏو وقت ئي نه بچندو هو، پر پوءِ به پاڻ ڪنهن گهرجائوءَ کي مايوس نه ڪندا هئا. پاڻ ان ذميداريءَ کي به قبوليائون. سندن علمي صلاحيت جو اهو حال هو جو غور فڪر جي ڪين ضرورت نه پوندي هئي. مسئلو پڇي، جواب لڪرائيندا هئا. ڪيترا مريد قلم ۽ مس ڪٽي ويهندا هئا. پاڻ واري واري سان جواب لکرائيندا هئا.

عراقي عالم سندن فتويٰ ۽ انهن جي تڪڙن جوابن تي حيران هئا. مشهور محدث ۽ مؤرخ علامه ابن جوزي سندن مخالف هئا. سندن واعظ ۽ ارشاد تي سخت اعتراض ڪندا هئا. هڪ ڏينهن حافظ ابوالعباس احمد ڪين زوريءَ پاڻ سان گڏ حضرت غوث اعظم جي مجلس ۾ وٺي ويا. ان مهل پاڻ قرآن شريف جو درس ڏئي رهيا هئا.

چوڏاري شاگردن جو هجوم هو. شيخ ابوالعباس احمد ۽ علامه ابن جوزي درس کان پري ٿي ويهي رهيا. ايتري ۾

هڪ قاريءَ آيت پڙهي. سيد غوث اعظم ان جو ترجمو ڪري تفسير ٻڌائڻ شروع ڪئي. پهرين نڪتي تي حافظ ابوالعباس احمد، علامہ ابن جوزيءَ کان پڇيو، " ڇا توهان کي ان بابت ڄاڻ آهي؟" جوزي هاڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻيو. پوءِ ٻئي نڪتي تي بہ ڪائنس اهو سوال ڪيو. علامہ ابن جوزيءَ هاڪار ۾ جواب ڏنو. ايسين جو يارنهن تفسير جي نڪتن تي علامہ ابن جوزيءَ هاڪار ۾ جواب ڏنو. ان دوران حضرت غوث اعظم جو بيان اهڙيءَ طرح جاري هو، جڻ علم جو درياهہ وهندو هجي ۽ ڪٿي رڪجڻ جو نالو نہ ٿي ورتائون. ان ڪانپوءِ پاڻ لاڳيتو ان آيت جا چاليهہ تفسيري نڪتا ۽ رمزون بيان فرمايائون.

ٻاهرين نڪتي کان وٺي چاليهين نڪتي تائين علامہ ابن جوزي پنهنجي علم جي بيوسيءَ جو اعتراف ڪندا رهيا ۽ حيرت ۾ پنهنجو ڪنڌ لوڏيندا رهيا. آخر بي اختيار ٿي چيائون، " هاڻ قال کي ڇڏي حال ڏانهن موٽان ٿو."

پوءِ جوش ۾ اچي قميص ڦاڙي ڇڏيائون ۽ سندن ويجهو وڃي علمي عظمت جو اعتراف ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي نہ سگهيا. ان اعتراف ثابت ڪيو تہ ان وقت اسلامي دنيا ۾ حضرت عبدالقادر جو ڪو ثاني ناهي. حال ۽ قال ۾ سندن ڪو جواب نہ هو. پاڻ بيشڪ سلطان العارفين آهن. شيخ ابو الحسن سعد الخير بيان ڪن ٿا تہ هڪ دفعو شيخ عبدالقادر جي محفل ۾ حاضر ٿيس ۽ سيني جي پنيان ويهي رهيس. پاڻ ان مهل زهد تي ڳالهائي رهيا هئا. منهنجي دل ۾ خواهش ٿي تہ پاڻ معرفت تي ڳالهائين. پاڻ اوجتو زهد تي ڳالهائڻ ڇڏي معرفت تي ڳالهائڻ شروع ڪيائون. پوءِ مون چاهيو تہ شوق بابت ڳالهائين. پاڻ ان مهل ئي شوق تي ڳالهايائون. پوءِ مون چاهيو تہ پاڻ فنا ۽ بقا تي ڳالهائين. پاڻ فنا ۽ بقا بابت ڳالهايائون. وري منهنجي دل غيبت بابت سندن ارشاد ٻڌڻ لاءِ بيتاب ٿي. پاڻ ان موضوع تي بہ تفصيل سان ڳالهايائون. پوءِ زور سان مونکي چيائون، " ابوالحسن اڄ جي ڏينهن لاءِ اهو ڪافي آهي." مان حيرت مان وائڙو ٿي ويس.

☆☆☆

پنجين صدي هجريءَ جو اڌ اسلامي دنيا لاءِ فساد ۽ بيچينيءَ جو وقت هو. سياسي انقلاب ۽ گهرو ويڙهہ مسلمانن کي اخلاقي ڪاهين ۾ ڪيرائي وڌو هو. هر طرف بدعت ۽ فرقي واريت عام هئي. غير اسلامي عقيدن جي ڪلي عام نمائش ڪئي ويندي هئي. مدرسا ڪليل هئا، پر سبق نڙيءَ کان هيٺ نہ ٿي لٿا. ولي الله جا پوئلڳ موجود هئا، پر سندن دلين تي تالا لڳل هئا. اذانون تہ ٿي رهيون هيون، پر بلاول جو روح نہ هو. خانقاهون تہ عام هيون، پر پيغام نہ هئا. هر پاسي اونداهي ڇانيل هئي.

حضرت شيخ عبدالقادر نفس جو مسيحا ان وقت بہ مرده دلين کي جيئرو ڪيو ويٺو هو. سندن وعظ ڪري

ڪائنات جو ذرو ذرو جرڪي رهيو هو. پاڻ نہ فقط عام ماڻهن جي تربيت ڪئي، پر سندن فيض عام سان عالم، اوليائن بہ فيض حاصل ڪيو. پاڻ اهڙا صالح انسان تيار ڪيائون، جيڪي ڪائنڪ پوءِ اسلامي زندگيءَ کي زنده ڪرڻ لاءِ ڪر ڪندا رهن. هڪ اجڙيل باغ ۾ پاڻ نوان گل ۽ ٻوٽا پوکيائون. ان لاءِ ڪين محي الدين جي لقب سان نوازيو ويو، جنهن جي معنيٰ آهي دين کي جيارڻ وارو.

هڪ دفعي حضرت غوث اعظم کان ڪنهن پڇيو تہ پاڻ محي الدين جي لقب سان ڪيئن مشهور ٿيا؟

پاڻ فرمايائون تہ هڪ ڏينهن مان بغداد کان ٻاهر ويس. موٽيس تہ رستي ۾ هڪ بيمار ۽ بيحال ماڻهوءَ کي ڏٺم، جيڪو ڪمزوري ۽ لاچاريءَ ڪري هلي نہ ٿي سگهيو. جڏهن مان هن وٽ پهتس تہ هن چيو، "اي شيخ! مون تي ڏيان ڏي ۽ پنهنجي مسيحائيءَ مان مونکي طاقت ڏي." مان رب جي آڏو ٻاڏائي هن جي صحت لاءِ دعا گهري ۽ پوءِ هن تي دم ڪيو ۽ هو چڱو ڀلو ٿي ويو ۽ هن مون کان پڇيو، "عبدالقادر مون کي سڃاڻين ٿو؟"

" نہ!" مون جواب ڏنو.

" مان تنهنجي نانا سائينءَ جو دين آهيان. پوڙهو هئڻ ڪري اها حالت ٿي وئي آهي. الله تعاليٰ تنهنجي ڪري مونکي نئين حياتي ڏني آهي. تون محي الدين آهين."

مان هن کي ڇڏي مسجد ڏانهن هليو ويس. مسجد ۾ نماز ادا ڪيم، جيئن ئي سلام ورايم، هڪ ماڻهو رستي تان ڊوڙندو آيو ۽ رڙيون ڪري چيائين، "سيد محي الدين!" مان حيران ٿي ويس. منهنجي چئني پاسي ماڻهن جي پيهه هئي، جيڪي "محي الدين" جا اڀ ڏاريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا. ان کان اڳ ڪنهن مونکي ان لقب سان نہ سڏيو هو.

ڪين زماني جي ماڻهن جي ڪمزور عقيدي جي خبر هئي. پاڻ ڄاڻندا هئا تہ هي ماڻهو فقط نصيحت ڪرڻ تي مڙڻ وارا ناهن. هي ان کي ولي الله سمجهن ٿا، جيڪو ڪين ڪرامت ڏيکاري. پاڻ گهڻيون ڪراميون ڏيکاري انهن ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪيو هو. ان لاءِ سندن ڪرامتن جي گهڻائي منفرد آهي.

مشهور ولي الله شيخ علي ابن ابي نصر الهيتي بيان ڪن ٿا تہ مان پنهنجي دور ۾ ڪو اهڙو ماڻهو حضرت عبدالقادر کان وڌ ڪرامتون ڏيکاريندڙ نہ ڏٺو. جنهن مهل ڪو ماڻهو سندن ڪرامت ڏسڻ چاهيندو هو، ڏسي وٺندو هو.

شيخ الاسلام عزالدين عبدالسلام جو قول آهي تہ شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جون ڪرامتون جنهن ترتيب سان آهن، اهي ڪنهن ٻئي وليءَ جون ناهن. امام ابن تيميہ جو قول آهي تہ حضرت شيخ عبدالقادر جون ڪرامتون حد کان وڌي ويون هيون.

☆☆☆

561 هہ ۾ سندن عمر مبارڪ نوي سال هئي ۽ پاڻ 91 سال ۾ داخل ٿيا هئا. جنهن مقصد لاءِ الله تعاليٰ آسمان کان

ڏرتيءَ تي موڪليو هو، پاڻ اهو مقصد پورو ڪيو هئائون. آسمان جا رهندڙ سندن فراق ۾ پل پل ڳڻي رهيا هئا. جڏهن اهو مشن پورو ٿي ويو تہ پاڻ وصال جون تياريون ڪرڻ لڳا. عمر جو 91 سال شروع ٿيندي ئي ڪين جسماني عضون ۾ بيچيني ۽ ڪمزوري محسوس ٿي، جيڪا اڳتي هلي ڪري اچا گهٽو وڌي وئي ۽ پاڻ بيمار ٿي پيا. اهو اشارو ان ڳالهہ ڏانهن هو تہ هاڻي سندن حقيقي محبوب کي جدائي گوارا نہ هئي. سڏ ٿيڻ وارو هو. هتي بہ محبوب سان ملڻ جي جلدي هئي.

وينو آهيان، جيسين مونکي سڏ نہ ٿو ٿئي!

ربيع الثاني 561ھ ۾ جڏهن بيماريءَ جي ڪري سندن ڪمزوري ۽ بيماري وڌي وئي تہ ڪين يقين ٿي ويو تہ هاڻي دنيا مان وڃڻ جو وقت ويجهو آهي. پاڻ پنهنجي گهر ڀاتين کي گهرايو ۽ چيو تہ هاڻي مان توهان کان وڇڙڻ وارو آهيان. هي ڀاڪيزه نفس رضا تي راضي رهڻ وارا هئا. روئڻ جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو.

سندن پٽ عبدالوهاب چيو، " بابا سائين مونکي اهڙي نصيحت ڪيو، جنهن تي مان توهان جي وصال کانپوءِ بہ عمل ڪيان."

پاڻ فرمايائون، " الله جي عبادت کي پنهنجي عادت بنائجان . ڪنهن کان بہ نہ ڊڄ ۽ نہ اميد رک. سڀ حاجتون الله جي حوالي ڪر ۽ ان کان ئي گهر. الله تعالىٰ کانسواءِ ڪنهن تي بہ ڀروسو ۽ اعتماد نہ ڪر. پاڪ آهي اها ذات. توحيد تي عمل ڪر. توحيد ئي سيني شين جو گلدستو آهي."

رحلت کان هڪ ڏينهن اڳ ۽ هڪ رات سندن وات تي هي ڪلما هئا، "وعليڪم السلام و رحمت الله و برڪاته. الله تعالىٰ مونکي بخشي ۽ توهان کي بہ. منهنجي توبہ قبول فرمائي ۽ توهانجي بہ. بسم الله اچو ۽ موڪلائڻ کانسواءِ نہ وڃو." سندن هڪ پٽ حال پڇيو تہ فرمايائون! مونکان ڪير ڪجهہ نہ پڇي. مان اهو ئي آهيان. خدا جي راضپي جي لاءِ ٻاڏائي رهيو آهيان."

سندن پٽ شيخ عبدالجبار پڇيو تہ حضور! ڪٿي سور تہ محسوس نہ ٿو ٿئي؟ فرمايائون تہ دل مطمئن آهي، ان کانسواءِ سڀ عضوا تڪليف ڏين پيا.

وصال کان ڪجهہ دير اڳ پاڻ تازي پاڻيءَ سان غسل ڪري عشاءِ جي نماز ادا ڪيائون. دير تائين خدا آڏو سجدي ۾ رهيا ۽ سڀ مسلمانن لاءِ هر هر اها دعا گهريائون:

اي الله! محمد مصطفيٰ صہ جي امت کي بخش ڪر.

اي الله! محمد صہ جي امت تي رحم ڪر.

اي الله! محمد صہ جي امت کي درگذر فرماءِ.

جڏهن پاڻ مٿي اٿيا تہ غيب مان آواز آيو، " اي پاڪ انسان پنهنجي رب ڏانهن موٽي اچ. تون هن کان راضي آهي، هو توکان راضي آهي. بس منهنجي ٻانهن ۾ داخل ٿي ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿي."

ان کانپوءِ پاڻ بستري تي سمهي پيا. سڀ پٽ چوڏاري بيٺا هئا. پاڻ انهن سيني کي پري ٿي وڃڻ جو حڪم ڏنو." مون وٽان پري ٿي وڃو. مان ڏسڻ ۾ توهان سان آهيان، پر باطني طرح ڪنهن ٻئي سان آهيان. منهنجي، توهانجي، سڄي خدا جي خلق ۾ ايڏو فاصلو آهي، جيئن زمين ۽ آسمان..."

ڪجهه دير کانپوءِ فرمايائون، "مون وٽ توهان کان سواءِ ٻيا ماڻهو به آيل آهن. انهن کي جاءِ ڏيو ۽ انهن جو ادب ڪريو. هتي وڏي پيهه آهي. هنن مٿان جاءِ تنگ نه ڪريو."

اهو چوندي ئي بيهوش ٿي ويا. اهي لفظ سندن وات تي هئا." مان مدد تو گهران ان خدا کان، جنهن کانسواءِ ڪير به خالق ۽ معبود ناهي. جيڪو جيئرو آهي، ڪڏهن نه مرندو، نه هن کي مرڻ جو ڊپ آهي. پاڪ آهي اهو رب، جيڪو طاقت ۾ سيني تي غالب آهي. هن پنهنجي ٻانهن تي موت کي غالب ڪيو. نه ڪو معبود آهي الله کانسواءِ ۽ محمد الله جو رسول آهي."

ان کان پوءِ سندن آواز جهيڻو ٿي ويو ۽ سندن روح پرواز ڪري ويو.

وفات جي خبر جيئن گهر کان ٻاهر نڪتي هر طرف ڪهرام مچي ويو. آهه و زاريءَ کانسواءِ شهر ۾ ڪو آواز ٻڌڻ ۾ نه ٿي آيو. جيستائين اها خبر پهتي، ماڻهو چرين جيان علم جي چنڊ جيان جرڪندڙ هستيءَ جي زيارت ڪرڻ لاءِ سندن آستاني مبارڪ ڏانهن ڊوڙيا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هزارين ماڻهو گڏ ٿي ويا.

جنازو کنيو ويو ته هر زبان تي سندن چرچو هو. بغداد جي ڌرتي اهڙي شان وارو جنازو اڳ ڪڏهن نه ڏٺو هو. خلق جو ايڏو هجوم هو جو ڪنهن بادشاهه کي به اهڙو شان نصيب نه ٿيو هوندو. عقيدتمندن آلين اکين سان سندن جسد خاڪيءَ کي آخري آرامگاهه حوالي ڪيو. سندن يادن جو مرقد هر دل ۾ هميشه لاءِ جڙي ويو. باب ازج، بغداد ۾ سندن مزار مبارڪ اڄ به ڏسڻ وٽان آهي.

☆☆☆

قول

☆ ڪتاب جواني ۾رهنمائي ،پيڙهي ۾ تفريح ۽ اڪيلائيءَ ۾رفيق ثابت ٿين ٿا. (البيروني)

☆ وراثت ۾مفسلي ملي ته شرافت کي اپنايو . (بقراط)

☆ حڪمت هڪ وڻ آهي جيڪو دل ۾پيدا ٿيندو آهي ،دماغ ۾ وڌندو آهي ۽ زبان تي فصل ڏيندو آهي.
(حضرت علي رضه)

☆ مرض جو پيءُ ڪير به هجي پر خراب خوراڪ ان جي ماءُ آهي.
(جارج هربرٽ)

☆ جيڪو محنت ڪندو آهي اهو ناممڪن کي تسليم نه ڪندو آهي.
(برائوننگ)

☆ خوبصورتيءَ کي پنهنجي اندر ۾ تلاش ڪريو،چو ته توهان کي خوبصورتي ٻئي ڪنهن هنڌ نظر ڪو نه ايندي.
(ايمرسن)

غلام حيدر ڊيلو (مورو)

اڄان مان اخبار جي آفيس ٻاهران مس پهتو هوس جو سامهون دعا کي دفتر مان ٻاهر ايندي ڏٺم. منهنجي ڪليگ آهي. اسين ٻئي فيچر رائيٽر آهيون. شهر ۾ ڪو فنڪشن هجي، ڊرامه فيسٽيول هجي، تعليمي ڪانفرنس هجي، وڏن اسٽورن تي اڌ قيمت ۾ مال وڪرو ڪرڻ لاءِ سيل لڳل هجي، نئين فاسٽ فڊ ريسٽورنٽ کلي هجي، اسين ٻئي، دعا ۽ مان، ڪڏهن ڪڏهن گڏ ۽ ڪڏهن جدا جدا موقعي تي پهچي فيچر تيار ڪندا آهيون. مان ڪجهه ڪجهه موڳو ڪجهه ڪجهه مٽر آهيان. تنهن ڪري سڄي مهيني ۾ مشڪل سان هڪ فيچر لکي سگهندو آهيان. سو به منهنجي ايڊيٽر کي پسند نه ايندو آهي. انيڪ ويڪون ڪيڊي

وڏي عرصي تائين اثر رکندڙ دل کي ڇوهندڙ ڪهاڻي

امر جليل

ڪينسر

بدلجندڙ حالتن ۽ وقت جي تقاضائن تحت هر ڪو تبديل ٿيڻ چاهي ٿو. اهو رجحان اسان جي معاشري ۾ به وڌي رهيو آهي. انهيءَ جو عڪس توهان کي هن عظيم ليکڪ جي ڪهاڻيءَ ۾ نظر ايندو جنهن ۾ ڪلن جون ٻوليون لڳي رهيون هيون ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي حالتن تحت بهروپ اپنائڻ لاءِ ان کي حاصل ڪري رهيو هو.

وٺندو آهي. دعا هر هفتي ذري گهٽ هڪ فيچر لکي وٺندي آهي. سندس لکيل فيچر هر آچر تي اخبار جي سنڌي ايڊيشن ۾ شايع ٿيندو آهي، ۽ ڏاڍي شوق سان پڙهيو ويندو آهي.

مون کي ڏسي پريان کان هٿ لوڏيائين ۽ پوءِ پاڻ ڏانهن اچڻ جو اشارو ڪيائين. موٽر سائيڪل پارڪ ڪري مان دعا ڏانهن هليو ويس. دعا ڪجهه ڪجهه ڪارڙي ۽ ڪجهه ڪجهه ٿلهڙي آهي. هلندي هلندي پير وچڙي پوندو اٿس ۽ هڪدم هڪ عدد ٿاهو

ڪائي وٺندي آهي. ٽاهو ڪائڻ ڪانپوءِ اتر بدران ڏکڻ هلي ويندي آهي. ڪاري در بدران مٿي در هلي ويندي آهي. صدر بدران سولجر بازار ڪان وڃي نڪرندي آهي. متان سمجهو تہ پنڌ تي زور هوندو اٿس! دعا وٽ قديم دور جي ووڪس ويگن ڪار آهي، جنهن جي باري ۾ ماڻهن جو رايو آهي تہ اُها ڪار ٻي مهاڀاري جنگ دوران هٽلر جي استعمال ۾ هئي. والله عالم بصواب. پنڌ ڪندي آهي تہ دعا پاڻ ٽاهپا ڪائيندي آهي. ڪٽاري ووڪس ويگن هلائيندي آهي تہ سندس ڪار ٽاهن جهڙا جهٽڪا ڪائيندي آهي.

"توبهہ تائب ٿي ۽ ڏٺي ۽ در دعا گهر." دعا چيو "ايڊيٽر ڪات ڪهاڙا تڪا ڪري ويٺو اٿئي."

چيم "دعا، توکي ڏسڻ کان پوءِ مون دعا گهرڻ ڇڏي ڏني آهي."

دعا مُڪ اولارندي چيو "توکان وڌيڪ ذليل ماڻهو مون زندگي ۾ نہ ڏٺو آهي."

"شڪر ڪر تہ ڏسي ورتو اٿئي." چيم "بنا ڏسڻ جي مري وڃين ها تہ تنهنجو روح مون کي ڏسڻ لاءِ ڀٽڪندو رهي ها."

سچ پچ مڪ وهائي ڪڍيائين. پوءِ چيائين، "سڌو ايڊيٽر سان وڃي ملجان ۽ متان وڃي چمپا ڪلي ۽ جي چمچاگيري ڪرين. ٿي سگهي ٿو تہ ايڊيٽر اج توکي ٽپڙ ٻڌائي."

مون اخبار جي آفيس طرف ڊڪ پاتي. مون کي ايتري پڪ هئي، تہ ايڊيٽر فنانني مون کي ڪنهن بہ صورت ۾ نوڪريءَ مان نہ ڪڍندو. هن مون کي ميرٽ تي نہ بلڪ ايم اين اي سردار شرڙ خان ڪپتئي جي چوڻ تي نوڪريءَ ۾ رکيو هو. ياد رکجو تہ ميرٽ واري کي سولائيءَ سان ڪن کان ڇڪي ٻاهر ڦٽو ڪري سگهبو آهي، پر سفارشيءَ کي هرگز نہ تنهنڪري مون کي پڪ هئي تہ ايڊيٽر فنانني مون کي نوڪري مان نڌڪو يا الله سائينءَ جو ماڻهو سمجهي ڪڍي نہ سگهندو. مان سردار شرڙ خان ڪپتئي جو ماڻهو هوس. بس مون کي هڪ ڳالهہ جو ڊپ رهندو هو ۽ رهندو آهي تہ ايڊيٽر فنانني ڪنهن ڏينهن منهنجي نالائق هئڻ جو ذڪر سردار شرڙ خان ڪپتئي سان نہ ڪري ويهي. ٻئي پيالي پائي آهن. فنانني ميڊيا ذريعي سردار شرڙ خان ڪپتئي کي پبلسٽي ڏيندو آهي. موت ۾ سردار شرڙ خان ڪپتئو فنانني کي اخبار لاءِ اضافي اشتهار اضافي ڪاغذ جي ڪوٽا، پرنٽنگ پريس لاءِ مشينون گهرائڻ جون پرمٽون وٺي ڏيندو آهي جيڪي هو وڪڻندو رهندو آهي. تنهنڪري هو ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي جي ڳالهہ ٽاري نہ سگهندا آهن . مون کي بس اهو ئي ڊپ رهندو آهي تہ فنانني ڪنهن ڏينهن منهنجي شڪايت سردار شرڙ خان ڪپتئي سان نہ ڪري ويهي.

مان ڊوڙندو ايڊيٽوريل اسٽاف روم ۾ داخل ٿيس. چمپا ڪلي سڌو اچي مٿي ۾

لڳي. ڪنهن ڪم سانگي پنهنجي ڪيبن مان ٻاهر آئي هئي. مون کي ڏسي منهن تي مرڪ تري آيس. چيائين، "اڄ تنهنجو خير ناهي، بالم. ايڊيٽر بندوق پري تنهنجي انتظار ۾ ويٺو آهي. اڄ تنهنجو سر ويو. مان سيٽي توکي فيئرويل پارٽي ڏينداسين."

مان ڪيڙي ڪنهندي بيهي رهيس. اخبار ۾ ڪم ڪرڻ وارن جو خيال آهي ته چمپا ڪلي، سان منهنجو ڪو افيئر هلي رهيو آهي. سندن خيال اصل ۾ خام آهي. غلط آهي. چمپا ڪلي ڪلندي ڳالهائيندي، ۽ گهمندي ڦرندي مون سان آهي، پر عشق پي آئي اي جي هڪ پائليٽ سان ڪندي آهي. "مٽر چو ٿي ويو آهين؟" چمپا ڪلي، چيو "اندر وڃ."

بلائن ۽ مصيبتن کي ٽارڻ واريون جيڪي به آيتون مون کي ياد هيون، مون پڙهي پاڻ تي شوڪاري ڇڏيون. مان ايڊيٽر جي ڪمري ۾ داخل ٿيس. مون کي ڏسڻ شرط باهه ٿي ويو. چيائين، "خدا جي واسطي اسان جي جند ڇڏ بالم. ٻي ڪا وڃي نوڪري ڪر."

ڇا ٻڌايانس ها ته ٻي ڪا نوڪري ڪرڻ جهڙو هجان ها ته پوءِ توجهڙي ڪڙوس جي نوڪري ڇو ڪريان ها! ڇڙهون ڇو سهان ها! هڪ دفعي زنانن بوٽن جي دڪان تي نوڪري ڪئي هيم. طرحين طرحين قسم جون عورتون ۽ ڇوڪريون سينڊل وٺڻ ايندڙيون هيون. ڊينڊيون عورتون هميشه وڏي ڪڙيءَ وارا سينڊل وٺندڙيون هيون. عورتن کي سينڊل پارائڻ وارو ڪم مون کي ڏاڍو وڻندو هو. انهن ڏينهن ۾ مان ڏاڍو رومانٽڪ هوندو هوس. سوچيندو هوس ڪڏهن نه ڪڏهن هڪ سهڻي، من موهڻي ڇوڪري اعليٰ قسم جي ڪار ۾ چڙهي ايندي، ۽ هڪ ايم اي پاس نوجوان کي بوٽن جي دڪان تي ڪم ڪندو ڏسي مون تي آڪن ڇڪن ٿي پوندي، پوءِ مون سان پڇي هلي پيار جو پرڻو ڪندي. اخبارن ۾ اسان جا فوٽا ڇپبا. ٿي ويءَ وارا ڪيميرائون ڪٽي اسان جي ڪڍ هلندا. اسان جا انٽرويو رڪارڊ ڪندا جنهن ۾ اسين ظالم سماج جا ڏاجوڙا ڪڍي ڇڏينداسين. پر، ائين ٿي نه سگهيو. ان بدران ڪجهه ٻيو ٿي پيو.

هڪڙي ڏينهن هڪ سهڻي من موهڻي عورت چمڪندڙ موٽر ۾ چڙهي آئي. قد جي ڊگهي هئي. تنهنڪري ڊگهي ڪڙيءَ وارو سينڊل نه گهريائين. ننڍي ڪڙيءَ وارو سينڊل گهريائين. مون ڪيس ۾ چار سينڊل سهڻي سڊول پيير ۾ پارايا. هڪ سينڊل پارائي مان سندس پير جهلي ويهي رهيس. هوءَ وائڙي ٿي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. سوچيم سوين قيامتون ايندڙيون. گذري ويندڙيون. پر مان سندس پير نه ڇڏيندس. سندس پير جهلي زندگيءَ جا باقي ڏينهن گذاري ڇڏيندس. پر، ان جي برعڪس ڪجهه ٻيو ٿي پيو. مالڪ وڃ ۾ پئجي مائيءَ جو پير منهنجن هٿن مان ڇڏايو. مائيءَ جي پير ۾ مان گڏ مون کان نوڪري به ڇڏائجي ويئي.

ان کان پوءِ سردار شرڙ خان کپتئي جي سفارش سان مونکي فنانني ۾ نوڪري ملي. ايڊيٽر جي ڪاوڙ ڍري ڪرڻ لاءِ پڇيم. "سائين مون کان ڪا پل چڪ ٿي ويئي آهي ڇا؟"

"پل چڪ کان سواءِ اج تائين تو ڪيوئي ڇاهي!" ايڊيٽر چيو "شهر ۾ عجب اسرار ٿي رهيا آهن. ۽ تون بيخبر گهمندو پيو وتين!"

"سڀ ڪجهه ساڳيو ئي ته آهي سائين." چيم. "اهي ئي نوڪر. اهيئي پوليس وارا. اهي ئي ڪاموراڻا. اهي ئي ڏنڌا. اهي ئي ڏاڙيون. شهر ۾ ڪهڙا عجب اسرار ٿيا آهن؟"

منهنجين اکين ۾ اکيون وجهي چيائين. "خبر اٿئي ته گذريل هفتي کان شهر ۾ هڪ اهڙي اداري ڪم شروع ڪيو آهي جتي ماڻهو پنهنجي زبان وڪڻي رهيا آهن."

مون کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. فقط ايترو ڪچيم. "زبان؟"

"زبان معنيٰ ڄڻ" ايڊيٽر چيو "ماڻهو پنهنجي ڄڻ وڪڻي رهيا آهن. عنقريب اهڙا ادارا به کلندا جتي ماڻهو پنهنجا ڪن ۽ پنهنجيون اکيون وڪڻندا."

مان ڳالهه ٻڌي ڀنوانجي ويس. چيم "مان هاڻي وڃي ٿو زبان خريد ڪرڻ واري اداري تي هڪ زبردست فيچر تيار ڪريان."

"ڪا ضرورت ڪونهي." ايڊيٽر چڙهه ڪڍندي چيو "مس دعا زبان خريد ڪرڻ واري اداري تي فيچر تيار ڪري مون کي ڏيئي ويئي آهي."

ايڊيٽر مون کي دعا جو فيچر ڏيکاريو. مان زندگيءَ ۾ شرمندو مڙيئي گهٽ ٿيندو آهيان. پر. ان ڏينهن سچ پچ مان شرمندو ٿيس ۽ دل ئي دل ۾ دعا کي بد دعا ڏنم.

"هوٽ لٽڪائي ڇو ويٺو آهين؟" ايڊيٽر فنانني ۾ چيو "اج شهر ۾ هڪ اهڙي دڪان جو افتتاح ٿيو آهي. جتي مختلف قسم جون کلون وڪامي رهيون آهن. ۽ ماڻهو ڏڙا ڏڙ پنهنجي پنهنجي پسند جي کل خريد ڪري رهيا آهن."

مان وائڙو ٿي ايڊيٽر ڏانهن ڏسندو رهيس.

ايڊيٽر دٻ ڪڍيندي چيو "مونکي ڇا ٿو ڏسين! وڃ وڃي کلن وڪڻڻ واري دڪان تي فيچر تيار ڪري اچ."

ايڊيٽر جي ڪمري مان ٻاهر اچي چمپاکليءَ کان کلن وڪڻڻ واري دڪان جو ڏس پتو ورتم. چمپا کلندي پڇيو "ڊوز ڪئين لڳءِ؟"

چيم "ورهين کان پوءِ شرمندو ٿيو آهيان."

چمپا چيو "تنهن جي معنيٰ ته ايڏو نرڇو ناهين."

"ٺيڪ آهي چمپا. جيڪي وڻئي چئي وڻ. اج تنهنجو ڏينهن آهي." چيم. "ايوري ڊاگ هئز هز ڊي."

کلي پيئي. چيائين. "پر. مان ڊاگ ته

ناهيان؟"

چيم "اهو ئي تہ افسوس آهي."

"سوئر ڪنهن جاءِ جا." چمپا تہ تہ ڪري ڪلي پيئي

پنهنجي موٽر سائيڪل تي سوار ٿي سڌو وڃي ڪلون وڪڻڻ واري دڪان ٻاهران بيٺس. دڪان اندر ۽ دڪان ٻاهران ماڻهن جي ڀيڙ هئي. مان دڪان ۾ لنگهي ويس. ديسي فلاسافرن جهڙو هڪ شخص ڪلون وڪڻي رهيو هو. هن جي پاسي کان ڪلن جو ڍير پيو هو. هڪ هڪ ڪري ڪل ڪڍي، ڪل بابت وضاحت ڪري هو ڪلون وڪڻندو پي ويو. هن هڪ ڪل ڪڍي ماڻهن کي ڏيکاريندي چيو "هيءَ هڪ ريڊ جي ڪل آهي. هيءَ ڪل پائي ڪو به بگهڙ سولائيءَ سان رڍن جي ڌڻ ۾ شامل ٿي رڍون کائي ڪپائي سگهندو آهي."

هڪ ماڻهو اڳتي وڌي آيو ۽ ڪل خريد ڪري دڪان مان نڪري ويو.

ڪلن واري هڪ ٻي ڪل ڪڍي ماڻهن کي ڏيکاريندي چيو"هيءَ هڪ شينهن جي ڪل آهي. هيءَ ڪل پائڻ کان پوءِ گيديءَ کان گيدي شخص پاڻ کي بهادر سمجهڻ لڳندو آهي. باقي اڳتي ڪٿن اوهان جا پاڳ."

ماڻهو منجهي پيا. ڪٿن اوهان جا پاڳ واري جملي جي ڪانئس وضاحت ورتائون. ڪلون وڪڻڻ واري چيو "شينهن جي ڪل پائڻ کان پوءِ عين ممڪن آهي تہ اوهين ڪنهن شينهن جي شڪاريءَ جي گوليءَ جو ٻک ٿي وڃو."

ماڻهو چؤپول ۾ پئجي ويا. ڪو به ڪل خريد ڪرڻ لاءِ اڳتي نہ آيو. ڪلون وڪڻڻ واري چيو "شينهن جي ڪل پائڻ کان پوءِ بيروزگار کي روزگار ملي ويندو آهي."

"سو وري ڪيئن؟" هڪ بيروزگار پڇيو.

"شينهن جي ڪل پائڻ کان پوءِ اوهان کي سرڪس ۾ ڪم ملي ويندو. اوهين رِنگ ماسٽر جي اشارن تي ماڻهن کي ڪرتب ڏيکاريندا. باهہ لڳل گول ٿان اوهين جمپ ڏيندا. ٻڪريءَ سان گڏ گاهہ کائيندا ۽ هڪئي گهات تان پاڻي پيئندا،سرڪس جي آخري شو ۾ شينهن يعني اوهين ٻڪريءَ سان پيار جو پرٽو ڪري ڇڏيندا."

ڏڏين تنگن وارو هڪ نوجوان اڳتي وڌي آيو ۽ شينهن جي ڪل وٺي هليو ويو.

ان کان پوءِ ڪلون وڪڻڻ واري هڪ ڪل ڪڍي ماڻهن کي ڏيکاريندي چيو "هيءَ ڪل هڪ پولڙي جي آهي. اوهان سيني کي خبر آهي تہ پولو هڪ وڻ جي تاريءَ تان ٻي وڻ جي تاريءَ تائين ٽينگ ٽپا ڏيندو آهي. ۽ ڏاڍو مصروف لڳندو آهي. هيءَ ڪل اهڙي ماڻهوءَ لاءِ مفيد آهي جيڪو سست ۽ ڪاهل هوندو آهي. پر آفيسرن آڏو مصروف نظر اچڻ لاءِ اجايا هٿ پير هڻندو آهي."

هڪڙي ماڻهوءَ پولي جي ڪل خريد ڪئي ۽ دڪان مان نڪري ويو.

ان کان پوءِ ڪلون وڪڻڻ واري هڪ ڪل ڏيکاريندي چيو "هيءَ اُٺ جي ڪل آهي. اوهين جيڪڏهن ڊينڊا آهيو ۽

اوهان کي ڪنهن ڊگهي عورت سان عشق ٿي پيو آهي تہ پوءِ اوهان لاءِ اُٺ جي ڪل وٺڻ لازمي آهي. دنيا جي بيوقوف ڪان بيوقوف عورت پاڻ کان ڊيندي شخص سان عشق نہ ڪندي آهي. ڊيندي سان عشق ڪرڻ بدران ڦاٽو ڪائي مرڻ کي ترجيح ڏيندي آهي."

هڪ ڊيندو اڳتي آيو ۽ اُٺ جي ڪل خريد ڪري هليو ويو.

ان مهل هڪ پر اسرار شخص دڪان ۾ داخل ٿيو. هو ڪلهن کان پيرن تائين اڇي چادر ۾ ويڙهيل هو. منهنجي پر سان اچي بيٺو. هن جون نگاهون ڪلون وڪڻڻ واري تي ڪتل هيون. اکين ۾ اڻ تڻ هئس. ڏاڍو بيچين پي لڳو.

ڪلون وڪڻڻ واري هڪ ڪل ڏيکاريندي چيو "هيءَ ڪُتي جي ڪل آهي."

ماڻهن جي وات مان ڏکار سبب آواز آيو. "اوها!"

"اجايو حيران نہ ٿيو. هيءَ وڏي ڪم جي ڪل آهي." دڪان واري چيو "ڪتي جي ڪل پائڻ کانپوءِ اوهين ايندي ويندي تي يونڪي سگهندا. جيڪڏهن اوهين اهڙي اداري ۾ نوڪري ڪريو ٿا، جنهن جو صاحب بدمزاج ۽ بدزبان آهي، ۽ روزانو اوهان جي پڳ لاهيندو آهي، تہ پوءِ اوهان کي ڪتي جي ڪل وٺي پائي ڇڏڻ گهرجي. ڪتي جي ڪل سان ڪتي جو اصلي پڇ بہ لڳل آهي. اوهين پڇ لوڏي بدمزاج ۽ بدزبان صاحب کي خوش رکي سگهندا."

سوچيم، اِها ڪَلَ منهنجي لاءِ مناسب آهي. وٺي پائي ڇڏيندس. ۽ فنافنيءَ آڏو پڇ لوڏيندو رهندس. سندس بڪواس ٻڌڻ کان بچي پوندس. پر، ان کان اڳ جو مان وڏي وڃي ڪل وٺان هڪ ٻئي شخص ڪل خريد ڪري ورتي ۽ دڪان مان هليو ويو.

"نيڪ ڪم ۾ دير نہ ڪبي آهي." منهنجي پاسي کان بيٺل پُر اسرار شخص چيو "تون سوچيندو رهجي وئين، ٻيو شخص ڪتي جي ڪل وٺي هليو ويو."

ڪنڌ ورائي مون اڇي چادر ۾ ويڙهيل اجنبيءَ ڏانهن ڏٺو پڇيم. "توکي ڪيئن خبر پيئي تہ مون ڪتي جي ڪل وٺڻ پي چاهي؟"

جواب ڏيڻ بدران هن فقط مُرڪي مون ڏانهن ڏٺو.

"۽ هيءَ ڪل آهي هڪ رچ جي." ڪلن وڪڻڻ واري هڪ ڪل ڪڍي ورتي هئي ۽ ماڻهن کي ڏيکاري رهيو هو. هن چيو "هيءَ ڪل پائي اوهين شاهہ ٻتائيءَ ۽ سچل ۽ ٻين پيرن مرشدن جي ميلي ۾ مداريءَ جي دڦليءَ تي نچي سگهندا. شهرن ۾ نچي سگهندا. ڳوٺن ۾ نچي سگهندا. ٿوري سفارش سان اوهان کي جانور جي باغيچي ۾ رچ جي پڇري ۾ ويهي ماڻهن جي دل وندرائڻ واري نوڪري بہ ملي سگهندي. بس، اوهان کي هڪ ڳالهہ کان پاسو ڪرڻو پوندو."

ماڻهن پڇيو "ڪهڙي ڳالهہ کان پاسو ڪرڻو پوندو؟"

ڪلن وڪڻڻ واري چيو "بس رچ

جي کل پائي ڪنهن وڏيري يا سردار جي ور نہ چڙهجو. سردار سائين توهان کي ڪتن سان وڙهائي چيرائي ڦاڙائي ٽهڪ ڏيندو ۽ مڇ مروڙيندو."

هڪ نماڻو ڪجهہ ڪجهہ اياڻو اڳتي آيو ۽ رڙ جي کل وٺي هلي ويو.

ان کانپوءِ کلون وڪڻڻ واري ٻڌڪر جي کل ڏيکاريندي ماڻهن کي حيران ڪري ڇڏيو. هن چيو "ٻڌڪر دنيا ۾ ڪسجڻ لاءِ ايندو آهي. ڪانہ ڪا ڪاتي سندس ڪنڌ جي منتظر هوندي آهي. ڪاسائي سندس تاڪ ۾ لڳل هوندا آهن. تنهنڪري ڪوبہ شخص ٻڌڪر جي کل وٺي پائڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو آهي. سواءِ هڪ شخص جي."

ماڻهو هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا. ڪير هوندو اُهو هڪ شخص جيڪو ٻڌڪر جي کل پائي پاڻ کي مارائڻ چاهيندو!

کلن واري ماڻهن کان پڇيو "اوهان کي روز محشر تي اعتبار آهي؟"

"ها، آهي." ماڻهن هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"تہ پوءِ اوهان کي اها بہ خبر هوندي تہ روز محشر اوهان کي پلصراط تان لنگهڻو پوندو؟" کلن وڪڻڻ واري پڇيو.

"ها، اسان کي خبر آهي." خريدارن وراڻيو.

کلون وڪڻڻ وارو مرڪيو. چيائين، "ٻڌڪ سولائيءَ سان پلصراط پار ڪري ويندو."

الله جا نيڪ بندا ٻڌڪر جي کل وٺڻ لاءِ اڳتي وڌي آيا.

"ترسو." کلون وڪڻڻ واري هنن کي روڪيو ۽ چيو "هر ٻڌڪر پلصرط پار ڪرڻ جو حقدار نہ هوندو. پلصراط پار ڪرڻ لاءِ اوهان کي قرباني ۽ جو ٻڌڪر ٽيڻپوندو ۽ قيامت ڏينهن جنهن شخص اوهان کي الله جي نالي ۾ ڪُنڌو هوندو سو شخص اوهان جي پٺيءَ تي سوار هوندو ۽ اوهين پلصراط پار ڪندا."

ماڻهن جو منهن لهي ويو. پوئتي هٽي بيٺا. ان وچ ۾ هڪ ڏٺڙيل شخص آيو. چيائين، "مان مولائي آهيان. ٻڌڪ جي قرباني ڏيئي نہ سگهندس. تنهن ڪري پلصراط پار ڪرڻ کان رهجي ويندس. ڇو نہ مان ٻڌڪ جي کل پائي قرباني ۽ جو ٻڌڪ ٿي پوان. ۽ پنهنجي قربان ڪندڙ جو ٻوجهہ ڪٽي پلصراط پار ڪري ڇڏيان!"

کلن وڪڻڻ وارو رحم دل هو. هن معمولي قيمت تي ٻڌڪر جي کل ان شخص کي وڪٽي ڇڏي.

ان مهل هڪ اڇو ڳيرو چهنب ۾ زيتون جي ٽاري جهلي دڪان جي جاري ۾ اچي ويٺو. دڪاندار ڳيري ڏانهن ڏٺو ۽ چيو "توکي ڪيترا دفعا ٻڌايو اٿم ڳيرا تہ مون وٽ عقاب جي کل ڪونهي جنهن کي پائي تون عقابن کان پنهنجي جان بچائي سگهين. تنهن جي نصيب ۾ شڪاري عقابن هٿان مرڻ لکيل آهي."

ڳيرو ڏاڍو مايوس ٿيو. سندس چهنب مان زيتون جي ٽاري ڪري پيئي. کلون وڪڻڻ واري ڳيري تي رحم آيو. هن ڳيري کي چيو "مون وٽ هڪ شتر مرغ جي کل آهي. تون اها کل وٺي پائي ڇڏ اُٽ جيڏي پکيءَ تي عقاب ورلي حملو

ڪندا آهن."

ڳيري ڪلون وڪڻڻ واري جا ٿورا مڃيا، ۽ شتر مرغ جي ڪل وٺي هليو ويو.

ان ڪانپوءِ ڪلون وڪڻڻ واري هڪ ڀل ڏيکاريندي چيو "هيءَ واڳونءَ جي ڪل آهي، يعني مانگر مچ جي ڪل آهي. هيءَ ڪل اهڙي سياستدان لاءِ موزون آهي جيڪو دل جو سخت هجي، ماڻهن جي دک درد ۾ شامل ٿيڻ جي باوجود ڪٺور ۽ بيدرد لڳي، ۽ ووٽ وٺڻ ۾ ناڪام رهندو هجي."

ماڻهو دلچسپيءَ سان واڳونءَ جي ڪل ڏسڻ لڳا. دڪاندار چيو "سخت ڪان سختگير سياستدان جڏهن واڳونءَ جي ڪل پائي ڏيکاوَ خاطر ماڻهن جي ڏکن سورن ۾ شامل ٿيندو تڏهن مانگر مچ يعني واڳونءَ وانگر ڳوڙها ڳاڙي سگهندو. ڏنجون هاري سگهندو ۽ ماڻهن ڪان ووٽ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيندو."

هڪ ٽلهو متارو غنڊن جهڙو سياستدان مانگر مچ جي ڪل وٺي هليو ويو.

اهو سلسلو ائين هلندو رهيو. دڪاندار ڪلون وڪڻندو رهيو ۽ خريدار ڪلون خريد ڪندا رهيا. پُر اسرار شخص اڳتي وڌي ويو ۽ ڪلون وڪڻڻ واري جي سامهون وڃي بيٺو. ڪلون وڪڻڻ واري حيرت وچان پراسرار شخص ڏانهن ڏٺو ۽ پڇيو "توکي ڪهڙي قسم جي ڪل گهرجي؟"

پراسرار شخص پنهنجي جسم تان اڇي چادر هٽائي ڇڏي، هن جي جسم تي ڪل نه هئي. دڪاندار گهبرائجي ٻه قدم پري ٿي بيٺو.

پراسرار شخص جي هٿ ۾ پلاسٽڪ جي ڳوٿري هئي. هن ڳوٿري، دڪاندار کي ڏيکاريندي پڇيو "تون ڪلون اول خريد ڪري پوءِ وڪڻندو آهين نه؟"

دڪاندار حيران ٿيندي وراڻيو "ها."

"هن ڳوٿريءَ ۾ منهنجي ڪل آهي." پُراسرار شخص چيو "مان ضرورتمند آهيان. پنهنجي ڪل وڪڻڻ آيو آهيان."

"مان نه ٿو سمجهان ته اڄ تائين ڪنهن مون کان ماڻهوءَ جي ڪل گهري هجي!" دڪاندار همدرديءَ وچان چيو "افسوس، مان ماڻهوءَ جي ڪل خريد نه ڪندس. ڪوئي، نانگ، وڇونءَ، لومڙ وغيره جي ڪل هجي ها ته توکان هڪدم خريد ڪري وٺان ها."

پُراسرار شخص پنهنجو ڪل لٽل جسم چادر سان ويڙهي ڇڏيو ۽ ڪنڌ جهڪائي دڪان مان ٻاهر وڃڻ لڳو. در وٽ پهتو ته دڪاندار ڏڪري بيهاريس، "ترس."

عجب شخص بيهي رهيو. مُڙي دڪاندار ڏانهن ڏٺائين.

"مان تنهنجي ڪل خريد ڪندس." دڪاندار چيو "هڪ سوئر، ماڻهوءَ جي ڪل وٺي پائڻ لاءِ اڪثر مون وٽ ايندو آهي. مان تنهنجي ڪل سوئرڪي وڪڻي ڇڏيندس."

پراسرار شخص جي منهن تي مرڪ تري آئي. هو پنهنجي ڪل واري ڳوٿري دڪاندار کي ڏيئي، پيسا وٺي، دڪان مان ٻاهر هليو ويو.

ڪمائيندڙ زال

ريٽا شهاڻي

ڳالهه جڏهن عورتن جي حقن ۽ برابري جي اچي ٿي تہ انهن کي بہ حق ملڻ گهرجن پر حد کان نڪرڻ سان انيڪ مسئلا جنم وٺن ٿا ۽ زندگي زهر بنجيو پوي. ان جو عڪس توهان کي هنڌوستان جي عظيم ليکڪا جي هن سبق آموز ڪهاڻي ۾ نظر ايندو.

قصو انهن عورتن جو، جيڪي آپي کان ٻاهر نڪري ويون هيون.

"رتنا، اڄ تون ڏاڍي مُنجهيل سُنجهيل پئي لڳي!" نرملا پنهنجي ساهيڙيءَ کي چيو.

"منجهندس نہ تہ وري ڇا ڪنديس."

"ڇو پيڻ، ڇا ٿيو؟"

"پهرين تون هن ڪرسيءَ تي ويهہ تہ توکي ٻڌايان."

نرملا ڪرسيءَ تي ويهي ريهي .

"هاڻي ٻڌاءِ."

"هي ڇوڪريون ڇتي ذات جون الائي ڇا پيون ڪن؟".

"پائي، هيل تائين ڇوڪرا ڇتي ذات جا مڃيا ويندا هئا، تون تہ نئين ڳالهہ پئي ڪرين!"

"هاڻي ڇوڪريون بہ ڇوڪرن کان گهٽ ناهن!"

"سڌي ڳالهہ ٻڌائي نہ، نيٺ ٿيو ڇا آهي؟"

"بس زمانو ئي ابتو ٿي پيو آهي. هر وقت اٿن گهر کان ٻاهرپير. نوڪريون ڪن ٿيون، سو تہ چڱو، پر موڪل ڏينهن بہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني گهر کان ٻاهر نڪريو وڃن، گهر ڇڏ تہ پير ٽڪن ئي

ڪونہ تا هنن جا. ڪڏهن ميٽنگ ،ڪڏهن شا پنگ،ڪڏهن پارٽي،مٿان وري هي بيوٽي پارلر ڇا ڪليا آهن! هر وقت پيون ٺاه ٺوه ڪن.گهر گهوڙن کي،چلهه چورن کي واري ڳالهه ٿي پئي آهي!"

"اڙي تون تہ پاڻ ئي عورتن جي آزاديءَ جي شائق هئينءَ.ڪيڏانهن ويو تنهنجو وومين لب وارو تحرڪ؟ توکي ڇا ٿيو آهي؟"

"مان سوچڻ لڳي آهيان تہ ڪٿي عورتن اهڙو تحرڪ هلائي ڪا غلطي تہ ڪانہ ڪئي آهي."

"ڪمال آهي! عورتن جي حقن.جي فائدي ۾تحريڪ جي سرگرم بانيڪار وٽان اهڙيون ڳالهيون سونهن تہ ڪو نہ ٿيون."

"حالتون اچي اهڙيون ٿيون آهن ،جن مون کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي."

"ڪهڙيون حالتون؟"

"ڇوڪريون ڏس تہ وهلُور پيون وڃن.اصل هٿ ئي نہ ٿيون اچن.اڄ هتي طلاق ،اڄ هتي طلاق،ڪوبہ گهر ڇٽل ناهي."

"سچ ٿي چوين،گهر گهر ۾ گهپي ۽ ڪلڪل لڳي پئي آهي،شهري گهرو زندگي دوزخ بڻجندي پئي وڃي."

"مسئلو وڏيڪ گهمبير ٿيندو پيو وڃي."

"پر تنهنجي ان مودِ جو ڪو سبب تہ هوندو نہ!"

"ها،ڪلهہ ڪان ويٺي اهڙيون ڳالهيون ڏٺيون اٿم، ٻڌيون اٿم،جو من پريشان ٿي پيو اٿم."

"نيٺ ٿيو ڇا آهي؟"

"ڪالهہ مان ڪولابا وئي هئس.اتان بس ۾موٽي رهي هيس،ٻپهريءَ جو وقت هو.بس ۾ پيهہ هئي ڪانہ. منهنجي اڳينءَ سيٽ تي ٻہ عورتون ويٺيون هيون،اٽڪل 30-25 سالن جون عمر هوندي سندن ۽ هيون سنڌياڻيون.سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيون هيون. هنن سمجهيو هوندو تہ سندن ڀاشا ڪير سمجهندو،سو بنا ويچار جي ڳالهائي رهيون هيون. ٻين سيٽن تي غير سنڌي مرد ۽ ٻار وينا هئا."

هڪ عورت چيو،"منوج پنهنجو پاڻ کي الائي سمجهي ڇا ٿيو؟ڪالهہ آفيس مان دير سان موٽيس تہ منهن سڄائي ويٺو هو.مان ٿڪي ٽٽي آئي هئس.اڄا منهن ٻہ ڪونہ ڌوتو هئم تہ حڪماڻي لهجي ۾ فرمان ڪيندي چيائين هڪ چانهہ جو ڪوپ ناهي اڄ."

مون نرمي سان چيو،" پاڻي پيئڻ ڏي ،ٿورو فريش ٿي اچڻ ڏي تہ رنڌڻي ۾ گهڙان ٿي."

"واہ،هڪڙو تہ دير سان آئين آهين! مان ترسي ويٺو آهيان.مٿان وري بهانا ٿي ڪرين!"

"منوج ياد ڪر! مان نوڪري تان موٽي آهيان.گهمڻ تہ ڪا نہ ويئي هئس.تون مون سان اهڙي طرح ڇو ٿو ڳالهائين؟ ٿيڻ تہ ايئن ڪيندو هو تہ تون مون کي چانهہ جو ڪوپ ناهي ڏين."

"هو طنز وچان ڪلڻ لڳو. واہ،واہ! ڪهڙي ڳالهہ ڪجيءِ پوءِ ڪاوڙ ۾

ڀرسي."تہ هين زالون نوڪريون ڪريو ٿيون تہ ڇڻ تہ اسان تي ٿورو ڪري رهيون آهيو.پاڻ کي گهر جون مالڪياڻيون سمجهڻ لڳيون آهيو."

"ها،مالڪياڻيون تہ آهيون،ان ۾ ڪو شڪ آهي ڇا؟ تون بہ ٿو ڪمائين تہ مان بہ ٿي ڪمايان،گهر جو گاڏو گڏجي پيا هلايون.توکي مون تي حڪم هلائڻ جو حق ڪنهن ڏنو آهي"

"مون سان ٿي زبان لڙائين؟ "

"حقن جي ڳالهہ ٿي ڪريان" هو اصل ۾ آپي کان ٻاهر نڪري ويو.

"پوءِ ڇا ٿيو؟"سندس ساهيڙيءَ کائنس پڇيو،"ٿيندو وري ڇا؟رڳو هڪڙو ڏينهن نوڪراڻي نہ آئي تہ گهر وٺي مٿي کنيائين.اهو تہ مون پاڻ تي ڪنٽرول ڪري ورتو، ڇاڪاڻ تہ ٻنهي ٻارن وٺي روئڻ شروع ڪيو.وڏيڪ ڪڇان ها تہ ڏکن بجن جي نوبت اچي وڃي ها."

"ايتري ۾ سندن بس اسٽاپ اچي ويو ۽ بہ ٿي ساهيڙيون بس مان لهي ويون."

"پر مان پڇان ٿي رتنا تہ، ان ۾ ڇوڪريءَ جو ڪهڙو ڏوه هو؟ واهيات تہ مڙس ڳالهائي رهيو هو..تون زالن کي اجايو پئي الزام هڻين."

"پائي،مرد تہ ايئن تہ اڳي بہ ايئن ئي آهن.هو ٿوروئي اهڙو سوٽو باز ايندا. ٿيو ايئن آهي،جو ڇوڪرين ڪمائڻ شروع ڪيو آهي تہ جواب ڏيڻ بہ شروع ڪيو آهي .ان جو نتيجو ڇا ٿيندو؟ بس، مان تہ ان چنتا ۾ آهيان ....ها ٻي ڳالهہ بہ ٻڌ.."

"ڇا ٿيو وري؟"

"اڄ صبح جو پنڌ تي نڪتي هئس، پنهنجا ٻہ رائوند پورا ڪري بينچ تي وڃي ويٺس.پر واري بينچ تہ وري ٻيون زالون ويٺيون هيون ۽ پاڻ ۾ ڳالهائي رهيون هيون."

هڪڙي چئي رهي هئي،"ڪالهہ رات جو هو دير سان آيو هو،اصل نشي ۾ ڏت هو."

"ڇا هو پيئڻ لڳو آهي؟"ٻي ڇٽي ڇيو

"ها، خوب.هو چوي ٿو تہ هن منهنجي ڪارڻ پيئڻ شروع ڪيو آهي."

"تنهنجي ڪارڻ؟"

"ها،ڇاڪاڻ تہ مون کي آفيس ۾ يار آهن."هن طنزيہ لهجي ۾ چيو.پر هن جي آواز ۾ هڪ سڏڪو بہ هو.

ڇا، پئي چوين؟"

"سچ تي چوان.تو کي تہ خبر آهي تہ ڪجهہ غلط ٿيڻ جي حالت ۾ مرد آدجڳاڊ جي زالن مٿان ئي الزام مڙهيندا آهن.هو چوي ٿو تہ ڇاڪاڻ منهنجو وهنوار غلط آهي،ان ڪري پنهنجو غم غلط ڪرڻ لاءِ هن شراب پيئڻ شروع ڪيو آهي."

"پرتنهنجو وهنوار غلط ڪيئن آهي."

"هو تمام شڪي ٿي پيو آهي.ڪنهن بہ مرد سان ڳالهايان ٿي تہ هو منهنجو يار ٿي پوي ٿو.....هن وقت منهنجو يار آهي.....ديپڪ شاه. وقت بوقت منهنجا يار مٽجندا رهندا آهن."

هن جو لهجو تيز ٿيندو ويو،"آفيس ۾ ڀائي ڪر ڪريون ٿيون،مردن سان تہ لهہ وڃڻ ۾ تہ اچبو ئي.....ڪڏهن گهر ۾

ڪنهن جو فون اچي وڃي يا پل ۾ ڪنهن جو ذڪر ڪريان ته منهنجو يار ٿي پيو!"

هن جي ساهيڙي کي الائي ڪهڙي ڪٺي ڪنيو،جو چيئي ويني "تو کي گهٽو تو پانئي نہ،ان ڪري حسد تو ٿئيس!"

"ان کي پانئڻ چئبو آهي؟"هن جو آواز اوچو ٿيندو ويو.اوچتو هن کي ان ڳالهہ جو احساس ٿيو ته ڪين ٻيا بہ ٻڌي رهيا هئا.پوءِ هيٺين سرن ۾ چوڻ لڳي،هو شڪ جو شڪار آهي.اصل شڪ ۾ پاڳل ٿي پيو آهي.الائي ڇا جو ڇا پيو چوي؟ مان ڇو برداشت ڪري ويني آهيان؟ هڪڙو نوڪري ڪجي،مٿان وري طعنا تنڪا سهجن!"

"رتنا چپ ٿي ويئي.نرملا بہ سانت ۾ هئي.ٿورو ترسي چوڻ لڳي،"ڪالهہ ڪان اهڙيون ڳالهيون ٻڌي من ڏاڍو خراب ٿي ويو اٿم."

پر ٻين جي ڳالهين کي وٺي،تون ڇو ٿي ايترو حيران ٿين؟"

"ٻين جون ڳالهيون؟ سماج جي ڪهڙي درگتي(خراب حالت) ٿي رهي آهي!مرد،زالون سيني جي حالت خراب ٿي رهي آهي.گهر گهر ۾ اهي ڳالهيون! آخر ٻارن ڪهڙو ڏوه ڪيو؟ گهر ۾ جهيڙا جهٽا ۽گهر ڦٽندا ڏسي ،هنن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟"

ٻئي ساهيڙيون سوچ ۾ پئجي ويون.

اوچتو ڊور بيل وڳي.رتنا اٿي در کوليو.

"سروج؟ تون هتي هن وقت؟"

رتنا جي ڏيءَ سروج اندر گهڙي آئي،هن جي هٿ ۾ سوٽ ڪيس هو.وار ٽڙيل پکڙيل،اکيون سڄيل، چهري تي پريشانيءَ جون لڪيرون.

"اڙي تو کي وري ڇا ٿيو؟ڇا ڪنهن سان جهڳڙو ٿيو اٿئي؟"

"سروج اچي اوچنگارن ۾ پيئي.پهرين ته ماءُ کي چنبڙي ويئي۽ پوءِ پنهنجو چهرو پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي ورتائين،"ممي،ممي،مان ڪانہ ويندس واپس هن وٽ.هو پاڻ کي سمجهي ڇا تو؟.....ٽپ ٽپ تي گاريون.ٽپ ٽپ تي شڪ!ڪانہ سهنديس هي سڀ؟....چو سهان؟آخر مان بہ ڪمائي سگهان ٿي"

رتنا بيوسيءَ وچان،لاچار اکين سان،نرملا ڏانهن نهاريوءِ پوءهن جون اکيون پنهنجي سڏڪندڙ ڏيءَ جي آڪار(صورت)۾ڪپي ويون.

☆☆☆

لغاري

هيءَ بلوچ قوم،رندن جي شاخ آهي ۽ رند جلال خان ولد هرين جو وڏو پٽ هو.اهي قلات ۽ سرحد سنڌ ۾ بہ آهن ۽ حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ بہ آهن. هنن جا ڪي سردار ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ سندن طرفان جنگين ۾ وڙهيا ۽ پوءِ ميرن ٽالپرن جي ڏينهن ۾ بہ سندن امير هئا. خصوصن ولي محمد خان، انهن کي نواب جو لقب هو ۽ اجا تائين بہ اهي نواب سڏبا آهن ۽ تاجپور ۾ وينا آهن ۽ جاگيردار آهن.

رنگن جي خوشبو

منور سراج

ڪنهڻن رنگن ۾ رچيل خوبصورت ڪهاڻي، جنهن جي اندر توهان کي چشمي منجهان ڪرندڙ پاڻيءَ جي موسيقي، سياري جي سج جي ڪرڻن جي لڏي گرماهٽ ۽ ڪنوارن اڃايل جذبن جي خوشبوءِ ايندي. منور سراج تمام گهٽ لکندو آهي، پر جڏهن به اهو قلم کڻي ڪا شيءِ تخليق ڪندو آهي ته اها پنهنجو مٿ پاڻ هوندي آهي.

انهن جذبن جي ڪهاڻي، ڌرتيءَ جي گولي تي جيڪي آفاقي آهن

دراصل هوءَ ائبسٽريڪٽ آرٽ جهڙي چوڪري هئي.... هن کي سمجهڻ سولو نه هو.

ڪڏهن سندس آواز ۾ ايڏي اداسي هوندي جولڳندو جڻ سڄي شهر ۾ ڪا به چوڪري ڪانئس وڌيڪ وياڪل ۽ ويڳاڻي نه آهي ته ڪڏهن ڀاسندو هن کان وڌيڪ ڪلڻي ۽ خوش مزاج چوڪري ڪٿي به نه هوندي. ڪڏهن سندس ڳالهين مان محسوس ٿيندو ته جڻ هوءَ زندگيءَ جي

سيني هولناڪين ڪان بي خبر ڪنهن شوخ ۽ چنچل نديءَ جهڙي الهڙ البيلي ٽينيج چوڪري آهي ته ڪڏهن لڳندو هو ته زندگيءَ جي ٻاهرئين ئي نه پر اندرئين تهه کي به چڱيءَ طرح سمجهندڙ ۽ محسوس ڪندڙ ڪا انٽيلڪچيوئل (ذهين) عورت آهي. مون سان ڳالهائيندي هئي ته ڪنهن مهل لڳندو هو ڄڻ ٻيءَ سڄيءَ دنيا سان سندس تعلق ڪٽجي مون سان ڳنڍجي ويو آهي ۽ ايئن ڳنڍجي ويو آهي جو وچان هوا جو گذرڻ به ممڪن نه رهيو آهي ۽ ڪنهن مهل وري ايئن محسوس ٿيندو هو ته هوءَ مخاطب ته مون سان آهي پر ڳالهائي ڪنهن ٻئي شخص سان رهي آهي ۽ اهو ٻيو شخص اتي ئي ڪٿي آس پاس موجود آهي. شهر جي اتر يا ڏکڻ ۾ گهر آهي ان جو. يا اهو شخص اتي ئي ڪٿي آس موجود نه آهي ۽ نه ئي شهر جي اتر يا ڏکڻ ۾ گهر آهي ان جو. پر اهو شخص سندس خوابن جو ڪو شهزادو آهي. اهڙو شهزادو جيڪو ساٺس چنڊ جي شاهديءَ ۾ واپسيءَ جو واعدو ڪري ستارن جي سفر تي هليو ويو آهي ۽ اجان واپس نه موٽيو آهي. پرڪيس پڪ آهي ته ڪنهن صبح هو سج جي سونهري رٿ تي چڙهي واپس موٽي ايندو ۽ ضرور موٽي ايندو.

.... ۽ سندس ڳالهين جي ڳڙڪين مان ليئا،پائيندڙ اهو "ٻيو شخص" مون لاءِ اڪثر ساڙ جو سبب بڻجي پوندو هو.

۽ اهو ساڙ مون کي سندس وڌيڪ ويجهو ڪرڻ لڳندو هو.

هن مون سان پهريون ڀيرو نومبر جي ڪنهن شام برسات جهڙي لهجي ۾ فون تي ڳالهايو هو ۽ سُرمئي ساڙهيءَ ۾ ملبوس نومبرجي اها سرد شام منهنجي زندگيءَ جي سيني شامن ڪان وڌيڪ حسين ۽ دلڪش شام بڻجي وئي. ان شام ڪان پوءِ هوءَ هر شام ڳالهائڻ لڳي.

۽ هر شام ٻڌائڻ لڳي مون کي ٻانهن ۾ چڻڪندڙ چوڙين جي ترنم تي پنهنجي اوجاڳن جا افسانا ۽ ننڊ جون ڪهاڻيون.... خوابن جا قصا ۽ اداس شامن جون ڳالهيون ۽ سندس ڳالهين جون وليون ويون پٽي جيئن پوءِ تيئن وڌنديون، ڦهلجنديون ۽ گهاٽيون ٿينديون.

۽ آئون ويس پٽي سندس ڳالهين جي ولين ۾ ويڙهجندو ۽ سندس آواز جي خوشبوءِ ۾ واسجندو.

اڪثر ڪري سندس هرلفظ هر جملو گلن وانگر ٽهڪن جي ٽاريءَ مان چٽي منهنجي سماعتن جي پڙر تي پکڙجي ويندو هو. ڪلائڻ جو خوب هنر هو ڪيس ۽ڪلڻ جا ڪوڙ ٻهانا هئا وٽس.

ڪڏهن چوندي،"خبر اٿو ڇا؟"

(اهو، خبر اٿو ڇا، سندس تڪيه ڪلام هو. هوءَ هر ڳالهه جي شروعات انهيءَ جملي سان ڪندي هئي)

مان چوندس، " الڻ ڇا."

چوندي، " توهان کي هڪ ڳالهه ٻڌايان."

مان سنجيدگيءَ سان چوندس،"ها ٻڌايو."

چوندي،"دل ۾ ته نه ڪندئو"

"نه ته.... توهان ٻڌايو." مان

وراڻيندس.

ڳنڀيرتا سان ڳالهائيندي چوندي، "دراصل ڳالهه هيءَ آهي ته ...."

مان سندس معنيٰ خيز ماڻ تي اتاولائيءَ سان چوندس، "ها ها .... ڳالهه هيءَ آهي ته ..."

چوندي، " نهيو ڇڏيوس ڪٿي، توهان اجايو اداس ٿي ويندئو."

مان ٽڪل ۽ ڪنهن قدر اداس لهجي ۾ چوندس، " نه اهڙي ڳالهه ناهي..... باقي توهان ٻڌائڻ مناسب نه ٿا سمجهو ته توهان جي مرضي."

ساڳي سنجيدگيءَ سان چوندي، "دراصل ڳالهه اها آهي ته ..... ڳالهه ڪا به ناهي."

مون ڪان دانهن نڪري ويندي. چوندس، " او .... يوُ چيٽر.... توهان مون کي احمق بڻايو."

۽ هوءَ اس جهڙا اجرا ٽهڪ ڏئي ڪلڻ لڳندي ۽ دير تائين ٻارن وانگر ڪلندي رهندي. سندس ٽهڪ مون کي به ذورائي ڪلائي وجهندا.

ڪڏهن چوندي، "خبر اٿو ڇا."

مان چوندس، " نه مون کي خبر ناهي."

حيرت مان چوندي، "ڪمال آهي. توهان کي واقعي خبر نه آهي!"

مان ساڳي بي رخيءَ سان چوندس، " نه مون کي خبر نه آهي."

چوندي، " افسوس جهڙي ڳالهه آهي توهان تاريخ جي هڪ تمام اهم ۽ چرڪائيندڙ واقعي کان ڪيئن بي خبر رهيا آهيو"

تڏهن آئون ڪنهن حد تائين سنجيده ٿيندي چوندس، "مون کي واقعي به خبر نه آهي..... ڇو ڇا ٿيو آهي...."

وڌيڪ حيرت مان چوندي، "اڙي..... واقعي توهان کي خبر نه آهي ته رات شهر ۾ ڪهڙو ۽ ڪيڏو وڏو واقعو ٿي گذريو آهي!"

هاڻي آئون واقعي به حيران ۽ پريشان ٿيندي چوندس، "وشالتا، واقعي به مون کي خبر نه آهي ته ڇا ٿيو آهي..... اصل ۾ مون اڄ صبح اخبار به نه ڏٺي آهي ۽ نه ٽي وي تي خبرون ٻڌي سگهيو آهيان. توهان ٻڌايو ڪهڙو واقعو ٿيو آهي...."

ڇڻ زوريءَ پنهنجي ڪل روڪيندي اڏوگابري سنجيدگيءَ سان چوندي، "علي، واقعو هي ٿي گذريو آهي ته رات اسان جي رڌڻي ۾ پيل ڪوڙڪيءَ ۾ ڪوئو ڦاٽو آهي"

مون ڪان احمق بڻجڻ تي هڪ پيرو وري دانهون نڪري ويندیون، " او ماءِ گاڊ.....يوُ بدمعاش ...."

۽ فون جو رسيور هن جي ٽهڪن سان ڀرجي ويندو.

ڪڏهن وري آئون چوندس، "وشالتا! خبر اٿو ڇا"

(مون ۾ به هن وانگر هر ڳالهه جي شروع ، خبر اٿو ڇا، چوڻ جي عادت پئجي وئي هئي.)

ته بي نيازيءَ سان شوخ لهجي ۾ چوندي، "الاءِ ڇا مون کي ڪهڙي خبر."

مان چوندس، "توهان جي ڪم جي ڳالهه آهي"

نرم لهجي ۾ چوندي، "پوءِ ٻڌايو پلا"

مان پڪائي ڪندي چوندس، "نهيو پلا پوءِ ڪڏهن ٻڌائيندو سانو"

ٻار وانگر ضد ڪندي چوندي، " نہ.. مون کي ٻڌايو"

مان چوندس، " اهڙي به خاص ڳالهه نہ آهي"

چوندي، " ابا اهو ڇا آهي پلا..... ٻڌايو نہ..... نہ تہ مون کي پيٽ ۾ سور ٿي پوندو."

آئون تمام گهڻي ڳنڀيرتا سان چوندس، "وشالتا دراصل ڳالهه هيءَ آهي تہ ....." ايترو چئي آئون چپ ٿي ويندس.

منهنجي هڪ لمحي جي ماڻ تي چوندي، " الا..... ٻڌايو نہ..... منهنجي دل جي ڌڙڪن بي ترتيب ٿيندي پئي وڃي"

تڏهن آئون چوندس، "وشالتا! ڳالهه هيءَ آهي تہ هينئر مان چانهه پيئڻ ٿو وڃان."

جنهن تي هوءِ ٻارن وانگر دانهون ڪندي چوندي، "الاڙي..... اهو ڇا آهي پلا..... اها به ڪا ڳالهه آهي"

۽ مان سندس روٺڻهارڪي احتجاج تي خوب ڪلندس.

ويٺي ويٺو اوچتو الاءِ ڪٿان ۽ ڪيئن عجيب و غريب ڳالهيون سجهي ايندس.

هڪ ڀيري چيائين "اڄ اوهان جي ذهانت جو امتحان ٿاوٺون"

"سو وري ڪيئن؟" مون حيرت مان چيو.

چيائين، "سو هيئن تہ آئون هڪ ڪان ڏهن تائين انگ ڳڻيندس، اوهان کي انهيءَ وچ ۾ ڪو به هڪ جملو ٻڌائڻو آهي. شرط هيءَ آهي تہ اهو جملو اوهان جو پنهنجو هوندو ۽ هوندو به بلڪل نئون نڪور"

چيم، "اوڪي."

چيائين، "چئلينج قبول آهي."

چيم، "قبول آهي."

چيائين، "چڱو مان ڳڻيان ٿي. هڪ به ٽي چار پنج ڇهه ست اٺ ....."

"جملو ٻڌو" هوءِ اٽن تي پهتي تہ مون چيو.

"ها ٻڌايو."

چيم "تون وهنجڻ لاءِ پنهنجا ناسي وار ڇوڙيندي آهين تہ پاڻيءَ جو ٽئمپريچر وڌي ويندو آهي ۽ وهنجي وڏا وار ڇنڊيندي آهين تہ گهٽائون واپسيءَ جا رستا وڃائي ويهنديون آهن."

حيرت حيرت گاڏڙ خوشيءَ مان چيائين "ماءِ گڊنيس! هائو سويٽ! جهڙو نظر.... توهان تہ ڪي شاعر آهيو."

ڪلندي چيم "مس وشال! آئون شاعر نہ هئس. اهو معجزو توهان جي وارن جو آهي جن مون کي شاعر بڻائي ڇڏيو آهي."

چيائين، "پر سچي اهو تہ ٻڌايو توهان کي ڪيئن خبر پئي تہ منهنجا وار

وڏا آهن ۽ منهنجي وارن جو رنگ ناسي آهي. پاڻ تہ ڪڏهن مليا بہ نہ آهيون.... هڪ ٻئي کي ڏٺو ئي نہ اٿئون."

چيم، "پاڻ مليا آهيون..... هڪ نہ‌پر ڪئي پيرا مليا آهيون"

چيائين، "هئين! (اهو هئين سندس حيرت جي اظهار جو انداز هو) پر ڪٿي، ڪڏهن ۽ ڪيئن؟

چيم، "سچي ڳالهہ ٻڌايانو؟"

"ٻڌايو."

چيم، "وشالتا مون توهان کي گذريل خميس واري شام جو بخاريءَ جي درگاهہ تي ڏٺو هو. اوهان کي ڳاڙهي گل واري سنڌي جتي ۽ ڪڙهائيءَ تي گولبن رنگ جو سلڪ وارو وڳو پاتل هو. توهان بيد مشڪ جي هينان بوگن ولا جي ول جي پرسان بيهي سامهون بيٺل مور ڏي پئي نهاريو. مور اوهان کي ڏسي پنهنجا پر ڦهلائي نچڻ لڳو هو"

حيران ٿيندي چيائين "اڑي ها، مان تہ واقعي گذريل خميس تي پير بخاري جي درگاهہ تي وئي هئس ۽ اتي مور جو رقص بہ ڏٺو هئم..... پر ان مهل اوهان ڪٿي هيا. آس پاس تہ ڪو بہ مرد موجود نہ هو!"

چيم "مان ان مهل نچندڙ مور جي اکين ۾ هئس."

منهنجي ڳالهہ تي وشالتا کلڻ لڳي. سندس کل ۾ ڊيل جي هلڻيءَ جهڙي بي نيازي هئي.

هڪ شام روز جئان ٿهڪن جي جهولي ۾ جهولندي چيائين، "علي چانهہ نہ پيئندئو"

مون کان زوريءَ کل نڪري وئي.

"هئين..... کلو چو تا" حيرت مان پڇيائين.

چيم، "بس توهان جي صلاح تي ڪا ڳالهہ ياد اچي وئي"

"ڪهڙي ڳالهہ؟"

"بس آهي ڪا ڳالهہ"

"مون کي ٻڌايو"

"توهان کي ٻڌائڻ جهڙي ناهي، مطلب تہ ڇوڪرين کي ٻڌائڻ جهڙي ناهي" ڪيس تنگ ڪرڻ لاءِ چيم.

"نہ، مون کي ٻڌايو" ضد ڪندي چيائين.

"مائينڊ تہ نہ ڪندئو؟"

"نہ"

چيم "وشالتا خبر اتو مون کي منهنجو ڪو دوست چانهہ جي صلاح ڪندو آهي تہ مان ڇا چوندو آهيان!"

"ڇا چوندا آهيو"

"چوندو آهيان چانهہ ۽ چميءَ جي انڪاري تي لعنت"

فون جي رسيور ۾ سندس ٿهڪن جا جلترنگ ڇڙي پيا. ڇڻ زمين مان اوچتو پاڻيءَ جو چشمو ڦٽي پيو ۽ نيڻ نهار تلئين سڄي ڏرتي جل تل ٿي وئي. ڪلندي ڪلندي چيائين، "بي شمار."

جنهن تي وري ٻئي گڏجي ڪلياسين ۽ دير تائين ڪلندا رهياسين.

پوءِ ڪيترين شامون سعيو ڪري مون کي چانهہ لاءِ صلاحيندي رهي پر آئون چاهيندي بہ ساڳيو جملو دهرائي

سگهيس. ڪوئي جملو ڪيڏو به ڪٽي سٽو ڇو نه هجي هر هر دهرائڻ سان پنهنجي سونهن وڃائي ويهندو آهي.

هاڻي مان سندس صلاح تي مرڪي چوندس، "توهان جي مهرباني" ۽ هوءَ هلڪي ڪنگهڪار ڪري ماڻ تي ويندي ۽ ڪا بي ڳالهه ڪرڻ لڳندي.

دراصل اها ڪنگهڪارسندس هڪ ادا هئي.... هڪ انداز هو..... دل جي تارڪي ڇهندڙ ڪنهن ڳالهه جي ڳلي۽ مان گذرندي ڪجهه چوڻ آکڻ بدران هلڪي ڪنگهڪار سان ڳلي۽ جو موڙ مٽي وڃڻ ۽ پوئتي ڇڏي وڃڻ ڪو ئي دلربا احساس. احساس جو دلڪش رنگ.... رنگن جي پيني پيني خوشبو....!!

سچ ته هوءَ خوشبوءَ جو احساس هئي! خوشبوئن ۽ رنگن سان اڻ ميو موهه هئس. هڪ شام مون کي پنهنجي پسند جي رنگن، خوشبوئن، گلن، موسمن، ڪتابن ۽ شاعرن جا نالا پئي ٻڌايائين جو سج لئي جي ٻانگ جو آواز ايريو. تڪڙ ۾ چيائين "علي توهان گهڙي ڪن هولڊ ڪجو، آئون غازي عباس جو ڏيئو ٻاري اچان"

سندس ڳالهه تي منهنجي بت ۾ سيئاندڙي پئجي وئي. منهنجو سڄو وجود تنبوري جي تار جيان لرزي ويو. خبر ئي نه پئي ته هن ڪيڏي مهل فون جو رسيور هيٺ رکيو، ڪيڏي مهل ڪمري مان نڪتي ۽ ڪيڏي مهل موٽي آئي. آئون اچان سانجهي۽ جي چاونٽ تي پنڌ پاهڻ بڻيو بيٺو هئس..... منهنجي ڪنن ۾ فضائن منجهه ٻرندڙ آذانن جا مقدس آواز پئي ٻريا ..... ۽ ڏنم پئي ته ڪاري وڳي ۾ ملبوس چانڊوڪي۽ جهڙي چوڪري پنهنجا وڏا وار سنياليندي، پيرن اگهاڙي گهر جي ڇت تي هلندي اچي غازي۽ جي علم جي پرسان بيٺي. هوءَ بيٺي ته سندس احترام ۾ وقت به بيهي رهيو ۽ هوا به خاموش ٿي وئي. پوءِ هن پنهنجي چانديءَ جهڙين سفيد، سڊول ۽ مخروطي آڱرين سان تيلي ٻاري ڏيئي جي چپن تي رکي ۽ ڏيئو روشن ٿي ويو..... ڏيئي جي جهيٽي روشنيءَ ۾ چوڪري۽ جو منهن سڄو ٽڙيل گلاب جيئان ٻهڪڻ لڳو ۽ سندس گهميل اکيون جرڪڻ لڳيون. چوڪري۽ جي گلابي چپن تي گلابي مرڪ پکڙجي وئي..... اها گلابي مرڪ ڏاڍي مقدس هئي.... ۽ ڏاڍي محترم هئي.....

"هيلو..... ڪٿي گم ٿي ويا آهيو. ڇا پيا سوچيو؟"

سندس آواز تي آئون چرڪ ڀري جاڳڻ ڪنهن پراسرار خواب مان جاڳي پيس. ڪيئن ۽ ڇا ٻڌايان ڪيس ته ڇا پيو سوچيان؟

ان مهل منهنجي دامن ۾ هڪ لفظ به نه هو. ڪوئي هڪ اڌ لفظ هو به ڪٽي ته اهو به مون کي ڪوٽي سڪي جيان بي معنيٰ پئي محسوس ٿيو. مُرڪي چيم، "ڏيئي واري چوڪري! ڪجهه به نه تو سوچيان" ۽ هوءَ ڏيئي جي لاٽ جهڙا روشن ٿهڪ ڏئي ڪلڻ لڳي.

هوءَ ڪلندي هئي ته اڪثر ايئن

لڳندو هو ڇڻ سانجهيءَ ڌاري دور ڪٿي ڪنهن چرچ ۾ ڪوڙ ساريون راهبائون گڏجي ڪو اداس گيت ڳائي رهيون هجن. رڳو سندس ٿهڪن ۾ ئي موسيقي نہ هئي پر ڇڻ هوءَ پاڻ بہ درد ۽ خوشيءَ جي گڏيل احساس سان اٿيل سمفني هئي.

تڏهن ايف ايم ريڊيئي جي نئين شروعات ٿي هئي. هوءَ اڪثر راتيون جاڳي شعر و شاعري ۽ موسيقيءَ جو مشهور پروگرام "غزل رنگ" ٻڌندي هئي. رات جي سانت ۾ ڪمپيئر جو آواز ۽ سندس پسند جا گيت هوا جي دوش تي پوپٽن جئان سندس اکين جي آڳنڌ ۾ لهندا هئا تہ هوءَ سراپا سپنو بڻجي ويندي هئي. هر رات گيتن جي ريشمي وهاڻي تي پنهنجو ريشمي ڳل رکي سمهندي هئي ۽ سڄي رات گيتن جهڙا خواب ڏسندي گذاريندي هئي. مون سان هر روز ان پروگرام جون ۽ پروگرام جي ڪمپيئر جون ڳالهيون ڪندي هئي.

چوندي، "علي خبر اٿو ڇا. ڪمپيئر جو آواز ۽ سندس ڪمپيئرنگ ڪرڻ جو انداز ايڏو سٺو آهي جو مان تہ سندس آواز جي منڊ ۾ منڊجي پنهنجي سڌ بڌ وڃائي ويهندي آهيان. دل چوندي، آهي تہ هو ڳالهائيندو رهي ۽ مان ٻڌندي رهان..... ٻڌندي رهان تان جو سج اڀري وڃي....."

مان وشالتا جي واتان ان ڪمپيئر جون ايڏيون ڳالهيون ٻڌي ڏک ۾ مبتلا ٿي ويندو هئس. دل چوندي، هئي تہ چوانس "وشالتا تون ان ڪمپيئر سان نہ ڳالهائيندي ڪر. نہ ٻڌائيندي ڪر ڪيس پنهنجي پسند جا شعر.... نہ ٻڌندي ڪر ڪانئس سندس پسند جا شعر....." پرپوءِ هيءُ سوچي ڪيس ڪجهہ بہ نہ چوندو هئس تہ مان ڪير ٿيندو آهيان ڪيس اهو سڀ ڪجهہ چوڻ وارو؟ هوائن جهڙو تعلق ئي تہ آهي منهنجو هن سان! اهڙو تعلق جنهنجو ڪو بہ نالو نہ آهي..... جنهن جو ڪو بہ حوالو نہ آهي..... مون کي ڪهڙو حق آهي ڪيس ڪنهن سان ڳالهائڻ کان روڪڻ ٽوڪڻ جو؟ ڪهڙو؟

ان ڏينهن چيائين، "علي، رات مون توهان کي ريڊيئي تي هڪ غزل ڊيڊيڪيٽ ڪيو هو"

ڏک جي هڪ لوٽياني ڇولي منهنجون اکيون ڇهي وئي.

خوش ٿيڻ جو سوانگ ڪندي چيم،

"اوهہ.... زبردست..... مهرباني....."

چيائين، "توهان کي تہ ڪوڙ ڳالهائڻ جي اداڪاري ڪرڻ بہ نہ ٿي اچي."

چيم، "نہ واقعي.... مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي"

"توهان جو آواز بدليل بدليل آهي..... چو؟"

چيم، " ڳلو ڪجهہ خراب آهي..... شايد انڪري ....."

ان ڏينهن وشالتا منهنجي بهاني تي مطمئن ٿي الاءِ نہ پر ان ڏينهن پهريون دفعو مون محسوس ڪيو تہ مان پنهنجي

اندر ۾ پري ڪٿي زخمي ٿي پيو آهيان..... مون کي لڳو ته هو "ٻيو شخص" جيڪو اڪثر وشالتا جي ڳالهين مان ليئا پائيندو رهندو هو ۽ محسوس ٿيندو هو ته اهو شخص اتي ڪٿي آس پاس موجود آهي يا شهر جي اتر يا ڏکڻ ۾ ان جو گهر آهي سو اهو ڪمپيئر ٿي آهي.

ان ڏينهن شام ٿيندي ٿيندي مون کي هلڪو بخار ٿي پيو ۽ ڳلو به خراب ٿي پيو.....

هن ڏينهن ڪانپوءِ ڳالهائين.....!

چيائين، "طبيعت ڪيئن آهي؟"

چيم، "ٺيڪ آهيان."

چيائين، " لڳي ته نه ٿو."

چيم، "سگريٽ نه پيئڻ جي ڪري مٿي ۾ ٿورڙو سُور آهي"

"پوءِ سگريٽ ڇڏي ڇو نه تا ڏيو"

وشالتا جي ڳالهه تي مون کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. پر پاڻ تي ضبط ڪندي چيم، "ڪنهن جو هڪ پل جو ساٿ وسارڻ به ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي. سگريٽ ته سالن تائين منهنجو ساٿ ڏنو آهي..... انهن کي ڇڏڻ ايڏو سولو نه آهي"

"ڀلا سگريٽ ڇو تا پيو؟"

"بس ايئن ئي..... عادت آهي." رکائيءَ مان چيم.

چيائين، "سگريٽ مان توهان کي ڇا ٿو ملي"

چيم، "مس وشالتا ڳالهه ڪجهه ڏيئڻ وٺڻ جي نه آهي.... بس ڳالهه هيءَ آهي ته ڪجهه شين جي ساٿ ۾ ڪجهه لمحا سٺا گذري ويندا آهن .... ۽ بس. اها حاصلات ئي اسان جهڙن ماڻهن لاءِ ڪافي آهي."

چيائين، " اهو ته حقيقت کان اڪيون ڦيرائڻ آهي. پنهنجي پاڻ سان دوکو آهي"

مون چيو، "ڏاڍو جهڙي پيانڪ حقيقت کان اڪيون ڦيرائي هڪ گهڙيءَ لاءِ ئي سهي ڪنهن جي گلابي اکين ۾ پناهه پائڻ ۾ وڏي لذت آهي..... ۽ هونءَ ڪنهن ٻئي کي دوکو ڏيڻ کان پنهنجي پاڻ کي دوکو ڏيڻ هزار ڀيرا وڌيڪ بهتر آهي"

مون وشالتا سان ڪو به بحث نه ٿي ڪرڻ گهريو. بحث مون کي سٺو نه لڳندو آهي.مون ڄاڻي واڻي ڪيس ايذائڻ نه ٿي چاهيو.... سندس راءِ کي رد ڪري پنهنجي انا جي ڪوڙي تسڪين ماڻڻ به نه ٿي چاهيم.... بلڪ مان ته ساٿس اهڙي بي رخيءَ سان ڳالهائڻ جو تصور به نه ٿي ڪري سگهيس پر اصل ۾ ان مهل مون بدران منهنجي اندر ۾ پري ڪٿي زخمي ٿي پيل شخص پئي ڳالهايو. جنهن تي منهنجو ڪو به وس نه پئي هليو.

نيٺ تنگ ٿيندي چيائين "الا .... مان توهان سان بحث نه ٿي ڪيان.... مان رڳو ايترو ٿي چوان ته توهان سگريٽ نه پيئندا ڪيو."

چيم، " پر ڇو؟ ڇو نه پيئان سگريٽ. ڪهڙي خرابي آهي سگريٽ ۾"

چپ ٿي وئي. اها چپ سندس

ڪاوڙ نہ پر سندس اداسيءَ ۽ ڏک جو اشارو هئي.

"ڇا ٿيو وشالتا" منهنجي زخم بدران مون ڳالهايو.

چيائين،"علي خبر اٿو ڇا"

"ڇا"

چيائين،"منهنجو بابا تمام گهڻا سگريٽ پيئندو هو. هو ايترا لفظ نہ ڳالهائيندو هو جيترا سگريٽ ساڙيندو هو" وشالتا جو آواز ڏک جي غلاف ۾ ڍڪيل هو.

مون ڪلي چيو، "او..... گريٽ پرسن! مطلب تہ هو چئن سموڪر هو.... وشالتا خبر اٿو ڇا، مون کي چئن سموڪرس ڏاڍا وڻندا آهن. هر وقت، هر گهڙي دونهين جي گهاٽي ڪڪر ۾ گم رهندڙ ماڻهو مون کي تمام گهڻو اٽريڪٽ ڪندا آهن.... زبردست" .

ساڳئي اداس لهجي ۾ چيائين، "خبر اٿو ڇا"

چيم، "ڇا"

چيائين، "بابا کي ڦڦڙن جو ڪينسر ٿي پيو هو..... سندس زندگيءَ جا آخري ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذريا هئا....."

چيم، " اوهہ! ويري سئڊ!"

منهنجي ان روايتي جملي کي درگذر ڪندي چيائين

"علي خبر اٿو ڇا مون کي بابا جي ڳالهين مان اڪثر رات جي راڻيءَ جهڙي اداس خوشبو ايندي هئي. اها خوشبو هر موسم ۾ بابا جي ڪمري ۾ موجود رهندي هئي.... ۽ الاءِ ڇو اوهان جي ڳالهين مان بہ مون کي اڪثر ساڳي خوشبو ايندي آهي..... رات جي راڻيءَ جهڙي....."

اکين جا ڇپر آلا ٿيڻ کان بچائيندي ڳيت ڏئي ڳلو صاف ڪري ڪلندي چيم، "مطلب تہ تمام جلد ستارن جي سفر تي....."

"چپ.... چپ.... چپ.... ڪنا پيٽهان" وشالتا منهنجي ڳالهہ جو ڏاڍو اڌ ۾ چني ڇڏيو. ڳالهہ جو ڏاڍو ڇڄي پوڻ واري ان شام مون تي هي انڪشاف ٿيو تہ جيڪي ڇوڪريون ٻاروٽڻ ۾ پنهنجي پيءُ جي ڇانءَ کان محروم ٿي ويندیون آهن اهي سدائين هر مرد ۾ پنهنجو پيءُ ڳوليندیون رهندیون آهن ۽ هميشہ ٻيٽون ڏک پائيندیون آهن.

..... ۽ ان شام ئي مون اهو بہ محسوس ڪيو تہ وشالتا جي ڳالهين مان ليئا پائيندڙ اهو "ٻيو شخص" جيڪو چنڊ کي پنهنجي واپسيءَ جي واعدي جو گواهہ بڻائي ستارن جي سفر تي هليو ويو هو ۽ اڃا واپس نہ آيو هو، سو اهو ئي آهي جنهن جي ڳالهين مان وشالتا کي رات جي راڻيءَ جي خوشبو ايندي هئي!

ڊسمبر جي آخر ۾ وشالتا مون ڏي اولهہ جي آغوش ۾ لهندڙ سج کي سمنڊ جي ڪناري تان هٿ کڻي الوداع ڪندڙ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي تصوير وارو نئين سال جو ڪارڊ موڪليو..... ۽ مون کي لڳو ڇڻ سالن کان پوءِ منهنجي زندگيءَ جي ڊنڊ ۾ واقعي بہ ڪنهن نئين

سال جو ڪنول ٽڙيو آهي ۽ ڍنڍ جي تهه ۾ ستل لهرون نيڻ مهٽي ۽ ڪر موڙ جاڳي پيون آهن.... لهرون جاڳيون ته پاڻيءَ جو مزاج بدلجي ويو.... زندگيءَ جي ترتيب ۾ عجيب وٽندڙ بي ترتيبي پيدا ٿي وئي! ۽ بي ترتيبيءَ ۾ ترتيب اچي وئي! ڏسندي ڏسندي سڀ ڪجهه بدلجي ويو..... مان روح جي گهراين تائين سرشار ٿي ويس! ڪيوپڊ ديوتا جو پاڇولو پٽجي ويو هو منهنجي روح تي! صفا ٻار بڻجي ويو هئس. اکيون ٻوٽجي ويون هئم هڪ عجيب خمار ۾! پر لڳي ويا هئم ڇڻ. اڏامڻ لڳو هئس آڪاش جي وسعتن ۾. چنڊ ۽ ستارن سان دوستي ٿي وئي هئي منهنجي! موسمون مهربان ٿي پيون هيون مون تي. پنهنجي منهن ڳالهائڻ لڳو هئس ۽ گنگنائڻ لڳوهئس الاءِ ڇا ڇا! ننڊ ۾ جاڳڻ لڳو هئس ۽ جاڳندي ننڊون ڪرڻ لڳو هئس.

فون تي وشالتا جي آواز جو سج اپرندڙ هو ته سيني ۾ انيڪ سورج مکي ٽڙي پوندا هئم. ڪلندي هئي ته دل جي ٻاري ٻاري ۾ موتيا مهڪي پوندا هئا ۽ ڪنهن شام سندس آواز جو چنڊ نه اپرندو هو ته آئون اماوس جو احساس بڻجي ويندو هئس. سندس آواز جي خوشبوءَ کان خالي شام ڏاڍي بي رنگ ڀاسندي هئي. اهڙين بي رنگ شامن جو خاليپڻو مون کي اداسيءَ سان پريل ماڻ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو هو. مون کان نه ڪجهه لکڻ پڙهندوهو نه پڙهڻ! لڳندوهو ڇڻ سڀ ڪجهه خالي خالي ٿي ويو آهي. گهر خالي ٿي ويا آهن. رستا خالي ٿي ويا آهن.. شهر خالي ٿي ويا آهن. سڄي دنيا خالي ٿي وئي آهي. محسوس ڪري ورتو هئائين منهنجي شامن جي خاليپڻي کي! ڇاڻي واڻي ديريون ڪرڻ لڳي هئي ڳالهائڻ ۾. آزمائڻ لڳي هئي منهنجي صبر کي! ڏسڻ ٿي چاهيائين شايد منهنجي انتظار جي شدت کي! پيار جي شدت کي! هڪ پيري ته پوريون پنج شامون نه ڳالهايائين! پنج ئي شامون صليب ۾ ٽنگيل هئس مان. پلصراط تي هئا ڇڻ پير منهنجا. يقين ۽ بي يقينيءَ جي اها پلصراط ڏاڍي طويل هئي!!

يقين اهو ته مان هن سان پيار ڪيان ٿو ۽ بي حد بي حساب ڪيان ٿو. بي يقيني هيءَ ته شايد هوءَ مون سان پيار نه ٿي ڪري. منهنجو پيار هڪ طرفيو آهي.

جنهن کي آئون پيار ٿو سمجهان سو محض منهنجي پنهنجي اڄ جو پرتوو آهي. اڃارين اکين جو ڪاڏل دوکو آهي. سراب آهي. آئون پنهنجيءَ اڄ ۾ رڄ کي پاڻي سمجهي سڄ ۾ پٽڪي ويل مسافر آهيان. اهڙي مسافر جي مقدر ۾ موت کان سواءِ ڪجهه به نه هوندو آهي. هوءَ ته رڳو حويليءَ جهڙي اڪيلي ۽ اداس گهر جي اذيت کان گهبرائجي عارضي طور ڳالهين جي پهلوءَ ۾ پناهه ٿي وئي.... ڪجهه لمحن لاءِ آواز جي درياهه ۾ ترڻ ٿي چاهي. پاڻ کي پرپائڻ لاءِ بس. ته ڪنهن مهل پاڻ کي آئت ڏيڻ لاءِ دليل پئي ڏوڙايم ته رڳو آئون ئي ساٿس پيار نه ٿو ڪيان هوءَ به

چاهي ٿي مون کي. منهنجو پيار هڪ طرفيو نہ آهي. هڪ طرفي تہ نفرت ئي نہ ٿي سگهندي آهي پيار هڪ طرفيو ڪيئن تو ٿي سگهي! پر پوءِ ڇو نہ اڏس منهنجي انتظار جو احساس. ڇو نہ تي سمجهي منهنجي شامن جي اڪيلائي کي!! اهي شامون اڻ تڻ جي عجيب ڪن ۾ ڦاٽل هيون. نہ ٻڌس ٿي ۽ نہ تريس ٿي. ڇهين شام سندس ماڻ جي لام تي لفظن جا گل ڦٽا.

"علي ڪهڙو حال آهي. خوش آهيو"

ڪيڏي معصوميت سان پڇيائين حال".

ڇڻ خبرئي نہ هجيس تہ سندس آواز کان وڇڙي ڇا حال ٿيو هوندو منهنجو؟

سڀ ڪجهہ ڄاڻندي بہ اڻڄاڻ بڻجڻ جون ادائون تہ ڪانئس ڪو سکي!

"ٺيڪ آهيان. توهان ڪيئن آهيو"

آواز ۽ لهجي جو توازن قائم رکڻ جي ڪوشش ڪندي چيم، پر توازن قائم رهي نہ سگهيو. منهنجو آواز ۽ لهجو لفظن ۾ الجهي ويو.

"خير تہ آهي. ڏاڍا اداس پيا لڳو. ڪنهن اداس ناول جي پڇاڻيءَ تي پهتا آهيو ڇا"

مون چيو "اهڙي ڪا ڳالهہ نہ آهي."

"ڪا تہ ڳالهہ آهي."

"بس ايئن توري اداسي هئي."

"پر ڇا جي ڪري ٿ....و....ر.....ي اداسي آهي"

"بس ايئن بي سبب"

" اونهون. بي سببيءَ جو بہ ڪو سبب هوندو آهي..... ٻڌايو ڇا ٿيو آهي"

"بهار جون هي شامون ماڻهوءَ کي بي سبب اداس ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن"

ڇيائين "ماڻهن کي ڪوڙ ڳالهائيندي حياءَ بہ نہ تو ٿئي"

"ها، واقعي ماڻهن کي ڪوڙ ڳالهائيندي حياءَ بہ نہ تو ٿئي." مون ساڳيو جملو سندس ئي انداز ۾ دهرايو.

ڪلي پئي.

سندس ڪل ۾ هڪ ئي وقت پن ڇڻ جهڙي اداسي بہ هئي تہ بهار جهڙي سرهائي بہ.

بهار ۾ هر سال ايڇ ايم خوجہ باغ ۾ گلن جي نمائش لڳندي آهي. ان سال بہ نمائش جون تياريون ٿي رهيون هيون. سڄي شهر مان گلن جي نمائش جو گهڻي ۾ گهڻو انتظار جنهن ڇوڪريءَ کي هو اها وشالتا هئي. نمائش جون ڳالهيون ڪندي ٿڪجندي ئي نہ هئي. خوجہ گارڊن سندس ڪاليج واري رستي ۾ هو، سو ايندي ويندي پئي باغ ڏي ڏسندي هئي!

"علي اڄ باغ جا رستا پئي صاف ٿيا"

"اڄ وڻڻ ۽ پتين کي ڇونو پئي هنيائون"

"اڄ لان جي صفائي پئي ڪيائون"

روز ٻڌائيندي "نمائش ۾ باقي ڏهہ ڏينهن آهن.... باقي اٺ ڏينهن آهن....."

هڪ شام چيائين "علي اڄ ڪائين

انساني جسم

انساني جسم 208 هڏين تي مشتمل هڪ ڍانچو آهي، جنهن جو ٽوٽل وزن 8 کان 9 ڪلو ڪن ٿئي ٿو. هن کي 600 عضوا آهن جيڪو جسم جو 35 سيڪڙي کان 45 سيڪڙو وزن رکي ٿو. هن کي رت جي دوري جو سسٽم آهي جيڪو 9 کان 12 پنٽ (اپنٽ = ڏيڍ پاءُ) رت اٿس، جيڪو دل جي حرڪت ڪري سڄي جسم ۾ ڦهلجي ٿو. هن ۾ عمومن ايتري طاقت هوندي آهي جو هو پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ ڏهه ٽن مڻ وزني شيءِ کي 150 فٽ مٿي فضا ۾ ڪڍي سگهي ٿو. انسان کي تنتي Nerves systemبه آهي. جيڪو دماغ ذريعي ڪنٽرول ٿئي ٿو. اهو دماغ دنيا جو وڏي ۾ وڏي ڪمپيوٽر کان به وڌيڪ صلاحيت رکندڙ آهي. اهو فقط ٻار جي راندڪي وانگر آهي جيڪو پاڻ ئي پروگرام ٺاهي ٿو. انسان کي هڪ عدد جوڙو ڦڦڙن جو به آهي جيڪو 500 ڪيوبڪ فٽ هوا کي ڪڍي ٿو. انساني جسم ۾ ٽڏاڻ سسٽم به آهي جيڪو 2 کان 3 لک سنهڙن گرمين کي خارج ڪندڙ سوراخن تي مشتمل آهي. هن کي کاڌ خوراڪ جو به سسٽم آهي. جنهن ۾ 25 فٽ ڊگهي کاڌي جي نالي‌ءَ جو Alimentory canalسسٽم اٿس جيڪو پنهنجي سراسري زندگيءَ ۾ 50 ٽن کاڌي کي هضم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو.هن ۾ انسان پيدا ڪرڻ جي به صلاحيت آهي، جنهن ڪري دنيا ۾ 4000 ملين کان به مٿي ماڻهو اچي چڪا آهن. هن کي پيشاب گندو مواد ڪڍڻ جو به سسٽم آهي،جنهن ۾ به بڪيون اٿس جيڪي 45 گيلن پاڻي هڪ ڏينهن ۾ خارج ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿيون ۽ 17 اسڪوائر فٽ چمڙي به اهي جيڪا هر شيءِ کي ڪور ڪري ٿي. انساني جسم کي دنيا جو محفوظ ۾ محفوظ ٽيل سسٽم چئبو آهي، جيڪو سمنڊ جي اوناهين ۾ به گهڙي سگهي ٿو، ته چنڊ جي مٿاڇري تي به آساني سان رهي سگهي ٿو.

انسان ان جانور وانگر آهي جنهن ٻوليون فن، سائنس، راندين، نقش سازي جو علم،سياست ۽ مذهب وغيره جو بنياد وڌو ۽ دنيا کي فتح ڪيو آهي ۽ هاڻي پنهنجو پاڻ کي ايڏي وڏي ڪاميابي کان پوءِ به تباهه ڪرڻ ۾ سنبريو وينو آهي.

تاريخ آهي"

چيم، "اڄ اناويهين فيبروري آهي"

چيائين "معني نماش ۾ باقي به راتيون آهن"

"ها..... باقي خير جون به راتيون"

دل ۾ مرڪندي چيم.

چيائين "توهان نمائش تي ويندئو"

چيم، "تي سگهي ٿو وڃان.... تي سگهي ٿو نه وڃان"

دڙڪي جهڙي انداز ۾ چيائين "چا مطلب تي سگهي ٿو ته وڃان توهان کي ضرور وڃڻو آهي..... چا سمجهيو"

"اوڪي.... بابا ويندس"

"دئٽ از لائڪ اي گڊ چائلڊ"

نمائش جون پهريون ۽ شامون مردن لاءِ ۽ آخري ۽ شامون عورتن لاءِ مخصوص هيون....!

تنهن شام آفيس مان موٽندي منهنجا پير پاڻ هموررو نمائش ڏي وڌي ويا.

نمائش ۾ ڏاڍي رونق هئي.

پر مون کي سڀ کان وڌيڪ گلن وارو حصو وٺيو. ڪيترن ئي رنگن ۽ قسمن جا گل سليقي سان سجائي رکيل هئا. انهن مان ڪي ڏڏل وائنل ديسي گل هئا ته ڪي اڻ ڏڏل اجنبي گل هئا. انهن اڻ ڏڏل گلن ۾ واڳنائي گلن وارا ڪارنيشن ايف ون ۽ گلابي پنکڙين وارا وربينيا جا گل ڏسڻ وٽان هئا. خاص ڪري وربينيا جا گل ته ڏاڍا خوبصورت ۽ منفرد هئا ۽ توٿي جو اهي گل مون اڳ ڪڏهن به نه ڏٺا هئا پر لڳو پئي جڻ اهي گل اڳ به ڪٿي ڏٺا آهن مون.....

واسطو آهي ڪو انهن گلن جي خوشبوءِ سان منهنجو! آئون اڌ رات مهل انهن گلن جي خوشبو ساهن ۾ سمائي گهر موٽي آيس..... ۽ رات جو جاڳ ۾ الاءِ خواب ۾ اهي ئي وربينيا جا گل وشالتا کي تحفي طور ڏنم.... گل ڏسي وشالتا جي چپن تي گلن جهڙي مرڪ وکري وئي!!

هئي ڏينهن وشالتا چيو "نمائش تي ويا هيو"

چيم. "ها"

چيائين. "نمائش ۾ سڀ کان اول ڇا ڏٺو ۽ سڀ کان آخر ۾ ڇا ڏٺو"

چيم. "مون سڀ کان اڳ گل ڏٺا ۽ سڀ کان آخر ۾ به گل ڏٺم"

"ڇو.... گلن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو ڇا؟"

چيم. "گهڻو ڪجهه هو پر مون کي گلن کان سواءِ ڪجهه به نظر نه آيو"

چيائين. "توهان به عجيب آهيو"

چيم. "رڳو عجيب نه پر غريب به آهيان"

وشالتا ائين نندڙا نندڙا ٽهڪ ڏئي ڪلڻ لڳي جڻ ڪنهن ڍنڍ ۾ گل اڇلايو ۽ لهرن ۾ هلچل مچي وئي.

چيم. "وشالتا توهان سيانڻي ويندئو نمائش تي"

"يس آف ڪورس...."

"ها توهان کي ضرور وڃڻ گهرجي. توهان کان سواءِ گل ڏاڍا اٻاڻڪا هوندا"

وشالتا وري ڪلڻ لڳي.

مون اڃا ڪجهه ڳالهائڻ ۽ ڪيس ٻڌائڻ ٿي چاهيو ته توهان وربينيا جا گل ضرور ڏسجو. وربينيا جي گلن ۾ پهرئين پيار جهڙي خوشبو آهي...." پرمنهنجي ڳالهائڻ کان اڳ هن ڪلندي خدا حافظ چئي رسيور رکي ڇڏيو.

ٻيءَ شام فون تي هيلو ڪيائين ته مون جهٽ ۾ چيو. "نمائش ڪيئن رهي"

چيائين. "زبردست"

"گل ڏٺوا"

"ها ڏٺم."

"ڪيئن لڳا!"

"تمام سٺا."

"ڪهڙا گل وڌيڪ سٺا لڳا؟"

سرهاڻ ۾ چيائين، "پريان امان پئي اچي.... هاڻي وري سياڻي ڳالهائينداسين. اوڪي؟ ۽ ها سچي..... اڄ مون اوهان ڏي خط پوسٽ ڪيو آهي. گهڻو ڪري سياڻي ملي ويندو.... اوڪي؟.... الله حافظ"

خط جو نالو ٻڌڻ سان منهنجي دل جهومي وئي ۽ ڪي ساعتون جهومندي رهي ائين جيئن ڪو پکي ٽاريءَ تان اڏامندو آهي ته ٽاري ڪجهه پل لڏندي رهندي آهي. رسيور هيٺ رکيم ته هڪ سوال ذهن جي چانئٽ تي ڪانپ ڪڍي ويهي رهيو "خط ۾ ڇا لکيو هوندائين؟؟" ڪيترن ئي خيالن ۽ خوشين جا ڪبوتر پئي اڏاڻا اندر جي آسمان ۾.... هڪ دل چيو پئي ته خط ۾ پنهنجي دل جي ڀاونا لکي هوندائين. اعتراف ڪيو هوندائين پنهنجي پيار جو.... ته ٻيءَ دل پئي چيو ته خط ۾ دل جي ڳالهه ڪرڻ بدران رڳو هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون لکيون هوندائين. اهي به اڻ چٽيون.... ڏنڌليون. ... پاڻ جهڙيون ائبسٽريڪٽ....!

سوچيم، پئي "هن ڪڏهن به ڪا به ڳالهه چٽن لفظن ۾ ڪئي ئي نه آهي..... سدائين ڳجهارتن ۾ ڳالهائيندي آهي.... به به معنائون پيون نڪرنديون آهن. سندس هڪ هڪ ڳالهه مان..... سندس هڪ هڪ ٿهڪ مان چار چار مطلب پيا نڪرندا آهن....! سندس جئان سندس خط بابت به پڪ سان ڪجهه چوڻ ڏاڍو مشڪل آهي."

انتظار جي اها هڪ رات ڏاڍي ڏکي گذري.... ڇڻ هڪ رات نه هئي، هڪ صدي هئي، جا گذريو نه ٿي گذري. اها سچي رات جاڳندي گذاريم. خبر نه آهي ته مون کي سندس خط جو ايڏو انتظار ڇو هو؟؟ پر ڏاڍو انتظار هو مون کي خط جو.....!!

..... ۽ صبح جو آفيس ۾ ويٺو بي دليءَ سان اخبار جو ايڊيٽوريئل صفحو پئي ڏنم جو ڪوريئر سروس جو ملازم منهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيو. تڪڙ ۾ سلام ڪري هڪ ننڍڙو پيڪٽ ٽيبل تي رکي ڪاڳر تي مون کان صحيح وٺي مشين وانگر ٻيو دفعو سلام ڪري ٻاهر نڪري ويو. مون اٿي دروازي جو تاڪ ورايو ۽ پوءِ ڪرسيءَ تي ويهي ڏکندڙ هٿن ۽ لرزندڙ دل سان ائين پيڪٽ کولڻ لڳس جو ڀانءِ اهو پيڪٽ ان گهڙي ڪلي نه سگهيو ته وري ڪڏهن به نه کلندو..... تڙ تڪڙ جي ان عالم ۾ مون کان موراڳهين سڄو پيڪٽ ڦاٽي پيو..... پر پيڪٽ ۾ ڪو به ڪاڳر نه هو. خط نه هو..... چٽي نه هئي..... پيڪٽ ڦاٽو ته ڪاڳر بدران وربينيا جي گلن جون ڪوڙ ساريون گلابي پنکڙيون نڪتيون ۽ منهنجي آڱرين مان چٽنديون، هٿن مان ڪرنديون، منهنجي قميص تي وکرنديون جهوليءَ ۾ ڦهلجي ويون.... ڪرسيءَ تي ۽ هيٺ قالين تي ۽ سڄي ڪمري ۾ وکري ويون!

☆☆☆

منهنجي ايمبولينس جي آسپاس ۽ اڳيان پٺيان گاڏين جا هشام هئا ۽ اسان سڀ صدر صاحب جي احترام ۾ هوٽل مهراڻ جي سگنل کان ميٽروپول واري سگنل تائين بيٺا هئاسين ۽ صدر صاحب جي وڏي حياتيءَ لاءِ دعاگو هئاسين.

منهنجي ايمبولينس ۾ معمول مطابق هڪ مريض ۽ ڪيس خدا کان ڊيڄارڻ لاءِ چار تيماردار موجود هئا.

مريض کي دل جو دورو پيو هو پر هو سندس چئن مائٽن کي اچرج وچان ڏسي رهيو هو، جيڪي روئي گهٽ ۽ رڙيون وڌيڪ ڪري رهيا هئا.

"تون اڳتي وڌين ڇو نه ٿو ڊرائيور،" هڪ بندري تيماردار گهاٽين مڇين جا وار چپن ۾ پيڪوڙيا ۽ چيائين، "تنهنجي ايمبولينس مري وئي آهي ڇا؟"

"تون هڪ انتهائي بدتميزءَ غيرمحب وطن پاڪستاني آهين،" چير،

معاشري جي بي حسيءَ متان لڪيل احساسن کي جهجهوڙيندڙ ڪهاڻي

حسن منصور

هُوٽر

معاشري ۾ بي چيني، بي حسيءَ مطلب پرستي جي پس منظر ۾ لڪيل هيءَ ڪهاڻي اسان جي بکڙجندڙ معاشري جي پريور عڪاسي ڪري ٿي. هڪ مرض پنهنجي زندگيءَ جي جنگ وڙهي رهيو هو. سندس مٽ مائٽ ڪيس بچائڻ لاءِ ايمبولينس ۾ ڪٽائي ضروري علاج واسطي وٺي وڃي رهيا هئا ته اوچتو ئي اوچتو هڪ وڏي هستي سندن راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي وئي.

"ڏسين نہ ٿو تہ ايڏي خلق صدر صاحب جي گاڏيءَ جي خيريت سان لنگهڻ جو انتظار ڪري رهي آهي،"

بندري شهپرن جا ڪجهہ وڏيڪ وار چپن ۾ پيڪوڙيا. مريض ڏانهن اشارو ڪيائين، "ڏسين ٿو سندس حالت!"

مون مريض کي ڏٺو، جنهن بندري جي همدرديءَ کان متاثر ٿي سندس دل تي هٿ رکي ڇڏيا هئا.

"ها ڏسان پيو! هي توکان وڏيڪ محب وطن آهي ۽ صدر صاحب جي ڊگهي حياتيءَ لاءِ دعاگو آهي."

"هن کي جيڪڏهن ڪجهہ ٿيو تہ ..."

"تہ؟ "

بندرو ماٺ ٿي ويو. سندس پر ۾هڪ صفا سنهڙو ۽ روئندڙ چهري وارو وينل هو. هن چيو، "ڪيڏو نہ افسوس جو مقام آهي. انسان جي حياتيءَ جو ڪو قدر نہ آهي."

مون سميت سيني تيماردارن ۽ مرض پڙ ڪيس عجب وچان ڏٺو.

روئندڙ چهري واري چيو، "هڪ انسان جي زندگيءَ جو سوال آهي، ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي!"

"زندگيءَ جو ڪو سوال نہ هوندو آهي چاچا" هڪ ٿلهي پيٽ ۽ ڊگهي منهن واري نوجوان چيو "زندگيءَ تہ پاڻ هڪ سوال آهي."

"بيشڪ، بيشڪ." مريض چيو.

سنهڙي اوجتو روئڻ شروع ڪيو.

پڇيم، "تون روئين ڇو ٿو چاچا!"

"هي روئي نہ پر ڪلي پيو!" ٿلهي پيٽ ۽ ڊگهي منهن واري چيو، "سندس روئڻ ۽ ڪلڻ ۾ ڪو فرق نہ آهي!"

اچرج وچان سنهڙي کي ڏٺم، جيڪو اڃا بہ روئي يا ڪلي رهيو هو.

چوٽون تيماردار جنهن جون اکيون ٿلهن شيشن جي عينڪ سبب پٽاٽن جهڙيون ڏسجيون ٿي،گاڏيءَ جي ڪنڊ مان نڪري اڳتي آيو. چيائين، "هن سيپڪڙي جو روئڻ ۽ ڪلڻ سدائين کان هڪجهڙو نہ هو!"

اسان سيئي کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڏسي خوش ٿيو. پراسرار لهجي ۾ چيائين، "ڪافي سال اڳ سندس شادي ٿي، بس تنهن کان سندس اهو حال آهي!"

سيپڪڙو وري روئڻ لڳو.

مون پٽاٽن جهڙيون اکين واري ڏانهن ڏٺو.

هن سندس ٿلهن شيشن واري عينڪ نڪ تي فٽ ڪئي. چيائين، "هاڻي هي واقعي روئي رهيو آهي."

مون مريض ڏانهن ڏٺو جيڪو پڳهر ۾ ٻڏل هو ۽ دل تي هٿ رکي گاڏيءَ جي ڇت منجهہ خبر ناهي ڇا ڏسي رهيو هو.

وندہ اسڪرين کان ٻاهر ڏٺم، گاڏين جا ساڳيا هشام بينل هئا.آسپاس ڪيئي ڪارون ۽ موٽر سائيڪلون هيون ۽ بيڪ ويو مرر ساڳيو حال پوئتي بہ ڏيکاري رهيو هو. ٿلهن شهپرن وارو

بندرو وري پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ مون کي عجيب نظرن سان ڏسڻ لڳو.

سندس نظرن ۾ خبر ناهي ڇا هو. آئون هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳس.

سامهون سگنل کيئي پيرا سائو، هيبو ۽ ڳاڙهو ٿي چڪو هو، پر ٽرئفڪ سارجنٽ ۽ سپاهي ٻنهي پاسن وارين سڙڪن کي گهيري بيٺل هئا ۽ لاڳيتن اشارن سان ڊرائيورن کي گاڏين ۾ لڳل بريڪ جي فائدن بابت سمجهائي رهيا هئا.

اوچتو پنهنجن کلهن تي ڪنهن جا هٿ محسوس ڪيم. پٺيان ڏٺم ته بندرو اڃا تائين مون کي گهوري رهيو هو.

مون سواليه نظرن سان ڏانهنس ڏٺو. چيائين، "هن کي ڏس!"

مون اسٽريچر تي ليٽيل مريض کي ڏٺو جيڪو هر هر وڦلي رهيو هو ۽ سندس اکيون گاڏيءَ جي ڇت ۾ ڪتل هيون.

بندري چيو، "مريض جي حالت تمام خراب آهي!"

ڪيئي سال ايمبولينس هلائيندي مون ڪيئي مريضن ۽ جيئرن ماڻهن کي لاشن ۾ تبديل ٿيندي ڏٺو آهي.

محسوس ڪيم ته سامهون پيل مريض جي حياتي ڪراچيءَ جي موسم جيان بي اعتبار ٿي چڪي آهي، پر مون پنهنجن سالن جي تجربي کي رد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مڃاڻ ڇو پاڻ کي آٽت ڏيڻ لڳس ته زندگي نيٺ موت کي مات ڏيندي.

بندري جي اکين ۾ ڏٺم. چيم، "ڇا ٿيو اٿس، بلڪل ٺيڪ آهي، ڪو مسئلو ناهي!"

بندرو مون کي ڏسندو رهيو.

چيم، "هي پهريون پيرو ٽرئفڪ جام نه ٿي آهي. ڪئي مريضن کي مون اهڙيءَ حالت ۾ اسپتال پهچايو آهي ۽ اهي نوبنا موٽيا آهن."

مون کي ياد آيو ته مون ڪجهه ڏينهن اڳ ئي اهڙيءَ صورتحال ۾ هڪ مريض کي جناح اسپتال پهچايو هو ۽ ستت ئي پوءِ سندس لاش کي حفاظت سان ايڌيءَ جي سردخاني پهچايو هئم.

"توکي خبر ناهي انسان ڏاڍو نجس آهي، بندرا!"

بندرو مون کي شڪايتي نظرن سان ڏسڻ لڳو. چيائين، "منهنجو نالو بُلند خان آهي!"

"بُلند!؟"

"ها!" ارڏي لهجي ۾ چيائين، "هن سنهڙي جو نالو خوشحال آهي ۽ جيڪو تلهو آهي، هن جو سندس مائٽن نازڪ علي نالو رکيو آهي!"

"ته پوءِ تلهي عينڪ پاتل جو نالو يقينن ناظر هوندو يعني ڏسندڙ!"

"بلڪل!" بندري مون کي اچرج وجان ڏٺو، چيائين، "پر توکي خبر ڪيئن پئي؟"

"آئون هڪ ايمبولينس ڊرائيور آهيان ۽ منهنجو نالو صاحب آهي!"

سنهڙو وري روئڻ لڳو، پر ناظر واضح ڪيو ته هو ڪلي رهيو هو.

سنهڙي مون ڏانهن ڏٺو، مڃاڻ کليو يا رنو پر چيائين، "تنهنجي مائٽن توتي اهڙو نالو رکيو آهي جو تنهنجي زال بہ کٽڻ کان ڪيہائيندي هوندي!"

"ها، پر مون کي منهنجا صاحب بہ صاحب چوڻ تي مجبور آهن."

اوچتو مريض وڦليو ۽ سندس هٿ بندري جي ہانهن ہر کپي ويو.

منهنجي تجربي مون کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پکي پنهنجي اڏام لاءِ تيار آهي، پر نہ ڄاڻ ڇو پنهنجو پاڻ کي رد ڪيم ۽ اندر کي خاطري ڏنم تہ مريض بچي ويندو.

هڪ پيرو وري سامهون ، آسپاس ۽ پنيان ڏنم ۽ ايمبولينس کي اڳي جيان سوين هزارين گاڏين منجهہ قيد ٿيل ڏٺم.

خبرمڃاڻ ڇو منهنجا هٿ هڪ بٽڻ کي لڳا ۽ ايمبولينس مٿان لڳل هوٽر وڏي واڪي وڄڻ شروع ٿيو. آسپاس ڏٺم، ڪارن ۽ مني بسن جا ڊرائيور بون کي اچرج وچان ڏسي رهيا هئا.

پر ہر وينل موٽر سائيڪل تي وينل هڪ نوجوان واڙو تي مون ڏانهن ڏٺو، چيائين، "لڳي تو تون هن شهر ہر نئون آيو آهين!"

آئون خاموش رهيس ۽ سامهون ڏٺم تہ ٽرئفڪ پوليس جو هڪ سپاهي ڊوڙندو ايمبولينس ڏانهن اچي رهيو هو.

موٽرسائيڪل تي وينل نوجوان هيلمٽ کي مٿي تي ناهيندي ہئي پاسي ڏسڻ لڳو.

سپاهي منهنجي سامهون اچي بيٺو. هن سهڪندي مون ڏانهن ڏٺو. چيائين، "ايڏو گوڙ ڪري ويٺو آهين، توکي خاموشي پسند نہ آهي ڇا؟" .

جهيٽي آواز ہر چيم، "منهنجي ايمبولينس ہر هڪ مريض آهي ۽ سندس حالت خراب آهي."

سپاهيءَ منهنجي پاسي واري دريءَ منجهان سسي اندر ڪري ڏٺو.

مون بہ پوياڻ ڏٺو ۽ چاهڻ باوجود بہ پاڻ کي اها آتت ڏيڻ ہر ناڪام رهيم تہ وٽس ڪجهہ گهڙيون باقي بچيل هيون.

سپاهيءَ وري سسي ٻاهر ڪئي. چيائين، "هو ساهہ کٽي رهيو آهي ۽ اسان جي ملڪ جي هڪ خوشحال شهريءَ جيان

ڪهڙو فائدو

ان زبان جو...جيڪو قول پاڙي نہ سگهي.

ان لالچ جو...جيڪو ٻئي جي جان وٺي.

ان دوست جو.....جيڪو مشڪل ہرسات ڇڏي ڏي.

ان عقل جو.....جيڪو انسان کي جانور بنائي ڇڏي.

ان علم جو...جيڪو صرف پنهنجو پاڻ تي محدود هجي.

ان دل جو....جيڪو دنيا جي رنگيني ہر گم ٿي وڃي.

ان ٽنگن جو...جيڪي خدا جي عبادت ہر مسجد نہ وڃن.

——— جعفر علي (نٿو)

حيات آهي."

مون کي پنهنجو پاڻ پٽڻ لڳو.

سپاهيءَ چيو، "ڀ مون ڏٺو تہ هي مريض پڻ ٻانهون ٻڌي اسان جي اڳواڻن جي وڏي حياتيءَ لاءِ دعاگو آهي!"

آئون پنڌ پهڻ تي کيس ڏسندو رهيس.

"ڀ هي ڏس!" سپاهيءَ آسپاس ۽ اڳيان پٺيان بيٺل گاڏينءَ ڏانهن اشارو کيو، "اهي سڀ محب وطن شهري آهن ۽ خاموشيءَ سان صدر صاحب جي گاڏيءَ جي خيريت سان لنگهي وڃڻ لاءِ دعا ڪري رهيا آهن."

مون ڪجهہ نہ ڪڇيو. سپاهيءَ مون کي وري ڪاوڙ منجهان ڏٺو ۽ دريءَ منجهان ڏسندي هوٽر واري بٽڻ کي ڇهيو.هوٽر بند ٿي ويو.

عجيب قسم جي خاموشيءَ ۾ ڏٺم تہ آسپاس جا ڊرائيور ڇرڪي ويا هئا ۽ مون کي ۽ سپاهيءَ کي اچرج وچان تڪي رهيا هئا.

سپاهيءَ چيو، "تاريخ گواهہ آهي تہ اهي قومون جنين صبر کيو ۽ بريڪ تان پير نہ هٽايا،انهن ئي سوڀ ماڻي ۽ اوڄ تي پهتيون."

منهنجي پر ۾ بيٺل نوجوان موٽرسائيڪل بند ڪري ڇڏي.

"شاباس!" سپاهيءَ چيو، " صبر سان نہ رڳو ماڻهو مضبوط ٿئي ٿو پر ملڪ جي معيشت بہ مضبوط ٿئي ٿي."

"بيشڪ!" نوجوان چيو، "ماڻهن جي خبر ناهي پر گاڏين جو تيل بچائي سگهجي ٿو."

سپاهيءَ ڪاوڙ مان موٽرسائيڪل واري کي ڏٺو ۽ تڪڙ وچان اڳتي وڌي ويو.

مون ڪلهن تي وري ڪنهن جو ڇهاءُ محسوس ڪيو ۽ ڏٺم تہ خوشحال عرف سيپڪڙو روئندي مون ڏانهن ڏسي رهيو هو.

سندس اکين ۾ ڏسندي مون ڪنهن کان پڇي اها پڪ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي تہ هو روئي رهيو هو يا ڪلي رهيو هو. مون ڄاتو تہ هو روئي رهيو هو. پٺيان منهن ڪري ڏٺم تہ مريض بي حرڪت اسٽريچر تي اهليل هو ۽ سندس چهري تي اذيت جون ريکائون ڇڻ ڇمي ويون هيون. سندس هڙيئي مائٽ ۽ تيماردار ڏانهنس ڏسي روئي رهيا هئا.

ڄاتم تہ پڪي اڏامي ڇڪو هو، پر پوءِ بہ خبر نہ ڇو منجهہ اندر مونجهہ محسوس ڪيم. فيصلو ڪيم تہ اجا بہ اسپتال پهچڻ اوترو ئي اهم هو جيترو ڪجهہ لمحا اڳ.

مون وري بٽڻ دٻايو ۽ هوٽر وڏي واڪي وڄڻ شروع ٿيو. آسپاس ۽ اڳيان پٺيان بيٺل گاڏين جي ڊرائيورن ڇرڪي مون ڏانهن عجب وچان ڏٺو.

پر ۾ بيٺل نوجوان موٽرسائيڪل ڪک سان اسٽارٽ ڪئي ۽ مون ڏانهن ڏنائين.

هو ڪجهہ دير هيلمٽ ٺاهيندو رهيو ۽ پوءِ موٽرسائيڪل جي جهيٽي هارن تي آگونٽو ڇمائي ڇڏيائين.

☆☆☆



هن ايڪويهه صدي جي ترقي يافته دور ۾ به هارين سان اهي ظلم، زور ۽ شور سان جاري آهن، جيڪي پراڻن دورن ۾ ٿيندا هئا. دنيا کي ڪارائڻ وارا خود بڪيا سمهندا آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ به هارين سان ٿيندڙ اهو ظلم بيان ڪيو ويو آهي. اهو هلندڙ ظلم الاهي ڪيستائين جاري رهندوءِ هارين کي حق ملندا.

چوڌريءَ جو سيرڙيو

امر لغاري

هارين سان ٿيندڙ ظلم جو احوال

منجهند جو تئه جيئن ئي جهڪو ٿيو ته نيڪو، چوڌري عارف جي سيريءَ تي ڪاهيل ڪمند ۾ اچي گڏ جا هر وڏا. چوڌريءَ جو ڪمند گذريل ڪيترن ئي سالن کان سڄي تر کي ماريندو پئي آيو. گهاٽو، ٿلهي ڳريءَ وارو. وري ڪارو اهڙو جو مرونءَ به ڪونه ڏسي. پري کان ايئن پيو پاسي ڇڻ ڪو ڪوٽ بيٺو هجي.

هرڪو ڏسيو پيو چوڌريءَ جي واڪاڻ ڪري. وونئڻن ۽ مرچن جي پَل پَلان جو به ڪو چيهه ڪونه هو.

چوڌري عارف جو فصل هر سال پلي کان پلو ٿيندو پئي آيو، پر نيڪوءَ جي بُت سڌرڻ جو نالو ئي نه ٿي ورتو. فصل جي پَل پلان سان گڏ نيڪوءَ جي بت کي به سڌرڻ ڪپندو هو. ڇو ته فصل جي سنائيءَ سان هاريءَ جي خوشحاليءَ جي سڌي نسبت جڙي ٿي.

ان ساڳي ويل سورج به چوڌريءَ جي جاگير ۾ ڪٿي ڪنهن کان اُن پنڻ ويو هو. ڇو ته گذريل ٻن سالن کان هُن جي حصي جي فصل جو حساب نه پئي ٿيو. ساڳي تعدي نيڪوءَ سان به هئي. ٻنهي پاڻرن جو خاندان گذريل ٻن سؤ سالن کان هٿي آباد هو، پر سندن المير اهو هو ته جڏهن ميرن جي صاحبي هُئي ته چوڌري واري جاگير سندن ملڪيت هُئي. پر جڏهن انگريز آيا ۽ ماڻهن کي جاگيرون ۽ ملڪيتون عطا ڪيائون ته سندن حصي واري زمين به انگريزن جي وفادار فوجين ۽ ساتارين جي ڪاتي ۾ هلي وئي. نيڪوءَ جا ابا ڏاڏا ۽ پڙڏاڏا ميرن جا وفادار هُئا. وفاداريءَ جو ڦل ساڳيو هو، پر فرق رڳو "صاحبي" جو هو.

ڪمند ۾ ڪم ڪندي نيڪو سوچيو: "چوڌري اسان جون ٻه عيدون ته ايئن ئي بنا حساب ڪتاب جي وڃائي ڇڏيون. نه خرچ پڪو ڏنائين، نه وري دلاسو. مٽان وري هي بيگر. ٻن سالن کان سؤ ايڪڙ ڪمند جي سيري، ٽيهه ايڪڙ گدرا ۽ ٽيهه ايڪڙ مسور جي دال تو پوکرائي. پر مزوري ڏئي ئي نه. آخر ڇو؟ هاڻ جڏهن کان حساب ڪرڻ جو ڇيو اٿئونس ته ٻني به گهٽ ڪندو پيو وڃي!

"اِجا ته ڪمند ننڍڙو آهي. هيءُ پهريون هر اٿس. ٻيو هر به آئون ڏيندس. پاڻي به آئون ورائيندس. جڏهن فصل تيار ٿيندو ته وڍيندس به آئون، ڇليندس به آئون، ٽرالي تي به مان رکندس. موٽ ۾ مونکي ڇا ملندو؟ اُن بند، خرچ بند، چنڊ الڳ. هيءَ ذلالت ناهي ته ٻيو ڇاهي! هيءُ نسورو ظلم آهي! هيءَ ته جيل آهي - بيگار ڪئمپ آهي!"

نيڪوءَ کي خبر نه هئي ته هن سوچيندي سوچيندي رڙيون پئي ڪيون. هُن کي ياد آيو ته اڳيئن سال هڪ لڙيءَ منجهند جو هو پنهنجي پيءُ جي تڏي تي ويٺو هو، ۽ چوڌريءَ جا ڪمندار ڪيس ڪيئن نه بيدرديءَ سان گهلي ڪمند جي ڇيليءَ تي وٺي ويا هئا ۽ هو پنهنجي گهرواريءَ ، ٻن ڌيئرن، ٻن ڇوڪرن سميت ساندهه ڏهه ڏينهن ڪمند وڍيندو، ڇليندو ۽ لڏيندو رهيو هو. جنهنڪري هُن کي اجا تائين اها خبر پئجي نه سگهي ته ڪير ڪير سندس مرهيات پيءُ جو عذر ڏيڻ آيا هئا.

ڪن پل ڪانپوءِ نيڪوءَ کي گدرن جي واڙي ياد اچڻ لڳي. گدرا پٽڻ، ٻاچڪا ڀرڻ ۽ ٽرالين تي چاڙهڻ. ڪيس مسور جو فصل ياد اچي ويو. مسور جي جهار هڪلڻ، فصل پٽڻ، ڳاهڻ، وائر ڏيڻ، ٻورين ۾ ڀرڻ. پر ان هوندي به فصل سان سندس ڪو تعلق ڪونه هو؟ عجيب

ڳالهه هئي! رڳو اهو سوچي نيڪوءَ جو ضمير گهنڻجي پئي ويو.

"اڳئين سال چوڏري مهينو اسان کان مزوري ڪرائي. جڏهن سندس جاءِ ٺهي راس ٿي ته ايئن ڪونه چيائين، "شاباس، ٻچا!" اهڙي بي ضمير ماڻهوءَ کي ڇا چئجي؟ هڪ سال ۾ چئن جڳهن تان لڏايو اٿس. پنجين جاءِ تي وينا آهيون. ڪالهه پيو چئي ته اِها ٻنيءَ سونارن کي پيو ڏيان، توهان ڪنڊيءَ واري زمين ۾ ٿي ويهو. اسان کي ته لڏا ڪٽائي ڪٽائي اڌ مئو ڪري ڇڏيو اٿس؟"

ڪمند ۾ ڪم ڪندي نيڪو پنهنجي پاڻ کي سخت پورهئي سان جنم ٽيپ وارو قيدي پئي تصور ڪيو.

"اسان ته ڪانئس رڳو وونئڻ ۽ ڪٽڻ جو حساب ڪتاب تا گهرون. لڳي ٿو ته هو هٿ ڪٽائڻ ٿو گهري. هر طرح سان تنگ پيو ڪري. ڪجهه ڏينهن ٿيا آهن جو نوان هاري اسان جي گهرن جي پرسان اچي ويهاريا اٿس. ٻار ٻچا اٿن ڪونه. رڳو چڙا چاند آهن. سڄو ڏينهن اسان جي ٻارن ۾ اکيون اٿن. اِها به سندس شرارت آهي. هو چاهي ٿو ته اسان پڇي وڃون. يا حساب تان هٿ ڪٽي وڃون. ووٽن واري وزير کي به چيوسين. ٻوٽ چهو ڪري چٽ لکي ڏنائين. چٽ پڙهڻ کان پوءِ ته پرون وڏيڪ وينڊا ٿي ويس. هاڻ ته تعصب به ڪري ٿو!"

سوچيندي، ڪم ڪندي، نيڪ محمد کي ڳپل وقت ٿي ويو. هو اڃا به سڄ ۾ ٻڏل هو، جو اوچتو پرسان ڏهه ڦٽي رستي وٽآن هارن جو آواز آيو. نيڪوءَ چرڪ ڀري هر بيهاري ڇڏيو. هارن هڪ ڀيرو ٻيهر وڳو ۽ گڏو گڏ هن کي سڏ به ٿيو. هو هيسيل هيسيل سائي ڦڪي رنگ واري جيپ جي پرسان وڃي بيٺو.

ڪير جهڙي چٽي ڪاٽن جي وڳي پهريل همراهه جيپ مان ٿي پنو هٿ ۾ ڏيندي چيس:

"نيڪ محمد ڪي ڏجان! چئجانس صبح ڏهين وڳي انسپيڪٽر مهتاب سان ملي!"

نيڪوءَ سندس هٿ مان چٽ وٺي ان کي اٽلائي پٽلائي ڏسڻ لڳو. مٿس ڪجهه اکر لکيل هئا، پر اٽپڙهيل هئڻ ڪري هو پڙهي نه سگهيو. وري موٽي ويندڙ سائي ڦڪي جيپ ڏي ڏسي، همراهن جي وارن جي ڪَٽ کي ذهن ۾ آڻي پڇيو: "سادن ڪپڙن ۾ فوجي تا لڳن!" سندي ئي انڪشاف تي پاڻ سُسي ويو. پوءِ ته لُوهه ڪيائين جوڙي ڏي. جوڙو ڇڏي، سٽت ئي گهر هليو ويو. به ميل پنڌ ڪري اها چٽ هڪ رٽائرڊ ماسٽر ڏانهن کڻي ويو.

☆☆☆

ماسٽر چٽ پڙهي پريشان ٿي ويو.

"چاهي ليکيل، ماسٽر؟" نيڪو ماسٽر جو ڏاڙهو منهن ڏي ڏسي ڪانئس پڇيو.

"چوڏري توتي دانهيو آ، مائٽ."

"دانهيو آ؟ ڪنهن وٽ؟"

"ايف - آئي - يو وارن وٽ."

"اهي ڇا آهن، مائٽ؟" نيڪو معصوميت وچان پڇيو.

"حڪومت جو هڪ ادارو آهي." ماسٽر وراڻيو، "چون تا ملڪ دشمنن تي

هُنن جي گهري نظر هوندي آهي.؟

نيڪو حڪومت جو ٻڌي ڏڪرجي ويو. گهڙي ڪن لئہ ڪجهہ بہ نہ ڪُڇيو. هو چٽ هٿ ۾ ڪري گهر هليو ويو. ڳوٺ جي سڄي ويڙهي کي ٻُڌايائين تہ چوڌري هاڻ ڪين ملڪ دشمن قرار ڏيارائي ڪانئن هميشہ لاءِ جان ڇڏائڻ گهري ٿو.

سڄو ڳوٺ ايف - آئي - يو جو ٻڌي پنڊ پاهڻ بنجي ويو. صبح ٿيو تہ نيڪوءَ ۽ سورج، ماستر ڏانهن روانا ٿي ويا. ماستر کي چيائون: ”مائٽ، اسان جو حساب ڪتاب تہ لک.“

ماستر واڙو ٿي ويو.”ڇا جو حساب ڪتاب؟“

”ٻن سالن جو حساب ڪتاب. چوڌري اسان کي آنو بہ ناهي ڏنو. ٻن سالن کان فصل ايئن ڪٽي ويو آهي. ڪمند جا سؤ ايڪڙ پوکرائي چيائين. ”اها تہ سيري آهي.“ پنجاهہ ايڪڙ گدرا پوکرائي چيائين. ”اها منهنجي پُٽ جي ونگار هُئي.“ مهينو جاءِ جي مزوري ڪرايائين. چيائين.”اوهان واندا وينا هُيوَ اُن ڪري ڪم ۾ لڳايم.“ ڇيڙُن جو الڳ حساب آهي. جهنگ صاف ڪرايائين. اُن جو الڳ ليکو آهي. ٻن سالن جو ڪمند سؤ سؤ ايڪڙ. ڪمند جي پوکائي، گڏ، ڪٽائي، ڇيلي ، ڪٽائي. پنجاهہ ايڪڙ گدرا، پوکائي، گڏ، پٽائي، ڪٽن جي پرائي ۽ ڪٽائي. ماستر، اِهو سڀ ڪجهہ لِک.“

نيڪو ۽ سورج ٻن ٻن سالن جي وونٽن جي فصل، ڪٽڪ جي فصل ۽ مرچن جي فصل جو حساب ڪتاب لکرايو ۽ هر اُهو ڪم لکرايائون، جيڪو چوڌري ڪانئن بنا معاوضي جي ڪرايو هو.

☆☆☆

انهي رات سومهڻي جو وقت هو. تيز بتين واري موبائل جو آواز ڳوٺ کي ويجهو ٿيندو پئي آيو. آواز ٻڌي ٻاهر اوطاق تي وينل همراهہ بہ ٻر واري ڪمند ۾ گهڙي ويا. نيڪوءَ گهران نڪري اوطاق ڏانهن هليو آيو. جيپ جي تيز روشني اوطاق اڳيان رکيل ڪٽن تي پئي پئِي. اُن تيز روشنيءَ ۾، هن کي آسماني نيري رنگ واري وردي پاتل هٿيارن وارا همراهہ بيٺل نظر آيا. نيڪو وڏي وڃي ڪين هٿ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن نيڪوءَ ڏانهن هٿ ان ڪري ڪونہ وڌايو، جو اِهو سندن مرتبي ۽ ورديءَ جي خلاف هو. هو اُردو ۾ پڇنس تا تہ نيڪ محمد ڪٽي آ؟“

”مان آهيان. توهان جي سامهون.“ نيڪوءَ همٽ ڪندي وراڻيو.

”توکي چٽ ملي؟“

”ها، ملي هُئي!“

”اُردو ۾ ڳالهاءِ نہ.“

”مونکي نہ ٿي اچي.“ نيڪو وراڻيو.

نيڪوءَ جي عمر چاليهہ سال هئي. هو ڏاهو ڪن گهمرا چوڌريءَ جي جاگير ڪان ٻاهر وڃي ڄُڻو هو. هو اردو سمجهي ٿو ويندو هو، پر ڳالهائي نہ ٿي سگهيو.

”تنهنجو ٻيو ڀاءُ ڪٽي آ؟“ هو مسلسل ڪانئس سرڪاري ٻوليءَ ۾ پڇاڻو ڪندا رهيا.

”چوڌريءَ جي ڪم سان ويو آ.“

نيڪو ڪوڙ هنيو، چوتہ گهران هُن کي ڪمنڊ ڏي پڇائي، پوءِ ئي پاڻ ظاهر ٿيو هو.

"ڪوڙ تہ ڪونہ ٿو هٿين!" هڪ وردي وارو همراهہ رڙ ڪندي پڇيس.

"اسان چوڌريءَ جا نوڪر آهيون، سائين." نيڪوڪين هٿ ٻڌندي چيو.

"توهين ملڪ دشمن آهيو."

"مان هاري آهيان، سائين." نيڪوءَ معصوميت وچان چيو.

"سپاٽي تائين حاضر نہ ٿيئو تہ زمين حوالي ڪنداسون. اڄ چوڌريءَ جي ڪري ڇڏيئونءَ پيا!"

هو درڙڪا ڏهمان ڏيندا، جيپ مان زوزات ڪڍائيندا هليا ويا. نيڪو گهر موٽي آيو تہ اچي اندران صندوق مان فائل ڪڍيائين. هن جو ۽ سندس ڀاءُ سورج جو ڪيس تيار هو. چوڌري سندن قرضي هو.

نيڪوءَ جا چوڌري ڏي چاليهہ هزار روپيہ رهيا ٿي ۽ سورج جا ويهہ هزار. هُن جي ڳوٺائي عالم جا اٺ هزار ۽ سندس دوست صادق ماڇيءَ جا سترهن هزار. نيڪوءَ کي ڊپ هو تہ پيسا بار بار گهرڻ ٿي هو هڪ نہ هڪ ڏينهن چوڌري هٿان يا هُن جي ساٿارين هٿان گر ڪرايو ويندو. ۽ هيءُ ڪيس اڌ ۾ رهجي ويندو. هن اندران ٻاهر نڪري اوندهہ ۾ تارچ ٻاري ڏني. سندس سامهون ڳوٺاڻن جا ٻار بيٺا هئا. هنن پڇيس تہ "چاچا، سپاهي هليا ويا؟"

"هائو، پُٽ، هليا ويا."

نيڪوءَ کي خبر هئي تہ ٻار تيسيتائين ماني نہ کائيندا جيسيتائين جيپ جو ڊرڙاٽ ۽ سرچ بتيءَ جا ويلا وايومنڊل مان غائب نہ ٿي ويندا. ڪيڏو نہ خوف آهي ماڻهن ۾، هو سوچڻ لڳو: "ماڻهو چون پيا: نئين صدي پئي اچي ـ اُن ۾ هر ماڻهو آزاد هوندو. غلاميءَ جو تصور بہ نہ هوندو. بيگر نہ هوندي. جيلون نہ هونديون. ماڻهو خوشحال هوندا."

"پر شآيد اها صدي هتي نہ اچي. هن ديويءَ واري جاگير ۾ چوڌري عارف پاران ئي ڪا شئي اچي سگهي ٿي."

نيڪوءَ کي وري فائل جو الڪو ٿيڻ لڳو. هن پنهنجي گهرواريءَ کي سڏيو.

"ٻڌ، هي ڪاغذ آهن. هنن ۾ پنهنجي زندگيءَ جو ڪيس آهي. هي گهر نہ ٿين. جي منهنجي گهر ٿيڻ سان هي بہ گهر ٿي ويا تہ پاڻ سڀ زندگيءَ جو ڪيس هارائي ويندا سون. هنن کي قابو ڪري رک!"

☆☆☆

ٻئي ڏينهن شام جو، هُن جي ڀاءُ سورج کي ايف ـ آئي ـ يو وارا کنيي ڪٽي ويا. پر نيڪو مطمئن هو، چو تہ ماستر کيس يقين ڏياريو هو تہ هو سندن ڪيس وڙهندو، ۽ چوڌري عارف کان ڪين پيسا وٺرائي ڏيندو.

هنن جو ڪيس انساني حقن واري عدالت ۾ داخل ٿيڻو هو. پر ماستر کي اچي هڪڙي مونجهاري ماريو تہ هن مملڪت خداداد ۾ مصنف، محافظ، مذهب ۽ جاگير جو مالڪ، مفادن جي الفيءَ سان ڳنڍيا پيا آهن. انهن کي اهي ڪاغذ ڇا ڪندا؟ جيسين هاريءَ کي ڪاوڙ نہ ايندي، تيسين جيپ جي آواز تي هنن کي ايئن ڪمند ۾ ئي لڪڻو پوندو.

☆☆☆

رات جي ماني جا ۾ گرهه بي دليءَ ۾ هئي عاصم اٿڻ لڳو ته راحيلہ کان رهيو ڪين ٿيو ۽ ڪائنس پڇي ورتائين "چو ڀلا، هاڻي ماني گهٽ ٿو کائين."

"جيتري بک هوندي ماڻهو اوتروئي ماني کائيندو." عاصم رکائيءَ سان چيو.

" اڳ ته مانيءَ مان ڍوءُ ئي نہ ٿيندو هئي."

"ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ جي بک مري ويندي آهي."

"ڀلا ڪاڏي کان سواءِ ماڻهو ڪيئن ٿو جيئرو رهي سگهي."

" ڪجهہ ماڻهو صرف کائڻ لاءِ جيئرا آهن ته ڪي صرف جيئڻ لاءِ کائيندا آهن." ائين چئي عاصم بيڊ روم اندر هليو ويو.

راحيلہ ڪافي عرصي کان نوٽ ڪري رهي هئي ته عاصم جي هاڻي گهر

خوشين سان ڀريل گهر جي ماجرا، جنهن کي ڪنهن جي نظر لڳي ويئي هئي.

صادق لاشاري

عشق جو چڪر ناهي

هڪ خاندان جي خوشين ڀرئي گهر ۾ اوچتوئي اوچتو هڪ وڏو طوفان آيو. زال کي خبر نہ هئي ته آخر ڪهڙو معاملو آهي ۽ ان ماءري کي سلجهائڻ لاءِ پنهنجي پر ڪوششون ۽ جتن ڪرڻ لڳي ۽ ٻئي پاسي مڙس وڏي بردباريءَ، حوصلي ۽ صبر سان زال ۽ ٻارن کي بي خبر رکيو ويٺو هو. ان جو ڪارڻ ڇا هو، ان کي هن ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا.

ٻر دل کا نہ ٿي لڳي. هو اڪثر ڪري گهر کان ٻاهر رهڻ لڳو هو. جيڏي مهل گهر ايندو هو تہ اڪڙيو اڪڙيو ۽ اداس. سوچن ۾ گم. نہ ٻارن سان اهو پيار ۽ نہ وري راحيلہ ۾ دلچسپي. راحيلہ جي باربار پڇڻ باوجود جڏهن عاصم ڪيس ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو تہ هن ماسي جنان جون خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس گهرايو.

"امان، صدقو وڃان، اڄ ماسي جنان کي ياد ڪيو اٿئي." ماسي جنان گهر ۾ ايندي ئي راحيلہ کي ڀاڪر وجهندي چيو.

"ها ماسي، سڏايو اٿم، مڙيئي ڪجهہ ڪم آهي. توسان، ڪجهہ دل جون ڳالهيون ڪرڻيون آهن."

" اَئي امان.... ماڻهو مون کي ايئن ئي ماسي تہ نہ ٿا چون. ڪين خبر آهي تہ مان سندن خير خواهہ آهيان، تون ڪو بہ فڪر نہ ڪر، پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪولي ٻڌاءِ".

"ماسي، دراصل منهنجو مڙس هاڻي گهر کي گهر ۽ مون کي پنهنجي زال سمجهي نہ ٿو سمجهي."

"اَئي، مُٺيس، هي ڇا ٿي پئي چوين، امان... دشمن جو اچو منهن ٿئي، ڪٿي ڪا ٻي شادي تہ نہ ڪئي اٿس لڪ ۾."

"ٻي شادي!"

"ها، امان، ٻي شادي. گهڻا مڙس ايئن بہ ڪندا آهن. پهرئين گهرواري کي ٻڌائي بغير ٻي شادي ڪري وجهندا آهن ۽ پوءِ ٿيندا آهن پريشان. نہ هيڏي پورا ۽ نہ وري هوڏي. يا وري....."

"يا وري ڇا؟"

"يا ڪو عشق جو چڪر هوندو."

"عشق جو چڪر!"

"ها امان، عشق جو چڪر، عشق لڳي کان پوءِ ماڻهوءَ جا پرڪار بہ ڪجهہ اهڙا ٿي ويندا آهن. اداس، بيمار، نہ ڪائڻ، نہ پيئڻ، نہ گهر، نہ شهر، ڪجهہ بہ ڪو نہ وٺندو آهي پوءِ."

"ماسي توکي ڪيئن خبر پئي."

"ڇا جي؟"

"عشق جي."

"اَئي امان، اهو بہ آهي قصو، پوءِ ٻڌائيندس، پهريائين تو واري مڙس جو ڪو علاج ڪيون."

"ها ماسي، وارو ڪر."

"ڏيءَ، تون ڪو بہ الڪو نہ ڪر، مان وينئي آهيان نہ. مون گهڻڻ مردن مان عشق جا جن ڪيي ڇڏيا آهن. بس تورڙو خرچ ...."

"ماسي، خرچ ڏي نہ ڏس، جيترو خرچ ٿيو، ڪندس."

"تہ پوءِ مان اڄ ئي ٿي مِلان جانوءَ سان. اهڙو ٿي تعويذ ڪرايان جو جيئن ئي پوندس، تيئن ٿيندو نيڪ ناڪ، پهرئين وانگر."

"اچي، وڃ، في الحال هزار جو نوٽ، جي ٻيا چيائين تہ اهي بہ ڏيندس."

"بس، هاڻي تون دلجاءِ ڪر" ماسيءَ هزار جو نوٽ وٺي پنهنجي رئي جي ڪنڊ ۾ ٻڌي ڇڏيو. چانهہ پي راهي ٿي.

ماسيءَ گهڻن جا ڪم ڪيا به هئا، يعني گهڻن کي جوڙيو هئائين ته ٽوڙيو به هئائين. جانو پوپي جا ماسي جنان جهڙا ٻيا به ڪئي ايجنٽ هيا، جيڪي ان جي لاءِ نوان نوان شڪار ڦاسائيندا هئا.

"عاصم، زور ڏيائين!" عاصم جيئن ئي آفيس مان گهر موٽيو ته راحيلہ کيس چيو.

"زورن جي ضرورت ناهي."

"ٻلا چانهہ ناهيان."

"ٻلي"

ٺيڪ آ، پوءِ مان ناهي ٿي اچان."

راحيلہ بورچي خاني طرف هلي ويئي ته عاصم معنيٰ خيز نظرن سان کيس پوياں ڏسڻ لڳو.

"اچي چانهہ." راحيلہ چانهہ جو ڪوپ ناهي عاصم ڏي وڌايو.

"چانهہ سٺي آهي؟"

"تنهنجي لاءِ ناهيل چانهہ ۽ سٺي نہ هجي."

"ڪڏهن ڪڏهن جنهن جي هٿ مان سواد هليو ويندو آهي....ها واقعي...." عاصم چانهہ جي سرڪي پيئندي چيو ۽ پوءِ وري سوچيندي چوڻ لڳو."واقعي ڪڏهن ڪڏهن اهو ساڳيو سواد به ناهي رهندو." ايئن چئي عاصم چانهہ پي باٿ روم طرف هليو ويو.

عاصم جي ڳالهين مان راحيلہ کي پڪ ٿي ويئي ته ماسي جنان واقعي جيڪو چيو هو، سو سچ چيو هو. يا ته عاصم شادي ڪئي آهي يا ڪو عشق جو چڪر آهي، تڏهن ته اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري.

☆☆☆

"ڏيءَ راحيلہ آهي!" ماسي جنان گهر جو در لنگهندي سڏيو.

"ها ماسي آهيان، هلي آ."

"آئي امان، تو وارو ڪم مڙئي ڪجهہ ڏڪيو آ، جانوءَ چيو آ،" ماسيءَ جنان هن کي هٿ ڏئي، ويهندي چيو."ڏڪيو آ، پر ٿي ويندو."

"ٻلا ڪيترا ڏينهن لڳي ويندا؟"

"اهي ئي بس، اٺ ڏهہ يا وري پندرنهن.. هي وٺ تعويذ، پاڻيءَ يا چانهہ ۾ وجهي پيارجانس."

ماسي جنان رئي جي ڳنڍ مان تعويذ کولي ڏنس.

"جانوءَ چيو آهي ته هڪ ٻئي به تعويذ جي ضرورت پوندي. ان لاءِ ڪارو چيلو ڪپي، ان جي زبان جي رت سان تعويذ لکبو."

"ڪارو چيلو!"

"ها، امان، اهو تعويذ هڪ ٽڪ آهي. ايئن سمجهہ ته مڙس تنهنجي مٺ ۾."

"ڪارو چيلو ته مون وٽ ناهي."

"وٺڻو پوندو."

"منهن جي پاران ڪير وٺندو؟"

"مان جي ويني آهيان... تون ڪو به الڪو نہ ڪر بس... "، ماسي جنان هٿ مهٽيندي چيس، "بس پنج هزارن مان ڪم ٿي ويندو. مان ئي ويندس ڪارو ٻڪرو وٺڻ."

"ٺيڪ آ، تون ويهہ ته مان پنج

هزارڪٽي تي اچان."

ماسي جنان پنج هزار روپيا وٺي خوش خوش ٿي هلي ويئي.

راحيل هاڻي سوچڻ لڳي ته هي تعويذ هاڻي عاصر کي ڇا ۾ پياريان. گهر ۾ ايندو، پاڻي گهرندو، ان ۾ وجهي ڏيندڀانس. پاڻي ۾ ... هي تعويذ ته نيري مس سان لکيل آهي پوءِ ته پاڻي جو رنگ به نيرو ٿي ويندو. ڇانهه ۾ وجهي ڏيانس.... ها ڇانهه ۾ صحيح رهندو، ايئن ئي هاڻي هن عاصر کي تعويذ پيئارڻ جو منصوبو ناهي ورتو.

"راحيل ڇانهه ته پيار." عاصر ٻاهران ايندي چيو.

"اجهو ٿي ناهي اچان." راحيل جهٽ ۾ اٿندي چيس، هيءَ تڪڙي تڪڙي اٿي ڇانهه ناهڻ لاءِ، ڇو جو ڪيس تعويذ پيارڻ جو موقعو مليو هو، جنهن جو انتظار بي صبريءَ سان ڪري رهي هئي. راحيل ڇانهه ۾ تعويذ ڌوئي ملايو ۽ ڇانهه عاصر وٽ ڪٽي آئي.

"ڇو ڀلا اڄ ڇانهه اها ٽيستي ناهي." عاصر ڇانهه جو ڍڪ پيئندي چيو.

عاصر جي ايئن چوڻ تي راحيل ڇرڪجي ويئي. تعويذ پيارڻ جي چڪر ۾ راحيل اڄ ڇانهه تڙ تڪڙ ۾ ناهي هئي، ان لاءِ ڇانهه اڌ ڪچي ۽ اڌ پڪي رهجي ويئي. بهرحال پوءِ به عاصر ڇانهه جو اڌ ڪوپ ڪن پي ويو هو.

ماسي جنان جي ٽوٽن ڦيٽن ايترو ته اثر ڪيو جو عاصر هاڻي رات جو سوير گهر اچي ويندو هيو مگر پريشان پريشان. جڏهن ڪا ڳالهه راحيل کان پڇڻي هوندي هئس ته ساٿس ڳالهائيندو هو نه ته بس خاموش، گهر سر ۽ ڏينهون ڏينهن ڪمزور به ٿيندو پئي ويو.

راحيل کي هاڻي اچي خوف ورايو ته مٿان تعويذ الٽو اثر ته نه ڪيو هجيس.

مسئلو وڌيڪ نه خراب نه ٿي پوي. بس ان ڪري هن ماسي جنان کي تڪڙو تڪڙو پيغام موڪلي گهرايو.

"ماسي جنان، ڪٿي تنهنجي تعويذ ابتو اثر ته نه ڪيو آ، جو عاصر هاڻي ڏينهون ڏينهن وڃي ٿو جهُرندو."

"نه، امان، اهڙي ڪائي ڳالهه ناهي. جدائيءَ جا ڏک سولا ته نه هوندا آهن، هاڻي سمجهه ته تو وارو ڪم ٿي ويو آ."

"اهو ڪيئن ؟"

"ڏيءَ، جڏهن عشق ۾ جدائي ٿيندي آهي ته اهڙي حالت ٿي ويندي آ، جو ماڻهو بي وس ٿي پوندو آهي. اهو ٻڌو ڪو نه اٿئي ته "عشق ماري، يا ڪاري" ايئن سمجهه ته تو وارو مڙس مرڻ ڪرڻ کان بچي ويو آهي. مون جڏهن پنهنجي پهرئين مڙس مرحيات کي ڇڏيو هو ۽ ڪائنس طلاق ورتي هئي ته هو منهنجي ڏک ۾ مري ويو."

"مري ويو!"

"ها، ڦاهي ڪائي."

"ڇو ؟"

ان ڪري جو مون ٻي شادي دوسو سان ڪئي هئي، حالانڪه مرحيات منهنجو سڳو سوٽ هو، پر ڇا ڪجي، دل جو ڪم آ... ابا ماريو به ڏاڍو هو...

مان آهيان نہ!

"ممي، ممي، تون ڇو ويني روئين؟ پليز روءِ نہ."
"ڪيتن ڀاڙا پيو ڇوين؟ مان ڪٿي وينی روئان؟" ممي ٻئي پاسي منهن ڦيريندي ڇيو.
"مون کي خبر آهي تہ تون مون کان لڪائي لڪائي روئيندي آهين."
"اڙي ڇو لڪائيندس؟" ممي ڪلندي ڇيو.
"ان ڪري تہ مون کي ڏک ٿيندو." "نہ. نہ ايئن ڪونهي"
"ڏس. ڏس. تنهنجون اکيون اڃا بہ آليون آهن." ممي جي اکين تي هٿ ڦيريندي "ڏس. ڏس! منهنجي اکڙ بہ آلي ٿي وئي آهي." پنهنجي اکڙ ممي کي ڏيکاريندي.
"ڇڏ. مون کي تنگ نہ ڪر. منهنجي اک اونهئي آلي آهي. مان ڇو روئندس؟"
"ممي مونکي خبر آهي، تون ڊيڊي کي ياد ڪري روئيندي آهين. مون کي نہ ٿي ٻڌائين، ڇو تہ مان ننڍڙو آهيان. ڪٿي آهيان مان ننڍڙو، پنهنجي پهن تي بيهان ٿو." پنهنجون ٻئي ٻانهون ٻيٽيون ڪري ٿو ۽ انهن کي سيٽي ٿو ۽ مشڪون تاڻي ٿو. "ڏس ڏس، منهنجا مسلس! ڪيڏا نہ مضبوط آهن. مان ڪيڏو نہ قدآور آهيان. تنهنجي سنيال مان ڪندس. تون اصل اونو نہ ڪر."
"اڙي ڇا پيو ڇوين؟ اجائي ڪٿي بڪ بڪ لڳائي اٿئي. مون کي ڪو اونو ڪونهي. جلد تيار ٿي وڃ. اسڪول ۽ ديرپئي ٿيئيي!"
"ممي، تو کي مون کي پنهنجي سڀ اسٽوري ٻڌائڻي پوندي. ڊيڊي ڪٿي آهي؟ هٿي ڇو نہ آهي؟ سيني جا ڊيڊي هتي آهن منهنجو ڇو نہ آهي؟"
"هل، هل مون کي بہ ڪم ڪرڻ ڏي. اڙي اسڪول جي بس اچي ويئي آهي. جلدي هيٺ لهہ، ڇڪو. مان ٿي توسان گڏ هلان." "پوءِ ٻڌائيندين؟" "ها، ها."
رات جو سمهڻ مهل: "ممي اتو ڇيو هو، تون ٻڌائيندين. ڪٿي آهي منهنجو ڊيڊي؟ هو ڪڏهر اينڊو."
"تنهنجو ڊيڊي ولايت ۾ آهي. هن کي اچڻ ۾ اڃا وقت آهي."
"ڪيترو وقت؟" "جام وقت."
"ممي. مان تنهنجي سنيال ڪندس. پر امس! مان تنهنجو ڊيڊي ٿيبدس نہ، نہ ڪلندي نہ، تنهنجو هسبند ٿيندس (ڪلندي)، نہ، نہ، هسبند نہ. (پنهنجيي مٿي تي ڏک هڻندي) هسبند ڪيئن ٿيندس؟ (ڪلڻ لڳي ٿو) مان تنهنجو ڏوياءُ...!
نہ، نہ، ڏوياءُ ڪيئن.... (وري پاڻ کي ڏک هڻي ٿو!) ڇا پيو ڇوان مان؟ مان تنهنجو فرينڊ ٿيندس... فرينڊ ٺيڪ آهي نہ؟ مان تنهنجي سنيال ڪندس... ڊونٽ ڪراءِ. ممي! ڊونٽ ڪراءِ ممي.... مان آهيان نہ!" ——— (ريٽا شهاڻي)

مون ڇيو تہ مري ويندس پر مڙس ڪندس دوسو ڪي. نہ تہ مان ڳچيءَ ۾ رسو وجهي ڦاهي ڪائيندس، يا ڀڄي ويندس. مجبورن مائٽن موڪل ڏني تہ مٿان ڇوڪري ڀڄي نہ وڃي، ڪري نہ خوار ۽ ڪارو منهن. سو ڏيءَ عشق جا ڇڪر ڏاڍا

ڏکيا آهن. مان ان مان گذري آهيان، ان کري چوان ٿي."

ماسي جنان پنهنجي ابتين سبتين ڳالهين ذريعي هن کي مطمئن ڪري هلي ويئي، چو ته اهڙا ماڻهو ڪائپندا ئي آهن زبان جو ڪٽيو. ماسي جنان جو ته ڪم ٿي ويو هو. هاڻي راحيلہ ڄاڻي، راحيلہ جوڪم ڄاڻي.

راحيلہ هاڻي منجهي پئي. هاڻي هوءَ ڪري به ته ڇا ڪري. ٽوٽن ڦيٽن باوجود عاصم جي طبيعت ۾ اهائي چڙ، اداس پڻو. آخر هڪ ڏينهن راحيلہ به اچي ضد تي بيٺي ته ڪيئن به ڪري عاصم کان حقيقت معلوم ڪندي ۽ پوءِ وڃي چپ رهندي.

☆☆☆

رات جو ٻچا پنهنجن ڪمرن ۾ ستل هئا، هي ٻئي زال مڙس پنهنجي ڪمرئي ۾ هئا.

"عاصم، آخر تون ٻڌائين ڇو نه ٿو. ڇا تون مون مان، گهر مان، ٻارن مان، بيزار ڇو ٿي ويو آهين." راحيلہ عاصم کان پڇيو.

"مان توهان مان بيزار ٿيندس!!" عاصم حيرت سان وراڻيو.

"ها، مان گهڻن ڏينهن کان ڏسي رهي آهيان ته تون اسان مان بيزار ٿي ويو آهين. ٻي شادي ڪئي اٿئي يا ڪو...."

"يا ڪو؟"

عشق جو چڪر آهي، جنهن تنهنجي بک ۽ راتين جي ننڊ کسي ڇڏي آهي"

"راحيلہ تون اهو سوچيو ڪيئن؟"

"ان ۾ سوچڻ ڇا! تنهنجو روَيو ئي ٻڌائي پيو."

توهان عورتن کي شل نه ڪا ڳالهہ هٿ اچي، پوءِ بس ...."

"پوءِ بس ڇا، تون سڏو ڇو نه ٿو چوين ته مون مان هاڻي تنهنجي دل ڀرجي ويئي آهي."

"راحيلہ، خدا خدا ڪر، مان اڳ ۾ ئي پريشان آهيان، رهندو وڏيڪ پريشان نه ڪر."

"مان پريشان ٿي ڪريان نه... پوءِ ڏي مون کي طلاق."

ان ڳالهہ ڪري عاصم جو هٿ کڄي ويو ۽ چماٽ جي آواز سان ڪمرو گونججي ويو. راحيلہ جو دماغ لاٽون جيان ڦرڻ لڳو.

"حقيقت ٻڌڻ چاهين ٿي ته پوءِ ٻڌ. هي جو مان گهر کان ٻاهر رهڻ لڳو آهيان ته پنهنجو علاج ڪرائيندو آهيان. هي جا تو کان دوري آهي، اهو ان ڪري جو مون کي هڪ خطرناڪ بيماري لڳي ويئي آهي. جڏهن منهنجو ايڪسيڊنٽ ٿيو هو. تنهن وقت مون کي جيڪو رت چاڙهيو ويو هو، ان ۾ خطرناڪ بيماري جا جراثيم هئا. مان توکي ڇڏي لاٽون لهڻ وارو آهيان، ڪنهن محبوب سان نه، بلڪ موت سان. ڇو جو مون کي ايڊز آهي. ايڊز ..... ٻڌئي، مون توکي ان ڪري نه ٻڌايو ته ڪٿي تون مون کان اڳ مري نه وڃين."

ڪمري ۾ عاصم ۽ راحيلہ جي تيز سڏڪن جا آواز گونججي رهيا هئا.

☆☆☆

مهمائيءِ مرون

عزيز ڪينجهرائي

هڪ مرون جو قصو، جنهن جي دهشت ڦهليل هئي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙا مرون انسانن ۾ به پيدا ٿي پوندا آهن. هڪ ڳوٺاڻي جو قصو جنهن کي بدقسمتيءَ سان جانور ۽ انسان واري ٻنهين مرونءَ سان واسطو پئجي ويو. هن جو ڇا حشر ٿيو، سو هن ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا.

پيءُ جي نصيحت تي عمل ڪندي هن مرون کان جان بچائڻ چاهي

رَتِ اَصل ٿَهڪي اٿيو هئس، اَجرڪ چيلهه سان بَڌي ڪُٽي جي رسي کولي، هن بيڪار ڪئي. پوءِ ڪهاڙي اَيي ڪري ڊوڙ وڌي ته ڪٽڪ ۾ ٽاڪوڙيا پئجي ويا. مرون به جهڙا ٻڪرين جو ڌڻ، ڪٽڪ سنگ جهلي ڪيري تي آئي ته الاجي ڪٽان اچي ڪڙيا هئا، سرٽين کان سنگ پٽي ڪائي ڏيءُ ڪري ليٽي ليٽي پَها ڪڍي چڙيا هئائون. وريام جي ڪٽڪ تي نظر پئي ته هن جي پيرن هيٺيان زمين ڦرڻ لڳي هئي!

سج لٿو. مانيءَ لاءِ به ڪو نه

ترسيو. ڪتي کي رسي. ڪهاڙي ڪُلهي تي نڪري پيو هو.

ڪچي ۾ رات جو ڪو اڻ ڏٺل خوف پَر پکيڙي پيو لامارا ڏيندو آهي...!

وک وک تي وار ايا.

پر ڪاوڙ وريام جي اندر مان خوف ائين پَڄائي ڇڏيو هو. جئين سرءُ جي مند ۾ وڻن جا سُڪل پنَ ڇٽي ويندا آهن، مرون اجان چاري ۾ هئا تہ ٻنيءَ ۾ پهچي ويو.

ڪتي ڊوڙي ٽپ ڏئي مرونءَ کي سوندِ ۾ وات وڌو.

خُر.... خُر.... پوءِ هڏڪو ٿيو!

اصل نيئر لڳي ويس.....!

ڪُهاڙيءَ جي وار سان رت جو ڦوهارو.

مرونءَ کي وڏي ڊير ڪري ڇڏيائين. ڳاڙهو حلواڻ جهڙو گوشت. ڪتو وات وجهي ٻوٽ پٽڻ لڳو. وريام جي اندر جي آڳ کي ڇنبوڙ لڳو. پوءِ سگريٽ ڏڪائي سوٽا هڻڻ لڳو.

ڪتي ڊوءُ ڪري پڇ لٽڪايو تہ وريام کان ٿهڪ نڪري ويو. سڪٽي هيڻ ڪيئي. پَلا هوندي مان ڪيترو ڪائبو...؟ پوءِ ڪُتي کي ڇڪي ڪهاڙي ۽ ڪپڙن سودو وڃي پاٽيءَ ۾ ڪريو.

وهنجي ٻاهر نڪتو تہ ڪتو ڪکن تي لينڻ لڳو. "ٿڻن هاڻ ڀلي پيو ليٽ. باقي مون واري پيٽ ۾ تہ پوليس اچي لٿي آهي!"

وريام هاڻ اٿي پيو هو. ڪلهي تي ڪهاڙي، ڪُتي کي رسي.

مڇ کي وَٽ ڏئي اُورڙِ ٿي ڪيائين تہ مرون جونءِ ڇڏي پڇيو ٿي ويا. سنگ بچائيندي سوئرن سان وريام جي ويڙهہ جون ڳالهيون ڳوٺن ۾ ڳائجڻ لڳيون هيون. ڳوٺ جي هوٽل ۾ ويهي ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي جڏهن سگريٽ جو سوٽو هڻندو هو تہ ذات خفتي ڪني ٿي ويندا هئا. پوڙها ڪن کي هٿ ڏئي ڳالهيون

ڏيءَ پاڙي، اندر ساڙي، ڏيءَ دور ڪائي چور

چون ٿا تہ ڪنهن ماڻهوءَ پنهنجي ڏيءَ، پاڙي ۾ پرڻائي تہ جيئن اکين آڏو هجي، پهريائين تہ گهوٽ ڪنوار، پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ هئا، پر پوءِ جيئن دستور آهي تہ ٻہ ٽڪر بہ پيا ٿهڪن ،تنهن وانگر بعضي ڪهرا ڪپرا پوندا. هڪڙيءَ پاڙي واريءَ وڃي ڇوڪريءَ جي ماءُ کي ٻڌايو تہ، "تنهنجي ڏيءِ کي مڙس ڏاڍو ماريو آهي." مطلب تہ ڳالهہ هجي يا نہ، تہ بہ اها، يا ڪا ٻي پاڙي واري، شرير عورت، ڪنوار ماءُ جا ڪن ڀريندي رهي. ويتر جڏهن ڏيٽس پيڪي ويئي ۽ ور جي نيڪي نہ ڪيائين، تڏهن اها حالت ڏسي، ماءُ جا آندا سڙڻ لڳا. اتي هڪڙيءَ وينل مائيءَ چيو تہ "ڏيءَ پاڙي، اندر ساڙي، ڏيءَ دور، ڪائي چور." (چوري) مطلب: تہ پاڙي جي ٿوڙي گهٽي ڳالهہ ٻڌي بہ پيو پيءُ ماءُ کي ڏڪ ٿيندو، پر ڏور پنڌ سبب، جهڙي تهڙي ڳالهہ ٻڌڻ ۾ ئي ڪا نہ ايندي.

ٻڌي ڪنڌ پياڏوٽيندا هئا.

وريام جو پوڙهو پيءُ رجب بہ پنهنجي دور جو وڏو خفتي هو، هن هوٽل تي چانهہ جو چسڪو وٺندي جڏهن پٽ جي واڪاڻ ٻڌي تہ اُچين مڇن کي وَٽِ ڏئي جوانيءَ جي يادن ۾ گم ٿي ويو.

موٽيو سدا ملوڪ شڪاري هو...!

پر لڪانو ڪير سڏائي....!

ٽيئي پڳ مٽ يار هئا سون..!

وڏي ڳالهہ هئي پروسو ۽ سهپ...!

شڪار جي شوقين وڏي صاحب، جڏهن ٻڌايو هو تہ پاڻ واري اڳوٽي باڇيا انگريج جي ملڪ ۾ مرون ائين پاليندا آهن، جيئن پاڻوٽ ٻڪريون، منڊ مون ٻلهر ڪچ ۾ ڪٽي ٻارن کي ڪڏائيندڙيون آهن. اتي مرونءَ جو گوشت ڏاڍي مزي سان کائيندا آهن، پوءِ موٽئي ٿونٽ هٽي چيو هو.

ٻيلي رجب...! ائين نہ ٿئي جو ڪا مادي مرڻ جهلي وڃي وتاڻ ۾ بيهاري ڇڏيائين...!

وڏو صاحب کل ۾ ٻڌي ويو هو!

موٽيا ائين ڪيئن ڪندو...!

سوئر ستن مذهبن حرام. هن کي مٽ لائڻ بہ گناهہ آهي...!

لڪاني سر جهلايو هئس.

لڪانا...! باقي اهو جيڪو ڏينهن رات وڏيرن کي پيرين پئي، پئي هنن جا بوٽ چني ڇڏيا اٿس، اهو ثواب پيو ڪٽي ڇا؟

پوءِ هجن ڪلون...!

شڪار تي نڪربو هو تہ مرون ٻيلو ڇڏي ويندا هئا...! ڪڏي ٻيلي ۾ شڪار ڪندي جڏهن پاڏي جيڏو مرون سامهون نڪتو هو تہ لوڏ جا سيئي ڪتا پڇ پٽيان لڪائي ٽنگ ڪٽي پيشاب ءِڪرڻ لڳا هئا...!

موٽئي ويجهو تي چيو هو..

رجب "معمائي مرونءِ اِهيو اٿئي...!

هن جي ڏپ ڪُتن جو حوصلو خطا ڪري ڇڏيندي آهي! مرون پنهنجي مَڳيءَ ۾ مست سيني جي اکين اڳيان گذريو، سهائي رات ۾ هن جا وَڏا اَڇا ڪات تجلا ڪري رهيا هئا...! سيني خفتين کي جهڙي سڪرات لڳي وئي هئي.

پيٽ سان جهڙي مارشل لا لڳي وئي...!

لڪاني ڪٽي موٽئي جي وات تي هٿ رکيو هو...!

موٽيا... ڪو باڇيا ماڻهو آهين...!

جهنگ کي ڪَنَ ...!

ڪنهن جاچوس ٻُڌي وَرتو تہ اصل واڍوڙ، ڪري ڇڏيندا!

هونءَ بہ مارشل لا خدا جي رضا سان ايندي آهي!

انهيءَ ڪري ئي تہ "مارشل لا" ڪانپوءِ صدر اهو ئي ٿيندو آهي جنهن کي ماڻس جي دعا هوندي آهي...!

بس ائين ڪڻ سمجهہ تہ مهمائي مرون ڏسڻ سان ڪتن تي جهڙي وڃ ڪري پوندي آهي...!

رجب جي ڪلهي تي هٿ لڳو ته هن ڪان ڇرڪ نڪري ويو، ڪنڌ مٿي ڪري لوٽو هنيائين ته وريام ڪلي رهيو هو.

رجب لڪ تي ٽيڪ ڏيئي وريام جي پٺي ٿپڙ لڳو.

بابل...! رجب خفتيءَ جو پٽ آهين، پلي شينهن ٿيو پيو گج! پر ٻيلي، آئون مَڙس، قبر ڪنڌيءَ تي ويٺو آهيان! سو مهمائي مرون ڏسين ته جان بچائڻ جي ٽويڙ ڪج!

ڪٽڪ پڇي راس تي ته لابارو پيو، ڪرن ۾ وَل جا جبلن جيڏا ڍڳر. چورَ به جهڙا ٻلهرَ. اک ٽيٽ سان ول جي ڀري گم. سومار بجليءَ کي سڳ سوڌو پڪڙي وريام جڏهن مٿي ۾ مڪ هنئي هئي ته وات مان رڳو سائو پاڻي پي ويس.

رات جو وريام جي ڪري تي خفتين جا مير، چانهيون پيون ڪڙهنديون هيون، ديويءَ جي ٿارين ۾ ٽنگيل ڪهاڙين تي چنڊ جي روشني پيئي ته جهڙو نانگڻ وچ جو وراڪو. ڪل جو ٿا شوڙيو. سومار بجليءَ خفتين اڳيان چانهه جا پيالا رکيا ته گوليون مينهن وانگر وسڻ لڳيون.

ٿانڊي جو الاءُ هو جيڪو مٿي وڃي پوءِ گم ٿي ويو!

وريام ٽپ ڏيئي ڪهاڙي ايي ڪئي...!

ڪار خفتي هرڻ وانگر چال ڏيندا ڪسڪي ويا...!

سومار بجليءَ چانهه جو سُرڪو پريو.

" سڀ هٿيار ڦٽا ڪري هٿ مٿي ڪٽون...!"

ٻُٽَ ٻَڌل، رائفل سامهون ڪندي هڪل ڪئي، "جنهن به ڦٽي خاني ڪئي ان کي گولي سان اڏايو ويندو! اوهين هاڻ فقير شهمير ڪمالاڻيءَ جي ٽولي جي گهيري ۾ آهيو!"

وريام ڪهاڙي ڦٽي ڪري ڇڏ ڏاڙيل آهن!

سومار بجليءَ چانهه جو آخري سُرڪ پريندي چيو...!

وريام ڪهاڙي هيٺ رکي سڌو ٿيو ته سامهون اجگر جيڏو مڙس، ڳاڙهيون اکيون، وڏا شهپر، راڪيٽ لانچر ڪلهي ۾ پيل. هن فقير شهمير ڪمالاڻيءَ جي باري ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون ٻڌيون هيون، اهو اڄ سامهون بيٺو هئس.

راڪيٽ لانچر جي گولي تي نظر پيس، هو به "مرونءَ جي سونڌ" فقير شهمير جون ميون هيٺ مٿي تي رهيون هيون.

هن جي ذهن ۾ "مهمائي مرون" ڦرڻ لڳو هو.

پوءِ....

هن حياتي بچائڻ جو ٽويڙ ڪئي.
فقير شهمير هَڪل ڪئي....!
هن کي لڳو ته هڏڪو ٿيو.
ڪا وچ ڪري پيئي هُئي..!
گوڙ ٿيو!
هي اونداهي غار ۾ هليو ويو....!

☆☆☆

نئون ليکڪ سلسلو

دل هڪ مندر

آڪاش لغاري

پيار اهو پاڪ احساس آهي جيڪو صرف محسوس ئي ڪري سگهبو آهي. دنيا ۾ چند ماڻهو هوندا آهن جيڪي پيار کي پنهنجي سيني ۾ سانديءَ همينه لاءِ امر ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي ئي هڪ پيار جي ڪهاڻي جنهن ۾ ڪنهن پيارکي مندر جي بتن وانگي پنهنجي من ۾ سمائي ڇڏيو هو.

بن پيار ڪندڙ پريمين جو احوال

جهڪي ويل ڪنڌ کي ڪهڙو نانءُ ڏجي يا ڪهڙن لفظن سان پڪارجي ... اوپرائپ... شرم حياءُ.. لڄاڙو... خيالي يا پيار چئجي جو هوءَ اڄ منهنجي اڳيان بيٺي هئي تہ چيو هيو مانس، "مان توکي ائين چاهيان ٿو، جيئن مندر ۾ پوڄاري پوڄا ڪندو آهي"

چيو هئائين "بت کي پوڄڻ وارا پاڻ ويساه گهاتي ڪندا آهن"

"پر تون،" چيم، "بُت ناهين، منهنجو روح آهين."

وراڻيو هئائين "روح تہ اصلي مالڪ

حوالي ٿيندا آهن"

مان ڪئي پل خاموش ٿي ويو هئس. لفظ نڙي ۾ اٽڪي پيا هئا، ڪنڌ جهڪائي ڇڏيم. لڳو پئي ته ڇڻ مون لاءِ دل جا در بند ڪري ڇڏيا هئائين.

مون هن، کي تڏهن ڏٺو هو، جڏهن مان اڳڻ ۾ پوکيل نم هيٺان ڪٽ تي ليٽيل هئس. هوءَ امان سان گڏ گهر ۾ داخل ٿي هئي ۽ انهي ڏينهن اسان جي پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي.

امان چانهه ناهڻ وئي ۽ هوءَ منهنجي سامهون ڪرسي تي ويٺي هئي.

پڇيومانس"اوهان پنهنجوتعارف ڪرايو."

" شبانه نالو آهي ۽ اوهان جي پاڙي ۾ رهندي آهيان." مرڪي چيو هئائين.

نيريون اکيون.. ڳاڙها ڳل... گلابي چپ، ميڪ اپ کان بنا چمڪي رهي هئي. سندس وارن جون ڇڳيون ڳلن کي چُهي رهيون هئس.

هوءَ ايندي رهندي هئي، ٿورڙيون گهٽيون ڳالهيون ٿينديون رهنديون هيون. پر ڪا به خبر ڪا نه پئي ته هوءَ منهنجي اندر جي رڳن ۽ ساهن ۾ ڪڏهن قيد ٿي ۽ پنهنجن وارن ۾ ڪيئن منجهائي ڇڏيائين. نيٺ مجبور ٿي پيو هيم اقرار ڪرڻ لاءِ.

امان جي چوڻ مطابق هوءَ ٻن ڀائرن جي ڀيڻ هئي. ماءُ پيءُ ڏهه سال اڳ مري چڪا هئن. امان کان اهي ڳالهيون ٻڌي ويتر محبت وڌي وئي ۽ اڄ سامهون بيٺل هئي. نيرن اکين ۾ اداسي ۽ پوءِ به اداسي کان وڌيڪ مرڪي ڳالهائي رهي هئي.

"درگاهن، مندرن ۾ جيڪي ماڻهو ويساهه رکندا آهن تن کي به پنهنجي من جي مراد ملندي آهي." چيم، "مان ته جاڳيل انسان جي اڳيان پيار جو ويساهه رکيو اٿم ۽ تون، منهنجي پيار کي رد ڪري رهي آهين."

" فاروق! ڪڏهن ڪڏهن اهي ماڻهو جيڪي درگاهن ۽ مندرن ۾ ويساهه رکندا آهن، تن جو اهو سچو ويساهه ناهي هوندو" چيوهئائين، "مان پنهنجي پيار جي توهين نه ٿي ڪريان پر ڪجهه رسم ...."

در ڏانهن نگاهون گهمايوسين ته اتي امان بيٺي هئي ۽ هوءَ چپ ڪري گهر هلي وئي. مان هن کي ويندو ڏسندو رهيس، امان لڳو لڳ اچي بيٺي هئي. اکيون منهنجي چهري ۾ ڪپائيندي چيائين "مون ته سمجهيو تون اجان ننڍو آهين، پر تون ته وڏو ٿي ويو آهين، سچ فاروق"

مون ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. ڪاڏي کان مٿي ڪندي پڇيائين "ڪڏهن کان شبانه کي چاهين پيو؟"

" صدين کان." تڪڙ ۾ چيم، " نه، نه، جڏهن کان ڏٺو اٿمانس."

"مان سيانڻي ئي ٿي وڃي ڪري ڳالهه پڪي ڪري اچان."

صبح جو ناشتو ڪري امان شبانه جي ڀائرن کان شبانه جو هٿ وٺڻ وئي ۽ مان بيچيني ۾ تڙپي رهيو هيم ته ڪڏهن ٿي امان خوشخبري ٻڌائي پر هوءَ جڏهن آئي ته چهري تي اداسي ڪٿي آئي هئي.

پڇيم، "ڇا چيو انهن."

"ڀائرن ڪُتو جواب ڏئي ڇڏيو." وراڻيائين

امان جا نظر نہ هيا پر ائٽر بہر هئا، جيڪي ڪيترن ڏينهن تائين مون مٿان وسندا رهيا ۽ انهن ڏينهن ۾ منهنجي حالت فقير جهڙي لڳي رهي هئي. ڏهن ڏينهن جي وڌيل ڏاڙهي، وڪريل وار، گلابي وڳو الائي ڪڏهڪو ميرو ٿي چڪو هو.

شبانہ جي گهر ۾ اندر داخل ٿيم تہ هوءَ اڳڻ کي بهارو ڏئي رهي هئي. مون کي ڏسندي مرڪي پئي هئي، شايد پنهنجي دل کي دلاسو ڏيڻ لاءِ. مان جڏهن پرسان پهتم تہ چيائين "تون هلي اندر ويهہ تہ مان چانهہ ٺاهي اچان ٿي."

"مون کي،" چيم "تنهنجي چانهہ جي ضرورت ناهي صرف سات جي ضرورت آهي."

بهارو پٽ تي اچلائي، ڪاپي هانهہ جو هٿ چهري تي رکي، الائي ڪهڙين سوچن ۾ گم ٿي وئي.

"توکي اندر هلي سڀ ڪجهہ ٿي ٻڌايان"

هانهہ کان وٺي ڪٽ تي ويهاريائين ۽ پاڻ سامهون ويهي رهي ۽ پوءِ ڳالهائڻ شروع ڪيائين، "مان توکي اڄ فاروق پنهنجي ماضي ٻڌائيندس ۽ تون مون کي ڪڏهن بہ نہ وسرندين. مان جڏهن ڄائي هيم تہ امان بيمار رهڻ لڳي هئي. ڊاڪٽرن امان جي ٽج بہ بند ڪري ڇڏي هئي، انهي ڪري جو متان مون کي اها بيماري لڳي نہ وڃي. بابو امان جو علاج ڪندو رهيو، تان جو پنهنجي زمين بہ وڪڻي ڇڏيائين. ڊاڪٽرن مطابق امان کي ڪينسر هو، پر بابو مڃيو ڪين. نيٺ ڏوڪڙن جي گهرج وڌي ويس،" هن وچ ۾ خاموش ٿي ٿڌو ساهہ ڀريو ۽ چيائين، "انسان ٻئي ساهہ کي بچائڻ لاءِ ڇا ڇا نہ ٿو ڪري. نيٺ بابي امان کي بچائڻ لاءِ مون کي سٺ سالن جي پوڙهي سان شادي ڪرائي ڇڏي. تڏهن مان صرف ڇار سالن جي هيس. رسمي طور مان ان جي گهر واري آهيان ۽ هو هاڻ مرڻ ڪنڌي تي پهتل آهي. سندس بہ گهر واريون ڪجهہ سال اڳ گذاري ڇڪيون آهن ۽ اها خبر بہ ٿي ڏينهن اڳ پائرن کان ٻڌي هيم تہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هو مون کي وٺڻ ايندو."

مان اتي بيٺو هيم تہ هو بہ اتي بيٺي هئي.

"مان توکان رڳو اهو پڇان ٿو تہ تو کي مون سان پيار آهي يا نہ؟"

پوئتي منهن ڪري ڇڏيائين تہ مان اڳيان اچي سندس ڪاڏي تي هٿ ڏئي چهرو پاڻ طرف ڪيم. هوءَ لڙڪن ۾ ربي پئي هئي ۽ ڪئي لڙڪ ڳلن کان ٿيندا ڪاڏيءَ طرف وهندا پئي ويس.

"جواب ڏي!" وري پڇيم.

ٿورو مرڪي چيو هئائين "محبت تہ انهي سان ٿيندي آهي جنهن سان ملبو ناهي."

"مان هميشہ توکي دل جي دنيا ۾ قائم رکندس."

"جيڪڏهن،" چيائين، "مورتيون مندرن مان چورائجي وڃن تہ ڇا مندر ويران ٿي ويندو؟"

"نہ." چيم

"ائين سمجهہ تہ هن دل جي مندر ۾ تنهنجي مورتي مون سجائي رکي آهي."

مان هن کي ڏسي هليو آيس ۽ ٿورن ڏينهن کان پوءِ هوءَ هميشہ لاءِ پاڙو ڇڏي هلي وئي.

رعب

سڳن آهوجا

بار بار ٿئي ته هوندا آهن. نازڪ، ننڍا ۽ ڪچا ذهن. جيڪڏهن ڪو ڀيانڪ تصور يا خوفناڪ خيال سندن من ۾ ويهي رهي ته پوءِ اهو دور ٿيڻ ناممڪن ٿي ويندو آهي. اهڙي ئي هڪ بار جي ڪهاڻي جنهن جي اندر ۾ مار جو خوف هو ۽ آخر ۾ بغاوت تي لهي آيو. سنڌي ڪلاسڪ ادب جي ورقن تي پيش ٿيل هيءَ ڪهاڻي اسان سڀني لاءِ هڪ نصيحت ۽ سبق آهي.

ڪهاڻي ان معصوم بار جي جنهن جي ڪچڙي ذهن ۾ مار جو خوف گهر ڪري ويو هو.

سنان جي ڪوٽيءَ کان ٻاهر نڪري، خوشيرام رنڌٽي ۾ ويٺل گيانيءَ کي چيو، "پر به، سوئر جي ڦر آئينو پڳو ڪيئن؟"

گيانيءَ بنان ڪنڌ مٿي کڻڻ جي، اٿي جي چاٽي ۾ دال وجهندي چيو، "قميص ڪلهءِ ۾، پتلون پيٽي ۾ پيئي اٿو."

خوشيرام چڙ مان چيو، "مونسان منهن مون ڏانهن ڪري ڳالهاءِ! سمجهه ته مون قميص به پاتي ۽ پتلون پاتي، هاڻي سينڌ ڪيئن ڪڍان؟"

گيانيءَ ڪنڌ مٿي کڻڻ بنان ئي چيو،

"ڪالهه وانگر اڄ به سومي ماءُ وٽان آئينو آڻي ٿي ڏيانوَ، ڪپڙا ته پايو!"

"ڪپڙا پڇي ته ڪين ٿا وڃن،مان ٿو پڇان، ڇا توکي غصو نه ٿو اچي پنهنجي پٽ تي؟ هي ٽيون آئينو پڇو اٿائين ٻن مهينن ۾!"

گيانيءَ ڦلڪو ويلڻ بند ڪيو ۽ خوشيرام ڏانهن گهوريندي چيائين، "ڇه ڏينهن ته ٿي ويا آهن جو هن آئينو پڇو آهي، اڃا توهان ڪيس مار به ته نه ٿا ڏيو! مون ته تڏهن ئي به ٽي ويلڻ ٽڪا ڪرايس،توهان جي خبر نه آهي ته الائي ڪڏهن سزا ڏيندئوس."

"هي تنهنجو جواب آهي! ماءُ ٽي، پٽ کي مار ڏيڻ جي سفارش ٿي ڪرين؟"

تئي تي پيل ڦلڪي جي ڪناري ناهيندي گيانيءَ جواب ڏنو، "جيستائين نئون آئينو نه آيو آهي تيستائين ته هو ان سيءَ ۾ پيو ڳري ته اجهو ٿي سزا ملي!" ڦلڪي جو پاسو بدلائي ۽ مڙس سان اکيون اکين ۾ ملائي هن وڏيڪ چيو، "سپ نه مارينڊو آهي ايترو، جيترو سپ جو سراپ. سزا ڏيوس، ته هڪ ڪائي، هن روز روز جي ڏک ڏڪ کان ته ڇٽي پوي."

خوشيرام ڪمر سان ٻڌل ٽوال جي ڳنڍ چوڙي وري نئين سر ٻڌي ۽ پوءِ گيانيءَ جي منهن ۾ چتائي نهاريندي چيائين، "توکي شايد خبر نه آهي ته مان هن دفعي ڪيس ڪا نئين سزا ڏيڻ تي سوچي رهيو آهيان." ۽ هلڪي آهه ڀري وڏيڪ چيائين، "پر ڇهن ڏينهن ۾ به ڪا اهڙي نئين سزا سوچي نه سگهيو آهيان، جنهن سبب هو اهڙين حرڪتن کان بنهه باز اچي."

گيانيءَ ذرا جوش ۾چيو، "ٻارن کي سزا ڏيڻ لاءِ ڇه ڇه ڏينهن سوچيندا ٿا وتو. ڪڏهن ڪي ڇه منٽ پنهنجن ٻارن کي پيارڪرڻ لاءِ به سوچيو اٿو؟"

"ضرور ٿي ڪهڙو آهي، تون ڪين ايترو ته پيار ڪرين ٿي جو منهنجي پيار جي ڪسر به پوري ڪري ٿي ڇڏين"

پر ۾ پيل ٻٽلي جي پاڻيءَ مان هٿ ڏوئندي گيانيءَ چيو، "ماءُ جو پيار نه فقط ماءُ جو ٿي رهندو، منجهائنس پيءُ جي پيار جي ڪهڙي بوءِ ايندي؟"

خوشيرام هلڪي ڪل ڪلندي وراڻيو، "تون شايد سچ ٿي چوين."

گيانيءَ اٿندي ۽ زورسان پاڻيءَ وارا هٿ چنڊيندي چيو، "بس، رڳوسچ ٿي چوان؟"

خوشيرام وري به هلڪي ڪل ڪلي چيو، "اڄ رڳو سچ ٿورو ئي ٿي چوين. اڄ، مون کان به سچ چوائي ڇڪندينءَ."

گياني هڪ ڳنڀير انتظار سان خوشيرام جي مشڪندڙ منهن ڏانهن نهارڻ لڳي. خوشيرام پنهنجا ٻئي هٿ ڊگها ڪري، هن جي ٻنهي ڪلهن تي رکيا ۽ سندس نگاهن سان پنهنجون نگاهون ملائيندي، سر گوشيءَ جي لهجي ۾ چيائين، " توکي اڄ هڪڙي راز واري ڳالهه ٿو ٻڌايان. پر اها ٻارن کي نه ٻڌائج، ٻڌ، مان اڌ رات جو ننڊ مان اٿي ڪين پيار ڪندو آهيان. ٻنهي پٽن جا فوٽا مان ڪيسي ۾ ڪٽي گهمندو آهيان."

گيانيءَ هڪ اونهو ساهه ڇڏي اکيون هيٺ ڪري چيو، "ڀڳوان توهان کي ان

پلائيءَ جا پاڙا ڏيندو!" ۽ اڳيان وڌي انگوڇي سان هٿ اگهندي هن چيو، "پر وري به انهيءَ کي پيار نه چئبو! جن کي توهين پيارڪريو تا تن کي ته خبر ئي ڪا نه ٿي پوي."

"تون ماءُ جي پيار ۾ ئي پوري رهه، توکي پيءُ جي پيار جي ڪهڙي خبر!"

گيانيءَ هڪ سرد آهه پري ۽ هن جي اڳيان سراڪو پائي، سومي ماءُ وٽان آئينو آڻڻ لاءِ در ڏانهن وڌي. خوشيرام به لپڪي، سراڪو پائي، سندس ڪلهن کي پنهنجي هٿن سان هلڪو زور ڏيئي چيو، "اڄ تون مون کي ڏاڍو وٺين ٿي!"

سندس هٿن کي زوردار جهٽڪي سان هٽائي، گياني گهر کان ٻاهر هلي ويئي.

ٽي چار ڏينهن ٻيا به گذري ويا پر شيام کي ڪا مار نه ملي. اهي ٽي چار ڏينهن، شيام رات جو اهو سوچي سمهندو هو ته ڪيس صبح جو ننڊ مان اٿاري مار ڏني ويندي. پر جڏهن ننڊ مان اٿاري مار ڪين ٿي ڏني ويئي، تڏهن پنهنجي وڏي ڀاءُ رام سان گڏجي اسڪول اسهڻ کان اڳ، گهر ۾ ڪلاڪ اڌ جيڪو سنيرڻ ۾ لڳندو هئس، تنهنجي منٽ منٽ ۾، هو تصور ئي تصور ۾، خوب مار کائي وٺندو هو. ليڪن، جيستائين هو گهر ۾ هوندو هو تيستائين سندس مار کائڻ جو اهو تصور بلڪل ڏنڊلو هوندو هو، مار کائڻ جو سندس تصور اسڪول ۾ وڃي ئي ڇڏيندو هو، جتي نئين ماسٽر صاحب جي پياري پياري بڪواس جي اوٽ ۾، هن کي پيءُ وٽان ملندڙ مار تي سوچڻ جو به وقت ملي ويندو هو.

ٽي چار گهرو گهرو سوچيندڙ، من ميريون سانجهيون ۽ پڻ راتيون آيون ۽ شيام کي بنا مار کارائڻ جي گذري ويون. ۽ ان بعد، هڪ صبح جو، خود ئي سوير ڀرو جاڳي، شيام بستري مان ٽپ ڏيئي، اٿي پيءُ جي سامهون وڃي کيس چيو، "تون مونکي مار ڇو نه ٿو ڏين، ڀلا؟"

خوشيرام کان ڇرڪ نڪري ويو. هن سامهون بيٺل انين سالن جي ڇوڪري، جنهن کيس "توهان" بجاءِ "تون" سڏيو هو، ڏانهن گهوريندي کيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هي گڏ جيڏو ڇوڪرو جو شايد سندس ئي پٽ هو، چئي ڇا رهيو هو؟

شيام کي ٿڌڙ نڪاءُ ٿي ويئي. خوشيرام اکيون شوخ ڪري ٿڌڙ ڪائيندڙ پنهنجي پٽ جي ماءُ ڏانهن نهاريو.

گيانيءَ ڀريل گلي سان چيو، "اياڳو، توهان کي پيار به ماءُ وٽان ئي نصيب ٿيندو ته مار به!" ائين چئي هوءَ به روئي ويئي ۽ شيام سان گڏ رام کي به گهيلندي رنڌڻي ۾ وٺي ويئي.

خوشيرام نوڪريءَ لاءِ اسهڻ جي وقت تائين سڀ ڪجهه صبر ۾ ڏسندو ڪندو رهيو.

ساڳيءَ سانجهيءَ جو نوڪريءَ کان موٽندي، هو نئون آئينو خريد ڪندو آيو، جو اچي هن گهر جي ڀت ۾ لڳل ڪوکي ۾ لٽڪائي ڇڏيو.

ڪلاڪ بعد هن ڏٺو ته شيام سندس پير ۾ پاسيرو بيهي، ڏائي هٿ ۾ نئون آئينو جهلي، ساڄي هٿ ۾ جهليل ڦٽوٽي سان سيند ڪڍي رهيو آهي. خوشيرام ڏٺو اڻ ڏٺو ڪري روٽي کائڻ ۾ محو ٿي ويو.

اوچتو شيام جي هٿ مان آئينو ڇڏائجي وڃي پٽ پيو، رام، گياني ۽ خوشيرام ٽنهي ڇرڪ ڀري پٽ ۾ نهارڻ بجاءِ، شيام جي ڇهري ۾ گهوريو. آئينو ڀڳو ڪين هو. شيام آئينو پٽ مان کڻي ورتو ۽ ان کي اٽلائي پٽلائي ڏسڻ بعد هو اهو کڻي ٻاهر هلڻ لڳو. گهرجي دروازي وٽ بيهي، هن دروازي کان ٻاهر چانئٽ وٽ آئيني کي وٺي ستيو. آئينو ڇيهون ڇيهون ٿي ويو.

هڪ اڏامندڙ نظر سان گيانيءَ ۽ پڻ رام در وٽ منهن ۾ سونڊ پائي بيٺل شيام ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ پيڙيندڙ انتظار جي احساس سان خوشيرام ڏانهن نهاريائون. خوشيرام منهن مان پاڻيءَ جو گلاس ڪڍي، رام ڏانهن نيهاريندي نهر سان چيو، "ٽڪر ميڙي ڪٿي ڪنڊ پاسي گند ۾ ڦٽا ڪر، جيئن ڪنهن کي لڳن نہ."

رام حڪم جي بجا آوري ڪئي.

آرام سان روٽي کائي رهڻ بعد خوشيرام منهن ۾ سونڊ پائي بيٺل شيام جي پر مان لنگهي گهر کان ٻاهر نڪري ويو ۽ رات جو دير سان گهر موٽيو.

خوشيرام جي گهر کان ٻاهر نڪرڻ بعد، گيانيءَ شيام کي اچي پاڻهه سان چيو، "بلي، هرو پرو نقصان ڇو ڪيئي؟"

شيام روئي ويٺو، روئندي چيائين، "پوءِ ڀلا دادا مون کي مار ڇو ڪين ٿو ڏئي؟ گهٽن ڏينهن ڪانپوءِ ڏيندو نہ گهٽي مار ڏيندو نہ؟"

"ڇريا، اڳيون آئينو تو جيڪو ڀڳو آهي، تنهن لاءِ داداهن توکي ڪا سزا نہ ڏيندو. ڏيٽي هجيس ها تہ ڪڏهوڪو ڏيئي ڇڪيئي ها."

"تون ڪوڙ تي ڳالهائين. انِ ڏينهن جو تو ڇيس تہ سزا ڏينس تہ هن نہ ڇڏيئہ تہ "مان ڪنهن نئين سزا لاءِ سوچي رهيو آهيان!" ڇڻ تہ مون ۽ رام دريءَ ٻاهران بيهي ٻڌو ئي ڪين؟"

"ڇڳو ڀلا، جڏهن دادهن توکي اڳئين آئيني ڀڃڻ جي سزا ڏيندو، تڏهن رام ۽ مان توکي ڇڏائيندا سين. هاڻي تہ سزا کائڻ جو خيال لاهي ڇڏ!"

"توهين ڇڏائيندا، اهو سوچي تہ هي آئينو توهان جي سامهون ڀڳم."

"ڇڳو، بلي، هاڻي جيڪو ڀڳئہ سو ڀڳئہ، ٻيو نہ ڀڃجانءِ!"

"ٻيو آئينو نہ ڀڃڻ جو انجام تڏهن ڪندس جڏهن تون انجام ڪندينءَ تہ مون کي دادا جي پر ۾ اڪيلو نہ ڇڏيندينءَ. دادا گهر ۾ اچي مس تہ تون منهنجي پرسان هججانءِ، ۽ هو مار ڏئي تہ تون يڪدم ڇڏائجان، يڪدم."

"انجام! انجام! ڇڳوهاڻي هل اندر تہ اچ مان توکي هڪ سني سني ڇوڪري جي ڳالهہ تي ٻڌايان." پر شيام پلنگ تي پر ۾ سمهاري، گيانيءَ جڏهن ڪهاڻي شروع ڪئي، "هڪڙو هو سنو سنو ڇوڪرو." تہ شيام ستي ئي ستي وچ ۾ ڪٿي چيس، "ٻاپي! توکي سنن سنن ڇوڪرن جون ڪهاڻيون تہ گهڻي ئي ايندیون آهن. ڇا توکي ڪا اهڙي ڪهاڻي نہ ايندي آهي جنهن ۾ سنو سنو دادا هجي؟"

ماءُ جي رونءَ رونءَ ولوڙجي ويئي. هن هٿ وڌائي پٽ جي وات تي رکيو ۽ ڪيس

ڳراهنڙي پائي، پاڻ بہ سمهي پيئي. ان بعد گيانی کهاٽي چوڻ بجاءِ دل ئي دل ۾ روئندي رهي ۽ شيام پهريائين سنڌي دادا واري کهاٽي ٻڌڻ جي انتظار ۾ رهيو، پوءِ پنهنجي ننڍڙي دماغ سان خود ئی اهڙي ڪنهن کهاٽيءَ جي تلاش ۾ نڪري پيو ۽ آهستي آهستي جاڳ، جڳت جا سنڌا ٽپي خوابن جي دنيا ۾ پهچي ويو.

گذريل هفتي مار کائڻ جي ڊپ سبب، شيام هلڪي کان هلڪي کڙڪي تي جاڳي پوندو هو. اڄ بہ اڌ رات جو پاڙي ۾ ڪجهہ گوڙ ٿيڻ سبب جاڳي پيو. جڏهن هن ڏٺو تہ سندس ماءُ بہ چُري پري جاڳڻ واري آهي، تڏهن هن اکيون بند ڪري، ڪن سرلا ڪري ڇڏيا. آهستي آهستي شيام جي ڪنڌ هيٺان ٻانهن ڪڍي، گياني پلنگ تان اٿي ويٺی. ڪليل دريءَ مان ايندڙ ماڻهن جي آوازن ۽ ڳالهائڻ سان گيانيءَ کي معلوم ٿيو تہ ڪی شرابي پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن.

"ڪلياڻ ۾ مٺا شرابي وڃن تا وڏندا،" گيانیءَ پاڻ کان پاڻ کي چيو ۽ ليٽي پئي.

ستی ئي ستي دل ئي دل ۾، ننڍڙي شيام ماءُ جي ان رايي کي ٺيڪو ڏنو.

سندن گهر پرسان لنگهندي، هڪڙي ماڻهوءَ پنهنجي همراهہ کي چيو، ".. نشي ۾ مار جي خبر ٿوروئي پوندي آهي..."

شيام جي دماغ ۾ ڪا ڳالهہ چمڪي اٿی. پنجن ستن منٽن جي سوچڻ بعد هو ان نتيجی تي پهچي ويو تہ پيءَ جي مارڪان بچڻ جو سنڌي ۾ سٺو نموتو آهي شراب پي نشی ۾ اچڻ. پوءِ تہ ڇڏائڻ لاءِ ماءُ جو پير ڀرهئڻ بہ ضروري نہ آهي.

سو هو سوچڻ لڳو، اسان جي گهر جي سامهون جيڪو وڻ آهي، وڻ جي سامهون جيڪو دڪان آهي، ان دڪان جي پٺيان جيڪو گهر آهي، تنهنجي پٺيان جيڪو مينهن جو واڙو آهي، تنهنجي هڪ ڪنڊ ۾، مينهن جي ڪولر پٺيان مولو بوتلون پوريندو آهي. سندس ڏيءَ گنگا ڪيس اتان بوتلون ڪڍندي ڏٺو آهي. دادا بہ ڪانئس بہ بوتلون گهرايون هيون، بمبئيءَ جي مهمانن کی پيارڻ لاءِ. رپئي بوتل ۽ ٽي رپئي بوتل پئی چيائين. ٽی رپئي بوتل سنڌي، ٻي رپئي بوتل خراب... صبح جو جڏهن بسترو ڇڏي اٽندس تڏهن اهو صبح آرتوار جو صبح هوندو. مار کائڻ لاءِ. وري ايڏو وڏو ڏينهن هفتی کانپوءِ ئي ايندو... پاپي پيسا ڪٿي رکندي آهي سا تہ مونکي خبر آهي.

شيام اکيون بند هوندي ئي پاسو ورائی ماءُ کي زورسان پاڪي پاتي. آرتوار جو صبح. شيام بسترو ڇڏي، اڌ ڪلاڪ اندر ڏنڊ پاٽي ۽ ناشتو ڪري ورتو ۽ پوءِ پلنگ جي هڪ ڪنڊ تي پٽ کي ٽيڪ ڏيئی، سليٽ ۽ قلم پر ۾ رکي، ڪتاب ۾ منهن وجهي ويهي رهيو. سندس ان بدليل روپ کی ڏسي سندس ماءُ، پاءُ ۽ پيءُ الڳ الڳ طور منهن پاسي ڪري مشڪيو ۽ دل ئی دل ۾ سرها ٿيا. پر شيام رکي رکي چور نگاهن سان پٽ ۾ ٽنگيل آلارم جي سين کی پئي جانچيو تہ ڪڏهن ٿيون اٺ وڄائين. ڪيس خبر هئي تہ مينهن هجي، واڄ هجي، پٽس سالن کان ناهيل پنهنجي نيم انوسار پوري اٺين وڳي اخبار ڪڇ ۾ دبائی، ٻيڙي دڪائي، گهر کان ٻاهر جو

نڪرندو تہ وري ڏهين وڳي ڪان اڳ ڪاڪي بهرومل وٽان ڪين موٽندو.

خوشيرام اخبار ۾ شايع ٿيندڙ سنهيون ٽلهيون خبرون ويندي اشتهارن سوڌو، سڀ پڙهندو هو. جنهن پيڊيءَ تي هو ڪاڳرءَ جو ڪم ڪندو هو اتي هن جي پنگتي ۽ سياسي ڄاڻ جي ڏاڪ وينل هئي. پر رٽائرڊ مختياڪار ڪاڪي بهرومل وٽ، آرتوار ڏينهن جا پڙهيل بزرگن جي چوڪڙي گڏبي هئي، تنهن جي اڳيان پنهنجي ڄاڻ ڏيکاري سرخرو ٿيڻ لاءِ هو جنسي تڙپندو هو.

پوٽين انين وڳي رام ڪتابن جو ٿيلهو ڪٽي ماروٽ وٽ وڃي پڙهڻ لاءِ گهر ڇڏيو ۽ پوٽين انين وڳي خوشيرام "هندواسي" بغل ۾ دٻائي، ٻيڙي دڪائي ۽ مشڪندڙ چهري سان ڪنڌ هيٺ ڪري پڙهندڙ شيام تي نظر اڇلي، گهرڪان ٻاهر نڪري ويو.

شيام ٽپو ڏيئي چور قدمن سان هلي، اچي ٽيٽ ورتي تہ ماڻهس ڇا ٿي ڪري. هوءَ گهر ڪان ٻاهر پنئين در جي دڪاڻيءَ تي ملڻ لاءِ برتڻ رکي چڪي هئي ۽ هاڻي ويهڻ لاءِ رنڌڻي مان صندلي ڪڍي وڃي رهي هئي.

شيام ڪمري ۾ موٽي اچي پٽ ۾ ٽنگيل هڪ خالي ڳوٽري هيٺ لاهي، ويڙهي، پلنگ تي رکي ۽ ان بعد وري ماءُ کي ڏسڻ ويو تہ برتڻ ملڻ شروع ڪيا اٿس يا اجا نہ. خاطري ڪري هن موٽي اچي پٽ ۾ ٽنگيل ڪوڪي مان ڪنجين جو ڇڳو ڪڍيو ۽ پيٽي کولي ٿي رپيا ڪڍي، تالو بند ڪري ورتي چابيون ساڳئي هنڌ اچي رکيون.

ڪوئلن جي ڳوڻ پٽيان شراب جي بوتل لڪائيندي، شيام دل ئي دل ۾ پاڻ کي چيو: پيٽسان بي سمجهہ. مون کي چوندو آهي تہ تون هل، مان تو بوتل ڪٽي اچان! مون کي بہ اٽڪل سجهي آئي، چينومانس تہ دادا چيو آهي تہ اهڙي نموني ڪٽي اچي ڪوئلن جي ڳوڻ پٽيان رکجانءِ جيئن تنهنجي ڀاڀيءَ کي خبر نہ پوي.

ڀانڊا ملي رنڌڻي ۾ رکڻ بعد، گياني اچي ڏنو تہ شيام اجا جيئن جو تيئن ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول آهي. هوءَ ڏاڍو خوش ٿي ۽ مشڪي شيام کي چيائين، "مان وڃان ٿي سنان ڪرڻ، رنڌڻي ۾ ڪتو ٻتو گهسي نہ اچي، خيال رکج."

گياني هوديءَ ۾ وڃي اندران ڪڙو ڏنو. جلد ئي شيام پلنگ ڇڏي اتي ڪڙو ٿيو. هو پيءُ جي ڪوٽ جي ڪيسي مان واڇ ڪڍي رنڌڻي ۾ گهسي ويو.

جلد ئي گياني هوديءَ مان رڙ ڪئي، "شيام، هي حمام دستي سان ڇا پيو ڪٽين؟"

"ڀاڀي، ڪجهہ نہ آهي. ڪارا مرچ آهن."

"پر بلي، توکي ڪهڙي پيئي آهي ڪارا مرچ ڪٽڻ جي؟" ائين چئي ظاهري تہ هوءَ چپ ٿي ويئي، پر من ئي من ۾ سوچڻ لڳي: آخر تہ ٻارآهي، ڀلي ٿوري من ماني ڪري وٺي. پڙهي پڙهي ٿورو ورڇجي پيو هوندو. پر چرئي کي راند ڪرڻ لاءِ سجهيو بہ ڇا آهي؟ ڪارا مرچ ڪٽڻ! ڪارا مرچ؟ ڪارامرچ پاڻ وٽ آهن ڪٽي؟ ڪارن مرچن کي خلاص ٿئي چار پنج ڏينهن ٿي ويا، روز

پيئي سنيران، اڄ تي وٺي اچان... ماءُ جي دل ۾ هڪ مبهم مبهم انديشو پيدا ٿيو. ڪيس انگوڇو هينئتي هو، باقي بدن کي پوتي ويڙهي، هن هوديءَ جو ڪڙوڪوليو.

گيانيءَ جڏهن هوديءَ جو دروازو کوليو تہ پڇندڙ شيام جي ٻنهي هٿن ۾ جهليل شراب جي بوتل سندس اکين اڳيان چمڪي، سندس نگاهن ۾ اٽڪي پيئي. هڪدم ڪن نامعلوم انديشن سندس من کي پيڙي ورتو. ان پيڙا وچان هوءَ حمام دستي ڏانهن نہ وڌي شيام ڏانهن ڊڪي. شيام بوتل جو ٻوڇ کولي بوتل جو منهن پنهنجي وات ۾ مس وڌو تہ ماٺس اچي هڪ هٿ سندس ڪرائيءَ ۾ وڌو ۽ ٻئي هٿ سان بوتل منهن مان ڪڍي هٿن مان ٻہ ڪسي ورتائينس.

بوتل هڪ پا سي رکي هن شيام کي ٻہ چار چماٽون وهائي ڪڍيون ۽ سهڪندي چيائين، "مورک، تون آهين گهٽو گڏ جيڏو، جو شراب جي بوتل، سو ٻہ بنان پاڻيءَ جي چاڙهڻ هليو آهين؟ اهي ارڪان تو ۾ وڌا ڪنهن؟ تو بوتل ڪٿان آندي؟"

"تنهنجي پيتيءَ مان ٿي رڀيا ڪڍي، چوري ڪري، مولي کان بوتل وٺي آيس، داداجي نالي. حماد دستي سان مون دادا جي واڄ ڪٽي آهي- 150 واري. هاڻ تہ دادا مار ضرور ڏيندو ۽ مون تي مار جو اثر نہ ٿئي تنهن لاءِ مان شراب جي بوتل..." شيام شوخيءَ مان يڪساهي اڃا ٻہ ڪجهہ چوي ها، پر ماٺس ڪيس غصي مان ڪٽي، ويچارا ڏيندي چيو، "مونتي مار جو اثر نہ ٿئي!" ۽ سندس پٺيءَ تي ڪجهہ عدد چنبا وهائيندي، سهڪندي چوندي رهي، "مان ٻہ تہ ڏسان تہ مار جو اثر ڪيئن نہ ٿو ٿيئي، مٺا، هيڏڙي ئي هيڏا مڪر ڪرڻ هليو آهين! تنهنجي مڪر جو علاج ئي مار آهي. هاڻي جو هاڻي دادا کي ماڻهو موڪلي تنهنجي اِها جنڙي تي ڪڍايان!"

شيام کي ماءُ هٿان مار کائيندو ڏسي، پاڙي جا ٻہ ٻار سندس در وٽ اچي جمع ٿيا هئا. گيانيءَ رڙ ڪري چيو، "اڙي ڪمار، رميش، وڃو ڪاڪي ٻهرومل جي گهران شيام جي پيءُ کي تہ وٺي اچو! وڃو، جلدي وڃو!"

شيام هن مهل تائين چپ چاپ ۽ هڪ قسم جي ڊيٺپائيءَ سان سڀ ڪجهہ ڏسي، سهي رهيو هو. ڪمار ۽ رميش کي ڊڙندو ويندو ڏسي سندس ڊڊر ڊرا ٿي ويا. سندس تصور ۾ پنهنجي پيءُ جي نهايت پوائتي ٿي ويل شڪل جا خط خال اڀري آيا. ڪانئس هڪ سنهي چيخ ٻہ نڪري ويئي. اوچتو هن هڪ زوردار جهٽڪي سان پنهنجي ٻانهن ماءُ جي هٿ مان ڇڏائي ورتي ۽ اچانڪ ڏيئي گهر کان ٻاهر نڪري ويو. گهر کان ٻاهر ٿي هڪ دفعو ٻہ گهر يا ماءُ ڏانهن نهارڻ بنان، هن وٺي اسٽيشن طرف ڊوڙ پاتي.

اهو ڏينهن، اها رات ۽ ان بعد ڪيترائي ڏينهن خوشيرام ۽ سندس پاڙي جا ماڻهو شيام کي ڳولينداِ رهيا ۽ اڄ شيام کي گهر کان ڀڳئي پنج سال گذري چڪا آهن.

☆☆☆

آفريڪا مان قيد ڪري غلام بنائڻ وارن سان ٽيندڙ ظلمن جي جهلڪ

غلامن جي تاريخ اوتري پراڻي آهي، جيتري انسان ذات جي خود. آسمان جي اونچائين تي پهچڻ باوجود به غلامن رکڻ جو رواج هلي رهيو آهي. نوبل انعام ڪٽيندڙ عظيم ڊينمارڪ جي ليکڪ جي غلامن تي لکيل علامتي ڪهاڻي، جنهن ۾ هي غلامن سان ٿيندڙ ظلم جي اڻ ڪٽندڙ داستان ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه غلام ظلم جي چڪيءَ ۾ پيڙهجن ٿا ۽ ڪيئن سندن مالڪ انهن سان ظلم ڪن ٿا. انهن غلامن کي بچائڻ لاءِ ڪو به ناهي ۽ اهي غلام ڪيئن هر روز اميد ڀري نظرن سان لهندڙ سج کي ڏسي، نجات جون اميدون پنهنجي سيني سان لڳائي روز مرن ٿا ۽ روز جيئن ٿا.

جوهانيز - وي - جينسن

"گم ٿي ويل جهنگ"

سنڌيڪار: ڊاڪٽر منظور ميمڻ

1944 ..... جوهانيز وي جينسن

جوهانيز - وي - جينسن ، ڊينمارڪ جي هڪ ننڍي ڳوٺ ،فورسو ۾ 1873ع ڌاري غريب هارين جي گهر ۾ اک کولي. پاڻ ڊينمارڪ جي گانڌيءَ وري هنڊ ڪوين هيگن ۾ طب جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويو پر پنهنجي گهڻ ڦرڻ واري طبيعت سبب پنهنجي تعليم مڪمل نه ڪري سگهيو. هن 1879ع ۾ آمريڪا جي سير ڪئي ۽ اتي جي ريتن رسمن ۽ اتي جي معاشرتي خرابين تي به ناول لکيا جيڪي سندس ابتدائي ناول آهن. ان کان علاوه هن اتي ڪجهه شاعري به ڪئي. 1899ع ۾ وطن واپس اچي ويو. هن جو مشهور ادبي ڪم جهن جلدن ۾ لکيل " ڊگهو سفر" (The Long Journey) آهي ، جنهن ڪري کيس 1944ع ۾ نوبل انعام سان نوازيو ويو. هن ادبي فن پاري ۾ هن انسان جي ارتقا جي باري ۾ لکيو آهي. 1950ع ۾ هن پنهنجي ئي اباڻي شهر ۾ وفات ڪئي.

☆☆☆

ان ماڻهوءَ جو نالو ڪورا هو. هي هڪ ننڍڙو زميندار هو. هن جڏهن ڪافي رقم بچت ڪري گڏ ڪري ورتي تہ هڪ غلام کي خريد ڪرڻ لاءِ شهر طرف اسهيو.

غلام جي ڏيتي ليتي ڪندڙ "ڊيلر" هن کي ڪيترائي غلام ڏيکاريا پر ڪورا ڪنهن مان بہ مطمئن ڪو نہ ٿيو.

"مان سمجهان ٿو تہ، تون چاهين ٿو تہ مان سيني غلامن کي ڏيکارڻ لاءِ هتي گڏ ڪريان." ڊيلر شڪايت ڪندي چيو. اها ٽاڪ منجهند جي مهل هئي ۽ سندس سيئي غلام ستا پيا هئا.

"مان ٻئي هنڌ بہ وڃي سگهان ٿو". ڪورا سادگيءَ سان چيو.

"ٺيڪ آ، ٺيڪ آ." ڊيلر زنجير کي ڇڪيو، غلام ننڊ مان سجاڳ ٿي ٻاهر نڪري آيا.

ڪورا سيني کي ڏٺو ۽ هر هڪ جو ڏيان سان معائنو ڪرڻ لڳو.

"هن کي ڏس، هي برفاني گاڏيءَ کي آسانيءَ سان ڇڪيندڙ غلام اٿئي،" ڊيلر اهو چئي هڪ شيدي غلام کي سامهون آندو ۽ ڪورا ڏانهن نهاريندي پڇيو، "هن بابت تون ڇا ٿو چئين. هن جي ڇاتي تہ ڏس، ڪيڏي نہ مضبوط ۽ پريل اٿس. هن جي بدني طاقت تہ ڏس. اطمينان سان جاچيس. هن جي ٻانهن طرف تہ ڏس.هن جون مضبوط رڳون ايئن آهن، ڇڻ وائلن جون تارون هجن. پنهنجو وات کول!"

ڊيلر پنهنجي آگر غلام جي وات ۾ گهڙائي ۽ هن کي روشني ڏانهن موڙيو ۽ چيو، "تون آسانيءَ سان هن جا ڏند ڳڻي سگهين ٿو." هن کلندي ٻٽاڪ نموني چيو ۽ پوءِ هڪ ننڍو چاقو ڪڍي هن جي ڏندن تي هٿندي چيڪ ڪيو ۽ ڪورا کي چيو، "ڏس، هي ڏند فولاد کان بہ وڌيڪ مضبوط آهن ۽ اهي ننهن جهڙي شيءِ کي بہ چڪ هڻي اڏو اڏ ڪري سگهن ٿا."

ڪورا پنهنجي منهن سوچڻ لڳو. ڪافي سوچ ويچار کان پوءِ هن ساراهه واري انداز ۾ پنهنجا هٿ غلام جي مضبوط بدن تي گهمايا ۽ هن جي عضون جي چڪاس ڪئي تہ آيا اهي مضبوط بہ آهن يا .....

نيٺ هن فيصلو ڪري ڇڏيو تہ هو اهو ئي شيدي غلام خريد ڪندو. هن غلامن جي ڪاروبار ڪندڙ ڊيلر کي غلام جي قيمت چڪائي ۽ غلام جون زنجيرون کولائي ڪيس وٺي پنهنجي گهر طرف روانو ٿي ويو.

اهو غلام هاٿي سندس ٻنيءَ تي ڪم ڪرڻ لڳو هو. ڪافي ڏينهن لڳاتار محنت ڪرڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن غلام بيمار ٿي پيو ۽ ڪمزور ٿي ڳرڻ لڳو. هي هاٿي مارڪيٽ ۾ ٻولي لڳائي وڪڻندڙ غلامن منجهان نہ هو. هن جي دل ۾ اها خواهش هئي تہ هو ڪاش پنهنجي ان اباڻي جهنگ ۾موٽي وڃي، جتان ڪيس سندس غلام ڪندڙ کڻي آيا هئا. ڪورا کي انهيءَ بيماريءَ جي نشانين جي خبر هئي ۽ هن سندس علاج

ڪرڻ شروع ڪيو.

هڪ ڏينهن هيءَ غلام جي بستري جي ويجهو اچي ويٺو. جيڪو پٽيءَ ۾ سور هجڻ سبب پنهنجي بستري تي ليٽيل هو. ان غلام کي پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڪا به رونق نظر نه پئي آئي.

ڪورا ڪجهه ڳالهيون سوچي هن کي چوڻ لڳو، "تون الڪو نه ڪر. تون ستت ئي پنهنجن جهنگلن ۾ واپس ويندين. آئون توسان واعدو ٿو ڪريان ۽ توکي منهنجي واعدي تي اعتبار ڪرڻ گهرجي. توکي اها خبر آهي ته تون اڃا جوان آهين. اڄ ته پاڻ ٻئي هڪ سودو ڪريون. جيڪڏهن تون، پنهنجي راضي خوشيءَ ۽ سخت محنت ڪري مون لاءِ منهنجون زمينون ڪيڙيندين ته آئون پنج سالن کان پوءِ توکي آزاد ڪري ڇڏيندس. توٿي جو تون منهنجو زرخريد غلام آهين ۽ مون تنهنجي قيمت به چڪائي ڇڏي آهي، پر پوءِ به مان تو کي تنهنجي آزاديءَ جي سودي جي آڇ ڪيان ٿو. تون ڇا ٿو چوين. ٿيو پنهنجو سودو ؟ تون تيار آهين پنج سال منهنجي لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ؟"

غلام هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

ان کان پوءِ غلام ڪم ۾ جنبي ويو. هي هاڻ جنن وانگر ڪم ڪرڻ لڳو هو. اها ڳالهه هاڻي ڪورا لاءِ وڏي خوشي جو باعث هئي.

ڪورا پنهنجي گهر جي دروازي جي چانئڻ وٽ ويٺو هن کي سخت محنت ڪندي ڏسندو هو. هن جي عضون کي ڦڙتي سان ڪم ڪندي ڏسندو هو. ڪورا ڪلاڪن جا ڪلاڪ ايئن مصروف رهندو هو، جو ته هاڻي هن کي ٻيو ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ به ته نه هو. هن کي هاڻي محسوس ٿيڻ لڳو ته واقعي انساني جسم هڪ خوبصورت شيءِ آهي ،جنهن کي خوشيءَ خوشيءَ سان مزي سان ڪم ڪندي ڏسڻ گهرجي.

اهي پنج سال، غلام هڪ هڪ ڏينهن ڪري ڳڻيا. صبح جو سوير جڏهن اپرندو هو ته هو ان کي پنهنجن آڱرين تي ڳڻيندو هو. هن پنهنجي دماغ ۾ اهو ويهاري ڇڏيو هو ته سج ڏينهن ۾ ڏهه چڪر ڪاٽي ٿو ۽ هيءُ ان کي پنهنجي ٻنهي هٿن جي آڱرين تي پيو ڳڻيندو هو. جڏهن سج هن جي پهرئين هٿ جي پهرئين آڱر(آنگوٺي) کي ٽپندو هو ته هي خوش ٿي ويندو هو ۽ ٻيو چڪر وري ڊگهو، ٿڪائيندڙ هوندو هو. ڪيس ايئن لڳندو هو جڻ وقت بيهي ويو هجي، جيڪو ڪڏهن ڪٽندو ئي ڪين. مس مس انتظار ڪندي ڪندي هن جي ٻي آڱر مڪمل ٿيندي هئي. ٻين آڱرين جي ٻيٽ ۾ انهن ٻن آڱرن کي ٽپڻ ۾ ڏاڍو وقت لڳندو هو. هن کي اهي ٻئي آڱريون (هڪ آڱوٺو ۽ ٻي شهادت آڱر) ٻين آڱرن جي ٻيٽ ۾ ڏاڍيون وڻنديون هيون، جيڪي هن جي غلامي کان نجات جي شروعات ڪندڙ آڱريون هيون.

هر گذرندڙ ڏينهن کي گهڙي گهڙي ورجائڻ ۽ وقت کي گهڙي گهڙي نوٽ ڪرڻ ئي غلام جو مذهب، دين ۽ دنيا

هئي تہ هن جو اندريون ۽ روحاني خزانو بہ هو. جيڪو هن کان ڪير بہ ڪسي نہ ٿي سگهيو ۽ نہ وري ڪو ان لاءِ ساٿس جهيڙو ٿي ڪري سگهيو.

جيئن جيئن وقت گذرندي پئي ويو، هن جو بہ حساب ڪتاب بہ وڌندو پئي ويو. سال اڻ ڪٽ لمحن وانگر هئا جيڪي قابوءَ ۾ ئي نہ پئي آيا. پر جيئن جيئن سج لهندو هو، اهو هن لاءِ وري هڪ نئين اميد جاڳائيندو هو ۽ هن جي ايمان کي مضبوط ڪندو هو. وقت حال ۾ فنا ٿي رهيو هو. هن لاءِ اٽڪٽ نظر ايندڙ وقت ماضي ٿي پوندو هو ۽ گذوگذ ايندڙ روشن مستقبل ڪيس تمام ويجهو نظر ايندو هو.

اهڙي طرح غلام جو جوش گهرو ٿي ويندو هو. هر شام جو غلام اولهندي طرف سج کي لهندي پري پري تائين ڏسندو هو ۽ هر لهندڙ سج سان هن کي خوشيءَ جو احساس ٿيڻ لڳندو هو.

جڏهن مس مس ڪري وڃي پنج سال پورا ٿيا (جيتوڻيڪ اهو چوڻ تہ ڪيڏو نہ سولو آهي تہ ايترا سال گذري ويا) تہ غلام پنهنجي مالڪ وٽ خوشي خوشي آيو ۽ هن کي پنهنجي آزاديءَ ڏيڻ بابت پڇيائين.

" تو واقعي بہ ٻنيءَ ۾ سٺو ڪم ڪيو آهي،" ڪورا سوچيندي چيو،"مون کي ٻڌاءِ، تنهنجو گهر ڪٿي آهي؟ ڇا اهو اولهندي طرف آهي؟ مون توکي ان طرف ڪافي تڪنيدي ڏنو آهي."

"هائو، منهنجو گهر ان طرف آهي." غلام وراڻيو.

"پوءِ، اهو تہ گهڻو پري هوندو؟" ڪورا پڇيس.

غلام ها ۾ڪنڌ لوڏيو ۽ چيو، "ها، اهو تمام پري آهي."

"۽ تو وٽ ڪو پئسو بہ ڪونهي؟" ڪورا پڇيس.

غلام ماٺ ٿي ويو. هن کي ڪو نامعلوم خوف وراڻي ويو. ڏک ۾ وراڻيو، " سچ پيا چئو. مون وٽ تہ واقعي بہ ڪا رقم ڪانهي."

"منهنجي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌ. تو وٽ پئسا تہ آهن ڪو نہ. پوءِ تون ڪيئن جهنگ ۾ واپس وڃي سگهندين؟ جيڪڏهن تون ٿي سال ٻيا بہ مون وٽ ڪم ڪندين .... نہ، ...نيڪ آهي بہ سال... تہ پوءِ آئون توکي ايتري رقم ڏيندس جو تون آساني سان خرچ پڪو ۾ري مسافري ڪري سگهندين ۽ پنهنجي گهر جهنگ ڏانهن وڃي سگهندين."

اها ڳالهہ غلام کي دل تي لڳي. هن پنهنجو ڪنڌ جهڪايو ۽ پنهنجي ڪم کي ٻيهر ڪرڻ لڳو.

هي هميشہ جيتوڻيڪ سٺي نموني ڪم ڪندڙ هو، پر هاڻي ڪيس الائجي ڇا ٿي ويو هو. غلام هن ڀيري پهرين جي بلڪل ابتڙ ڪم ڪري رهيو هو. هن اهي خيالي خواب ناهڻ ڇڏي ڏنا هئا.ڪورا هن کي ننڊ ۾ وڦلجندين ۽ دانهون ڪندي ڏسندو هو. ائين وقت گذرندو ويو.

ڪجهہ ڏينهن گذريا تہ غلام بيمار ٿي پيو. ڪورا هن وٽ آيو ۽ هن

جي پر ۾ ويهي ڪري، هن سان سنجيدگيءَ ۽ هوشياريءَ سان ڳالهائڻ لڳو. هن جي ڳالهين ۾ ذهانت ۽ دوراندیشي هئي.

"ڏس آئون هڪ پوڙهو ماڻهو آهيان. مون کي به جوانيءَ ۾ اولهه طرف جهنگ وڃڻ جي تمنا هئي. اهي وڏا ٻيلا مون کي اشارا ڪري پاڻ وٽ سڏيندا هئا، پر مون وٽ ايتري رقم نه هوندي هئي ته ڪو ان طرف سفر ڪري سگهان. هاڻي مون وٽ جڏهن پئسا گڏ ٿي ويا آهن ته منهنجي اندر ٻيلي اندر وڃڻ جي خواهش ختم ٿي چڪي آهي . هاڻي مان ان طرف ڪڏهن به ڪو نه ويندس.... ڪڏهن به نه.... جڏهن مان مرندس ته پوءِ منهنجو روح ئي اتي ويندو. تون جوان ۽ قابل آهين. تون سخت ڪم ڪري سگهين ٿو. تون هوندئين به منهنجي جوانيءَ جي پيٽ ۾ مون کان وڌيڪ طاقتور آهين. جڏهن تون تندرست ٿي وڃين ته ضرور مون پوڙهي جي ان صلاح تي ڌيان ڌرجان."

هاڻ غلام آهستي آهستي ٺيڪ ٿيندو پئي ويو. جڏهن بلڪل تندرست ٿي ويو ته هن ۾ اهو جوش ۽ ولولو نه هو جيڪو ڪيس پهرئين هوندو هو. هن آڻ مجي ورتي هئي. هن جو اصل مقصد ختم ٿي چڪو هو. هو هاڻي زمين تي اڪثر ليٽڙيون پائي ليٽيل، ته ڪڏهن ستل ئي رهندو هو. ڪم منجهه دل نه لڳندي هئس. هڪ دفعي ته ڪورا ڪيس ڪم ڪرائڻ لاءِ چهبڪ پڻ هنيا.

ايئن به سال به گذري ويا.

سهڻيون چوٽيون

☆ جيڪوشخص پنهنجا راز پوشيدا رکندو اهو پنهنجي سلامتيءَ کي قبضي ۾ رکندو. ——(حضرت عمر رضہ)

☆پنهنجي آرزوئن کي دل ۾ ئي جياريو ۽ دل ئي ۾ ان کي ماريو.—(امام غزالي رح)

☆ سيني کان فخر اهو آهي ته فخر نه ڪريو.——(حضرت علي رضہ)

پوءِ ڪورا پنهنجي غلام کي آزاد ڪري ڇڏيو.

هي غلام اولهندي طرف ويو ۽ ڪجهه ئي مهينن کان پوءِ هو ڏٺڙيل حالت ۾ واپس موٽي آيو. ٻي پنهنجي جهنگلن کي ڳولي نه سگهيو هو.

" ڏس،"ڪورا ڪيس چيو، " مون توکي اڳ ۾ ئي خبردار ڪيو هو، پر ڪير ايئن نه چوي ته آئون ڪو توسان سٺو نه هليو هئس. ان ڪري منهنجي صلاح اٿئي ته تون هڪ ڀيرو ٻيهر ڪوشش ڪر. هن دفعي تون اوڀر طرف وڃ، ٿي سگهي ٿو ته تنهنجا جهنگل ان طرف مڙي ويا هجن."

غلام اوڀر طرف طرف ڏٺو ۽ پوءِ ان طرف روانو ٿي ويو. هن پيري هن جو منهن ان طرف هو جتان سج چڙهندو هو. آخرڪار ڪافي گهمڻ رلڻ کان پوءِ به هي پنهنجا جهنگ ڳولي ڪو نه سگهيو. آخر ٿڪل، ٽٽل ۽ شڪست ڪاڏل حالت ۾ واپس پنهنجي مالڪ وٽ پهتو ۽ هن کي ٻڌايائين ته جيتوڻيڪ جهنگ ۾ هزارين وڻ هئا پر اهي سندس جهنگ نه هئا، جتي هن جو خاندان رهندو هو. اهي ڪي

اجنبي جهنگ هئا.

" ڪون...ڪون... " ڪورا ڪنگهيو.

"مون سان رهي پوءِ." هن غلام کي گرم جو شيءَ سان چيو. ،،جيستائين مان زندهه آهيان، توکي هن ڏرتيءَ تي ڪڏهن به رهڻ جي جاءِ جي ڪوٽ نه رهندي. جڏهن مان مري ويندس تہ پوءِ منهنجو پٽ تنهنجي سار سنڀال لهندو."

غلام هن وٽ رهي پيو.

ڪورا جهونو ٿيندو پي ويو، پر هن جو غلام اڃا تائين مضبوط هو. ڪورا هن کي عمدي ڪاڻ خوراڪ ڏيندو هو تہ جيئن هيءُ گهڻو وقت زندهه رهي سگهي. هن کي صاف رکندو هو تہ جيئن هن جي حالت صحيح رهي. ڪجهه ڏينهن جي وقفن کان پوءِ ڪيس چهبڪ به هڻندو هو تہ جيئن هن ۾ عاجزي ۽ اطاعت پيدا ٿئي ۽ هي سندس عزت ڪري.

هر آڅر تي غلام ٽڪريءَ تي چڙهي اولهندي طرف سج کي لهندو ڏسندو هو ۽ ان کي پيو ڪلاڪن جا ڪلاڪ تڪيندو هو.

ڪورا جو فارم هاڻي تمام سائو ستابو ٿي چڪو هو ۽ ٺيڪ ٺاڪ پيداوار ڏئي رهيو هو. هاڻي ڪورا جو شمار اميرن ۾ ٿيڻ لڳو هو. هن پنهنجي زمين تي پوکايل ڪاٺ کي وڏرائي لوه وارن اوزارن ۾ هڻايو هو تہ جيئن غلام انهن کي سندس زمين ۾ استعمال ڪري سگهي ۽ ايئن غلام ڪم ڪندو رهيو.

هڪ ڏينهن تي ڪورا ڪٽان کان ڪا غلام ڇوڪري خريد ڪري آيو ۽ ان جو نڪاح غلام سان ڪرائي ڇڏيائين. ايئن سال گذرندا ويا ۽ ڪورا جي گهر ۾ ڇهه ٻيا بہ غلام ڇوڪرا پيدا ٿيا. اهي بہ پنهنجي پيءُ وانگر محنت ڪندا هئا ۽ ڪم کان گسائيندا ڪين هئا. سندن پيءُ ڪين هدايت ڪئي هئي تہ سندن لاءِ وقت کي گذارڻ جو بهترين طريقو ڪم ڪرڻ آهي. جڏهن وقت گذري ويندو ۽ هو مري ويندا تڏهن ئي اهي پنهنجي اباڻن ڏانهن جهنگ واپس وري سگهندا.

موقعي ملڻ تي غلام پنهنجي ٻارڙن سان ٽڪريءَ تي چڙهي ويندو هو. اتي اهي سج کي لهندي ڏسي سگهندا هئا. انهن کي سندن پيءُ سيڪاريو هو تہ اهي بہ جهنگ واپس وري جي خواهش دل ۾ رکندا اچن، متان ڪڏهن ڪين سندن وطن واپس وڃڻ جو موقعو ملي وڃي.

هاڻي ڪورا پوڙهو ۽ هيڻو ٿي چڪو هو. جيتوڻيڪ هو اڳ بہ ڪافي جهونو هو، پر هاڻ تہ وٽس سواءِ پوڙهپ جي ٻيو ڪجهه بہ نہ بچيو هو. جيتوڻيڪ هن جو پٽ ڪو طاقتور نہ هو، پر ڪيس ڪنهن کان بہ ڊڄڻ جي ضرورت نہ هئي، ڇو تہ سندس هر غلام کي اهڙي سگهہ هئي جو اهي مست هاڻيءَ کي بہ ڪيرائي سگهيا ٿي. سندس اهي غلام ڏاڍا طاقتور هئا. ڪم ڪرڻ کري انهن جا پٽا لوه وانگر سخت ۽ اڪڙيل هئا.

هن ڏٺو تہ سندس اهي غلام هٿن ۾ ڪهاڙيون جهليو ٻاهر وڻ ڪيرائڻ جي ڪم ۾ جتيل هئا.

☆☆☆

"اڄ جي اخبار توهان ڏني آهي؟" سپ کان پهرئين ڊپٽي وزير، فيملي پلاننگ جي وزير کي چيو.

"اڄ ڪهڙي تاريخ آهي؟"

"24 جنوري."

"او منهنجا خدا! ڏينهن ڪيئن نه هن ڪهاڻيءَ ۾ ٽين دنيا جي ملڪ جي هر ماڻهوءَ کي پنهنجو پنهنجو ملڪ نظر ايندو.

فيملي پلاننگ جي محڪمي جي وڏن پنهنجي وزارت جي ڪم کي ڏيکارڻ لاءِ ڪتن جي فيملي پلاننگ، بلين جي فيملي پلاننگ ۽ پوءِ ڪئن جي فيملي پلاننگ ۽ آخر ۾ .... هن ڪهاڻي ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته ڪيئن، اجائي سجائي ڪمن ۾ غريب ملڪ، وقت، پئسو ۽ توانايون ضايع ڪري رهيا آهن. ڪرشن چندر جي قلم مان نڪتل ٽين دنيا جي حڪومتن مٿان گهرو طنز.

ڪتا پلاننگ

ڪرشن چندر / عرفان ميمڻ

تيزي سان گذري وڃن ٿا، جو خبر ئي نہ ٿي پوي." فيملي پلاننگ جي وزير هڪ ڊگهو سگار پنهنجي وات ۾ وجهندي چيو، " اڄا ڇڻ ڪلهہ ئي تہ نئون سال شروع ٿيو هو. ڪهڙي نہ عمدي پارٽي هئي. توهان کي ياد هوندو. مسز من سڪائي ڪهڙي نہ خوبصورت ساڙهي پاتي هئي."

"اڄ جي "ٽائمز" اخبار جي صفحي ست تي اهم خبر لڳل آهي. "ڊپٽي وزير هن کي وري ياد ڏياريو.

"مان تہ صرف اها خبر پڙهندو آهيان جنهن ۾ منهنجي تقرير ڇپجندي آهي ۽ مون تہ ٻن ڏينهن کان ڪا تقرير ئي نہ ڪئي آهي تہ پوءِ خبر وري ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟" وزير سگار جو هڪ وڏو ڪش هڻندي چيو.

ڊپٽيءَ وزير خبر پڙهي ٻڌائڻ شروع ڪئي، "علي آباد جي علائقي وٽ، جيڪو ڄام نگر کان نَو ميل پري آهي، اتي هڪ اهڙو تجربو ڪيو پيو وڃي، جنهن سان ڪتن جي فيملي پلاننگ ٿي سگهندي.ان پراجيڪٽ کي حڪومت بہ شروع ڪرڻ واري آهي تہ جيئن ڪتن جي وڌندڙ آباديءَ کي روڪي سگهجي. ان علائقي جا ماڻهو ڪتن کي مارڻ جي حق ۾ نہ آهن. صحت جو ادارو " بچاءُ بند صحت محڪمو"، ميونسپل ڊپارٽمينٽ جي مدد سان هي پراجيڪٽ شروع ڪندو، جنهن جي ذريعي هڪ محدود علائقي جي ڪتن کي آپريشن ذريعي نامرد ڪيو ويندو."

"بي وقوف!" فيملي پلاننگ جي وزير خبر ٻڌي چيو، "انسانن ۾ فيملي پلاننگ تہ صحيح نموني سان ٿي نہ رهي آهي ۽ ڪتن ۾ وري ڇا ٿيندي. خوامخواهہ بيڪار ۾ عوام جو پئسو ضايع ٿيندو."

"بلڪل صحيح آهي،" ڊپٽي وزير بہ ها ۾ ها ملائيندي چيو، "مون کي پاڻ بہ اهو خيال آيو هو، پر پوءِ مون سوچيو تہ اسان وٽ ماڻهن جي فيملي پلاننگ تہ ڪامياب ٿئي نہ ٿي ۽ ايندڙن نئي بجيٽ جي موقعي تي نئين ڪارگذاري بہ ڏيکارڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي، ان لاءِ مون ان خبر کي اهم سمجهيو." ڊپٽي وزير اهو چئي چپ ٿي ويو.

"هُون" فيملي پلاننگ جو وزير هڪ گهري سوچ ۾ ٻڏي ويو.ڪافي سوچ ۽ ويچارڻ کان پوءِ چوڻ لڳو، "خيال تہ برو ناهي، آخر صوبي ۾ ڪتا تہ هوندا؟"

"ضرور هوندا." ڊپٽي وزير چيو.

" جيتوڻيڪ مون اڄ ڏينهن تائين ڪنهن ڪتي کي انٽرويو تہ ڪو نہ ڏنو آهي، ڇاڪاڻ تہ انسانن کان ئي فرصت ڪو نہ ٿي ملي... پر ڪتن ۾ بہ صحافي ضرور هوندا. ڇا خيال آهي؟"

" چيف سيڪريٽري کان مشورو ڪيو وڃي، ان معاملي ۾ ؟"

" سٺو مشورو ڏنو اٿئي." اهو چئي فيملي پلاننگ جي وزير، چيف سيڪريٽري کي فون ڪري پنهنجي ڪمري ۾ گهرائي ورتو.

چيف سيڪريٽري خبر پڙهي ۽ تجويز ٻڌي چپ ٿي ويو، پوءِ ڪجهہ دير کان پوءِ چيائين، " ڪنهن مسئلي تي راءِ ڏيڻ کان پهرئين مان خاموش رهڻ پسند ڪندو آهيان، پوءِ ٻلي اهو معاملو وزيرن جي

عقلن جو هجي يا وري ڪتن جي مستقبل جو." هڪ وڏي ساهي کان پوءِ هن چيو، "ڪتن سان منهنجون ملاقاتون گهڻيون ته ناهن، چو ته مان شروع کان وٺي طوطا پالڻ جو شوقين رهيو آهيان. مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن ان معاملي تي جوائنٽ سيڪريٽري کان به مشورو ورتو وڃي ته بهتر آهي. هن جي گهر ۾ پنج ڪتا آهن."

جڏهن جوائنٽ سيڪريٽري جي آڏو اها تجويز رکي ويئي ته هو چرڪجي پيو ۽ چوڻ لڳو، "سائين جن ڪتن کي آئون سڃاڻان ٿو، اهي وڏن خاندانن سان تعلق رکن ٿا. مون انهن جي سارسنبال لاءِ هڪ ذاتي ملازم به رکي ڇڏيو آهي. منهنجا ڪتا وقت تي سمهن ٿا، وقت تي جاڳن ٿا. وقت تي وهنجن ٿا، وقت تي کاڏو کائين ٿا ۽ وقت تي سير ڪن ٿا. پنهنجي عقل ۽ سمجهه مطابق اهي تقريبن انسان جهڙا آهن. اهڙن خاندائي ڪتن جي فيملي پلاننگ تي وڏو خرچ ايندو."

"اڙي يوڪ!" ڊپٽي وزير چيو، "اسان بنگلن وارن ڪتن جي ڳالهه نه پيا ڪريون. ظاهر آهي انهن کي ڪنهن به فيملي پلاننگ جي ضرورت ناهي، پوءِ پلي ڪٽي اهي انسان هجن يا ڪتا. جيڪي ڪتا ڪنهن ڪوٺيءَ يا بنگلي ۾ رهن ٿا، اهي هن فيملئ پلاننگ جي زد ۾ نه ايندا. هتي ڳالهه تي رهي آهي بازاري ڪتن جي. منهنجو مطلب عام جنتا (عوام) جي ڪتن سان آهي."

"منهنجو خيال آهي،" جوائنٽ سيڪريٽري چيو، "ڊپٽي سيڪريٽري صاحب کي به گهرايو وڃي. مان ته سول لائنز ۾ رهندو آهيان. هو شهر ۾ رهندو آهي. بازاري ڪتن جي باري ۾ هن جي ڄاڻ وڌيڪ هوندي."

ڊپٽي سيڪريٽري جڏهن هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو ۽ هن اها تجويز ٻڌي ته وڏو ٽپ ڏنائين، چو ته هن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيئن دفعا ڪيترن ئي ڪتن چڪ پاتا هئا ۽ هڪ دفعو ته هڪ حلوائي جي ڪتي هن کي ايڏو زور سان چڪ هنيو هو ته اڄ ڏينهن تائين سندس گوڏن جي ويجهو زخم جو نشان هيس. هن چيو، "منهنجي خيال ۾ هن اڪيلي شهر ۾ به لک ڪتا هوندا ۽ اوتريون ئي ڪتيون هونديون. هاڻي جيڪڏهن هڪ ڪتي سال ۾ پنج ٻار ڏيئي ۽ انهن مان صرف ٽي ٻار به زندهه رهن ته پوءِ سمجهي وٺو ته هر سال ڪتن جي تعداد ۾ ڪيترو اضافو ٿي ويندو. مان ته سمجهان ٿو ته جيڪڏهن ڪتا اهڙي نموني هن شهر ۾ وڌندا رهيا ته پوءِ ڏهن سالن جي عرصي ۾ شهر اندر ڪتن جي آبادي انساني آباديءَ کان ٻيڻي ٿي ويندي. اسان کي ضرور ان سلسلي ۾ ڪو ٺوس، مضبوط قدم کڻڻ گهرجي. ٿورڙو سوچو ته سهي جيڪڏهن انهن ڪتن جي فيملي پلاننگ نه ڪئي وئي ته پوءِ انهن لکن ڪتن تي ڪيترو اناج ضايع ٿيندو، ڪيترين بيماريون ڦهلجنديون، ڪيترا روڊ رستا گندا ٿيندا، ڪيترا انسان هائيڊرو فوبيا سان مرندا. ڪتا انسان جا بدترين دشمن آهن. سائين! منهنجو رايو آهي ته سرڪار کي ڪتن جي فيملي

شيخ چلي ۽ ڪنيار جو گڏهه

هڪ ڏينهن ٻارڙن ڪنهن ڪنيار جي گڏهه کي پڪڙي ورتو ۽ ڪرڻ لڳا ان تي سواري. شيخ چليءَ جو اهو ڏٺو تہ هن کي گڏهه تي رحم آيو ۽ ٻارڙن کي ماري ماري ڀڄايائين.هاڻي گڏهه بيٺو هن کي ڏسي رهيو هو. هن گڏهه کي پيار سان ٿپڪي ڏيئي پنهنجي گهر وٺي آيو ۽ پوءِ چارو وٺي ڪيس ڏنو ۽ هن کي ناشتو ڪرائي، ان تي سوار ٿي ان جي مالڪ ڪنيار جي گهر پهچي ويو ۽ ڪيس ڪاوڙ مان چوڻ لڳو "مان تنهنجي پيءُ جو نوڪر ناهيان جو تنهنجي گڏهه کي پڪڙندو وٺان، جيڪڏهن هن کي ائين بي يارو مددگار ڇڏيو اٿئي تہ پوءِ مون کان بچي ڪو نہ سگهندين، ڇا سمجهئي."

ڪنيار بہ هن جي بي مثال بهاديءَ کان متاثر هيو. هٿ ٻڌي چوڻ لڳو "هاڻي تو جيڪڏهن گڏهه جي شڪل بہ ڏني تہ پوءِ جيڪا چور جي سزا، اها منهنجي سزا."

شيخ چلي سندس معافي قبول ڪئي ۽ گهر هليو آيو.

پلاننگ شروع ڪرڻ ڪپي. ايئن ڪرڻ کان پوءِ اسان کي انسانن جي فيملي پلاننگ ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي."

"شاباس...شاباس!" فيملي پلاننگ جي وزير تاڙيون وڄائيندي چيو، "مان بہ بلڪل اهو سوچي رهيو هئس ۽ ان خيال جي تحت مون توهان سڀني کي هن ڪانفرنس ۾ گهرايو آهي. مان سمجهان ٿو تہ ڳالهہ بلڪل صاف ۽ چٽي واضح ٿي چڪي آهي."

اهو ٻڌي ڊپٽي وزير چوڻ لڳو، "اهائي ڳالهہ مون شروع ۾ ئي سوچي هئي. اسان کي فورن ڪتن جي فيملي پلاننگ جي مهم شروع ڪرڻ گهرجي. جيئن مون پهرئين چيوهو تہ جيڪڏهن ڪتن جي فيملي پلاننگ ڪامياب ٿي وئي تہ پوءِ انسانن جي فيملي پلاننگ ڪرڻ جي تہ ضرورت ئي نہ پوندي. انهن ڳالهين کي مد نظر رکندي هڪ مهم شروع ڪرائي وڃي ۽ ان لاءِ سڀ کان پهرين پمفليٽ شايع ڪرايا وڃن، جنهن جي هڪ طرف منهنجي تصوير هجي ۽ ٻئي طرف وري هڪ ڪتي جي."

پلاننگ جي وزير گهوري ڊپٽي وزير جي طرف ڏٺو ۽ پوءِ يڪدم چيو "نہ...نہ... انهيءَ جي ڪا بہ ضرورت ناهي. ان پمفليٽ لاءِ فقط منهنجي ئي تصوير ڪافي آهي."

"پر هڪ پمفليٽ شايع ڪرائڻ سان ڪم نہ هلندو،" چيف سيڪريٽري غور ڪندي چيو، " ان لاءِ اسان کي بجٽ منظور ڪرائڻي پوندي ۽ نئون اسٽاف رکڻو پوندو. ڇو تہ جيڪي ماڻهو فيملي پلاننگ جي محڪمي ۾ ڪن ٿا، اهي ڪتن جي

فيملي پلاننگ ۾ ڪم نہ ٿا ڪري سگهن. انسانن ۽ ڪتن جي عادتن ۾ گهڻو فرق هوندو آهي."

"اهڙو ڪو خاص فرق تہ ڪونهي." ڊپٽي وزير چيو.

" نہ، نہ، چيف سيڪريٽري صحيح ٿو چوي،" منسٽر چيو،"ان لاءِ اسان کي نئون اسٽاف وٺڻو پوندو ۽ نئي بجيٽ وٺڻي پوندي. سڀ کان پهرين ان ڳالهہ جي گهرج ٿيندي تہ ان مهم جو انچارج هڪ اهڙو ماڻهو هجي، جيڪو ڪتن جي باري ۾ مڪمل واقفيت رکندڙ هجي."

"منهنجو هڪ ڀاڻيجو آهي." اندر سيڪريٽري چيو.

"منهنجو هڪ ڀاءُ آهي." جوائنٽ سيڪريٽري چيو.

"منهنجو ڏوهٽوآهي." چيف سيڪريٽري چيو.

"منهنجو هڪ نائي آهي." فيملي پلاننگ جي وزير چيو.

وزير صاحب کان پوءِ ڪنهن بہ نہ ڳالهايو. وزير آخري سچائي چئي ڇڏي هئي ۽ سچائي جي آخري فتح ٿيندي آهي... تنهن ڪري مون کي ٻئي ئي ڏينهن تي نوڪري تي رکيو ويو.

(2)

اهي ماڻهو بڪواس ٿا ڪن تہ مون کي نوڪري ان ڪري ملي آهي جو مان وزير جو نائي آهيان. مان دراصل ان ڪم لاءِ موزون ترين ماڻهو آهيان. هڪ تہ مان جانورن جو وٽنري (ڊاڪٽر) آهيان يعني جانور ڊاڪٽر آهيان. جانورن جي نفسيات جي باري ۾ جيڪا مون کي خبر آهي اها شايد ئي ڪنهن کي هجي. مان جانورن جون ٻوليون سمجهندو آهيان ۽ خاص ڪري اهڙي زماني ۾ جڏهن پٽ پيءُ جي ٻولي ڪو نہ ٿا سمجهن. توهان خود سمجهي سگهو ٿا تہ اهو ڪيڏو نہ مشڪل ڪم آهي.

ٻہ پٽيوالن، ٻن نوڪرياڻين ۽ ٻن ڪمپائونڊرن کي ساڻ وٺي، "گهمندڙ ڦرندڙ آپريشن جو ڳاڏيءَ" سان ليس ٿي مون هڪ ڪتي کي وڃي گهيريو، جيڪو هڪ گهٽيءَ جي ڇيڙي تي هڪ ڪتيءَ جي پويان وڃي رهيو هو.

ڪتي اسان سيني کي غور سان ڏٺو. نيٺ هو سمجهي ويو تہ اهو مان ئي آهيان، جيڪو سندس ڳالهہ ٻڌڻ جو اهل آهيان. ان ڪري هو مون سان مخاطب ٿيو.

" تون ڇا ٿو چاهين؟" هُن پڇيو.

"مان تنهنجو آپريشن ڪرڻ ٿو چاهيان." مون جواب ڏنو.

"ڇو؟"

"تہ جيئن تون ٻار پيدا نہ ڪري سگهين."

" اسان جي ٻارن جي ڪري توکي ڪهڙي پريشاني ٿئي ٿي؟!"

" انهن ڪتن ٻارن لاءِ اسان ڪاڏو ڪٽان آڻينداسين،" مون ڪتي کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، " هن شهر ۾ ٻہ لک ڪتا آهن. ڪجهہ سالن ۾ ڏهہ لک ٿي ويندا. اسان انهن ڏهن لکن ڪتن لاءِ ڪٽان خوراڪ آڻينداسين.اسان کي پنهنجي ٻارن جو پيٽ پرڻ مشڪل ٿي رهيو آهي. ان ڪري تنهنجو آپريشن ٿيندو. اهو

هو بہ خوش ۽ آئون بہ خوش

هڪ ڏينهن وتائي فقير وٽ ڪي مهمان اچي نڪتا. هن مسڪين وٽ هڙ ۾ ڪجهه بہ ڪو نہ هو جو ڪين ڪجهه وٺي ڪارائي. اوچتو هڪ ڇوڪر اچي اتي چڻن جو هوڪو ڏنو. وتائي فقير اتي ڪيس سڏ ڪيو ۽ سڀ ڇڻا تورائي ڪٽي مهمانن جي اڳيان رکيائين. جڏهن ڇوڪر پئسن جي گهر ڪئي تہ اتنديئي بہ تڦڙون هٽي ڪڍيائينس. ڇوڪرو ويهي روئڻ لڳو. گهڙي گذري، تہ هڪ شخص آيو ۽ وتائي کي ڏهہ رپيا ڏيندي چيائين "فقير وٽ!" فقير هڪدم اٿيو ۽ ڇوڪري کي پئسا ڏئي روانو ڪري ڇڏيائين. مهمانن پڇيس "فقير تو اهو ڇا ڪيو؟" جواب ڏنائين تہ "مون وٽ هڙ ۾ ڪجهه بہ ڪو نہ هو، ڏٺم تہ خداکي سوال ڪندس تہ اهڙو تڪڙو اصل ڪو نہ ٻڌندو. سو ڇوڪري کي وٺي تڦڙ هنيم هن ڪيون دانهون تہ ڏسو ڪيئن نہ ٻڌي ورتائين ۽ پئسا بہ اچي مليا، هو بہ خوش ۽ آئون بہ خوش."

ڏاڍو ضروري آهي."

"مان ڪڏهن تو منع ڪريان،" ڪتي چيو، "جيڪڏهن اسان جي نسل ڪشيءَ سان توهان انسانن جو مستقبل محفوظ ٿي سگهي تو تہ اسان ڪتا انسانن خاطر اها قرباني ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار آهيون. پر جيڪڏهن تون غور سان منهنجي ڳالهہ ٻڌندين تہ توکي خبر پوندي تہ توهان تہ خواهمخواهہ پيا جنجهٽ پاليو. ڪتن کي مارڻ سان توهان کي ڪو بہ فائدو نہ رسندو."

" اهو وري ڪيئن؟"

" ڪتن کي ختم ڪرڻ سان ٻلين جو تعداد وڌي ويندو ۽ توکي خبر آهي تہ ٻليون ڪيترو نہ جلدي ٻار ڇڻيندیون آهن. اسان ڪتا تہ وري بہ توهان ماڻهن جو اوبر سوپر ڪائي گذارو ڪريون تا پر ٻليون سڌو توهان جي رنڌڻي ۾ گهڙي ڪري زبردستي کير پي وڃن ٿيون. ڪجهہ خبر اٿئي؟"

ڪتي واهہ جي ڳالهہ ڪئي هئي، واقعي ڳالهہ تہ سمجهہ واري هئي.

تنهن ڪري مون اها ڳالهہ پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي اعليٰ آفيسرن آڏو رکي تہ انهن پاڻ ۾ مشورو ڪري اهو طئي ڪيو تہ في الحال ڪتن جي فيملي پلاننگ مهم کي ملتوي ڪري ٻلين تي ڪاهہ ڪئي وڃي. مون کي نئون آرڊر ڏنو ويو. نئون عملو ڏنو ويو. نئين بجٽ منظور ڪئي وئي. نئون پمفليٽ شايع ڪرايو ويو. پمفليٽ ۾ لکيل هو: "ٻلين جي فيملي پلاننگ مهم."

اڻ ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ اسان نيٺ هڪ ٽلهي متاري ٻلي کي پڪڙڻ

۾ ڪامياب ٿي وياسون.

پهرئين ته هو ڪافي دير تائين اسان تي رنيون ڪندو رهيو ۽ چنبا ڏيکاري ڏيکاري خر خر ڪندو رهيو. آخر ۾ مون کي ڏاڍي ڪاوڙ منجهان گهوريندي چيو، "تون، مونکي سڃاڻين ڪو نه ٿو. منهنجي جيڪا زال ٻلي آهي، اها وزير تعليم جي پالتو ٻلي اٿئي. پنهنجي نوڪري نه ٿو وڃائڻ چاهين ته پوءِ فورن مون کي ڇڏي ڏي ورنه مان تنهنجي شڪايت ڪندس."

مون کي ڏاڍي بيچان لڳي. مون کيس چيو، "اي مغرور ٻلا! تون آهين ڪهڙي خيال ۾؟ جيڪڏهن تنهنجي زال، وزير تعليم جي ٻلي آهي ته مان به پنهنجي ڪاتي جي وزير جو ناني آهيان. مان تنهنجي وزير جو ڪاوان نه ٿو، جو تو کان ڊڄي ويندس."

ان تي اهو مغرور ٻلو ڪجهه نرم ٿيو ۽ پڇڻ لڳو، "آخر توهان چاهيو ڇا ٿا؟"

ان تي مون کيس پنهنجي اسڪيم ٻڌائي.

اسڪيم ٻڌي هن چيو، " ته توهان انساني فيملي پلاننگ کي ڪتن جي فيملي پلاننگ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي وري ڪتن جي فيملي پلاننگ کي ڇڏي ڪري، ٻلين جي فيملي پلاننگ ڪرڻ ٿا چاهيو ته جيئن هن دنيا ۾ ٻليون توهان جي ٻارن جي عذا کائي نه سگهن."

"تون بلڪل صحيح چوين. اهو ئي خيال اسان جو به آهي." مون ان مغرور، ضدي ٻلي کي سمجهائيندي چيو، "اسان توهان کي مارڻ نه ٿا چاهيون. اسان عدم تشدد تي يقين رکون ٿا ۽ ان آپريشن سان توهان کي ڪو به خاص نقصان نه پهچندو. بس ڪجهه دير تائين، فقط ڪجهه منٽن لاءِ توهان کي تڪليف ٿيندي. اڻن نون ڏينهن تائين توهان کي هر روز ناشتي کان پهرئين گوري ڪائڻي پوندي."

" تمام سٺو." ٻلي چيو، " انساني آباديءَ کي محفوظ رکڻ لاءِ اسان ماڻهو پنهنجي ٻارن جو مستقبل ختم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. پر ايترو ياد رکجو ته جيڪڏهن توهان اسان کي ختم ڪري ڇڏيو پوءِ توهان جي ٻارن جو مستقبل اڃا به وڌيڪ خراب ٿي پوندو."

" اهو ڪيئن؟" مون ٻلي کان پڇيو.

"هي سوچ ته جيڪڏهن دنيا ۾ ٻليون نه هونديون ته پوءِ ڪٽن جو ڇا ٿيندو." ٻلي چيو، " اڄ به ڪاڏ خوراڪ جو چوٿون حصو ڪٽا کائين ٿا. ۽ ان جي بدلي ۾ توهان کي ڇا ٿو ملي. اهو ئي نه پليگ جي بيماري، جنهن ۾ هزارين ماڻهو اجل جو شڪار ٿي وڃن ٿا. ٿورو سوچ جيڪڏهن اسان ٻلا نه هونداسون ته صرف هن شهر ۾ هڪ سال ۾ هڪ ڪروڙ ڪٽا ٿي ويندا. ان لاءِ جيڪڏهن توهان جانورن جي فيملي پلاننگ ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ سڀ کان پهرين ڪٽن کان شروع ڪيو."

مون جڏهن ان عقلمند ٻلي جي ڳالهه وزير صاحب کي سمجهائي ته هن يڪدم ڪرسيءَ تان اڇل ڪاڏي ۽ چوڻ لڳو، "مان به خود اهو سوچي رهيو هئس. ٻلو بلڪل صحيح ٿو چوي."

هاڻي اسان پنهنجي اسڪيم بدلائي

ڇڏي. نئون اسٽاف رکيو ويو. نئين بجٽ منظور ڪئي وئي. نوان پمفليٽ ڇپجي ويا. "ڪئن جي فيملي پلاننگ مهر".

اسان هاڻي بلڪل مطمئن هئاسين ته اسان بلڪل هڪ صحيح رستي تي آهيون ۽ هاڻي ڪم باقاعدي سان ٿيندو ۽ جلدي ٿيندو.

پر جلدي ئي اسان کي خبر پئجي وئي ته اسان جوڪم ڏاڍو ڏکيو هو. سڀ کان پهريائين اسان جو جهڳڙو ميونسپل ڪارپوريشن جي عملي سان ٿيو. جڏهن اسان ماڻهن ڪئن کي جهلڻ شروع ڪيو ته جيئن سندن آپريشن ڪري سگهجي. اسان کي خبر پئي ته شهر جا سيئي ڪئا ميونسپل ڪارپوريشن جي قبضي هيٺ آهن ۽ اسان جو ته انهن تي ڪو حق ئي ڪونهي ۽ جيستائين ميونسپل ڪميٽي اسان کي اجازت نه ٿي ڏيئي تيستائين اسان ڪئن جي خلاف قانوني طور تي ڪا به ڪاروائي نه ٿا ڪري سگهون.

اسان کي ان تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. اسان جي ڪاتي جي وزير ڪارپوريشن جي ميئر کي لکيو ۽ ميئر وري وزير کي لکيو.

اهڙي طرح ڪافي مهينا گذري ويا.

ميونسپل ڪارپوريشن وارن چاهيو پئي ته شهر جا ڪئا اسان جي حوالي نه ڪيا وڃن. پر سنئون سڌو انهن کي ماريو وڃي. جيئن هيئنر ٿيندو آهي ۽ اسان چاهيو پئي ته ڪئن کي جان کان مارڻ جي بدران انهن جو آپريشن ڪيو وڃي ته جيئن ڪئا وڌيڪ پيدا نه ٿي سگهن ۽ اسان جي ڪئن جي فيملي پلاننگ مهم ڪامياب وڃي.

ڏيڍ سال تائين جهڳڙو هلندو رهيو.

نيٺ آخر ۾ فيصلو ٿيو ته سڀ کان پهريائين ڪارپوريشن وارا ڪئن کي مارينداءِ پوءِ اهي ڪئا اسان جي حوالي ڪيا ويندا ته جيئن اسان انهن جو آپريشن ڪري سگهون.

اعليٰ اختياريءَ وارن ٻنهين جي ڳالهه مڃي ورتي هئي.

پر مريل ڪئن تي آپريشن ڪرڻ بيڪار هو. ان سان اسان جي مهم خطري ۾ پئجي وڃي ها. تنهن ڪري وزير صاحب مون کي گهرائي سمجهايو." پٽ جهڳڙي ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو. شهر جو ميئر به ته پنهنجو ئي ماڻهو آهي. اها ڳالهه هن جي عزت ۽ وقار جو مسئلو بڻجي وئي آهي. جيڪڏهن هو شهر جا ڪئا پاڻ وٽ رکڻ چاهي ٿو ته ڀلي رکي. تون ڳوٺ وڃ. مون ٻڌو آهي ته ڳوٺ ۾ ڪئا وڌيڪ ٿين ٿا."

"برابر ٿين ٿا." مون چيو." ۽ شهر کان ٻيڻا ٿين ٿا. وڏا ٿين ٿا ۽ ڏاڍا چالاڪ ٿين ٿا. مون کي ان لاءِ وڌيڪ اسٽاف جي ضرورت پوندي."

"وڌيڪ اسٽاف رکي ڇڏ."

" ڳوٺن ۾ وڃڻ لاءِ به جيپون به گهرجن."

" جيپون به وٺي ڇڏ، پر هاڻي شهر جي ڪئن جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ ۽ ڳوٺ جي ڪئن طرف منهن ڪر."

" شهر جا ڪئا ڏاڍا مهذب هوندا آهن." مون چيو. "فيملي پلاننگ جي مهم جي باري ۾ ڳالهه جلد انهن جي سمجهه ۾ اچي وڃي ها پر انهن جاهل، اڻ پڙهيل ڳوٺاڻن ڪئن کي سمجهائڻ لاءِ مون کي

حد کان وڌيڪ پروپيگنڊا ڪرڻي پوندي."

"هڪ ٻيو نئون پمفليٽ به ڇپائي وٺ. اڄ ڪلهه منهنجي نئين تصوير به آيل آهي." وزير مون کي پيار سان سمجهائيندي چيو.

اسان ضروري سامان سان مڪمل تيار ٿي، ڳوٺن ۾ ڪئن جي فيملي پلاننگ مهم شروع ڪرڻ لاءِ روانا ٿي وياسين. ڳوٺ ۾ ته پهچي وياسين، پر ڳوناڻن اسان کي پنهنجي فصلن وارين ٻنين طرف وڃڻ ئي نه ڏنو. انهي اسان کي روڊ جي ڪناري تي روڪي ڇڏيو ۽ پاڻ سامهون اچي ڪري بيٺا. انهن جي هٿن ۾ ڏنڊا هئا.

انهن جي اڳواڻ چيو "ڪئن جي فيملي پلاننگ مهم! ڇا توهان بيوقوف آهيو. ڇا توهان کي خبر ناهي ته جيڪڏهن ڪٽا اسان جي فصلن ۾ نه هجن ته پوءِ اسان جا اڌ فصل ته جيت جڙا ٿي ڪائي وڃن. اهي ڪٽا ئي ته آهن، جيڪي رات جو اسان جي ٻنين ۽ فصلن ۾ ٻرڻ ناهين ٿا ۽ انهن کيڙن ماکوڙن کي کائين ٿا. اهي نه هجن ته جيڪر اسان جا فصل تباهه ٿي وڃن. انهن جي ڪري ئي ته اسان خوشحال آهيون. اسان ڪنهن به صورت ۾ اها فيملي پلاننگ مهم ٿيڻ نه ڏينداسين. هرگز نه، هرگز نه ٿيڻ ڏينداسين. ڀڄو هتان."

"عجيب مصيبت آهي." مون دل ئي دل ۾ چيو. "جڏهن اسان ڪتن جي فيملي پلاننگ ڪريون ٿا ته ٻليون ٿيون وڌن. ٻليون جي ڪريون ٿا ته پوءِ ڪٽا ٿا وڌن. ڪئن جي فيملي پلاننگ ٿا ڪريون ته ڪيڙا ماکوڙا ٿا وڌن. ڪريون ته آخر ڪريون ڇا؟"

اسان اتان ته پڇي آياسين پر ڪنهن جي ڏمڪائڻ يا ڌيڇارڻ سان ڇا ٻلا اسان جي فيملي پلاننگ مهم رڪجي سگهجي ٿي ڇا؟ اهو ته سرڪاري ڪم آهي ۽ هميشه ٿيندو رهندو.هڪ مهم نه رهندي ته پوءِ وري ٻي مهم اچي ان جي جڳهه والاريندي. تنهن ڪري هاڻي اسان جي محڪمي طرفان ڪيڙن ماکوڙن جي فيملي پلاننگ مهم شروع ٿيڻ واري آهي. ان جو وڏي ۾ وڏو ثبوت اهو آهي ته اسان جي مخالفن ته هينئر کان ئي وٺي اسان جي مهم جي خلاف ڪم شروع ڪري ڏنو آهي.

زراعت کاتي هڪ زبردست نوٽ لکيو آهي ته اهي ريشم جي ڪيڙن جي فيملي پلاننگ جي مهم شروع ڪرڻ نه ڏيندا ۽ سندن محڪمي جي گهڻن آفيسرن ان جي حمايت به ڪئي آهي.شايد اهو سوچي ڪري ته سرڪاري آفيسر به هڪ طرح سان ريشم جا جيت ئي ته هوندا آهن. پر ڪنهن جي ڏمڪائڻ، ڌيڇارڻ سان اسان جي فيملي پلاننگ مهم ختم ٿي سگهي ٿي ڇا؟

نئون پمفليٽ ڇپجي رهيو آهي.

نئون بجٽ منظور ٿي ويو آهي.

نئون عملو رکيو ويو آهي ۽ هن سال ته مون پنهنجي پڳهار به خاص طور تي وڌرائي ڇڏي آهي. ڇو ته منهنجي گهر ۾ خوشي اچڻ واري آهي.

☆☆☆

ماءُ، پٽ، زال ۽ ڏيءُ جي رشتن تي پويل ڪهاڻي

فاطمہ

سعد مڪاوي/گلزار علي ولياڻي

هڪ اهڙي پيءَ جي ڪهاڻي جنهن يورپ جي سونهن تي عاشق ٿي، اتي گهر وسايو هو، جيتوڻيڪ سندس پاڙون ايشيا ۾ ڪتل هيون. هي پنهنجن خوابن جي ڳولا ۾ ماءُ، پيڻ، دوستن ۽ سنگتين، سيني کي ڇڏي هليو ويو هو پر.....پوءِ ڇا ٿيو. اها ڳالهہ اوهان هن دل کي ميڻ ڪندڙ مصر جي ملڪ مان آيل ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا.

آئون پنهنجي ماءُ جي پاڪر ۾ هئس. هن مون کي پنهنجي ٻانهن جي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو هو. هوءَ ڏک ۽ رنج ڪري ماندي ٿي رهي هئي.

اتهيءَ پراڻي ۽ تمام وڏي گهر ۾،جنهن جون پراڻيون دريون وڏو آواز ڪري ڪلنديون هيون، آئون ڪيس بلڪل اڪيلو، عاجز ۽ بيمار ڇڏي پنهنجي

خوابن طرف تمام ڏور وڃي رهيو هئس. جيتوڻيڪ آئون ساڻس واپسيءَ جو وعدو بہ ڪري چڪو هئس پر هوءَ منهنجي واپسيءَ بابت گهڻو پر اميد نہ هئي.

خوشقسميءَ سان ڄمار گذرڻ سان گڏوگڏ سندس ٻڌڻ جي طاقت گهٽي ڪمزور ٿي چڪي هئي ۽ دريءَ کان آيل آواز ۽ اچڻ وارو هل هنگامو ڪيس ٻڌڻ ۾ نہ پئي آيو.

آئون ڪاٺ جي وڏي دروازي جي شيشن کي ڏسي رهيو هئس، جيڪي اوچي ڇت تائين هليا ويا هئا. اهو دروازو راهداريءَ جي وڏي ڪمري کي ڊرائنگ روم کان جدا ڪندڙ ۽ خاندان جي آڳاٽي تاريخ جو شاهد هو. پوءِ منهنجون نظرون هيٺ ويون ۽ مون گهر جي فرش تي ڪتل وڏن وڏن پراڻن ٽائلن کي ڏٺو، جنهن جو رنگ زماني جي گردشن بي رحميءَ سان اڏائي ڇڏيو هو. منهنجي نظرن ۽ وڏي دروازي وچ ۾ سواءِ هڪ بريف ڪيس جي ٻي ڪا بہ شئي حائل ڪين هئي. اهو بريف ڪيس منهنجي ۽ ڳوڙهن بنان روئيندڙ پوڙهي عورت جي بغل گيريءَ جي خاتمي جو منتظر هو.

آئون دري کان اٿڻ واري ٻي پناهہ شور ۽ هل هنگامي ۾ پنهنجي ڀيڻ جي ور جي آواز کي چڱيءَ طرح سڃاڻي پئي سگهيس، جيڪو مون کي جلد اچڻ لاءِ چئي رهيو هو. مون پنهنجي ماءُ جي ڳل کي چميو ۽ ڊراٽي دريءَ مان هيٺ جهاتي پائي هٿ کي لوڏيو. پوءِ واپس مڙي پنهنجيءَ پوڙهي ماءُ جي مٿي کي هڪ ڀيرو ٻيهر چمي ڏنم.

"هاڻ مون کي وڃڻ گهرجي... مون کي انهيءَ انبوهہ مان ايئرپورٽ تائين هڪ ڊگهو مفاصلو پار ڪرڻ ۾ ڇڪو خاصو وقت لڳندو!" مون چيو.

"پنهنجو واعدو نہ وسارجانءِ خالد! توکي وقت گهٽ هجي يا وڌ، پر ماءُ کي ياد رکجان ۽ منهنجو هن دنيا ۾ توکان سواءِ ٻيو ڪو بہ ڪونهي!" پوڙهي ماءُ چيو.

مون نرميءَ سان پنهنجي ٻانهن ماءُ جي مضبوط گرفت مان آزاد ڪرائي ۽ بريف ڪيس کڻي تيزيءَ سان ڪاٺ جي ڀڳل ٽٽل ڏاڪڻ تان هيٺ آيس. هيٺ منهنجي سڪيلڏي ڀيڻ پنهنجي ور سان منهنجي انتظار ۾ هئي. هوءَ پنهنجي گهر ۽ نوڪريءَ جي بي پناهہ مصروفيتن مان وقت ڪڍي مون کي الوداع چوڻ لاءِ ڀري کان آئي هئي. ڏاڪڻ لهي آئون گند ڪچري جي پراڻي ڍير تان لنگهندي پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀيٽويي سان گڏ هنن جي ننڍڙي گاڏيءَ ۾ سوار ٿي ويس. گاڏي اسان کي وٺي انبوهہ، شور هنگامي ۽ افراتفريءَ واري سمنڊ جي لهرن کي چيريندي هلڻ لڳي.

ابوالعلا پل کان وٺي ايئرپورٽ تائين جي سست ترين سفر دوران پنهنجي ڀيڻ کي چوڻ لاءِ آئون هڪ لفظ جي بہ چونڊ ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيس. جڏهن ايئرپورٽ اچي ويو ۽ آئون ڪائنس موڪلائڻ جي لاءِ ويس. پنهنجي ڀيڻ کي،

جنهن کي نوڪريءَ، ٻارن، ور ۽ گهر جي مصروفيتن مان ئي ڪا فرصت ڪانه ٿي ملي، فقط ايترو چئي سگهيس ته " ٽورڙو ماءُ جو به خيال رکجانءِ!"

جڏهن جهاز فضا ۾ پهچي ويو ته مون کي خيال آيو ته آئون پنهنجو ترڻ وارو نئون لباس (Swimming Suit) ته بريف ڪيس ۾ رکڻ وساري ويٺو آهيان. منهنجي حياتيءَ ۾ ان ترڻ وارو لباس هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اهو ئي منهنجي سموري ڪهاڻيءَ جو مرڪز آهي ڇو جو هن ڪهاڻيءَ جي شروعات ترڻ واري هڪ تلاءُ ۾ ئي ٿي هئي.

اهو منهنجي جوانيءَ جو وقت هو. شراب پي پاڻ کي وسارڻ واريون برباديءَ ۾يون راتيون ان وقت تائين منهنجي حياتيءَ کي چيپائي ڪين گذريون هيون. آئون راندين جي دنيا جو هيرو بڻجڻ واري رستي تي گامزن هئس. ماڻهو منهنجي تعريف ڪندا هئا ۽ آئون پنهنجي مستقبل مان بلڪل مطمئن هئس. بهار جي موسم جي انهيءَ پهرئين دل وٽندڙ ڏهاڙي، جڏهن آئون ترڻ لاءِ وڃي رهيو هئس، مون کي خبر ڪين هئي ته قسمت هڪ جذباتي زلزلو ڪٽي منهنجي انتظار ۾ هوندي.

آئون پاڻيءَ ۾ تري رهيو هئس جو اوچتو انهيءَ ڳاڙهي اڇي ۽ سهڻي جسم رکندڙ مورت کي پنهنجي ساهيڙين جي جهرمٽ ۾ تلاءُ جي چوگرد چڪر لڳائيندي ڏٺم. پوءِ پاڻيءَ ۾ ئي اسانجو هڪ ٻئي سان تعارف ٿيو. اها اتر وارين عورتن مان پهرين عورت هئي جنهن کي مون ايترو ويجهڙائيءَ کان ڏٺو هو. اتر جو ماحول، جنهن اهڙي سهڻي ۽ من موهڻي پريءَ جي تخليق ڪئي هئي، پڪ ئي پڪ اسانجي ڏاکڻي ماحول کان بنهه مختلف هوندو.

ايئر هوسٽيس ڪاڏي جون شيون منهنجي آڏو اچي رکي ڇڏيون. آئون ٽورڙيءَ ڏي لاءِ ڇرڪي پيس. هوءَ پنهنجي نازڪ نازڪ چال سميت واپس وڃي رهي هئي. سندس قد مناسب هو. هوءَ به منهنجي سهڻيءَ ۽ من موهڻيءَ زال وانگيان سوڻن جي ئي رهندڙ پئي لڳي.

ان ترڻ واري ڏينهن کان پوءِ اها خوبصورت ڇوڪري منهنجي دوست بنجي وئي. منهنجو قد سرو وانگان ڊگهو هو ۽ منهنجي جادوءَ جهڙي بي تڪلفي سيني کي پاڻ ڏي ڇڪي وٺندي هئي. قاهره ۾ اسين ٻيئي هر هنڌ گڏ نظر پيا ايندا هئاسين.

پنهنجي گذريل زندگيءَ بابت هوءَ گهٽ ئي ڳالهائيندي هئي. هن جي ڪوشش اها هوندي هئي ته مصر ۾ گذاريندڙ سمورن ڏهاڙن جي لطف ۽ خوشيءَ کي هوءَ پوري طرح ماڻي ۽ ان مان لطف حاصل ڪرڻ جو ڪو به موقعو ضايع ٿيڻ نه ڏئي. هوءَ منهنجي اولين محبت جي آخري منزل هئي ۽ سندس لاءِ منهنجو عشق منهنجي زندگيءَ کي نئون انداز ۽ نئون رنگ ڏئي رهيو هو. اسان جي دوستي اڳتي وڌندي رهي ۽ آخر اهو

ڏينهن بہ اچي ويو جڏهن هن تجويز ڏني تہ هاڻ اسان کي شادي ڪري ڇڏڻ گهرجي.

انهيءَ گهڙيءَ کان اڳ بہ شاديءَ جو خيال اسانجي ذهنن ۾ آيو هو ۽ "جي حسين" نالي هڪ قديم هوٽل ۾ انهيءَ موضوع تي ڳالهائيندي مون کي خبر پئجي چڪي هئي تہ هوءَ هتي يعني منهنجي وطن ۾ مستقل رهڻ جو ڪو ارادو ڪو نہ ٿي رکي. مون کي پاڻ بہ ڪا اهڙي خواهش ڪو نہ هئي ڇو جو مون کي بہ پنهنجي جوابن جي جنت هوڏي پري اتر ۾ ئي نظر ايندي هئي.

پوءِ اسان جي شاديءَ جو ڏهاڙو بہ اچي ويو. ماءُ اها سموري رات پنهنجي ڪمري ۾ بند ٿي بنا آواز ڪڍڻ جي روئڻ ۾ گذاري ڇڏي ۽ اسان خانہ بدوشن وانگيان ساري رات مختلف دعوتن ۽ خوشين ۾ بسر ڪري ڇڏي.

ڪجهہ ئي ڏهاڙن کان پوءِ اسان کي سندس پيءُ جو خط مليو. هن اسان کي سويدن جي سفر جي صلاح ڏني هئي ۽ يونيورسٽيءَ جي منهنجي تعليم ۾ راند جي صلاحيتن کي نظر ۾ رکندي مون کي مستقبل جي بهتر امڪانن جي خوشخبري بہ. منهنجي راهہ جي سڀ کان وڏي رنڊڪ ماءُ جي نفسياتي حالت هئي. ماءُ مڪمل خاموش اختيار ڪري ورتي هئي... مون انهيءَ ڏس ۾ پنهنجي پيٽ ۽ پيٽوءِ جي مدد ورتي ۽ سندن آڏو اهو عهد ڪيم تہ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ بہ پيرا آئون قاهره ضرور ايندو رهندس.

ايئر هوسٽيس جي مرڪ مون کي خيالن جي دنيا مان واپس آڻي ٻاهر ڦٽو ڪيو.

"ڪافي پئندو يا ڪا ڪولڊ ڊرنڪ آڻيان؟" هن پڇيو.

" ڪولڊ ڊرنڪ بهتر رهندي!" مون وراڻيو.

منهنجي ونيءَ جو سهڻو ڳوٺ

بگهڙ ۽ رڍ

هڪڙو بگهڙ گهڻن ڏينهن توڻي،رڍن جي هڪڙيءَ ڇانگ وٽان پيو لنگهندو هو.هن کي ڪڏهن ڇيهو ڪونہ رسايائين.رڍار جو سو منجهس ڏاڍو گمان هو. اهو سو وجهہ ڏسيو ڏانهس پيو نهاريندوهو. بگهڙ ڪيترن ڏينهن تائين ان ڏڻ جي پويان لڳو وتندو هو.رڍار ايئن ڪين ڄاڻندو هو.تہ ڪنهن بہ طرح هن کي ڏکوئڻ جي نيت آهي ،تنهنڪري هو ڄاڻندو هو تہ منهنجو سڄڻ آهيءَ ويري ڪين آهي. هڪ ڏينهن ڪو شهر ۾ ڪو ڪم پيس.تڏهن پنهنجو ڏڻ بگهڙ جي حوالي ڪري ويو. .بگهڙ کي وجهہ ملي ويو .تنهن نہ ڇڏي ڪا رڍ هڪڙي. سيني کي ڏاڙهي ڦاڙي ڇڏيائين! رڍار جان وري اچي ڏسي تہ مار! رڍون تہ سڀ ڏاڙهيون پيون آهن! سو پنهنجي دل ۾ چوڻ لڳو تہ ڪهڙي نہ بيوقوفي ڪيم،جو بگهڙ کي ڇڪي رڍون ڏنم.هاڻي ڇڳو ٿيو. جهڙي ءَ جٽ جو لائق هئس تهڙي جٽ ٿي اٿم.

استاڪ هوم کان اٽڪل هڪ ڪلاڪ جي مسافريءَ تي هو. ڳوٺ جي چوڌاري ننڍڙيون ننڍڙيون ٽڪريون هيون، جتان سمنڊ جو نيرو پاڻي نظر ايندو هو. اهو ڳوٺ جنت جي ٽڪرن مان هڪ من موهيندڙ ٽڪر پيو معلوم ٿيندو هو. انهن ئي ٽڪرين مٿان هڪ ٽڪريءَ تي اهو شاندار اسپتال هو جتي اسان جي ڌيءَ "فاطمہ" پيدا ٿي هئي.

مون ڪولڊ ڊرنڪ جي سرڪ پريندي سوچيو. منهنجي آڏو ماءُ جي هڪ ڏهري تصوير ايري آئي. منهنجي پيٽ ڪيس پنهنجي ٻانهن ۾ پڪڙي تسلي ڏيئي رهي هئي... انهيءَ ڏيک جي ڪمزوريءَ جي آڏو منهنجي عزم جي پختگي ويتر وڌيڪ مضبوط ٿي وئي. منهنجي ماءُ جون پڪارون مون کي انهيءَ سهڻي ڳوٺ مان، جيڪو پنهنجن نظارن، جهنگن، سمنڊ، رنگن ۽ پاڇن سببان آرٽ جو ڪو شاهڪار نظر ايندو هو، مون کي واپس ڪاهره وٺي آيون هيون. پر هاڻ ائين نہ ٿيندو... هاڻي اهو ٻيهر ڏکدائڪ ڏيک ورجايو نہ ويندو. آئون هاڻي موٽي ڪاهره ڪين ايندس...!

اهو درست آهي تہ سويڊن ۾ منهنجي لاءِ ڪم جا گهڻا موقعا هئا، جهڙي طرح منهنجي سهري بيان ڪيا هئا... پر پوءِ زال سان لاڳاپن تي بہ اميد جي برخلاف نفسياتي اختلافن جي ڏنڌ چائنجڻ لڳي هئي. پر منهنجي واپسيءَ جو سبب فقط مامتا جي ڏک واري اڪيلائپ جون صدائون هيون. ان ڏهاڙي مون اهو سمجهيو هو تہ مختصر موڪل تي وطن وڃڻ ماءُ، زال ۽ خود مون لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.

" ڪافي يا ڪولڊ ڊرنڪ!"

ايئر هوسٽس ٻيهر پڇي مون کي خيالن مان ٻاهر آڻي ڇڏيو.

"ڪافي پليز!"

آئون بيمار ماءُ طرف واپسيءَ جي سفر ۾ بلڪل اداس هئس. پر جهاز ۾ مون کي اهو پڻ احساس ٿيو تہ آئون دوستن جي ساٿ لاءِ بہ سڪي رهيو هئس. آئون مرڪي پيس. منهنجي آڏو ماءُ جون شڪوه شڪايتون هيون، جيڪي صورتحال کي منهن ڏيڻ واري منهنجي بچيل قوت کي بہ ختم ڪري رهيون هيون ۽ منهنجي پويان جذبن جي هڪ اوجهڙ آهي جنهن کي سمجهڻ کان آئون قاصر آهيان ۽ جنهن ۾ سواءِ هڪ پياري ۽ راند روند ڪندڙ ٻارڙي جي مرڪن کان سواءِ ٻي ڪا بہ روشني ڪانہ هئي...

منهنجي ۽ منهنجي زال جي لاڳاپن کي ڪهڙين شين بدلائي ڇڏيو آهي؟ انهيءَ سوال جو جواب ڏيڻ جي ڪوشش منهنجي زال بہ ڪئي هئي، پر ڪامياب ٿي نہ سگهي ... مان بہ مصالحتي ڪوشش ۾ ناڪام ٿي ويس ۽ مون جڏهن ان جو پنهنجي زال سان اظهار ڪيم تہ هن سويڊن جي جهڙالي افق کي گهوريندي، خاموشيءَ سان جدا ٿيڻ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳي.

☆☆☆

جڏهن آئون پنهنجي شهر پهتس ۽ ٽيڪسيءَ مان لٿس تہ ٽيلي ويزن جي اوچي عمارت کان ٿورڙو ئي پري گند ڪچري جي پراڻي ڍير تان گذري ڀڄ ڊاهہ واري حالت ۾ موجود ڪاٺ جون پراڻيون ڏاڪڻون چڙهڻ لڳس. منهنجي ماءُ پنهنجون ٻانهون ڦهلائيندي، روئيندي ۽ مهينن کان اکين ۾ ذخيرو ڪيل پاڻيءَ جا فوارا وسائڻ لڳي. مون لاءِ هاڻ بي چين راتين ۽ صبر کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪين هوندو. پوءِ آئون بي شمار ڪيڙن ماڪوڙن مان هڪ ڪيڙو بڻجي منيءَ ۾ رڙهڻ لڳندس... ڪٿي بہ ڪو سڪون ڪين ملندو....

نفرت ۾رئي وقت سان گڏ پراڻي نوڪريءَ کي بہ مون قبول ڪري ڇڏيو ويو هو ۽ بي چين راتين ۾ وقت گذاريندي مون کي پنهنجن دوستن جو ساٿ بہ ملي ويو. پر تنهن هوندي بہ مون کي ڪنهن بہ شئي ۾ مزو نہ پئي آيو.... ۽ روحاني افلاس جي بيماريءَ جي تہ ڪا دوائي ڪونهي.

شوق ۽ محبت جي ڏک ۾رئي دل جي ڏک ڏک ۾ فاطمہ جو چهرو منهنجي اکين آڏو اچي ويندو هو... منهنجي زال خطن تيٺ خط لکي مون کان طلاق جو مطالبو ڪندي رهي. لازمي طور تي هاڻ اتي انهيءَ جهڙو اترئين طبيعت جو ڪو مرد موجود هوندو. هاڻ مون وٽ ايترا پئسا بہ ڪين هئا جو واپس وڃي معاملن کي پاڻ ڏسي سمجهي سگهان ۽ فاطمہ جي مسئلي جو ڪو فيصلو ڪري سگهان. سندس ماءُ هاڻ ڪنهن سويڊش مرد سان شادي ڪندي ۽ فاطمہ اتر جي ٻين ڇوڪرين وانگيان پرورش حاصل ڪري پنهنجي "پاپا خالد" کي وساري ويهندي. "پاپا خالد" جي تصور کي زمانو ميساري ڇڏيندو.

جڏهن طلاق تي ويئي ۽ ماءُ کي خبر پئي تہ هوءَ تمام گهڻو خوش ٿي پر ڪيس کهڙي ڏيڻ تہ منهنجي اندر ۾ ڪهڙو پور پيدا ٿي ويو هو. اهو پور جڻ منهنجي ڪنن ۾ چوٻول ڪري رهيو هو "آئون توکان ۽ تنهنجي سمورن سپنن کان بہ وڌيڪ طاقتور آهيان!"

پوءِ هڪ ڏهاڙي ٽپال رستي منهنجي نالي هڪ خط آيو خط مان منهنجي ڌيءَ فاطمہ جي تصوير نڪتي. باغ ۾ گاهہ تي ويهي ڪاڏو ڪائڻ جي تصوير ... انهيءَ باغ کي آئون چڱيءَ طرح ڄاڻندو هئس. هتي مون الائي ڪيتريون خوشگوار گهڙيون گهاريون هيون عشق جا گيت ڳاتا هئا: تصوير جي پڇيان منهنجي ڌيءَ جي هٿن سان لکيل ڪي لفظ هئا... پاپا خالد جي لاءِ.. پوءِ هن جي عربي ۽ سويڊش گڏيل نالي جون صحيحون هيون... اهو خط پڙهي ڪري مون کي جيتري خوشي ٿي... ايتري واپسيءَ کان پوءِ ڪڏهن بہ ڪين ٿي هئي.

منهنجي بدقسمت دل ۾ دفن سپنا ٻيهر جيئرا ٿيڻ لڳا... نئين سري کان تجديد، مهم جوئي ۽ آزادي وارا خيال ڪر موڙڻ لڳا... فاطمہ جو آواز منهنجي

جهڙالي ۽ ڪاري آسمان کي وڃ جي چمڪات بڻجي چيري رهيو هو. منهنجي نظرن، ڳالهين ۽ حرڪتن ۾ انهيءَ نئين صبح کي ايرندي ڏسي ماءُ پريشان ٿي ويئي... هن پنهنجي ڌيءَ کي سڏي اڪيلائيءَ ۾ گفتگو بہ ڪئي پر هن جي سمجهہ ۾ بہ ڪجهہ ڪو نہ آيو.

ڌيءَ جي تصوير ڇاتيءَ سان لائي آئون ڇڳائين تي برائين جي يلغار کي وسارڻ لڳيس. ساٿي ڪارڪنن جي بد اخلاقين ۽ تهذيب کان ڪريل مسخرين کي بہ برداشت ڪرڻ لڳس...

مان خيالي دنيا ۾ گم ٿي ويس. فاطمہ سان گڏ آئون ٽڪرين تي چڙهندس... وادين ۾ گهمندس... باغ جي گاهہ واري فرش تي ويهندس، ساوڪ ۾ گشت ڪندس ۽ سڪون ڀريا مزا ماڻيندس!

ارڙهن مهينن کان پوءِ مون ڪجهہ رقم ڪٺي ڪري ورتي. آفيس ۾ مون بنان پڳهار جي موڪل لاءِ درخواست ڏني جيڪا سولائيءَ سان ملي ويئي. ماءُ کي هن ڀيري مون سفر جي ڏهاڙي تائين پنهنجي ارادن کان آگاهہ ڪو نہ ڪيو...

امڙ بہ هن ڀيري وڏي دل ڏيکاري ۽ پنهنجي اندر جي رڙين جو گلو گهٽي ڇڏيائين. منهنجا پير وڏي بي پرواهيءَ سان گند ڪچري جي ڍير کي اورانگهي ويا. جڏهن جهاز آسمان ۾ ترڻ لڳو تہ مون اڪيون مٽائڻ کان سواءِ ايئر هوسٽيس جي ڇهري طرف غور سان ڏٺو ۽ مرڪندي پڇيم "ڊيئر! ڪولڊ ڊرنڪ ڪٿي آهي؟"

☆☆☆

اسٽاڪ هوم جي هوائي اڈي تي فاطمہ جي نانا منهنجي آجيان ڪئي. شاديءَ جي شروعاتي ڏهاڙن کان ئي وٺي هو منهنجو دوست بڻجي ويو هو. هاڻ جيتوڻيڪ سندس ڇمار سٺ ورهين جي ويجهو هئي پر پنهنجي حياتيءَ جي ڀرپور سرگرمين لاءِ ڪيس ڪنهن نئين ڪم جي ڳولا هئي. هو مون سان پنهنجي آئيندي جي منصوبن بابت ڳالهيون ڪرڻ لڳو. مون بيقرار ٿيندي سندس ڳالهہ ڪاٽيندي چيو.

"۽ فاطمہ؟"

"فاطمہ بلڪل ٺيڪ آهي.. هوءَ اسڪول جي هڪ ذهين شاگرد آهي ۽ موسيقيءَ جي قدرتي صلاحيت جي مالڪ پڻ ...!"

"سندس ماءُ جي خاوند سان سندس لاڳاپا؟"

"بلڪل ٺيڪ آهن!"

"مون کي ياد ڪندي آهي؟"

"ها جڏهن بہ تنهنجو ذڪر نڪرندو آهي تہ تنهنجون ڳالهيون ڪندي آهي!"

"ڇا هن ڀيري مون کي هتي ڪو ڪم ملي ويندو؟"

"هتي تہ هن وقت گهٽي بيڪاري آهي ۽ گذارو الائونس جي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ ۾ بہ گهڻيون مشڪلاتون پيش اچن ٿيون!"

"انجو مطلب اهي تہ ڪم ملڻ گهٽو ڏکيو آهي؟"

"ها منهنجو خيال تہ اهو ئي آهي پر جيڪڏهن تون پنهنجي باقي حياتي پنهنجي ڏيءَ وٽ گذارڻ گهرين ٿو تہ ڪوشش ڪرڻ ۾ ڪو بہ حرج بہ ڪونهي!"

پوءِ ٿورڙي دير لاءِ هڪ ناگوار خاموشي طاري رهي جنهن کي مون هڪ سوال ڪري ٽوڙي وڌو.

"جيڪڏهن ڪوشش ڪامياب نہ ٿي سگهي ۽ آئون پنهنجي ڏيءَ کي پنهنجي وطن گڏ وٺي وڃڻ چاهيان تہ مون کي ڪنهن مخالفت کي تہ منهن ڏيڻو ڪو نہ پوندو؟"

"مخالفت وري ڪهڙي؟ ڪنهن جي طرفان؟" هن پڇيو.

"خاندان وارن طرفان!"

"خاندان وارن جو ان سان ڪهڙو واسطو آهي؟ انهيءَ مسئلي ۾ تہ فقط فاطمہ ئي ڪا راءِ ڏيئي سگهي ٿي!"

"ڇا هوءَ ان طرح جو فيصلو ڏيڻ لاءِ اڃان ننڍڙي ڪانهي؟"

" پر اهو سندس زندگيءَ جو مامرو آهي. ڪائنس پڇي وٺجانءِ ۽ ڪائنس راءِ وٺي ڏسجانءِ!"

ڇانو ڏيندڙ وڻن جي وچ مان نانا جي گاڏي رستي کي چيريندي انهيءَ گهر ڏي وڌي رهي هئي جنهن جي رستن جي لاهين چاڙهين کان آئون پليءَ پت واقف هئس. انهيءَ ننڍڙي معصوم جان ڏي وڃي رهيو هئس جنهن کي هڪ مشڪل سوال جو جواب ڏيڻو هو... مون کي سامهون منهنجو اهو پراڻو گهر نظر اچي رهيو هو، جنهن جون راتيون ۽ ڏهاڙا ڪڏهن منهنجا پنهنجا هئا ۽ هاڻ انهيءَ ئي گهر جي سربراهي ڪنهن ٻئي مرد جي حوالي هئي.

ڪاڏيءَ جو آواز ٻڌي منهنجي سابق ونی هڪ ڊگهي قد جي ۽ مرڪندڙ مهاندن واري مرد سان ٻاهر آئي. مرد تمام احترام ۽ خوشيءَ منهنجي آجيان ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو ۽ مون سان هٿ ملائيندي چيائين، " اوهان سان ملي مون کي گهڻي خوشي ٿي آهي. اسان کي ڪافي وقت کان اوهان جو انتظار هو!"

منهنجيءَ سابق ونيءَ بہ وڏي بي تڪلفيءَ سان مون سان هٿ ملايو ۽ چيائين "خوش آمديد خالد! اچ! اندر هل!"

ڊرائنگ روم ۾ سپ ڪجهہ ايئن ئي هو... ڪا بہ شئي پنهنجي جاءِ تان ڪين چري هئي.. اهو ئي ٽيليفون، اهي ئي آرام ڏيندڙ صوفا، اهو ئي آتشدان، اهي ئي نرم نرم آواز... اهو ئي سڪون پريا اعصاب ۽ اهائي مختصر مختصر گفتگو!

ٻاهر ڪنهن گاڏيءَ جي رڪجڻ جو آواز آيو. منهنجي سابق زال چيو، " اجهو! فاطمہ اچي ويئي آهي!"

آئون در ڏي وڌيس... منهنجي دل تيزيءَ سان ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي... مون ڏنو اسڪول جي بس هوران هوران حرڪت ڪري رهي هئي. رستي ۽ گهر جي دروازي درميان، ساوڪ ۾ گهيريل ننڍڙي رستي تي، گلابي رنگ جي ڪپڙن ۾ ملبوس، هڪ اٺن سالن جي ٻارڙي گهر

طرف وڌي رهي هئي. هن مون ڏي ڏنو ۽ هوءَ تمام مهذب انداز ۾ مون ڏي ڏسندي ٽورڙي مرڪي ۽ ننڍڙن ننڍڙن قدمن سان ڪمري اندر داخل ٿي ويئي. آئون بت بڻيو پنهنجي جاءِ تي ئي بيٺو رهجي ويس. منهنجي سابق وني‌ءَ جو آواز منهنجي ڪنن ۾ آيو "فاطمہ! تو سڃاتو ڪين؟ هي تنهنجا پاپا خالد آهن!"

فاطمہ پنهنجي ناز جي ٽنگن سان چنبڙي مون کي ڏسندي رهي. آئون سندس سامهون اچي ويهي رهيس. اهو ڇاڻڻ جي باوجود تہ آئون سندس پيءُ خالد آهيان... هوءَ منهنجي ويجهو ڪين آئي. منهنجا چپ سندس نازڪ ڳلن کي ڇهي ڪين سگهيا. منهنجون ٻانهون هن جي چوگرد ويڙهجي ڪين سگهيون. آئون سندس دل ۾ ڪا بہ حرڪت پيدا ڪري ڪين سگهيس.

منهنجي سابق وني‌ءَ جي خاوند چيو." قدرتي ڳالهہ آهي.... جڏهن هن آخري پيرو توکي ڏٺو هو تہ هيءَ فقط ٽن ورهين جي هئي!"

منهنجي سابق وني‌ءَ وڌيڪ وضاحت ڪئي." ڪجهہ ڏينهن ۾ صورتحال بهتر ٿي ويندي!"

منهنجي ڏي‌ءَ ۽ منهنجي وچ ۾ گفتگوءَ جون هڙئي ڪوششون ناڪام ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪمري ۾ پيدا ٿيل ناخوشگوار صورتحال کي ختم ڪرڻ لاءِ نانا مون کي چيو. "اڄ! شام ٿيڻ کان اڳ ٽوريڙو باغ جو چڪر لڳائي وٺون!"

وٽن جا خشڪ ۽ پيلا پن سڪل زمين تي ڪري رهيا هئا. نانا ڏي‌ءَ جي دل ڪٽڻ لاءِ صبر ۽ حڪمت تي مشتمل هڪ فارمولو مون کي تيار ڪرڻ جو اشارو ڏنو پر منهنجي دل حقيقت کان آشنا ٿي چڪي هئي. مون چيو "دوست! مون کي پڪ آهي تہ هاڻ ڪجهہ بہ نہ ٿو ٿي سگهي!"

فضا ۾ اوجن وٽن جي چوٽين تي ڪو پکي رڙي رهيو هو. منهنجي دل جي گهرائين ۾ مصر جي ياد بيدار ٿي رهي هئي. ماءُ جو آواز ايري رهيو هو. جو جيڪو سڀ کان گهٽو تيز هو "هي نسل پنهنجي ذات کان سواءِ ڪنهن ٻئي بابت ڪجهہ بہ نہ ٿي سوچي!"

سڪل زمين تي نظرن جي حد تائين ڪاراڻ مائل پيلاڻ ڇائنجي رهي هئي. موسيقيءَ جي اها قدرتي صلاحيت مون کي نہ ٿي سڃاڻي ۽ نہ ئي منهنجي ذات جي ڪيس کا پرواهہ آهي. شباب اچڻ تي اهي نيريون اکيون طوفانن جي شڪل اختيار ڪري وٺنديون ۽ مون کي ياد ڪرڻ کان سواءِ ڏکن جابلو ٽڪرين وچ ۾ پنهنجو رستو پاڻ ٻڌائي وٺنديون.

"ڪافي يا ڪولڊ ڊرنڪ!"

"نہ ڪافي ۽ نہ ڪولڊ ڊرنڪ! اي ڪڪرن سان گڏ اڏرندڙ! هاڻ حياتي هڪ انبوهہ ۽ انتشار کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪونهي... رڙندڙ آواز. سيٽيل اعصاب. بي نيازي ۽ بيگانگي. ڦڪن رنگن وارا فرش. غمگين فضا وارا ڪمرا. ڪاٺ جي پريل دروازن ۾ ميٽوري رنگ جا شيشا..... پوءِ ڏک ۽ ڦٽڪار سان پريل آجيان! زندگي اها آهي ڇا؟"

☆☆☆

ٻي ماهاڀاري جنگ جي پس منظر ۾ لکيل هڪ سچي ڪهاڻي، جنهن ۾ ،نساني جذبن جي جنگ جيتڻ لاءِ مظلوم ذر پنهنجو سڀ ڪجهه داءُ تي لڳائي ڇڏيو هو. هڪ وار ڪانڊارينڊ داستان. اهڙيون ڪهاڻيون ان وقت وجود ۾ ايندیون آهن، جڏهن انسانيت ۽ وحشانيت جي ،جنگ ٻنهنجي عروج تي هوندي آهي.

زال، مڙس ۽ هڪ ٻار جي ڪهاڻي، جيڪي هڪ فوج سان سامهون ٿيا

پلاند

سنڌيڪار: طفيل مگسي

تاريخ اسان جي سامهون ٻين واقعن سان گڏوگڏ نفس جي قرباني جا بهترين مثال به پيش ڪري ٿي ۽ ٻڌائي ٿي ته دنيا ۾ اهڙيون اهڙيون هستيون به ٿي ڪري گذريون آهن جن محبت جي خاطر نه صرف پنهنجي خوشي آرام ۽ آزادي بلڪ زندگي به قربان ڪري ڇڏي.

ليڪن تاريخ اهڙا داستان به ٻڌائي ٿي جن کان معلوم ٿئي ٿي ته ته ڪنهن وقت انتقام جو جذبو انسان کي ايتري قدر ته غضبناڪ بنائي ڇڏي ٿو، جو هن جي دل رحم ۽ محبت جي جذبن کان بلڪل وانجهي ٿي وڃي ٿي.

انتقام جي جذبن وارن مثالن ۾ ڪو مثال ايتري قدر درد ناڪ ۽ روح رنجائيندڙ نه هوندو، جيتري هن پولش ماءُ جي ڪهاڻي آهي، جنهن پنهنجي مڙس جي رت جو بدلو وٺڻ لاءِ پنهنجن سمورن جذبن کي ماري ڇڏيو.

جنهن واقعي تي هن ڪهاڻي جو بنياد آهي، اهو ان وقت پيش آيو، جڏهن يورپ ۾ هٽلر جون فوجون تباهيون ڪري رهيون هيون.

پولينڊ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جي رهواسين هٽلر ۽ سندس فوجين جي ظلم جا داستان ٻڌا هئا، انهن کي اها ڄاڻ هئي ته فاتح جرمن مفتوح ملڪن کي ڪهڙي ريت تباهه ۽ برباد ڪن ٿا. ڪيئن گهرن کي ڦريو لٽيو وڃي ٿو ۽ گهرن کي باهيون ڏنيون وڃن ٿيون. ايستائين جو شڪست کاڌل ملڪ جي رهواسين جو رت پاڻي جيان وهائڻ کان به پاسو نه ٿا ڪن.

ان ڳوٺ جي سيني رهواسين گڏجي ڪري گهڻي بحث و مباحثي کانپوءِ اهو طئي ڪيو ته پنهنجو مال ۽ ملڪيت دشمن جي حوالي ڪري ڇڏڻ کان بهتر آهي ته اسان پنهنجن هٿن سان ڳوٺ کي خود تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيون ته جيئن دشمن اسان جي مال و ملڪيت وغيره تي قابض نه ٿي سگهي.

جيتوڻيڪ ڳوٺ جي رهواسين وٽ وقت تمام گهٽ هو. ان هوندي اهي پوري جذبي سان ڪم ۾ لڳي ويا ۽ ڏسندي ڏسندي هنن سڄي ڳوٺ کي کنڊر بڻائي ڇڏيو. جن گهرن کان ماڻهو هينئر هينئر نڪتا هئا، پل پر ۾ انهن جون ڇتيون دونهون ۽ باهه جا آڙاهه اٿارينديون هڪ ٻئي پٺيان زمين تي ڪري رهيون هيون.

اڃا ڪالهه جي ڳالهه هئي ته انگورن جون ٽمٽار وليون، جن هن ڳوٺ جي حسن ۾ واڌارو پئي ڪيو ۽ پنهنجي پوري پوري بهار ڏيکاري رهيون هيون، اڄ انهن کي پاڙ کان پٽي ڪري ڏور ڦٽو ڪيو ويو هو.

اڄ هن ڳوٺ ۾ ٻارڙن جا پيارا پيارا ٻول نه ٿي ٻڌڻ ۾ آيا. بلڪ اڄ ته پکي به پنهنجا منڙا گيت ٻڌائڻ کان ڊڄي رهيا هئا. ٻرندڙ ڪاٺين جو ڦٽاڪن جهڙو آواز يا ان ننڍڙي ندي ۾ جي گوڙ جي سواءِ، جيڪا ٽٽل دلين ۽ ٻرندڙ گهرن جي ڀرسان بيپرواهي سان وهندي پئي وئي، ٻيو ڪجهه به ٻڌڻ ۾ نه ٿي آيو. هر پاسي موت جهڙي ماڻار ڇانيل هئي.

ليڪن هڪ جهوپڙيءَ ۾، جنهن جو اڌ حصو رستي کان گذرندڙ مسافرن جي نظرن کان لڪل رهندو هو، اڃا زندگي جا ڪجهه آثار نظر اچي رهيا هئا. اها هڪ هاريءَ جي جهوپڙي هئي، جيڪو ان وقت هڪ موتمار بيماريءَ ۾ مبتلا هو ۽ ان ڪري ٻين ماڻهن سان گڏ پنهنجي لاءِ ڪا پناهه جي جاءِ ڳولي نه سگهيو هو. هن پنهنجي شادي شده زندگي جي پهرين ٽن سالن جو خوشين ڀريو زمانو انهيءَ جهوپڙيءَ ۾ گهاريو هو. ليڪن هينئر هو صرف چند گهڙين جو مهمان نظر اچي رهيو هو. جيڪڏهن سچي خدمت هن جي مرض جو اڪيلو علاج هجي ها ته هو ڪڏهو ڪو تندرست ٿي وڃي ها، ڇو ته هن جي فرمانبردار زال هن جي هر لفظ، هر اشاري ۽ هر نظر جو حڪم مڃڻ جي لاءِ هر وقت هن جي سيراندي وٽ بيٺي هوندي هئي.

هاري پنهنجي زال کي چوڻ لڳو. "
ٿريسا!... منهنجي وفادار زال! تون مون کي موت جي جهوليءَ کان نه ٿي ڇني سگهين ته پوءِ توکي هتي رهڻ جو لاچار ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن مون کي يقين ٿي ويندو ته تون هٽلر جي وحشي سپاهين جي ناپاڪ هٿن کان محفوظ ٿي وئي آهين ته آئون وڏي سکون سان ساهه ڏئي سگهندس. وڃ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي پياري ٻار جي لاءِ ڪا پناهه جي جاءِ هٿ ڪر!"

ٿريسا چوڻ لڳي. " منهنجا آقا! اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو. مان توکي ڇڏي ڪري نه ٿي وڃي سگهان. ممڪن آهي ته جرمن سپاهي رستي کان گذري وڃن ۽ انهن کي اسان جي جهوپڙي نظر ئي نه اچي، ڇاڪاڻ ته هن جو اڌ حصو رستي کان گذرڻ وارن جي نظر کان پري رهي ٿو ۽ گهڻو ممڪن آهي ته اسان انهن جي وحشي چنبن کان بچي وڃون."

ان ڪانپوءِ مريض کي ڪنگهه اچي ورايو، جنهن سبب سندن ڳالهه ٻولهه ٽٽي پئي.

ويران ڳوٺ تي شام جي اداس اونداهي ڇائنجي رهي هئي. ان مهل ڪنهن فوج جي مارچ ڪندڙ ڳرن پيرن جي آواز اها اداسي ٽوڙي ڇڏي.

جرمن سپاهي خوراڪ ۽ پناهه جي ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهيا هئا ۽ ڊگهو سفر ڪندي انهن جا پير پٽون ٿي ويا هئا. جڏهن انهن کي سامهون ئي هڪ ڳوٺ نظر آيو ته اهي خوشيءَ وچان ڪڏڻ لڳا. پر ستت ئي ڪين معلوم ٿي ويو ته ان ڳوٺ اندر ڇا وهيو واپريو آهي. ڳوٺ جي ويراني ڏسي ڪري انهن وحشين جي مٿان حيوانيت جو ڀوت سوار ٿي ويو، ۽ اهائي حيوانيت ڪجهه دير کان پوءِ رت پياڪ درندگي ۾ بدلجي وئي.

جنهن خوراڪ جي لاءِ اهي ڊوڙي رهيا هئا، اها انهن جي پيرن جي هيٺان خاڪ ۾ لتاڙجي رهي هئي ۽ اهي انگور جيڪي انهن جي اڄ اجهائڻ جي لاءِ ڪافي هئا، رستي جي ڪڏن ۾ چٽيا پيا هئا. ان موقعي تي هنن قسم کنيو ته جيڪڏهن ڳوٺ جو ڪو انسان به سندن ور چڙهيو ته هو پنهنجي سڄي ڪاوڙ ان مٿان لاهيندا.

اهي ڳوٺ جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ ڪنهن انسان جي ڳولا ۾ ڊوڙندا رهيا. ڪجهه دير کان پوءِ ڪين هڪ جهوپڙيءَ ۾ ڪنهن زندگي جا ڪجهه آثار نظر آيا.

جرمن فوج جي ان دستي جي انچارج فوجي آفيسر دروازي کي ڪڙڪائڻ بنا هڪ ڏڪو ڏئي کولي ڇڏيو. ٿريسا پنهنجي سامهون فوجين کي بيٺي ڏسي ڪري پنهنجي مڙس جي ڪٽ جي اڳيان بيهي رهي، ته جيئن هن کي انهن رت پياڪ وحشين کان بچائي سگهي، پر هڪ سپاهيءَ پنهنجي پوري طاقت سان هن کي ڏڪو ڏئي ڪري پري ڪيو ۽ اڳتي وڌي ڪري، هن جي اکين آڏو ،بندوق جي سنگين سان هن جي مڙس کي قتل ڪري ڇڏيو.

لفظ ان درد جو نقشو ڪڍڻ کان لاچار آهن، جيڪي ان وقت ان مجبور

عورت جي چهري تي ظاهر ٿي رهيا هئا. هوءَ پنهنجي بي جان مڙس جي لاش کي پنهنجي جهوليءَ ۾ رکي ڪري پار ڪڍي روئي رهي هئي. ليڪن فوجين تي سندس ان روڄ ۽ پٽڪي جو ڪو اثر نه پئي ٿيو. انسانيت ۽ رحم جا جذبا، ڪافي وقت اڳي، انهن فوجين جي دلين کان موڪلائي چڪا هئا. هنن ٿريسا کي ڇڪي ڪري الڳ ڪري ڇڏيو ۽ هن کي حڪم ڏنائون ته ڪاڏي پيتي جون ڪجهه شيون فورن تيار ڪري.

ٿريسا کي ايئن لڳي رهيو هو ته هوءَ ڇڻ ڪو ڊيڇاريندڙ خواب ڏسي رهي آهي، هوءَ نهايت ڏک ۾ ان طرح هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهي هئي، جو هن جو ڏکارو وجود خود فوجين کي به ڊيڇاري رهيو هو. گهر ۾ جيڪي به ڪاڏي پيتي جون شيون موجود هيون، هن آڻي ڪري انهن وحشي درندن جي سامهون رکي ڇڏيون، ۽ پنهنجي ٻار کي، جنهن کي ان حادثي جي وقت ۾ هوءَ نظر انداز ڪري وئي هئي، تڪي هٿي سمهارڻ لڳي.

جنهن وقت ٿريسا فوجين جي ڪاڏي پيتي جو انتظام ڪرڻ ۾ خاموشي سان رڌل هئي،ان وقت فوجي نهايت غور سان هن کي گهوري رهيا هئا. ٿريسا جو اطمينان ۽ سڪون هنن فوجين جي دلين تي ڪاتيون هلائي رهيو هو. ٿريسا ڪاڏو آڻي ڪري انهن جي سامهون رکي ڇڏيو، ليڪن اهي بلڪل خاموش وينا رهيا. ڪنهن ۾ به ايتري همت نه هئي ته ڪو هڪ گرهه ڪٽي وات ۾ وجهي.

اهو ڏسي ٿريسا ڪين چوڻ لڳي، " توهان ڪاڏي ڏانهن ايئن اکيون ڦوٽاري ڦوٽاري ڇو ڏسي رهيا آهيو؟ جيڪي ڪجهه توهان گهريو، اهو مون توهان کي ڏئي ڇڏيو. جيتري توهان جي دل چاهي، کائو ۽ پوءِ پنهنجو رستو وٺو. منهنجو مڙس ابدي نند سمهي چڪو آهي. توهان هن کي ان وقت قتل ڪيو، جڏهن هو توهان جي بزدليءَ ۽ حيوانيت جو مقابلو ڪرڻ جي به قابل نه هو. وجو مان

حاتم طائي ۽ ڪاٺير

ماڻهن حاتم طائي کان پڇيو ته "تون پنهنجو پاڻ کان وڌيڪ ڪو باهمت انسان دنيا ۾ ڪو ڏٺو يا ٻڌو آهي."

هن چيو ته "ها." هڪ ڏينهن مون چاليهه اٺ قربان ڪيا هئا، عرب جي اميرن جي دعوت لاءِ مان اتي هڪ وادي کي ڏٺو جيڪو ڪاٺيون جمع ڪري ويٺو هو.مون ڪائنس پڇيو ته "حاتم طائيءَ جي مهمانيءَ ۾ ڇو ڪين وئين. ان جي مهمان نوازي لا ته خلق گڏ ٿي آهي." ته ڪاٺير جواب ڏنو ته "جيڪو شخص پنهنجي محنت سان روزي روٽي ڪمائي ٿو اهو حاتم طائيءَ جو احسان نٿو کٽي سگهي."

مان انصاف سان ٿو چوان ته" اهڙي همت ۽ جوان مردي ان کان پهرئين مون ڪڏهن به نه ڏٺي هئي."

اصغر ميرائي ڪراچي

اڪيلائي ۾ هن جي موت تي ڳوڙها ڳاڙڻ چاهيان ٿي!"

پر فوجي اجا تائين ڪنهن وسوسي جي ڪري جيئن جو تيئن وينا رهيا.

ٽريسا وري ڦڪي مرڪ مرڪي چوڻ لڳي،" توهان ڪاڏو ان ڪري ڪائڻ کان هٻڪو ٿا ته شايد توهان کي شراب ۾ زهر جي ملاوٽ جو ڊپ آهي. ڏيو ان شراب جو پهريون گلاس مان پيئان ٿي، ته جيئن توهان جو اهو شڪ ڏور ٿي وڃي."

هن هٿ وڌائي شراب جو گلاس کنيو ۽ ان کي پيئڻ واري هئي ته فوجي آفيسر هن جو هٿ جهلي ورتو ۽ چوڻ لڳو، "ماءُ جي ممتا پنهنجي جان جي محبت کان وڌيڪ ٿيندي آهي، ان ڪري اهو پيالو بجاءِ پاڻ پيئڻ جي، تون پنهنجي ڇوڪري کي پيار."

ٽريسا ڪجهه به نه ڪڇيو. هن پنهنجي پٽ کي جڳايو ۽ پيالي منجهان به ڊڪ پياريائينس. جڏهن هوءَ انهن فوجين جي امتحان ۾ پوري لٿي ته انهن فوجين بنا ڪنهن ڊپ ۽ ڊاءِ جي ڪاڏي تي هٿ صاف ڪرڻ شروع ڪيا.

جيئن ئي انهن جي بک پوري ٿي ۽ اڄ، اجهامي ته هو پنهنجن واهيات چرچن ۽ مذاقن منجهه لڳي ويا.

هڪدم ڇوڪري جي رڙ بلند ٿي ۽ پوءِ اها حقيقت روز روشن جيان انهن تي چٽي ٿي وئي ته موت جو قاصد نهايت بي تابي سان انهن جو انتظار ڪري رهيو هو.

جنهن جنهن فوجيءَ جي هٿ ۾ جيڪي ڪجهه هئو، ان پري ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ سڀ جا سڀ ٽريسا مٿان ڪاهي پيا ۽ غضبناڪ آواز سان پڇڻ لڳس، " تو اهو ڇا ڪيو؟ اهو تو ڇا ڪيو؟"

"مون ڇا ڪيو؟" ٽريسا رڙ ڪري چيو،" مون توهان سان اهو ئي سلوڪ ڪيو آهي، جيڪو توهان منهنجي مڙس سان ڪيو آهي، جنهن کي مان پنهنجي جان کان به وڌيڪ عزيز رکندي هئس. مون پنهنجي پياري پٽ کي، پنهنجي جگر جي ٽڪر کي پنهنجي مڙس جو پلاڻ وٺڻ جي لاءِ قربان ڪري ڇڏيو آهي. هينئر زندگي منهنجي لاءِ ڪا به اهميت نه ٿي رکي. ان لاءِ توهان مون سان جيڪو سلوڪ ڪرڻ چاهيو ٿا، سو ڪريو. مان ڄاڻان ٿي ته توهان مون کي جان کان ماري ڇڏيندو، ليڪن مون کي اهو به معلوم آهي ته توهان هاڻي ڪنهن ٻئي عورت جي دل کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي قابل نه رهندو ۽ ٿورڙي دير کان پوءِ توهان سيني کي به منهنجي مڙس وانگر ابدي ننڊ سمهڻو آهي."

غضبناڪ فوجين جوش، وحشيت ۽ ديوانگي ۾ اهو آخري ظلم به ڪري وڌو. ڪجهه دير ڪانپوءِ هن دنيا ۾ انهن جي پنهنجي ظلم و ستم جو به خاتمو ٿي وڃڻ وارو هو. جهوپڙيءَ منجهه خاموشي ڇائنجي وئي ۽ اهڙيءَ ريت هٽلر پنهنجي فوج جي سپاهين جو هڪ دستو هميشه لاءِ وڃائي ڇڏيو، جنهن کي هڪ عورت جي هٿن ابدي ننڊ سمهاري ڇڏيو هو.

☆☆☆

سياري جا ڏينهن هئا. رات جي وقت پاڙي مان ڪجهه عورتون اسان وٽ آيون ۽ ڪچهريءَ ۾ لڳي ويون. مان انهن جون ڳالهيون ٻڌندي رهيس. چڱي دير ٿي وئي، سمهڻ لاءِ ويندي وقت مون پنهنجي بابا جي ڪمري ۾ ڏنو. بابا ڏينهن جو اسڪول ۾ پڙهائيندو هو ۽ رات جوگهر ۾ گهڙين جي مرمت جو ڪم ڪندو هو. ان وقت هو هڪ گهڙي جي مرمت ۾ مصروف هو. مون کي ڏسي چيائين،

" تون اجان تائين سمهي ناهي؟"

"ڪهاڻيون ٻڌي رهي هيس بابا...

" مون جواب ڏنو. هن مون سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. منهنجن ڪبوترن

نازڪ ۽ حساس جذبن سان بيان ڪيل دل کي وٽندڙ تحرير

امان، بابا

ممدوح شوڪت اسندال

سنڌيڪار: امر اياز مهر

هڪ خاندان جو قصو، جنهن جي گهر غربت اچي ڊيرو ڇمايو هو. ان گهر جي هڪ معصوم ٻار جي معصوم جذبن سان سينگاريل ڪهاڻي،جيڪي هن پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ بابت محسوس ڪيا. هيءَ ڪهاڻي ترڪيءَ جي نامياري اديب جي لکيل آهي

بابت پڇا ڪيائين جيڪي انهن ڏينهن ۾ بابا، هڪ شاگرد کان هڪ لغڙ ۽ هڪ ڪانيءَ جي رانديڪي عيوض ورتا هئا. انهن مان هڪ نر هو ۽ هڪ مادي. بابا مون کي انهن ڪبوترن گاسليٽ جي خالي ڊبن مان هڪ وڏو پڇرو ناهي ڏنو هئائين. مادي ۽ جي آنن ڏيڻ تائين اسان ٻنهين ڪبوترن کي لاءِ پڇري ۾ بند رکيو هو. مادي ۽ ٻه آنا ڏنا ۽ پوءِ ان تي ويهي رهي. ويجهڙ ۾ انهن مان ٻچا نڪرڻ وارا هئا.

بابا سان ڳالهيون ڪندي اسان حساب هنيوسون تہ ٻچا ڪڏهن نڪرندا. پوءِ بابا مون کي ٻڌايو تہ ڪهڙي نموني هن خود ٻالڪپڻ ۾ ڪبوتر پاليا هئا. بابا پنهنجي ٻالڪپڻ جون ڳالهيون ٻڌائي رهيو هو ۽ مان ميز تي پيل چاڪيءَ جي زنجير سان کيڏي رهي هيس. ڪڏهن ان کي زور سان ڦيري آڱرن ۾ ويڙهي ڇڏيانس پئي تہ ڪڏهن ابتو ڦيرائي کولي پئي ڇڏيم.

بابا ڳالهائيندي چيو. " نہ گهمائي هن کي، اها جيڪڏهن ليمپ جي شيشي کي لڳندي تہ شيشو ٽٽي پوندو."

مان "ها بابا" چئي زنجير هٿ ۾ رکي ڇڏي.

ٿوري دير کان پوءِ وري ان زنجير کي خالي ڏهنيءَ جي حالت ۾ ٻيهر گهمائڻ شروع ڪري ڏنو. ڪجهہ وقت گذريو هوندو هو، جو زنجير جي مهاڙ ۾ ٻڌل چاڪي زور سان ليمپ کي وڃي لڳي ۽ شيشي جي پيٽ ۾ سوراخ ڪري وئي.

مان گهبرائجي ويس. سمجهہ ۾ ڪجهہ نہ آيو تہ ڇا ڇوان.

بابا ڪنهن ڪاوڙ ڪرڻ کان سواءِ ڳالهائيندو رهيو. نہ ان جي آواز ۾ ڪو فرق آيو هو ۽ نہ منهن تي گهُنج پيس. ڇڻ هن مون کي زنجير گهمائڻ کان جهليو ئي نہ هو ۽ مون بہ ڇڻ ڪو شيشو پڳو ئي نہ هو.

بهر حال هن اڳتي وڌي ليمپ جي بتي هيٺ ڪري ڇڏي، ڇو تہ هاڻي ان مان دونهون نڪرڻ شروع ٿي چڪو هو. جيتوڻيڪ شيشو ٽٽڻ کان پهرئين بہ ڪمري ۾ ڪا گهڻي روشني نہ هئي، پر هاڻي تہ صفا ئي اوندهہ ٿي وئي هئي.

بابا ڪبوترن جا قصا ٻڌائي رهيو هو، پر منهنجو ڌيان هاڻي انهن ڳالهين ۾ نہ هو. سوچي رهي هيس تہ ايترين مزيدار ڳالهيون ٻڌندي ٻڌندي اها مصيبت ڪٿان منهنجي مٿي ۾ پئي. خدا ڄاڻي مون اها نياڳي زنجير هٿ ۾ ڪنئي ئي ڇو هئي.بس شيطان جي چنبي ۾ اچي ويس.انهيءَ نموني جا نياڳا وقت انساني زندگي ۾ ان وقت ايندا آهن جڏهن انهن جي اچڻ جو خيال تائين ناهي ايندو.

بابا پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري چيائين. "هاڻي اٺ تہ جيئن روشنيءَ جو ڪو ٻيو بندوبست ڪيون. هاڻي هن اونڌاهي ليمپ مان ڪم وٺڻ ناممڪن ٿي ويو آهي."

اسان جو وڏو ليمپ مهمان خاني ۾ هو. باقي ٻيو ڪو ليمپ گهر ۾ ڪو نہ هو. بابا بورچي خاني ۾ وڃي، جهاڙ

ٻاري ڪمري ۾ موٽي آيو. ڇا بابا ان جهاڙ جي روشني ۾ ڪم ڪري سگهندو؟ مون سوچيو. ظاهر آهي ڏوهه منهنجو آهي پر بابا آهي جو زبان تي هڪ لفظ تائين نه ٿو آڻي. جيڪڏهن هو ڳالهائيندي چوي ها. "مان جو توکي جهليو هو پر تو منهنجي ڳالهه جي ڪا پرواهه ئي نه ڪئي." ته مان تڪڙ ۾ ڪين جواب ڏيان ها." توهان صحيح ٿا چئو بابا. ڏوهه منهنجو ئي آهي." ان ڪانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ وڃي آرام سان ته سمهي سگهان ها."

ايتري ۾ بابا چيو. "تون هاڻي وڃي سمهي پئ. مون کي جيڪڏهن ڏسڻ ۾ آيو ته ڪجهه وقت اڃان ڪم ڪندس. ٺيڪ آ شب بخير." هن ٻيو ڪجهه نه چيو.

منهنجي وات مان ٻي ڪا ڳالهه نڪري نه سگهي.

جڏهن به مون کي ڪا پريشاني ٿيندي آهي ته زات جي وقت هنڌ کان وڏيڪ ٻي ڪا به شيءِ عزيز ناهي هوندي. اهي ڳالهيون جيڪي ٻئي هنڌ سوچڻ سان پريشانين جو ڪارڻ بڻجن ٿيون، انهن بابت هنڌ تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ سوچيندي رهان ته مون کي ڪا ڏکيائي نه ٿيندي آهي. انهن خيالن جي ڏي وٺ وقت اڪثر پنهنجو پاڻ کي ڪوڙيون تسليون به ڏئي ڇڏيندي آهيان.

انهن ڏينهن ۾ اٺ نو سالن جي هيس.اسان هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ رهندا هئاسون. بابا اسڪول ۾ حساب پڙهائيندو هو. گڏوگڏ گهڙين جي مرمت جو ڪم به ڪندو هو. تڏهن وڃي ٻن وقتن جي ماني نصيب ٿيندي هئي. جيتوڻيڪ ڪڏهن بکيو رهڻ جو وقت به ايندو هو، جڏهن بابا کي وقت سر پگهار نه ملندي هئي ته بکيو رهڻ جو خطرو سر مٿان ٿيرا پائڻ لڳندو هو. بابا ويچارو قرضين ۽ گهروارن جي تقاضائن جي وچ ۾ پيڙهبو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن جڳهه جو مالڪ ۽ پڙي جو دڪاندار اسان جي گهر تي اچي دل آزاريل ڳالهيون ڪري هليا ويندا هئا. هاڻي مون کي احساس ٿيندو آهي ته ان ۾ انهن ماڻهن جوڪوبه ڏوهه نه هو. اسان به انهن جا پئسا ته ڏئي ڇڏيندا هئاسون. باقي اڪثر دير ضرور ٿي ويندي هئي.

ان تنگ دستي ڪري امان هميشه بيمار پئي رهندي هئي. هوءَ اڪثر انهيءَ ڳالهه تي پڇرندي رهندي هئي، ته بابا هروپرو ماستر جو ٿيو. خاموش طبيعت جو مالڪ ڇو آهي. هن جو خيال هو ته ان کان ته بابا ڪٿي مزدوري ڪري ته اسان سٺي زندگي گذاري سگهون ها. ان ڳالهه جي سڄي ڪاوڙ مون تي ۽آپا تي ڪڍندي هئي ۽ پوءِ جڏهن اسان تي ڪاوڙ لاهي ڇڏيندي هئي ته ويهي روئڻ لڳندي هئي.

غربت ۾ گهوتا ڪائيندڙ ان گهراڻي ۾ هڪ ليمپ جو شيشو ٽٽڻ ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو. اهو ته توهان سمجهي ويا هوندؤ پر مونکي جنهن ڳالهه تان گهڻو ڏک ٿي رهيو هو، اها بابا جي خاموشي

هئي. هو ڄاڻيندو هو تہ مون کي ان ڳالهہ جو ڪيتري قدر رنج آهي. جيڪڏهن هو منهن لٽڪائي مون کي ان موضوع تي ٻہ چار نصيحتون ڪري ڇڏي ها ۽ مان پنهنجو ڏوهہ مڃي معافي وٺي ڇڏيان ها تہ مون کي پنهنجي ڪئي جي سزا ملي وڃي ها ۽ مان آرام سان سمهي پئي هجان ها. مون کي بابا تي ترس ٻہ اچي رهيو هو ۽ ڪاوڙ ٻہ.

سوچيم سياڻي وڃي پنهنجا ڪبوتر وڪڻي ليمپ جو شيشو وٺي ايندس.ان خيال سان مون کي ڏهني سڪون حاصل ٿيو. ڇو تہ ان جي يڪدم ئي مون کي نند اچي وئي ۽ مان خوابن جي دنيا ۾ وڃي پهتس.

ٻئي ڏينهن صبح سوير منهنجي اک کلي وئي. هنڌ ۾ ئي هيس تہ ذهن ۾ ٻيهر رات واري شيشي واري ڳالهہ جو خيال اچي ويو. هاڻي مون کي پنهنجا ڪبوتر وڪڻڻ ايترا آسان نظر نہ پئي آيا، جيترا لڳي رهيا هئا. ان کان پوءِ سوچي سمجهي ان نتيجي تي پهتس تہ جي اسڪيم تي عمل ڪرڻو آهي تہ پوءِ مون کي جلد ڪم ڪرڻو پوندو.مان يڪدم هنڌ مان بل کائي ڪپڙا پائڻ لڳيس. سوچي رهي هيس تہ شايد بابا کي ڪبوتر وڪڻڻ سنو نہ لڳي، پر اهو اچا ٻہ سنو ٿيندو ڇو تہ مان ان کان ٿي سگهي ٿو انتقام وٺي سگهان. مان انهيءَ سوچ ۾ هيس جو امان ڪمري ۾گهڙي ان جي منهن مان ڪاوڙ ٻکي رهي هئي.

"ليمپ جو شيشو تو پڳو آ ڇا؟"

هن پڇيو.

"ها، مان پڳو آهي"

"سٺي ڳالهہ ڪئي اٿئي. مان هرويرو ٻين تي الزام هٿي انهن جي ڏوهارڻ بڻي آهيان."

نہ ڄاڻ ڪيئن امان کي رات شيشي پڇڻ جو علم ٿيو. بابا ٻہ نہ ٻڌايو هوندس. انهيءَ لاءِ صبح جو هن شيشو جڏهن پڳل ڏٺو تہ يڪدم آپا ۽ نعيمان جي ڪڍ لڳي وئي. نعيمان اسان وٽ نوڪرياڻي آهي. جيڪا رڳو ٻن وقتن جي ڪاڏي جي عيوض اسان وٽ سڄي ڏينهن جو ڪم ڪندي آهي ۽ رات جو پنهنجي گهر هلي ويندي آهي. ٻئي ويچاريون جيستائين روئڻ نہ لڳيون، تيستائين امان انهن جي جان نہ ڇڏي. هاڻي جو هن کي خبر پئي تہ شيشو مون پڳو آهي تہ آئي هئي منهنجي چمڙي لاهڻ.

" تنهنجي پٺهين جا خزانا ٻہ هجن ها تہ تنهنجين زيان ڪارين جو وزن برداشت نہ ڪري سگهن ها. توکي جيڪڏهن مون تي ترس نہ ٿو اچي تہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي پيءُ تي تہ رحم ڪاءُ. اسان ٻہ ڪڏهن ٻار هوندا هئاسين. گهر جي ڪائي شيءِ ڀڄي پوڻ جي پوءِ ڪان اسان جو ساهہ اٽڪيو پيو هوندو هو. توکي ڏسي تہ مون کي حيرت ٿيندي آهي. توکي خبر ٻہ آهي تہ هن مهيني گهر جو ڪرايو ٻہ نہ ڏئي سگهيا آهيون. بختو گهر جو مالڪ روز اچي در تي بيهي ٿو."

" امان، اهو شيشو مون پنهنجي خوشيءَ سان تہ ناهي پڳو"

"ظاهر آهي. هڪ پيرو پنهنجيءَ خوشيءَ سان پڇي ڏسجائين نہ. تون سمجهين ٿي تہ پٿهين گهٽا پئسا ميڙي ايندو آهي. ٿورو ٻاهر نڪري پنهنجي پاڙي وارن ٻارن تي بہ نظر ڌر، توکي پنهنجي جهڙو هتي ڪو نہ ملندو."

امان بلڪل غلط چئي رهي هئي. اسان جي پاڙي جا تقريبن سيئي ٻار، بدتميز، بدتهذيب، چٽ، آوارا ۽ ڪوڙا هئا. اهي ڳالهہ سيني جيان امان بہ ڄاڻندي هئي، پر هوءَ ڄاڻي ٻجهي غلط ڳالهين مان ڪم وٺي ٿي.

" سعيد صاحب جي پٽ احمد کي ڏس، ڏيئرن جيان ماءُ جي خدمت ۾ لڳو رهندو آهي ۽ هتي اسان جون ڏيئرون آهن جن کي ڪنهن اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن چانهہ جون پيالين بہ ڏوئيندي ناهن ڏٺيون. مان تہ چوان ٿي سڄو ڏوهہ تنهنجي پيءَ جو آهي. پيءُ ٿيندي هن اڄ ڏينهن تائين توسان پنهنجي حيثيت ناهي مڃرائي. ڪو ڪائي پي ٿانو پيچي، يا گهٽيءَ ۾ اڇلي ڇڏي، هن الله جي بندي کي خبر تائين ناهي هوندي. بس صبح کان شام تائين، ڪتيءَ جي ٻچن ۽ ڪبوترن سان کيڏڻ جو شوق اٿس، جيڪڏهن ڪڏهن مون کي ڪاوڙ اچي وئي تہ ياد رکجائين. سمجهين ٿي تہ مان ڇا ڪنديس. ڪنهن کي گهرائي اهو ڪبوتر جو پڇرو ان جي حوالي نہ ڪيو تہ ڇڏجائين."

مان وڃي هٿ منهن ڌوتو، ڪپڙا پاتا، اچي زيتون ۽ مانيءَ جي نيرن ڪيم. پر امان اڃان تائين ليڪچر ڏئي رهي هئي. هوءَ ڳالهائيندي آهي تہ مون کي بہ ڪاوڙ اچي ويندي آهي پر ان سان منهنجي ذهن جو بوجهہ بہ هلڪو ٿي ويندو آهي. شيشي ٽٽڻ جو غم جيڪو منهنجي دل کي کائي رهيو هو، اهو امان جي ڳالهين مان ڌوپجي ويو. ايستائين جو دل ۾آيو تہ چوانس "سٺو ڪيو جو ڀڳو." جڏهن هن ڪبوتر ڪنهن کي ڏيڻ جي ڌمڪي ڏني تہ مون کان رهيو نہ ٿيو، مون ڪاوڙ ۾ چيو. "مان بہ گهر ۾ شيشي جون جيتريون شيون آهن سڀ پيچي ڇڏيندس"

امان منهنجي وات مان ڪڏهن اهڙي ڳالهہ نہ ٻڌي هئي. هن کي وڏو ڏک ٿيو. مون پنهنجو پرس کنيو ۽ پيچي ويس. نہ ٿي ڄاڻان تہ هن منهنجي وڃڻ کان پوءِ ڇا ڪجهہ چيو هوندو. اهو تہ شڪر آهي خدا جو تہ هن جي ڪاوڙ جٽادار ناهي هوندي.

زندگيءَ ۾ جڏهن بہ گهر ۾ مون کان ڪڏهن غلطي ٿي ويندي آهي تہ مان هميشہ بابا جي خاموشي کان ڊڄندي آهيان ۽ امان جا ڌڙڪا بہ ٻڌندي آهيان. ان جي تنبيهہ تي مون کي ڪاوڙ تہ ضرور ايندي آهي پر ان کان منهنجي دل ۾ پريشاني نالي جي ڪا شيءِ باقي ناهي رهندي.

منهنجو خيال آهي تہ مان بابا کان گهڻو امان کي چاهيندي آهيان.

☆☆☆

نائيجريا ملڪ ڪرپشن ۾ سڄي دنيا جي ملڪن جا ريڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. ان ڪرپشن ۾ ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو ملوث ٿي سگهن ٿا، ان جي هڪ جهلڪ اوهان کي هن ڪهاڻيءَ ۾ ملندي. اهڙا ڪرپشن جا ڪيس توهان کي پنهنجي ملڪ ۾ به عام جام ملندا. صرف اکيون کولي ڏسڻ جي دير آهي.

سوئس بينڪ ۾ ٽيل انوکي واقعي جو دلچسپ احوال

ايماندار اگناٽيس

جيفري آرچر/نصرالله عباسي

جڏهن اگناٽيس اگرابيءَ کي ناٿي جو وزير مقرر ڪيو ويو تہ ٿورن ئي ماڻهن ان ۾ دلچسپي ڏيکاري، ڇو تہ سترهن سالن ۾ سترهين ماڻهوءَ کي اهو عهدو ڏنو ويو هو.

پارليامينٽ ۾ پنهنجي پهرين اهم تقرير ۾ هن معاشري مان رشوت ختم ڪرڻ جو واعدو ڪيو ۽ چتاءُ ڏنائين تہ ڪنهن به رشوت خور آفيسر کي برداشت نہ ڪيو ويندو. هن تقرير جي آخر ۾ چيو تہ هو نائيجيريا مان گند صاف ڪري رهندو.

وزير جي تقرير جي اثر جو اهو حال هو، جو ملڪ جي وڏي اخبار "ڊيلي ٽائيمز" کيس ڪا بہ اهميت نہ ڏني. شايد ايڊيٽر سوچيو هوندو تہ پهرين سورنهن خزاني جي وزيرن بہ ان عهدي ماڻڻ مهل اهڙيون دعوائون ڪيون هيون. ان ڪري پڙهندڙن لاءِ اها ڪا خاص خبر ڪو نہ هئي.

اگناٽيس، پاڻ کي اهميت نہ ملڻ تي ڏکارو ڪو نہ ٿيو پر ويتر زور ۽ شور سان پنهنجو ڪم جاري رکيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ هن واپار واري وزارت جي هڪ اهم آفيسر کي اناج جي برآمد جي ڪاغذن ۾ تبديليون ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ جيل موڪلي ڇڏيو. هن هڪ لبناني واپاريءَ کي پڻ بغير ڪيس هلائڻ جي ملڪ بدر ڪري ڇڏيو، جنهن ايڪسچينج ڪنٽرول قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي هئي. جڏهن تہ هن هڪ انسپيڪٽر جنرل کي پڻ رشوت وٺڻ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪرايو ۽ جڏهن چئن مهينن جي مقدمي کان پوءِ ان کي ارڙنهن مهينن جي سزا ملي تہ "ڊيلي ٽائيم" اخبار پهرين صفحي تي وڏي خبر ڇاپي.

اگناٽيس جي اهڙن ڪارنامن جي ڪري هن تي "ايماندار" جو نالو پئجي ويو. هر ڪنهن وات اها وائي هئي تہ هن جي شروع ڪيل "صفائيءَ جي مهم" کان ڪير بہ بچي نہ سگهندو.

اگناٽيس جي شروع ڪيل پڪڙ ڏکڙ جي ڪري هر طرف هن لاءِ واهہ واهہ پئي ٿي ۽ اهو افواهہ بہ پکڙجي ويو تہ هو نائيجيريا جي صدر جنرل اوٽوبي جي پڻ تحقيقات ڪري رهيو آهي.

هاڻي ڏهہ ڪروڙ ڊالرن کان مٿي جو ڪو بہ واپاري نيڪو ڏيڻ جو اختيار صرف اگناٽيس کي ئي هو تہ جيئن ان ۾ ڪا بي ايماني نہ ٿئي. حالانڪہ هن جا مخالف هن جي هر فيصلي جي هر پاسي کان جاچ ڪندا هئا پر ڪڏهن بہ هن جي خلاف ڪو اسڪينڊل سامهون نہ آيو.

جڏهن اگناٽيس جو ٻيو سال شروع ٿيو تہ هن تي تنقيد ڪرڻ وارا بہ هن جي ايمانداريءَ کي مڃڻ لڳا. انهن ئي ڏينهن ۾ جنرل اوٽوبي کيس اوچتو پاڻ وٽ سڏايو.

صدر، ڊوڊان بئرڪس ۾ وزير جو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ هن کي هڪ آرامده ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو.

"اگناٽيس، مون هينئر ئي نئين بجٽ رپورٽ پڙهي پوري ڪئي آهي. مان توهان جي ان ڳالهہ تي پريشان ٿي ويو آهيان تہ اڄان بہ ٻاهرين ملڪن جي ڪمپنين سان ٽيل نيڪن ۾ لکين ڊالر رشوت جي ڏي وٺ ٿئي پئي. ڇا توهان کي خبر آهي تہ اهي پئسا ڪنهن جي ڪيسي ۾ وڃن پيا."

اگناٽيس، صدر کي غور سان ڏسي رهيو هو. "مون کي شڪ آهي تہ رشوت جي پئسن مان وڏو حصو سوئس بينڪ اڪائونٽن ۾ جمع ڪيو پيو وڃي. پر مان اڄان اهو ثابت ڪري نہ ٿو سگهان."

"تہ پوءِ مان توهان کي پورو اختيار ڏيان ٿو تہ ان جي جاچ ڪريو." جنرل اوٽوبي چيو "توهان هر اهو طريقو اختيار ڪري سگهو ٿا جيڪو ضروري سمجهيو.

ڪابينا جي ڪنهن به موجوده يا اڳوڻي ميمبر جي خلاف تحقيقات ڪري سگهو ٿا. اهو ڪندي ڪنهن به ڊپ يا تعلق جو خيال نه ڪجو."

"جنرل صاحب، اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ مون کي توهان طرفان خاص "اختيار نامو" گهرجي."

" اهو اڄ شام ڇهين وڳي تائين توهان جي ميز تي پيل هوندو،" صدر چيو.

"ڀ جڏهن به مان ٻاهرين ملڪ سفر ڪريان ته مون کي لامحدود اختيار رکندڙ سفير جو عهدو پڻ ڏنو وڃي."

"ٺيڪ آهي." صدر چيو.

"توهان جي مهرباني." اگناٽيس اٿندي چيو.

"توهان کي هن شيءِ جي ضرورت پڻ پوندي." جڏهن هي دروازي ڏانهن وڌيا ته صدر چيو ڀ ڪيس هڪ ننڍو آٽوميٽڪ پسٽل ڏنو." ڇو ته مان سمجهان ٿو ته هينئر توهان جا به اوترائي دشمن هوندا جيترا منهنجا."

اگناٽيس نه چاهيندي به پسٽل وٺي پنهجي ڪيسي ۾ وڌو ڀ صدر جا ٿورا مڃي پنهنجي آفيس روانو ٿيو.

مرڪزي بئنڪ جي گورنر جي ڄاڻ ڪانسواءِ ئي هن پنهنجو ڪم شروع ڪيو. هو ڪنهن سان به ذڪر ڪرڻ ڪانسواءِ ڏينهن رات تحقيقات ڪرڻ لڳو. ٽن مهينن کان پوءِ هي پنهنجا جوهر ڏيکارڻ لاءِ تيار هو.

هن ملڪ کان ٻاهر وڃڻ لاءِ آگسٽ جو مهينو چونڊيو. جيئن ته نائيجريا ۾ ماٺهو آگسٽ جو موڪلون ٻاهرين ملڪ ملهائڻ ويندا آهن، سو هن سوچيو ته ڪير به هن جي ٻاهر وڃڻ تي ڪو ڌيان نه ڏيندو.

هن پنهنجي سيڪريٽريءَ کي چيو ته آمريڪا وڃڻ لاءِ خود، سندس گهرواريءَ ۽ ٻن ٻارن لاءِ چار سيٽون بڪ ڪرائي ۽ ٽڪيٽ جا پئسا هن جي ذاتي اڪائونٽ مان ڀري.

فلوريدا پهچڻ تي هي ميريٽ هوٽل ۾ ترسيا ۽ ڪنهن به وضاحت ڪانسواءِ پنهنجي گهرواريءَ کي ٻڌايائين ته هو ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪنهن خاص ڪم سبب نيويارڪ پيو وڃي. واپس اچي ٻارن سان موڪلون ملهائيندو.

ٻئي ڏينهن هو ٻارن کي ڊزني لينڊ موڪلي پاڻ نيويارڪ هليو ويو. جتان وري سوئٽزر لينڊ جي شهر جنيوا وڃڻ لاءِ سوئس ايئر جي جهاز ۾ وڃي ويٺو. جتي پهچي هو هڪڙي عام هوٽل ۾ وڃي ترسيو. ٻي ڏينهن صبح جو نيرن ڪرڻ بعد هن بئنڪن جي لسٽ ڏٺي، جيڪا هن نائيجيريا ۾ وڏي محنت سان ترتيب ڏني هئي. هن "گربرايٽ سي" نالي بينڪ کان شروعات ڪرڻ جو سوچيو. هن فون ڪري بئنڪ جي چيئرمين سان ملڻ لاءِ چيو، جنهن کيس ٻارنهين وڳي اچڻ لاءِ چيو.

اگناٽيس، ملاقات جي وقت کان ٻه ڪلاڪ اڳ پهتو، جيڪو ڪم ڪنهن به نائيجيرين لاءِ ڏاڍو مشڪل هو. هن جي هٿ ۾ هڪ بريف ڪيس هو.

اسين بہ تہ ساڳيون ننهون هيون سين!...

سَسُون ٿيون ڳالهائين

سن 1964ع: ڪهڙو زمانو اچي ويو آهي! ڇوڪرين مان لڄ حيا تہ صفا گم ٿي وئي آهي! اسين تہ پنهنجي سس سُهري سامهون مٿو ڍڪي ايندون هُيونسين ۽ وڏڙن سامهون مُڙسن سان بہ فضيلت پريو فاصلو رکنديون هيونسين. هي ڇوڪريون ٿيون آهن! مٿا اگهاڙا ڪري، مڙسن سان لڳو لڳ ڪرسين تي ويهي پيون گپ شپ ڪن!

سن 1974ع: توبهہ، توبهہ! بلائن جهڙيون ننهون ٿيون آهن! گهوٽ جو نالو پيون ڳنهن ۽ ڪين تُون، تُون ڪري پيون سڏين! هيءُ ڪو زمانو ٿيو آهي؟ اسين ڪيڏو سنڀالي سَنڀالي ڳالهائينديوهيوسين!

سن 1984ع: اڄ جي ڇوڪرين کي ڪير سمجهائي؟ سڄو ڏينهن پير گهر کان ٻاهر ۽ جيڪڏهن گهر ۾ هجن تہ فون تي ٽان ٽان. اسان تہ ڪڏهن بہ فون ايئن ڪتب ڪو نہ آندو هو. مان ايترو فون ڪران ها تہ منهنجي سس گهر کان ٻاهر نہ ڪڍي ڇڏي ها! اسين تہ پائي پنهنجن سَسُن کان ڍڪنديون هيوسين!

سن 1994ع: هي هيلٽ ڪلبون ڇا ڪليون آهن، سڀ ڇوڪريون پيون رڳو ڪسرتون ڪن. پنهنجو وزن وٺن يا پاڻ کي ٽيپ سان ماپين. توبهہ، وڃن پيون سنهڙيون سوڪڙيون ٿينديون! ڇڻ تہ نهن ٿيون! اهي تہ جوانن کان بہ جوانڙيون بٽڄڻ جون ڪوششون آهن ۽ آهي پنهجن ئي ٻارن سان ڇٽا پيٽي! پل پيون دل خوش ڪن! بدن تي ويندن ڪاني، جهڙو ۽ ٻوٽ ايندن ٻاهر نڪري! هي نُنهون ٿيون آهن!

سن 2004ع: اسين نَنهون هونديون هيون سين تہ گهرُ گهرُ لڳندو هو. هاڻي تہ بس گهر اٻاٽڪو ٿي پيو آهي. گهوٽ وٺي وڃي جدا رهي آهي! ڪڏهن اچي تہ ماريو موبائيل هٿ ۾! هي موبائيل ٿيو يا چٽي! هر ڪو ڪن سان چنبڙائي پيو گهمي! ڇڻ تہ ٻيوڪو ڪم اٿن ئي ڪو نہ، پر پائي نُنهن کي تہ ڪا فضيلت هئڻ گهرجي! ساهري گهر بہ سڀ وقت موبائيل تي بڪواس ويني ڪري! سڀ حدون لتاڙي ويون آهن! اسين بہ تہ ساڳيون ننهون هيون سين!

(انهن ساڳين سَسُن کان وسري ويو آهي تہ اِدائي ٽي ڏهاڪا اڳ پاڻ بہ نُنهون هيون ۽ سندن سَسن جو، سندن لاءِ رايو ڪجهہ اهڙو ئي هو.

خاڪي سوٽ، سفيد شرٽ ۽ خاڪي سلڪ جي ٽاءِ پاتل بينڪ جي هڪ آفيسر هن کي پليڪار ڪئي. هن شخص پنهنجو تعارف ڪرائيندي ڪيس ٻڌايو تہ هو بينڪ جي چيئرمين جو پرسنل اسسٽنٽ هو. هي اگناٽيس کي لفٽ ذريعي وٺي يارهين منزل تي پهتو. رستي ۾ ٻنهي کا بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪو نہ ڪئي. چيئرمين جي آفيس جي دروازي کي پرسنل اسسٽنٽ هٿ سان ڪڙڪايو. اندران آواز آيو، "هليا اچو."

ٻئي ڇڻا اندر داخل ٿيا.

"سائين، نائيجيريا جو ناٿي جو وزير."

"صبح بخير" چيئرمين چيو ۽ کيس ويهڻ لاءِ چيو."مون اسان ٿنهي لاءِ ڪافي چئي آهي. ڪيئن نيڪ آهي."

اگناٽيس ڪنڌ هاڪار ۾ ڏوڻيو. هن بريف ڪيس پنهنجي ڪرسيءَ جي پر ۾ رکيو. ڪجهه گهڙيون تعارفي ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي. هڪ چوڪري ٽنهي ڄڻن کي ڪافي ڏني. چوڪري جي ٻاهر وڃڻ تي اگناٽيس ڪم جي ڳالهه شروع ڪئي.

"مان پنهنجي ملڪ جي صدر جي طرفان هڪ خاص درخواست کڻي آيو آهيان."

چيئرمين ۽ سندس اسسٽنٽ کي ڪا خاص حيرت ڪو نه ٿي.

" نائيجيريا جي صدر مون کي اهو اختيار ڏنو آهي ته مان اهو معلوم ڪريان ته نائيجيريا جي ڪهڙين شهرين جا اڪائونٽ توهان جي بئنڪ ۾ ڪليل آهن."

"پر مون کي اهامعلومات ڏيڻ جو اختيار ڪونهي." چيئرمين ٽپ جواب ڏنس.

"مون کي منهنجي پوري ڳالهه پيش ڪرڻ جي اجازت ڏيو." وزير چيو." مان توهان کي پڪ ٿو ڏياريان ته مون کي منهنجي حڪومت طرفان پورو اختيار ڏنل آهي."

اهو چوندي هن پنهنجي ڪيسي مان هڪ لفافو ڪڍي چيئرمين کي ڏنو. چيئرمين لفافي مان خط ڪڍي هوريان هوريان پڙهڻ لڳو.

چيئرمين خط پڙهي هن کي موتائي ڏنو ۽ پنهنجي نڙي صاف ڪندي چيو. "جناب، هن ڪاغذ جي منهنجي ملڪ ۾ ڪا قانوني حيثيت ڪونهي، مون کي توهان جي وزير ۽ سفير هئڻ تي ڪو شڪ ڪونهي، پر اهي شيون بئنڪ جي رازداريءَ جي اصول کي توڙي نه ٿيون سگهن.اسان ڪنهن به صورت ۾ اڪائونٽ هولڊر جي مرضيءَ کانسواءِ، ان جو نالو ڪنهن کي به ٻڌائي نه ٿا سگهون. مون کي افسوس آهي جو مان توهان جي ڪا به مدد نه ٿو ڪري سگهان."

چيئرمين اهو چئي اٿي بيٺو. هن سمجهيو ته هاڻي ملاقات پوري ٿي چڪي هئي.

"اها ڳالهه توهان جي ۽ منهنجي وچ ۾ هميشه راز رهندي." وزير ڪيس چيو.

"اها اسان جي لاءِ مانائتي ڳالهه آهي." چيئرمين چيو، "پر ان باوجود به اسان جي بئنڪ جا رازداريءَ جا اصول ان کان مٿانهان آهن."

اگناٽيس اڃان به پرسڪون هو.

"ته پوءِ مون کي اهو ٻڌائيندي افسوس پيو ٿئي ته مان جنيوا ۾ پنهنجي سفير کي هدايت ڪندس ته پرڏيهي آفيس کي سرڪاري طور تي لکي ته توهان اسان کي اسان جي شهرين بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ تعاون نه پيا ڪريو. توهان ان بيعزتيءَ کان بچي سگهو ٿا، اگر توهان اسان کي، نائيجيريا جي انهن شهرين جا نالا ۽ رقم ٻڌايو جن توهان جي بئنڪ ۾ اڪائونٽ

کولرايا آهن. مان توهان کي خاطري تو ڏيان تہ اسان ان معلومات جو ذريعو ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائينداسين."

"توهان کي اهڙي شڪايت ڪرڻ جي ڪلي اجازت آهي. پر مون کي پڪ آهي تہ توهان کي اسان جو پرڏيهي وزير سفارتي ٻوليءَ ۾ اهو ٻڌائيندو تہ سوئس قانون هيٺ، پرڏيهي وزارت کي بئنڪ کان اهڙي معلومات وٺڻ جو ڪو اختيار ڪونهي." چيئرمين وراڻيو.

"اگر ائين آهي تہ مان پنهنجي واپار واري وزارت کي هينئر ئي هدايت ڪندس تہ سوئيزرلينڊ جي ڪنهن بہ شهريءَ سان ان وقت تائين ڪا ڏيتي ليتي نہ ڪئي وڃي، جيستائين توهان اسان کي نالا نہ ٿا ٻڌايو."

"جناب! توهان اهو بہ ڀلي ڪري ڏسو." چيئرمين پنهنجي موقف تي بيٺو هو.

" اسان کي توهان جي شهرين پاران ٿيندڙ ڪنهن بہ معاهدي تي ٻيهر سوچڻو پوندو ۽ مان ذاتي طور تي ان ڳالهہ جي خاطري ڪندس تہ هرجاڻي جي ڪنهن بہ شق تي عمل نہ ڪيو وڃي." وزير چيئرمين مٿان دٻاءُ وڌائيندي چيو.

"ڇا توهان اهو نہ ٿا سمجهو تہ اها توهان جي جلد بازي هوندي."

"چيئرمين صاحب، اگر مون کي پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ توهان جي ملڪ کي ڪيڏو بہ هيٺاهون ڪرڻو پيو تہ اهو بہ ڪندس. ان جي مون کي ڪا پرواهہ ڪونهي."

راڪ رول

تنويرعباسي

ناچ ۾
دائرا
گول گول
سِر ۾آ
ڪو خمار
راڪ رول
راڪ راڪ - رول
رول

ٻانهن ڇليهہ ۾ نہ وجهہ
هڪ قدم اڳتي ڪڻ
هڪ قدم پرپرو
هڪ قدم پوئتي
مان وٺان توکي،
تون مون کي وڻ
ساز ساڻ سُر ملاءِ
۽ سنيالي پير ڪڻ
ايترو نہ ويجهر اچ

۽ نہ ايڏو ٿي پري
توڙي تنهنجي دل چوي
تہ بہ نہ لاءِ مون ڳري
ٿورو ٿورو فاصلو
آ ضرور
ٿورو ويجهو
ٿورو دور
منهنجي سامهون هجين
ٻوءِ بہ مونکي ڳول

ڳول
ناچ ۾
دائرا
گول گول
راڪ رول راڪ رول
راڪ رول

منهنجي لئہ تون
مڃ، جو
سيءَ ۾ ٻري پيو
پر جي ويجهو تو
اچان
تو سڙي وڃي وجود
۽ اگر پري ٿيان
ڇانئي روح تي
جمود
ٿورو ٿورو فاصلو
ٿورو ٿورو قريب آ

جيترو بہ ٿي سگهي
اوترو قريب آءُ
تو تان اول گهول
ناچ ۾
دائرا
گول گول
راڪ رول - راڪ
رول
راڪ رول

وٽي تيئن ڪيو، پر بئنڪ پنهنجي پاليسي تبديل نہ ڪندي."

"اگر ائين آهي تہ مان هينئر ئي پنهنجي سفير کي اها هدايت ڏيندس تہ هو جنيوا ۾ اسان جو سفارتخانو بند ڪري ۽ نائيجيريا ۾ توهان جي سفير کي "اڻ وٽندڙ شخصيت" قرار ڏئي ملڪ نيڪالي ڏني وڃي."

پهريون پيرو چيئرمين جا ڀرون اڀا ٿي تاڻجي ويا.

"وڏيڪ،" منسٽر چيو ،" مان لنڊن ۾ پريس ڪانفرنس ڪري توهان جي بئنڪ کي بدنام ڪندس. جنهن جي ڪري توهان جا ڪاتيدار پئسا ڪيرائي ٻين بئنڪن ڏانهن منهن ڪندا."

وزير ٿورو ترسيو پر چيئرمين ماٺ رهيو.

"ان جو مطلب آهي تہ اوهان مون لاءِ ٻي ڪا واهہ نہ ڇڏي آهي." اگناٽيس سيٽ تان اٿندي چيو.

چيئرمين، اگناٽيس ڏانهن پنهنجو هٿ وڌائيندي سوچيو تہ شڪر آهي هن مان جان ڇٽي جو هي چريو ماڻهو وڃي رهيو آهي. پر اگناٽيس ڪيسي ۾ هٿ وجهي پستل ڪڍيو تہ ٻنهي همراهن کي خوف وٺي ويو. اگناٽيس اڳتي وڌيو ۽ چيئرمين جي لونڊڙي تي پستل رکيائين.

"چيئرمين صاحب، مون کي اهي نالا ڪپن ۽ توهان کي پڪ ٿيڻ گهرجي تہ اگر توهان نالا نہ ٻڌايا تہ توهان جلد ئي لاش جي صورت ۾ فرش تي پيل هوندا."

چيئرمين ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو، سندس نرڙ تي ننڍڙا ڦڙا اچي ويا هئا،

"ٻي گولي اسسٽنٽ لاءِ هوندي،

اگناٽيس اسسٽنٽ ڏانهن نهاريندي چيو، جيڪو ٿورو پرپرو ويٺو هو.

نوجوان اسسٽنٽ چيئرمين ڏانهن نهاريو، جيڪو ٽڙڪي رهيو هو.

بينڪ چيئرمين واضح لهجي ۾ چيو " اها معلومات ڏيڻ ناممڪن آهي. توهان کي جيڪي ڪجهہ وٽي ڪريو، پر اوهان کي اسان جي بينڪ منجهان اها معلومات نہ ملندي."

" صحيح چيو اوهان. سر." نوجوان چيو ۽ گوليءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

"زبردست" اگناٽيس چيو. هن پستل چيئرمين جي لونڊڙيءَ تان هٽايو ۽ پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ٻئي سوئس اڃان تائين ٽڙڪي رهيا هئا. ٻئي ماٺ ۾ هئا.

وزير پنهنجي پير ۾ رکيل بريف ڪيس ڪٽي ميز تي رکيو ۽ ان کي کوليو. ٻئي بئنڪر حيرانيءَ منجهان بريف ڪيس کي ڏسڻ لڳا. بريف ڪيس سئو سئو ڊالر وارن نوٽن جي ڳنڍين سان ڀريل هو. چيئرمين اندازو لڳايو تہ اها رقم پنجاهہ لک ڊالر جي لڳ ڀڳ هوندي.

"مهرباني ڪري" اگناٽيس چيئرمين کي چيو. "توهان مون کي ٻڌائيندا تہ توهان جي بئنڪ ۾ اڪائونٽ ڪولرائڻ جو طريقو ڪهڙو آهي."

☆☆☆

هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي احوال جنهن سرديءَ کان بچڻ جي لاءِ جيل وڃڻ تي چاهيو

واهه ڙي قسمت!

او هينري

صائم ڪٽياڻ

او هينريءَ جو شمار مختصر ڪهاڻيءَ جي وڏن اديبن منجهه ٿئي ٿو. سندس مشهور ڪهاڻيءَ جو ترجمو پيش ڪجي ٿو. هن نالي واري بي مثل اديب کي ڪهاڻيءَ کي ختم ڪرڻ جو جيڪو بي پناه هنر اچي ٿو تنهن کي دنيا جو ڪو ٻيو اديب پيش نه ڪري سگهيو آهي.

شهر جي چونڪ جي بينچ تي ويٺي "سوپي" هيڏانهن چرپر ڪرڻ لڳو. جڏهن هنج پڪي رات جو دير تائين ڪوڪار ڪري ۽ جڏهن عورتون اوچتو ئي اوچتو پنهنجن مڙسن مٿان مهربان ٿي پون ۽ جڏهن "سوپي" پنهنجي بينچ تي بيچينيءَ سان چرپر ڪري ته سمجهو سيارو اچي ويو.

هڪ سڪل سڙيل پن اوچتو اچي "سوچيءَ" جي هنج ۾ اچي ڪريو. اها

نشاني هئي ته سيارو اچي ويو آهي ۽ گڏوگڏ شهر جي چوٽطرف جي گهٽين ۾ اتر جي هوا لڳڻ شروع ٿي وئي هئي. شهر جا سيئي ماڻهو جلدي جلدي تياريون ڪرڻ لڳا ته جيئن سياري جو آڏرياءُ انتهائي گرمجوشيءَ سان ڪيو وڃي.

سوپيءَ جي ذهن ۾ اهو تصور اجاگر ٿيو ته اهو وقت اچي ويو هو، جو هو ان سخت سياري جي دوران گذر سفر لاءِ ڪجهه تياري ڪري سگهي. اهو ئي سبب هو جو هو پنهنجي بينچ تي بيچينيءَ سان چرپر ڪرڻ لڳو هو.

سوپيءَ جي ذهن ۾ ڪنهن گرم علائقي ۾ وڃي رهڻ جا ڪي وڏا خواب نه هئا ته هو ڪو پونوچ سمنڊ جي آسپاس ڪنهن شهر ۾ هليو وڃي يا وري ڏاکڻن علائقن جو رخ ڪري. هن لاءِ ته اهو ئي ڪافي هو ته ٿي مهينا ڪن علائقي جي "بليڪ ويل" نالي جيل ۾ هليو وڃي. ٿي مهينا، هنڌ ۽ بسترو، سيءَ کان بچڻ لاءِ اجهو، وقت سر کاڌو ۽ ڪو دوست سنگتي . هن جا فقط اهي خواب هئا.

گذريل ڪيترن ئي سالن کان " بليڪ ويل" نالي جيل جون ڪوٺڙيون هن جو سياري جي موسم ۾ آڏرياءُ ۽ مهماني ڪنديون رهنديون هيون. هن سان انهن ڪوٺڙين ۾ گڏ گذاريندڙ ساٿي اڳواٽ ئي نيويارڪ جيل جون ٽڪيٽون ڪٽائي پنهنجي منزل ڏانهن وڃي چڪا هئا. سوپيءَ به ارادو ڪيو ته انهيءَ ساليانی ياترا جو سامان گڏ ڪرڻ گهرجي ۽ ان جو وقت هاڻي اچي ويو هو.

گذريل رات ڪنهن اخبار جا پراڻا صفحا سندس سرير کي شديد سرديءَ کان بچائي نه سگهيا هئا. چونڪ جي هڪ بينچ تي ستي هو سڄي رات ڏڪندو رهيو هو. ان لاءِ بليڪ ويل جيل وڃڻ ئي هن لاءِ وقت جي گهرج هئي . هو شهر جي خيراتي ادارن کي پٽڻ لڳو ته اهي فقط نالي جا ادارا آهن. اسان مسڪينن جي خيرات انهن جا عملدار هڙپ ڪريو ٿا وڃن. سوپيءَ جي راءِ ۾ انسان دوست ۽ خيراتي ادارن کان قانون جا ادارا وڌيڪ سخي ۽ مهربان آهن. هونئن ته حڪومت ڪيترائي ادارا ۽ تنظيمون جوڙيون آهن، جن جو مقصد غريب ۽ نادار ماڻهن جي سهائتا ڪرڻ آهي، پر اتي جو عملو سڀ ڪجهه ڏوڪڙن ڪانسواءِ نه ٿو ڏئي ۽ جيڪڏهن ڏوڪڙ نه آهن ته پوءِ سخت بيعزتي. خيرات گهرڻ واقعي پنهنجو پاڻ کي بيعزتو ڪرڻ جو ڪم آهي. خيراتي بستري حاصل ڪرڻ لاءِ بيعزتيءَ جي هڪ قيمت مقرر آهي ۽ مانيءَ جي هڪ ٽڪر لاءِ عزت جو پائمال ٿيڻ ضروري آهي. ان لاءِ بهتر آهي ته قانون جو مهمان ٿجي. جيتوڻيڪ اتي اصول هلن ٿا، پر گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن شخص جي ذاتي معاملن ۾ مداخلت ته نه ٿي ٿئي.

جڏهن سوپي بليڪ ويل جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ سيارو گذارڻ جو فيصلو ڪري چڪو ته ان خواهش جي تعبير لاءِ منصوبا سٽڻ لڳو. اتي پهچڻ جا ڪيترائي آسان ذريعا هئا، پر سيني کان بهتر طريقو اهو هو ته ڪنهن مهنگي

هوٽل تي ماني کائجي ۽ پوءِ چئجي ته مون وٽ پئسا نہ آهن. هوٽل جي انتظاميہ تمام عزت ۽ احترام سان مونکي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيندي ۽ آئون بنان ڪنهن مشڪل ۽ گوڙگهمسان جي، پنهنجي منزل تي پهچي ويندس.

سوپي آهستي آهستي پنهنجي بينچ تان اٿيو ۽ چونڪ جي چوڏاري چڪر لڳائي ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر ٻہ وڏا روڊ گذرن ٿا، جن تي ٽريفڪ جو سمنڊ هر وقت نظر ايندو آهي. سوپي، هڪ روڊ تي هلندي هڪ بهترين ۽ مهانگي هوٽل جي اڳيان اچي بيٺو. سندس ذهن ۾ خيال آيو ته هتي کائڻ پيئڻ لاءِ ڪافي مهانگيون شيون موجود هونديون.

سوپيءَ جو چيلهہ ڪان وٺي مٿي تائين جو لباس ٺيڪ ٺاڪ هو. بهترين ڪوٽ هيٺان ويسٽ ڪوٽ. ڏاڙهي ڪوڙيل. اهو لباس ڪيس هڪ عيسائڻ خيرات ۾ ڏنو هو. هن جو ارادو هو ته ڪنهن طريقي سان هو هوٽل جي ڪنهن ٽيبل تائين رسي وڃي جو ڪنهن کي شڪ نہ ٿئي ۽ باقي ڪم پاڻيهي ٿي ويندو. چاڪاڻ ته ٽيبل ڪان مٿي هن جي لباس جو حصو اهڙو هوندو جو هوٽل جي بيري کي ڪو شڪ نہ ٿيندو ته هيءُ ڪير آهي. پوءِ ته جيڪي وٺي سو آرڊر ڪريان. مٿان وسڪي ۽ سگارا! ٺيڪ آهي، ڪافي بل ٿي ويندو. جيڪڏهن هن جي پيٽ ۾ سٺو ڪاڏو هوندو ته " بليڪ ويل جيل" ڏانهن سندس سفر ڪجهہ پرسڪون گذرندو، اڳتي ڏٺو ويندو.

پر جيئن سوپيءَ پنهنجو قدم هوٽل جي اندر رکيو ته دخل تي ويٽل مئنيجر جي نظر ڪيس پاتل پينٽ ۽ پراڻن بوٽن تي پئي. اوچتو ڪنهن مضبوط هٿ سندس ڪلهن کي جهليو ۽ سوپي ٻاهر روڊ تي وڃي ڦهڪو ڪيو. هيڏانهن هوڏانهن نهاري سوپي اٿيو ۽ ڪپڙا ڇنڊي اڳيان هلڻ لڳو.

هاڻي سوپي، ان روڊ کي ڇڏي ڪري ٻئي وڏي رستي تي هلڻ لڳو. ڪيس لڳو ته هن سال شايد سندس ياترا ايتري آسان نہ رهندي. هاڻي ڪنهن ڪلب وغيره جو رخ ڪجي، شايد اتي ڪا قسمت ساٿ ڏئي وڃي.

ٿورو اڳيان هليو ته ڪيس هڪ شاندار دڪان ڏسڻ ۾ آيس، جنهن جي ٻاهران چمڪندڙ بتيون ۽ شيشن ۾ رکيل نمائش لاءِ ڪي قيمتي شيون پيل هيون. سوپيءَ ڇا ڪيو جو هڪ پٿر کڻي زور سان شيشي جي دروازي کي هنيو. شيشو وڏي ٽڪاءَ سان پرزا پرزا ٿي ويو. چوڻطرف کان ماڻهو ڊوڙندا آيا. سيني جي اڳيان هڪ پوليس وارو هو. سوپي پرسڪون پنهنجي جڳهہ تي بيٺو رهيو. سندس هٿ پينٽ جي ڪيسن ۾ پيل هئا ۽ ماڻهن جي منهن ۾ نهاري مسڪرائي رهيو هو.

"اهو شخص ڪٿي آهي، جنهن هي نقصان ڪيو آهي؟" ڪاوڙ وچان پوليس واري پڇيو.

"ڇا آئون توکي ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچان؟ يا آئون اهو ڪم ڪري نہ ٿو سگهان؟"

سوپيءَ بنا ڪنهن طنز جي نهايت دوستاڻي انداز ۾ ڪيس ايئن چيو، جيئن ڪو انسان خوشبختيءَ کي پليڪار ڪندو آهي.

پوليس واري جي ذهن ۾ اهو وهم ۽ گمان به نه هو ته سوپي اهو سڀ ڪجهه ڪيو هوندو. هن چيو " اهي ماڻهو جيڪي اهڙو ڪم ڪندا آهن، اهي ائين بيهي پوليس وارن سان بيهي بحث نه ڪندا آهن. اهي پنهنجن ڪڙين تي زور رکندا آهن ۽ مينهن واءُ ڪندي غائب ٿي ويندا آهن."

پوليس واري جي نظر هڪ شخص تي پئي، جيڪو ٽورو پرتي بيٺل هڪ ڪار تائين رسڻ جي لاءِ ڊوڙندو پئي ويو. پوليس وارو بنا دير جي ان جي پٺيان ڀڄڻ لڳو. سوپي دل ۾ مايوسي ڪٽي اڳيان وڌڻ لڳو.

ٽورو ٿي اڳيان وڌيو ته گهٽيءَ ۾ هڪ شاندار ريسٽورنٽ نظر آيس. اهو تمام مهانگو ريسٽورينٽ هو، جتي هر قسم جا ڪاڏا ملندا هئا. سوپي مڙسي ڪري بيرن جي نظر کان بچندو اندر گهڙي ويو ۽ وڃي هڪ ٽيبل تي ويٺو. اتي ويٺي هو جيڪي ڪائي سگهيو، سو پيٽ ڀري ڪاڏائين. جڏهن ڪائي لٽ ٿيو ته بيري کي سڏ ڪري حقيقت کان آگاهه ڪيائين ته "يار منهنجي ڪيسي ۾ ته پئسو به ڪونهي. وقت ٿيو آهي جو پئسا مون کان بيگانا ٿي ويا آهن. هاڻي جلدي ڪري ۽ ڪنهن پوليس واري کي سڏ ڪر ۽ مونکي ان جي حوالي ڪري ڇڏ."

"نه، ڪنهن پوليس واري کي گهرائڻ جي ڪا ضرورت نه آهي." بيري، سوپيءَ کي نهايت ئي سلجهيل انداز ۾ جواب ڏنو.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٻن بيرن سوپيءَ کي ڪٽي ٻاهر اڇلايو. سوپي زور سان اڇي روڊ تي ڪريو. آهستي آهستي هو اٿيو. سندس سنڌ سنڌ ۾ ڪرڻ سبب سور پئجي ويو هو. پنهنجا ڪپڙا چنڊي اڳيان وڌڻ لڳو. گرفتاري نه ٿي، نه ئي خواب پورو ٿيو. لڳي ٿو ته جيل جيئن پوءِ تيئن پري ٿيندو پيو وڃي. پريان ڪان هڪ پوليس وارو بيٺل هو، جنهن هن کي ٻاهر اڇلائجندي ڏٺو هو ۽ هو ڪلندو اڳيان هليو ويو.

سوپي عمارتن جا مسلسل پنج بلاڪ ائين هلندو رهيو. جيستائين همٿ سندس ساٿ ڏئي جو وري ٻي ڪا شرارت يا نقصان ڪري. پر هن دفعي موقعو تمام سٺو هو. هاڻي جيڪڏهن گرفتار نه ٿيس ته پوءِ ڪڏهن به نه ٿيندس. هڪ نوجوان حسين ڇوڪري هڪ دڪان جي ٻاهران شيشن ۾ بند ڪجهه شيون ڏسي رهي هئي. ڪجهه پرپرو هڪ ٿلهو مٽارو پوليس وارو بيٺل هو، جنهن کي ڏسي ڊپ پئي ٿيو.

سوپيءَ جو ارادو هو ته هڪ ٽرڙي شخص جو ڪردار ادا ڪري ڪنهن طريقي سان هن نوجوان ڇوڪريءَ سان ڪا شرارت ڪري ۽ جڏهن پوليس وارو ڪيس اهو ڪندي ڏسندو ته يڪدم پڪڙي هٿ ڪڙي هڻندس.

اڳيان وڌي هن ڇوڪريءَ جي ٽاءِ کي ڇڪيو، سندس ٻانهن تي لڳل زپ کي کولي ڇڏيائين. پنهنجو پاڻ کي ڇوڪريءَ جي بدن سان لڳائڻ لڳو.

هن ڇوڪريءَ جي اکين ۾ اکيون وجهي نهاريو. ڪجهه ڪنگهڻ لڳو ۽ وري کلڻ لڳو. پوليس وارو کيس گهوري ڏسي رهيو هو. ڇوڪري هن جي هٿ چراند سبب ڪجهه قدم پٺيان هٽي، پر وري به شين کي ڏسڻ ۾ محو ٿي وئي. سوپي به همٿ ڪري هن جي پاسي رڙهندو ويو.

"هيڏانهن! او حسينه! هيڏانهن اچ ته هلي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪجهه پيار ڪريون."

پوليس وارو اجا تائين کيس گهوري رهيو هو. ڇوڪريءَ اڳر سان کيس ويجهو اچڻ جو اشارو ڪيو ۽ چيو "مون سمجهي ورتو آهي ته تون ڇا ٿو چاهين. جيئن ئي تو مونکي ڇيڙڻ شروع ڪيو هو، آئون تنهنجو مطلب سمجهي وئي هئس، پر هتي هو پوليس وارو بيٺو آهي، تون منهنجي پٺيان اچ. ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ تا ڳالهائي وٺون."

سوپي آهستي آهستي سندس پٺيان هلڻ لڳو. سوپيءَ کي اچي ٻڌتر ورايو. هن سوچيو ڇا هو ۽ ٿيو ڇا! جيئن ئي گهٽيءَ جي ڇيڙي تي پهتا، هن نه ڏٺو اڳيان نه پٺيان ۽ وٺي ڀڳو. ڀڄندو ڀڄندو هو هڪ ٻيءَ گهٽيءَ ۾ اچي نڪتو. رات جو وقت هو، سڄي گهٽي ماڻهن سان ڀريل هئي. عورتون ۽ مرد ٿڌي هوا ۾ لطف اندوز ٿي رهيا هئا.

سوپيءَ کي اچي اهو گمان ٿيو ته هن تي ڪنهن آتما وغيره جو سايو آهي، جيڪا کيس جيل وڃڻ کان روڪي رهي آهي. ان سوچ جي ايندي ئي هو ڏاڍو پريشان ٿي ويو.

ٿورو اڳيان هڪ ٿيٽر جي سامهون هڪ پوليس وارو لٽ جهليو بيٺو هو. سوپيءَ هڪدم پنهجا تيور تبديل ڪيا ۽ ٽرڙپائي ڪرڻ لڳو. هڪ شراب ۾ ڌت شخص جيان زور زور سان دانهون ڪرڻ لڳو، نچڻ ۽ ٽپا ڏيڻ لڳو ۽ ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي پريشان ڪرڻ لڳو.

پوليس واري لٽ گهمائيندي سوپيءَ ڏانهن پٺ ورائي ڇڏي ۽ اتي بيٺل هڪ شهريءَ کي چوڻ لڳو، "هي اصل ۾ ڪاليج جو شاگرد آهي ۽ سياڻي ڪاليج ۾ ٿيندڙ پروگرام جي خوشيءَ ۾ اڄوڪي رات موج ميلو ڪري رهيو آهي. هو دانهون ته ڪندو، پر نقصان نه رسائيندو. اسانکي هدايتون آهن ته انهن شاگردن کي اهڙا عمل آزاديءَ سان ڪرڻ ڏيون."

سوپيءَ مايوسيءَ وچان نچڻ ۽ ٽپا ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا، "لڳي ٿو ته هن سياري ۾ ڪوبه پوليس وارو مونکي گرفتار نه ڪندو!" جيل وڃڻ جو خواب هن کي فقط خواب ئي محسوس ٿيڻ لڳو. سردي وڌي وڃڻ سبب هن ڪوٽ جا سيئي ٻيڙا چاڙهي ڇڏيا.

سگريٽن جي هڪ دڪان ۾ هن کي هڪ شخص نظر آيو، جيڪو سگار دڪائي رهيو هو. کيس ڪافي مهنگا ۽

بهترين ڪپڙا پهريل هئا. ان وٽ ريشم مان نهيل هڪ چٽي هئي، جيڪا هن دڪان جي دروازي وٽ رکي هئي. سوپي آهستگيءَ سان دڪان ۾ داخل ٿيو ۽ چٽي کڻي آهستي آهستي ٻاهر نڪرڻ لڳو. جيئن ئي ان شخص جي نظر هن تي پئي، اهو تيزيءَ سان هن جي پنيان ڀڳو.

"اڙي مهنجي چٽي." هن زور سان دانهن ڪئي.

"اجها هيءَ آهي." سوپيءَ حقارت واري انداز ۾ سندس اهل ڪندي چيو، "تون پوليس وارن کي ڇو نه ٿو سڏ ڪرين؟ مون تنهنجي چٽي ڪنئي آهي، سڏ ڪر نه پوليس واري کي. اهو پريان بيٺو اٿئي."

اهو شخص آهستي آهستي رڪجڻ لڳو. سوپي به رڪجي ويو. هن کي لڳو ته هن پيري شايد قسمت ساٿ ڏئيس. پوليس وارو هنن ٻنهيءَ کي تجسس ڀرين نگاهن سان ڏسي رهيو هو.

"... صحيح آهي... ها اهڙيون غلطيون ٿينديون رهنديون آهن... جيڪڏهن اها چٽي تنهنجي آهي ته يار مونکي معاف ڪجان. مونکي اها اڄ هڪ ريسٽورينٽ ۾ ملي هئي. جيڪڏهن تو ان کي سڃاتو آهي، پر مونکي اميد آهي..."

"ها، ها هي چٽي منهنجي آهي." سوپي مايوس انداز ۾ چيو.

اهو شخص واپس پنيان موٽيو ۽ پوليس وارو جهڙپ ڏئي اڳيان وڌيو ۽ هڪ عورت کي روڊ پار ڪندي تيز ايندڙ ڪار کان بچايائين.

فرض شناس

روڊ جي پاسي ۾ ماڻهن جو ميڙ لڳ پيو هو. ٻه پوليس وارا انهيءَ ميڙ کي چيريندي، اندر پهتا. سامهون هڪ همراهه جو لاش پيو هو. ٻئي پوليس وارا پنهنجي فرض شناسي ڪندي ماڻهن جي ميڙ تي چڙ وچڙ ڪرڻ لڳا. جڏهن سڀ ماڻهو لاش کان گهڻو پري وڃي بيٺا ته هڪ پوليس واري لاش جي تلاشي وٺڻ شروع ڪئي. همراهه ڪافي مال دار هو. ٻٽون، موبائيل گهڙي، انهن سڀين شين تي پوليس واري قبضو ڪري ورتو ته اوچتو هن جي نظر لاش جي آڱر ۾ قاتل سوني منديءَ تي پيئي. ڏاڍي محنت ڪرڻ کان پوءِ به سپاهي مُندي لاهڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو.

يار جلدي ڪر ايتري دير ڇالاءِ پيو ڪرين پهرو ڏيندڙ سپاهي گهٽيل آواز ۾ پنهنجي ساٿيءَ کي چيو.

يار مندي لهي ئي نٿي آئون ڇا ڪريان؟ ته پوءِ آڱر ڪٽينس نه...؟

نه.. ائين چئي پوليس وارو لاش کي ڇڏي اٿي بيٺو.

هيءَ مندي صاحب لاءِ ٿا ڇڏيون، جيڪو هينئررائونڊ تي اچڻ وارو آهي.

ٻئي پوليس وارا هڪ گهمرو ٻيهر ماڻهن جي ميڙ کي پوئتي ڌڪيندي پاڻ به هڪ پاسي کان غائب ٿي ويا.

غلام حيدر ڊلو - مورو

اتان کان ايرندي طرف هڪ گهٽي پٽرن ۽ ريتيءَ سان ڀريل هئي. هو پوليس وارن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهيو. "آئون چاهيان ٿو ته سندن چنبي ۾ ڦاسان، پر هو

مونکي شايد ڪو نيڪ ماڻهو تا سمجهن، جيڪو ڪو بہ ڏوهہ نہ ٿو ڪري سگهي."

اڳيان هڪ ٻي گهٽي هئي، پر اتي جو شور ۽ گهمسان دير تيڻ ڪري ختم ٿي چڪو هو. سوبي مايوسيءَ جي حالت ۾ واپس چونڪ جي طرف هلڻ لڳو. "هاڻي هلي گهر پيڙو ٿجي، پوءِ اهو گهر پلي چونڪ ۾ پيل بينچ ئي ڇو نہ هجي."

اڳيان سنسان موڙ تي سوبيءَ کي هڪ گرجا گهر نظر آيو. هو ان کي ڏسي بيهي رهيو. گرجا گهر جي هڪ دريءَ مان هڪ روشنيءَ جي ڌارا ايندي نظر آئي. سوبيءَ جي ڪنن تي تمام منڙو موسيقيءَ جو آواز پيو.

رستو سنسان هو. تمام ٿورڙيون گاڏيون نظر اچي رهيون هيون. ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو پنڌ اچي وڃي رهيا هئا. جهرڪين جي چون چون تمام مدهم هئي. شايد سمهڻ جي سيرا ڪري رهيون هيون! ائين لڳو ڪنهن قبرستان جو منظر هجي. چرچ اندر دلسوز آواز ۾ ڪو ترانو ڳائي رهيو هو، جنهن جي آواز، سوبيءَ کي گرجا جي ٻاهران لڳل لوهي جنگلي سان ڇڻ ڇنبڙائي ڇڏيو. ڪيس ماضيءَ جا ڏينهن ياد اچڻ لڳا. ماءُ، اهي خوبصورت گل، خواهشون، دوست ۽ نزاڪت ڀريا خيال ۽ سوچون.

ان ترانيءَ جي موسيقيءَ، سوبيءَ جي روح ۾ عجيب انقلابي تبديلي آڻي ڇڏي. هو اندر ئي اندر ۾ پنهنجي بدنصيبيءَ سان وڙهڻ لڳو. هن سوچيو تہ هو پنهنجو پاڻ کي ان بدبختيءَ مان ڪڍي سگهي ٿو. هيءُ هڪ دفعو ٻيهر اهو ساڳيو انسان بڻجي سگهي ٿو. هو انهن شيطاني قوتن جو مقابلو ڪري سگهي ٿو، جيڪي هن تي حاوي ٿي ويون آهن.

ڪو وقت هو جو هو تمام جوشيلو جوان هو. هي پنهنجين خواهشن ۽ اميدن کي ٻيهر جياري سگهي ٿو. تراني جي گنتن هن جي سوچ تي تمام گهرو اثر وڌو. "سيائي صبح جو آئون شهر ۾ ويندس ۽ ڪم جي ڳولا ڪندس. ريشم جي هڪ واپاريءَ مونکي ڊرائيور جي نوڪريءَ جي آڇ ڪئي هئي. آئون سيائي صبح جو ان شخص کي تلاش ڪندس ۽ کيس ساڳي نوڪريءَ لاءِ التجا ڪندس. اهو شخص... ڪو ٻيو شخص... ايڏي ساري دنيا...."

اوچتو سوبيءَ پنهنجي ڪلهي تي ڪنهن جو هٿ محسوس ڪيو. هن ڦري ڏٺو تہ هڪ پوليس وارو سندس اڳيان بيٺل هو.

"هتي ڇا پيو ڪرين؟"

"ڪجهہ بہ نہ..."

"پوءِ مون سان گڏ اچ."

ٻئي ڏينهن صبح جو مئجسٽريٽ جي آفيس ۾...

"توکي بيگاهہ وقت ۾ آواره گرديءَ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ٽن مهينن جي سزا ڪاٽڻ لاءِ بليڪ ويل جيل منجهہ موڪليو وڃي ٿو."

☆☆☆

ٿلهو ۽ سنهو

انتون چيخوف

سنڌيڪار: نرتن نوشاد

انسانن کي جيتوڻيڪ ساڳئي نموني پيدا ڪيو ويو آهي، پر انسانن پنهنجي وچ ۾ پاڻهي درجه بندي ڪري ڪجهه ماڻهن کي هيٺ ته ڪجهه ماڻهن کي مٿي ڪري ڇڏيو آهي. ان جي هلڪي جهلڪ توهان کي هن بي مثال ڪهاڻيڪار جي لکت ۾ نظر ايندي.

پراڻن دوستن جي مزيدار ڪهاڻي جنهن جي وچ ۾ اسٽيشن حائل ٿي ويو هو.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ريلوي اسٽيشن تي ٻه دوست اچي گڏيا. جنهن مان هڪ ٿلهو هو ۽ ٻيو سنهڙو. ٿلهي ماڻهو تازو ئي اسٽيشن تي رات جي مانی کاڌي هئي. هن جي وات ۾ اجا به گهيءَ جي لساڻ موجود هئي ۽ ڳاڙهي ڍاڪ جي رس به ٿورڙي لڳل هئس. هن جي بدن مان عطر جي خوشبو اچي رهي هئي. سنهڙو ماڻهو تازو آيل ريل گاڏيءَ منجهان لٿو هو ۽ هن جي هٿن ۾ ٻه ٿيلها، هڪ ڪتابن جو بنڊل ۽ هڪ پراڻي پيتي هئي؛ هن جي پٺ طرف بينل هن



جي سنهڙي زال ڪڏهن هيڏانهن ته ڪڏهن هوڏانهن پئي جهاتي پاتي ۽ انهن سان گڏ هڪ سنهڙو، وڏي قد وارو ٻار به گڏ هو، جنهن جون اکيون اڌ ڪليل هيون.

"او، منهنجا خدا!" تلهي ماڻهو جيئن ئي سنهي ماڻهوءَ کي ڏٺو ته ٿڌو ساهه کڻي چيو. "ڇا اهو واقعي تون آهين! اڙي منهنجا پيارا پراڻا دوست، ڪافي عرصو ٿي ويو آهي جو پاڻ مليا آهيون"

"او، منهنجا خدا!" سنهي ماڻهوءَ به حيرت ۾ هلڪي رڙ ڪندي چيو. "مشا، او منهنجي ننڍپڻ جا دوست! تون ڪٿان ڪان پيو اچين؟"

ٻنهي دوستن هڪ ٻئي کي زور سان ڀاڪر پاتا. هڪ ٻئي کي چٽائي ڏٺو، ٻنهي جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. جلدئي ٻنهي ڇٽن پنهنجن پنهنجن ڳوڙهن تي ضابطو ڪري ورتو. جڏهن ٻئي ڀاڪرن کان جدا ٿيا ته سنهڙو ماڻهو چوڻ لڳو. "او منهنجا پيارا يارَ، مون ته خواب ۾ به تصور ڪو نه ڪيو هو ته توسان هتي ملاقات ٿيندي. ڪهڙي نه حيرت جي ڳالهه آهي. هيڏانهن ٿي، مون کي صحيح نموني ڏسڻ ته ڏي. تون ته بلڪل اهو ساڳيو ئي آهين جيڪو اڳ تون هوندو هئين، ساڳئي جو ساڳيو. پراڻو پيارو ساٿي. ساڳيو ئي پيٽو. هيڏانهن اچ ته تنهنجي پيٽ کي هٿ لائي ڏسان." اهو چئي سنهڙو ماڻهو هن جي پيٽ تي هٿ گهمائڻ لڳو ۽ وڌيڪ چوڻ لڳو. "يارَ تون ته ڪجهه به بدليو ناهين. مون کي ڏاڍي حيرت آهي. اچ، اچ، مون کي ٻڌاءِ. هاڻي ته تون امير ٿي ويو هوندين؟ تو شادي ڪئي هوندي؟ مون شادي ڪئي آهي، جيئن تون ڏسين پيهه هي اٿئي منهنجي زال لوزي ۽ ڪيئن آهي نه خوبصورت؟ ۽ هي اٿئي منهنجو پٽ نيٽينل. اسڪول ۾ چوٿين ڪلاس ۾ پڙهندو آهي ۽ نيٽينل هي اٿئي منهنجو ننڍي هوندي جو پڳ مٽ يار. اسان ٻئي اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئاسين!"

نيٽينل اکيون ڦاڙي ٿلهي ماڻهو کي ڏٺو ۽ پنهنجي مٿي واري ٽوپلي کي لاهي، ڪيس نوڙي عزت سان سلام ڪيو.

"اسان ٻئي اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئاسين، ها، ها" سنهي ماڻهو ڳالهيون جاري رکندي چيو. "توکي ياد آهي ته ٻيا شاگرد توکي اسڪول ۾ ڪيترو ڇيڙائيندا هئا، توکي پيٽو پيٽو ڪري چوندا هئا ۽ ان وقت تون موٽو به ته گهڻو هوندو هئين ۽ بي وقوفيءَ واريون پيون ڳالهيون ڪندو هئين ۽ ها، مون کي ياد آيو ته تنهنجي بي وقوفيءَ ۽ چريائپ جهڙين ڳالهين جي ڪري توکي ٽوفي، ٽوفي ڪري به ڪوٺيندا هئا. تو کي ياد آهي ته هڪ ڏينهن تو ٻريل سگريٽ سان اسڪول جو ڪتاب به ساڙيو هو ۽ توکي ياد آهي..... مون کي جڏهن شاگرد ٽوني ڪوڙا ... ٽوني ڪوڙا ڪري سڏيندا هئا ته مون کي ڪيڏي ڪاوڙ لڳندي هئي، ۽ سچ ته اهو آهي ته ان وقت مان ڪوڙ به جهجها ڳالهائيندو هئس. پاڻ ان وقت ڪيڏا نه بي وقوف ۽ بي عقل ڇوڪرا هوندا هئاسين! نيٽيل

سپ نہ ماري ،پر سپ جو سراپ ماري

هڪ دفعي ڏيڏر ۽ سپ(نانگ)پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندي، "ڪڪجڻ" جو ذڪر چيڙيو. ڏيڏر، نانگ کي چيو ته، "تنهنجي چڪ کان نہ. پر تنهنجي سراپ (ڏپ)کان ماڻهو مرن ٿا۽ نانگ ڏيڏر کي چيو ته، "ڏپ کان نہ، پر ڪڪجڻ کان مرن ٿا." هر هڪ پنهنجي پنهنجي ڳالهہ تي قائم رهيو. آخر ڏيڏر، نانگ کي چيو ته، "ان ڳالهہ جو تجربو تا ڪريون، تون ڪنهن واٽهڙوءَ کي ڪک، وڻن جي جهڳٽي لکي وچ. ٿوري دير بعد، مان پاڻيءَ مان منهن ڪڍندس ته جيئن واٽهڙو سمجهي ته ڏيڏر رهندو هنيو آهي." "پوءِ نانگ، هڪڙي واٽهڙوءَ کي ڪکي، هڪدم جهڳٽي ۾ لکي ويو. واٽهڙوءَ ويچاري رهڙجي هنڌ، خوب مهٽو سهٽو ۽ هيڏي هوڏي ڏنو. پر نانگ ته نظر ئي ڪو نہ آيس، ڏيڏر، پاڻيءَ کان ٻاهر نڪري، "ٽان ٽان" ڪرڻ لڳو. ڏيڏر، جي ٽان ٽان" ٻڌي، پڪ ٿيس ته اها رهيڙي ڏيڏر ئي ڏني آهي، نانگ بہ اهو سمورو لقاءُ ڏسي رهيو هو، آخر اهو واٽهڙو هليو ويو.

ڏيڏر، نانگ کي چيو ته، "ڏٺئي. جڏهن مون تي نظر پيس. تڏهن ساه پيس. پر جيڪڏهن تون منهن ڪڍين ها ته ڦهڪو ڪري مري پوي ها. هينئر مان ڪنهن واٽهڙوءَ کي رنهنڊ هٽي لکي ويندس، ٿوري دير بعد تون ڪر ڪٽجانءِ"

اجا انهن ڳالهين کان فارغ مس ٿيا ته ڏيڏر هڪ واٽهڙوءَ کي نڪاءُ رانبوٽو ڪرايو. واٽهڙو کي رانبوٽو ته لڳو، پر ڪا چيز نظر ڪانہ آيس. مٿس اهو اثر وينو ته شايد لک سنگهو آهي. اجا انهيءَ خيال ۾ هو ته نانگ بہ ڪر ڪٽي ڦوڪون ڏيڻ لڳو. وهم جي ڪري اڌ تہ اڳ ئي مري چڪو هو، ويتر جو نانگ ڏنائين پوءِ ته سندس شڪ يقين ۾ تبديل ٿي ويو. سارو بدن ڏڪڻ لڳيس. مٿس اهڙو ڊپ ويهي ويو، جو ٿوري دير ۾ ئي دم ڏنائين.

ويجهو اچ. گهبراءِ نہ."

نيٽيل پيءَ جي پنيان ٿي ويو ۽ سهٽي عورت اکيون چنيبون ۽ ڪنڌ کي هاڪار ۾ لوڏيو.

"ٺيڪ آ، ٺيڪ آ، تنهنجو وقت ڪيئن پيو گذري يارَ؟" تلهي ماڻهو اهو چئي پنهنجي دوست طرف ڏسي ڪليو ۽ وڏيڪ چيو "اڄ ڪلهہ ڇا پيو ڪرين؟ تون رٽائرڊ ٿي واندڪائيءَ واري زندگي تہ ڪو نہ پيو گذارين؟"

"مان تہ اجا پيو ڪم ڪريان پوڙها ماڻهو. هي منهنجو ٻيو سال آهي جو مون کي ترقي ملي آهي ۽ هاڻي مان هيڊ ڪلارڪ مقرر ٿيو آهيان. مون کي هاڻي هن شهر ۾ ميونسپل ڪاميٽيءَ جي آفيس ۾ بدلي ڪئي وئي آهي ۽ هي منهنجي بدلي جو آرڊر آهي. يار پگهار گهٽ ملي ٿي، گهر جو گاڏو ڏاڍو مشڪل ٿو هلي، پر وري بہ خدا جو شڪر آهي. منهنجي زال موسيقي جا ڪلاس وٺندي آهي ۽ ڪجهہ پئسا ملي ويندا آهن ۽ ٻي ڳالهہ اها آهي تہ مان گهر ۾ ٻيڙيون ٻڌندو آهيان ۽ انهن کي شام جو وڪڻندو آهيان. جيڪڏهن ڪو يڪاسارا ڏهہ پيڪٽ وٺندو تہ ان کي رعايت ڪندو آهيان. هڪ پيڪٽ هڪ روبل(روسي سڪو) ۾ وڪڻندو آهيان. هاڻي هتي منهنجي بدلي ٿي آهي، هتي بہ

اهو ڪر شروع ڪندس. تون ٻڌاءِ تون اجا تائين ڪائونسلر آهين يا نوڪري ڇڏي ڏني اٿئي ؟"

" نہ، پوڙها ماڻهو، تون اجا ڪو وڏو اندازو لڳائين ها". تلهي ماڻهوءَ چيو، "مون ڪافي ترقي ڪئي آهي. ٻان هاڻي تازو ميونسپل ڪميٽي جو ايڊمنسٽريٽر ٿي ويو آهيان ۽ ها منهنجي هيٺ ڪافي علائقا آهن ۽ تو واري آفيس بہ منهنجي ماتحت آهي".

سنهڙو ماڻهو اهو ٻڌي واڙو ٿي ويو. سندس سڄو منهن پيلو ٿي ويو ۽ بت ڇڻ پٽر بڻجي ويس. نرڙ تي پگهر اچڻ لڳس ۽ يڪدم پنهنجي جسم کي اٽينشن ۾ ڪري ڇڏيائين ۽ پنهنجا ٻئي هٿ ڪراس وانگي ڪري عاجزيءَ سان گوڏن تي رکي ڇڏيا. هن کي ائين ڪندو ڏسي هن جو سنهڙو پٽ نيٽينل پنهنجي بشرٽ جا بٽڻ بند ڪرڻ لڳو ۽ هن جي زال بہ پنهنجا هٿ گوڏن طرف ڪراس ڪري ڇڏيا ۽ هن کي ڏنڊ ڪيي، نماٽيءَ وانگر ڏسڻ لڳي.

سنهڙو ماڻهو چوڻ لڳو، " عالي عزت، جناب، يوئر ايڪسيلينسي، مون کي ڏاڍي خوشي آهي تہ سر، منهنجو نندي هوندي جو سائي هيڏو وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي. هِي... هِي.... هِي....." اهو چئي سنهڙو ماڻهو خوشامندي لهجي ۾ ڪلڻ لڳو.

"هاڻي گهٽو ٿي ويو." تلهي ماڻهو ناراض ٿيندي چيو، "تو ڇو اهو پنهنجو دوستيءَ وارو لهجو تبديل ڪري ڇڏيو آهي. پاڻ تہ پراڻا يار آهيون. تون منهنجي عهدي کي نہ پر مون کي ڏس."

"مون کي اجازت ڏيو هِز ايڪسيلينسي" سنهي ماڻهو اٽڪندي چيو، "سائين مان اوهان جي توجهہ چاهيندس. سر هيءَ منهنجي زال آهي ۽ هز ايڪسيلينسي هي منهنجو نندو ڪڪو نيٽينل آهي. سائين هي اسڪول ۾ چوٿين درجي ۾ پڙهندو آهي." اهو چئي سنهڙو ماڻهو چپ ٿي ويو.

تلهي ماڻهوءَ چاهيو ٿي تہ هن سنهڙي ماڻهوءَ جو اهو ساڳيو لهجو ۽ ساڳيو ماحول برقرار هجي، جيڪو ڪجهہ وقت پهرين هو ۽ اهو نماڻو ۽ فرمانبرداريءَ وارو ورتاءُ نہ هجي جيڪو هي سنهڙو ماڻهو سندس عهدي ٻڌڻ کان پوءِ ڪري رهيو هو. هن کي اهڙي روئي کان سخت چڙ هئي، پر هن وڏيڪ ڪجهہ نہ چيو ۽ پنهنجو هٿ سنهڙي ماڻهوءَ کي موڪلائڻ لاءِ ڏنو. سنهڙي ماڻهوءَ هن جي هٿ جي آڱرين کي عزت سان جهليو ۽ پنهنجو ڪنڌ جهڪايو ۽ چيني ماڻهوءَ وانگر ٻيهر ڏنڊ ڪيي... هِي... هِي... هِي... ڪري ڪلڻ لڳو.

تلهي ماڻهوءَ پنهنجو هٿ واپس ڇڪيو ۽ واپس وڃڻ لڳو.

پويان سنهڙي جي زال هلڪو ڪلي. نيٽينل پنهنجا پير سڌا ڪيا ۽ ٽوپي لاهي تلهي طرف ڪنڌ جهڪايو. ٽئي ڇڻا اجان تائين ان تلهي ماڻهوءَ جي فرمانبرداري ڪري رهيا هئا ۽ ان کان ڊنل پئي لڳا.

☆☆☆

"ڪرزما" ڊائجسٽ جي خريداريءَ جي لاءِ هيٺين سان لهه وچڙ ۾ اچو:

ڪراچي : راڻا احمد : 0300_2118454,021_2750379

ٺاٽا وارا ضلعا : ٺاٽا ايازمهر، سنڌيڪا اڪيڊمي، زونل آفيس سکر. فون نمبر 0301_3433848,071_5628368

حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ميرپور خاص، ٿر پارڪر ضلعا ۽ ڪوٽڙي فاروق بهائي_0321,0222_617313

3041291,0300_3017413

ٿر ضلعو : ڪشور ڪمار ٿر ڪتاب گهر ملي. فون نمبر : 0232_261968

ٽنڊين (شهر) : عبدالغفور پيپر ايجنسي، ٽنڊين. فون نمبر : 0297_861652

نواب شاهه ضلعو : ريحان برادرس. فون نمبر : 0244_360098

دادو ضلعو : سليم نيوز ايجنسي، دادو. فون نمبر : 0301_3494392,0254_611315

ميرپور خاص : اقبال نيوز ايجنسي، ميرپور خاص. فون نمبر : 0300_3212403,0233_872245

سانگهڙ ضلعو : عاجز منگي، سانگهڙ. فون نمبر : 0333_2913588,0235_542182

ٽلو ضلعو : ندو مچاري، سجاول. فون نمبر : 0301_3317259

خيرپور ضلعو : تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس. فون نمبر : 0243_554293

سکر ضلعو : ملڪ محمد اسحاق، الفتح بڪ اسٽال. فون نمبر : 071_5613548

لاڙڪاڻو : فيض محمد چڙو رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو.

شهداد ڪوٽ : عبدالڪريم شيخ، ڪرن نيوز ايجنسي. فون نمبر : 074_4013435

شڪارپور : مرتضيٰ ابڙو

پنوعاقل : لالچند عرف لالو سني بڪ اسٽال، پنوعاقل. فون نمبر : 071_5691989

سني ٽئس علائقو (خيرپور ميرس) : ميرحسن ويسر. 0300_3138087,0243_614201,0243_614065

اميڪب آباد : علي مردان، جمالي نيوز ايجنسي، جيڪب آباد

روهڙي (شهر) : محمد علي شيخ، ريلوي اسٽيشن.

ڪشمور : گلزار حسين شيخ، نيوز پيپر سپلائر. فون نمبر : 0722_577773

نوشهروفيروز : غلام مرتضيٰ ڪنڊ. فون نمبر : 0333_7092392. 0300_3990825

ڪنڊڪوٽ : شملا پرنس، نيوز ايجنسي، ڪنڊڪوٽ. فون نمبر : 0722_573102

گمبٽ، راڻي پور، ڪنب، ڪوٽڙيجي، سوپوديرو : غلام ناصر گوپانگ، روشن علي ملڪ نيوز پيپر ايجنٽ. فون نمبر :

0243_640243,0243_640626

ٺٽو ديرو : سڪندر علي پرڙو اخبار فروش، ٺٽو ديرو.

رتو ديرو : الطاف پرويز پٽي رتو ديرو

ڪنڊيارو : ٽائم خاني نيوز ايجنسي، ڪنڊيارو.

تاريخ جي آئيني منجهان

هر جڳهه تي، هر هنڌ تي، محبت ڪرڻ وارن جي ڪوٽ ڪڏهن بہ ناهي پيدا ٿي. هر دور ۾، هر معاشري ۾ اهڙا جذباتي ۽ جنون ۾ پيل ڪردار پيدا ٿيندا رهندا آهن، جن جون يادگيريون دلين ۾ هميشہ زندهہ رهنديون آهن. اهڙي ئي هڪ عشق جي يادگار داستان مرزا صاحبان جي بہ آهي جيڪا صوبي پنجاب ۾ صدين جي گذرڻ باوجود اڄ بہ مقبول آهي ۽ سندس گونج اڃا تائين گونججي رهي آهي.

صوبي پنجاب جي مشهور رومانوي داستان جو احوال.

تحريروتحقيق:
ذوالفقارارشدگيلاني

مرزا صاحبان

سنڌيڪار:
ساجد علي ٺهيم

پنجاب ۾ درياءِ چناب ۽ راوي درياءِ جي وچ ۾ موجود ضلعا جهنگ ۽ فيصل آباد ۾، صدين کان وٺي بہ وڏا راجپوت قبيلا آباد آهن. راوي جي ڪناري وٽ ڪرلَ ۽ چناب جي ڪناري وٽ

سيالَ رهن تا. هونئن تہ انهن ٻنهي قبيلن جون شاخون انهن دريائن سان گڏوگڏ هلي اچي صوبي سنڌ تائين پهچن ٿيون، پر انهن جا اصلي نڪاڻا جهنگ، فيصل آباد، شيخو پوره ۽ ساهيوال ئي آهن.

1500ع ۾ انهن علائقن ۾ تمام گهڻي آبادي رهندي هئي (جيتوڻيڪ هينئر بہ فيصل آباد ضلعي جي آبادي پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي ضلعي آبادي آهي) ۽ ان ۾ وڏا وڏا جهنگ هئا. جنهن کي اتي جا رهاڪو پنهنجي مال وغيره لاءِ چاري طور ڪتب آڻيندا هئا. ڪرل ۽ سيال قبيلن جو رشتو بنيادي طرح سان زمين سان تمان گهڻو مضبوط هو. انهي ڪري اهي چوپائي مال کي پالڻ ۽ ٻنيون کيڙڻ جو ئي ڪم ڪندا هئا. تاريخدانن انهن کي "مستقل مال پالينڊڙ" ڪوٺيو آهي.هنن مخصوص علائقن ۾ آباد ڪاري ڪري، باقاعدا قبضا ڪري ويا هئا ۽ رياستون قائم ڪري ورتيون هيون. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ ڪرل ۽ سيال قبيلن جي وچ ۾ مٽيون مائٽيون بہ هيون تہ دشمنيون بہ. جيڪي ان دور ۾ بہ هئن تہ اڄ بہ قائم اٿن.

مرزا صاحبان، جنهن کي دنيا محبت جي ٻن متوالن جي طور ياد ڪندي آهي، انهن جو تعلق بہ انهن ئي قبيلن سان هو. سيال چناب جي ساڄي طرف ۽ڪرل وري راوي جي کاٻي طرف جا حاڪم هئا ۽ اڄ بہ آهن. جهڙي طرح ڪرل ۽ سيالن جو وجود حقيقت آهي، اهڙي طرح سان مرزا صاحبان جو وجود ڪو جڙتو ٺهيل يا افسانوي ڪونهي، پر پنجابي شاعريءَ ۾ هير رانجها کان پوءِ جيئرو جاڳندو ۽ هڪ ٻئي سان محبت ڪندڙ انسانن جي سڀ کان وڌيڪ تحرير ڪيل، هڪ سچي ۽ لافاني ڪهاڻي آهي. جنهن سان وابستہ حقيقتون اڄ بہ پوري ثبوتن سان گڏ موجود آهن.

موجوده جهنگ، چينوٽ روڊ وٽ جهنگ کان اٺ ڏهہ ميل جي مفاصلي تي "ڪيوا" نالي هڪ ڳوٺ آباد آهي. اهو ئي صاحبان جو ڳوٺ هو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ هڪ وڏو ڳوٺ هو ۽ ان جو حاڪم يا قبيلي جو سردار، خان ڪيوا چورائيندو هو، جيڪو ذات جي لحاظ کان سيال ماهني هو. صاحبان بہ هيرَ وانگر سيالن جي ڌيءَ هئي، جنهن جو نندپڻ ڪيوا جي گهٽين ۾ راند روند ڪيڏندي جواني جي حدن کي پهتو هو. ڪيوا جي هڪ پراڻي ۾ پراڻي مسجد اڄ بہ صاحبان جي وجود جي گواهي ڏئي ٿي، ڇو تہ هو ان مدرسي ۾ پڙهندي هئي. اتي ئي هن کي مرزا سان محبت ٿي هئي ۽ جڏهن مرزا کي قتل ڪرڻ کان پوءِ ان جا وارث يعني ڪرل بدلي وٺڻ لاءِ ڪيوا آيا تہ انهن مسجد کان سواءِ ڳوٺ جي هر شيءِ کي تباهہ ڪري ڇڏيو. چون تا تہ ڪرلن ڪيوا ۾ ايتري قدر تہ قتل غارت ڪئي، جو اڄ جيڪا سڄي ڳوٺ جي آبادي موجود آهي، اها سڀ انهي قتل عام کان پوءِ جي آهي.

مرزا ذات جو ڪرل هو، جنهن جي قبيلي جي حڪمراني ماڙيءَ جي ساڄي

ڪپ تي شروع ڪان وٺي مڃيل هئي. موجوده تعلقي "جڙانوالا" ۾ "دانا آباد" جو ڳوٺ مرزا جي ڪرل قبيلي جو ڳوٺ هو. هن جي پيءُ جو نالو رائي ونجهل هو (ڪن تذڪرن ۾ ان جو نالو بنجل بيان ڪيو ويو آهي). رائي ونجهل جو تعلق ڪرلن جي هڪ شاخ "ساهي" سان ٻڌايو وڃي ٿو. جيڪي پنهنجو پاڻ کي جاٽ ڪري به ڪوٺيندا هئا. اوير پاڪستان ۾ ته جاٽ ۽ راجپوت پنهنجو پاڻ کي مختلف قبيلا سڏرائيندا آهن، پر اوير پنجاب ۾ جاٽ ۽ راجپوتن کي هڪ ئي تصور ڪيو ويندو آهي.

مرزا صاحبان جو قصو پنجابي ٻوليءَ جي پنجٽيهن ۽ فارسيءَ جي پنجن ڪان وڌيڪ شاعرن بيان ڪيو آهي، پر ڪنهن به ان واقعي جي اصل زماني جي بابت ڪجهه به تحرير نه ڪيو آهي. اڄ به اهو بحث هلي پيو ته اهو قصو ڪڏهن جو آهي ۽ سڀ کان پهرئين ڪنهن ان کي تحرير ڪيو آهي.

ڪجهه روايتن موجود "پيلو" نالي شاعر ان قصي جو پهريون لکندڙ مڃيو وڃي ٿو. پيلوءَ، مرزا صاحبان جي داستان اهڙي نموني لکي آهي ته ڇڻ مرزا، پيلو سان صلاح مشورا ڪري عشق بازي ڪندو رهيو هجي. لڳي ايئن ٿو جو مرزا،صاحبان کي وٺڻ لاءِ وڃي ٿو ته ڇڻ پيلو کان پڇندو هجي ته منهنجي سفر جي ڪاميابيءَ جو حساب ته لڳائي. پر حقيقت هي آهي ته پيلو مرزا جي زماني جو ڪو نه هو. پر هي ئي پهريون ماڻهو هو جنهن مرزا صاحبان جي داستان لکي آهي.

پيلوءَ جو زمانو ٽئين مغل شهنشاهه جلال الدين اڪبر جو زمانو بيان ڪيو وڃي ٿو. شهنشاهه اڪبر 1556ع کان 1605ع تائين هندوستان تي حڪومت ڪئي ۽ پيلو به ظاهر آهي ته ان ئي دور ۾ رهندڙ هو، پر ان مان اهو مطلب نه ٿو نڪري ته آيا مرزا ۽ صاحبان به ان دور جا هئا. پر اهو اندازو آهي ته مرزا صاحبان، پيلو نالي شاعر کان گهٽ ۾ گهٽ 50 سال پهرئين تي گذريا آهن. ان ڳالهه جي تصديق هن مان ملي ٿي ته خيرالله نالي هڪ شاعر فارسي ۾ هي قصو 1551ع ۾ لکيو آهي، جيڪو اڪبر کان به پهرئين جي زماني جو هو.

هونئن به ان زماني ۾ ڪنهن قصي جي مشهور ۽ ملڪ گير ٿيڻ ۾ ڪافي عرصو لڳندو هو. ٻي اها خاص ڳالهه ته بااثر قبيلا جن ۾ سيال ۽ ڪرل شامل آهن، ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندا هوندا (جيڪي اڄ ڏينهن تائين برداشت نه ٿا ڪن) ته هير سيال يا صاحبان سيال جي عشق جي داستان کي چيڙيو به وڃي (اڄ به جهنگ ۾ هير کي مائي هير يا مائي عزت بيبي چيو وڃي ٿو.)

ان جي هڪ ٻي مثال اها آهي ته 1857ع ۾ انگريز راڄ جي خلاف ضلعي ساهيوال ۾ بغاوت ڪرڻ، جيل ٽوڙڻ ۽ انگريزن کي قتل ڪرڻ جي "ڏوهه" ۾، "احمد خان ڪرل" جي علاوه " نظام

لوهار" ۽ " جبرو" وغيره تي ڪيترائي گيت لکيا ويا. پر انگريزن جي دور ۾ ڪنهن به شاعر انهن گيتن کي پنهنجو نالو ڏيڻ جي جرئت ڪا نه ڪئي، ڇو ته اهي سڀ انگريز سرڪار جا ڏوهي هئا ۽ انگريزي قانون جو ڦندو سندن ڳچيءَ ۾ پئجي سگهيو تي. جيڪڏهن حڪمرانن جي خوف کان شاعرن احمد خان ڪرل ۽ نظام لوهار تي گيت ۽ نظمون لکي به سو سالن تائين انهن متان پنهنجو نالو ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿيا ته هير رانجها ۽ مرزا صاحبان جي داستانن جي شروعات به ائين ئي ٿي هوندي، ان لاءِ اندازو آهي ته مرزا صاحبان جو قصو لوڌين جي آخري دور يا مغلن جي ابتدائي زماني جو آهي جيڪو 1520ع کان 1530ع جي وچ وارو عرصو ٿئي ٿو.

صاحبان، ڪيوا جي سيالن جي سردار خان ڪيوا جي ڌيءَ هئي. هن کي به وڏا ڀاءُ هئا، جنهن مان هڪڙي جو نالو شهمير خان ۽ ٻئي جو مير خان هو. اهي ٻئي پنهنجي علاقي ۾ دليري ۽ بهادريءَ جي نشاني سمجهيا ويندا هئا. جڏهن ته انهن جي ننڍي ڀيڻ يعني صاحبان، خوبصورتي ۾ پنهنجي مثال پاڻ هئي ۽ ان جو چرچو پري پري تائين پکڙيل هو. چون ٿا ته هوءَ اڳاري جي ڏينهن پيدا ٿي هئي ۽ روايتن جي ابتڙ هڪ ڇوڪريءَ جي پيدا ٿيڻ تي ايترو ته عاليشان جشن ملهايو ويو هو جوڪافي عرصي تائين ماڻهن جي دلين ۾ رچيل رهيو.

صاحبان وانگي، مرزا به پنهنجين پائرن ۽ پينرن ۾ سڀ کان ننڍو هو. هي به صاحبان وانگر حد کان وڌيڪ خوبصورت هو. مرزا نه فقط دلير ۽ بهادر هو پر هو غضب جو تير انداز به ٻڌايو وڃي ٿو. هن جي ماءُ " لاڏڪي مهري" خان ڪيوا جي سڳي ڀيڻ يعني صاحبان جي ڦڦي هئي. اهڙي طرح سان مرزا صاحبان، عاشق ۽ معشوق هڻڻ سان گڏوگڏ هڪ ٻئي جا ويجها مائٽ پڻ هئا.

ڇيو وڃي ٿو ته مرزا پيدائش کان پهرئين ئي پنهنجي ماءُ لاءِ وڏي تڪليف جو سبب بڻيو هو. تنهن ڪري لاڏڪي مهريءَ ان تڪليف کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئين درٻارين ۽ پيرن فقيرن تي حاضري ڀري هئي. انهن مان هڪ صاحب ڪمال، نوشه گنج بخش به هئا. مهريءَ هن کي پنهنجو مرشد ڪيو ۽ پنهنجي تڪليف ٻڌائي. نوشه مهريءَ کي هڪ گلاس ڪير جو پياريو جنهن سان هن جي تڪليف ختم ٿي ويئي. ان سان گڏوگڏ نوشه مهريءَ لاءِ دعا پڻ ڪئي ۽ هن کي خوش خبري ٻڌائي ته هن جي گهر هڪ چنڊ جهڙو پٽ پيدا ٿيندو، جيڪو عشق ۾ وڏو نالو ڪمائيندو.

لاڏڪي مهري خالص ڳوٺاڻي عورت هئي. هن مرشد جي اها ڳالهه ڳنڍ ۾ ٻڌي ڇڏي پر عشق جي باري ۾ هن جي معلومات تمام گهٽ هئي. جنهن ڪري هن انهي ڳالهه تي ڪو به ڌيان نه ڏنو.

مرزا جو ننڍپڻ جڏهن ٻاراڻي حدن ۾ داخل ٿيڻ لڳو ته هن کي پڙهڻ لاءِ ڪيوا

موڪليو ويو. جتي هن جو مامو خان ڪيوا (صاحبان جو پيءُ) جي علاوه هن جي ڦڦي بيبو به رهندي هئي. هاڻي مرزا پنهنجي مامي خان ڪيوا جي گهر ۾ رهڻ لڳو ۽ هن کي مسجد جي اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو جتي صاحبان پڙهندي هئي.

مسجد ۾ پڙهڻ وارو اهو دور ڪين هڪ تعلق ۾ ڳنڍي ويو. ٻنهي جو هڪ ٻئي بنا زندهه رهڻ محال بڻجي ويو. جيتوڻيڪ سندن دنياوي تعليم پوئتي رهجي ويئي، پر عشق ۾ ٻئي سرسري ڪٽي ويا. جڏهن ننڍپڻ جواني ۾ داخل ٿيڻ لڳو ته اها محبت گهڻو عرصو لڪي رهي نه سگهي ۽ ڏسندي ڏسندي ٻنهي جي محبتن جا چرچا عام ۽ خاص ۾ ٿيڻ لڳا.

صاحبان ايتري حسين هئي جو سندس هر ادا ۽ هر انداز تي سوين نظرون محو هونديون هيون. هڪ شاعر جي چوڻ مطابق صاحبان جڏهن هڪ ڪرياني جي دڪان تي تيل وٺڻ ويئي ته دڪاندار هن جو حسن ڏسي ايترو ته وائڙو ٿي ويو جو ساهمي پڪڙڻ ئي وسري ويس ۽ تانوَ ۾ تيل بجاءِ ماکي اوتي ڇڏي.

جڏهن مرزا ۽ صاحبان جي محبت تي اتندڙ آڱرين کي زبان ملي ته صاحبان جا گهر وارا به ڪٽڪيا. مرزا جي مامي پنهنجي ڀائٽي کي يڪدم دانا آباد، سندس گهر اماڻي ڇڏيو. جڏهن صاحبان ايئن اوچتو پنهنجي محبوب جي واپسيءَ جو ٻڌو ته بيمار ٿي پئي. بيماري ايتري قدر ته شدت اختيار ڪري وئي جو ماءُ ۽ پيءُ سندس زندگي مان مايوس ٿي ويا.جيتوڻيڪ بعد ۾ حڪيمن جي علاج ڪري صاحبان تندرست ته ٿي وئي پر مرزا جي جدائيءَ ۾ سندس حسن ماند پوڻ لڳو. جنهن جو حڪيمن وٽ ڪو به علاج نه هو.

ڪجهه روايتن ۾ آهي ته مرزا ۽ صاحبان جو ننڍپڻ ۾ ئي مڱڻي طئي ٿي ويو هو پر صاحبان جي ويڳي ماءُ کي اهو رشتو پسند نه هو.تنهن ڪري هن مرزا کي واپس دانا آباد موڪلي، پنهنجي مؤس خان ڪيوا کي ان ڳالهه تي قائل ڪيو ته صاحبان جي جلد کان جلد ڪٿي شادي ڪرائي ڇڏي. ڇڏڙ قبيلي جي طاهر خان سان صاحبان جي منگڻي ڪئي ويئي ۽ ڇڏڙن کي چيو ويو ته جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي ته اهي ڄج وٺي اچن ۽ صاحبان کي ڏولي۽ ۾ وٺي وڃن.

صاحبان کي اهو رشتو منظور نه هو، ڇو ته هو پنهنجو سڀ ڪجهه مرزا کي ڏيئي ويٺي هئي. صاحبان ان سلسلي ۾ پنهنجي ماءُ کي به قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هير سيال جو مثال ڏنو.

روايتن مطابق صاحبان هير کي ڦڦي هير چئي ڪري مخاطب ڪيو هو ۽ ماءُ کي چيو هو ته ڦڦي هير جي شادي رانجهي سان ان ڪري نه ٿي سگهي هئي، جو ٻنهيءَ جي ذاتين ۾ فرق هو. هير سيالن جي ڌيءَ هئي، جيڪي اونچي ذات وارا هئا جڏهن ته رانجهو سيالن جو ملازم هو. هير اعليٰ قبيلي جي تعلق

باوجود هڪ گهٽ درجي جي قبيلي جي شخص رانجها سان عشق ڪيو هو. پر مرزا سان هن جي محبت ان ڪري قبول ڪئي وڃي جو مرزا ڪو معمولي قبيلي جو نہ هو پر هنن جي برابر ۽ هڪ جهڙي قبيلي جي سردار جو پٽ هو.

ٻئي طرف مرزا انهن سيني ڳالهين کان بي خبر،پنهنجي علاقي ۾ پنهنجي بهادريءَ جو سڪو ڄمائڻ ۾ مصروف عمل هو. هن صاحبان کي وساريو ڪين هو. هو گهوڙيءَ تي سوار ٿي پنهنجي پري پري تائين پکڙيل زمينن جي حفاظت ڪرڻ، تير ڪماني، نيزي بازي ۽ گهوڙي سواري جي مقابلي ۾ حصو وٺي، وقت گذاريندو هو. زماني ۾ جون دلچسپيون وٽس هيون پر هن کي خبر نہ هئي تہ هن جي محبوبہ سان پويان ڳوٺ ۾ ڇا گذري رهيو هو.

صاحبان ماءُ کي دليل ڏيئي ڏيئي نيٺ آڻ مڃي، تان جو اهو ڏينهن بہ آيو جڏهن ٻئي ڏينهن تي ڇڏڻ ڇڄ وٺي هن جي گهر اچي رهيا هئا. صاحبان خاموشيءَ سان ڪرمون برهمڻ (ڪجهہ روايتن ۾ سندس نالو ڪمون بہ تحرير ٿيل آهي) کي گهرايو ۽ ڪيس لالچ ڏني، " توکي هڪ گهوڙي سنج سميت، سونُ، ڪير واري مينهن ۽ هڪ ڍڳو انعام ۾ ڏيندس، جو تون ڪنهن نموني مرزا تائين اها خبر پهچائين تہ سياڻي ڇڏڻ مون کي وهانءِ ڪري وٺي وڃڻ لاءِ اسان جي ڳوٺ اچي رهيا آهن. جيڪڏهن پوءِ تون آئين تہ پوءِ اهڙو اچڻ ڪهڙي ڪم جو."

ڪرمون کي اها خبر تہ هئي تہ صاحبان سردار جي ڏيءَ آهي پر هن شايد ڪجهہ ٻيو سمجهيو ۽ موٽ ۾ صاحبان کي آڇ ڪئي تہ هو جاٽ (يعني مرزا) جي دوستي ويساري هن سان دوستي رکي. صاحبان ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي پيلي ٿي ويئي. هن ڪرمون کي ڏمڪي ڏني تہ هوءَ هينئر وڃي ٿي ڪري پنهنجي پيءُ کي ڪرمونءَ جي ڳالهہ ٻڌائي ۽ ڪيس هن جي ڪچهريءَ ۾ زنجيرن ۾ ٻڌرائي پيش ڪرائي تہ جيئن ڪيس هن سان عشق جي خبر پوي.

ڪرمون ذات جو برهمڻ ۽ ٺپ بزدل هو. هي فورن صاحبان جي پيرن تي ڪري پيو ۽ ڪائنس معافي ورتائين. هن گهوڙي ڪنئي ۽ چاليهہ ميل جو سفر هڪ رات ۾ طئہ ڪري ٻئي ڏينهن دانا آباد پهچي ويو.

اتفاق سان ڪرمون جڏهن مرزا وٽ پهتو تہ هو پنهنجي ڀيڻ "ڇتيءَ" جي شادي جي ڪمن ۾ مصروف هو. ٿورڙي ئي دير ۾ هن جي ڀيڻ جي ڇڄ اچڻ واري هئي.

مرزا جڏهن صاحبان جو پيغام ٻڌو تہ هو سڀ ڪجهہ ڇڏي ڪيوا ڳوٺ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هن جي پيءُ، ماءُ ۽ ڀيڻ ڀائرن هن کي روڪڻ لاءِ هزارين منٿون ڪيون، التجائون ڪيون تہ مرزا سيالن وٽ ڪيوا نہ وڃي.

انهن ڪيس چيو." ان رستي تي ڪنڌا ئي ڪنڌا وڇايل آهن. ياد رک،

سيالن جون عورتون جادوگرياڻيون آهن. اهي تنهنجو جگر ڪڍي ڪائي ڇڏينديون. عورتن جي دوستي تمام بري هوندي آهي. اهي پهرئين ته ڪلي دوستي ڪنديون آهن ۽ پوءِ روئي سڄي ڳالهه پنهنجن گهرن وارن کي ٻڌائي ڇڏينديون آهن. ياد رک جنهن گهر ۾ ڪنهن عورت جي دوستي هجي، ان گهر ۾ ڪڏهن به قدم نه رکڻ گهرجي. راجا ڦريل سلطنتن تي، چور پنهنجي گرفتاريءَ تي، عورت پنهنجي لٽيل روپ تي ۽ مور پنهنجي پيرن جي بدصورتيءَ تي هميشه ڳوڙها ڳاڙيندا آهن."

مرزا جي گهر وارن کي اهو الڪو هو ته ڪيوا وارا سيال رشتي داري جي پرواهه نه ڪندا ۽ هن کي ماري ڇڏيندا، پر مرزا ڪنهن جي به نه ٻڌي ۽ پنهنجي لاڏلي گهوڙيءَ "نيليءَ" تي سوار ٿي ڪيوا روانو ٿي ويو.

مرزا هڪ بهادر شينهن وانگر ان وقت ڳوٺ ڪيوا پهتو، جڏهن صاحبان جي شاديءَ جون رسمون سندس گهر ۾ ادا ٿي رهيون هيون. مرزا سڄي صورتحال پنهنجي ڦڦيءَ بيبوءَ کي ٻڌائي. بيبوءَ يڪدم صاحبان وٽ پهتي جيڪا پنهنجين ساهيڙين ۾ گهيريل ويٺل هئي. مرزا جي آمد جو ٻڌي صاحبان ڪلي اٿي ۽ ويس بدلائي هن سان ملڻ لاءِ هلي آئي. صاحبان هن کي قائل ڪيو ته هو هن کي دانا آباد ساڻ وٺي هلي نه ته سندس گهروارا هن (مرزا) کي ماري ڇڏيندا ۽ ڇڏڻ، صاحبان جي ڏولي ڪٽي هليا ويندا.

مرزا صاحبان سان معاملا طيءِ ڪيا ۽ هوءِ جيئن آئي هئي، اٿين ئي هلي ويئي. مرزا اتان اٿي ڪري هڪ لوهار وٽ آيو ۽ ان کي ڪجهه لوهي ڪنڊا ٺاهڻ لاءِ چيو، پر شرط اهو رکيو ته اهي ڪيس اڌ رات جو تيار ملن.

رات جو مرزا پهرئين لوهار وٽ ويو جتي لوهه جا نوڪدار ڪنڊا تيار هئا. هن اهي ڪيوا خان جي گهر ٻاهران گهر جي پٽين ۾ ڪپائي ڇڏيا ۽ خود صاحبان جو انتظار ڪرڻ لڳو. مقرر وقت تي صاحبان لڪي لڪي ڪري ڇت تي پهتي، ۽ لوهي ڪنڊن جي مدد سان هيٺ لهي، مرزا جي گهوڙيءَ تي اچي ويٺي. ٻئي ڇڻا پهرين آهستي آهستي ڪري ڳوٺ کان ٻاهر آيا، پوءِ تيزرفتاري سان دانا آباد روانا ٿيڻ لڳا.

صبح جڏهن چڏڻ جي ڇج پهتي ته صاحبان کي تلاش ڪيوويو. سڀ کان پهرئين صاحبان جي مامي فيروز ڊوگر رازڪوليو ته مرزا، صاحبان کي گهوڙي تي ڪٽي پڇائي ڪٽي هليو ويو آهي. هير جي واقعي کان پوءِ سيالن جي عزت هڪ دفعو وري مٽي ۾ ملي ويئي هئي. ڪيوا خان ۽ ان جي پٽن رڙيون ڪندي پنهنجي ماڻهن کي چيو ته هڪدم مرزا جو پيچو ڪيو وڃي ۽ ان کي دانا آباد پهچڻ کان اڳ ئي موت جي حوالي ڪيو وڃي.

ڏسندي ئي ڏسندي ڳوٺ جو ڳوٺ مرزا صاحبان جي تلاش ۾ نڪري ڪڙو ٿيو.

وڏا چون ٿا ته عشق انسان کي

اهڙي طرح تباهه ڪندو آهي، جيئن برف وڻن کي تباهه ڪندي آهي.

مرزا بہ عاشق هو ۽ عورت چورائي وڃي رهيو هو، پر اها هن جي بدقسمتي هئي جو ٻن راتين جو مسلسل جاڳڻ سبب ڪيس نند اچڻ لڳي هئي، يا ممڪن هو تہ فتح جي نشي سان مخمور ٿي ويو هجي. ٻئي ڇٽا ساهي پٽڻ لاءِ هڪ جهنگ ۾ ترسي پيا. (اهو جهنگ حد اربع ۾ موجود فيصل آباد کان 25 ڪلوميٽر پري سر شمير روڊ جي ويجهو ٻڌايووڃي ٿو. اهو نندڙو ڳوٺ صاحبان جي وڏي ڀاءُ شمير خان جي نالي تي آباد آهي ۽ هي روايت بہ آهي تہ مرزا کي ان جڳهہ جي ويجهو ڪئي موت جي گهاٽ لاٿو ويو هو).

صاحبان هن کي جهنگ ۾ ترسڻ کان منع ڪيو هو. هن کي خبر هئي تہ سيال انهن جو پيچو ضرور ڪندا. هن مرزا کي چيو تہ دشمن اسان جي پويان پوندا ۽ ان ڪري دانا آباد پهچي وڃي آرام ڪجي. پر مرزا جو جواب هو تہ هو سيالن جي اثر هيٺ علائقن کان نڪري آيو آهي. تنهن ڪري خطري جي ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي ۽ هونئن بہ ڪو بهادر، سورمو، مرزا جو مقابلو نہ ٿي ڪري سگهيو. "مان سيالن جون سسيون ڪپي ڇڏيندس. منهنجي تير جو نشانو ڪڏهن بہ خطا نہ ٿيندو آهي. بس مون کي ڪجهہ وقت آرام ڪرڻ ڏي."

صاحبان جي دل جو خوف فقط چند گهڙين کان پوءِ حقيقت ۾ بدلجي ويو. سيالن کي دانا آباد جي رستي جي خبر هئي. هڪ ڪنيار ان جي تصديق بہ ڪري ڇڏي تہ هن مرزا صاحبان کي هڪ گهوڙيءَ تي سوار ٿيندي، هن جهنگ طرف ويندي ڏٺو آهي، تنهن ڪري سيالَ گهوڙي سوار تمام جلدي هنن وٽ پهچي ويا. صاحبان، مرزا کي جڳائڻ جي بيحد ڪوشش ڪئي پر سڀ بي سود. آخر هن ڪيس منٿون ڪيون، اهي بہ ڪم نہ آيون ۽ مرزا بدستور ستل ئي رهيو.

هاڻي ايندڙ سيال صاحبان کي صاف نظر اچي رهيا هئا. سڀ کان اڳيان سندس ڀاءُ شمير خان هو. هن کي خبر هئي تہ مرزا جو تير ڪڏهن بہ خالي نہ ويندو آهي. جيڪڏهن هن پنهنجو تير ڪمان ۽ تيرَ سنڀاليا تہ سڀ کان پهرئين سندس ڀاءُ ان جي زد ۾ ايندو. ان وقت مرزا وٽ ٿي سو سٽ تير هئا. ڪجهہ شاعرن مطابق اهي ٿي سو هئا، پر اها ڳالهہ طئي آهي تہ سيالن جي مقابلي ۾ مرزا جا تير تمام گهٽا هئا. اهو ئي سوچي صاحبان کي فڪر ٿيو تہ جيڪڏهن مرزا وٽ اهي سڀ تير موجود رهيا تہ سندس ڀاءُ شمير خان جو بچڻ مشڪل ٿي ويندو.

ان وقت صاحبان مرزا جي محبوبہ ٻڌجڻ بجاءِ شمير خان جي همدرد پيڻ ٻڌجي ويئي. هن هڪ لمحي لاءِ سوچيو ۽ جلدي سان اٿي ڪري مرزا جو تيرن سان ڀريل ترڪش وڻ تي تمام مٿي ٽنگي ڇڏيو، جتي مرزا جو هٿ آسانيءَ سان نہ پهچي سگهي ها. هاڻ مرزا جي ڪمان ۾

صرف ٽي تير وڃي بچيا هئا.

ڪجهه شاعرن چيو آهي ته صاحبان سيئي تير ٽوڙي ڇڏيا هئا. ان کان پوءِ هن هڪ دفعو وري ڪوشش ڪئي هئي ته مرزا اٿي وڃي ۽ ٻئي ڇٽا گهوڙيءَ تي سوار ٿي، سيالن جي گهيري کان پري نڪري وڃن. پر هن جي اها به ڪوشش بيڪار ويئي.

سيال جنهن وقت هنن وٽ ويجهو پهتا ۽ انهن هن کي للڪارڻ شروع ڪيو ته گوڙ ڪري مرزا جي اک کلي ويئي.هو تيزي سان پنهنجي تيرن جي ترڪش طرف پلٽيو. هن ڏٺو ته اهو وڻ جي مٿان لٽڪي رهيو هو ۽ هن جي ويجهو صرف ٽي تير بچيل هئا. هو سمجهي ويو ته اهو ڪم صاحبان ئي ڪيو آهي، جنهن جي محبت مٿان پائرن جو پيار غالب پئجي ويو هو.

هن صاحبان کي سيالن سان سات ڏيڻ جو طعنو ڏنو ۽ پهريون ئي تير پوري طاقت سان شمير خان ڏانهن اڇلايو جيڪو شمير خان جي گهوڙي کي اچي لڳو ۽ هو پنهنجيءَ گهوڙي سوڌو اچي زمين تي ڪريو. ان کان پوءِ جو هو ٻيو تير هڻي ها، ته خود هن تي تيرن جي برسات ٿي وئي. هن جي جسم مان ڪيترائي رت جا فوارا وهڻ لڳا. هن ٻڌندڙ نظرن سان صاحبان کي ڏنو ۽ آهستگيءَ سان صاحبان کي چيو،" صاحبان، تو مون کي ڏوڪي سان مارائي ڇڏيو. ڪاش، تون ترڪش ۾ پيل تير وڻ تي نه لٽڪائين ها، ته مان ايئن بي بس نه ٿي پوان ها. تو صرف مون کي ئي نه پر پنهنجو پاڻ کي به مارائي ڇڏيو."

ٿيو به ائين ئي. تيرن جي برسات ۾ مرزا سان گڏ صاحبان به ماري ويئي. چون ٿا ته مرزا جي لاش کي اتي ئي ساڙيو ويو. ڪجهه شاعرن لکيو آهي ته صاحبان کي زندهه ڪيوا نيو ويو ۽ اتي ان کي قتل ڪيو ويو. مرزا جي گهوڙي " نيلي" جيڪا قتل غارت کان بچي ويئي هئي،سا جڏهن پنهنجن سوارن کان خالي دانا آباد پهتي ته اتي ڪهرام مچي ويو. سوار جو غائب هجڻ سيالن جي حيوانگيءَ جي داستان ٻڌائي رهيو هو.

مرزا جي ماءُ (۽ ڪجهه شاعرن جي مطابق پنهنجي چاچي ابراهيم سان گڏ) پنهنجي قبيلي جي سردار رحمون وٽ پهتي ۽ سيالن جي ظلمن جي داستان ٻڌائي ڪيس بدلي وٺڻ لاءِ چيو. ان تي ڪرلن پوري قوت سان ڪيوا تي حملو ڪيو ۽ شهر ۾ هرهنڌ ڏهڪاءُ ۽ تباهي اچي وئي. ماهڻي سيالن سان گڏوگڏ چڌڙ به قتل عام جي زد ۾ اچي ويا ۽ ايئن گلاب جي گلن جهڙي هنءَ محبت جي داستان جو توڙ قتل عام تي ختم ٿيو.

ڪن روايتن ۾ آهي ته ڪرل، مرزا ۽ صاحبان جا لاش به پنهنجو پاڻ سان ڪٽي آيا. پوري ڳوٺ ڪيوا ۾ ڪرل حملي ڪندڙن صرف هڪ مسجد ئي باقي ڇڏي، جنهن کي احترام طور تي ڇڏيو ويو هو. اها مسجد اڄ به اتي موجود آهي ۽ مرزا صاحبان جي لازوال محبت جي گواهي ڏيئي رهي آهي.

☆☆☆

ملائيشيا 12 سال بعد

الطاف شيخ

سنڌجي ڪنڊ ڪڙچ ۾ دلين تي راڄ ڪندڙ الطاف شيخ سنڌ ۾ "سفرنامي جو بادشاه" ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. سندس سفرنامه ملڪن جا سير ڪرائڻ کان علاوه معلوماتن جا ڳجها راز ظاهر ڪن ٿا سندس سفرنامه پڙهڻ سان ايئن محسوس ٿئي ٿو ته جڻ پڙهندڙ ملڪن جو خود سير ڪري رهيو آهي. باذوق پڙهندڙن جي خواهش تي الطاف شيخ جو سفرنامو شايع ڪيو پيو وڃي. آئينده به اهي سفرنامه جاري وساري رهندا.

اسلامي ملڪ ملائيشيا جي سير ۽ تفريح جو دلچسپ احوال

ڪوالالمپور جي ايئرپورٽ کان ٽئڪسي ذريعي هوٽل ۾ پهچي هوٽل جي Receptionتي موجود بڪنگ ڪلارڪ ڇوڪريءَ کي پنهنجو پاسپورٽ ۽ هوٽل ۾ ٿي راتيون رهائش جو ووچر ڏئي رهيو هوس ته ان ڪلارڪ جي پر ۾ بيٺل ٻي ڪلارڪ چيني ڇوڪريءَ وٽ هڪ نوجوان ڇوڪرو "چيڪ ان" ڪرڻ لاءِ آيو. هٿ ۾ بئگ ۽ ٽيلهو هوس ۽ جڏهن ٽڪيٽ ۽ پاسپورٽ ڪڍي اڳيان ڪائونٽر تي رکيائين ته سمجهي ويس ته نه فقط مون وانگر مسافر آهي پر هو به مون وانگر پاڪستاني (سائو پاسپورٽ هولڊر) آهي ۽ ساڳي جهاز جو مسافر آهي، جنهن ۾ آئون پاڪستان کان ملائيشيا پهتو هوس.ايئرپورٽ جي ٻاهران مون کي ڪا پبلڪ بس ته نظر نه آئي سو هي به پڪ مون وانگر پاڻ ڦرائي يعني وڏو ٻاڙو ڏيئي ٽئڪسيءَ ۾ پهتو هوندو. سامان به مون کان وڌيڪ هوس جنهن ڪري بس ۾ سواري ڪرڻ سولو ڪم نه آهي.

"ڪريو خبر توهان به ٽئڪسيءَ ۾ پهتائو؟" مون اڙدوءَ ۾ پڇيومانس.

"نه سر پلا آئون اسٽوڊنٽ ڪيئن ٿو ٽئڪسي افورڊ ڪري سگهان. جهاز ۾ هڪ ملئي همراهه سان عليڪ سليڪ ٿي وئي.اهو مون کي هتي ڊراپ ڪري ويو." هن وراڻيو.

"اهو سٺو ڪئي." مون چيومانس ۽ جيسين اسان کي ڪمرا ملڻ جو فيصلو ٿئي مون کانئس اهو معلوم ڪرڻ چاهيو ته هو هتي ملائيشيا ۾ ڇا پڙهڻ لاءِ آيو آهي. هو عمر ۾ پنجويهه کن سالن جو لڳي رهيو هو معنيٰ هن MBBSيا انجنيئرنگ B.Eيا ڪا ٻي ڊگري پاڪستان مان ڪئي هوندي ۽ هتي Post Graduationلاءِ آيو هوندو.

پر سواءِ آغا خان ميڊيڪل ڪاليج جي باقي ڪو به پاڪستاني ميڊيڪل

ڪاليج يا انجنيئرنگ يونيورسٽي ملائيشيا ۾ recognised ناهي ۽ ساڳي وقت ملائيشيا جو ڪو به رهاڪو پاڪستان مان ڊگري وٺي ايندو ته ان جي نه اها ڊگري قبول ڪئي ويندي ۽ نه نوڪري ملندس. البت انڊيا جا ڪيترائي انجنيئرنگ ۽ ميڊيڪل ڪاليج هتي ملائيشيا ۾ recognised آهن. ان بابت هر سال هتي جي اخبارن ۾ دنيا جي معياري ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي لسٽ ڇپبي رهي ٿي. جيئن ملائيشيا جو ڪو به شاگرد پئسو ۽ وقت ضايع ڪري غلط تعليمي ادارن مان ڊگريون نه وٺي اچي جن جو تعليمي معيار بنهه جهڙو تهڙو آهي.ان معاملي ۾ملائيشيئن اهڙاسونجهڙا آهن جو انگلينڊ جي به هر تعليمي اداري کي قبول نٿا ڪن. منهنجي خيال ۾ پنهنجي ملڪ جي

ڊاڪٽرن ،انجنيئرن،سائنسدانن ۽ پروفيسرن وغيره جي علمي ڄاڻ ۽ معيار بلند رکڻ لاءِ اهو ضروري آهي، نہ تہ ويندي انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ اهڙا ڪيترائي ٽڙڪو قسم جا اسڪول ۽ ڪاليج ڪلي ويا اهن جن جا نالا ڊگها ڊگها ۽ ور وڪڙن وارا آهن پر تعليم جو ڪو حال ناهي. بس داخلا في ۽ ٽيوشن في جمع ڪرائيندا رهو ۽ وقت کان پلي اڳ ئي ڊگري وٺي وڃو.

شايد اهڙين ڳالهين کي ڏيان ۾ رکي هتي جي هڪ مشهور ڪارٽونسٽ جو اخبار ۾ ڪارٽون ڇپيو هو تہ ملئي ماءُ پيءُ ڪوالالمپور کان پڳ ٻڌي لنڊن پهتا هئا تہ ڏسون تہ سندن پٽ ان وڏي نالي واري يونيورسٽي يا ڪاليج ۾ ڇا پيو پڙهي. لنڊن پهچي خبر پيئن تہ اها يونيورسٽي يا ڪاليج ڇا آهي هڪ ٻماڙ ڀڳل گهر آهي ۽ هڪ اهڙي علاقي ۾ آهي جتي ناچ گهر، جوا خانا ۽ چڪلا آهن ۽ سڄو ڏينهن موالي قسم جي ماڻهن جو مجموعو لڳو رهي ٿو. يعني سندن چوڪرو هونءَ خراب نہ ٿئي تہ هيئن تہ ضرور ٿئي. هونءَ باءِ دي وي اسي واري ڏهاڪي جي ڪنهن آخري سال ۾ ملائيشيا جي اخبار ۾ هتي جي ماڻهن کي حيرت ۾ وجهڻ لاءِ ڪنهن پاڪستاني اخبار جي حوالي سان LMC(لياقت ميڊيڪل ڪاليج) جي اها بہ خبر ڇپي هئي تہ ٽرڊ ييئر جي شاگردن (يا شايد آخري سال جي شاگردن) اسٽرائيڪ ڪئي آهي تہ جيئن تہ سڄو سال پڙهائي نہ ٿي آهي ان ڪري ڪين بنا امتحان جي پاس ڪيو وڃي.

هونءَ اسان جي ملڪ جا شاگرد صفا چٽ بہ نہ آهن.اسان جي هڏي ماحول ۽ تعليمي ادارن مان بہ همٿ ڪري پڙهي نڪرن تا ۽ جتي ڪا نوڪري يا وڏيڪ تعليم ۽ سڪالر لاءِ مقابلو ۽ entry testآهي تہ ڪيترا بين الاقوامي معيار جي چونڊ ۾ بہ ملهہ ماريو وڃن.ڪجهہ سال (ڇهہ ست سال کن) اڳ ملائيشيا کي انجنيئرن جي ضرورت پيئي. ڪجهہ انديا، فلپين، سنگا پور مان گهرايائون اڃان بہ ڪجهہ جي ضرورت هئي سو هتان ملائيشياڪان هڪ ٽيم چونڊ لاءِ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي پهچي ان سال جي Graduatesجو انٽرويو وٺي ٻہ ڇٽا چونڊيا. هڪ تہ اسانجي ڳوٺ (هالا) جو ڇوڪرو لڇمڻ تارا چند هو جنهن سان منهنجي هتي ملائيشيا ۾ ملاقات پڻ ٿي. پاڻ اڄ ڪلهہ Sedayaانٽرنيشنل ڪاليج جو هيڊ آهي. هتي رهي انجنيئرنگ ۾ پوسٽ گرئجيوئيشن بہ ڪئي اٿس ۽ سندس محنت ۽ تعليمي ڄاڻ جو هر هڪ قدر ڪري ٿو. اڄ جي نوجوان کي رهنمائي حاصل ڪرڻ لاءِ هن جي اي ميل ائڊريس ڏئي رهيو آهيان.

my .edu.sedaya.lachmant

۽ پوسٽل ائڊريس هيءَ آهي.

Sadaya international College
،1 Jalan Manish ،11
Cheras ،Taman Segar
Ma–Kuala Lumpur 560100

layasia

سدايا ڪاليج ۽ سدايا يونيورسٽيءَ جون برانچون ڪچنگ (سراواڪ) بورنيو ٻيٽ تي، ڊاڪا (بنگلاديش) ۾ ۽ جڪارتا (انڊونيشيا) ۾ آهن ۽ وڌيڪ معلومات لاءِ هيءَ ويب سائيٽ آهي:

my.edu.sedaya.www

بهرحال پاڻ هن نوجوان جي ڳالهه تي اچون جيڪو مون سان گڏ هوٽل پرل انٽرنيشنل ۾ ڪمرو بڪ ڪرائڻ لاءِ پهتو هو ۽ هو اسٽوڊنٽ جي حيثيت سان پنهنجو وطن ڇڏي هتي آيو هو.منهنجي پڇڻ تي هن ٻڌايو ته هن ڪراچيءَ مان مئٽس ۽ فزڪس ۾ Bsc۽ انڊسٽريل -in strumentation۾ ڊپلوما ڪئي آهي ۽ هاڻ هو وڌيڪ تعليم لاءِ نيوزيلئنڊ وڃي رهيو آهي. هن پنهنجو نالو سيد نعمان عظمت ٻڌايو. ان وقت ته ساڻس وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ٿي نه سگهي جو هڪ ته آئون ٽڪل ۽ ننڍاڪڙو هوس ۽ ٻيو ته اها ڪا اهڙي خاص ڳالهه نه هئي جنهن ۾ آئون دلچسپي وٺي معلومات حاصل ڪريان. ڪيترائي شاگرد نيوزيلئنڊ، آسٽريليا ۽ سنگاپور پڙهڻ يا نوڪريءَ لاءِ وڃن پيا ۽ رستي تي ڪوالالمپور يا بئنڪاڪ ۾ گهمڻ لاءِ ترسيو پون جيڪا هڪ اسٽوڊنٽ لاءِ غلط ڳالهه آهي. هن جو ڪم آهي ته مائٽن کي خدا حافظ چوڻ بعد پنهنجو ٽيلهو ۽ رلي ڪٽي سڌو ڪاليج يونيورسٽي واري شهر ۾ پهچي وڃي.رستي تي ٻين ملڪن جي شهرن ۾ ڇو ترسجي! ڪجهه ٿي پوي ته نه يونيورسٽي وارن کي خبر نه مائٽن کي... بهر حال ان وقت اهي خيال دل ۾ تاتيندو، چاهي وٺي پنهنجي ڪمري ۾ پهتس ۽ پوءِ ننڊون ڪري شام جو هوٽل ٻاهران شاپنگ سينٽر جي مختلف دڪانن ۽ ماڻهن جو جائزو وٺي رهيو هوس ته هي صبح وارو اسٽوڊنٽ نعمان مليو.

"سر! ڪيئن آهيو؟ چهل قدمي پيا ڪريو؟" هن سٺي انگريزيءَ ۾ مون کي ڪيڪاري حال احوال پڇيو. هو ايتري سٺي انگريزي ڳالهائيندو رهيو جو مون کي گمان ٿيو ته هي يا ته برٽش citizen آهي يا ڪراچيءَ جي نه فقط convent اسڪولن مان پڙهيو آهي پر سندس گهر ۾ به انگريزي ڳالهائي وڃي ٿي. آخر اڳتي هلي جڏهن پڇيو مانس ته منهنجا ٻئي خيال غلط ثابت ٿيا.

"نه سر! آئون ته لالو ڪيت جي هڪ عام اسڪول مان پڙهيو آهيان ۽ گلشن اقبال جي هڪ ڪاليج مان B. Scڪئي اٿم." هن ٻڌايو.

"پر لڳي نٿو. تنهنجي انگريزي ڏاڍي سٺي آهي." مون چيومانس.

"انڪري جو مون پاڻ ئي محنت ڪئي آهي. منهنجو والد عظمت علي جيڪو سنڌ گورنمينٽ ۾ هڪ ننڍڙو آفيسر (لئبر آفيسر) آهي اسان کي هميشه محنت جو سبق ڏيندو رهي ٿو. گهر کان ٻاهر وڃي ڪڏهن به وقت ضايع ڪرڻ لاءِ نه ڇڏيندو آهي." هن ٻڌايو.

"اهو تنهنجي ڳالهائڻ ۽ معلومات مان لڳي ٿو." مون چيومانس.

"ها سر، ايترو ضرور آهي تہ مون برٽش قونصل مان ٻن سالن جو انگريزيءَ جو ڪورس ڪيو آهي."

"پلا هتي ملائيشيا ڪيئن اچڻ ٿيو آهي." مون پڇيومانس.

"هتي آئون دراصل نيوزيلئنڊ جي ويزا وٺڻ لاءِ آيو آهيان. 11 سيپٽمبر بعد پاڪستان ۾ نيوزيلئنڊ جو سفارتخانو (High Commission) بند ٿي ويئي ان ڪري هاڻ ويزا لاءِ هتي ملائيشيا اچڻ پوي ٿو.هونءَ تہ هتي ڪان بہ سنگاپور bestهو پر سنگاپور وارن بہ اسان پاڪستانين جي اچڻ تي بندش وجهي ڇڏي آهي ان ڪري ڪوالالمپور ئي وڃي ٻڌيو آهي. مون کي ڪوالالمپور ۾ رهڻ لاءِ هفتي جي ويزا ملي اهي.انشاءَ الله ڏينهن ٻن ۾ نيوزيلئنڊ جي سفارتخاني مان ويزا ملي ويندي ۽ آئون اوڏانهن هليو ويندس."

نعمان جي اها ڳالهہ ٻڌي مون کي سندس هتي اچڻ جي مجبوري سمجهہ ۾ آئي. ان سان گڏ ڏک بہ ٿيم تہ اسان جو ملڪ ايڏو بدنام ٿي ويو آهي جو نيوزيلئنڊ ۽ آسٽريليا جهڙن ملڪن جي ويزا لاءِ بہ اسان جي شاگردن کي جهد پٽڻا يون ٿا نہ تہ اهو بہ ڪو وقت هو جو جپان جهڙن ملڪن ۾ بہ ائين هليو وڃبو هو ۽ هانگ ڪانگ، ڪوريا، سنگاپور ۽ ملائيشيا جهڙا ملڪ تہ اسان تي ساهہ صدقو پيا ڪندا هئا.

ڪراچي ڇڏڻ وقت منهنجي هڪ جهازي دوست ڪئپٽن محبوب کي جڏهن خبر پيئي تہ آئون ملائيشيا وڃي رهيو آهيان تہ هن يڪدم فون ڪري پڇيو تہ مون ملائيشيا جي ويزا ڪيئن حاصل ڪئي.

"ڇو پلا؟" مون حيرت مان پڇيو تہ هو اهڙو سوال ڇو ڪري رهيو آهي.

"يار منهنجي پٽ کي نيوزيلئنڊ جي ويزا وٺڻ لاءِ ملائيشيا وڃڻو آهي." هن ٻڌايو هو ۽ هاڻ نعمان جي ڳالهہ ٻڌي سمجهہ ۾ آيو تہ انگلينڊ ۽ آمريڪا (USA) اسان لاءِ ڏکيو ٿيڻ ڪري اسان جي ملڪ جا شاگرد نيوزيلئنڊ ۽ آسٽريليا ڏي وڃي رهيا آهن پر مونکي هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي ۽ نعمان کان پڇيم:

"توهان ڪراچي کان ڪوالالمپور ۽ ڪوالالمپور کان نيوزيلئنڊ جي ٽڪيٽ وٺي هتي آيا آهيو. ڇا ويزا ملڻ جي پڪ اٿانوَ؟"

"ها گهڻي ڀاڱي سمجهو تہ پڪ آهي. ڇو جو نيوزيلئنڊ جي ويزا لاءِ نيوزيلئنڊ جي ڪنهن يونيورسٽي يا ڪاليج ۾ داخل وٺڻ جو شرط آهي" نعمان ٻڌايو.

"۽ اها داخلا؟" مون پڇيو.

"اها مون ڪراچيءَ ۾ ئي وٺي ڇڏي ۽ ان جي فين جي رسيد ۽ ليٽر اٿم" هن ٻڌايو.

"ڪراچي مان ڪيئن داخلا ورتئي؟" مون پڇيومانس.

"انٽرنيٽ ذريعي نيوزيلئنڊ جي هن ڪاليج جي ڳولا ۽ چونڊ ڪيم.ان بعد ڪين

پنهنجا particulars ۽ ميل ذريعي موڪليم ۽ منهنجي داخلا جي رضامندي بعد داخلا فيي ۽ پهرين سيمسٽر جي payment جو ڊرافٽ ٺهرائي DHL ڪوريئر ذريعي موڪليم ۽ داخلا ٿي وئي."

"پلا جنهن سبجڪيٽ ۾ توهان داخلا ورتي آهي اهو ڪو اهڙو خاص ته نه آهي." مون چيو.

"ڪنهن خاص سبجيڪٽ ۾ داخلا ملي به نه ٿي سگهي جو مون هڪ عام Bsc ڪئي آهي. هتي جي داخلا ۾ فقط اهو Charm آهي جو به سال هتي نيوزيلئنڊ ۾ پڙهڻ بعد ٽيون (آخري سال) مونکي ڪاليج طرفان انگلينڊ ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو ويندو، جتي آئون ڪا نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري سگهان ٿو."

"پلا نيوزيلئنڊ ۾ رهائش جو ڇا سلسلو رهندو؟" مون پڇيو مانس.

"ان لاءِ اتي settled ٿيل هڪ پاڪستاني فئمليءَ سان مون internet ذريعي رابطو قائم ڪيو آهي ته هنن وٽ پيئنگ گيسٽ ٿي رهندس ۽ هنن مون کي شام جي وقت پارٽ ٽائيم جاب به وٺي ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي. جيئن آئون نوڪري ڪري پنهنجي پڙهائيءَ جو ڪجهه خرچ پوروڪري سگهان." نعمان ٻڌايو.

نعمان کي پوءِ ٻن ڏينهن ۾ نيوزيلئنڊ جي ويزا ملي وئي ۽ ٽئي ڏينهن هو هوٽل ڇڏي نيوزليئنڊ وڃڻ لاءِ ايئرپورٽ ڏي روانو ٿي ويو. ان وقت آئون هيٺ هوٽل جي ريسيپشن واري هال ۾ ٿي هوس ته هو مون کان موڪلائڻ آيو.مون سندس تصوير پڻ ڪڍي.هن کي هر وقت پنهنجي مستقبل، پنهنجي پڙهائيءَ ۽ پنهنجي والدين جو خيال هو جن هتان هتان ٿي لک رپيا ڪن گڏ ڪري ڪيس ايندڙ سال جي رهائش خرچ پڪي لاءِ ڏنا هئا.

"ملائيشيا ۾ ٻه ڏينهن رهڻ دوران، ڇا ڇا ڏٺئه؟"

"سر پنڌ ئي پنڌ جيترو ٿي سگهيو اڪين سان ڏسندو رهيس." هن وراڻيو.

"پلا دنيا جي وڏي عمارت پيٽروناس ٽاور ڏٺئه؟" مون پڇيو مانس.

ها.ڪالهه اتي پهتس. ڏاڍو شوق هوم ته اندر گهمي ڏسان پر خبر پيئي ته ان جي ٽي ڊالر ڪن في رڪيل آهي ۽ ان ڪري مجبور موٽي آيس. آئون هڪ هڪ رپيو سوچي سمجهي خرچ ڪرڻ چاهيان ٿو جو مون وٽ اهي ٿي آهن جنهن مان مون کي سڀ ڪجهه ڪرڻو آهي." هن وراڻيو.

نعمان ٽئڪسيءَ ۾ چڙهڻ وقت ڪجهه اداس ۽ اڪيلو محسوس ڪري رهيو هو. ظاهر آهي اڪيلي سر پهريون دفعو هڪ نئين دنيا ۾ پهتو هو ۽ هاڻ اجان به پري واري ۽ هڪ ويتر نئين دنيا ڏي وڃي رهيو هو جتي، هر چار درجا پڙهيل نوجوان روزمرهه جي اخبار ۽ ٽي وي خبرن مان اندازو لڳائي سگهي ٿو ته اتي، هڪ مسلمان، خاص ڪري هڪ پاڪستانيءَ لاءِ رڌو نه پيو ٿري. هن کي

جيئڻ لاءِ، هن کي پنهنجو نالو سنائيءَ جي ڪالر ۾ آڻڻ لاءِ، سخت محنت ۽ قربانيون ڏيڻيون پونديون.هي ايئن آهي جيئن ڪو عرب جبو پائي حيدرآباد يا ڪراچي پهچي وڃي ته اسان هن کي اميرنيڪ ۽ سخي مڙس سمجهنڊاسين جيستائين ڪو غلط ڪر نه ڪري. بلڪ ڪو غلط ڪر ڪرڻ تي به. مثال طور ڪنهن دڪان مان خريداري ڪندي ڪا شيءِ چوري جي نيت سان ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيندو ته به اسان مان ڪيترا ماڻهو چوندا ته ائين ئي پل ۾ ڪنئي اتس ۽ هوڏانهن اسين پاڪستاني اهڙا بدنام آهيون جو جدي، رياض توڙي مڪي مدينی ۾ ڪنهن کي خبر ٿي پوي ته فلاڻو پاڪستاني آهي ته مڪاني عرب هن کان پاسو ٿو ڪري ته هي ڪنگلو غريب، نڳ ۽ ڪنجوس آهي.ڪنهن پاڪستانيءَ کان دمام، جدي يا ينبو جي ڪنهن ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ پل ۾ ڪا سُئي يا ڊيري سامان ۾ ڪڇي وڃي ته هر ڪو چوندو ته هن جي نيت چوريءَ تي هئي

سو اهو ته آهي اسانجو اميج اسان جي پنهنجن مسلمان ملڪن ۾ ۽ نيوزيلئنڊ ۽ آسٽريليا جيڪي اسان جا مائٽ نه پر برطانيا ۽ USAوارن جا چاچا ماما تيا اتي اسان کي ڇا تا سمجهن،ان جو احساس هنن ملڪن ۾ پهچي ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيڏو به سٺو ٿي هل ته به هن جي ذهن ۾ اسان لاءِ ايڏو خراب impressionوينل آهي. جو هو اسان جي ان سنائيءَ کي به شڪ جي نگاهه سان ڏسن تا ۽ ان جو مثال هن قصي مان لڳائي سگهجي ٿو. چون تا ته نيويارڪ شهر ۾ هڪ پاڳل ڪتي ڪنهن ٻار کي چڪ ٿي هنيو ته هڪ ماڻهوءَ يڪدم پنهنجو ڪوٽ لاهي ڪتي جي وات ۾ وڌو ۽ خوفناڪ ڪتي کي گهٽو ڏئي ماري ڇڏيو. چوڌاري واهه واهه ٿي وئي. هڻي بهادري جي خبر حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي اخباري نمائندا پهچي ويا ته هڪ همراهه پنهنجي جان جي بازي لڳائي ظالم ڪتي کي ماريو ۽ هڪ معصوم ٻارڙي جي جان بچائي. هر رپورٽر ان همراهه جو انٽرويو وٺڻ لاءِ وڌيو.

پر جڏهن هنن کي خبر پيئي ته اهو همراهه پاڪستاني آهي ته ٻئي ڏينهن اخبار ۾ خبر هن ريت آئي ته هڪ ظالم پاڪستانيءَ ڪتي جهڙي وفادار دوست سان ظلم ڪيو. هن جي منهن ۾ ڪپڙو وجهي هن جو ساهه گهٽيو ۽ پوءِ هن غريب کي گهٽا ڏيئي ماري ڇڏيو.

سو هن نوجوان به سمجهيو ٿي ته جنهن ملڪ نيوزيلئنڊ ۾ وڃي رهيو آهي ان جو ماحول ڪو دوستاڻو ناهي. پنهنجو پاڻ کي اتي جي ماحول ۽ سوسائٽيءَ ۾ فٽ ڪرڻ لاءِ هن کي وڏي محنت ۽ جفاڪشي ڪرڻي پوندي. هو ٽئڪسيءَ ۾ ويهڻ وقت به ڏري ڏري چئي رهيو هو ته "سر، دعا ڪجو."

"تنهنجي چوڻ کان اڳ مون تو لاءِ دعا شروع ڪري ڇڏي آهي." مون چيومانس، "۽ مون کي اميد آهي ته انشاءَ الله تون پنهنجن نيڪ مقصدن ۾ ڪامياب

ٿيندين، ڇو جو تون بيحد محنتي آهين. توکي ماءُ پيءُ جو احساس آهي ۽ توکي اڳتي وڌڻ جي جستجو آهي.آئون پاڪستان پهچي تنهنجي والد عظمت علي صاحب کي 5388783 تي فون ڪري تنهنجي هيستائين جي سفر جو ضرور ٻڌائيندس." ۽ پوءِ هوٽل جي ڪمري تي پهچي دل ۾ اهو به پڪو پهه ڪيم ته هن نوجوان بابت ڪجهه سٺون ضرور لکندس. جيئن پڙهندڙن کي نعمان جي همت مان Inspiration(اتساهه) ملي سگهي ۽ ڪين معلوم ٿئي ته اڄ ڪلهه وقت جي تقاضا ڇا آهي، دنيا جي گولي تي اسان جي ملڪ جي حيثيت ڪهڙي آهي ۽ هڪ پاڪستانيءَ کي جيئڻ لاءِ ڇا جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي. هڪڙا ملڪ آهن جن ۾ انهن جي باشندن کي ڄمڻ کان مرڻ تائين صحت،تعليم ۽ رهائش کان نوڪري ۽ پينشن تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ رهندي ئي مليو وڃي ۽ ٻي پاسي اسان پاڪستانين کي تعليم توڙي روزگار لاءِ ڌارين ملڪن ۾ ڌڪا کائڻا پون ٿا.

☆☆☆

ڪراچي ڇڏڻ وقت پاڻ سان جاگر جوتو به کنيو هوم. اهو سوچي ملائيشيا پهچي روز شام جو واڪ ڪندس. لڳي ٿو اها منهجي خاص هابي آهي. جنهن شهر ۾ به هوندو آهيان ته وچين نماز کانپوءِ پنڌ ئي پنڌ نڪري پوندو آهيان. سڌو ئي سڌو پيو ويندو آهيان. هڪ ڏينهن هڪ طرف ته ٻئي ڏينهن ٻي طرف پوءِ رستي تي ايندڙ دڪان،آفيسون، گهر، هوٽلون ويندي ميدان يا ٻنيون ٻار ڏسندو ويندو آهيان. ساڳي وقت رستا به ياد ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ ڪڏهن ڪار ۾ نڪرڻو پوندو آهي ته رستي ڳولڻ يا ڪار لاءِ پارڪنگ هٿ ڪرڻ ۾ تڪليف نه ٿيندي آهي.

بهر حال پهرين ڏينهن نه واڪ لاءِ نڪتس نه بس يا ٽئڪسي ڪري شهر ڏي ويس.هن هوٽل جي چوڌاري ۽ پر ۾ نهيل ڪامپليڪس ۾ ئي شهر لڳو پيو هو.هر قسم جا دڪان، سپر مارڪيٽون، هوٽلون ۽ بيڪري شاپ هئا. دڪانن ۾ گهڻا اليڪٽرانڪ جا دڪان هئا. سي ڊي پليئر، ٽي ويون ۽ خاص ڪري موبائيل فون. نوڪيا نالي ڪمپنيءَ جا فون ڏاڍا پئي وڪيا.ٻارهن سال کن اڳ ملائيشيا ڇڏڻ وقت موبائيل فون وڏي ڳالهه سمجهيو ويو ٿي پر ان کي چارج رکڻ جو مسئلو هو جو هروقت ڪار جي بيٽريءَ سان Connectڪري رکيو ويو ٿي.بلڪ ان فون کي ڪار فون سڏيو ويو ٿي. مون کي ياد آهي ملاڪا رياست ۾ اهڙو پهريون فون ملاڪا جي گورنر ورتو هو ۽ وڏي فخر سان ان جو نمبر ڏيندو هو ۽ يوءِ سال اڌ بعد جلدي ئي هٿ ۾ ڪٽي هلڻ جو فون اچي ويو جنهن کي هن پاسي اڃان به هئنڊ فون ئي سڏين ٿا. پر شروع وارو اهو موبائيل (هئنڊ) فون ڪافي وڏو ۽ ڳرو هوندو هو ۽ اهو به پهرين گورنر کي ڏنوسين. شام جي وقت گولف کيڏڻ ايندو هو ته سندس نوڪر ڳچيءَ ۾ پاٽيءَ

جو ترماس ۽ هٿ ۾ هي فون کڻي سندس پٽيان هلندو هو.

هڪ ٻہ ڪپڙي جي دڪانن ۾ گهڙيس ۽ ريڊي ميڊ قميصون ڏٺم. ملائيشيا ۾ دنيا جي ڪيترين ئي ڪمپنين جي قميصن جون فئڪٽريون آهن. انهن ملن کان ڪپڙو ۽ ڊزائين اچي ٿي ۽ هتي جي فري ايڪسپورٽ زون ۾ موجود ڪارخانن ۾ قميصون ٺهي انهن ملڪن ڏي روانيون ٿين ٿيون ۽ انهن مان ڪجهہ هتي جي دڪانن ۾ ٻہ وڪامن ٿيون. اهڙي طرح مختلف ڪمپنين سوني، سانيو، نئشنل، فلپ، سنگر وغيره جا ريڊيو، ٽيپ رڪارڊر، ٽي ويون ۽ ٻيون شيون هتي ٺهي واپس جپان يا ٻين ملڪن ۾ وڪري لاءِ وڃن ٿيون. ڪپڙي جي دڪانن ۾رسان بوٽن جا ٻہ دڪان هئا.هڪ ٻہ شيون وٺڻ تي دل ڏاڍو چئي رهي هئي پر پاڻ کي خبردار ڪري ان ڳالهہ تان لهي ويس."هن وقت خريداري ڪرڻ پاڻ لاءِ مصيبت پيدا ڪرڻ آهي. پنهنجو پاڻ ڊوئڻ لاءِ بار وڌائڻ آهي ڇو جو ملائيشيا ۾ اڃان خبر ناهي ڪيترا ڏينهن رهڻو پوي ۽ خبرناهي ڪهڙن ڪهڙن شهرن ۾ وڃڻو پوي. ڪٿي ڪٿي هي بار ڊوئيندو رهندس." پنهنجي ننڍڙي ڪاپيءَ ۾ هنن دڪانن جا نالا لکي ڇڏيم تہ آخري ٻن ڏينهن ۾ اهڙي شيءَ ڪنهن ٻئي هنڌ نہ ملي تہ بس ۾ چڙهي هن دڪان مان اهي جوتا ۽ قميصون وٺي ويندس."

دڪانن ۾ ۽ دڪانن کان ٻاهر ملندڙ ماڻهن، چيني، ملئي، انڊين، ننڍن وڏن، ڇوڪرين، مردن، عورتن سان ٻہ ڳالهائيندو رهيس. ڇڻ ڏاڙئين ملڪ کان ڳوٺ پهتو هجان ۽ پنهنجي مادري زبان سنڌي ڳالهائي مزو اچي رهيو هجي.هي ملڪ ڪٿي منهنجو ناهي،هڪ ڏورانهون ۽ ڏاريون ملڪ آهي پر هن ۾ ايڏو وڏو عرصو رهي ويو آهيان جو ڇڻ پنهنجي ڳوٺ وانگر ٿو لڳي ۽ ملئي زبان کان واقفيت هجڻ ڪري ڪا ٻہ اوپرائپ محسوس نٿي ٿئي. دڪاندار ۽ خريدار جيڪا زبان (ملئي) ڳالهائي رهيا آهن اها آئون ٻہ سمجهي رهيو آهيان. ڪراچي ڇڏڻ وقت مون کي ائين پئي لڳو ڇڻ هاڻ آئون ملئي زبان ڳالهائي نہ سگهندس. ظاهر آهي زبان جيڪا يڪا ٻارنهن سال نہ ڳالهائي هجيم ڪيئن تي ياد اچي. پر ڪوالالمپور جي ايئرپورٽ پهچڻ سان ٻين کي ڳالهائيندو ٻڌي آئون ٻہ شروع تي ويس ۽ مون کي تعجب لڳو تہ ڪيئن نہ ڏکيا ڏکيا لفظ ٻہ ايندا ويا. اهو مون لاءِ هڪ نئون تجربو هو. جيتوڻيڪ مون اهو ئي پئي سوچيو تہ هاڻ ملئي زبان ۾ ڳالهائڻ بدران انگريزيءَ ۾ ئي ڳالهائيندس. بهرحال ڏارين ملڪن ۾ رهندڙ نوجوانن کي هڪ دفعو آئون وري ساڳي نصيحت ڪندس تہ جيتريقدر تي سگهي مقامي زبان سکجي ۽ جيترو جلد ۽ گهٽو سکندائو اوترو توهان کي ان ملڪ ۾ رهڻ ۾ آساني رهندي ۽ ان ملڪ جو ڪلچر،گانا، راڳ، چرچا پوڳ enjoyڪري سگهندائو.

هوٽل جي بيڪري شاپ مان ڪجهہ بسڪيٽ وٺي رهيو هوس تہ پر ۾

ٻہ ڇوڪريون ڪجهہ خريداري لاءِ اچي بيٺيون. ويهن سالن کن جون ٿينديون. ٻئي ملئي ڳالهائي رهيون هيون ۽ شڪل مان بہ ملئي لڳيون ٿي پر سندن چهرو typical ملئي نہ هو.هڪ جو گول ۽ لسو منهن هو ۽ رنگ بيحد اڇو هو.سندس مٿو اڇي رومال (حجاب) سان ڍڪيل هو جنهن رومال کي ملئي زبان ۾ تودونگ سڏجي ٿو جيئن ايران ۾ روسري. بهرحال ڪنهن کي ان قسم جو حجاب ٻڌل آهي تہ پوءِ اها سئو فيصد مسلمان ئي ٿي. هونءَ شروع وارن سالن ۾ يعني ستر واري ڏهي ۾ جڏهن آئون جهاز تي هوس تہ ملائيشيا جي نوجوان ڇوڪرين ۾ مٿو ڍڪڻ ايترو عام نہ هو. اڪثر پوڙهين مائين ۽ ڳوٺاڻين عورتن جا مٿا ڍڪيل هوندا هئا سي بہ ڪنهن عام ۽ سادي پوتڙي سان. پوءِ اسيءَ واري ڏهي جي آخري سالن ۾ آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ڪيترين ئي ملئي ڇوڪريون پنهنجو مٿو خوبصورت رومالن سان ڍڪڻ لڳيون. خاص ڪري ملائيشيا جي اوڀر واري ڪناري جي رياستن ڪيلنتان ۽ ترنگانو جون، جتي مذهبي تحريڪ "الارقم" ۽ سياسي مذهبي پارٽي PAS جو تمام گهڻو زور آهي. 1991ع ڌاري ملائيشيا ڇڏڻ وقت مون کي گمان هو تہ جنهن رفتار سان ملائيشيا ماڊرن ٿي رهيو آهي ۽ دنيا جا ٻي وي چئنل ۽ انٽرنيٽ سسٽم ڪاميابي حاصل ڪري رهيو آهي. تنهن سان هتي جا ماڻهو مذهب کان پري ٿي ويندا پر ٻارهن سالن بعد هتي پهچي مون کي محسوس ٿيو تہ اهو منهنجو خيال غلط هو. ماڊرن ٿيڻ سان گڏ هتي جا ماڻهو مذهبي بہ ٿي پيا آهن يعني خرابين جي عام جام هجڻ جي باوجود ڪيترا پنهنجو پاڻ بچايو ويٺا آهن.شايد هنن ماڻهن ۽ ماحول لاءِ شاهہ لطيف چيو هجي.

مون کي مون پرين ٻڌي وڏو ٻار ۾.
آيا ائين چون متان پاڻ پسائين.

هوٽل جي ڀر واري مسجد ۾ مغرب جي نماز پڙهڻ بعد ان مسجد جي نوجوان ۽ پڙهيل ڳڙهيل پيش امام سان جڏهن ان بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪيم تہ هن ڏاڍو سٺو لاجڪ پيش ڪيو. "تنان (سائين) ڏسڻ" هن چيو، "اها حقيقت آهي تہ اڄ ڪلهہ نہ رڳو دنيا جون خرابيون اسان جي سامهون عام آهن پر انهن ۾ ڪشش بہ وڌي ويئي آهي. جيئن اڄ ڪلهہ بيماريون ۽ انهن کي پئدا ڪندڙ جراثيم وڌي ويا آهن. اهڙيون اهڙيون بيماريون ۽ جراثيم جن بابت اڄ کان فقط هڪ سؤ سال اڳ جي انسانن ٻڌو بہ نہ هو.پر پوءِ انهن بيمارين جا علاج ڪرڻ وارا ڊاڪٽر ۽ سرجن بہ تہ اعليٰ درجي جا ٿي ويا آهن. دوائون بہ تہ اهڙيون ئي ايجاد ٿي ويون آهن. اهڙي طرح جتي معاشري ۾ برايون ۽ بيڙايون وڌي ويون آهن اتي انهن جي خطري جو چتاءُ ڏيڻ وارا عالم ۽ نيڪ ماڻهو. مذهب ڏي لاڙو ڏيارڻ وارا مولوي ۽ تعليم يافتہ بہ ان پئماني جا پئدا ٿي پيا آهن جن کي اڄ بہ سمجهدار ماڻهو فالو ڪن ٿا."

هن پيش امام جي ڳالهہ ۾ وزن

مون کي هيڪاندو تڏهن محسوس ٿيو جڏهن ايندڙ ڏينهن ملائيشيا جي مختلف شهرن ۾ مختلف ماڻهن سان مليس. دوستن ۽ واقفڪارن جي گهرن ۾ رهي انهن جي ٻارن کي ڏٺم، جتي راندين ((Video Games ۽ مغربي فلمن جا ڪئسٽ ۽ سي ڊي نظر آيا اتي ڪيترن گهرن ۾ دنيا جي عالمن ۽ مولوين جي تقريرن ۽ واعظن جا پڻ ڪتاب، ڪئسٽ ۽ سي ڊي نظر آيا ۽ اڏڪان وڏيڪ يونيورسٽين ۽ پروفيشنل ڪاليجن جي ملئي (مسلمان) ڇوڪرين کي تودونگ (حجاب) سان مٿو ڍڪي فخر سان هلندو ڏٺم.

بهرحال ان رات هوٽل جي بيڪري شاپ ۾ هڪ جو مٿو ڍڪيل هو ٻيءَ کي جينز جي جئڪيٽ ۽ ٽائيٽ پينٽ هئي ۽ مٿو اگهاڙو هو. سندس منهن جا نقش چينين ۽ جپانين وانگر Unreadable هجڻ بدران ننڍي ڪنڊ جي ماڻهن وانگر Sharp هئا جيتوڻيڪ نڪ عام ملئي عورتن وانگر پڪوڙي جهڙو هوس. رنگ ملئين کان ٿور صاف اسان جهڙو هوس. مون ڪين غور سان ڏٺو ته ڪلڻ لڳيون.

"اورانگ ملايو؟" مون پڇيو مان. اهو ائين آهي جيئن ڪنهن کي چئجي ته سنڌي ماڻهو آهيو؟ دراصل ملئي لفظ Orang هڙو آهي. جنهن جي معنيٰ انسان، آدمي، شخص، لوگ ..... Human Being، man سنڌي کان بهتر ۽ ويجهي سنڌي لفظ ماڻهو آهي ۽ ملايو معنيٰ ملئي."نگري ملايو" معنيٰ ملئي ماڻهن جو ملڪ، "بهاسا ملايو" معنيٰ ملئي زبان اهڙي طرح "اورانگ ملايو" معنيٰ ملئي ماڻهو. ملائيشيا جي ريل گاڏيءَ جو يا ريلوي ڊارٽمينٽ جو نالو TM (Keretaapi Tanah Melayu) آهي معنيٰ ملايا جي ڌرتيءَ جي آگ گاڏي (يعني ريل گاڏي.)

Yah! Tetapi ibu saya cina

(جي ها! پر منهنجي ماءُ چينياڻي آهي)

اچي رنگ واري ڇوڪريءَ جواب ڏنو ۽ ان سان گڏ مون کان پڇيو ته آئون ڪير آهيان. منهنجي اهو ٻڌائڻ تي ته آئون پاڪستاني آهيان جينز واري ڇوڪريءَ حيرت جو اظهار ڪندي چيو ته آئون پڻ پاڪستاني آهيان.

"Can you speak urdu؟"

مون ڪانئس انگريزيءَ ۾ پڇيو.

"نه." هن انگريزيءَ ۾ ئي جواب ڏنو. "منهنجو ڏاڏو پنجابي هو. منهنجي ڏاڏي ٻڌائي ٿي ته هو ٻي وڏي لڙائي ختم ٿيڻ بعد پنهنجي ڳوٺ ويو ته وري نه موٽيو."

بهرحال ملائيشيا ۾ ڪيترائي اهڙا ملئي ملندا جيڪي توهان کي ٻڌائيندا ته هنن جو پيءُ يا ڏاڏو پنجاب جو هو. اهو ضرور ملسمان پنجابي هوندو پر ضروري ناهي ته ڪو لاهور پنڊيءَ جو هجي. امرتسر، جالندهر جو به ٿي سگهي ٿو ڇوجو ان وقت گڏيل هندستان هو ۽ اڄ جو هندستان وارو پنجاب ۽ اسان وارو پنجاب هڪ ئي صوبو هو. ملايا (اڄ واري مغربي ملائيشيا) تي اڃان انگريزن جي

حڪومت هئي تہ 1947 ۾ پاڪستان ٿيوءِ پنجاب صوبي جي اڌو اڌ. لڏڻ پلاڻ ۽ سخت خونريزيءَ جون خبرون جڏهن ملايا، سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ پاسي انگريزن جي فوج ۾ ڪم ڪندڙ پنجابي فوجين ٻڌيون تہ ظاهر آهي هو گهر ٻار (جن مقامي ملئي زالن سان شاديون ڪيون هيون. تن کي ڇڏي پنهنجي وطن ۾ پنهنجن مائٽن مٽن جي خبر چار لهڻ لاءِ روانا ٿي ويا ۽ پوءِ ڪي سفر دوران جهاز ٻڏڻ ڪري مري ويا ڪي پهچڻ بعد لڏ پلاڻ ۾ هلندڙ ڪوس جو شڪار ٿي ويا تہ ڪي غريب ايترو پاڙو ۽ سگهہ نہ ساري سگهيا جو ملايا جهڙي ڏورانهين ڏيهہ ڏي موٽن. نتيجي ۾ سندن مليا (ملائيشيا) ۾ ڇڏيل اولاد دربدر ٿي ويو. هينئر گذريل ويهہ پنجويهہ سالن کان ملائيشيا ۾ خوشحالي اچي وئي آهي ۽ هر ڪو روزگار کي لڳل آهي نہ تہ ٻي وڏي لڙائي وارن ڏينهن ۾ توڙي ان کان پوءِ چوٿو صدي کن هتي پڻ غربت عام هئي مون کي ياد آهي تہ ويندي ستر وري ڏهي جي شروع وارن سالن ۾ ٻہ ڪيترين اهڙين ملئي فئملين جن جا وڏا پنجاب وڃي نہ موٽيا،هنن پنهنجي مسڪيني ۽ مصيبتن واري زندگيءَ جو جوابدار انهن مردن کي قرار ڏنو ٿي. گهٽي ياڳي ملئي عورتون ڳوٺن جون ۽ اڻ پڙهيل هجڻ ڪري هنن کي اهابہ ڄاڻ نہ پئجي سگهي تہ سندن پنجابي مڙسن سان وطن (پنجاب) پهچڻ تي ڪهڙا رڻ ۽ راڳا ٿيا ۽ سپيئي ڪي بي وفا بہ نہ هئا ۽ جيڪي پنجابي مڙس پنهنجي وطن نہ وڃي سگهيا ۽ هتي ملائيشيا ۾ ئي رهجي ويا اڄ تائين پنهنجن ٻارن سان زندگي گذاري رهيا آهن ۽ انهن جو تعداد بہ ايترو وڏو آهي جو ملائيشيا جي شهرن ۾ تہ ڇا پر ڳوٺ ڳوٺ ۾ بہ پنجابي مسلمان ۽ سک نظر ايندا ۽ انهن مان ڪيترا تہ هارپو ۽ پورهيو ڪري غربت جي زندگي گذاري رهيا آهن. هاڻ مڙيئي سندن اولاد ۽ انهن جو اولاد پڙهي لکي شهرن ۾ وڏين نوڪرين ۾ اچي ويا آهن.

هتي هڪ بي ڳالهہ بہ لکڻ بي محل نہ ٿيندي تہ ملائيشيا ۾ سکن کي بہ گهٽا پنجابي ئي سڏين ٿا جو ظاهر آهي هو بہ پنجابي ڳالهائين ٿا. هاڻ مڙيئي بنگاليءَ مان مطلب بنگالي سمجهيو وڃي تو نہ تہ هن ڌرتيءَ تي صدين کان بنگاليءَ جو مطلب ڌاريون سمجهيو ويو ٿي. ويندي چوڏهين صديءَ ۾ پورچوگالي آيا تہ انهن کي بہ هتي جا ماڻهو بنگالي سڏڻ لڳا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪين سفيد بنگالي سڏيندا هئا. بهرحال ملئي زبان ۾ بنگالي جي معنيٰ سمجهو تہ foreigner ٿي وئي آهي. اڄ بہ هتي جا ڪيترا پوڙها ۽ پوڙهيون اسان ڌارين کي بنگالي سڏين ٿا.

هتي هيءَ ڳالهہ بہ رڪارڊ تي آڻڻ چاهيان ٿو. بلڪ ملائيشيا ۾ دلچسپي رکندڙ منهنجي پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ لکڻ چاهيان ٿو تہ اهي ننڍي کنڊ جا مسلمان (گهٽي ياڳي پنجابي ۽ ڪجهہ پناڻ) جيڪي انگريزن جي فوج ۾ ملائيشيا ۽

سنگاپور پاسي هئا ۽ ملئي مسلمان عورتن سان شادي ڪرڻ ۽ ٻار ڄمڻ بعد ٻي وڏي لڙائيءَ دوران ۽ لڙائي بعد، گهر ٻار ڇڏي ويا تہ وري انهن جي خبر نہ پئي انهن مان سڀ ننڍي کنڊ ڏي بہ نہ موٽيا يعني اڌين پنجاب يا نئين ملڪ پاڪستان جي پنجاب ۾ بہ نہ آيا پر اتي ئي ملائيشيا جي جنگلن ۾ رهي جپانين سان ۽ بعد ۾ انهن مان ڪجهہ انگريزن سان گوريلا جنگ ڪندا رهيا. اها گوريلا جنگ بہ سالن جا سال هلندي رهي جنهن ۾ ڪيترا مارجي ويا ۽ ٻيا جڏهن سالن بعد گهر پهتا تہ سندن ملئي زالون ڪين مارجي ويل سمجهي اهو ڳوٺ ڇڏي ڪنهن ٻئي ڳوٺ يا رياست ڏي وڃي ڪنهن مائٽ مٽ ڏي رهيون يا ڪيترين (بلڪ تمام گهڻين) تہ ڪجهہ سال انتظار بعد ٻيا مڙس بہ وڃي ڪيا.

درحقيقت ملائيشيا کي انگريزن طرفان آزادي اسان وانگر هڪ ئي ساهيءَ ۾ نہ ملي. اسان جي ننڍي کنڊ جا فوجي انگريزن جي فوج ۾ رهي انگريزن جي وفاداري سان خدمت ڪندا رهيا.هنن ملڪ جي آزادي بہ چاهي ئي جنهن لاءِ انگريز فی الحال آسرا (بلڪ ڏتا) ڏيندا رهيا. ان دوران جپان جو سنگاپور ۽ ملائيشيا تي قبضو ٿي ويو جيڪو چار سال ڪن رهيو جيسين هيرو شيما تي بم ڪريو. ان قبضي (Occupation) دوران ڪيترا اسانجا فوجي مقامي چينين سان گڏ هتي جي گهاٽن جنگلن ۾ رهي جپانين کي چٽا چهائيندا رهيا. هو انگريزن جي حق ۾ هئا جن مان ڪيترا جپانين وٽ قيدي ٿي ويا هئا.پر ڪجهہ وري جپانين جي پاسي بہ ٿي ويا هئا جو هنن کي اميد هئي تہ جپاني پنهنجي قول مطابق ننڍي کنڊ کي انگريزن کان آزادي وٺي ڏيندا. هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي بم ڪرڻ بعد جپاني ڪمزور ٿي ويا ۽ ڪين Surrenderڪرڻو پيو ۽ وري انگريز نهي نڪي ملايا ۽ سنگاپور تي حڪومت ڪرڻ لڳا. ان ڪري اسان جا فوجي هاڻ جنگلن ۾ رهي انگريزن خلاف گوريلا جنگ ڪرڻ لڳا ۽ انهن آزاديءَ جي مجاهدن (چيني، ملئي توڙي ننڍي کنڊ جي هندن، مسلمانن، سکن، پناٿن ۽ گورکن وغيره) کي ملايا جي ان وقت جي انگريز حڪومت باغي (گوريلا) سمجهي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. وري انهن باغين ۾ بہ وقت بوقت پاڻ ۾ اختلاف ٿيندو رهيو. مسلمان ملئي ۽ پنجابي اهو محسوس ڪرڻ لڳا تہ چيني اسان سان وفادار نہ آهن.. وغيره وغيره يعني وڏو عرصو معاملو گڏمڊ رهيو. ان بعد اسان جي ننڍي کنڊ جا ڪي ملائيشيا جي ڳوٺن ۾ اچي عام شهريءَ جي زندگيءَ بسر ڪرڻ لڳا تہ ڪي تائليند، ڪمبوڊيا ۽ برما ۾ وڃي رهي پيا. اتي جي عورتن سان شاديون ڪيائون. اتي جي زبان سکيا ۽ زندگيءَ جو باقي حصو انهن ڏينهن (بلڪ سالن) جي ٿينشن پنهنجي دماغ مان ڪڍڻ ڪارڻ الڪوحلڪ بہ ٿي پيا، نفسياتي مريض ٿي پيا يا بيحد مذهبي ٿي مسجدون مندر

بہ وڃي وسايائون ڪن سگهو ئي پنهنجي وطن پنجاب موٽي اچي نارمل زندگي گذري. اڄ ڪان ويهارو سال ڪن اڳ اسان جي ديس جا اهڙا ڪيترائي فوجي هتي (ملائيشيا) جي ڪمپونگن (ڳوٺن) ۾ توڙي پنجاب جي ڳوٺن ۾ ملڻ ٿي.

هن پيري هتي ملائيشيا ۾ ڪنهن سان ملاقات نہ ٿي سگهي. ظاهر آهي ان کي عرصو بہ وڏو ٿي ويو آهي. بي وڏي لڙائيءَ جو فوجي ان وقت جيڪڏهن ٽيهن پنجٽيهن سالن جو بہ هو تہ هينئر جيڪڏهن جيئرو بہ هوندو تہ سندس ڇمار اسي سالن کان مٿي هوندي. 15 سال ڪن اڳ جنهن اهڙي آخري فوجيءَ سان مليو هوس اهو گوريلا ڪمانڊر صالح نيازي هو. پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ هتي سندس مختصر ڪهاڻي لکڻ بي محل نہ ٿيندي.

صالح محمد نيازي ضلعي ميانوالي جي ڳوٺ دائود خيل ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي ئي ننڍو ٿي جوان ٿيو.صالح جڏهن وڏو ٿيو تہ سندس ضلعي ميانواليءَ جي حالت خراب هئي. ملڪ ۾ ڏڪار جي حالت هئي. ڪو ڏنڌو ڌاڙي نہ هو سخت غربت جو عالم هو.ڪا نوڪري نہ ملڻ ڪري صالح نيازيءَ مجبور ٿي انگريزين جي نوڪري شروع ڪئي. اهو 1935ع جو سال هو. هن کي فوج ۾ رکيو ويو ۽ سپاهيءَ مان ترقي ڪندو ڪندو ڪوارٽر ماسٽر ۽ حوالدار جي عهدي تي وڃي پهتو. هن انگريزن جي نوڪري ضرور ڪئي ٿي پر هن انگريزنن کي صحيح نٿي سمجهيو. 1939ع کان ٻي وڏي لڙائيءَ جا اثر شروع ٿي ويا ۽ جپاني فوجي هانگ ڪانگ، سنگاپور ۽ ملايا (اڄ واري مغربي ملائيشيا) کي پيليندا برما جي گادي واري شهر رنگون تائين وڃي پهتا هئا. هاڻ اڳيان ننڍو ڪنڊ (اڄ جو بنگلاديش، پارت ۽ پاڪستان) هو.

ملايا تي جپانين جي حملي وقت صالح محمد نيازي پنهنجي برگيڊ سان گڏ ملايا جي محاذ تي هو. سندس ريجمينٽ جي ڪئپٽن موهن سنگهہ کي بہ انگريزن لاءِ سخت نفرت هئي ۽ هي ٻئي فوج جي جوانن کي بہ پڙڪائيندا رهيا. 15 فيبرري 1942ع تي سنگاپور ۾ هلندڙ لڙائيءَ دوران ڪئپٽن موهن سنگهہ خوشاب شهر جو ليفٽيننٽ فتح خان برطانيا جي جهنڊي هيٺ جپانين جي فوج ۾ وڃي مليا ۽ ان سان گڏ هنن جي سڄي فوج جپانين اڳيان Surrenderڪيو ۽ ان وقت "آزاد هند فوج" جو بنياد رکيو. جپانين بہ سندن مدد ڪئي. ڪلڪتي جي امير خاندان جو فرد سوپاش چندر پوش جيڪو انگريزنن جي سخت خلاف هو ان جي چاچي راس بهاري بوش جپان ۾ انڊين انڊيپينڊنٽ ليگ ٺاهي رکي هئي جيڪو اندروني طرح هنن ملايا وارن فوجين (صالح نيازي وارن) جي ڳجهي مدد ڪري رهيو هو. هنن چاهيو ٿي تہ ڪنهن طرح انگريزن کي ايشيا مان پڃائي ننڍي ڪنڊ کي آزاد ڪجي. 16 آگسٽ 1945ع تي هيروشيما تي بم ڪرڻ بعد جپانين يڪدم هار مڃي ۽ هو پنهنجي ملڪ پڃڻ لڳا ۽ هيڏانهن هي

صالح نيازي وارا، نندي کنڊ جا فوجي، ملايا جي جنگلن ۾ لڪي ويا.انگريزن واپس ملايا جون واڳون پنهنجي قبضي ۾ ڪيون پر هي صالح نيازي وارا ڪي سال جنگلن ۾ رهي انگريزنن جي چونڪين تي حملا ڪندا رهيا ۽ ويندي هڪ رياست ڪيڊاح تي قبضو به ڪري ورتو. پر ٻن مهينن بعد وري انگريزن جي فتحيابي ٿي وئي ۽ صالح نيازي وارن کي واپس جنگلن ۾ موٽڻو پيو.ان دوران صالح نيازي ۽ ٻين کي انگريز حڪومت سوگهو ڪري ورتو ۽ ڪين هندستان موڪلي ڏنو.هو ڪلڪتي ۾ ڪجهه عرصو جيل ڪاٽڻ بعد پنهنجي ڳوٺ پنجاب موڪليا ويا جتان پوءِ صالح واپس ملائيشيا وري نه اچي سگهيو. بهر حال صالح نيازي صاحب جيڪو گوريلا ڪمانڊر هو هن وقت جيڪڏهن جيئرو به هوندو ته گهٽ ۾ گهٽ 95 سالن جو هوندو.

بيڪري شاپ جتي مٿي بيان ڪيل به چوڪريون مليون، مان نوڪري KFC (ڪينٽڪي فرائيڊ چڪن) جي دڪان ڏي رخ رکيم. ڪجهه ڪائي پوءِ هوٽل ڏي واپس ورڻ ٿي چاهيم. چوڌاري دڪانن جي وچ ۾ڪيترين ئي ڪائڻ پيئڻ جون هوٽلون هيون پر سروس واريون هجڻ ڪري، يعني بئرن (آڏڙ وٺي مهمانن کي Serve ڪي ڪيو، ان ڪري ڪي ايف سي ۾ وڃڻ جو ارادو ڪيم جتي سيلف سروس هجڻ ڪري وقت سان گڏ پئسي جو به بچاءُ ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ ڪوالالمپور يورپ جي شهرن جي ٽڪر جو شهر ٿي ويو آهي پر منجهس اڄ به ڪيترين شيون يورپي شهرن کان سستيون آهن. جهڙوڪ هوٽلن ۾ رهائش، ڪاڏو پيتو، لاري، ريل، ٽرين ۽ فيريءَ جي سواري وغيره وغيره ۽ ڪينٽڪي ۽ مئڪڊونالڊ هوٽلن يورپ، آمريڪا توڙي هتي ملائيشيا ۾ ٻين هوٽلن کان سستيون آهن جن بابت آئون ڪنهن هنڌ لکي چڪو آهيان ته انهن جا مالڪ ته جنت ۾ وڃڻ کپن جو يورپ ۽ آمريڪا توڙي جپان ۽ ڪوريا ۾ جتي ڪاڏي پيتي غنيمت آهن پر حيرت جي اها ڳالهه آهي جو هڪ اسانجو ملڪ پاڪستان ئي آهي، جتي ويجهڙائيءَ ۾ مئڪڊونالڊ ۽ ڪينٽڪي هوٽلون ڪليون آهن، سڀ کان مهانگيون ڪيون ويون آهن. ان هوندي به ماڻهن جي رش آهي ۽ KFCءَ مئڪڊونالڊ ۾ وڃن Status Symbolڪي پيو آهي. ظاهر آهي ايڏي مهنگي قيمت رکڻ تي ڪو غريب شاگرد يا مسافر ته نه ايندو. وڏو آفيسر ۽ امير ئي ايندو. جيتوڻيڪ ويندي پاڙي واري ملڪ انڊيا ۾ به انهن هوٽلن جا اگهه گهٽ هجڻ ڪري غريب غربي جون هوٽلون سمجهيون وڃن ٿيون.

K F C ۾ گهڙيس، چوڌاري ڪيترائي شاگرد، وچولي ۽ هيٺين طبقي جون غريب چيني فئمليون ۽ نوجوان چوڪرا چوڪريون ويٺل هئا. ڪائونٽر تي ملئي ۽ انڊين (تامل) چوڪريون گراهڪن کي سندن ضرورت مطابق چڪن پيس وڪڻي رهيون هيون. منهنجي

ray جا سادا اٺ رنگٽ (ملئي ڊالر) ٿيا جنهن ۾ ٻه چڪن پيس، فرينچ فرائيز (Potato Chips)، ٻه ڊبل روٽيون، ڪجهه سلاد ۽ ملڪ شيڪ هو. مون ڪوڪا ڪولا بدران ملڪ شيڪ گهريو هو ان ڪري مون کان هڪ رنگٽ وڌيڪ ورتو ويو نه ته سادا ست رنگٽ قيمت هئي. يعني اسان جا 120 ريبا ٿيا ۽ اهو سڀ ڪجهه اسان وٽ وڌ ۾ وڌ 70 يا 80 رپين ۾ هجڻ ڪپي جڏهن اسان وٽ ڊبل روٽي ۽ پٽاٽن کان وٺي ڪڪڙ جو ڪچو گوشٽ ته سستو آهي پر هوٽلن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جو پگهار به گهٽ آهي. پر اسان وٽ ايتري ٿري جي قيمت 200 کان به مٿي آهي. ڪا چوڻ واري يا چڪاس ڪرڻ واري پهر نه آهي ته ايڏو Profitڇو رکيو پيو وڃي.

K F C جي پاسي واري دروازي واري گهٽي جيڪا آخر ۾ وڃي آئس ڪريم واري دڪان تائين هلي وئي ٿي اتان لنگهندي هڪ ڇوڪر، جو پاڪستاني مهاندي جو ٿي لڳو ۽ به ملئي لباس ۾ ڇوڪريون هڪ ڪنڊ ۾ بيٺل نظر آيون .هو هن شاپنگ سينٽر جون گهٽيون صاف ڪري ڪجهه دير فرحت وٺڻ لاءِ هن ڪنڊ ۾ اچي بيٺا هئا. صفائي وارا ٻهارا سندن هٿن ۾ هئا. ڇوڪرين جي نماڻين اکين ۽ سادي لباس مان سمجهي ويس ته هي ملئي ته ٿي نٿيون سگهن پڪ انڊونيشي هونديون. ملائيشيا پئسي ڏوڪڙ جي معاملي ۾ ايڏو ترقي ڪري ويو آهي جو هڪ اڻ پڙهيل ملئي ڇوڪريءَ کي به بهترين قسم جي نوڪري مليو وڃي. هيٺين ليول جي پورهين ۽ ڪمن لاءِ پر واري ملڪ انڊونيشيا جون ڇوڪريون employ ڪيون وڃن ٿيون. جنهن ملڪ جو حاڪم سهارتو ٽائيپ هوندو، جنهن ملڪ جا سياستدان رڳو پنهنجا پيٽ پرڻ ۾ پورا هوندا، جنهن ملڪ جا بيورو ڪرئٽس ڪرپٽ هوندا اتي جي غريب عوام کي اهي هن ريت سورن ۾ وجهن ٿا. انڊونيشيا لاءِ چيو ويندو آهي ته اهو واحد Oil Producing Countryآهي جنهن جو عوام غريب آهي. ڏارئين ملڪ ۾ نوڪري ڪرڻ کا خراب ڳالهه ناهي پر هڪ هيناهين درجي جي نيچ نوڪري ڪرڻ ڪيڏي ڏکوئيندڙ ڳالهه آهي پوءِ اهي هي انڊوينشي ڇوڪريون ٻهارو ڪٽي والامپور جون گهٽيون صاف ڪن يا اسانجون پاڪستاني عورتون ايمسٽرڊم ۽ ڪوين هيگن ايئرپورٽ جا ڪاڪوس صاف ڪن.عراق ۽ فلسطين جا عرب اسٽاڪ هوم ۽ هيلنسڪيءَ جا پارڪ ٻهارين يا بنگلاديش ۽ سري لنڪاجون غريب ڇوڪريون هيسيل نگاهن سان ڪويتي ۽ سعودي امير ۽ عياش عربن جي گهرن ۾ آيائون ٿي ڪم ڪن. ڪيڏو افسوس ٿو ٿئي! ڇا هتي انڊونيشيا جا حاڪم ۽ سياستدان نه ايندا هوندا، ڇا يورپ جي هوائي اڏن تي اسان جا وزير وزراءِ ۽ سياستدان پنهنجي ملڪ جي عورتن کي ڪاڪوس صاف ڪندي نه ڏسندا هوندا. وطن ڇڏن، سو به اهڙي

هيٺين درجي جي پورهئي لاءِ، ڪا خوشيءَ جي ڳالهه نه ناهي. انسان مجبوري ئي تحت اهو قدم کڻي ٿو. بقول هڪ ايشين جي "اسان ڏارين ملڪن ۾ جو هيئن ذليل پيا ٿيون ان ڪري جو پنهنجي ملڪ جي resources جي اسان جي سياستدانن پينگ ڪري ڇڏي آهي."

"آپ پاڪستاني هين؟" مون هنن ٻن انڊونيشي ڇوڪرين سان گڏ ڪم ڪندڙ اسان جهڙي ملڪ جي ڇوڪريءَ کان پڇيو.

"هم بنگالي هين." هن اڙدوءَ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"ڪٿي جو، ڪلڪتي جو يا بنگلاديش جو" مون پڇيو مانس.

"نواکليءَ جو." هن وراڻيو. يعني بنگلاديش جو آهي. نواکلي چٽگانگ ۽ ڊاڪا جي وچ ۾ شهر آهي.

"گهڻو پگهار ملنئي؟"

"اري پائي ڪوتا مليگا؟ اهو ئي ست سئو سو به اوور ٽائيم ملائي." هن وراڻيو.

"رهائش؟" مون پڇيو.

هڪ بريءَ (ڳوٺ) جو ٻوندو (ماڻهو) آهي ان جي ڪمري ۾ سڀ ست اٺ ڇٽا پٽ تي سمهندا آهيون ۽ هو ان جا مهيني ۾ سٺ رنگٽ وٺندو آهي."

"ڪيترا ڪلاڪ ڊيوٽي ڪرين؟" مون پڇيومانس.

ڏهين وڳي هي دڪان ڪلندا آهن ان وقت کان رات جو ڏهين وڳي تائين. آچر به موڪل نه آهي." هن ٻڌايو.

شيطان ۽ بش

شيطان الله تعاليٰ کان دعا گهري، يا الله! بش منهنجي سڄي ڪاروبار تي قبضو ڪري ورتو آهي. آئون ان جو مقابلو نٿو ڪري سگهان. آئون بي ڪار ويٺو آهيان. مون کي معاف ڪر ۽ واپس گهرائي وٺ. هتي مون لاءِ ڪو ڪم ڪو نه بچيو آهي. بش ڪافي آهي شر ڦهلائڻ لاءِ ۽ مون کي بش جي شر کان محفوظ رک. (غلام حيدر ڊلو-مورو)

"تنهنجي خيال ۾ اها ڏکي ۽ گهٽ پگهار واري نوڪري نه آهي؟" مون پڇيومانس.

"پائي ڇا ٿو ڪري سگهجي. پنهنجي ملڪ ۾ نه ٿلهي پيٽ تي به نوڪري نٿي ملي."

"ماءُ پيءُ ڏي ڪيترو موڪلين؟" مون پڇيومانس.

"ٽي سؤ رنگٽ موڪليندو آهيان." هن ٻڌايو.

"يعني ڇهه هزار ٽڪا (بنگلاديشي رپيا) ٿيا." مون حساب لڳائي چيو.

"ها پر ان مان به ٻه هزار ٽڪا هر مهيني ان ايجنٽ کي قرض ۾ ڏيڻو آهي جنهن ويزا ۽ ٽڪيٽ تي خرچ ڪيو ۽ ٽن سالن تائين ڏيڻو آهي. جيسين هتي آهيان. هن ٻڌايو.

ملائيشيا ۾ اسان وانگر انگريزن جي حڪومت هئي ان ڪري اسان وانگر انگريزي هلي ٿي پر انڊونيشيا ۾ ڊچن

جي حڪومت هئي ان ڪري انڊونيشيا پاسي ڊڇ گهٽي هلي ٿي.

"بوليح انگڪت گمبار انڊا؟" مون ڇوڪرين کان ملئي ۾ فوٽو ڪڍڻ لاءِ پڇيو.

"بوليح، بوليح." (پلي پلي) هنن وراڻيو ۽ مون ٽنهي کي گڏ بيهاري فوٽو ڪڍيو. اڄ به ان فوٽوءَ ۾ سندن ڪومايل چهرا ڏسي سوچيندو آهيان ته هنن هٿن ۾ بهارا ته نه هئڻ ڪپن ها. سندن پاڙي جي ملڪ سنگاپور ۾ ڪجهه نه هو ته به اتي جي ليڊر "لي ڪئان يو" ۽ ٻين سياستدانن سنگاپور کي الائي ڇا بنائي ڇڏيو ۽ هيڏانهن انڊونيشيا ۾ سڀ ڪجهه هجڻ جي باوجود اتي جي ليڊر سهارتو ۽ سندس خاندان ۽ سياستدانن مڪل جي پيئنگ ڪري ڇڏي ۽ پاڻ ته ولايت ۾ بنگلا ۽ بئنڪ بئلنس ناهي اڄ به عياشيءجي زندگي پيا گذارين، پٽيان غريب عوام کي سورن ۾ وجهي ويا ۽ هر ماڻهو نوڪري ۽ نان لاءِ، دوا ۽ دلاسي لاءِ پريشان آهي. هيءَ ڳالهه جڏهن هنن انڊوينشي ڇوڪرين سان ڪم ته هڪ ڏکويل لهجي ۾ چيو: "۽ مصيبت اها آهي ته اهڙا ليڊر ۽ سياستدان ملڪ جي سگهو جان به نٿا ڇڏين. هو ڇر وانگر چهٽيا رهن ٿا. يا وري انهن جو اولاد ايندو رهي ٿو."

هو پڪ پڙهيل ڳڙهيل هيون ان ڪري حالتن کان حساس به هيون. جيتوڻيڪ ڪيترين بهاري ۽ صفائي ڪندڙ ڇوڪرين خاص ڪري اڻ پڙهيل ان ڏاهپ جي ڏنگ کان آزاد هجڻ ڪري خوش ۽ مست نظر آيون. ڪين ڪا پرواهه نه هئي. هڪ هنڌ ڏکڻ هندستان جون تامل ڇوڪريون مليون. هو ڪوالالمپور جي هوائي اڈي جا ڪاڪوس صاف ڪري رهيون هيون. هو ان ۾ ئي خوش هيون ته روزانو هوائي جهاز کي لهندي چڙهندي ڏسي رهيون آهن ۽ يونيفارم پائي ڪم ڪن ٿيون. هٿ ۾ بهارو ۽ صفائي جي سامان جو ڊبو کڻي هوائي اڈي جي برٿ رومن کي صاف ڪرڻ بعد رکي رکي پنهنجو پاڻ کي لپ اسٽڪ ۽ روج هڻي ايئرپورٽ جي مختلف هنڌن تي لڳل آرسين يا هر چمڪندڙ شيءِ ۾ پنهنجي چهري جو عڪس ڏسي ٺري رهيون هيون. هنن پنهنجو پاڻ کي ڪنهن به صورت ۾ تامل فلمن جي هيروئن سري ديوي ۽ مڌوءَ کان گهٽ نٿي سمجهيو.

"توهان جو ماءُ پيءُ ڇا ڪري؟" مون پڇيو مان.

"اهي مدراس ۾ پنگي آهن."

"ٻيا مائٽ؟"

"اهي به پنگي آهن." هنن وراڻيو.

نهيو. هي خوش آهي جو هي نه پڙهيل آهن ۽ نه ملڪ جي سياسي، معاشي ۽ سماجي حالتن کان واقف هن کي هي ئي ڪم پنهنجي ملڪ ۾ به ڪرڻو هو سو ان کان بهتر هتي آهي ۽ هو پنهنجو پاڻ کي هتي ولايت ۾ سمجهن ٿيون. مون سندن پڻ، تصوير ڪڍڻ لاءِ ڪئميرا ڪڍي ڪانئن موڪل ورتي. هو پوز ناهي بيهڻ لڳيون

☆☆☆

محشر

سلسلي وار ناول جي پارهين قسط

سڀني شيلڊن/محمد ميمڻ

ان عورت جي ڪهاڻي، جيڪا معصوم هئي. جڏهن ڪيس دنيا دوڪا ڏنا تہ هيءَ بہ ان جو جواب ڏيڻ تي مجبور ٿي پئي. هن جي ذهانت جي آڏو دنيا جا وڏا وڏا ذهن مات ڪائي ويا ۽ هيءَ سيني کي سندن اکين ۾ سرمو وجهي نڪڻ لڳي

همت ۽ حوصلي جو اڻ وسرندڙ داستان

گذريل قسطن جو تت

ٽريسي وٽني فلڊ ڊيلفيا ۾ نوڪري ڪري ٿي. اتي هن جو چارلس نالي هڪ شخص سان پيار آهي ۽ ٻئي ڄڻا شادي ڪرڻ ورا آهن. ٽريسيءَ جي پيٽ ۾ چارلس جو ٻار سرجي رهيو آهي. ايتري ۾ ڪيس گهران فون اچي ٿو ته سندس ماءُ خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. هي پنهنجي اباڻي شهر نيو اورلينس واپس وڃي ٿي، جتي ڪيس پتو پوي ٿو ته جو رومانو نالي هڪ ماڻهوءَ سندس ماءُ کي ٺڳي ڏيوواليو ڪري ڇڏيو هو. ان ڳالهه جي ڪري سندس ماءُ خودڪشي ڪري ڇڏي هئي، هوءَ بدلو وٺڻ جي لاءِ رومانو جي گهر وڃي ٿي. جتي اهو ماڻهو ڪيس قابو ڪري عزت لٽڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. انهيءَ ڪشمڪش ۾ ٽريسيءَ جو پسٽل هلي پوي ٿو ۽ رومانو زخمي ٿي پوي ٿو. ٽريسي ڪيس مئل سمجهي گهبرائجي وڃي ٿي ۽ ايئرپورٽ پهچي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. جتي پوليس وارا ڪيس گرفتار ڪري وٺن ٿا. سندس مٿان رومانو کي قاتلانه حملي جو مقدمو هلي ٿو. سندس وڪيل ۽ جج ٻئي انهن ڏوهارين جي گروهه جا ڪارندا آهن، جن جي ڪري سندس ماءُ آپگهات ڪري ڇڏيو هو. اهي ڪيس دوکو ڏئي، ان ڏلاسي تي ڏوهه قبولائين ٿا ته ان ڳالهه ڪري ڪيس قيد جي سزا نه ملندي ۽ سندس پويون بي داغ ريڪارڊ ڏسي ڪيس آزاد ڪيو ويندو. ٽريسي سندن ڄار ۾ ڦاسي پنهنجو ڏوهه عدالت ۾ باسي ٿي ۽ جج ڪيس پنڌرهن سالن جي قيد جي سزا ٻڌائي ٿو. ٽريسيءَ کي جيل نيو وڃي ٿو. جيل جي ڪوليءَ ۾ قيدياڻيون ساڻس جنسي بدفعلي ڪن ٿيون، جنهن جي ڪري سندس پيٽ ۾ سرجيل ٻار ڪهائي ٿيو وڃي. ظلم ته ويتر اهو ٿئي ٿو ته ڪيس سزا طور قيد تنهاءِ ۾ رکيو وڃي ٿو. اتي ٽريسي پنهنجي دشمنن کان انتقام وٺڻ جو عهد ڪري ٿي. هوءَ پنهنجي جسم ۽ دماغ کي ورزشن وسيلي چست رکي ٿي. ٻاهر نڪري پنهنجي پراڻيءَ کوليءَ ۾ وڃڻ جي خواهش ڏيکاري ٿي. اتي هوءَ انهن ٻن قيدياڻين کي مار ڏئي ٿي جن ساڻس بدفعلي ڪئي هئي. هوءَ ٽين قيدياڻيءَ ارنيسٽائين کي ڪجهه ڪو نه چوي ٿي چو ته اها ان جيل جي بي تاج بادشاهه هئي. اها سندس بهادري ڏسي هن کان پنهنجي اڳين ڪرت جي معافي وٺي ٿي ۽ جيل ۾ سندس مربي ٿيو وڃي. ٽريسي ڪيس جيل مان فرار جي لاءِ مدد جي گهر ڪري ٿي. ان جيل جي ريڪارڊ مطابق، اڄ ڏينهن تائين ڪا به قيدياڻي ان جيل مان فرار ٿي نه سگهي هئي. ٽريسي ان ريت کي ٽوڙڻ جو قسم اٿي ٿي. اتي ٽريسيءَ مٿان هڪ وڏي بدمعاش برٽا جي اک آهي پر ارنيسٽائين جي ڪري ٽريسي ان جي شرارت کان بچيل آهي. ارنيسٽائين کي هفتي کن ۾ آزادي ملڻي آهي. آخر ٽريسي ۽ ارنيسٽائين جيل مان ڪيڏن جي ٽرالي ذريعي ڀڄڻ جو منصوبو ٺاهين ٿيون. ٽريسيءَ کي ٻئي ڏينهن فرار ٿيڻو آهي. رات جو ڪو اچي ٽريسيءَ کي سرڀاڻ ڪري سڏ ڪري ٿو. ٽريسي سندس آواز ڪو نه سڃاڻي سگهي ته اها ڪير آهي، دوست يا دشمن.

جواب ملڻ تي خبر پيس ته اها به جيل جي هڪ قيدياڻي ليلان هئي، جيڪا ڪيس فرار ۾ مدد ڏيڻ لاءِ آئي هئس. ٽريسي وٽنيءَ جي فرار ٿيڻ جو سموريون ڪارروايون مڪمل هيون، پر بدقسمتيءَ سان فرار ٿيڻ واري ڏينهن تي جيل جي واردن جي زال ڪيس ايميءَ کي باغ ۾ گهمائڻ لاءِ چيو. چو ته وٽس مهمان آيل هئا. باغ ۾ ايميءَ کي ڪيڏائيندي فرار ٿيڻ

لاءِ دوڙ پاتي. دوڙندي دوڙندي ڪيس، پويان ايميءَ جي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. ايمي باغ جي اونهيءَ ڍنڍ ۾ ڪري پئي هئي. ٽريسيءَ ايميءَ جي جان بچائڻ جي لاءِ، فرار ٿيڻ کي ڇڏي، وڃي ڍنڍ ۾ ايميءَ کي بچائڻ لاءِ ٽپو ڏنائين. جيتوڻيڪ ڪيس ترڻ به نه ايندو هو. هن جي بهادريءَ جي ڪري ايميءَ جي جان بچي وئي. سرڪار سندس اهڙي جذبي کي ڏسي ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو. ٻاهر نڪرڻ سان ٽريسيءَ پنهنجي دشمنن جوزف رومانو، پيري پوپ، جج هينري لارينس ۽ اوورسائيءَ کان بدلو ورتو. هن چارلس کي ڇڏي ڏنو، چو ته هو ازدواجي طور تي بدترين زندگي گذاري رهيو هو. سيني دشمنن کان بدلو وٺي، ٽريسي وٽني پنهنجي بينڪ ۾ وئي ته جيئن اتان سندس بقايا رقم وٺي سگهي. بينڪ ڪيس ٽپ جواب ڏنو. ٽريسي هڪ نيٽ ڪيفي ۾ ويهي بينڪ جو حفاظتي ڪوڊ کي کولڻ لڳي.

ٽريسي بينڪ جي ڪوڊ کي کولي ان مان صرف ايترا پئسا پنهنجي اڪائونٽ ۾ موڪليا، جيترا هن جا بينڪ طرف ٽيا پئي. تنهن بعد ٽريسي نوڪريءَ لاءِ گهٽي ڪوشش ڪئي پر سندس جيل جو ماضي ڏسي ڪيس هر ڪنهن شڪ جي نگاهه سان ٽي ڏٺو. مجبورن مدد لاءِ ڪيس ڪونارڊ مارگن نالي جوهريءَ وٽ وڃڻو پيو. جنهن جو ڏس پتو ڪيس جيل جي هڪ ساٿياڻيءَ ڏنو هئس. ان جوهريءَ ڪيس شاهوڪار ماڻهن جي گهرن ۾ چوريون ڪرائڻ تي گهريون. ٽريسيءَ پهرين ته انڪار ڪيو پر بعد ۾ نوڪري نه ملڻ ڪري ان ڪم ڪرڻ لاءِ راضي ٿي وئي. هن هڪ گهر ۾ چوري ڪئي. جيتوڻيڪ موقعي تي پوليس به پهچي وئي، پر ٽريسي پنهنجي عقل کان ڪم وٺندي پاڻ کي بچائي ورتو. ڪيس اهي هيرا جواهر هڪ ريل اسٽيشن تي ڪونارڊ مارگن جي حوالي ڪرڻا هئا پر رستي ۾ ٻن ڳڻن ڪيس پوليس آفيسر بنجي اهي هيراجواهر ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽريسي پهرين ته اصلي پوليس وارا سمجهي گهبرائجي وئي، پر پوءِ ڳالهه کي سمجهي وئي ۽ انهن کان ڪمال هوشياريءَ سان ان وقت اهي هيرا جواهر واپس ورتا جنهن وقت هو ايئرپورٽ تي جهاز ۾ چڙهي رهيا هئا.

ٽريسي انهن ٻنهي ڳڻن کان اهي هيرا واپس وٺڻ کانپوءِ مارگن کان ٻيٽا پئسا ڀرائي ورتا، چو ته ڪيس ٻيٽي محنت انهن هيرن کان ڪرٽي پئي هئي. ٽريسي ان بعد هڪ جهاز تي گهمڻ لاءِ وڃي ٿي. اتي سندس ملاقات چيف سان ٿئي ٿي، جيڪو انهن ڳڻن منجهان هڪ هو. جن ٽريسيءَ کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان جهاز تي شطرنج راند جا دنيا جا به مڃيل چئمپين به هئا. جيف ڪيس انهن سان راند ڪرڻ جي لاءِ چيو.

ٽريسي انهن ٻنهي سان راند ڪري ٿي ۽ حرفت جو استعمال ڪري ٻنهي کي شڪست ڏئي ٿي. ان ڳڻيءَ کان پوءِ ٽريسي اهو سمجهي ته جيف ڪائنس پڇڻ چاهيو پئي، ڪيس ڇڏي هلي وئي. هاڻ ٽريسيءَ کي گنٿر نالي ماڻهو ملي ٿو، جيڪو ڪيس امير ماڻهن جي باري ۾ معلومات ڏئي ٿو ۽ ٽريسيءَ کي شاهوڪار طبقي ۾ متعارف ڪرائي ٿو. ٽريسي انهن کي ڳڻي ٿي. هاڻ ٽريسي پنهنجو روپ بدلائي مسز بينڪي ٿي هڪ تمام وڏي هيرن جو وڪرو ڪندڙ دڪان تي وڃي ٿي ۽ اتان هڪ هيرو هڪ لک ڊالرن جو آهي. تنهن کان پوءِ وري ان دڪان تي اچي ٿي ۽ ان جي مئنيجر هالسٽن کي پئي ساڳئي هيري جي لاءِ چوي ٿي، جنهن لاءِ هو چار لک ڊالر ڏيڻ لاءِ به تيار آهي. هالسٽن ان پئي هيري جي ڳولا ڪرائي ٿو. ڪيس هڪ فون اچي ٿو، جنهن ۾ هڪ عورت ڪونٽيسا ماريا ڪيس اهڙو ساڳيو هيرو وڪڻڻ لاءِ آمادگي ڏيکاري ٿي. هالسٽن ان وٽ اچي ٿو ته جيئن ڪائنس اهو هيرو خريد

ڪري، مسز بينڪي کي وڪڻي ناٿو ڪمائي.

هالسٽن هن جي چڪر ۾ اچي ويو. ٿريسي مسز بينڪي بنجي ڪائنس خريد ڪيل هڪ لک ڊالر وارو هيرو ڪيس به لک پنجاهه هزار ڊالرن ۾ وڪيو. تنهن بعد ٿريسيءَ ريل گاڏيءَ ۾ هڪ امير اطالوي جوڙي کي ڦريو. جيتوڻيڪ پوليس جي سخت چوڪسي هئي. ٿريسي اهو ڦر ڪيل مال ان ساڳين ماڻهن جي بيگ ۾ رکيو، جنهن کان چوري ڪيو هئائين. اهڙي نموني اهو مال ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. تنهن بعد هن فرانس جي هڪ نواب جي گهر چوريءَ جو پروگرام بڻايو.

نواب جي گهر ۾ نهايت حفاظتي انتظام هو. اتان چوري ڪرڻ ڇڻ ناممڪن هو. هر هنڌ برقي اوزارن جو ڄار وڇايل هو. پر پوءِ به ٿريسي پنهنجي ذهانت کان ڪم وٺندي اهو ناممڪن ڪم به سرانجام ڏئي ٿي. ان کان پوءِ ٿريسي فرانس ملڪ جي هڪ تفريحي شهر ۾ اچي ٿي، اتي سندس ملاقات هڪ نگ پروفيسر سان ٿئي ٿي، جيڪو ڪيس سمنڊ ۾ ڪنهن پراڻي دور ۾ ٻڌل خزاني بابت، ٻڌائي ٿو. ٿريسي ان خزاني جي ڳولا جي دلچسپي وٺي ٿي ۽ ڪيس گهربل پئسو مهيا ڪرڻ جو واعدو ڪري ٿي. اهو پروفيسر پنهنجي مربي ۽ شهر جي وڏي غنڊي آرمئنڊ گرئنگر وٽ اچي ٿو. آرمئنڊ ٿريسيءَ جي ڪارنامن کان پاڻي پيت واقف آهي. هو حيران آهي ته ٿريسي جهڙي هوشيار عورت پروفيسر جي چڪر ۾ اچي سگهي ٿي. ٿريسي آرمئنڊ گرئنگر ۽ پروفيسر کي جعلي نوٽن ٺاهڻ جي مشين جو جهانسو ڏئي نڳي وڃي ٿي ۽ آرمئنڊ آفريڪا فرار ٿي وڃي ٿو ته جيئن پنهنجي خونخوار پارٽنرن کان جان بچائي سگهي. ان کان پوءِ ٿريسي اسپين جي شهر ميڊرڊ اچي ٿي ته اتي هڪ انتهائي حفاظت واري ميوزم مان نهايت قيمتي تصوير چورائي. اتي سندس جيف سان ملاقات ٿئي ٿي. ٻئي گڏجي گهمن ٿا. ٿريسيءَ جي پويان ڊينيئل ڪوپر پاڇي وانگر لڳل آهي ته جيئن ڪيس موقعي تي پڪڙي سگهي.

هاڻي ٿريسيءَ ۽ جيف جو ٽارگيٽ چار ملين مالڻ جا هيرا آهن، جيڪي پيرس کان هالينڊ ڏانهن مسافر بردار جهاز ذريعي منتقل ٿي رهيا آهن. اهي جهاز جي عملي سان ملي پڳت ڪري جهاز جي هيرن رکيل ڪمپارٽمينٽ ۾ ڳجهه ڳوهه ۾ ٿريسي کي چاڙهين ٿا. ٻاڏا اونداهه ۽ لوڏن سبب ٿريسي وڏي مشڪل سان اصلي هيرن جي جاءِ تي نقلي هيرا رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿي پر حد کان وڌيڪ تڪليف ۽ ٿڪاوٽ کان ساٿي ٿي پئي ٿي، اوچتو ڪمپارٽمينٽ ۾ داخل ٿيندڙ گارڊن جي قدمن جا آواز ٻڌندي ٻڌندي پنهنجو هوش وڃائي ويهي ٿي ۽ بيهوش ٿي وڃي ٿي.

(هاڻ اڳتي پڙهندا)

جڏهن ٿريسيءَ جي اک کلي ته هوءَ اڃا تائين ان ڪنٽينر ۾ هئي. ڪيس لڳو ته هوءَ پوائنٽو خواب ڏسي رهي هئي. هڪ عورت ان ڪنٽينر مٿان ڪپڙو لاٿو. ٿريسيءَ کي محسوس ٿيو ته ڇڻ هن سالن کانپوءِ روشني ڏٺي هجي.

تمام گهڻي ڪوشش ڪري هن اٿڻ جي ڪئي، پر ناڪام ٿي. ان عورت ڪيس ٻاهر نڪرڻ ۾ مدد ڪئي. سامهون جيف اسٽيونز بيٺل هو. ان جي سندس چهري تي عجيب و غريب تاثر هئا. هو هڪ گيراج ۾ بيٺا هئا.

"ٽريسي منهنجي پياري، تو تہ ڪمال ڪري ڇڏيو. اسانجو منصوبو ڪامياب ٿي ويو. مونکي ڈي اهو هيرن جو بڪسو. هي آهي تنهنجي جنيوا جي ايئر ٽڪيٽ. هاڻي جيترو جلدي ٿي سگهي، هتان نڪر. آئون وڃان ٿو."

ٽريسيءَ ڪنڌ مٿي ڪري ڪجهہ چوڻ چاهيو. پر ڪيس ڇڻ لفظ وسري ويا هجن. ايتري ۾ جيف هيرن وارو بڪسو کڻي روانو ٿي چڪو هو. ٽريسيءَ جو جسم ڈڪي رهيو هو. گيراج جي پٽيان ان عورت سندس ڪپڙا تبديل ڪيا.

سندس حالت کي ڈسندي عورت چيو، "مونکي لڳي ٿو تہ توهان جي طبيعت تمام گهڻي خراب آهي. جيڪڏهن چاهيو تہ آئون ڪنهن ڊاڪٽر کي سڏرايان؟"

ٽريسيءَ کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ اچي رهيو هو. هن سوچيو تہ اگر ڊاڪٽر آيو تہ ڪانئس پڇا ڳاڇا ڪئي ويندي ۽ اهڙيءَ طرح هوءَ ڦاسي سگهي ٿي. " نہ. ڊاڪٽر جي ضرورت نہ آهي. آئون ڪافي ٺڪل آهيان، جنهن سبب جسماني طور ڪمزوري ڇئي محسوس ڪريان. مونکي فلائيٽ جي وقت تي ايئرپورٽ پهچڻو آهي. جيڪڏهن ڊاڪٽر کي گهرايوسين تہ دير ٿي ويندي." ٽريسيءَ لرزش ڪندڙ آواز ۾ چيو.

هن سوچيو "جيڪڏهن پنڌرنهن منٽ سمهي رهان تہ شايد منهنجي طبيعت بهتر ٿي ويندي. ٺيڪ آهي، پوءِ هتان ڪان ايئرپورٽ هونئن ئي ٽيڪسيءَ ۾ ويندس، سو گس تي ٿورو وقت اک هڻي وٺنديس."

"منهنجي لاءِ ٽيڪسي ڪري اچ." هن عورت کي چيو.

"ٺيڪ آهي، اوهان پنهنجو خيال رکو. آئون اجهو ٿي ٽيڪسي ڪري اچان."

"ها، آئون بلڪل صحيح آهيان. تون جلدي اچ."

اها عورت ٽيڪسي ڪرڻ لاءِ ٻاهر هلي وئي. ٽريسيءَ محسوس ڪيو تہ سڄو گيراج سندس اکين اڳيان گهمي رهيو آهي. اوچتو سندس اکيون بند ٿي ويو ۽ هوءَ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پئي.

☆☆☆

جيف تمام گهڻو پريشان هو. ٽريسيءَ کي هوش نہ پئي آيو. هو ڪيس ٽيڪسيءَ ۾ کڻي هڪ هوٽل ۾ وٺي آيو هو.

دراصل جيف گيراج ۾ ٽريسيءَ کان هيرا وٺي ايئرپورٽ تي آيو ۽ اتي ئي سندس انتظار ڪرڻ لڳو. ڪيس خوف هو تہ ٽريسيءَ جي طبيعت ناساز هئي. متان هن سان ڪو مسئلو ٿي پوي. پوءِ جڏهن هوءَ فلائيٽ جي وقت ايئرپورٽ تي نہ پهتي تہ سندس شڪ يقين ۾ بدلجي ويو. هو سڌو گيراج ۾ آيو ۽ ٽريسيءَ کي بيهوش حالت ۾ ڏٺائين.

هو ٽريسيءَ کي هٿن تي کڻي ڪمري ڈانهن هلڻ لڳو. هوٽل جو مئنيجر ڪيس مشڪوڪ نگاهن سان گهورڻ لڳو.

"اسان ٻئي زال مڙس آهيون ۽ هتي

شيخ چلي ۽ ڍڳو

شيخ چلي جي پيءُ شيخ چلي کي چيو "اڄ نوڪر ڪونہ آيو آهي، ڍڳيءَ جو ڪير اڄ تون ئي ڪڍ. ڪو تہ ڪم ڪندو ڪر."

"هي وري ڪهڙو مشڪل ڪم آهي،" هن جواب ڏنو ۽ تانوَ ڪٽي ڍڳيءَ وٽ ويو ۽ ان جي ٽٽن کي ڏهئي تہ ڪير جو هڪ ڦڙو بہ ڪو نہ ٿي ڏنئي. ڍڳيءَ کي الاهي ڇا ٿيو آهي جو اڄ ڪير ڏيڍ لاءِ تيار ئي نہ آهي. هڪ ڦڙو بہ نہ ڏنو اٿس. هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ناڪام رهيو. نيٺ ڪاوڙ ۾ ڪير جا تانوَ اڇلائي چوڻ لڳو. "هي ڍڳي هاڻي بيڪار ٿي وئي آهي، ڪنهن نہ ڪم جي رهي آهي. هن کي تہ قسائي کي وڪڻڻ گهرجي."

هن جي پيءُ کي ڏاڍي حيرت ٿي تہ ڪلهہ تہ اها ڍڳي ڪير ڏئي رهي هئي، هاڻي وري ڇا ٿيس، هو ڊوڙندو آيو. ڏٺئي تہ شيخ چلي ڍڳيءَ بدران ڍڳي جي هيٺ ويٺل آهي ۽ ان مان ڪير ڪڍڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي.

"اڙي ڇريا، ڪڏهن ڍڳي بہ ڪير ڏنو. ڍڳي تہ هونئن ٻڌل آهي."

شيخ چلي چيو، "سوچڻو تہ اهو آهي تہ جيڪڏهن ڍڳي ڪير ڏئي سگهي ٿي تہ ڍڳو چو نہ ٿو ڏيئي ۽ ڪهڙي ترڪيب ڪجي جو ڍڳو بہ ڪير ڏيڍ شروع ڪري."

ائين چئي شيخ چلي اتان هليو ويو.

(فهيم ميمڻ)

هنی مون ملهائڻ لاءِ آيا آهيون. منهنجي زال جي طبيعت اوچتو خراب ٿي پئي آهي. شايد هتي جي آبهوا جي ڪري. اڄ رات آرام ڪرڻ ڪانپوءِ سندس طبيعت ٺيڪ ٿي ويندي." جيف هوٽل جي مئنيجر جي شڪن کي ختم ڪرڻ لاءِ صفائي پيش ڪندي تفصيلي جواب ڏنو.

هن ٽريسيءَ کي بيڊ تي ليٽايو. ٽريسيءَ جو جسم تمام گهڻو گرم هو. هوءَ مشڪل سان ساهہ ڪڍي رهي هئي. سندس ڪپڙا پگهر سبب آلا ٿي ويا هئا. جيف سندس ڪپڙا لاٿا ۽ ٽوال کي ٿڌي پاڻيءَ ۾ ڀيجائي سندس سڄي جسم کي هڻڻ لڳو تہ من سندس بخار ٿٽي.

ڪيس اهو بہ خوف هو تہ هيرن جي چوريءَ جي خبر پوليس کي پئجي چڪي هوندي ۽ پوليس شهر جي ناڪابندي ڪري ڇڏي هوندي. انٽرپول ۽ ٻيا حساس ادارا تفتيش ۾ لڳي ويا هوندا. جيڪڏهن ٽريسيءَ کي صبح تائين هوش نہ آيو تہ سندن لاءِ مسئلو ٿي سگهي ٿو. هو گرفتار بہ ٿي سگهن ٿا.

سڄي رات هو ٽريسيءَ کي جسم ۽ نراڙ تي ٿڌي پاڻيءَ جون پٽيون رکندو رهيو. پر بخار ٽٽڻ جو نالو ئي نہ ٿي ورتو. ڪيس خيال آيو تہ ڊاڪٽر کي گهرائجي، پر

صلاحيت

"جيڪڏهن صلاحيت جو دارومدار صرف انڌي پن تي آهي تہ پوءِ اهو ڪيئن ٿيو جو، ليزعين شاعرَ کان ڪوچڪورسڪيءَ، انڌي ٿيڻ کان پوءِ گانا لکرائيندو رهيو،

جيڪڏهن صلاحيت جو تعلق دولت سان هجي ها تہ ان جو ڇا سبب هيو جو ليزعين شاعر يتيم ۽ غريب هوندي بہ شهرت جي عروج تي ڪيئن پهتو؟

جيڪڏهن صلاحيت جو راز تعليم آهي تہ پوءِ مون کي ٻڌايو سليمان استاپسڪيءَ کي عوامي شاعر جي حيثيت ايتري قدر ڪيئن حاصل ٿي؟ هو تہ صحيح بہ نہ ڪري سگهندو هو. جڏهن هن کي صحيح ڪرڻي هوندي هئي تہ هو پنهنجي آڱر کي مس ۾ وجهي مخصوص ٿيل جڳهہ تي ان جو نشان هڻندو هو.

جيڪڏهن صلاحيت وسيع مطالعي ۽ علم ۽ فصل جي حاصلات آهي تہ ائين ڇو آهي تہ منهنجي واقفڪارن ۾ وڏا عالم ۽ تمام پڙهيل لکيل ماڻهو آهن پر اهي هڪ مصرع بہ صحيح نموني نہ ٿا لکي سگهن."

(رسول همزا توف جي "ميرا داغستان" ڪتاب مان ڪنيل)

ڊاڪٽر آڏي پيچا ڪندو، جيڪا هنن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي.

سڄي رات گذري وئي. جيف هڪ لمحو بہ ننڊ نہ ڪئي ۽ ٽريسيءَ جي ائين تيمارداري ڪندو رهيو، ڇڻ هن جو ساٿس ڪو ڊگهو ۽ گهرو جذباتي رشتو هجي. ٽريسي اڃا تائين بيهوش هئي. جيف کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڪري. هن هوٽل وارن کي بيڊ شيٽون آڻڻ لاءِ چيو، جيڪي هن دروازي تي ورتون. هن مشڪل سان بيڊ شيٽون مٽايون.

صبح کان منجهند ۽ منجهند کان شام ٿي وئي. نيٺ هن سوچيو تہ ڊاڪٽر کي تہ نہ ٿو گهرائي سگهجي، پر ڪا دوا، اسپرٽ ۽ ڪپهہ وغيره تہ آڻي سگهجي ٿو. هن روم جي دروازي تي "t distrubDon" جي پٽي لڳائي ۽ هوٽل کان ٻاهر هليو ويو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ هو جڏهن واپس موٽيو. ٽريسي اڃا تائين بيهوش هئي.

جيف اسپرين جا چار ٽيبليٽ هڪ گلاس ۾ ڪٽيا ۽ پاڻي ملائي ان جي ڳار ناهيائين. چمچي جي مدد سان هن اهو ڳار ٿورو ٿورو ڪري ٽريسيءَ جي وات ۾ وڌو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ ٽريسيءَ ڳيٽ ڏني. جيف کي ڪجهہ اطمينان مليو. هن سندن بخار ٽرماميٽر ۾ چيڪ ويو. ڪيس 105 ڊگري بخار هو ۽ گڏوگڏ چاتيءَ ۾ انفيڪشن پڻ هوس. هن ڪپهہ جا ٻڙا ناهي اسپرٽ مان ٻوڙيا ۽ ٽريسيءَ جي جسم جي حساس جڳهين تي رکڻ لڳو تہ جيئن سندس بخار ٿٽي.

ٽريسيءَ کي خواب ۾ ڏسڻ ۾ آيو ته هوءَ جيل ۾ هئي. پوليس کانئس آڏي پڇا ڪري رهي هئي ۽ جڏهن هن ڪجهه ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو ته هو ڪاوڙ ۾ اچي ويا ۽ ڪيس ڪمري ۾ بند ڪري تمام گهڻي گرمي ڏيڻ وارو هيٽر هلائي ڇڏيائون. جنهن سبب ڪيس لڳو ته ڄڻ هوءَ ٺهڪندڙ پاڻيءَ ۾ هجي.

ڪيس وري خواب ڏسڻ ۾ آيو. هوءَ هڪ ڪمري ۾ بيڊ تي ستل هئي. هن اکيون کوليون. سندس جسم ڏکي رهيو هو. سندس پرسان ڪمبل پيل هو، پر سندس ٻانهن ۾ سگهه نه هئي جو ان کي کڻي. سندس ڪپڙا، چهرو ۽ ڳچي پسيل هئا.

"آئون مرڻ واري آهيان، آئون آهيان ڪٿي؟"

"ها، آئون پنهنجي گهر ۾ آهيان." اهو جملو ڪيس مزاحيه لڳو ۽ ڪلڻ لڳي ۽ اها ڪل تمام گهري ڪنگهه ۾ تبديل ٿي وئي. جيڪي ڪجهه ٿيو، برو ٿيو. هوءَ اڃا ڦاٽل آهي. هاڻي پوليس هن لاءِ ايمسٽرڊيم ايندي. ٽريسيءَ وٽ جنيوا جي ٽڪيٽ هئي، جيڪا هن استعمال نه ڪئي هئي. مطلب ته هوءَ اڃا ايمسٽرڊيم ۾ ئي آهي.

هوءَ پريشان هئي ته ڪيس بستري تي پئي ڪيترو وقت ٿيو آهي. هن ٻانهن مٿي ڪري گهڙيءَ ۾ ڏنو، پر انگ ڏسڻ ۾ نه آيس. ڪيس هر شيءِ ٻٽي نظر اچي رهي هئي. ڪمري ۾ ٻه بسترا، ٻه ڊريسر، چار ڪرسيون وغيره پيل هيون. پوءِ اوچتو سندس جسم جو ڏکڻ بند ٿيو ۽ جسم حد کان وڌيڪ گرم ٿيڻ لڳو. هن چاهيو ته ڪمري جي دري کليل هجي، پر جسم جي ڪمزوريءَ ڪيس اٿڻ نه ڏنو.

هوءِ وري ايئرپورٽ تي هئي. بکسي ۾ بند ۽ مدد لاءِ دانهون ڪري رهي هئي.

"ها، تو ڪري ورتو، شاباس!"

جيف هيرا ڪٽي ويو ۽ ممڪن آهي ته هو برازيل هليو ويو هجي. اتي هو مزا ماڻيندو هوندو، ڪنهن عورت سان گڏ، جيڪا ٽريسيءَ تي ڪلندي هوندي. هو هڪ دفعو وري ڪيس مات ڏئي ويو هو. هوءَ هن سان نفرت ڪندي آهي.

ٽريسيءَ کي خواب ۾ عجيب صورتحال کي منهن ڏسڻو پئجي رهيو هو.

جيف ڪيس ٻانهن کان پڪڙيو. هو پري هٽڻ لڳي. هن کي ڇڪي ڇاتيءَ سان لڳايو. سندس لب هڪ ٻئي جي ويجهو هئا. پوءِ هو هوٽل ۾ ڊنر ڪري رهيا هئا.

"توکي خبر نه آهي ته تون منهنجي لاءِ ڪيتري خاص آهين." سندس جسم وري ڏکڻ لڳو. هاڻي هوءَ هڪ ايڪسپريس ٽرين ۾ هئي، جيڪا سرنگهه مان گذري رهي هئي. ڪيس پڪ هئي ته سرنگهه جي ٻئي ڇيڙي تي موت سندس انتظار ۾ هو.

سيئي مسافر ٽرين مان لهي ويا، سواءِ البرٽو فورناٽيءَ جي. هو هن کي گهوري رهيو هو ۽ ڪاوڙ وچان رڙيون ڪري رهيو هو.

"خدا جي واسطي! پنهنجون اکيون

کول ۽ مون ڏانهن نهار." ٽريسيءَ پوري قوت گڏ ڪري پنهنجيون اکيون کوليون. جيف سندس مٿان بيٺو هو. سندس چهري جو رنگ سفيد هو ۽ سندس آواز ۾ طيش جا آثار هئا.

"ڪيتري وقت کان تون ائين هتي پئي آهين."

"تون ته برازيل ۾ آهين؟"

☆☆☆

انسپيڪٽر ٽرگننٽ کي جهاز ۾ اهو مفلر مليو. جيڪو ٽريسيءَ کان اتي ئي رهجي ويو هو ۽ جيڪو ڪيس جيف تحفي طور ڏنو هو. ٽرگننٽ مفلر کي ڏسي چيو، "ڊينئل ڪوپر کي گهرايو."

☆☆☆

هوٽل ۾ جيف گذريل 48 ڪلاڪن کان نه ستو هو. هو تمام گهڻو ٿڪل هو ۽ سندس اکيون ٻوٽجڻ لڳيون هيون. "آئون بعد ۾ سمهندس." هن پاڻ کي تسلي ڏني. "اکيون بند ٿو ڪريان ته جيئن ڪين ٿورو آرام اچي."

جيئن ئي هن اکيون بند ڪيون، ڪيس ننڊ اچي وئي.

هاڻي ٽريسيءَ جو بخار ٿٽو ۽ ڪيس ساهه جي تڪليف ۾ به سڪون آيو. جڏهن هن اکيون کوليون ته ڪمري جي چت نظر آيس. هن کي خبر نه هئي ته هوءَ ڪٿي هئي. بيدار ٿيڻ کان ڪافي عرصو پوءِ سندس هوش جاءِ تي آيو هو. سندس سڄي جسم ۾ تمام گهڻو سور ۽ پيڙا هئي، ڇڻ ڪنهن ڊگهي سفر کان آئي هجي. هن ڪمري جي چوڻطرف نگاهه ڦيرائي ۽ هڪدم ڇرڪي وئي. پريان ڪرسيءَ تي جيف ستل حالت ۾ پيو هو. آخري دفعو هن ڪيس ڏٺو هو ته هو هيرا وٺي هليو ويو هو.

"هي هتي ڇا پيو ڪري؟" هن سوچيو.

ايتري ۾ جيف جي اک کلي وئي.

هن خود ئي جيف کي چيو، "مون کي افسوس آهي ته مون اوهان کي نقلي هيرن سان پريل بڪسو ڏنو هوندو. منهنجي طبيعت ٺيڪ نه هئي. ان ڪري مون کي ڪا خبر نه ٿي پئي."

جيف کليو، "ٽريسي تون فڪر نه ڪر. اهو اصلي بڪسو هو. ان ۾ هيرا پيل هئا."

" واقعي؟ تون سچ ٿو چوين!"

"مون کي ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي."

" جيڪڏهن توکي هيرا ملي ويا ته پوءِ تون هتي ڇا ويٺو ڪرين؟"

" ڳالهه در اصل اها آهي ته جڏهن مون کي هيرا مليا ۽ مون توکي ڏٺو ته سمجهي ويس ته تنهنجي طبيعت ڏاڍي خراب آهي، ان ڪري مان هتي رهي پيس."

"جيف مون کي لفظن ۾ نه منجهاءِ. مان تنهنجي واتان سچ ٿي ٻڌڻ گهران ته تون هن وقت هتي ڇو آهين؟ گنٽر چيو هو ته اسان کي هيرا ڪٿي يڪدم هتان نڪرڻو آهي، ورنه اسان جي پڪڙ جو وڏو خدشو آهي. ان هوندي به تون هتي آهين؟

" جيڪڏهن تون سچ ٻڌڻ گهرين ته ٻڌ. مان تو سان واقعي پيار ڪريان ٿو. تنهنجي زندگي مون کي پنهنجي جان کان وڌيڪ پياري آهي."

ٽريسي سوچيو ڇا هي مذاق پيو ڪري؟

"هيرا ڪٿي آهن؟" ٽريسيءَ پڇيس.

"هيرا گنٽر وٽ پهچي ويا آهن ۽ هن تنهنجو حصو سوئس بينڪ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو آهي. هاڻ ته توکي پڪ ٿي وئي نه مان هتي ڪنهن ٻئي مقصد ڪاڻ رهيل آهيان."

"جيف تو واقعي مون سان پيار ڪرين ٿو يا اها به ڪا تنهنجي نئين چال آهي، مون کي شڪست ڏيڻ جي؟"

" توکي شڪست ڏيڻ محال آهي. تنهنجي ذهانت سان مان ڪٿي ٿو مقابلو ڪري سگهان. تون دنيا جي اکين ۾ سرمو پارائي شيون ڪٿي وڃي ٿي. مان سچ ٿو چوان ته مون کي توسان پيار آهي. مان سمجهان ٿو ته پاڻ کي هاڻ هڪبئي کي دوکو يا مقابلي ۾ شڪست ڏيڻ بابت سوچڻ ڇڏي ڏيڻ گهرجي ۽ زندگيءَ بابت ڪجهه سنجيده ٿيون."

"ٺيڪ آهي. سوچيندس. في الحال مون کي ڪمزوري محسوس ٿي رهي آهي. مان سمهڻ ٿي چاهيان."

☆☆☆

ٻئي طرف ڪوپر ٽريسيءَ جي پٺيان لڳل هو. ڪيس جڏهن ٽريسيءَ جو مفلر ڏيکاريو ويو ته هن طنزيه انداز ۾ ڪلي ڏنو." هي ثبوت آهي؟ ڇو ٿا پوليس جو مذاق اڏرايو. ٽريسيءَ جا وڪيڪ سوين هزارين اهڙيون عورتون عدالت ۾ پيس ڪري ڇڏيندا، جن جي نالي جي پهريان اکر ٽريسي وٽنيءَ جي وانگر هوندا ۽ اهي ان رومال جي مالڪيت جو دعويٰ ڪنديون."

سيئي پوليس جا اعليٰ حڪام سندس ڳالهه ٻڌي خاموش ٿي ويا. هي واقعي صحيح ڳالهائي رهيو هو.

☆☆☆

جڏهن ٽريسي ڪجهه ٺيڪ ٿي ته جيف ۽ هي ٻئي ڇٽا هوٽل جي لابيءَ ۾ چانهن پيڻ آيا. دخل جي پرسان هوٽل جو مالڪ پنهنجي زال سان گڏ بيٺو هو. هن ٽريسيءَ کي ڏسندي چيو." مادام تون ڏاڍي خوش نصيب آهين جو توکي اهڙو پيار ڪرڻ وارو مڙس مليو آهي. هي تنهنجي باري ۾ ڏاڍو پريشان هو. هن راتيون جاڳي تنهنجي خدمت ڪئي آهي. ڪاش اهڙي همت مون ۾ به هجي ها."

ٽريسيءَ جيف ڏانهن ڏنو، جنهن جو سڄو منهن ڳاڙهو ٿي ويو هو. ٽريسيءَ سوچيو،" ته ان جو مطلب آهي ته جيف واقعي مون سان پيار ڪري ٿو. هن ان ڏينهن پيار ڪرڻ واري ڳالهه مذاق ۾ نه چئي هئي."

☆☆☆

ٽن ڏينهن کان پوءِ جيف ڪيس چيو، پاڻ کي هيءَ ملڪ ڇڏڻو پوندو.

پوليس اسان جي ڳولا ۾ آهي."

" ڪڏهن هلڻو آهي."

" سياڻي."

" ٺيڪ آهي. مان تياري ٿي ڪري وٺان."

ٽريسي ڏٺو ته جيف جو منهن لٽل هو. ڪيس به هڪ اڻ ڄاڻ ڊپ ورائي ويو هو. شايد جيف کان وڃڻ جو.

" ڇا ٿي ويو آهي؟ تون اداس ٿي ويو آهين. منهن لهي ويو اٿئي؟"

جيف جي چپن تي ٿڪي مرڪ اچي وئي. پر ڪجهه به نه ڪيچيو.

" ٻڌاءِ نه، ڪهڙي قيامت اچي وئي آهي جو منهن پاڻي پاڻي ٿي ويو اٿئي؟"

" تو کان وڃڻ جو وقت اچي ويو آهي. هي ته قسمت هئي جو تون بيمار ٿي وئين ۽ پاڻ کي گڏ رهڻ جو موقعو ملي ويو. هاڻ خبر ناهي پاڻ وري هن پيري وانگر ڪڏهن گڏ ٿيون؟"

" اچا! تو کي ڪنهن چيو آهي ته پاڻ وڃڻجون پيا؟"

جيف جو منهن ڪلي ويو." ڇا مطلب؟"

" مطلب ته منهنجا مٺا، مان پاڻ توسان پيار ڪرڻ لڳي آهيان. ان ڪري پاڻ هميشه گڏ هونداسين. تون نهايت پيارو ماڻهو آهين. پر خدارا مون کي ڪڏهن دوکو نه ڏجان."

جيف بي اختياريءَ ۾ ڪيس ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيو."تون منهنجي جان آهين. ڇا اهو ممڪن آهي ته مان توکي دوکو ڏيان؟. اها ڳالهه سوچ به نه."

ٽريسيءَ جون ٻانهون به جيف جي جسم چوگرد ويڙهجي ويون.

جيف چيو." ٽريسي هاڻ گهڻو ٿي ويو آهي. هن پيري تنهنجي جان وڃڻ واري هئي. پاڻ هاڻ گهڻو ڪمائي ورتو آهي. پاڻ کي هاڻ هي ڪم ڇڏڻ گهرجي."

"جيئن تون چوين منهنجا مٺا." اهو چئي ٽريسي پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون.

☆☆☆

ٻئي ڏينهن جڏهن جيف ٻاهر ويل هو ته گنٽر جو فون اچي ويو.

"هاڻي تون ڪيئن پئي محسوس ڪرين؟" گنٽر پڇيو.

"آئون بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهيان." ٽريسيءَ ڪيس خاطري ڏيندي چيو.

گنٽر ڪيس هر روز فون ڪندو هو.جڏهن کان هن ٻڌو هو ته هن سان ڇا ٿي گذريو هو. ٽريسيءَ فيصلو ڪيو ته هوءَ گنٽر کي سندس ۽ جيف جي فيصلي بابت ڪجهه به نه ٻڌائيندي. هن چاهيو ٿي ته اهو راز ڪجهه وقت تائين لڪل رهي ۽ پوءِ هو ان کي ظاهر ڪري. تيستاڻين ڪجهه مزو ماڻي وٺي.

"ڪم ڪرڻ جو موڊ اٿوَ؟" گنٽر کائنس پڇيو.

هو ڪلي.

"ڇا تون سوچين پيو ته اسان وري گڏجي ڪم ڪيون؟"

" هاڻي ته ڪيس ٻڌائڻو ئي پيو." گنٽر...اسان.....ڪم ڇڏيون پيا."

شيخ چلي ۽ گهوڙي

هڪ دفعي شيخ چليءَ جي پيءُ کيس جهنگ مان ڪاٺيون ڪرڻ لاءِ چيو. شيخ چلي فرمانبرداري سان ڪهاڙي کڻي وڃڻ لڳو.

"اڙي چريا، پنڌ ۾ تو پيو وڃين ۽ مٿي تي ڪاٺيون کڻي ايندين ڇا؟، پنهنجي گهوڙي کڻي وڃ نه."

هو گهوڙيءَ تي ويٺو ۽ جهنگ پهچي ويو. وڏي محنت ڪندي ڪاٺيون وڍيون ۽ ان کي ڳنڍي ناهي ۽ مس اڃا ڳنڍي گهوڙيءَ تي رکڻ واروهو ته هن ۾ گهوڙيءَ لاءِ رحم پيدا ٿيو. هن سوچيو گهوڙي ويچاري بي زبان جانور آهي، ان تي ايڏو گهڻو وزن رکڻ ظلم آهي ۽ مان به ويهان. مون کي گهرجي ته ڳنڍي جو وزن مان کڻان ۽ منهنجو وزن گهوڙي، اهڙي طرح اهو وزن ورهاجي ويندو. هن ڪاٺين جي ڳنڍي پنهنجي مٿي تي رکي ۽ گهوڙيءَ تي چڙهي گهر طرف روانو ٿيو.

ان حالت ۾ شهر ۾ داخل ٿيو اها ڳنڍي ته سندس مٿي تي ۽ پاڻ گهوڙي تي ويٺو هو، ماڻهو کلي کلي کيرا ٿي ويا.

"شيخ چلي! جڏهن گهوڙي موجود آهي ته ڳنڍي به ان تي رک. مٿي تي ڇو رکي اٿئي."

توهان کي ڪهڙي خبر، جانورن تي رحم ڪيئن ڪائبو آهي. مون ڳنڍي ان ڪري گهوڙي تي رکي آهي ته ويچاري وزن کان دٻجي نه پئي"،

"پر وزن ته ساڳيو ڪنيو ويٺو آهين، تون خوامخواهه ۾ پيو دٻجي."

(يعقوب چنڊو - نوابشاهه)

هئي طرف ڪجهه دير جي لاءِ خاموشي ڇانئجي وئي.

" مان ڳالهه نه سمجهيس."

"جيڪ ۽ مون هن ڏنڌي کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي."

"ڇا؟ پر.... ڇو؟"

" اهو جيڪ جو خيال هو ۽ مان به ان ۾ راضي آهيان. هاڻي ان ڪر ۾ اسان لاءِ خطرو روزبروز وڌندو پيو وڃي."

"فرض ڪر ته، مان توهان کي جيڪڏهن اهو چوان ته منهنجي ذهن ۾ هڪ اهڙو ڪر آهي، جيڪو ڪرڻ سان توهان کي ويهه لک ڊالر ملندا ۽ ان ۾ ڪو به خطرو ناهي ته پوءِ..!"

"گنڍڙا! پوءِ ته آئون وڏا ٿهڪ ڏيندس."

"آئون سنجيده آهيان، پياري. توهان کي صرف ايمسٽرڊئم وڃڻو پوندو. جنهن جڳهه تي توهان هيئنر موجود آهيو، اهو شهر اتان کان صرف هڪ ڪلاڪ جي فاصلي تي آهي ۽...."

قرباني

اٽلي جي شهر فلورينس ۾ هڪ مالدار،حسين ۽ شريف البرگي نالي شخص رهندو هو،جيڪو بهادر ۽ سخاوت ۾ مشهور هو.هو هڪ ڏينهن هڪ سهڻي ۽ من موهيندڙ عورت جيڪا ڪنهن جي زال هئي، ان تي عاشق ٿي ويو ۽ ان عورت کي دنيا جون منهنگي ۾ مهنگيون شيون تحفي ۾ ڏيئي ڇڏيون پر عورت پنهنجي مڙس کي نہ ڇڏيو ۽ هن کي هڪ ٻار بہ هو.

البرگي ايترو تہ تحفن تي خرچ ڪيو جو هو دولت مند مان ڪنگال ٿي ويو ۽ هاڻي هن وٽ سندس هڪ ئي فارم بچيو هو. جيڪو هن جي گذار سفر لاءِ هو.

هڪ ڏينهن سهڻي عورت جو مڙس مري ويو ۽ هن جي مڙس وصيت ڪري ويو هو تہ جيڪڏهن هن جي زال شادي ڪري ٿي تہ هن جي ڇڏيل سڄي مال ملڪيت تي هن جو ڪو بہ حق نہ رهندو. هن جي پٽ جو البرگي سان دلي لڳي وڃي ٿو ۽ هو هر روز سندس فارم تي اچي ٿو ۽ نيٺ هڪ ڏينهن سخت بيمار ٿي وڃي ٿو ۽ ماءُ کي چئي ٿو تہ مان هاڻي ان وقت ئي نيڪ ٿيندس جڏهن اهو البرگيءَ جو فارم منهنجو ٿيندو ۽ هو سخت بيمار ٿي وڃي ٿو. مجبورن هيءَ ان ڳالهہ جو ذڪر البرگيءَ سان ڪري ٿي. البرگي ڪيس چوي ٿو تہ مون وٽ جيڪو ڪجهہ هو،اهو مون توتي نچاور ڪيو.هاڻي هي فارم بچيو آهيءَ هي بہ تنهنجي پٽ لاءِ قربان ڪريان ٿو.بس تون خوش رهہ."

سندس محبوبہ روئي ٿي ڏي. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ سندس پٽ فوت ٿي وڃي ٿو ۽ هي ٻئي شادي ڪن ٿا ۽ ٻئي خوش و خرم زندگي گذارين ٿا.

"اٽلي جي مشهور رومانيءَ داستان."

"نہ...آئون سمجهان ٿي تہ تو دي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي ڳولڻو پوندو."

گنٽر گهرو ساهہ کنيو." افسوس جو مون وٽ ڪو ٻيو ماڻهو موجود نہ آهي، جيڪو اهو ڪم سنڀالي سگهي. بهرحال تون گهٽ ۾ گهٽ جيف سان تہ ڳالهاءِ. ممڪن آهي ڪو رستو نڪري پوي."

"نيڪ آهي.پر مان سمجهان ٿي تہ ان ڳالهہ مان ڪجهہ فائدو ڪو نہ ٿيندو."

"نيڪ آهي. پر تون جيف سان هڪ پيرو ڳالهائي تہ ڏس.من کا واه نڪري اچي. آئون توکي وري شام جو فون ڪندس."

"نيڪ آهي. پر .....تون شام جو فون ڪجان."

☆☆☆

جڏهن جيف موٽي آيو تہ ٽريسيءَ کيس سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي.

"پوءِ تو کيس ٻڌايو تہ اسان هاڻي اهو ڪم نہ ڪنداسين."

"ها بلڪل، مون کيس ٻڌايو تہ

اسان پنهنجي زندگيءَ کي هڪ الڳ رستي تي هلائڻ چاهيون ٿا. اسان نہ ٿا چاهيون تہ ڪوبہ غيرقانوني ڪم ڪريون، جنهن سان اسان ڪنهن مصيبت ۾ نہ پئجي وڃون. پر هو ضد ڪندو رهيو تہ ڪيس اسان جي ضرورت آهي. هن چيو تہ ڪو خطرو نہ آهي. اسان کي هڪ ننڍي ڪوشش جي عيوض ويهہ لک ڊالر ملي ويندا. هاڻي مان گنٽر کي ڇا چوان؟" ٽريسيءَ کائنس پڇيو.

" تو هن کي اڳ ۾ ٻڌائي ڇڪي آهين تہ پاڻ هاڻي ان ڪم کي ڪونہ ڪنداسين."

"پاڻ کي گهٽ ۾ گهٽ اهو تہ معلوم ڪرڻ گهرجي تہ آخر هو چوڻ ڇا ٿو چاهي."

"پر ٽريسي، اسان ٻئي ان ڳالهہ تي راضي ٿيا هئاسين تہ...."

اسان هوئنن ئي ايمسٽرڊئم شهر ڏانهن وڃون پيا..نيڪ پئي چوان نہ ؟"

"ها، پر...."

"ءِ جڏهن اسان اتي هونداسون تہ پوءِ اهو معلوم ڪرڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي تہ گنٽر ڇا ٿو ڪرڻ چاهي."

جيف مشڪوڪ انداز ۾ ڪيس گهورڻ لڳو. "مطلب تہ تون اهو ڪم ڪرڻ ٿي چاهين؟"

"بلڪل نہ، پر سندس منصوبو معلوم ڪرڻ ۾ ڪو حرج تہ ڪونهي."

☆☆☆

ٻئي ڏينهن صبح جو هو ايمسٽرڊئم روانا ٿيا ءِ ايمسٽيل هوٽل ۾ ڪمرو بڪ ڪرايائون. گنٽر پڻ لنڊن کان ساڻن ملڻ لاءِ روانو آيو.

اهي سياحن وانگر ايمسٽيل نديءَ تي هڪ ٻيڙيءَ تي گڏيا.

"مونکي اهو ٻڌي گهڻي مسرت ٿي آهي تہ توهان ٻئي شادي پيا ڪريو." گنٽر چيو."آئون دل جي گهرائين سان توهانکي مبارڪون ڏيان ٿو."

"مهرباني گنٽر." ٽريسيءَ کي خبر هئي تہ هو تمام مخلص ماڻهو آهي.

"آئون توهان جي ان فيصلي جو احترام ٿو ڪريان جو اوهان هن ڪم کي خيرباد ڪيو آهي، پر آئون هڪ غيرمعمولي صورتحال ۾ آهيان، جيڪا توهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو."

"ها، اسان ٻڌون پيا."ٽريسي ڳچيو.

گنٽر ٿورو اڳيان جهڪيو ءِ ڳالهائڻ شروع ڪيائين. سندس آواز هلڪو هو ءِ جڏهن هن ڳالهہ ختم ڪئي تہ چيائين، " ويهہ لک ڊالر، جيڪڏهن اوهان ڪوشش ڪريو."

"اهو ناممڪن آهي." جيف چٽي انداز ۾ چيو.

پر ٽريسي ڪجهہ ٻيو سوچي رهي هئي. هن کي جيف جو آواز چڻ ٻڌڻ ۾ ئي ڪين آيو هو. هوءَ اهو سوچي رهي هئي تہ اهو ڪم ڪري سگهجي ٿو.

ايمسٽرڊئم پوليس هيڊ ڪوارٽر، مارنڪس ءِ ايلئنبز گرئش علائقي جي هڪ شاندار پراڻي پنج ماڙ عمارت ۾ آهي. هيٺين منزل تي ڊگهو دالان ءِ سنگمرمر سان ٺهيل ڏاڪڻون. ڪانفرنس

روم ۾ هالينڊ ملڪ جا ڇهه جاسوس ۽ هڪ ڏاريون جاسوس يعني ڊينيئل ڪوپر وينل هئا.

انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين پربت جيڏو،هڪ قدآور شخص هو، جيڪو پنهنجي عمر کان وڏو پئي لڳو.هن جو آواز سخت گونجدار هو. هو وليمز سان مخاطب هو، جيڪو شهر جي پوليس جو چيف ڪمشنر هو.

"ٽريسي وٽني اڄ صبح جو ايمسٽرڊئم پهتي آهي.انٽرپول کي اها پڪ آهي ته ڊي بيئرز جي چوريءَ ۾ هوءَ ملوث آهي. مسٽر ڪوپر جو خيال آهي ته هوءَ هالينڊ ۾ ڪا ٻي واردات ڪرڻ آئي آهي."

چيف ڪمشنر ڪوپر سان مخاطب ٿيو، "تو وٽ ان جو ڪو ثبوت آهي؟"

ڊينيئل ڪوپر کي ڪنهن ثبوت جي ضرورت نه هئي. هو ٽريسي وٽنيءَ کان ڀلي پيت واقف هو. هن کي احساس هو ته هوءَ هتي ڪا وڏي واردات ڪرڻ آئي هئي. اهڙي وڏي ڪا واردات، جيڪا سندن وهم گمان ۾ به نه هوندي. پر ڪوپر خاموش رهيو.

"ڪو ثبوت ڪونهي."

" ان جو مطلب ته اسان کي ڪيس واردات ڪندي گرفتار ڪرڻو پوندو. نه ته اسان ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهون ۽ توهان اسان کي ڪهڙي صلاح ڏيندو ته اسان ان کي جهلي سگهون؟" انسپيڪٽر، ڪوپر کان سوال ڪيو.

"اها عورت اسان جي نگاهن کان هڪ لمحو به اوجهل نه ٿئي."

ڪوپر جڏهن "اسان" لفظ استعمال ڪيو ته ڪمشنر ٿورو منجهي پيو. هن پيرس ۾ انسپيڪٽر ترگننٽ سان ڪوپر جي باري ۾ ڳالهايو هو. " هو ڏاڍو تيز ۽ هوشيار ماڻهو آهي. هن کي هر شيءِ جي خبر آهي. جڏهن اسان هن کي پهرين ٻڌون ها ته ممڪن هو ته گهٽو وقت اڳ اسان ٽريسيءَ کي گرفتار ڪري چڪا هجون ها."

وليمز فيصلو ڪيو. سندس فيصلي جو بنياد ان مشهور بين الاقوامي اعلان تي هو ته فرانسيسي پوليس ڊي بيئر واردات جي مجرمن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي. سندس اندازو هو ته جتي فرانسيسي پوليس ناڪام ٿي وئي هئي، اتي هالينڊ جي پوليس ضرور ڪامياب ٿيندي.

"ٺيڪ آهي." ڪمشنر چيو، "جيڪڏهن اها عورت هالينڊ جي پوليس جي ڪارڪردگيءَ جو امتحان وٺڻ آئي آهي ته پوءِ ٺيڪ آهي. اسان به ڏسنداسين ته ڪيئن ٿي هوءَ اسان کي چڪمو ڏي."

چيف ڪمشنر، انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين ڏانهن مڙي چيو، "جيڪي ضروري قدم سمجهين، اهي کڻ."

☆☆☆

ايمسٽرڊم شهر ڇهن پوليس جي ضلعن ۾ ورهايل هو. هر ضلعو خودمختيار هو.انسپيڪٽر جي حڪم تحت اهي ضلعي حدون ختم ڪيون ويون. سڀني ضلعن جا جاسوس گهرايا ويا ۽ انهن تي مشتمل ڇاپامار ٽيمون تشڪيل ڏنيون ويون.

(باقي ايندڙ شماري ۾ پڙهندا)

مرڻ کان پوءِ جا عجب اسرار

ڊاڪٽر خالد نوراني

گهڻن ماڻهن مرڻ کانپوءِ حيرت ۾ وجهندڙ واقعن ۾ پنهنجو پاڻ کي پاتو. جنهن جو هو خواب ۾ به تصور نه پئي ڪري سگهيا ۽ پوءِ وري موت کي شڪست ڏئي واپس دنيا ۾ آيا. جنهن کانپوءِ انهن حيرت ۾ پيل واقعن تي تحقيقات ڪئي وئي ته آيا انهن ماڻهن سان موت کان پوءِ ڇا وهيو واپريو. انهن ڇا ڏٺو ۽ ڇا محسوس ڪيو ۽ اهي انهن واقعن جي باري ۾ ڇا بيان ڪن ٿا. اهڙن ئي واقعن تي مشتمل احوال بيان ڪجي ٿو.

جيڪو ساهه وارو پيدا ٿئي ٿو تنهن جو موت به مقدر آهي.اهو نڪتو شايد دنيا ۾ اچڻ کاءِ هڪ شرط آهي. ڇمڻ کان پهرين ۽ موت کان بعد ڇا آهي؟ اها ڳالهه اڄ به هڪ ڳجهارت آهي. دنيا جا مذهب انهن ٻنهي ڳالهين جي قياسي سمجهاڻي (theoritical explanation) ضرور ڏين ٿا. پر ڪو به سڌو ثبوت direct proof ان ڏس ۾ پيش نه ڪري سگهيا آهن. سڌي ثبوت مان مطلب اِها ثابتي اها جيڪا پنجن حواسن جي گرفت ۾ اچي سگهي ۽ دنيا جو هر انسان انهن ثبوتن کي جنهن وقت چاهي ڏسي ۽ سمجهي سگهي ٿو. مذهن جون ان ڏس ۾ شاهديون اڻ سڌيون indirect آهن. مثال طور هڪ سوال ته هي دنيا ۽ ڪائنات جو مانڊاڻ ڪنهن جوڙيو آهي؟ جواب اهو ملي ٿو ته هي سڄو حيرت وارو مانڊاڻ پالڻهار ظرفان جوڙيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته دنيا جي مذهبن جي مقدس ڪتابن ۾ ائين لکيل آهي يا وري اسان کي هي جواب ملي ٿو ته ڪائنات خود به خود ڪان جوڙي هوندي. ان کي ڪنهن نه ڪنهن ناهيو هوندو. اهو ناهن وارو پالڻهار ڪان سواءِ ٻيو وري ڪير ٿي سگهي ٿو؟

سائنس مذهب جي انهيءَ قياسي ڳالهين يا اڻ سڌن جوابن کي ڪونه ٿي قبول ڪري. سائنس جو اهو مؤقف اهي ته مذهبن جون زندگي کان پهرين ۽ موت کان پوءِ بابت ڳالهيون سرف قياس آرايون آهن جنهن جو ڪو ٺوس بنياد نه آهي. ان بنياد جي چڪر ۾ سائنس جي جيڪا ترقي ٿي آهي سان صرف ڇمڻ کان پوءِ ۽ مرڻ کان پهرين واري عرصي سان لاڳاپيل آهي.سائنس انهن ڳالهين کي قبول ڪري ٿي ڄيڪي ڳالهيون دهرائي ڪرڻ سان ساڳيا نتيجا ڏين ٿيون. جڏهن ته مذهبن

سان لاڳاپيل ڳالهيون صرف قياسي ڳالهيون آهن.

انهن جو بنياد يقينن تي رکيل آهي ۽ انهن وٽ انهن ڳالهين جو ڪو ٺوس بنياد يا سمجهاڻي ڪونہ ٿوي ملي تہ هي ڳالهيون ڇو واقع ٿين ٿيون.

پر ڪجهہ ڳالهيون اهڙيون آهن جن جي باري نہ مذهب ڪجهہ ٻڌائي گهيا آهن ۽ نہ سائنس انهن جي سمجهاڻي پيش ڪري سگهي آهي. اهي ٻئي مختلف سوچن جا هوندي بہ ڪجهہ ڳالهين تي هڪ جهڙو موقف رکن ٿا. انهن ڳالهين مان موت جو مشاهدو near death experience هڪ وايو مندل آهي جنهن جا ٻئي ناڪاري آهن.

"موت جو مشاهدو جو موضوع جيتوڻيڪ ڪافي پراڻو آهي. پر تنهن هوندي بہ ان موضوع تي سائنسي ماهرن 7 ڊاڪٽرن 1975ع کان پوءِ ان وقت توجہ ڏيڻ شروع ڪئي جڏهن ڊاڪٽرن ريمنڊ اي موڊي (Moody.Raymand A) پنهنجو شاهراهہ آفاق ڪتاب "زندگيءَ کانپوءِ (Life after life) زندگي" ڇپايو. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر ريمنڊ موڊيءَ انهن مريضن جي ٻڌايل انهن ڳالهين کي لکيو آهي جيڪي ڪن حالتن ۾ طبي طور مرده قرار ڏنا ويا هئا ۽ پوءِ انهن ڪنهن معجزاتيءَ نموني وارين زندگيءَ ڏانهن موٽي ڪاڏي هئي ۽ انهن ان عارضي موت واري هالت ۾ جيلو ڏنو واڻئو ۽ محسوس ڪيو هو تنهن بابت ڊاڪٽر موڊيءَ کي ٻڌايو هو. ڊاڪٽر موڊي جي اها علمي جاکوڙ مسلسل يارنهن سال جاري رهي. ڊاڪٽر موڊيءَ جي هن ڪتاب تي وڏا طوفان اٿيا. مختلف ٿولن طرفان وڏا اعتراض ڪيا ويا. سندس بيان ڪيل ڳالهين کي ذهني تخيل جو ڪرشمو ٻڌايو ويو. پر جيئن جيئن هن موضوع جي مخالفن انهن ڳالهين کي ڪوڙو ثابت لاءِ ڊاڪٽر موڊيءَ وانگر مريضن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. تيئن تيئن ڪين حيرت جي جهٽڪن جو شڪار ٿيڻو پيو ڇو تہ سندن پنهنجن مريضن انهن کي هي ساڳيون ڳالهيون ٻڌائڻ شروع ڪيون جيڪي ڊاڪٽر موڊيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ پيش ڪيون هيون.

موت بعد مريضن ڇ نڏواهو ۽ دنيا ۾ اچي ڇا ٻڌايو آهي؟

موت جو مشاهدو ڪندڙن مريضن هن موضوع جي مٿان علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪندڙن کي جيڪي ڪجهہ بہ ٻڌايو آهي تنهن کي ٿلهي ليکي هيٺين لفظن ۾ بيان ڪجي ٿو:

"جنهن ماڻهو جو موت ٿي رهيو آهي اهو جڏهن پنهنجي زندگيءَ جي پڇڙي تي پهچي ٿو تہ ڪيس جسماني ٿڪ جو احساس ٿئي ٿو. هي ڊاڪٽرن جي واتان سندس وارثن کي هن جي ٿي موت بابت ٻڌائيندو ڏسي ٿو. هن جي ڪنن ۾ هڪ نہ وڻجندڙ شور گونجن شروع ٿئي ٿو ۽ هي پنهنجو پاڻ کي هڪ اونڌاهي سرنگهہ مان گذرندي محسوس ڪري ٿو. تنهن کان پوءِ هي هڪدم پنهنجو پاڻ کي پنهنجي خاکي

جسم مان ٻاهر ڏسي ٿو هي اڃا تائين هن زميني دنيا منجهه آهي ۽ پنهنجي لاش مٿان بيٺو ڪيس هڪ تماشائيءَ وانگر ڏسي رهيو آهي. هي ڊاڪٽرن کي پنهنجي جسم مٿان ڪيس وري جيئرو ڪرڻ واريون ڪوشسون Resuscitationڪندي ڏسي ٿو هن وقت هن جو ذهن سخت اٽل پٽل جو شڪار آهي.

ٿوري دير گذرن کان پوءِ هي پنهنجو پاڻ کي جذباتي طور سنڀالي وٺي ٿو ۽ پنهنجي چوگرد جي ماحول کي سمجهڻ ۽ قبول ڪرڻ شروع ڪري ٿو. هي پنهنجو پاڻ تي نظر وجهي ڏسي ٿو ته ڪيس معلوم ٿئي ٿو ته هو پنهنجي زنده هجڻ واري روپ ۾ ضرور آهي پر اڳي وانگر هن وٽ خاڪي بدن ڪو نه آهي.هن جون صلاحيتون به ان خاڪي جسم واري هالت کان مختلف آهن. ڪجهه مهل کان پوءِ ٻيا روحاني وجود هن وٽ اچن ٿا. هن سان ملي هن جي مدد ڪن ٿا. هن کي ان وقت پنهنجي مئل مٽ مائٽن ۽ عزيزن جا روح پڻ نظر اچن ٿا. جيڪي پڻ اچي هن سان ملن ٿا. ان سان گڏوگڏ ڪيس اتي هڪ اهڙي هستي جي موجودگي محسوس ٿئي ٿي. جيڪا اتي موجود آهي جنهن کي هي نه ٿو سڃاڻي ڇو ته هي ڪڏهن هن سان زندگيءَ ۾ ناهي مليو پر تنهن هوندي به انهيءَ هستيءَ جي موجودگيءَ هن جي منجهيل من کي ڏڍ ڏيئي ٿي. اها نور هستيءَ مان نهيل آهي. اها نوراني هستي ڏانهس اچي ٿي ۽ ساٿس ڳالهائي ٿي. سندن اها ڳالهه ٻولهه ذهني طرح ٿئي ٿي. ان گفتگو ۾ لفظ وغيره استعمال ڪونه ٿا استعمال ڪيا وڃن. ٻئي ڇڻا بنان لفظن جي ڳالهائڻ جي باوجود به هڪٻئي جي ڳالهه پوري ريت سمجهن ٿا. هيءَ نوراني هستي ڪين سندن زندگي کي جانچڻ لاءِ چوي ٿي ته هو ڏسي ته هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڇا ڇا ڪيو هئو؟ سندس زندگي جي هر ڳالهه زندگيءَ ڪنهن سينيما جي فلم وانگر سندس اکين آڏو ڏيکاري وڃي ٿي. تنهن بعد هن کي لڳي ٿو ته سندس سامون ڪا رڪاوٽ يا رنڊڪ اچي ويئي آهي. ڪنهن نمونی ڪيس اها ڄان پئي ٿي ته اها رڪاوٽ سندن زميني زندگيءَ ۽ هن مٿان دنيا جي سرحد آهي. هن وقت هن کي شديد طور اها خواهش اپري ٿي ته هو واپس پنهنجي زميني زندگيءَ ڏانهن موٽي وڃي. ڇاڪاڻ جو اڃان سندس موت جو وقت نه آيو هو. گڏوگڏ هن جي من ڪنهن گوشي ۾ زميني دنيا ڏانهس پاپس وڃڻ واري خواهش کان روڪ آهي. ڇاڪاڻ جو هن ڪيفيت ۾ ڪيس هڪ اهڙو مزو، فرحت جو احساس، پيار ،محبت ۽ سڪون ملي ٿو جنهن کي هو لفظن ۾ پوئڻ کان قاصر آهي. پر سندس ان خواهش ابتڙ ته هو زميني دنيا ۾ نه موٽي هي پنهنجو پاڻ کي، خاڪي جسم اندر ڏسي ٿو ۽ اکيون کولي هوش ۾ اچي وڃي ٿو.

هي اتي پنهنجي اردگرد موجود ماڻهن کي ساٿس جيڪو وهيو ۽ واپريو آهي تنهن بابت ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪري

تو پر کيس ان ڪيفيت کي بيان ڪرڻ ۾ انتهائي دشواريءَ جو سامهون ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته باوجود ڪوشش ڪرڻ جي ڪيس اهڙا لفظ نه ٿا ملن جيڪي سندس ان مٿانهين دنيا جي سير ڪرڻ واري واقعي کي ان جي اصل روح ۾ پيش ڪري سگهن. تنهن هوندي به اهو ماڻهو پنهنجي موت جي مشاهدي کي بين کي ٻڌائي ٿو. ماڻهو سندس ڳالهيون ٻڌي هن جي مذاق اڏائن ٿا ته هي وڏلجي رهيو آهي. ماڻهن جو اهو منفي رد عمل ڏسي هي پنهنجي اها "ڪٿا" ڪين ٻڌائڻ بند ڪري ٿو. تنهن هوندي به اهو "موت جو مشاهدو" سندس سڄي زندگيءَ مٿان اثر وجهي ٿو ۽ سندس زندگي ۽ موت بابت پراڻن لاڙن ۾ گهري ۽ بنيادي تبديلي اچي وڃي ٿي."

بقول ڊاڪٽر مودي جي ته اهو ضروري ناهي ته ان مٿين بيان ڪيل ڪيفيت جون اهي سڀ ڳالهيون هر مريض سان وهن يا واپرجن. هي ٻڌائي ٿو:

(1) جيتوڻيڪ سڀني مريضن گهڻو ڪري اهي ئي مٿي بيان ڪيل ڳالهيون ٻڌايون آهن پر تنهن هوندي به هر مريض اهي مٿي ٻڌايل بقاءَ بلڪل ساڳيءَ ترتيب سان نه بيان ڪيا آهن. جيتوڻيڪ ڪافي مريضن جا مشاهدا بلڪل هڪجهڙائي وانگر هئا.

(2) ڊاڪٽر مودي ڪي ڪو به اهڙو مريض نه مليو آهي جنهن کي مٿي ٻڌايل هر ڳالهه جو تجربو ٿيو هجي. انهن مريضن مان ڪافي ڇڻن مٿي بيان ڪيل ڳالهين مان نوي يا وري اسي سيڪڙو کن ڳالهيون ڏسڻ بابت ٻڌايو آهي پر انهن سڀني مريضن جي الڳ الڳ مشاهدن کي گڏ ڪرڻ بعد جيڪا گڏيل تصوير نهي ٿي سسا مٿي پيش ڪئي وئي آهي.

(3) هر مريض جي ڪا نه ڪا ڳالهه مٿين ٻڌايل ڳالهين مان ڇڏيل آهي يعني هر مريض جي ڪهاڻي ڪجهه نه ڪجهه مختلف ضرور ٿئي ٿي. (4) ڪن مريضن مٿي چيل ڳالهين ۾ ڪو نه ڪو ڦير ضروري آندو آهي. مثلن ٻڌايو آهي ته روح کي "نوراني هستي" اونداهي سرنگهه مان گذرڻ کان پوءِ نظر آئي پر هڪ مريض اهو ٻڌايو ته هن جو روح جنهن وقت پنهنجي خاڪي جسم کان الڳ ٿي رهيو هو تنهن وقت ڪيس اها نوراني هستي نظر آئي هئي.

(5) انهي "موت جو مشاهدي" ۾ روح ڪيترو اڳتي ويا ان جو دارو مدار ان ڳالهه تي هو ته اهي ماڻهو ڪيترو وقت ان موت جي ڪيفيت ۾ رهيا هئا. ڊاڪٽر مودي جي تحقيق ٻڌايو ته جيڪي ماڻهو ڇڇ وقت طبي موت جي حالت ۾ رهيا هئا تن کي مٿانهين دنيا جي گهڻن ئي لقائن جي ڏسڻ جو موقعو مليو هو. انهن جي ابتڙ اهي ماڻهو جيڪي طبي موت جي حالت ۾ صرف ڪجهه يا ٿوري وقت لاءِ رهيا هئا ۽ ترت ئي هوش ۾ اچي ويا هئا. تن کي موت جي مشاهدي جي صرف ڪجهه ماجرائن سان واسطو پيو هو.

(6) ڪجهه اهڙا به مريض ڊاڪٽر مودي کي مليا جن کي پڻ ڊاڪٽرن

طرفان "طبي موت" جو سرٽيفڪيٽ مليو هو پر انهن مان ڪنهن کي به مٿي بيان ڪيل "موت جي مشاهدي" سان واسطو ڪو نه پيو هو. انهن کي سندن موت جي دوران واري وقت بابت ڪجهه به ياد نه هو. ڪجهه اهڙا به مريض ڪيس مليا جن کي ان عارضي موت واري ڪيفيت سان هڪ دفعي کان وڌيڪ ٽڪراءُ ٿيل هو پر تنهن هوندي به ڪين مٿي بيان ڪيل لقائن سان ڪو واسطو ڪو نه پيو هو.

"موت جي مشاهدي وارن تجربن بابت مريضن ڇا ٻڌايو آهي:

موت جي مشاهدي جي ڪيفيت مان گذرندڙ ماڻهو ان تجربي بابت هيٺيون ڳالهيون ٻڌائن ٿا:

1. زبان گنگ آهي

جيڪي مريض انهي موت جي مشاهدي مان لنگهيا آهن سي ان تجربي کي اظهار لفظن ۾ ڪرڻ انساني وس جي ڳالهه نه آهي. اهو اهڙو تجربو ۽ تاثر آهي جنهن کي انساني دماغ صرف محسوس ڪري سگهي ٿو پر بيان نه ٿو ڪري سگهي. انهيءَ تجربي کي هڪ عورت هيٺين ريت بيان ڪري ٿي:

"هاڻ منهنجي لاءِ حقيقي مسئلو اهو آهي ته آئون ڇا ٻڌايان ۽ ڪهڙن لفظن ۾ بيان ڪريان. ڇاڪاڻ جو ڳالهائڻ جا سڀ لفظ ته جهتي (Three Dimensional) دنيا جا آهن جيئن جيئن اٿون پنهنجي ان مشاهدي کي ذهن ۾ ورجايان ٿي تيئن تيئن مون کي خبر پوي ٿي ته اسان کي دنيا اندر مليل تعليم دوران اهو پڙهايو ويندو آهي ته هر شيءَ ته جهتي آهي هاڻ مونکي اهو پتو پيو آهي ته اها تعليم بلڪل غلط هئي. شين جون جهتون ٽن کان پڻ وڌيڪ ٿين ٿيون. اسان جنهن دنيا ۾ رهون ٿا سا واقعي ٽن جهتن تي مشتمل آهي. جڏهن ته مٿانهين دنيا وڌيڪ جهتن جي دنيا آهي. اهو ئي سبب آهي جو آئون ان موت جي مشاهدي کي سندس اصل شڪل ۾ بيان ڪري نه ٿي سگهان. ڇاڪاڻ جو دنيا ۾ ڳالهائيندڙ ٻولين جا لفظ صرف ٽن جهتن جي شين کي بيان ڪرڻ جي لائق آهن ۽ ٻين جهتن

ايئر ڪرافٽ ۾ بليڪ باڪس ڇو فٽ ٿيل هوندو آهي؟

بليڪ باڪس جو جهاز جي اڏام سان ڪو به تعلق نه آهي. انهيءَ جو ڪم بس اهو آهي ته اهو تحقيقات ڪندڙن کي اها معلومات فراهم ڪندو آهي ته جهاز جو ڪريش ٿيڻ جو سبب ڇا آهي.

مسافر بردار جهاز ۾ وري اهي به تعداد ۾ هوندا آهن. انهن ۾ هڪ فلائيٽ جي باري ۾ معلومات ريڪارڊ ڪندو آهي. جيڪو جهاز جي رفتار، طرف، اونچائي ۽ ٻيون ضروري ڳالهيون رجسٽرڊ ڪندو آهي ۽ ٻيو بليڪ باڪس وري ڪاڪپٽ ۾ آواز ريڪارڊ ڪندو آهي.ان ۾ هڪ ڪارو ٽيپ هوندو آهي. جنهن کي Answering Machine به چئبو آهي. اهو لڳاتار ڪم ڪندو رهندو آهي. اهو 30 ۽ 60 منٽن تائين ٿيل ڳالهيون ريڪارڊ ڪندو آهي. ان کي باهه به نقصان نه پهچائي سگهندي آهي. ان جي اندر جو رنگ ڏکيو ويندو آهي جو تباهه ٿيل جهاز جي ملبي ۾ آساني سان ملي سگهي.

کي ٻڌائڻ کان لاچار آهن. تنهن ڪري آئون جيڪو ڪجهه به ان "موت جي مشاهدي" بابت ٻڌايان پئي سو ان ماجرا يا لقاءِ جي ويجهو ته ضرور ٿي سگهي ٿو پر هو بهو ان "موت جي مشاهدي" کي بيان ڪرڻ کان قاصر آهي."

2. بي انتها سڪون ۽ اٿڪٽ ماڻار جو احساس

موت جي مشاهدي وارن ماڻهن گهڻو ڪري هن ڪيفيت ۾ تمام گهڻي سڪون ۽ اڻ ڪٽ ماڻار جي تاثر جو ٻڌايو آهي. ڪين اها ڳالهه ان ڪيفيت جي شروعاتي وقت ۾ محسوس ٿئي ٿي. هڪ اهڙي مريض جنهن جو طبي موت مٿي تي ڏڪ لڳڻ سبب ٿيو هو تنهن هيٺين ريت ٻڌايو آهي:

"مٿي تي زوردار ڏڪ لڳڻ وقت مون کي گهڙي ڪن لاءِ نهايت ئي شديد تڪليف جو احساس ٿيو. تنهن بعد اهو درد جو احساس يڪدم ختم ٿي ويو. مون کي لڳو ڄڻ آئون ڪنهن اونداهي جاءِ منجهه تري رهيو هجان. ان حادثي واري ڏينهن سردي تمام گهڻي هئي پر مون کي هن حالت ۾ گرماهٽ پئي محسوس ٿي. مون کي ان وقت انتهائي آرام پئي آيو. جيڪو مون پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ ڪڏهن به اڳ محسوس نه ڪيو هو. منهنجي ان وقت اها سوچ هئي ته آئون مري چڪو آهيان."

دل جي هڪ مريض جيڪا دل جي دوري وگهي ڪجهه عرصي لاءِ طبي طور ختم ٿي چڪي هئي تنهن پنهنجو هيٺيون تجربو بيان ڪيو آهي:

"مون کي لڳو ڄڻ آئون ڪنهن انتهائي فرحت آميز ۽ انتهائي وڻندڙ ڪيفيت منجهان لنگهي رهي هجان. اهڙي ڪيفيت مون ڪڏهن به پنهنجي زندگي ۾ اڳي محسوس نه ڪئي هئي. ان ڪيفيت ۾ سڪون، آرام، نرماهٽ سان گڏوگڏ هڪ اڻ ڪٽ خاموشي جو احساس پڻ هو. مون کي اڃين ٿي لڳو ڄڻ منهنجيون سيئي تڪليفون ۽ درد ختم ٿي ويا هجن ۽ مون اهو سوچيو پئي ته مون کي هاڻ ڪيڏو نه سڪون پيو محسوس ٿئي ڇاڪاڻ جو هتي ڪنهن به قسم جو درد يا تڪليف محسوس ڪو نه ٿئي."

هڪ ٻيو مريض اهڙي مشاهدي دوران سڪون جي لقاءِ بابت هيٺين ريت ٻڌائي ٿو:

"منهنجو پورو وجود فرحت آميز ۽ سڪون واري ڪيفيت مان لنگهي رهيو هو. مون کي اها ڪيفيت نهايت دل کي وڻندڙ پئي لڳي ڇاڪاڻ جو مون کي اهڙو ذهني آرام ۽ سڪون پنهنجي پوريءَ زندگي ۾ ڪڏهين به پهرين محسوس نه ٿيو هو."

هڪ فوجي ان لقاءِ بابت هيٺين ريت ٻڌائي ٿو جنهن جو ويٽنام جي جنگ دوران لڳل زخمن ڪري طبي موت ٿي ويو هو:

"مون کي يڪدم نهايت آرام جو

احساس محسوس ٿيو. مون کي جيڪو شديد درد پهرين محسوس ٿيو پئي سو هڪدم ختم ٿي ويو ۽ مونڻ پنهنجو پاڻ کي نهايت هلڪو پئي محسوس ڪيو. اها ڪيفيت تمام مزي واري ۽ فرحت آميز هئي."

3. گوڙ، شور يا موسيقي جو ٻڌڻ

موت جي مشاهدن جي ڪافي مريضن مرڻ وقت غير معمولي آوازن يا شور ٻڌڻ جو ٻه ذڪر ڪيو آهي. ڪنهن ڪنهن وقت تہ اهو شور نهايت تيز ۽ ماڻهن کي پريشان ڪندڙ هوندو آهي. هڪ مريض جنهن کي پيٽ جي آپريشن دوران موت جو مزو چکڻو پيو هو ۽ بقول ڊاڪٽرن جي تہ اهو مريض 20 منٽن تائين ان طبي موت جي حالت ۾ رهيو هو،سو ٻڌائي ٿو تہ:

"مون کي ان وقت نهايت تيز شور جو آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو جيڪو مون کي لڳو پئي تہ منهنجي مٿي منجهان ئي اڀري رهيو هجي. انهيءَ آواز مون کي نهايت بي آرام ڪري ڇڏيو هو. آئون ڪڏهن بہ ان غير معمولي پريشان ڪندڙ آواز کي وساري ڪو نہ ٿو سگهان."

هڪ عورت ان گوڙ ۽ شور بابت هيٺين نموني ٻڌائي ٿي:

"منهنجي ڪنن ۾ هڪ تيز وڄندڙ آواز گونجڻ لڳو جيڪو انتهائي پريشان ڪندڙ هو. مون کي اٿين پئي لڳو ڇڻ ان آواز ڪري منهنجي چوڌاري دنيا گول گهمي رهي هجي."

ڪن ماڻهن انهي گوڙ ۽ شور جي آواز کي ڪاوڙ ڏيارينڊڙ، يا تيز ٽڪائن جي آواز يا زوردار ڪلڪ جي آواز يا وري هوا جي تيز لڳڻ جي شور سان مشابهت ڏني آهي. ڪجهہ مريضن ٽٽين ڳالهين جي ابتڙ بہ ٻڌو آهي. انهن کي، بجاءِ گوڙ شور جي آواز جي، مڌر مڌر موسيقي جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو آهي. هڪ ماڻهو جنهن جو موت اسپتال پهچندي ئي ٿي ويو هو ۽ ڊاڪٽرن پڻ ان کي مئل قرار ڏئي ڇڏيو هو ۽ کيس وري ڊاڪٽرن طرفان زنده ڪرڻ وارين ڪوششن جي ڪري ٻيهر حياتي ملي هئي سو ٻڌائي ٿو:

"مون کي اٿين پئي لڳو تہ ڇڻ آئون گهنٽين جي مڌر موسيقي ٻڌي رهيو هجان. اها موسيقي نهايت ئي هلڪي آواز ۾ هئي ۽ اها هوا جي دوش تي آهستي آهستي گم ٿيندي پئي وئي. مون کي اها موسيقي جيان جي هوا ۾ لڏندڙ گهنٽين جي آواز وانگيان لڳي... مون ان مرڻ واري ڪيفيت دوران صرف اهو ئي هڪ آواز ٻڌو هو."

هڪ عورت جنهن جو عارضي طبي موت جسم اندر رت وهڻ ڪري ٿي ويو هو ۽ اها بعد ۾ ميڊيڪل سائنس جي بدولت بچائي ويئي هئي. تنهن ٻڌايو آهي تہ موت جي وقت هن کي نهايت دلنشين ۽ من کي موهيندڙ موسيقي ٻڌڻ ۾ آئي هئي. اها موسيقي نهايت ئي شاندار هئي ۽ ان جهڙي خوبصورت ۽ دلپذير موسيقي هن پهرين ڪڏهن بہ زندگيءَ منجهہ نہ ٻڌي هئي.

(هلندڙ آهي)

حضرت عزير عليه السلام

محبوب علي سمون

حضرت عزير عليه السّلام جي زندگيءَ جو احوال. هن نبيءَ جي زندگيءَ کان گهڻو ڪري عام مسلمان واقف نہ آهن. هن نبيءَ کي بہ حضرت ابراهيم عليه السّلام وانگر باهہ ۾ اڇلايو ويو هو. پر خدا جي ڪرم سان اها باهہ سندس وار بہ ونگو ڪري نہ سگهي. ڇو تہ سندس ايمان پنهنجي رب تي مڪمل هو. هي هڪ وڏو عالم ۽ دانا شخص هو.

ان دور جي ڪهاڻي جڏهن هڪ ئي وقت ڪيئي نبي موجود هئا

حضرت يسوع مسيح عليه السّلام کان اٽڪل 700 سال پهرين بابل ڏاڍو اوج تي هو. ان وقت ان جو بادشاهہ "بخت نصر" هو جنهن کي پنهنجي حڪومت جون حدون وڌائڻ جو ڏاڍو حرص هو. تنهن ڪري آسپاس جي ملڪن ۽ شهرن تي ڪاهون ڪندو رهندو هو. اوچتو ڪيس خيال آئيو تہ ڇو نہ يروشلم کي بہ فتح ڪجي، سو يروشلم ڏانهن ڪٽي رخ رکيائين ۽ فلسطين تي هڪئي پٽيان تي حملا ڪيائين. بني اسرائيلن کي هار نصيب ٿي. بخت نصر جيڪي بہ علائقا فتح ڪيا، تن کي تباهہ ۽ برباد ڪندو پئي آيو. هن بيت المقدس مان قيمتي شيون ۽ متبرڪ سامان ڪڍائي پنهنجي لشڪر جي حوالي ڪيو. هن سامان ۾ هيڪل جا مقدس ٿانو پڻ هئا.

جڏهن هيءَ ڦرلٽ ۽ رتوچاڻ هلي رهي هئي تہ بخت نصر بادشاهہ هيءَ حڪم جاري ڪيو تہ قتل رڳو انهن ماڻهن کي ڪيو وڃي، جيڪي ڪنهن ڪم جا نہ هجن. يعني پوڙهن، ايرن ڏهرن ۽ اڳهن کي قتل ڪيو وڃي ۽ ٽلهن متارن جوڌن، جوانن ۽ ٻارن ٻچن کي ٻانهو بڻايو وڃي.

لشڪر پنهنجي بادشاهہ جي حڪم جي تعميل ۾ رڌل هو. گهرن ماڙين ۽ محلن کي ڍاڻو پئي ويو ۽ بخت نصر پاڻ يروشلم جو جائزو وٺي رهيو هئو. جيڪي قيدي بڻايا ويا هئا، انهن سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. فلسطين جي بابرڪت شخصيتن جي باري ۾ جڏهن ڪيس ڄاڻ

ملي تہ اچرج ۾ پئجي ويو تہ جنهن علائقي ۾ اهڙيون پلاريون هستيون پيدا ٿيون هئن، پوءِ به اتي ايتري گمراهي ۽ گناهن جي بازار ۾ هجي. هو يروشلم جي زندهه بچي ويل بزرگن کان پڇي رهيو هئو تہ جڏهن توهان ۾ اهڙا پلارا ۽ نيڪ ماڻهو پيدا ٿيندا رهيا آهن، جيڪي وقت بوقت پنهنجي ڪشف ۽ ڪرامت سان اچڻ وارن آفتن ۽ مصيبتن کان خبردار ڪندا رهيا هجن تہ ڇا هن مصيبت جو ذڪر توهان سان ڪنهن ڪونہ ڪيو؟

هڪ عورت جواب ڏنس ،"انهيءَ عذاب جي شڪِ تہ اسان کي اسانجي ارمياهہ عہ نالي بزرگ اڳئي ڏيئي ڇڏي هئي."

بخت نصر بادشاهہ کي ارمياهہ عليہ السلام جو تجربو حاصل ٿي چڪو هو تنهنڪري ڪيس اندازو ٿي ويو هو تہ هن قوم ۾ اڃا بہ ڪي سياڻا ۽ ڏاها، فڪر ۽ فهم وارا شخص ضرور هوندا. ان لاءِ پاڻ حڪم ڏنائين تہ وڃو! بني اسرائيلي قيدين ۽ غلامن مان ڪجهہ فهم ۽ فراست، ڪشف ۽ ڪرامت ۽ اعليٰ نسب وارا ماڻهو منهنجي دربار ۾ وٺي اچو. اهي مفڪر ۽ مدبر ماڻهو منهنجي ڪم جا آهن، آئون انهن کي دربار ۾ سئو مرتبو ڏيندس. تنهن تي سندس خاص وزير اسپنز بادشاهہ جي طبيعت موافق ماڻهو ڳوليڻ شروع ڪيا. تہ ڪيس چار ماڻهو اهڙا ملي ويا. جن ۾ حضرت دانيال عليہ السلام حضرت عزير عليہ السلام حضرت حنيناهہ عہ ۽ حضرت ميسائيل عہ هئ. هي چار ئي ماڻهو ڏاڍا ڏاها ۽ حسب نسب جي لحاظ کان مڙني کان پلا هئا. چئن ئي کي بخت نصر بادشاهہ جي دربار ۾ پيش ڪيو ويو.

بخت نصر جي جڏهن مٿن نظر پيئي، تڏهن کين ايرو ۽ ڏهرو ڏسي چيائين،"هي هيترا ڪمزور ڇو آهن؟"

اسپنز وارڻيو "سائين! قيد ۾ رهڻ ڪري شايد کين سٺي ڪاڏ خوراڪ ڪونہ ملي سگهي آهي ۽ شايا سندن لڳن تي ڪو سٺو ۽ سهڻو لباس ڪونهي. جيڪڏهن کين عاليشان پوشاڪ پهرائي وڃي ۽ عما ا ڪاڏا ڏنا وڃن تہ سندن منهن ۾ رونق ۽ تازگي اچي ويندي."

بخت نصر چيو"هي چارئي اسان جي زبان کان واقف نہ آهن. پوءِ اسان ڪانئن ڪيئن فائدو حاصل ڪنداسون؟"

اسپنز جواب ڏنو تہ "انهن چئن ئي تي معلم رکيا وڃن، جيڪي کين بابلي ٻولي سيکارين ۽ پوءِ اوهان انهن مان خاطر خواهہ فائدو حاصل ڪري سگهندو."

بخت نصر حڪم ڪيو تہ انهن کي سٺيون غذائون ڏنيون وڃن ۽ کين عمدو لباس پهرايو وڃي ۽ سندن لاءِ استاد مقرر ڪيا وڃن، تان جو اهي منهنجي دربار ۾ اچڻ جهڙا ٿين. بخت نصر بادشاهہ سندن نالا پڻ مٽائي ڇڏيا. حضرت دانيال عہ جو نانءُ بيلا شفر، حضرت عزير عہ جو عبدنجو جو حنيناهہ جو سدرڪ ۽ ميسائيل جو نانءُ ميسڪ رکيائين. هاڻي، انهن چئن جي بادشاهہ جي فرمان مطابق

تربيت شروع ٿي ويئي. ڪين عمدو لباس اوڍايو ويو مقوي غذا ڏني ويئي، جنهن ۾ شراب به شامل هو. انهن چئن ئي ڄڻن شراب پيئڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

اسپنز کان پڇيائون." اسان کي ٻڌاءِ ته شاهي غذائون ڪارائڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟"

اسپنز وراڻيو " ته جيئن توهان جي منهن ۾ ڪجهه تازگي اچي."

حضرت دانيال ع فرمايو ته "اسانکي سادو کاڌو کارايو وڃي ۽ ڏهن ڏينهن تائين اها طاقتور غذا ڪنهن ڪمزور شاخص کي ڏني وڃي ۽ ڪيس شراب به پياريو وڃي. پوءِ اسان جي ساڻس پيٽ ڪئي وڃي. الله ڪندو ته اسان جي منهن ۾ انهيءَ کان وڌيڪ رونق ڏسڻ ۾ ايندي."

اسپنز حضرت دانيال ع جو جواب بخت نصر تائين پهچايو ته هن چيو "چڱو! جيئن هو گهرن ٿا، تيئن ڪين رکيو وڃي ۽ ڏهن ڏينهن کانپوءِ انهي پنجين شخص، جنهن کي طاقتور کاڌن سان گڏ شراب به پياريو وڃي. ساڻن گڏ دربار ۾ حاضر ڪيو وڃي."

اسپنز چئن ئي ڄڻن کي ٻڌايو ته بادشاهه سندن ڳالهه مڃي ورتي آهي ۽ پورن ڏهن ڏينهن کان پوءِ ڪين بادشاهه جي دربار ۾ پيش ڪيو ويندو.

هي هڪ آزمائشي دور هو. چئن کي ته دال ۽ ساڳ ملندو رهيو ۽ پنجين ڄڻي کي عمدا طعام ۽ شراب ڪباب کارايا پئي ويا. ڏهن ڏينهن کانپوءِ ڪين بادشاهه جي دربار ۾ حاضر ڪيو ويو.

بادشاهه پنجن ئي ڄڻن کي سرور سان ڏٺو ته ڪس ڏاڍي حيرت ٿي جو چئن ڄڻن جي منهن تي رونق هئي ۽ جڏهن ته پنجين جي منهن ۾ لاٿ هئي. بخت نصر چئن ئي، کي موڪل ڏني ته پلي هو شراب نه پيئن ۽ جهڙيءَ طرح ڪاڌو ڪائڻ گهرن ٿا، اهو ڪائين.

بادشاهه پڇين." توهان بابلي ٻولي ڪيستائين سکي ويا آهيو؟"

انهن چئن ئي ڄڻن مان حضرت عزير عليه السلام مڙني کان ننڍو هو تنهن وراڻيو"اسان چارئي ڄڻا بابلي ٻولي ايتري ڄاڻون ٿا، جو بادشاهه سان انهيءَ زبان ۾ هر ڳالهه ڪري سگهون ٿا."

انهيءَ مهل دربار ۾ بابل جا مقامي قابل ۽ لائق ماڻهو ويٺل هئا. ان وقت اهي هڙئي حضرت عزير عليه السلام طرف متوجه ٿي ويا. انهن قابل ۽ لائق ماڻهن ۾ عالم، نجومي، فالون وجهندڙن، خواب جون تعبيرون ۽ پيشڻگوئيون ڪندڙ هئا. انهن هنن چئن ڄڻن سان هر موضوع تي بحث ڪيو پر هي چارئي ڄڻا ڪنهن به ڳالهه تي نه هُهڪيا ۽ نه وري منجهيا ۽ هر موضوع تي سير حاصل بحث ڪندا رهيا. درباري حيران ٿي ويا ته هي ڪهڙا عجيب انسان آهن. جو هنن کي سڀ ڪجهه اچي ٿو ۽ هر شيءَ کي چڱيءَ طرح سمجهن ۽ ڄاڻن ٿا. جڏهن دربار جي مڙني ماڻهن ڪٿي ماڻ ڪئي ته بادشاهه چئني ڄڻن کي

شاهي لباس پارائي پنهنجي دربار ۾ پاڻ وٽ ويهڻ جو حڪم ڏنو.

جڏهن به ڪو مسئلو بادشاهه کي درپيش ايندو هو ته ڪين مفيد مشورا ۽ سهڻيون صلاحون ڏيندا هئا. بادشاهه کي گهڻو ڪري فال ڪڍائڻ جي ضرورت پوندي هئي يا ايندڙ وقت ۾ پنهنجن معاملن بابت نجومين جي ضرورت پيش ايندي هئي. هاڻي هنن چئن ئي جڻن کي پاڻ وٽ ويهارڻ سان ڪيس اهو فائدو ٿيو جو ڪيس نه نجومين جي ضرورت، نه خوابن جي تعبير ٻڌائڻ يا فال وجهڻ واري جي ضرورت پوندي هئي. هي چارئي جڻا سواءِ ڪنهن هڪ ۽ جهجڪ جي هر ڳالهه بيان ڪندا هئا.

انهيءَ وچ ۾ بخت نصر بادشاهه هڪڙو عجيب ۽ غريب خواب ڏٺو. جنهن ۾ هن ڏٺو ته هڪڙو نهايت ئي ڊگهو ۽ مضبوط ٽڙ وارو وڻ آهي، جنهن جون ٽاريون آسمان ۾ پکڙيل آهن. سيئي ساهوارا ان جي ڇانو ۾ آباد آهن ۽ پکين ان جي ٽارين ۾ آکيرا ٺاهيا آهن. هڻي عجيب ماحول ۾ اوچتو آسمان مان هڪڙي آسماني مخلوق نمودار ٿي آهي.

بادشاهه پڇيس، "تون ڪير آهين؟"

ان آسماني مخلوق وراڻيو" آئون هڪ ملائڪ آهيان!"

بادشاهه پڇيس،" تون ڇا لاءِ آيو آهين؟"

ملائڪ چيو، "مون کي الله تعالىٰ موڪليو آهي ۽ حڪم فرمايو اٿس ته آئون هن وڻ کي ڪٽي، سندس پاڙ کي زمين جي مٿاڇري تائين ڇڏي ڏيان وڃي، تان ته آسمان مان مينهن پوي ته ان مان گاهه ڦٽي. ايئن ٽئس ست دور گذري وڃن."

بادشاهه پهريائين ته دربار ۾ پنهنجن پراڻن خوابن جون تعبيرون ٻڌائيندڙن کان ان جو تعبير پڇيو. انهن ان خواب جي تعبير ٻڌائڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو. پوءِ بخت نصر هنن چئن ئي جڻن کي پنهنجو خواب ٻڌايو ۽ ڪين چيائين ته منهنجي هن خواب جي تعبير ڪير به ٻڌائي نه سگهيو آهي. هاڻي توهان مان ڪو مون کي هن خواب جي تعبير ٻڌائي.

تن جڻن چيو" اسان ۾ وڏو دانيال عليه السلام آهي، اهو توهان جي خواب جي تعبير ٻڌائيندو."

بادشاهه حضرت دانيال ع کان پڇيو"ڇا تون منهنجو خواب جي تعبير ٻڌائي سگهندين؟"

اهو ٻڌي حضرت دانيال ع ماٺ ۾ رهيو.

بادشاهه پروڙي ويو ته هو شايد ٻين جي سامهون خواب جو تعبير ٻڌائڻ نه ٿو گهري، تنهنڪري اڪيلائي ۾ وٺي وڃي پڇيائينس. حضرت دانيال ع چيس،"توهان پنهنجو خواب ٻيهر بيان ڪريو."

بادشاهه ٻيهر پنهنجو خواب ورجائيو.

حضرت دانيال ع خاموش رهيو ۽

غور ڪرڻ ڪانپوءِ بادشاهہ کي ٻڌايائين،"اي بادشاهہ تو خواب ۾ جيڪو ڏڪو ۽ ٽلهي ٽڙ وارو وڻ ڏٺو آهي، اهو وڻ تنهنجي بادشاهي آهي. الله تعاليٰ ملائڪن کي حڪم ڏنو آهي تہ تنهنجي سلطنت وارو وڻ ڪپي ڇڏين. پوءِ جڏهن تون بادشاهي کان محروم ٿي ويندين تہ توکي ماڻهن مان ڪڍي هڪڙي جهنگ ۾ اڇليو ويندو جتي تنهنجو ٺڪاڻو هوندو. تون حيوانن سان گڏ گذاريندين. جهنگ جو جيڪو گاهہ ڦٽندو سا تنهنجي کاڌ خوراڪ هوندي ۽ تنهنجي مٿان آسمان مان ماڪ ڪرندي رهندي ۽ تون ڀڄندو ڀسندو رهندين. اهڙي طرح تو تي ست زمانا گذري ويندا. پوءِ توکي پتو پوندو تہ الله تعاليٰ هن دنيا مٿان حڪمراني ڪري ٿو. هو جنهن کي گهري بادشاهي عطا ڪري ٿو. جڏهن تون اهي ست دور گذاري وٺندين تہ توکي پنهنجي سلطنت جون واڳون واپس ملنديون."

خدا جي قدرت اهڙي ٿي جو پوءِ بابل ۾ اهڙو انقلاب آيو جو بخت نصر بادشاهہ کي تخت ۽ تاج ڇڏڻو پيو.

بخت نصر پاڻ پنهنجي باري ۾ بيان ڪري ٿو ""آئون بابل کان پري نڪري ويس ۽ رڻن پڻن ۾ رلندو ۽ جهرن جهنگن ۾ پٽڪندو وتندو هوس، پوءِ جڏهن مون ست دور گذاري ڇڏيا تہ پوءِ مون آسمان ڏانهن نهاريو تہ مونکي ائين محسوس ٿيو جڻ مون کي پنهنجي سمجهہ ۽ عقل واپس ملي ويو آهي. پوءِ مون کي دانيال عہ جي ڳالهين تي يقين ڪرڻو پيو هو. جيڪا حڪومت آئون ڇڏي آيو هوس، ان جا وزير ۽ مشير مون کي ڳولينڊا ڳولينڊا مون وٽ پهچي ويا ۽ مون کي واپس وٺي آيا. مون ڏٺو تہ منهنجو رعب ۽ دبدبو پيهر بحال ٿي چڪو هو."

بخت نصر بادشاهہ حضرت دانيال عہ کان پوءِ حضرت عزير عليه السلام جي بيحد عزت ڪندو هو. پاڻ حضرت عزير عہ کي بابل جو گورنر بڻايائين ۽ ڪيس چيائين تہ پنهنجن معاملن ۾ پنهنجن ٻنهي سائين کان صلاحون وٺندو رهجان. پر حضرت دانيال عہ کي پاڻ سان گڏ رکيائين.

ماحول جي اثر ۽ بتن جي گهڻائيءَ بخت نصر کي وري گمراهہ ڪري ڇڏيو. ماڻهن مهڻا ڏنس تہ جنهن قوم کي غلام بنايو اٿئي، وري انهن جي خدا کي پيو مڃين. جڏهن تہ يروشلم جي فتح ۽ تباهي ۽ بربادي ۾ بابل جي ديوتائن جو وڏو هٿ هو . جيڪڏهن بني اسرائيلن جو خدا ساڻن ساٿ ڏئي ها، تہ اهي ڪڏهن بہ غلام نہ بڻجن ها. تنهنڪري توهان کي ڪپي تہ بني اسرائيلن جي خدا کي خوش رکڻ واسطي پنهنجن ديوتائن کي ناراض نہ ڪريو.

ملڪي دٻاءَ جي ڪري بخت نصر تمام گهڻو پريشان ٿي پيو ۽ ڪيس پنهنجي پٽ پڻ ڳڻتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو جو هو ملڪ جي انهيءَ مخالف جماعت جي تائيد ۽ حمايت ڪري رهيو هو. رملي، نجومي،

جوتشي ۽ مها پوڄاري پڻ بخت نصر جا مخالف ٿي پيا.

بخت نصر جو پٽ پرپٽ ماڻهن کي ورغلائيندو رهيو ته جيڪڏهن بنت نصر جي حڪومت قائم رهي ته يروشلم جا غلام حڪمراني ڪندا ۽ بابل جا ماڻهو انهن غلامن جا به غلام ٿي رهندا. تنهنڪري بابل جي ديوتائن کي آڻڻ لاءِ مردوخ کي منظر عام تي آندو وڃي ۽ سندن بني اسرائيلن جي خدا مان جند ڇڏائي وڃي.

ڪيترائي ڏينهن بادشاهه سوچيندو رهيو ته ڪيس ڇا ڪرڻ کپي؟ انهن معاملن ۾ درباري، امير، وزير ۽ مشير،پوڄاري سندس پٽ سان مليا پيا هئا. اندرئي اندر سندس پٽ سان ڳٺ جوڙ لڳو پيو هئن. نيٺ بابل جي مها پوڄاري سان نويڪلائيءَ ۾ صلاح ڪيائين. جنهن چيس،"جيڪڏهن اوهان بابل جي عوام کي قابوءَ ۾ رکڻ گهرو ٿا ته سندن دين ۽ مذهب ۾ ڪابه ڦيرڦار نه ڪريو."

بخت نصر چيو ته "مون نه انهن کي ڪڏهن تنگ ڪيو آهي، ۽ نه وري ڪنهن بت خاني کي ڍهرايو اٿم. نه ڪنهن پوڄاريءَ کي پريشان ڪيم ۽ نه وري ڪنهن درباري امير يا وزير کي مذهب کان ڦيرايم. پوءِ ڇو منهنجو پٽ منهنجي مخالفت پيو ڪري؟"

مها پوڄاريءَ چيو" اوهان بني اسرائيلن کي ترجيح ڏني آهي. اڄ دربار ۾ دانيال ۽ جو اثر مڙني ڪان جهجهو آهي. اسان جا جوتشي، نجومي، معتبر ۽ فالگو دانيال ۽ جي پيٽ ۾ خوار ۽ ذليل ٿي رهيا آهن. انهن جي ساٿه عزت ۽ اهميت ڪانهي. اسان جا مدبر ۽ ڏاها ماڻهو ڪافي عرصي ڪان بيڪار آهن. حضرت عزير عليه السلام کي توهان حاڪم بڻائي ڇڏيو آهي. هو پنهنجن ٻنهي ساٿين سان حڪومت ڪري رهيو آهي. ڇا تنهنجو پٽ پنهنجي قوم جي اها بيعزتي برداشت ڪري سگهي ٿو؟ هرگز نه انهيءَ ڪري تنهنجو پٽ ۽ رعيت ٻئي هڪُ مِڪُ ٿي ويا آهن ۽ هاڻي ته پوڄاري پڻ پٽهين جو پاسو وٺي رهيا آهن. اوهان پاڻ ٻڌايو ته هڙي حال ۾ پلا ملڪ جو گاڏو ڪيئن هلندو؟"

بخت نصر ڪاوڙ ۾ اچي پڇيو ته "تون به عجيب ماڻهو آهين. مان توکان اهو ئي ته پڇي رهيو آهيان ته هاڻي مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي، جو سيئي ماڻهو منهنجا هم خيال ۽ منهنجي اثر هيٺ اچي وڃن."

مها پوڄاريءَ وراڻيو "هاڻي اوهان هڪڙو سونو بت گهڙايو. جنهن جي ڊيگهه 60 هٿ ۽ ويڪر 6 هٿ هجي. انهيءَ کي بابل ۾ رکرايو وڃي. سانجهيءَ صبح گهنڊ وڄايو وڃي ۽ عوام کي پابند ڪيو وڃي ته گهنڊ جو آواز ڪن تي پوڻ سان اهي انهيءَ سونو بت جي سامهون پڇي وڃن ۽ عزت ۽ احترام سان سندس پوڄا ڪن. اسان کي يقين آهي ته هي چار ئي بني اسرائيلي هن شاهي فرمان کي قبول ڪونه ڪندا. ۽ گهنڊن جو آواز ٻڌڻ کانپوءِ بتن

کي سجدو ڪونہ ڪندا. انهيءَ مهل اوهان سندن سزا جو اعلان ڪرائجو ۽ سيني جي سامهون ڪين سزا ڏيارجو. عوام سندن سزا تي ڏاڍو سرهو ٿيندو."

بخت نصر بادشاهہ حضرت دانيال عہ جي باري ۾ چيو" آئون انهيءَ ماڻهوءَ کي سزا ڇو ڏيان. جنهن جي علم ۽ ڪشف جي مون کي هر وقت ضرورت پوندي رهندي آهي."

مها پوجاريءَ چيو "جيڪڏهن اوهان پنهنجي رعيت کي اعتماد ۾ وٺڻ گهرو ٿا ۽ پنهنجي پٽ جي اثر کان آزاد ٿيڻ چاهيو ٿا تہ اوهان کي ائين ڪرڻو پوندو."

بخت نصر بادشاهہ صاف صاف چئي ڇڏيو"پر آئون دانيال عہ جي خلاف ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهان. پلي ڇا بہ ٿي پوي!"

اها ڳالهہ ٻڌي مها پوجاريءَ وڏي غور ۽ فڪر کان پوءِ چيو "تہ پوءِ انهيءَ جي ٻي صورت اها آهي تہ توهان دانيال عليه السلام کي ڇڏي، باقي عزير عہ ۽ سندس ساٿين کي بت جي آڏو جهڪڻ لاءِ پابند ڪريو"

بخت نصر ڏاڍو پريشان هو چوڻ لڳو "ٽيئي دانيال عہ جا دوست آهن ۽ ڪڏهن بہ بت کي سجدو ڪونہ ڪندا."

مها پوجاريءَ چيو" انهيءَ مهل انهن ننهي ڇڻن کي سرعام عبرتناڪ سزا ڏني وڃي ۽ ڪنهن سان بہ تر جيتري بہ رعايت نہ ڪئي وڃي."

بخت نصر بادشاهہ انهن ننهي ڇڻن کي سزا کان بچائڻ پئي گهريو ۽ چوڻ لڳو "اهي ٽيئي بہ تہ حضرت دانيال عليه السلام وانگر قابل ۽ لائق انسان آهن. جيڪڏهن انهن کي سزا ڏني ويئي تہ انهيءَ جو اثر حضرت دانيال عليه السلام تي پڻ پوندو. ڪا اهڙي ترڪيب ڳولي ڪڍ جو اهي ٽيئي بچي وڃن."

مها پوجاريءَ چيو"افسوس آهي جو توهان انهن ڇڻن لاءِ پنهنجي حڪومت قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيو. هڪڙي پاسي اهي چارئي ڇڻا آهن ۽ ٻئي پاسي عوام، تنهنجو پٽ، تنهنجي قوم، تنهنجومذهب، اوهان جا پنهنجا پوجاري ۽ بادشاهي آهي. هاڻي توهان پاڻ سوچي سمجهي فيصلو ڪريو تہ ڪير گهڻو پسند اٿو ۽ توهان کي ڇا ڪرڻ کپي؟

بخت نصر نيٺ مها پوجاريءَ جي ورووڪڙ ۾ اچي ويو ۽ هڪڙي سون جي بت ٺاهڻ جي تياري شروع ڪيائين. جنهن جي ڊيگهہ 60 هٿ ۽ ويڪر 6 هٿ هئي.

حضرت عزير عليه السلام کي پنهنجي ماحول کان ايتري تہ مايوسي ٿي رهي هئي جو ان جو اثر سندس ساٿي پڻ محسوس ڪري رهيا هئا. حضرت عزير عليه السلام پنهنجن ننهي ساٿين سان گڏ سون جي بت جي تياري، جو نظارو بہ ڏٺو. هو بت بڻائڻ واري کي جهلي نہ ٿي سگهيا. ڇو تہ سوني بت جي تياري بادشاهہ جي حڪم سان ٿي رهي هئي ۽ بابل جو عوام بادشاهہ جي هن فعل کان ڏاڍو خوش هو.

بابل جي مها پوڄاريءَ ٽنهي ڄڻن کي ڏٺو ته هي بت جي تياريءَ واري ڪم کي اٿوٽندڙ عمل پائڻي رهيا هئا ته هن ٽنهي کي چيو"توهان ٽنهي ڄڻن کي ڄاڻڻ گهرجي ته بابل ۾ توهان جون اهي اجايون ڳالهيون هاڻي ڪير به ڪو نه سڻندو. تنهنڪري توهان کي پنهنجي زبان بند رکڻ کپي."

حضرت عزيرعليه السلام مها پوڄاريءَ کي خبردار ڪيو "اي بتن جا مها پوڄاري ۽ ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ وارا انسان! هينئر ته اسان جون ڳالهيون توهان جي سمجهه ۾ نه ٿيون اچن، پر جڏهن توهان کان سڀ ڪجهه کسجي ويندو ۽ هتي رڳو هڪڙي الله جي عبادت ڪرڻ وارن جي حڪومت قائم ٿي ويندي، تڏهن توهان کي ڳالهه سمجهه ۾ ويهندي ته آئون توهان کي گمراهه ڪونه ڪري رهيو هوس، پر سڏيءَ راهه ۽ حق پرستيءَ واري واٽ ڏانهن وٺي وڃڻ جي دعوت ڏئي رهيو هوس."

مها پوڄاريءَ حضرت عزير عليه السلام کي چنيبو" هي توهان ڪهڙي دين جي ڳالهه ڪري رهيا آهيو. توهان جو ڪم آهي صوبو سنڀالڻ ۽ هلائڻ. اهو وڃي هلايو ۽ سنڀاليو پر اسان جي مذهبي زندگيءَ ۾ رندڪ نه وجهو. توهان کي ايڏا اسان جي طاقت جو اندازو ڪونهي."

حضرت عزير عليه السلام نهايت ئي بردباريءَ سان مها پوڄاريءَ کي سمجهايو" توکي ايڏا به اسانجي ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي، آئون ڄڻهن به الله جي هيڪڙائي جي ڳالهه ٿو ڪريان ته انهيءَ جو مطلب هي آهي ته هوءَ هڪڙي ذات آهي، جيڪا هن دنيا جي ڪارخاني کي هلائي ٿي."

مها پوڄاريءَ بت جي طرف اشارو ڪندي چيو" توهان ٽيڪي ڄڻا ۽ توهان جي قوم جا ماڻهو هن عظيم الشان بت کي تيار ٿيندي ڏسو. سيڻي توهان انهيءَ کي سجدو ڪندا. جي ان جي آڏو نه جهڪندو ته سخت سزا ملندائو."

حضرت عزير عليه السلام وراڻيو "الله گهريو ته ائين ڪونه ٿيندو."

مها پوڄاريءَ ڪاوڙ مان چيو"جيڪڏهن ائين نه ٿيندو ته توهان به ٽيئي نه رهندا"

جڏهن پاڻ پنهنجن ٻنهي ساٿين ساڻ واپس گهر پهتو ته ڪجهه دير کان پوءِ هڪڙيءَ ماڪوڙيءَ سندس ساڄي پير ۾ اچي چڪ هنيو. سور جي ڪري پاڻ نميو ته ماڪوڙيءَ کي هيٺ ڇڏي ڏنائين. پاڻ تڪليف جي حالت ۾ ماڪوڙيءَ کي پنهنجي ٻر ۾ گهڙندي ڏسندو رهيو. ماڪوڙي ٻر ۾ هلي ويئي. ٻئي طرف کان پڻ ماڪوڙيون رڙهنديون سُرنديون سوراخ ۾ وڃي رهيون هيون. حضرت عزير عليه السلام ۽ ڪاوڙ جي حالت ۾ انهيءَ تنگ ۾ ننڍڙا ننڍڙا ٽانڊا وجهي ڇڏيا ته اهي سيئي سڙي مري وڃن ۽ وري ٻي ڪنهن کي چڪ نه هڻن.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ اوچتو آواز

آيو" اي عزير! تو هي ڇاڪيو؟ تنهنجو اهو فعل اسان کي ڪين وڻيو. تو هڪڙيءَ ماڪوڙيءَ جي چڪ پائڻ جي ڪري هڙن ئي ماڪوڙين کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو."

هيءَ عتاب آميز خطاب ٻڌندي حضرت عزير عليه السلام ڏاڍو پڇتايو ۽ ڏٽيءَ جي در توبهه ۽ زاري ڪندو رهيو.

سون جو بت تيار ٿي ويو. بابل شهر ۾ پڙهو (اعلان) گهمايو ويو ته سانجهه صبوح جيئن ئي هن بت جي لاءِ مندر مان گهنڊ وڄايو وڃي ته مڙيئي شهري هن شاندار بت جي پوڄا لاءِ هڪدم مندر ۾ پُڄي وڃن.

هن فرمان جي جاري ٿيڻ کانپوءِ عوام گهنڊ جو آواز ٻڌندي ئي پنهنجا ڪم ڪاريون ۽ ڏنڌا ڏاڙي ڇڏي مندر پهچي ويندا هئا. سانجهيءَ صبوح اتي ميڙو متل هوندو هو پر هي ٿيئي خدا جا برگذيده بندا انهيءَ ڳالهه کان سخت نفرت ڪندا هئا.

مها پوجاريءَ، ماڻهن جي ميڙ ۾ انهن تنهي ڄڻن کي ڳولهڻ شروع ڪيو. جڏهن اهي ڪيس ڪٿي به نظر نه آيا ته هن بخت نصر بادشاهه کي اطلاع ڏنو ته اهي ٿيئي ڄڻا شاهي فرمان کي تسليم نه ٿا ڪن ۽ هڪڙو پلُ به مندر ۾ نه آيا آهن.

بخت نصر بادشاهه حڪم ڏنو "هڪڙو پيرو وري به شاهي فرمان جو شهر ۾ پڙهو ڏياريو وڃي ۽ هنن جي رهائش گاهه جي اڳيان لڳاتار پڙهو ڏنو وڃي تان جو اهي ٿيئي ڄڻا پنهنجي گهر مان ٻاهر نڪري پڙهي ڏيڻ وارن کان پڇن ته هيءَ ڪهڙو هُل حشر آهي؟ توهان ڇا لاءِ پڙهو ڏيئي رهيا آهيو؟ پوءِ اسان جا ماڻهو ڪين چڱيءَ طرح چتاءِ ڪن ته ڪين سانجهيءَ صبوح گهنڊ جو آواز ٻڌندي ئي هڙيئي ڪم ڪاريون ڇڏي مندر ۾ حاضر ٿيڻو آهي ۽ انهيءَ (هڙادو) خدا جي پوڄا ڪرڻي آهي. ان جي باوجود به اهي مندر ۾ نه اچن ته پوءِ بادشاهه کي انهيءَ ڳالهه کان آگاهه ڪيو وڃي."

هڪ پيرو وري بازارين، گهٽين، چونڪن ۽ چوڙولن تي اعلان ڪرايو ويو ته بادشاهه جو حڪم آهي ته سانجهه صبوح گهنڊن جو آواز ٻڌڻ کانپوءِ هر شخص سوني بت جي سامهون پوڄا ڪرڻ واسطي پُڄي وڃي.

پڙهي ڏيڻ وارا سڄي شهر ۾ پڙهو ڏيڻ کانپوءِ انهن تنهي خدا جي برگزيده ٻانهن جي حويلين جي سامهون بيهي دهل ڏمام وڄائي وڏي واڪي شاهي فرمان سڻائڻ لڳا. حضرت عزير عليه السلام ۽ سندس ساٿي ٻاهر نڪتا ۽ ڪانئن پڇيائون، "هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟"

پڙهي ڏيڻ وارن تنهي ڄڻن کان پڇيو "ڇا توهان تنهي ساٿين شاهي فرمان ٻڌو؟"

حضرت عزير عليه السلام جواب ڏنو "ها! نه صرف هينئر ٻڌو اٿئون، پر انهيءَ کان پهرين به ٻڌو اٿئون."

پڙهي ڏيڻ وارن پڇيو "هن اعلان ٻڌڻ کانپوءِ به توهان مندر ۾ ڇو ڪونه

آيا؟"

حضرت عزير عليه السلام وراڻيو"توهان جو ڪم رڳو پڙهو ڏيڻ آهي. در در تي وڃي هر هڪ ماڻهو کان جواب طلب ڪرڻو ناهي."

پڙهي ڏيڻ وارا سڏو مها پوجاريءَ وٽ ويا ۽ ڪيس ٻڌايائو. ته "اسان هيءَ شاهي فرمان ڇڪيءَ طرح عزيرعه ۽ سندس ساٿين کي سڻائي آيا آهيون. هاڻي جيڪڏهن اهي ٽيئي سڏ تي نه اچن ته پوءِ بادشاهه ڄاڻي ۽ اهي پاڻ."

مها پوجاريءَ، حضرت عزير عليه السلام ۽ سندن ساٿين جو ٻه تي ڏينهن انتظار ڪيو پر هو ڪونه پهتا. نيٺ مها پوجاريءَ بخت نصر بادشاهه سان ملاقات ڪئي ۽ ڪيس ٻڌايو "عزير عليه السلام ۽ سندس ساٿين کي دهل ڏمام وڄائي شاهي فرمان ٻڌايو ويو ۽ ڪين چتاءُ ڪيو ويو ته اهي مندر ۾ اچن پر تنهن هوندي به عزير عه ۽ سندس ساٿي مندر ۾ ڪو نه آئيا آهن."

بادشاهه مها پوجاري کي هدايت ڪئي ته تون پاڻ حضرت عزيرعه ۽ سندس ساٿين وٽ وڃي ڪين اهو شاهي فرمان ٻڌاءِ ۽ چئين ته جيڪڏهن هو شاهي فرمان کي نه مڃيندا ته ساڻن ڪنهن به قسم جي رعايت ۽ مروت ڪا نه ڪئي ويندي ۽ تنهي ڄڻن کي باهه ۾ ساڙيو ويندو.

مها پوجاري حضرت عزير عه وٽ آيو ۽ ڪانئس پڇيائين، "ڇا توهان شاهي فرمان ڪونه ٻڌو؟"

حضرت عزيرعليه السلام پڇيس، "ڪهڙو شاهي فرمان؟"

مها پوجاري جواب ڏنو" توهان چڱيءَ طرح ڄاڻو ته بادشاهه جي حڪم سان هڪ سونو بت 60 هٿ ڊگهو ۽ 6 هٿ ويڪرو تيار ڪرايو ويو آهي. اڄڪلهه عوام سانجهيءَ صبوح انهيءَ جي پوجا ڪري رهيو آهي پر اوهان تئي ڄڻا اڃا تائين ڪونه آئيا آهيو؟ توهانکي مڃاڻ (شايد) خبر ڪانهي ته شاهي فرمان جي پڇڪڙي ڪرڻ تي توهان کي باهه ۾ ساڙيو ويندو ۽ توهان جي صويداري به توهان جي ڪم ڪانه ايندي."

حضرت عزيرعليه السلام جواب ڏنو ته " آئون توکي پهرين ئي ٻڌائي چڪو آهيان ته اسان بتن جي پوجا ڪونه ڪندا آهيون."

مها پوجاريءَ حضرت عزير عليه السلام کي ڏڙهي ڏني، "هاڻي آئون توهان سان سنئون سڏو ڪونه ڳالهائيندس. ڇو ته توهان بادشاهه جي حڪم کي پٺي ڏني آهي. بادشاهه پاڻيهي توهان کي پاڻ وٽ گهرائي سڀ ڪجهه پڇندو ۽ جوڳي سيکت(سزا) ڏيندو."

حضرت عزيرعليه السلام وراڻيو"ڪائنات جي مالڪ ۽ خالق اسان کي انسانن جي رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ واسطي موڪليو آهي ته دنيا ۾ ماڻهن کي وڃي شرڪ کان بچايون. اسان هڪڙي الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ وارا آهيون. اسان

کي هر سزا منظور آهي."

مها پوڄاريءَ بخت نصر بادشاهہ کي سموري حال حقيقت کانڻ آگاهہ ڪيو. بخت نصر تپي باهہ ٿي ويو. ۽ حڪم ڪيائين تہ حضرت عزيرعہ واري ٽولي کي هڪدم گهرايو وڃي. گرفتاريءَ جو شاهي فرمان جاري ٿي ويو ۽ عزيرعہ کي ساڻين سوڌو بخت نصر بادشاهہ جي سامهون پيش ڪيو ويو.

بادشاهہ حضرت عزيرعہ ۽ سندس ساڻين کان پڇيو "جڏهن صبوح سانجهيءَ بت جي پوڄا واسطي گهنڊ وڄي ٿو تہ توهان کي ان جو آواز ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي ڇا؟

حضرت عزير عليہ السلام وراڻيو "اسان گهنڊن جو آواز برابر ٻڌندا آهيون پر جيئن تہ هن کان اڳي بہ بادشاهہ ۽ مها پوڄاريءَ کي ٻڌائي چڪا آهيون تہ اسان الله تعاليٰ کانسواءِ ڪنهن جي بہ عبادت ڪونہ ڪندا آهيون. پوءِ ڀلا اسان بادشاهہ جي بڻايل بت کي ڪئين سجدو ڪنداسين؟"

بخت نصر بادشاهہ پنهنجي فرمان جي وري وضاحت ڪئي، "ڏسو! جيئن تہ مان پهرين بہ هي حڪم جاري ڪري چڪو آهيان تہ منهنجي گهڙايل بت جي پوڄا هر ڪنهن کي ڪرڻي آهي. انهيءَ کان ڪو بہ ڇٽل ڪونهي. پوءِ توهان انهيءَ حڪم جي پيڪڙي ڪيئن ٿا ڪريو. توهان کي هرحال ۾ انهيءَ سوني بت جي پوڄا ڪرڻي پوندي نہ تہ توهان کي باهہ ۾ ساڙيو ويندو! سڄي بابل شهر ۾ توهان کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ منهنجي حڪم کان منهن ڪونہ موڙيو آهي. مون کي افسوس آهي جو مون توهان کي مڙني کان وڌيڪ چڱو ۽ ڏاهو ڄاڻيو ۽ هاڻي مجبورن توهان کي باهہ ۾ ساڙڻو پوندو!"

حضرت عزير عہ ڏاڍيءَ بردباريءَ ۽ بي باڪيءَ سان وراڻيو"اي بخت نصر بادشاهہ! اسان کي سڄي جهان جي خالق ۽ مالڪ هيءَ حڪم ڏنو آهي تہ اسان رڳو سندس ئي عبادت ڪريون. اسان ماڻهن جي گهڙيل بتن جي پوڄا ڪيئن ڪريون؟ ان کان سواءِ تون پاڻ چئي چڪو آهين تہ اسان عقلمند، ڏاها، سياڻا، فهم ۽ فراست وارا آهيون. هاڻ تون پاڻ ئي ٻڌاءِ تہ ڪو سمجهدار ۽ باشعور شخص پاڻ جهڙن ماڻهن جي هٿن سان ٺاهيل بتن آڏو ڪيئن جهڪندو؟"

بخت نصر بادشاهہ جي حيثيت سان حضرت عزير عہ جو اهو دليل ائين چئي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيائين،"مان بادشاهہ آهيان. توهان منهنجي رعيت آهيو ۽ رعيت کي اهو نٿو جڳائي تہ پنهنجي بادشاهہ جي فرمان کي پٺي ڏئي ۽ جواب طلب ڪرڻ تي اجايا سوال جواب ڪري توهان منهنجي حڪم کان منهن موڙيو آهي. تنهنڪري توهان کي ان جي سيکت ضرور ملندي."

ان کان پوءِ بخت نصر بادشاهہ حڪم ڏنو تہ حضرت عزير عہ ۽ سندس ساڻين لاءِ هڪ آڙاهہ ٻارايو وڃي ۽ کين

انهيءَ ۾ اچليو وڃي.

هاٿي مها پوجاري کي وڃي ڪجهه آرام مليو. باهه جي ٻارڻ ۾ هن جو وڏو سٽ هو. هڪڙي ميدان ۾ هزارين مڻ ڪاٺيون گڏ ڪري انهن کي ٻاريو ويو. جڏهن ڀيڙ ڀڙڪي پيا ته ماڻهو پري هٽڻ لڳا. ڇو ته باهه جي گرمائش پري تائين پنهنجو اثر ڏيکاري رهي هئي. هاڻ اهو مسئلو سامهون آيو ته هيڏي مڇ ۾ حضرت عزيرعليه السلام ۽ سندن ساٿين کي ڪيئن اچلائجي. ڇو ته ان جي ويجهو وڃڻ جي ڪنهن کي به همت نه ٿي رهي هئي.

هوڏانهن بخت نصر بادشاهه هوڏ ڪري رهيو هو ته حضرت عزير عه جي ٽولي کي باه ۾ اچلايو وڃي ۽ دير نه ڪئي وڃي. ڪنهن جي سمجهه ۾ ڪا ڳالهه ڪانه پئي آئي ته هنن ٽنهي کي مڇ ۾ ڪيئن اچلجي ۽ پاڻ کي باهه کان ڪيئن بچائجي.

شاهي فرمان جي تعميل ڪرڻ پڻ ڏاڍي ضروري هئي. تنهنڪري ڪجهه ماڻهن مڙسي ڪري حضرت عزير عه ۽ سندس ساٿين کي آڙاهه ۾ اچليو پر باهه ۾ اچليندڙ پاڻ باهه ۾ سڙي رک ٿي ويا ۽ حضرت عزير عليه السلام ۽ سندس ساٿي سڙڻ کان بچي ويا. بخت نصر بادشاهه مها پوجاري، امير، وزير ۽ مشير پري کان هيءَ نظارو ڏسي رهيا هئا ۽ حيران ٿي ويا ته حضرت عزير عليه السلام پنهنجن ساٿين سوڏو آڙاهه ۾ گهمي ڦري رهيو هو. هو هيسجي ويا، مٿن هيبت چانئجي ويئي.

بخت نصر بادشاهه حيراني ۽ سرگرداني ۾ جي عالم ۾ مڇ جي ايترو ويجهو آيو جو سندس بُت باهه سان سيڪجي رهيو هو ۽ وڏي واڪي چوڻ لڳو "اي عزيرعه اي حنيناه! اي ميسائيل! توهان کي مبارڪون هجن. توهان جو الله سچو ۽ بر حق آهي. جنهن اوهان کي هيڏي وڏي پڙڪندڙ مڇ ۾ به سلامت ۽ محفوظ رکيو ۽ اوهان جو وارونگو به ڪونه ٿيو. اوهان منهنجي حڪم کي پلئ پويان اچلي هڪڙي الله تي توڪل رکي پنهنجين جانين کي الله جي واٽ ۾ قربان ڪيو ۽ پنهنجي خدا کان سواءِ پئي خدا جي عبادت ۽ بندگي ڪانه ڪئي. تنهنڪري هاڻي مان حڪم جاري ٿو ڪريان ته جيڪا قوم يا جماعت يا ڪو ماڻهو حضرت عزير عليه السلام ۽ سندس ساٿين جي خدا کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو يا ڪا غلط ڳالهه ڪندو ته ان کي ڳترا ڳترا ڪيو ويندو ۽ سندس گهر اجاڙيو ويندو. ڇو ته ٻيو ڪو اهڙو معبود آهي ئي ڪونه جو اهڙيءَ طرح چوٽڪارو ڏيئي سگهي."

اهڙيءَ طرح حضرت عزير عه سندس ساٿين سوڏو آڙاهه مان صحيح سلامت ٻاهر نڪري آيو. بخت نصر بادشاهه کين پوءِ ڏاڍو مان ۽ عزت ڏني ۽ کين اعليٰ مقام سان سرفراز ڪيائين ۽ ساڻن ڏاڍيون پلايون ۽ پال ڪيائين.

گهڻي مدت کان پوءِ بابل تي ايران جي سائرس اعظم حملو ڪري ڏنو ۽ ان کي فتح ڪري ورتائين. يروشلم جا ماڻهن

جيڪي ورهين جا ورهيه غلاميءَ جي زندگي گذاري رهيا هئا. انهن کي آجو ڪيو ويو ۽ ڪين موڪل ڏني ويئي ته پلي هو هاڻي يروشلم واپس هليا وڃن. واپس وڃڻ وارن جو جڏهن ڳڻيتو ڪيو ويو ته 49,897 هئا. ڊورن ۽ وهٽن جو تعداد 8000 هو. ڪين موڪل ملي ويئي ته هاڻي هو پلي يروشلم جا وڻ ٻيهر وڃي وسائين.

آباديءَ جو ڪم حضرت عزير عليه السلام جي حوالي هو. سائرس اعظم خزانچين کي حڪم ڪيو ته شاهي خزاني مان هنن جي ان وقت تائين سهڪار ڪئي وڃي، جيسيتائين يروشلم نئين سر آباد نه ٿو ٿئي. حضرت عزير عه کي "ناظم اعليٰ" مقرر ڪيو ويو.

شاهي عملي حضرت عزيرعه سان تعاون ڪرڻ ڪيو ۽ ايران جون حڪومتون متجنديون رهيون. نيٺ آردشير، حڪومت جون واڳون ورتيون. حضرت عزيرعه بادشاهه وٽ شڪايت ڪئي ته خزاني جا داروغا ساٿس سهڪار نه ٿا ڪن. بادشاهه خزانچين تي سختي ڪئي ۽ حضرت عزير عه کي هيءَ اختيار ڏنو ويو ته هو پلي قاضي ۽ فقيه پنهنجي مرضيءَ سان مقرر ڪري.

يروشلم جي تعمير جو ڪم زور شور سان شروع ٿي ويو. پر ارمان ۽ افسوس جهڙي ڳالهه اها هئي ته توريت جو ڪوبه نسخو ڪونه بچيو هو. جڏهن بخت نصر يروشلم کي تباهه ڪري ڇڏيو ته توريت مقدس جا مڙيئي متبرڪ نسخا باهه ۾ ساڙائي ڇڏيا هئائين. هاڻي بني اسرائيل قوم کي توريت پاڪ جي ضرورت محسوس ٿي ۽ هيءَ نئون نسل، جيڪو بابل کان يروشلم آيو هو سو عبراني ٻولي به وساري چڪو هو. ڪنهن جي سمجهه ۾ ڪا ڳالهه ڪا نه ٿي آئي ته توريت جو مسئلو ڪيئن حل ڪجي؟

نيٺ حضرت عزير عه اعلان ڪيو ته توريت مقدس کي ٻيهر سهيڙيو وڃي. پاڻ هڪڙي ڏينهن قوم جي ڏاهن ۽ پرين مڙسن کي گڏ ڪري چيائين، "هاڻي آئون توريت مقدس کي نئين سر سهڙيندس، اهو ڪلداني اکرن ۾ لکيو ويندو ۽ منجهس عبراني ۽ ڪلداني زبانن جا اکر شامل هوندا."

ميڙ مان ڪجهه ماڻهن اچرج مان پڇيو "عزير! توريت جي صحيفن جي گڏ ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ نه رڳو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي پر اهو ناممڪن پڻ آهي. اوهان اهو ڪم ڪيئن ڪندو؟"

ميڙ مان ڪجهه ماڻهن حضرت عزير عليه السلام جي واکاڻ ڪئي ۽ چيو" اي لوڪو! هيءَ عزير عليه السلام توريت مقدس جو حافظ، شريعت موسويءَ جو ماهر ۽ زبردست فقيه آهي. هي جيڪڏهن گهري ته توريت پاڪ جي صحيفن کي ٻيهر سهيڙي منظر عام تي آڻي سگهي ٿو."

رات جو وقت هو. ماڻهن آسمان مان ٻه تارا لهندي ڏٺا ۽ اهي ٻيئي حضرت عزير عليه السلام جي سيني مبارڪ ۾ سمائجي ويا. حضرت عزير جي چوڏاري لکڻ وارا

ويهي رهيا ۽ پاڻ پڙهندو پئي رهيو ۽ ٻيا ماڻهو لڪندا پئي رهيا. اهڙي طرح توريت مقدس جاصحيفا ٻيهر سهيڙجي ويا.

انهن ڪارنامي بني اسرائيل کي ايترو تہ متاثر ڪيوجو هو پاڻ ۾ حضرت عزير عليہ السلام کي (نعوذ باالله) خدا جو پٽ چوڻ لڳا. ڇو تہ انهن جو خيال هو تہ توريت جي صحيفن جو ٻيهر جمع ڪرڻ ۽ مرتب ڪرڻ ڪنهن انسان جي وس کان ٻاهر هو. اهو ڪم خدا پنهنجي پٽ کان ئي ڪرايو. پوءِ تہ ڪٿي حضرت عزير عليہ السلام جا بت جوڙيائون ۽ سندس پوجا شروع ڪري ڏنائون. يمن ۾ يهودين جو "صدوقي" نالي فرقو حضرت عزير عليہ السلام جي "ابن الله"(خدا جو پٽ) جي حيثيت سان پوجا ڪندو هو.

حضرت عزير عليہ السلام جي باري ۾ مفسرن ۽ محققن جو چوڻ آهي تہ حضرت عزيرعليہ السلام پيغمبر هو ۽ انهي تي سڀئي متفق آهن تہ سندس حضرت هارون بن عمران عليہ السلام جي نسل مان هو. ڪن محققن جي راءِ آهي تہ سندس والد جو نالو "جروه" هئو. ڪن جي چوڻ موجب تہ سندس پيءُ جو نالو "سوريق" هو. پر توريت جي صحيفي "عزرا" ۾ سندس والد ماجد جو نالو "خلقياه" ٻڌايو ويو آهي. سندس قبر جي باري ۾ ٻہ رواتيون ملن ٿيون. هڪڙي روايت موجب سندس وصال عراق ۾ ٿيو هو ۽ ڪيس "سائرآباد" نالي ڳوٺ ۾ دفن ڪيو ويو ۽ ٻئي روايت موجب سندس مزار "دمشق" ۾ آهي.

ورتل ڪتابن مان:

قصص القرآن. انبياءِ قرآن ۽ سوانح انبياءِ

▲▲▲

مان ديوان جو نوڪر آهيان ۽ نہ واڳڻ جو

ڳالهہ ڪندا آهن تہ. هڪڙي ديوان کي روزانو سندس خوشامندي رسويو. گوشت، مڇي وغيرهہ ڪارائيندو هو. اهي ڪاڏا، ڏهاڙي ڪائي ڪائي، ديوان کي منهن پٽجي ويا. تنهنڪري رسيوئي کي حڪم ڪيائين تہ. "تون روزانو گوشت ،مڇي لو تيار ڪرين، موسمي ڀاڄيون لٿيون آهن. اهي بہ تہ اسان ماڻهن لاءِ آهن. هائي واڳڻ جي مند آهي."

نوڪر عرض ڪيو تہ"هائو سائين، انهيءَ ڪري تہ ڏٺيءَ واڳڻ کي مٽي تي مڪت ڏنو آهي. اڳتي ائين ڪندس. واڳڻ عجيب چيز آهن. تندرستي لاءِ تہ خاص طرح مفيد آهن. اک جي بينائيءَ لاءِ بہ اڪسير آهي."

ان وقت ديوان جو هڪڙو دوست بہ ونس ويٺو هو. ٻئي ڏينهن کان وٺي، نوڪر روزانو واڳڻ رڌڻ تي زور رکيو. ڀاڄي بہ واڳڻ جي، تہ برفو بہ واڳڻ جو! ديوان پهريان بہ تي ڏينهن تہ شوق سان ڪاڏا، پرپوءِ لڳاتار، ڪائي ڪائي، ڪڪ لي ويو. سو هڪ ڏينهن نوڪر کي چيائين تہ. "تو روزانو اچي واڳڻ تي مارا ماري ٻڌي آهي ،اهي تہ. هڪ بيڪار ڪاڏو آهن!" نوڪر چيس تہ. "جي منهنجا سائين سچ ڦا فرمايو. واڳڻ اهڙا تہ گرم آهن، جو ڏٺي پناهہ ڏٺي. گهٽي واپرائڻ ڪري، هلڪو هلڪو بخار بہ جان ۾ رهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ واٽي بہ ڪري وجهندا آهن. ڏندن لاءِ تہ خاص خراب آهن."

ان وقت بہ. ديوان وٽ، اهو ئي پهرين ڏينهن وارو سندس دوست ويٺو هو. انهيءَ نوڪر جون ،اهي ڳالهيون ٻڌي ،ڪيس چيو تہ. "ان ڏينهن تہ واڳڻ جي واڪاڻ مان ڏاپين ئي ڪونہ پيو. مگر اڄ تہ وري واڳڻ تي ڪ آيو آ رهين؟"نوڪر چيس تہ "سائين، معاف ڪجو. مان ديوان جو نوڪر آهيان ۽ نہ واڳڻ جو! تنهنڪري جا شيءِ ديوان جي نظر ۾ چڱي، سا منهنجي نظر ۾ بہ چڱي پر جيڪا شيءِ ديوان کي نہ وڻندي، تہ آءٌ بہ ان کي ڏڪاريندس."

مطلب هي آهي تہ اهو پهاڪو عام طرح وڏن ماڻهن سان "ها" ۾ "ها" ملائيندڙ خوشامندن لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

ساحر راهو

جڏهن شاعر پنهنجي سمورين چاهتن ۽ محبتن کي پنهنجي تخليق لاءِ هڪ commitmentسان منسوب ڪري ڇڏيندو آهي تہ سندس هر لفظ ۽ هر سٽ ساهہ ڪڍندي محسوس ٿيندي آهي.ساحرَ پنهنجي شاعريءَ کي پنهنجي محبوبہ ڪري ڄاتو آهي ۽ ايتري تہ محبت سان ۽ چاهت سان،پنهنجي پنهنجي ڪوتائن سان لاڳاپجي ويو آهي، جو هاڻ سندس هر سٽ سندس نہ پر پڙهندڙ جي بڻجي وئي آهي.ساحر جيڪي بہ ڪجهہ لکيو آهي.اهو لکڻ لاءِ پنهنجي دل جي ڌڙڪنن کي ٻين جي دلين جي ڌڙڪنن سان ملائي پوءِ لکيو آهي.اهو سبب آهي جو سندس شاعري هينئر تقريبن هر پڙهندڙ جي دل جي ۽ جذبن جي ترجمان بڻجي وئي آهي.

آئون اهو چوندي ڪو وڏاءُ ڪو نہ ٿو سمجهان تہ ساحر،نئين ٿهي جو نمائندا شاعر آهي ۽ سندس غزل جي پيروي ڪيترائي نوان شاعر ڪندا پيا اچن. سندس غزل ۾ نين تشبيهن، ترڪيبن ۽ اصلاحن سان گڏ جيڪا فطري سونهن ۽ نظارن جي منظر نگاري آهي، اها سندس شاعري جي چولي تي هرمچي جي ٻرت وانگيان آهي. ساحر شاعري اندر جيڪا روح ڇهندڙ ۽ جسم ۾ ارٿ ڊوڙائڻ واري احساسن جي چٽسالي ڪري ٿو، اهو هنر غزل جي نئين ٿهيءَ جي شاعرن مان ورلي ڪنهن دل ۾ ملي ٿو. سندس غزل ايتري مجتا تہ ضرور حاصل ڪئي آهي، جو هاڻ نوجوان گو شاعرن جو ذڪر سندس نالي کان سواءِ اڻپورو رهي ٿو. سندس موجود جستجو ۽ غزل لاءِ بي پناهہ عشق ڪيس شاعريءَ جي معراج ئي پهچائيندو.

سيد امداد جعفري

روڳي

روڳي روڳي او روڳي ڙي
آءُ تہ تنهنجا، روڳ وندیان
پن ڇڻ پل جا جهول پري مان
مُرڪن لمحا توکي ارپيان

شاعر شاعر او شاعر ڙي
درد کي ڪيڏي لذت آهي
مُرڪ کي پنهنجو آ ميناس
منهنجو ڪر تون اڄ وشواس
ڏک سُک جو ميلاپ ڪري مان
رمجهر نغما توکي ارپيان

پنچي پنچي او پنچي ڙي
تنهنجو پنڌ ڪٺن آسرتا،
اڏري اڏري ٿڪجي پوندين
رات جو ٽاٽو، نيٺ ڪٽيندين،
ڪيڏو تنهنجو ماڳ پري مان
گيت وداع جا توکي ارپيان

راڳي راڳي او راڳي ڙي
تنهنجي تند جي تڙپ ۾ مون کي
گهرو گهرو روڳ مليو آ
پنر جنم جو جوڳ مليو آ،
جيسين تنهنجي تند ٺري مان
ننڊ نياپا توکي ارپيان

راهي راهي او راهي ڙي
وستي وستي رمتا جوڳي
نگر نگر جي خاڪ چمين ٿو
اندر جو افلاڪ چُهين ٿو
تنهنجي دل جي باهہ مڙي مان
لال لياڪا توکي ارپيان

سرتي سرتي او سرتي ڙي
گيتن جي گونجار فضا ۾
ڪنهن جي چپ جا ڇها تلاشي،
ڪي تہ پئي اتهاس تلاشي،
ڌرتي تي ڪو گيت وري مان
خواب ڪنوارا توکي ارپيان

ساحر ساحر او ساحر ڙي
گهاٽي جي گهمري تي گهاريان
دار جي سرڪڻ هار ٿئي يا،
گردن تي تلوار ڪري يا،
اڙجان شايد ڪرٽ اري مان
نيٽن ڏيئا توکي ارپيان

غـــزل

پيڙ لڳي آ مقتل مقتل، چيتي جي گجگوڙ ڪئي،
ڪير سخي تو ڪنڌ ڪپائي، جان ڪئي ڪنهن گهور ڪئي،

ڪير ڪنواري وڏوا رني، لال لهوءَ سان ماٽي لاٽو
جوڙيون جهومڪ ڳانا سڳيون، مرجهايا هن موڙ ڪئي،

پيار وڏائي همٽ ڪنهنجي، ڪنهن کي مرد بڻائي ماءُ،
ڪنهن جيون جوٽو ڪائنڻ، ڪنهن لئہ پيار پنجوڙ ڪئي

يب لتاڙي هاڙو ڳائي، وندرن مان آ، ووڙي رات،
عشق ازل جي آڳ لڳائي، چڏٽو هو تہ پنپور ڪئي،

مٽي سرمو مٽي ميندي، مٽي سرهو سرهو ساءُ،
مٽي ناهي ٿڪجي لهندي، مٽيءَ جا ڏس مور ڪئي،

مان بہ اڪيلو جام اڪيلو، چنڊ اڪيلو تنها رات،
مڌخانن ۾ ايندا آهن، پيئڻ گڏجي جوڙ ڪئي،

توبہ نہ ڄاتو مون بہ نہ ڄاتو، جڪڙي رئيون پيار ڪڙيون،
سونهن ندي جي اک ۾ اوتيل، نينهن ندي جو چوڙ ڪئي،

تون تہ اڳي هئين اڻ جهل ارڏو، ماڻهن لاءِ مثال بڻيل،
پنڌ تون هاڻي ڪهڙي دڳ تي، تنهنجي آ جاکوڙ ڪئي،

عشق ازل کان ارڏو جذبو، پيار نہ پالينڊو آ قيد،
ميت ازل جا، گيت ازل جا، تو نہ ٻڌا چت چور ڪئي،

هيڪلتا جي رڄ ۾ ساحر، هوندي شهرت جهڙي سج
رتبن جي آڪاس تي هوندا، ڌرتيءَ جهڙا جوڙ ڪئي

غــزل

اوس جيان هي ڪومل هردو، سوچ تہ ڪيئن ٿو پٿر ٿئي،
ڪيئن نفس ۽ نرمل ماڻهو، مومن مان ٿو ڪافر ٿئي.

ڪيئن سمنڊ مان اُٿندڙ بادل، صحرائن تي برسن ٿا،
ڪيئن اُجاڙو چهرو پل ۾، سپنن جو ٿو محور ٿئي.

جيئن پٿر مان مورت جڙجي، روپ وٺي پڳوانن جو،
تيئن ٺڪر جان ڪورو ماڻهو، خوشبو جو ٿو شعر ٿئي.

جت تي جهڪ لڳائڻ وارا، دلڙي رب جو گهر آ سوچ،
ڳل ڳرهائيون پاءِ نماڻي، دل جو ويڙهو معطر ٿئي.

لک ستارن جي جهرمر ۾ي، چنڊ جو ناهہ بدل اي دوست،
جگنن جي جڳ مڳ سان ڪڏهين، ڪيئن ٿي رستي منور ٿي.

ڪڏهين درد جي آڙاهن تي، ٻڙڪ نہ ٻاڦي ٿو انسان،
ڪڏهين هلڪي آنچ تي پگهري، من ماڻهوءَ جو منڪر ٿئي.

ڪا تہ نرالي خوشبو مهڪي، ڪنهن تہ ادا جي جهلڪ پسان،
ڏولاڻن جي ماريل دل جي، حالت پل ڪن بهتر ٿئي.

درد ۽ دل جي درميان اڄ ڪلهہ، خوشبو گل جو ناتو آ،
درد ڳرهائي دل کي پائي، دل ٿي درد لئہ پاڪر ٿئي.

ٻير يون ٿا ڪنڊيءَ تي ۽، رات نري ٿي شبنم ۾،
آءِ جڳن جي چادر اوڍيان، نند اکين لئہ ساحر ٿئي.

غــزل

جهروڪا چنڊ جا چنچل، پرين هر هر پچن تنهنجو،
ندءِ جا نيڻ گهورين ٿا، پٿر ٿوهر پُچن تنهنجو.

جتان گذران سوالي هن، گليون ماڻهو ۽ روڊ منظر،
جهُريل ڪمرن جون ديوارون، دريون ۽ در پُچن تنهنجو.

گلن جي باغ مان گذران، مٽيان يا نهر ڪنڊيءَ تان،
سڪي پنچين جون ٻوليون ۽، پنل منظر پچن تنهنجو.

نہ ڄاڻان ڪيترين دل جون، تمنائون قتل ٿيندين،
خودءِ جي پلصراطن تان، وٽيون دلبر پُچن تنهنجو.

ڪنورا ڪامڻين ٿولا، گهڙا پنگهٽ ۽ پايل جي،
ردم تي پيرڙا ڪچندڙ، اڙي شاعر پُچن تنهنجو.

گريبان ۾ وجهان جهاتي، تہ آئينو پران الري،
ستل احساس جڳهوڙي، رتون اڪثر پُچن تنهنجو.

سدائين تنهنجي سرواڻي، ڏيئو ٿيندي آ منزل جو،
منجهيل رستن جون خاموشيون، پتو رهبر پُچن تنهنجو.

بهارن جي امل موسم، هي پورو چنڊ چوڏهينءِ جو،
وصول جا پل سنڀاري ٿيون، اکيون ساغر پُچن تنهنجو.

نہ ايڏي ماڻ پهرين مون، پسي آ تنهنجي نيڻن ۾،
ڪنڊي جا ڪوڏ لهرون ۽، سپون ساحر پُچن تنهنجو.

غــزل

رلي ۾ نند جون ٽڪريون، ۽ خوابن جا پٿر ڏاڳا،
برين يوئي اماڻيا ٿئي، اکين مان جاڳ جا تحفا.

نگاهن جي نهارن ۾ جنم جي تڙپ اُوتيل آ،
ڪنڊيءَ تي ڪانپ سان وينا، لُڇن يادن جا اوجاڳا.

ڪنن تنهنجن ۾ پلڙا يا، هوا ۾ ٿا سنگر جهومن،
چٽيو آ ٻور ٻيرن جو، پيا ڪٽڪن ۾ لابارا.

مليل تحفو تون اجرڪ جو، مٿان تاڻي سُتي آهين،
امبر تان چنڊ ۽ تارا، سڪي پائين ٿا لياڪا.

ايا هي ڳاٺ پريت جا ، سفر ۾ سار جي خوشبو،
مرئي جي دل ۾ ڏڙڪن ٿا، تنهنجي ٿهڪن جا پڙاڏا.

چُهي پنهنجي تو پلڪن سان، منهنجي پلڪن کي جاڳايو،
اڏوري خواب مان چرڪي، چُميا مون چنڊ جا چارا.

سُڪي ويا ڪوهہ ڪيتن جي، ڦڙن کي لڳي سلهہ آ،
ڪنر ۾ قيد ٿي ويا هن، سنڌوءَ جا جوش ۽ ڏڌڪا.

ندءِ جا نيڻ حيرت جو، جزيرو ٿي ويا ساحر،
اسان قدمن جي آهٽ تي، ڳڻيا دل جا هُنا ڏڙڪا.

غزل

ڪنول ڳلڙن تي موهيڙا، جواني مُند ڪامڻ جي،
ٻڌي پايل نہ ونگس پر، فضا آهٽ آ چڻ چڻ جي.

انڌيري رات جي آنچل، مٿان برڪا جا ڪومل چپ،
ٻساحل تي لڙي ويئي، آ سُرمئي شام سانوڻ جي.

پرين ڏڙڪن جي پورن سان ، پيون الجهي تمنائون،
تہ دستڪ دل مٿان پاسي، آ جاڳيل رات پنچڻ جي.

ڪنڌا چونڌيندي قسمت جا، اکيون رت چاڻ ڏيون منهنجون،
ڏياري، عيد، ڪرسمس تي، ملي مهلت نہ مُرڪڻ جي.

سپني تمنائون سيني تي، سجايا تنهنجي تهمت جا،
شهر پٿر ۾ گهايل تي، خواهش توکي ڇاهڻ جي.

ڪناري درد جي ويني، ٻڌين ٿو شور ڏڙڪن جو،
سدا ڪيڏي نہ سندر هئي، ڪري ڪونجن جي ڪٽڪڻ جي.

بهارن جي شگوفن تي، مڙيا هوندا رنگين پوپٽ،
اسان لڙڪن ۾ پوئي آ، چڏي هر شام مهڪڻ جي.

اسان هٿ جي لڪيرن سان ، جڏهن الجهڻ چڏيو "ساحر"،
دياري دوست ۾ ڪهڙي، تمنا توکي پائڻ جي.

غزل

مٺو، سنگهڙائي

نہ نيڻ مليا نہ قرار مليو،
بس سورن جو سنسار مليو
هت شهر سڄو آرت رنگيل
آ گهٽ: گهٽي تڪرار مليو
اڄ گل کان خوشبو ڌار آ ڇو
ڪٽ مونکي ناهي پيار مليو
ويا پکي اڏامي ٽارين تان
آ روئندو هڪ هڪ ٽار مليو
ڪنهن پنهنجي پيار جو پاپ ڪيو
آ مئل گٽر مان ٻار مليو
مان پٽڪي پٽڪي ٽڪجي پيس
مس تنهنجي ٻانهن جو هار مليو

غزل

حنيف عاطر

صَدا ناهي گداگرجي،
حياتي آهي پٽر جي.

لَڏي ويو قافلو ڪوئي،
تڏهن واري رتي تر جي.

هي محرُومي، هي مجبُوري،
ڪهاڻي آهي گهر گهر جي.

پڙهي ٿو شام جو سورج،
ڪٿا گهري سمندر جي.

هميشہ منهنجي نيڻن ڪئي،
غلامي سنڌ جي در جي.

وڇوڙي جي گهڙي عاطر،
ڪمائي زندگي پرجي.

غزل

ڪي سُندر بارشن ۾،
ڏٺا گهر بارشن ۾.

رتو آهي اکين جو،
سمندر بارشن ۾.

تڙيو رابيل وانگي،
مُقدر بارشن ۾.

اَسان جي عاشقي جا،
ڪُليا دَر بارشن ۾!!

هَليا نظرن جا آهن،
ڪي خنجر بارشن ۾.

ڪسي ٿو چين دل جو،
هي منظر بارشن ۾.

هوُ ويتر ياد آيو،
ستمگر! بارشن ۾.

پکين جا هيل عاطر،
جليا پَر، بارشن ۾.

غــزل

عاشق علي ڳاهو

مون کئي ديپ زندگي آهي،
هر طرف تنهن لئ روشني آهي.

ڪونہ صورت سٺي اٿئي تنهنجي،
پيو چوين آرسي ٻُري آهي.

ڳولي پنهنجو پنهون نہ ٿي اچ جي،
هيءَ سسئي پيي عجب سسئي آهي.

ٿل ڪٽنال ڪالاباغ ڪپي،
سوچ ڪيڏي تنهنجي ننڍي آهي.

"ننهن" کي باهہ ڏئي چئي ٿي سس،
چوڪريءَ خودڪشي ڪئي آهي.

رنگ ويو ٿس لهي ائين چئي هُن،
مون کي واري ڏني مُندي آهي.

هُن جي يادن جا ٻار تنگ پيا ڪن،
تنهن لئ "عاشق" ڪئي شاعري آهي.

غــزل

آزاد بابر سنڌي

گيت اسانجا گولي بڻبا
سنڌوءَ جي ڪا ڇولي بڻبا
ڌرتي جي هر دشم جي لئ
موت جي ڪائي ٽولي بڻبا
هر آمر ۽ جابر جي لئ
ڇڻ تہ ڪائي کولي بڻبا
هيڻن لئ هي گيت سدائين
خوشين جي ڪا جهولي بڻبا
ڪوڙ جو ڪنڌ مروڙي ويندا
سچ جي اهڙي پرولي بڻبا
"بابر"!! تنهنجا پيارا نعرا
حق جي هميشہ ٻولي بڻبا

چؤسٽا

- هڪڙي دلڙي، درد هزار
روز وهايان نيڻن نار
پوءِ بہ "بابر!!" جيئڻ جي لئ
ڪافي آهي، تنهنجي سار.

- سونهن سراپا آهي چنبيلي
جنهن جي ناهي ڪا بہ سهيلي
مون ونگر ڇا روئندي هوندي
"بابر!!" جڏهن بہ هوندي اڪيلي

غــزل

مير محمد نوتڪاڻي

اجان ڪين وسريون اوهان جون ادائون،
اجان ان پٽن تي اوهان جون پڇائون.

اوهان ڪين موتيا نہ موتيون بهارون،
اسان جو مقدر بڻيون هي خزائون.

حياتي هي ساري وفائن ۾ گذري،
ڇو وسري ويون سي اوهان کان وفائون.

ڪجي ڇا اوسائي اسان جي اکين مان،
پڙهيون لوڪ ساري اسان جون ڪتائون.

رنڌل ئي رهيا سين اسان زندگي کان،
اسان جي مٿان ڇڻ ڪيون موت ڇائون.

اوهان جي چپن جي چمي جو قسم آ،
اجا پي اسان وٽ اوهان لئ دعائون.

اوهان کي ئي چاهي خطا وار تياسين،
ڪجو معاف "ميرل" اسان جون خطائون.

غزل

مُوسيٰ ڏيٽو

رهجي ويون سڀ گس تي يادون،
ٻهراڙڙي جي بس تي يادون.

ننڍپڻ جي ڪنهن نيهن کي ساري،
ڳولي پئي هو ڪَس تي يادون.

بازن وانگر حملا ڪن ٿيون،
منهنجي دل بي وس تي يادون.

چنڊ به پنهنجو پنڌ پچايو،
تنهنجون پهتيون رَس تي يادون.

سوچن ۾ هر غرق رهي ٿي،
ائين لٿيون وينگس تي يادون.

جسم جي جهوني ڪنهن ڦٽ وانگي،
ڪو نه ڇُٽيون ڪنهن ڏس تي يادون.

غزل

علي شاهد سنڌي

ڪنهن جي زبان تي ذڪر ڪو نهي
سنڌ جو ڪنهن کي فڪر ڪونهي
درد آهون هتي هر جاءِ آهن پر
ڪنهن دل تي ڪو اثر ڪونهي
ڏسي سگهي ڪو دل جي زخمن کي
اهڙي ڪنهن وٽ ڪا نظر ڪونهي
نفرتن جي هي دنيا آهي هتي
محبت جي ڪنهن کي خبر ڪو نهي
هر فرد ڏکن ۾ هر گهر ۾ دانهون
امن هجي جتي اهڙو ڪو گهر ڪونهي
"شاهد" پيتو آهي جام محبت جو
محبت زندگي آهي ڪو زهر ڪونهي

غزل

فراخ جانوري

اداس آيا اٻاڻڪو آ، فراخ جيون اٿئي اهو ئي،
قدم قدم سوين مسئلا، فراخ جيون اٿئي اهو ئي.

نه ٿئ مايوس ايترو تون نه روءُ همت ۾ حوصلو ڪر،
اهي اگهي ڇڏ ڳلن تان ڳوڙها، فراخ جيون اٿئي اهو ئي.

اداس ٿيڻ سان نه ورندو ڪجهه پي، ڏکن غمن جا بهادرن جيان،
ڪلي خوشيءَ سان گذار لمحا، فراخ جيون اٿئي اهو ئي.

سڪون سڪ ۽ قرار ڪونهي رڳو خزان آ بهار ڪونهي،
ڏسڻ چڏي ڏي خيالي سپنا، فرخ جيون اٿئي اهو ئي.

آ وات واري ۽ رات ڪاري سفر ڏکيو ۽ ڊگهو آ ڏاڍو،
ڪا ماڻ منزل ڪري ڪشالا، فراخ جيون اٿئي اهو ئي.

ڪروڙ ماڻهو ڪني رهن ٿا، انهن هجومن جي وچ ۾ يارو!
جيئن ٿا پو پي گهٽائي تنها، فراخ جيون اٿئي اهو ئي.

ڪو سڪ نه ينهنجا پراوا سائي جي ڏک نه همدرد رهي نٿو ڪو،
چڏي وڃن ٿا سيئي سهارا، فراخ جيون اٿئي اهو ئي.

نظم

بيڪس

درد وندي دڪياري آهيان
وڇڙيل ۽ ويچاري آهيان
ٽڪن ۾ ٿي آءُ وڪامان
دل ۾ ڪوري وانگر ڪا مان
دنيا جون سڀ رسمون توڙي
دل ٿي چاهي آءُ، اڏامان
پر پوءِ هڪڙي ڳالهه ٿي ماري
ماءُ ۽ پيءُ جي عزت ساري
خاموشيءَ جو زهر پيئان ٿي
لڙڪ اکين مان هاري هاري

جوا کيڏي گهر ۾ ايندو آ
مونکي ظالم مڙس سدائين
ڏاڍا ڏکڙا ڏيندو آهي
چوندو آهي ڪاري آهيان
روز نوان الزام لڳن ٿا
خطرن جا گهڙيال وڄن ٿا
مونکي مارڻ خاطر هر هر
هٿن ۾ هٿيار کڄن ٿا
پوءِ به مان خاموش رهان ٿي
گهوٽ هٿان هي گهاءُ سهان ٿي
ڏينهن تتي جو ڏاندن پويان
روئندي رڙندي ڳالهه ڳهان ٿي
نيٺ اهو به وقت اچي ٿو
ڪارنهن جو الزام لڳي ٿو
پوءِ بهادر باڪ ڦٽيءَ جو
ناحق مرندي ناري آهيان
وڇڙيل ۽ ويچاري آهيان

هائيڪا

ذوالفقار ٽالپر

رڙيو رڙن ٿا
خزان ۾ جڏهن
گل ڇٽن ٿا

اٽڪي مان پوان
وري ويرين کي
ڪرو سچ چوان

هي ڪاري رات
صبح ٿيڻ سان
نيٺ ڪائيندي مات

سچائي جو دڳ
پهري ٿجان پانڌيئڙا
گهٽا ملندئي نڳ

سياڻا ناهيو
پور وچوٽا رستا
تڏهن ٿا ناهيو

نظم

امداد جسڪاڻي

ڪڏهن ايندين..؟
نيڻ لڙڪ وسائن ٿا
لفظ ٽيڙ ڪائن ٿا
تارن جي ميڙ ۾
نظارن جي ميڙ ۾
شام پهر اوپرو
لڳو شهر اوپرو
محسوس ڪيان ٿو
ڪو زهر پيئان ٿو
جيئان، مران ٿو
سڏڪا ڀران ٿو
تنهائي تماشائي بڻي
ڪٽ چنڊ رات وڻي
ياد جا تير لڳا آهن
چي درد پُڳا آهن
تون ڪڏهن ايندين
اچي مرڪ ڏيندين
هي لڙڪ اگهندين
ملي ڪلندي.

غزل

پروفيسر قادر بخش مگسي "حاتم"

ويا پلاٽي ڏيهه مان ڏوٽيئڙا،
ڳوٺوارن ڪيئن نه ڏس روئي ڏنو.

لڙڪ اکڙين ۾ جمي ويا برف ٿي،
آبشارن ڪيئن نه ڏس روئي ڏنو.

هند ۾ شايد مري ويو اڄ شيام،
سنڌ وارن ڪيئن نه ڏس روئي ڏنو.

مون رنو محبوب تولئه مونسان گڏ،
چنڊ تارن ڪيئن نه ڏس روئي ڏنو.

درد منهنجي جي ڪهاڻي سي الا،
منهنجي يارن ڪيئن نہ ڏس روئي ڏنو.

ڇا ڏيهہ ۾ پيدا نہ ٿيندو ٻيو ڏياڇ،
سرندي ستارن ڪيئن نہ ڏس روئي ڏنو.

مون جڏهن ٿي موڪلايو مهل اُن،
دوست يارن ڪيئن نہ ڏس روئي ڏنو.

غــزل

پيار علي پريمي

جا ڄڻي انقلاب کي، ڳورهاري ڌرتي ڪپي
مست هاڻي کي هڻي، ضرب ڪاري ڌرتي ڪپي.

رات جي هر روپ کي، ڇيري ڇڻي ڇيٽاڙي،
رات جي هر روپ سان، جهيڙو جاري ڌرتي ڪپي.

پڄ ڍاهہ جي ڍوهہ مان، تعمير جا نقشا ڇڪي،
بنياد ڏي آڇپي جو، ساهہ سگهاري ڌرتي ڪپي.

اي ربا آباد رک، عالم سارو پر ان سان گڏ،
منهنجو بہ درياهہ وهي سائي ساري ڌرتي ڪپي.

ڀيجليا ٻيهار اچي سين ڏي ڪا سنڌ کي،
ڏيهہ واسي ڏياڇ پريمي پرين پياري ڌرتي ڪپي.

نظم

رحمت سومرو

درد سڏڪا اڃان نيڻ آلا اڃان!
ڪو نہ اهڙي ڪڏهن ڪا خوشي آ ملي،
جا نہ غم جا ڏئي ڪي وڃي قافلا.
ٿهڪ اهڙو ڪڏهن ڪو نہ آهي ڏنو،
جو نہ سڏڪن جا ڏئي ڪي وڃي سلسلا.
ڪا بہ ناهي خبر ٿيندو ڇا ڇا اڃان!
درد سڏڪا اڃان، نيڻ آلا اڃان!
ساهہ سوڙ سوڙ ڪو ڳڻتين ۾ پيو ٿو ڪٽي،
روح ڪنهن جو الا! ڪاٽي تڙپي پيو.
سونهن ڪنهن جي ڪٽي سڏڪندي ٿي رهي،
عشق ڪنهن جو الا! ڪاٽي ڦٽڪي پيو.

هر جواني، مٽان هن ڪهاڙا اڃان!
درد سڏڪا اڃان نيڻ آلا اڃان!
ديس تي دهشتون ڏس! اڃان ٿيون گهمن،
ظلم ٿو امن جو هان، ڦاڙي وجهي،
حال ڳوٺن جو ڏئي ٿو اداسيون ڇڏي،
سود شهرن جو سينو ٿو ساڙي وجهي.
مرڪ ڌرتيءَ جي هر ڪا آ اغوا اڃا!
درد سڏڪا اڃان نيڻ آلا اڃا!
پيار ڳوليو ڪٿي پي ليي ڪو نہ ٿو،
روز وڏنديون رهن ٿيون رڳو نفرتون،
او پٽائي! امڙ سنڌ جو آ قسم،
غير محفوظ آهن الا عزتون.
لهن پوتيون رلن ٿا پيا پٽڪا اڃان!
درد سڏڪا اڃان نيڻ آلا اڃان!
نيڻ آلا اڃان، نيڻ آلا اڃان!

غــزل

صادق لاشاري

در پٽيان پيل آ آدمي،
ڪيڏو نہ ڀليل آ آدمي.

هن ڌرتي جو گولي تي،
ڪن پل رهيل آ آدمي.

ڀاءُ ڪي ڀاءُ ٿو ماري،
سوچ ۾ پيل آ آدمي.

لوهہ جو تہ ڪونهي ڪو،
گوشت جو ٺهيل آ آدمي.

خراب عملن جي ڪري،
سورن ۾ پيل آ آدمي.

جنهن سان رب راضي آ،
سو تہ ٿيڪل آ آدمي.

بہ جو نالو ٻڌي ڪنبي ويو آ،
ڏس ڪيڏو هيسيل آ آدمي.

پاڻهي تہ ڪو نہ ٺهيو آ،
رب جو خلقيل آ آدمي.

ڏک جي ڳالهہ اها "صادق"،
آدمي جو ڏنيل آ آدمي.

غــزل

امين پُٽو

ڳوٺ توسان ڳهر ۾ هوندو آ،
دربدر ڪو شهر ۾ هوندو آ.
هو نہ هُن جو خيال آ گڏ مونسان،
شام جي هر پهر ۾ هوندو آ.
ماڻهن جو سلوڪ ٿو ماري،
موت ڪاٽي زهر ۾ هوندو آ.
اڀ حوالي پرين ستارن جي،
چنڊ جڏهين نهر ۾ هوندو آ.
تون پُڇي ڏس وشال سمنڊ ڪان،
حُسن تہ لهر لهر ۾ هوندو آهي.
چين ايندو نہ آ "امين" ٻاهر،
روح تنها گهر ۾ هوندو آ.

وائي

مجيب سنڌي - دوڙ

سهڻي سنڌ پياريءَ تي
رسم ڪارو ڪاريءَ تي
شاعر! تون بہ لک
ظالمن هٿان ڪُسجندڙ
ويچاري ڪنهن ناريءَ تي
شاعر! تون بہ لک
بي رحم پيو ظلم ڪري
بي پهچ غريب هاريءَ تي
شاعر! تون بہ لک
دهشتگرد پيا خون ڪن
انهيءَ ماراماريءَ تي
شاعر! تون بہ لک
پاڻيءَ بنان سڪي وئي آ
سڪل وڻ جي ٽاريءَ تي
شاعر! تون بہ لک
سنڌ ۾ رهن سنڌي نہ سڏائين
سوچ انهي ڏاريءَ تي
شاعر! تون بہ لک
بہ اکيائي سنڌ سان ٿئي پئي
انڌي انهي سرڪاريءَ تي
شاعر! تون بہ ل

شعر

اصغر مهرائي

جڏهن مون کان ماڻهو هي بيزار ٿي پيا،
اکين ۾ تڏهن لڙڪ نروار ٿي پيا.
منهنجي موت تي ڪي رنا ڪي ڪليا ٿي،
اهي لوڪ ساري جا اختيار ٿي پيا.
جني ڪاڻ جيءَ کي ڏنم ٿي جفائون،
انهن سان نصيبن جا ديدار ٿي پيا.
اميدن جو ٻيڙو ڪناري تي پهتو،
اڏورا سيئي خاب بيڪار ٿي پيا.
عمر ۾ جنهن جي ٿي پوچا ڪئي مون،
ڪلهي ٿيا نہ ڪانڌي سي ئي ڏار ٿي پيا.
منهنجون حسرتون ٿيون نہ مهرائي پوريون،
مٽي اڄ مٽيءَ جا ڪي انبار ٿي پيا.

شعر

اصغر مهرائي

اسان پاڻ پنهنجو وڃائي ڇڏيوسين،
جفائن سان جيون جلائي ڇڏيوسين.
ڪري عشق دنيا جي ويرانين سان
سارو لوڪ پاڻئون ڪلائي ڇڏيوسين.
اڏامي ويا مرڪن جا پل ۾ پکيڙا،
بهارن کي دل تان پلائي ڇڏيوسين.
سڪا باغ سارا نہ ساگر ئي نهريو،
سحرا ۾ سپنو سجائي ڇڏيوسين.
ويٺي نڪري هٿن مان دنگي وقت واري،
قسمت جو ٻيڙو لڳائي ڇڏيوسين.
اڏمن ۾ اصغر جيان ۽ مران پيو،
وفا جو اکر آزمائي ڇڏيوسين.

☆☆☆

غــزل

منور ملاح - کپرو

چاندني بدن تي گلابي وڳو هو
ڇڻ پرين بدن تي گلابي وڳو هو.

نيڻ تولاءِ ڏيئا ڪري ٻاريم
عاشقي بدن تي گلابي وڳو هو

چنڊ تنهنجي سونهن ۾ ويو آهي ٻڏي
ڪنهن ندي بدن تي گلابي وڳو هو

آخوشبو ڇڻ ڪلي ڪيڪاريو مون کي
تازگي بدن تي گلابي وڳو هو

رئي ۾ اچي رنگن کي معنيٰ ملي آ
سانوري بدن تي گلابي وڳو هو

رخصتيءَ جو نوحو پٿر دل نہ ڇاتو
خودڪشي بدن تي گلابي وڳو هو.

پئي عاشقي جا پير ٽڙيا ڇڻ
ميڪشي بدن تي گلابي وڳو هو

ڪنهن رت جي خوشبو کي آجياريو
سنڌ وري بدن تي گلابي وڳو هو

غــزل

علي عاجز شر پڪا چانگ

جهريا آهيون جهڪيا ناهيون!
وڍيا آهيون بڪيا ناهيون!
زندگي سڄي توکي ڳوليوسي،
اجان چوين ٿي ڊڪيا ناهيون.
صدائين ارادن تي اٽل رهياسي.
وڏيرن جيان وڪيا ناهيون.
اسان منزل ضرور ماڻينداسي،
اجان تائين ٽڪيا ناهيون.
حوصلي همت سان پيا هلون منزل ڈي.
اجان ڪٿي به رڪيا ناهيون.
موت کي اسان مات ڏينداسين،
دشمن کان ڊڄي لڪيا ناهيون.
"عاجز" آزادي جي سڪ آ ساڙيو.
ٻيو ڪنهن جي ۾ سڪيا ناهيون.

غــزل

آفتاب احمد لولائي

در تان دلربا نہ ڏڪار مان هليو ويندس
بي رخيءِ سان نہ مون خي نهار مان هليو ويندس
ازل کان آهيان سڪائتو تنهنجي صورت جو
ڪري بس آخري ديدار مان هليو ويندس
تنهنجي دل مان منهنجي چاه جو ديپ اجهاميو آ
ٿي هاڻي تو کان ڌار مان هليو ويندس
هن زماني جو ستايل اڳ ئي گهڻو هيس پرين،
ان کان اڳ جو تون به روئار، مان هليو ويندس
منهنجي هر آس دل جي وکري وئي آ هاڻ
مون کي بس توکان نہ ملي پيار، مان هليو ويندس
تنهنجو ڪو سڏ ورنائي نہ سگهندو آفتاب کي
ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ يار مان هليو ويندس

☆ ☆ ☆

ٺهڪ ٽائيم

جج: "تو، هتي هفتي ۾ ٽيون دفعو آيو آهين ..."

ملزم:" پر سائين .... توهان ته روز ايندا آهيو."

☆☆☆

رات دير جي ٽائي ۾ هڪ پروفيسر صاحب جو فون آيو.

"ڏسو جناب .... منهنجي هتان چوري ٿي ويئي آهي. ڪنهن منهنجي ڪار جو صفايو ڪري ڇڏيو آهي.ان جو اسٽيئرنگ غائب آهي... ڪلچ، ڊيش بورڊ ۽ ايڪسيليٽر به ڪونهي.. مهرباني ڪري فورن ڪجهه ڪندا..."

ٿوري دير کان پوءِ پوليس انسپيڪٽر هن جي گهر پهتو ته پروفيسر صاحب خوش، ٺيڪ ٺاڪ ويٺو هو. انسپيڪٽر کي ڏسي ڪري جلدي سان چيو، "انسپيڪٽر صاحب. مان معافي گهران ٿو... منهنجي ڪار ۾ هر شيءِ موجود آهي.. ٿيو هيئن جو آئون غلطي سان ڪار جي پوئين سيٽ تي وڃي ويٺو هئس.

☆☆☆

پروفيسر جي پٽ چيو، "ڏاڏي امان، ڇا توهان آرٽسٽ آهيو؟"

ڏاڏيءَ جواب ڏنو "نه، ته."

ٻارمعصوميت سان چيو، "پر ممي ته بابا کي چئي رهي هئي ته پوڙهي اچي ويئي، هاڻي روز روز پيا گهر ۾ نوان نوان ڊراما ٿيندا."

☆☆☆

پروفيسر جي ڪمري مان آواز ڏنو، "ڊين، مارٽن کي چپ ڪرائي. ڇو پيو روئي.منهنجي مطالعي ۾ خلل پئجي رهيو آهي."

ڊين جواب ڏنو، "مان مصروف آهيان ڊيڊي."

"ڇا پيو ڪرين تون؟"

"مان مارٽن جو ڪيڪ پيو ڪاوان."

☆☆☆

استاد: ڪير وڏيڪ پري آهي. آسٽريليا يا چنڊ.

شاگرد: آسٽريليا.

استاد: تون اهو ڪيئن ٿو چوي؟

شاگرد: ڇو ته توهان چنڊ کي ڏسي سگهو ٿا پر آسٽريلياکي ڏسي نه ٿا سگهو.

☆☆☆

ٽر: ممي، ممي، تون مون سان ٻاهر هل، مان گهر کان ٻاهر ڏاڪڻ ڪيرائي وڌي وئي آهي.

ماءُ: مان مصروف آهيان، وڃ ۽ پيءُ کي ٻڌائي.

ٽيم: هن کي اڳ ۾ ئي خبر آهي. هي ڪڏ تان لٽڪي رهيو آهيان.

☆☆☆

علي: منهنجو پيءُ ڪنن سان پيانو وڄائيندو آهي.

اڪبر: اها ته ڪا به ڳالهه ڪانهي، منهنجو پيءُ ته پنهنجن وڏين مڇين سان بانسري وڄائيندو آهي.

☆☆☆

هڪ ڇٽو ٻئي کي "تون ڪيئن اٿ تان لٽين.":

ٻيو ڇٽو: مان بدڪ کي هيٺ بيهاري ان جي مٿان پير رکي لٽس.

☆☆☆

ڊاڪٽر: مون کي توکي ٻڌائيندي ڏاڍو افسوس پيو ٿئي ته توکي ريبي (بيماري جنهن ۾ جانورن جي چڪ سان موتيار بيماري) آهي ۽ تون بچي ڪو نه سگهندي.

مريض: ٺيڪ آ، ڊاڪٽر مون کي پينسل ۽ ڪاغذ ڏي.

ڊاڪٽر: ڇا لاءِ، وصيت لکڻ لاءِ؟

مريض: نه، آئون لسٽ تو ناهڻ چاهيان انهن ماڻهن جي جنهن کي مان چڪ هڻندس.

☆☆☆

هڪ ماڻهو گهر خريد ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو ته رستي تي هڪ خالي گهر تي لڳل اشتهار پڙهيو، "گهر برائي فروخت"!

ان ماڻهوءَ گهر گهمي ڏسي واپس آيو ۽ گهر جي مالڪ کي چيائين گهر مون کي پسند آهي پر ڪافي پراڻو لڳي پيو هتي ڪو جنُ يا ڪو سايو ته نه آهي. ته مالڪ چيو مون کي ته ڪا به خبر نه آهي مون کي ته مئي ويهه سال ٿي چڪا آهن.

☆☆☆

هڪ يهودي هڪ عيسائي ۽ هڪ امريڪي لنڊن جي گرجا گهر جي سير ڪري رهيا هئا. اتي هڪ جڳهه تي هيرا لڳل هئا. جڏهن ٽئي ٻاهر آيا ته يهودي چيو ته ڪيڏان سهڻا هيرا هئا. عيسائي چيو مون ته چورائي ورتا ۽ آمريڪي چيو اهي منهنجي ڪيسي ۾ آهي.

☆☆☆

هڪ پادري کي آدم خور قبائلي اغوا ڪري ويا ۽ پنهنجي سردار اڳيان پيش ڪيو. پادري حيران ٿيو ته آدم خور سردار آڪسوفرڊ جو پڙهيل هو. پادري سردار کي چيو اوهين ته پڙهيل لکيل آهيو اوهين مون کي ڪيئن کائيندا.

سردار چيو، چري ڪانٽي سان.

☆☆☆

چور خبردار ڪندي عورت کي چيو، "سڀ زيور منهنجي حوالي ڪر، نه ته تنهنجي مڙس کي گولي هڻندس، جلدي ڪر!"

عورت سوچيندي چيو، "مئا سوچڻ جو ٽائيم ته ڏي."

پائلو ڪوئلهو کان سنڌي ادب پڙهندڙ اڻڄاڻ نه هوندا. اسان ڪرزما جي صفحن تي سندس هڪ ناول "شيطان ۽ ڳوناٽي" ڇوڪري ۽ پهرين پيش ڪري چڪا آهيون. هي سندس سڀ کان بهترين ناول آهي، جنهن جو ترجمو هيل تاٽي سو کان به مٿي زبانن ۾ ٿي چڪو آهي. هيڏا ناول ڪڏهن ڪڏهن لکيا ويندا آهن. ڪوشش ڪرڻ ۾ ئي ڪاميابي آهي.

ڪيمياگر

پائلو ڪوئلهو/جڳديش آهوجا

هڪ ڇوڪري جي ڪهاڻي جنهن کي پنهنجن خوابن تي اعتبار هو

ڪيمياگر ڪتاب هٿ ۾ کنيو جيڪو قافلي ۾ ڪنهن مسافر پاڻ سان گڏ آندو هو. ڪتاب جا ورق اٿلائيندي سندس نظر نرگس جي گل جي ڪهاڻي تي پئي.

نرگس جي ڏند ڪٿا ڪيميا گر جي اڳ ٻڌل هئي، جنهن لاءِ مشهور هو ته نرگس نالي نوجوان پنهنجي سونهن جو عشق هوندو هو. هو روزانو هڪ خوبصورت ڍنڍ جي ڪناري تي ويهي پاڻيءَ ۾ پنهنجي سونهن جو عڪس پيو پسندو هو. هڪ ڏينهن هو پنهنجي سونهن جي نظاري ۾ ايڏو ته مست ٿي ويو جو بي خوديءَ ۾ پاڻ کي سنڀالي نه سگهيو ۽ ڍنڍ ۾ ڪري ٻڏي مري ويو. جنهن جاءِ تي هي ڪريو، اتي هڪ گل ڦٽو، جيڪو ان جي نالي پٺيان نرگس جو گل سڏجڻ لڳو.

پر ان ڪتاب جي ليکڪ پنهنجي آڪاڻيءَ جي پڇاڻي ان ريت نه ڪئي آهي، جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي. هو ٻڌائي ٿو ته جڏهن نرگس جو موت ٿيو ته ڍنڍ، جيڪا اڳ تازي ۽ مٺي پاڻيءَ سان ڀريل هئي، سا روئي روئي ڳوڙهن جي نمڪين پاڻيءَ سان ڀرجي وئي.

جڏهن ٻيلي جون ديويون هڪ ڏينهن ڍنڍ وٽ آيون ته انهن اها ماجرا ڏسي ڍنڍ کان پڇيو، "تون ڇو روئي رهي آهين؟"

ڍنڍ وراڻيو، "مان نرگس جي ڏک ڪري روئي رهي آهيان."

ديوين ڪيس چيو، "ها، ان ۾ ڪا به تعجب جي ڳالهه به ناهي ته تون نرگس لاءِ روئي رهي آهين. اسان سدائين ٻيلي ۾ سندس سونهن پسڻ لاءِ بيتاب هونديون هونسين پر هو ته فقط تو وٽ ئي اچي

پنهنجي سونهن جا نظارا پيو پسندو هو."

ڏنڊ حيران ٿي ڪانئن پڇيو، "چا... نرگس ايڏو خوبصورت هو؟"

ٻيلي جي ديوين حيران ٿيندي وراڻيو، "اهو توکان وڌيڪ ٻيو ڪير ٿو ڄاڻي سگهي؟ هو روزانو تنهنجي ئي ڪناري تي ويهي پنهنجي سونهن جي موج مستي ماڻيندو هو!"

اهو ٻڌي ڏنڊ ڪجهه دير لاءِ بلڪل ماڻ ٿي وئي ۽ پوءِ آخرڪار هن ڳالهايو، "مان نرگس لاءِ ضرور رڙان پئي، پر منهنجو سندس سونهن ڏانهن ته ڪڏهن به ڌيان ڪين ويو هو. مان ته صرف ان لاءِ ٿي روڙان جو هو جڏهن به منهنجي ڪناري تي اچي ويهندو هو ته آئون سندس اکين جي گهرائي ۾ پنهنجي سونهن جي عڪس پسندي هئس."

☆☆☆

هن جو نالو "سانتياگو" هو. هو پنهنجي ڏڻ سميت پراڻي ويران گرجا گهر وٽ ان وقت پهتو جڏهن سج لهي رهو هو. ڦٽل گرجا گهر جي ڇت ته ڪڏهونڪر ڪري چڪي هئي ۽ ان جاءِ تي هڪ وڏو ويڪرن پنن وارو وڻ (Sycamore) اڀري آيو هو، جتي ڪڏهن اها مقدس گرجا گهر پنهنجي شان سان بيٺي هوندي هئي.

هن اها رات اتي ئي گذارڻ جو فيصلو ڪيو. هن گرجا گهر جي تباهه شده دروازي منجهان سموريون رڍون گرجا گهر اندر هڪاليون ۽ پوءِ ان دروازي کي مڙيوئي لڪڙين وغيره سان اهڙي طرح بند ڪيو جو رات جو ڪا به رڍ ٻاهر نڪري نه سگهي. ان علائقي ۾ بگهڙن جو ڪو وجود ڪو نه هو، پر هن کي خبر هئي ته جيڪڏهن ڪا رڍ اتفاق سان ٻاهر نڪري ڪيڏانهن ڀٽڪي وئي ته پوءِ ڪيس ڳولي هٿ ڪرڻ ۾ سندس پورو هڪڙو ڏينهن برباد ٿي ويندو.

هن پنهنجي ڪوٽ سان فرش صاف ڪيو ۽ ان تي ليٽي پيو ۽ اهو ڪتاب جيڪو هن تازو ئي پڙهي پورو ڪيو هو، تنهن کي وهاڻي طور استعمال ڪندي پنهنجي مٿي هيٺان رکي ڇڏيائين. هن سوچيو ته آئنده آئون هن کان وڌيڪ ٿلها ڪتاب پڙهندس، جو هڪ طرف ته انهن کي پڙهڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويندو ۽ ٻئي طرف اهي وڌيڪ آرامده وهاڻا به ثابت ٿيندا.

ايئن سوچيندي هن کي ننڊ ڪٽي وئي. جڏهن هن جي اک کلي ته اڃا رات باقي هئي ۽ اڌ ڍنڍل چٽ منجهان تارن ليئا پئي پاتا.

هن جي دل چاهيو ته هو جيڪر اڃا ڪجهه دير وڌيڪ ننڊ ڪري پر اڄ رات به هن کي ننڊ ۾ اهو ئي خواب نظر آيو هو، جيڪو هن هڪ هفتو اڳ ڏٺو هو ۽ اڄ به اڳ جيان سندس اک خواب ختم ٿيڻ کان اڳ ئي کلي وئي.

هو اٿيو ۽ پنهنجي ڏنارڪي لڪ سان ستل رڍن کي جاڳائڻ شروع ڪيو. هن ڏٺو ته اڪثر رڍون هن سان گڏ ئي جاڳي پيون هيون. هن کي محسوس ٿيو ته ڇڻ ڪنهن اڻڄاتل طاقت سندس

زندگيءَ کي بہ انهن رڍن سان گڏ جڪڙي ڇڏيو هجي جن سان هن گذريل ٻہ سال گهارا هئا. گذريل ٻن سالن کان هو کين کاڌي ۽ پاڻيءَ جي تلاش ۾ چراگاهن ڏانهن وٺي ويندو رهيو هو.

"اهي مونسان ايترو تہ هري مري ويون آهن جو اهي منهنجي سمهڻ ۽ جاڳڻ جي وقت کان بہ واقف ٿي ويون آهن." هن چپن ۾ ڀڻڪيو، پر ڪن پل ۾ هن جي من ۾ هڪ ٻئي خيال ڪرُ موڙيو، "ڪٿي ائين تہ ناهي تہ هو رڍن جي سمهڻ ۽ جاڳڻ جي وقت تي هري ويو هجي."

پر پوءِ بہ ڪجهہ رڍون اجا اهڙيون هيون جيڪي اگهور نند ستل هيون، جن کي هو ڏنارڪي لٽ سان جاڳائيندي کين سندن نالن سان پڪارڻ لڳو. هن کي سدائين اهو يقين هوندو هو تہ رڍون چڱيءَ پر سندس ڳالهہ سمجهن ٿيون. سو ائين بہ ٿيندو هو تہ ڪتاب پڙهندي جڏهن کا ڳالهہ سندس دل کي ڇهي وڃندي هئي تہ هو فورن اهو ڪتابي ٽڪرو رڍن کي پڙهي ٻڌائيندو هو. هي پنهنجون سموريون خوشيون، غم ۽ اڪيلائي جا احساس سندس رڍن آڏو کولي بيان ڪندو هو ۽ سفر دوران جن ٿاڪن تان هو گذارندا هئا انهن تي ٿيڪا ٿپڻي بہ ساڻن ڪندو هلندو هو.

پر گذريل ڪجهہ ڏينهن کان سندس وات تي رڳو ان جي واپاريءَ جي ڏيءَ جون ڳالهون هيون، جنهن جو ڳوٺ ايان چئن ڏينهن جي پنڌ تي هو. هو ساڻس زندگيءَ ۾ فقط هڪ ڀيرو مليو هو، جڏهن هوگذريل سال سندس ڳوٺ ۾ رڍن جي ان وڪڻڻ ويو هو. ان ريڍارءَ جي پيءُ کي دڪان هو ۽ هو ان فقط تڏهن خريد ڪندو هو، جڏهن ڪو ريڍار سندس اکين آڏو رڍن جا ملائم وار ڪاٽيندو هو تہ جيئن ڪوئي ساڻس دوکو ڪري نہ سگهي. گذريل سال هن ريڍار کي سندس هڪ دوست ان واپاريءَ جو ڏس پتو ڏنو هو، جتي هو ان وڪڻڻ سان گڏ پنهنجي دل بہ وڃائي ويٺو هو.

☆☆☆

"مان ڪجهہ اَنَ وڪڻڻ چاهيان ٿو." هن ريڍار واپاريءَ کي چيو.

جيئن تہ ان مهل دڪان تي گراهڪن جي ڏاڍي رش هئي تنهن ڪري واپاريءَ کيس منجهند تائين ترسڻ لاءِ چيو. ڇوڪرو، دڪان جي پير ۾ ڏاڪڻ تي ويهي پنهنجي ٿيلهي مان ڪتاب ڪڍي پڙهڻ شروع ڪيو.

سندس ڪنن تي پٽيان کان هڪ ڇوڪريءَ جي آواز جو پڙلاءُ پيو. "مون نہ ٿي ڄاتو تہ ريڍار بہ پڙهي ڄاڻندا آهن." اها ڇوڪري اندلس شهر جي روائتي رهواسڻ پئي لڳي. سندس ڪارا وار هوا ۾ اڏامي رهيا هئا ۽ سندس اکيون اندلس جي مسلمان فاتحن " مور" جي ياد تازي پئي ڪئي.

"ها، مان پڙهي ڄاڻان، پر مان ڪتابن کان وڌيڪ رڍن کان سکيو آهيان." ريڍار کيس وراڻي ڏني.

ايئن هنن جي وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ جو سلسلو شروع ٿي ويو جيڪو مسلسل

ٻہ ڪلاڪ هلندو رهيو. ڇوڪريءَ ڪيس ٻڌايو تہ هوءَ ان واپاريءَ جي ڌيءَ آهي. هن ڪيس ڳوٺ جون ڳالهون ٻڌائڻ شروع ڪيون، جتي سڀ ڏينهن ساڳيا هوندا آهن. ريڊار وري ڪيس سفر جو سربستو احوال ٻڌايو. هو جن نگرن ۽ ڳوٺن منجهان گذريو هو، تن جون خبرون چارون ساٺس اورڻ لڳو. رڍن جي بدران هڪ ڇوڪريءَ سان حال احوال اورڻ جي هيءَ تبديلي ڪيس ڏاڍي خوشگوار لڳي.

ڳالهہ ٻولهہ دوران ڇوڪريءَ کانئس هڪ پيرو وري پڇي ورتو، "تو پڙهڻ ڪتان سکيو؟"

"جيئن ٻيا سکندا آهن." ريڊار وراڻيو، "اسڪول ۾."

"جڏهن توکي پڙهڻ لکڻ اچي ٿو تہ پوءِ تون ريڊارڪو ڪر ڇو ٿو ڪرين؟"

ڇوڪرو سندس سوال جو جواب هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين ۾ ٽاري ويو. هن ڄاتو ٿي تہ ڇوڪري هن سوال جو جواب سمجهي ڪا نہ سگهندي. هن ڪيس پنهنجي مسافرين جا انوکا واقعا ۽ قصا ٻڌائن شروع ڪري ڇڏيا. جن کي ٻڌي ڇوڪريءَ جون اکيون ڪڏهن ڊپ کان تہ ڪڏهن حيرت کان ٿي ڦاٽيون. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن ريڊار جي من ۾ هڪ خواهش جاڳڻ لڳي تہ جيڪر هي روح رهاڻ جو سلسلو ڪڏهن ٻہ نہ ڪٽي ۽ واپاريءَ کي واندڪائي هڪ ڏينهن تہ ڇا پر ٿي ڏينهن ٻہ نہ ملي. هن جي اندر اڄ هڪ اهڙي احساس جنم ورتو هو، جنهن جو هن کان اڳ ڪيس ڪڏهن ٻہ تجربو نہ ٿيو هو. هن چاهيو ٿي تہ بس هو هڪ ئي جڳهہ تي ٽڪي، باقي سڄي عمر گذاري. هن ڇوڪريءَ سان گڏ، هن جي ڍڳهن ملائم ڪارن وارن جي ڇانو ۾.

پر ڪجهہ ئي دير ۾ واپاري گراهڪن مان واندو ٿي وٽس آيو ۽ڪيس چئن رڍن جي ان ڪاٽي وڪٽي ڏيڻ لاءِ چيو. ريڊار ايئن ئي ڪيو ۽ ۽ واپاري ڪيس ان جا پئسا ڏيندي چيو، "هاڻي وري مڻين سال اچجانہ."

☆☆☆

۽ هاڻ سال پورو ٿي چڪو هو. هو چئن ڏينهن ڪانپوءِ ساڳئي ڳوٺ ۾ واپس پهچي ويندو. پنهنجي خوابن جي شهزاديءَ وٽ. هو ڏاڍو بي چين ٿي ويو هو. ڪيس طرح طرح جا خيال پئي آيا. ٿي سگهي ٿو هن ڇوڪريءَ مون کي بالڪل وساري ڇڏيو هجي، جو بيشمار ريڊار اتي پنهنجي ان وڪٽڻ ويندا رهن ٿا. هوءَ مون کي هاڻ سڃاڻندي بہ الائي تہ.

"جيڪڏهن هن مون کي وساري ڇڏيو هوندو، تڏهن بہ ڪائي ڳالهہ ناهي" ريڊار، رڍن سان حال اوريندي چيو، "مان ٻين کوڙ هنڌن جي ڪيترن ئي ڇوڪرين کي سڃاڻان ٿو." پر هن جي دل ڄاتو پئي تہ اها فقط ان واپاريءَ جي ڌيءَ لاءِ پئي ڌڙڪي. هن ڄاتو پئي تہ وڻجارن ۽ ساموندين جيان ريڊار بہ ڪنهن اهڙي دلدار جي تلاش ۾ هوندا آهن، جنهن جي اجهي ۾ ترسي هو آواره گردي جي مزن واري زندگيءَ کي وساري سگهن.

پرهه ڦٽي رهي هئي ۽ ريڊار پنهنجي رڍن جي ڏڻ کي اوپر طرف هڪالڻ شروع ڪيو." هي رڍون پاڻ ڪڏهن به ڪو فيصلو نه ٿيون ڪري سگهن." هن سوچيو." تڏهن ئي ته شايد هي سدائين مونسان گڏ رهن ٿيون."

هي سوچي رهيو هو ته هنن رڍن کي فقط ڪاڏي ۽ پاڻي جو اونو هوندو آهي. جيستائين هي چوڪرو ڪين اندلس جي بهترين چراگاهن ۾ ڪارائيندو پيارينڊو رهندو، هي رڍون سندس ساٿ نه ڇڏينديون. هنن رڍن جا سڀ ڏينهن هڪ جهڙا آهن، سج اپرڻ کان سانجهيءَ تائين هنن لاءِ ساڳيو اٽڪڻ سمو آهي. هنن ته ڪڏهن ڪو ڪتاب به نه پڙهيو آهي. نگرن ۽ ڳوٺن جي نظارن جون ڳالهون، جيڪي ريڊار ساڻن ڪندو وتندو هو، سي ته سندن سمجهه کان بنهه مٿي هون. هي رڍون ته بس ڪاڏي ۽ پاڻيءَ تي راضي هيون ۽ ان جي بدلي ۾ هو ڪيس پنهنجي ان آڇينديون هيون. هو سفر ۾ ساڻس ساٿ نيائينديون رهنديون ۽ زندگيءَ جي پڇاڻيءَ تي پنهنجو گوشت پيش ڪنديون.

"جيڪڏهن اڄ آئون وحشي درندو بڻجي وڃان ۽ هڪ هڪ ڪري سيني رڍن کي کهڻ شروع ڪيان ته ڪين ان قيامت جي خبر تڏهن مس وڃي پوندي جڏهن گهڻو ڏڻ خلاص ٿي چڪو هوندو." هن جي من ۾ هڪ عجيب خيال پيدا ٿيو. هن سوچيو ته شايد اهو ان ڪري آهي جو هنن رڍن کي مون تي مڪمل اعتبار اچي ويو آهي ۽ هنن پنهنجي بچاءَ جي فطري جبلتن کي وساري ڇڏيو آهي. هنن کي ته بس اهائي خبر آهي ته مان ڪين هميشه ڪارائيندو پيارينڊو ئي رهان ٿو.

ريڊار کي پنهنجي من ۾ اٿندڙ خيالن تي تعجب ٿيڻ لڳو. هن سوچيو ته متس شايد ويران گرجا گهر ۽ ان ۾ اپريل وڻ جي غيبات جو اثر پوڻ لڳو آهي. هن کي ياد آيو ته ان گرجا گهر ۾ گهاريل رات دوران ئي ڪيس ٻيو ڀيرو ساڳيو خواب نظر آيو هو.

هن ٿوري شراب چُڪي پيتي ۽ پنهنجو ڪوٽ ريڙهي پاڻ سان لڳائي ڇڏيو. هن ڄاتو ٿي ته ڪجهه ئي ڪلاڪن ڪانپوءِ سج نيزي پاند اچي ويندو ۽ گرمي ايڏي ته شديد ٿي ويندي جو ڏڻ کي ميدانن ۾ هڪلڻ ممڪن نه رهندو. اونهاري جي انهن گرم ترين گهڙين ۾ پوري اسپين ملڪ جا ماڻهو سمهي رهندا آهن. گرميءَ جي اها لهر سانجهيءَ تائين جاري رهندي آهي ۽ ريڊار کي اهو سمورو عرصو پنهنجو گرم ڪوٽ به ساڻ ڪٽي هلڻو پوندو. پر هو اهو سوچي ان ڪوٽ جو بارڪڻندو رهندو هو ته اهو ڪوٽ ئي ڪيس اَسُرَ جي سرديءَ ۾ ڪم ايندو آهي.

"اسان کي تبديليءَ لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي" هن سوچيو.

هن ڪوٽ جو به هڪ ڪارج هو ۽ هن ريڊار جي زندگيءَ جو به. مسافري هن جي زندگي جو مقصد بڻجي وئي هئي. اندلس ۾ ٻه سال سفر ڪرڻ جي

دوران ريڊار هن علائقي جي سمورن شهرن، وستين واهڻن کان واقف ٿي چڪو هو. هي سوچي رهيو هو ته واپاريءَ جي ڏيءَ وٽ پهچي هو کيس ٻڌائيندو ته هن سورنهن سالن تائين اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي آهي. هن جي والدين کيس پادري بڻائڻ ٿي چاهو. جيڪا انهن لاءِ هڪ فخر جوڳي ڳالهه هجي ها. هنن گذر معاش لاءِ سخت جاکوڙ ڪئي هئي ۽ هن کي پڙهايو هو. هن لاطيني ۽ اسپيني زبانون سکڻ سان گڏوگڏ مذهبي تعليم به حاصل ڪئي هئي. پر ٻاروتڻ کان وٺي هن کي سفر ڪرڻ جي تڙپ هئي. هن خدا کي ڄاڻڻ ۽ انسانن جي گناهن بابت معلومات حاصل ڪرڻ کان وڌيڪ دنيا کي ڄاڻڻ اهم ۽ دلچسپ ٿي ڀانيو.

هڪڙي ٻيهريءَ جو هن همت ڪري پنهنجي پيءَ کي ٻڌائي ڇڏيو ته هو پادري بنجڻ نه ٿو چاهي ۽ دنيا جي سفر ڪرڻ کي وڌيڪ اهم ٿو سمجهي.

☆☆☆

"سموري دنيا جا ماڻهو اسان جي ڳوٺ منجهان گذرندا رهيا آهن، منهنجا پٽ،" پيءَ کيس سمجهائيندي چيو، "اهي نين شين جي تلاش ۾ ايندا آهن، پر جڏهن اهي واپس ورندا آهن ته اهي اهڙا ئي هوندا آهن، جهڙا هو هتي اچڻ وقت هوندا آهن. هو پهاڙن تي چڙهي محل ڏسي موٽندا آهن ۽ سوچيندا آهن ته ماضي، حال کان وڌيڪ بهتر هو. انهن مان ڪي گورا هوندا آهن ته ڪي ڪارا، پر بنيادي طرح هو بلڪل اهڙا ئي هوندا آهن جهڙا اسين آهيون."

"پر، بابا، مان انهن ماڻهن جا شهرن ۾ ٺاهيل محل ڏسڻ ٿو چاهيان، جن منجهه هو رهن ٿا." پٽ پنهنجي ڳالهه جي وضاحت ڪندي وراڻيو.

"اهي ماڻهو جڏهن اسان جي ڳوٺن ۾ ايندا آهن ته چوندا آهن ته هو ڪاش سدائين هتي ئي رهي سگهن." سندس پيءَ کيس وري به سمجهائيندي چيو.

"ها، پر پوءِ به مان سندن سرزمين ۽ رهڻي ڪهڻي ڏسڻ چاهيان ٿو." پٽ ورندي ڏيندي چيو.

"هتي جيڪي ماڻهو ايندا آهن، تن وٽ خرچڻ لاءِ جام پيسو هوندو آهي، سير سپاٽي جا خرچ برداشت ڪرڻ جي سگهه هوندي آهي، انهن منجهه،" پيءُ کيس آگاهي ڏيندي چيو، "جڏهن ته اسان وٽ فقط ريڊار ئي سفر ڪندا آهن."

"جي ائين اهي ته پوءِ مان به ريڊار ٿيڻ پسند ڪندس!" پٽ پنهنجي ڳالهه تي ثابت قدم هو.

هن جي پيءَ وڌيڪ ڪجهه نه چيو. ٻئي ڏينهن ئي هن پنهنجي پٽ کي سڏي هڪ ڳوٺري ڏني جنهن ۾ ٽي قديم اسپيني سونا سڪا پيل هئا.

"مون کي هڪ دفعي هي سونا سڪا ميدان مان مليا هئا، جيڪي مون توکي مرڻ پڄاڻان پنهنجي ميراث ۾ ڏيڻ پئي چاهيا، پر هاڻ تون اهي ڪڻ ۽ وڃي رڍون خريد ڪر. تون پل پنهنجو شوق پورو ڪر ۽ سفر تي روانو ٿي. جڏهن تون موٽي ايندين ته توکي خبرپئجي چڪي

هوندي تہ اسان جي وستي ئي سڀ کان سٺي آهي ۽ اسان جون ڇوڪريون ئي سڀني کان وڌ سهڻيون آهن."

هن پنهنجي پٽ کي آسيس ڏني. پٽ، پيءُ جي نهار ۾ سندس آس جو اولاد پسي ورتو هو تہ ڪاش هو بہ پٽ جيان پنهنجي سر دنيا جو سفر ڪري سگهي ها. پيءُ جي اکين ۾ اڄ بہ اها آس زنده هئي، جنهن کي هن گذر معاش جي مجبورين سبب دل ۾ ئي دفنائي ڇڏيو هو ۽ سموري حياتي هڪ ئي هنڌ ساڳيا ڏينهن راتيون گهاريندي گذاري ڇڏي هئي.

☆☆☆

افق تي ڳاڙهاڻ ڇانيل هئي ۽ اوچتو ئي سج نڪري نروار ٿيو. پٽ کي پنهنجي پيءُ سان ڪيل گفتگو ياد اچي وئي. هن کي هلڪي خوشي محسوس ٿي. هن مهل تائين هو ڪافي محل ڏسي چڪو هو ۽ ڪيترين ئي خوبصورت عورتن سان ملي چڪو هو، پر هن کي هاڻ ڪا بہ عورت ان کان وڌيڪ خوبصورت نہ ٿي محسوس ٿي ، جنهن سان ملڻ لاءِ هو بيتاب ٿي رهيو هو. هن جي ڪل ميڙي پونجي ريڊن جو ڏڻ، ڪوٽ ۽ هڪ ڪتاب هو، جيڪو هو سدائين وڪٽي وري ٻيو وٺندو هو. پر هن لاءِ سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهہ اها هئي تہ سندس سفر جو سپنو روز ساڀيان ٿيندو هو. هن سوچي ورتو هو تہ جڏهن هي اندلس جا ميدان . گهمي ٿڪجي پوندو تہ ريڊون وڪٽي سمنڊ جي سفر جو سانباهو ڪندو ۽ جيستائين هو سمنڊ جهاڳي ٿڪجندو، تيستائين هو گهٽائي نوان شهر، نيون وستيون ۽ خوشين جا نوان موقعا ماڻي چڪو هوندو.

"مان گرجا گهر ۾ خدا کي ڳولي نہ سگهان ها،" هن سج ڏانهن نهاريندي سوچيو.

هو ڪوشش ڪري هر دفعي سفر لاءِ نئين واٽ وٺندو هو. هن ويران گرجا گهر ۾ بہ هو پهريون ڀيرو ترسيو هو. هن کي اها گرجا گهر اڳ ڪڏهن بہ نظر نہ آئي هئي جيتوڻيڪ هو انهن علائقن مجهان گهٽائي ڀيرا گذريو هو. هيءَ ڌرتي ڪيڏي نہ وشال آهي. هو تہ فقط ريڊن کي چيڪ ڇڏي ڏيندو هو تہ ڀل اهي رستي جو تعين ڪن ۽ هو ان رستي تي نيون دلچسپيون پيو تلاش ڪندو هو. ريڊن ويچارين کي تہ اها بہ خبر ڪا نہ پوندي هئي تہ اهي هر ورز هڪ نئين رستي کان گذري رهيون آهن. هنن نہ ٿي ڄاتو تہ جن ميدانن کي هو لتاڙي رهون آهن، سي ساڳيا نہ آهن ۽ نہ ئي موسمون ساڳيون آهن. هنن کي تہ بس ڪاڏي ۽ پاڻيءَ سان مطلب هو.

"ٿي سگهي ٿو تہ اسين بہ سڀ اهڙائي هجون،" ريڊار کي گهڙي پل لاءِ خيال آيو، "خود مان ۾. مون کي بہ جڏهن کان واپاريءَ جي ڏيءَ ملي آهي، تڏهن کان ڪڏهن ڪنهن ٻيءَ عورت جو خيال منهنجي دل ۾ نہ آيو آهي."

سج ڏانهن نهاريندي هن اندازو ڪري ورتو تہ منجهند ڌاري هو " ٽئريفا"

ڳوٺ پهچي ويندو. هن سوچيو تہ اتي پهچي هو پراڻو ڪتاب وڪڻي نئون ۽ وڌيڪ ٿلهو ڪتاب خريد ڪندو. شراب جي بوتل پرائيندو ۽ هن ڇوڪريءَ سان ملاقات لاءِ پاڻ کي سنواريندو. هن ان امڪان تي نہ پئي سوچڻ چاهو تہ متان ڪو ٻيو ريڊار وڏو ڏڻ ڪاهي واپاريءَ وٽ ويو هجي ۽ ڇوڪريءَ جو هٿ وٺي چڪو هجي.

سج تي نهار وجهندي، هن جون وڪون تڪڙيون ڪڍڻ لڳيون. سندس من ۾ وري هڪ ٻئي خيال ڪَرُ موڙيو. "اهو بہ تہ ممڪن آهي تہ خواب سچو ثابت ٿئي ۽زندگيءَ کي هڪ نئون دلچسپ موڙ اچي وڃي." هن کي اوچتو ياد آيو تہ ٿئريفا ۾ هڪ پوڙهي عورت رهندي آهي، جيڪا خوابن جو تعبير ٻڌائيندي آهي.

☆☆☆

پوڙهي عورت، ريڊار کي پنهنجي گهر جي پنڌئين ڪمري ۾ وٺي وئي، جتي هڪ ميز ۽ ٻہ ڪرسيون رکيل هون. سامهون يسوع مسيح جي مقدس دل جي شبيهہ هئي.

پوڙهي هڪڙي ڪرسيءَ تي ويٺي ۽ ٻيءَ تي ريڊار کي ويهڻ لاءِ چيو. پوءِ هن سندس ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلي خاموشيءَ سان دعا پڙهڻ شروع ڪئي.

ريڊار کي اها خانہ بدوشن جي دعا پئي محسوس ٿي. ريڊار کي خانہ بدوشن بابت بہ ڪافي ڄاڻ هئي. هو پڻ سدائين سفر ۾ هوندا آهن پر هنن وٽ رڍن جو ڏڻ نہ هوندو آهي. ماڻهو چوندا هئا تہ هي خانہ بدوش ڏاڍا حرفتي هوندا آهن. هنن جو شيطان سان معاهدو ٿيل آهي ۽ اهي ٻارن کي اغوا ڪري پنهنجن پراسرار طاقتن ۾ وٺي ويندا آهن. جتي ڪين غلام بڻائي رکندا آهن. ٻاروتڻ کان وٺي هن جي دهن ۾ خانہ بدوشن کان خوف ويٺل هو ۽ اڄ اهو خوف ان وقت جاڳي اٿيو جڏهن پوڙهي عورت هن جا هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهليا.

"پر هن وٽ تہ يسوع مسيح جي مقدس دل آهي،" هن پاڻ کي دلاسو ڏيندي سوچيو. هن نہ ٿي چاهيو تہ سندس هٿ ڏکن ۽ سندس اندر جو خوف پوڙهيءَ آڏو ظاهر ٿي پوي.هن خاموشيءَ سان ذرمي ورد شروع ڪيو.

"هي تہ ڏاڍو دلچسپ آهي." پوڙهيءَ عورت ڳالهايو. پر هن پنهنجون نظرون ريڊار جي هٿن تان نہ هٽايون. پوءِ هوءِ چپ ٿي وئي.

ڇوڪرو ڏاڍو گهبرائجي ويو هو ۽ سندس هٿ ڏڪڻ لڳا هئا. هٿن جي اها ڏڪڻي، پوڙهي عورت بہ محسوس ڪري ورتي. ريڊار تيزي سان پنهنجا هٿ پري ڪري ڇڏيا.

"مان هتي ان لاءِ نہ آيو هيس تہ تون مون کي هٿ جون لڪيرون پڙهي ٻڌاءِ." ريڊار چيو ۽ هو پڇتائڻ لڳو تہ هو هتي اجايو اچي ٿاٿو آهي. گهڙي پل لاءِ هن کي خيال آيو تہ پوڙهيءَ کان وڌيڪ ڪجهہ پڇڻ بنا ڪيس سندس معاوضو ڏيئي واپس وري. هن سوچيو تہ هرو ڀرو هن پنهنجي ڏنل خواب کي گهٽي اهميت

ڏئي ڇڏي آهي.

"مون کي خبر آهي تون پنهنجي خواب جو تعبير پڇڻ آيو آهين." پوڙهيءَ کيس ورندي ڏيندي چيو، "پر توکي خبر ناهي تہ خواب خدا جي زبان هوندا آهن. جڏهن خدا اسانجي زبان ۾ ڳالهائيندو آهي تہ پوءِ مان ٻڌائي سگهندي آهيان تہ هن خواب ذريعي ڇا چيو آهي. پر جڏهن خدا، روح جي زبان ۾ ڳالهائيندو آهي تہ ان جي حقيقت فقط خواب ڏسڻ وارو ئي سمجهي سگهندو آهي."

"مون ساڳيو ئي خواب ٻہ ڀيرا ڏٺو آهي." هن خواب ٻڌائڻ شروع ڪيو، "مون خواب ۾ ڏٺو تہ مان پنهنجين رڍن سان گڏ هڪ ميدان ۾ بيٺو هئس ۽ اتي اوچتو هڪڙي ٻارڙي نظر آئي جيڪا منهنجي رڍن سان راند ڪرڻ لڳي. مان ناهيان چاهيندو تہ ڏاريا اجنبي ماڻهو رڍن جي ايترو ويجهو اچن، ڇو تہ رڍون اجنبي ماڻهن کان ٿاهہ ڪائينديون آهن. پر ٻار الائي ڪيئن انهن سان کيڏڻ شروع ڪري ڏيندا آهن ۽ رڍون ٻہ ڪانئن ٿاهہ ناهن ڪائينديون. مون کي خبر ناهي تہ رڍن کي ٻارن ۽ وڏن جو فرق ڪيئن ٿو معلوم ٿي وڃي."

"مون کي تون پنهنجي خواب جي باري ۾ وڌيڪ ٻڌاءِ،" پوڙهيءَ کيس هلڪو ڇنيپيندي چيو، "مون کي اڃا ماني ٻہ پچائڻي آهي، ۽ تون ڪو ايڏو امير ٻہ ناهين جو مون کي ڪو وڏو معاوضو ڏيئي سگهين. ان ڪري مان توکي گهڻو وقت نہ ٿي ڏئي سگهان."

"اها ٻارڙي ڪافي دير منهنجي رڍن سان کيڏندي رهي،" ڇوڪر ٿورو گهبرائجي وري خواب ٻڌائڻ شروع ڪيو، "۽ اوچتوئي مون کي پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ ڪٿي مصر جي اهرامن وٽ وٺي آئي."

هو ايترو چئي پل جهپڪ لاءِ ترسيو. هن ڏسڻ پئي چاهو تہ پوڙهيءَ کي مصر جي اهرامن بابت ڪا خبر ٻہ آهي يا نہ. پر پوڙهي بلڪل خاموش رهي.

"پوءِ مصر جي اهرامن وٽ،" ريڍار انهن لفظن تي زور ڏيندي چيو تہ جيئن پوڙهي سمجهي سگهي، "هن ٻارڙيءَ مون کي چيو تہ "جيڪڏهن تون هتي ايندين تہ توکي هڪ لکل خزانو ملي ويندو." ۽ اڃا ٻارڙيءَ خزاني جي مخصوص جاءِ ڏانهن اشارو ئي ڪرڻ واري هئي تہ منهنجي اک کلي وئي. ٻئي ڀيرا مون سان ائين ئي ٿيو آهي."

پوڙهي ڪجهہ دير لاءِ بلڪل شانت رهي ۽ پوءِ هڪ ڀيرو وري ڇوڪر جا هٿ ڪٿي انهن جو بغور جائزو وٺڻ لڳي.

"مان توکان هاڻي ڪو ٻہ معاوضو نہ ٿي گهران." پوڙهيءَ کيس چيو، "پر جڏهن تون اهو لکل خزانو ڳولي هٿ ڪري وٺين تہ ان جي ڏهين پتي مون کي معاوضي طور ڏجانءِ."

ريڍار کي کل اچي وئي. هو خوش ٿيو ۽ هن سوچيو تہ في الحال تہ مان پوڙهيءَ جي في ڏيڻ کان ٻہ بچي ويس. هن کيس يڪدم چيو، "مون کي منظور آهي. هاڻي خواب جي تعبير ٻڌاءِ."

"پهرين تون قسم کڻ. تون قسم

ڪڻ تہ مان توکي جيڪي بہ ٻڌائيندس، ان جي بدلي ۾ تون مون کي لڪل خزاني جي ڏهين پتي ڏيندي."

ريڊار يڪدم قسم کڻي ورتو، پر پوڙهيءَ کي اعتبار نہ آيو. هن کيس چيو تہ تون يسوع مسيح جي مقدس دل جي شبيهہ آڏو وري ٻيهر قسم کڻ. ريڊار وري بہ ائين ئي ڪيو.

"هن خواب ۾ خدا اسان جي زبان ئي استعمال ڪئي آهي." پوڙهيءَ ٻڌائڻ شروع ڪيو." تنهن ڪري مان ان جي تعبير ڪري سگهان ٿي، پر جيئن تہ تعبير ڪرڻ ڏاڍي ڏکي آهي تنهن ڪري ئي مان سمجهان ٿي تہ لڪل خزاني جي ڏهين پتيءَ تي منهنجو جائز حق آهي."

"۽ هاڻي تعبير ٻڌ. تون مصر جي اهرامن ڏانهن ضرور وڃ. مون انهن جي باري ۾ ڪڏهن بہ نہ ٻڌو آهي، پر جيڪڏهن اهي توکي ٻارڙيءَ ڏيکاريا آهن تہ پوءِ ضرور انهن جو وجود هوندو. اتي توکي قيمتي خزانو ملندو ۽ تون انتهائي امير ماڻهو ٿي ويندين."

تعبير ٻڌي ريڊار کي حيرت بہ ٿي ۽ پوڙهيءَ تي چڙ بہ آئي تہ ڇا هو فقط اهو ٻڌڻ لاءِ پوڙهيءَ وٽ آيو هو. اهو سوچي هن جي ڪاوڙ ڪجهہ ڊري ٿي تہ خير في الحال تہ ڪيس پوڙهيءَ کي ڪجهہ ناهي ڏيڻو.

"مان فقط اهو ٻڌڻ لاءِ هتي نہ آيو آهيان." ريڊار ڪيس ناراضگيءَ مان چيو.

"مون توکي ٻڌايو نہ، تہ تنهنجي خواب جي تعبير ڪرڻ ڏکي هئي. زندگيءَ ۾ جيڪي شيون بظاهر سادين نظر ايندين آهن، اهي ئي دراصل غير معمولي هونديون آهن. فقط ڏاها ماڻهو ئي انهن کي سمجهي سگهندا آهن ۽ جيئن تہ مان ڪا ايڏي ڏاهي ناهيان، ان ڪري مون کي ٻين علمن جو سهارو وٺڻو پيو، يعني تنهن جي هٿ جي لڪيرن جي ذريعي مون تنهن جي خواب جي تعبير معلوم ڪئي."

"پلا مان مصر ڪيئن وڃي سگهندس؟" ريڊار ڪانئس وڌيڪ معلوم ڪرڻ چاهو.

"مان رڳو خوابن جي تعبير ٻڌائي سگهندي آهيان. انهن کي حقيقت ۾ تبديل ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. تڏهن تہ مان اڄ ڏينهن تائين رڳو ان تي گذارو ڪيان ٿي، جيڪي منهنجون ڏيون مون کي ڏين ٿيون."

"۽ جيڪڏهن مان ڪڏهن بہ مصر نہ وڃي سگهان تہ؟"

" تہ پوءِ مون کي منهنجو معاوضو نہ ملندو ۽ منهنجي لاءِ اها ڪا نئين ڳالهہ نہ هوندي." ائين چئي پوڙهي ڪيس چيو." هاڻي تون وڃ، تو منهنجو ڪافي وقت برباد ڪيو آهي."

ريڊار ڏاڍو مايوس ٿي ڪانئس موڪلايو ۽ دل ۾ پڪو پهہ ڪيو تہ هو هاڻي وري ڪڏهن بہ خوابن کي ڪا اهميت نہ ڏيندو. هو اتان موٽي پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ لڳي ويو. هن ڪائڻ لاءِ ڪجهہ شيون خريد ڪيون ۽ پراڻو ڪتاب

ڏيئي ٻيو وڏيڪ تلهو ڪتاب ورتو. پوءِ هڪڙي پلاڙا جي بينچ تي اچي وينو تہ جيئن آرام سان ويهي ڪائي ۽ شراب چڪي پيئي.

ڏينهن ڏاڍو گرم هو، پر شراب ڪيس ڪجهہ تازگي بخشي ڇڏي. هن پنهنجون رڍون شهر جي داخلي دروازي وٽ پنهنجي هڪ دوست جي وٽان ۾ بيهاري ڇڏيون هون. هن شهر ۾ ريڊار جا ڪيترائي واقفڪار هئا. هن ڪي مسافريءَ ۾ اهائي ڳالهہ ڏاڍي وڻندي هئي. هي هميشہ نوان دوست پيو ناهيندو هو، جن سان سڄو وقت گڏ گهارڻ هن لاءِ ضروري نہ هو. جڏهن ڪوئي ماڻهو روز ساڳين ئي ماڻهن سان ملندو رهي تو، جيئن هن سان اسڪول ۾ ٿيندو هو، تہ اهي ماڻهو ان شخص جي زندگيءَ جو حصو بڻجي وڃن ٿا. اهي ماڻهو ڪين بدلائڻ چاهين ٿا ۽ جيڪڏهن ڪوئي ائين نہ تو بڻجي، جيئن هو ڪيس ڏسڻ چاهين ٿا، تہ هو مٿس ميرجي پون ٿا. هر ڪنهن کي اها تہ خوب خبر هوندي آهي تہ ٻين کي ڪيئن زندگي گهارڻ ڪپي پر پنهنجي زندگي گهارڻ جو ڏانءُ ڪين بلڪل نہ ايندو آهي.

هن سوچيو تہ اڃا ٿوري گرمي گهٽجي تہ پوءِ رڍون ساڻ ڪري وري سفر تي نڪرجي. اڃان ٿي ڏينهن لڳندا واپاريءَ جي ڏيءَ وٽ پهچڻ ۾! هن نئون ورتل ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو. پهرين صفحي ۾ دفنائڻ جون رسمون لکيل هيون، پر ڪتاب ۾ ماڻهن جا جيڪي نالا لکيل هئا تن جو تلفظ اچارڻ ڪيس ڏاڍو ڏکيو پئي لڳو. هن کي خيال آيو تہ جيڪڏهن هو ڪو ڪتاب لکندو تہ هو هڪ ئي وقت ۾ فقط هڪ ڪردار متعارف ڪرائيندو تہ جيئن پڙهندڙن کي هڪ ئي وقت گهڻا نالا ياد ڪرڻا نہ پون.

ٿوري گهڻي مٿا ڪٽ ڪانپوءِ هن کي ڪتاب سمجهہ ۾ اچڻ لڳو ۽ هو ان ۾ محو ٿي ويو. ايتري ۾ هڪ پوڙهو ماڻهو اچي سندس پير ۾ ويهي ر هيو ۽ ساٿس ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

"هي ماڻهو ڇا ڪري رهيا آهن؟" پوڙهي پلاڙا ۾ ڪر ڪندڙ ماڻهن ڏانهن اشارو ڪندي ريڊار کان پڇيو.

"پنهنجو ڪر،" ريڊار بلڪل رکائيءَ سان ڪيس اهڙي ريت جواب ڏنو تہ جيئن پوڙهو سمجهي وڃي تہ هو پنهنجي پڙهڻ ۾ رخنو پسند نہ ٿو ڪري.

پر پوڙهي وري بہ ڳالهائڻ جي ڪوشش جاري رکي. پوڙهي ڪيس چيو تہ هن کي ڏاڍي بک ۽ اڃ لڳي آهي ۽ ڪانئس ٿورڙي شراب چُڪي گهري ورتي.

ريڊار ڪيس جلدي پنهنجي شراب جي بوتل ڏئي ڇڏي تہ جيئن هو چپ ٿي وڃي. پر پوڙهو ڳالهائڻ جي لاءِ بضد هو. هن وري ڪانئس پڇيو تہ هو ڪهڙو ڪتاب پڙهي رهيو آهي. ريڊار جي دل ۾ خيال آيو تہ جيڪر اٿي وڃي ڪري ڪنهن ٻي بئنچ تي ويهي رهي، پر وري ڪيس پنهنجي پيءُ جي نصيحت ياد آئي تہ وڏن جو احترام ڪرڻ ڪپي، سو هن

کتاب کٽي پوڙهي کي ڏئي ڇڏيو. ائين ڪرڻ لاءِ هن وٽ ٻه سبب هئا، پهريون ته هن کي پاڻ کي ٻه پڪ نه هئي ته ڪتاب جي نالي جو صحيح تلفظ ڪهڙو هو ۽ ٻيو ته هن سوچيو ته جيڪڏهن پوڙهي کي پڙهڻ نه ايندو ته هو پاڻهي شرمندو ٿي ويندو ۽ وڃي ٻي بٽڻ تي ويهندو.

"هون..." پوڙهي ڀڻڪيو ۽ ڪتاب کي ائين اٿلائي پٿلائي ڏٺو. ڇڪ اها ڪا انوکي شيءِ هجي." هي ڏاڍو اهم ڪتاب آهي. پر ساڳي وقت چڙ ڏيارينڊڙ پڻ آهي."

ريڊار کي اهو ٻڌي سخت صدمو رسيو. هن پوڙهي کي ته نه رڳو پڙهڻ اچي ٿو پر هي ڪتاب ٻه ڪو سندس پڙهيل آهي. هاڻ ته هو هن منجهان قاسي ويو هو، پر پوءِ ڪيس ٻئي پل خيال آيو ته جيڪڏهن پوڙهي چواڻي هي ڪتاب چڙ ڏيارينڊڙ آهي ته پوءِ ڇو نه جلدي ۾ اهو ڪتاب تبديل ڪري ڪو ٻيو ڪتاب وٺي اچي.

"هن ڪتاب ۾ ٻه بس اها ساڳي ئي ڳالهه لکيل آهي جيڪا ٻين سمورن ڪتابن ۾ لکيل هوندي آهي." پڙهي پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو. "هن ۾ ٻه اهوئي لکيل آهي ته اوهان پنهنجي تقدير جي چونڊ پاڻ نه تا ڪري سگهو. هن ڪتاب جي پڇاڻيءَ ۾ ٻه دنيا جو سڀ کان وڏو ڪوڙ لکيل آهي."

"دنيا جو سڀ کان وڏو ڪوڙ ڪهڙو آهي؟" ريڊار انتهائي حيرت منجهان ڪانئس سوال ڪيو.

"اهو ته زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي، اسان جي زندگيءَ جون واڳون اسان جي وس نه ٿيون رهن ۽ اسين قسمت جي وس ٿي وڃون ٿا. اهو دنيا جو سڀ کان وڏو ڪوڙ آهي."

"مونسان ته ائين ڪڏهن ٻه نه ٿيو آهي." ريڊار ڪيس پنهنجي حياتيءَ جو حوال ٻڌائيندي چيو."بابا مون کي پادري بڻائڻ ٿي چاهيو، پر مون ريڊار ٿيڻ جو فيصلو ڪيو."

"تو سنو ڪيو." پوڙهي ڪيس اتساهيو، "ڇو ته توکي سفر ڪرڻ جو سچو شوق هو."

"هي ڇاڻي ٿو ته مان ڇا سوچي رهيو آهيان." ريڊار پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي چيو.

پوڙهو، ڪتاب جا پنا اٿلائڻ ۾ ائين محو ٿي ويو، ڇڪ هن جو ڪتاب موٽائڻ جو ڪو ارادو ئي نه هجي. ريڊار کي هن جي پوشاڪ ٻه نرالي لڳي. هو عربن جيان پٽي لڳو.ڪيس پتو هو ته هن علاقي ۾ ڪافي خاندان اهڙا رهن ٿا، جيڪي عربن جي نسلن منجهان آهن. آفريڪا، ٽئريفا ڪان فقط ڪجهه ڪلاڪن جي فاصلي تي هو.

ٻئي پار پهچڻ لاءِ ٻيڙيءَ رستي رڳو ننڍڙي سامونڊي پٽي اڪرٽي پوندي هئي. ٽئريفا شهر ۾ عربن جو اچڻ وڃڻ پيو ٿيندو هو. هتي هو اچي خريداري وغيره ٻه ڪندا هئا ته ڏينهن جو پنجن مخصوص وقتن تي پنهنجون عبادتون ٻه ڪندا هئا.

"اوهين ڪٿان جا آ هيو؟" ريڊار، پوڙهي کان آخرڪار پڇي ورتو.

"منهنجو واسطو گهٽين ئي جاين سان آهي."

"ڪنهن جو به واسطو گهٽين جاين سان نه ٿو ٿي سگهي،" ريڊار يڪدم چيو، "مان ريڊار آهيان، ۽ منهنجو به واسطو گهٽين ئي جاين سان پيو آهي، پر آهيان مان اصل هڪ ئي جاءِ جو، يعني قديم محل واري شهر جو، جتي مان پيدا ٿيو آهيان."

"ها، ان لحاظ کان ائين چئي سگهجي ٿو ته مان صليم (Salem) ۾ ڄائو آهيان."

ريڊار کي خبر نه هئي ته صليم ڪٿي آهي پر هن پوڙهي کان وڌيڪ ڪجهه پڇڻ بدران پلاڙا ۾ ڪر ڪندڙ ماڻهن تي نظر وجهڻ شروع ڪئي.ڪيس لڳو ته هر ڪوئي پنهنجي ڪم ۾ مصروف لڳو پيو هو.

"اهو صليم ڪنهن جيان آهي؟" ريڊار کان وري به رهيو نه ٿيو.

"اهو اڄ به ائين آهي جيئن ڪالهه هو."

چوڪرو وري منجهي پيو.ڪيس اها ته پڪ هئي ته صليم، اندلس ۾ نه آهي ڇو ته جي ائين هجي ها ته ڪيس ان شهر جو نالو گهٽ ۾ گهٽ ضرور ٻڌل هجي ها.

"۽ اوهان اتي صليم ۾ ڇا ڪندا آ هيو؟" هن وري ڪانئس پڇيو.

"مان صليم ۾ ڇا ڪندو آهيان؟" پوڙهي شخص ٿهڪ ڏيندي سندس سوال ورجايو ۽ وراڻيو، "مان صليم جو بادشاهه آهيان!"

"هي ته ڏاڍو عجيب ماڻهو آهي،" هن کي دل ۾ خيال آيو. هتي ويهڻ کان اهو بهتر نه آهي ته رڍن سان وڃي ويهجي، گهٽ ۾ گهٽ اهي اهڙيون ڳالهيون ته نه ڪنديون آهن ۽ ان کان به وڌيڪ بهتر آهي ته انسان اڪيلو ويهي ڪتابن سان رهاڻ ڪري. اهي توهان کي پنهنجون ڪهاڻيون ان وقت ٻڌائين ٿا، جڏهن توهان انهن کي ٻڌڻ چاهيو ٿا، پر جڏهن اوهين انسانن سان ڳالهايو ٿا ته اهي ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا، جو سمجهه ۾ ئي نه ايندو آهي ته اڳتي ڳالهه ٻولهه ڪيئن جاري رکجي.

"منهنجو نالو ملچيزيڊڪ آهي،" هاڻ وري ڳالهين جو سلسلو پوڙهي شروع ڪيو، "توکي گهٽيون رڍون آهن؟"

"ڪافي آهن،" ريڊار ورندي ڏني. هن ڇاتو پئي ته پوڙهي هن جي زندگيءَ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي هئي.

"اهو ته مسئلو ئي پيو،" پوڙهي ريڊار جو جواب ٻڌي چيو، "جيڪڏهن تون مطمئن آهين ته تو وٽ ڪافي رڍون آهن ته پوءِ مان تنهنجي ڪا مدد نه ٿو ڪري سگهان."

ريڊار کي ڏاڍي مٺيان لڳي. هن سوچيو، "مون ته هن پوڙهي کي مدد ڪرڻ لاءِ چيو ڪو نه آهي. مدد جي ته خود هن کي ضرورت آهي. شراب هن مون کان وٺي پيتو آهي ۽ ڳالهائڻ به پاڻ

شروع ڪيو اٿس."

"مون کي منهنجو ڪتاب واپس ڏي،" ريڊار ڪانئس ڪتاب گهرندي چيو، "مون کي رڍون ساڻ ڪري اڳيان وڃڻو آهي."

"تون پنهنجي رڍن جي ڏڻ جي ڏهين پتي مون کي ڏي،" پوڙهي ڪيس اتندي ڏسي چيو، "۽ مان توکي اهو ٻڌائيندس ته تون پنهنجو لڪل خزانو ڪيئن حاصل ڪري سگهين ٿو."

ريڊار کي پنهنجو خواب ياد اچي ويو ۽ اوچتوئي سڀ ڪجهه هن جي آڏو چٽو ٿي ويو.ان پوڙهيءَ عورت ڪانئس ڪو به معاوضو نه ورتو هو، پر هي پوڙهو شخص، شايد ان عورت جو مڙس هجي، هاڻ هن کان ڏهوڻي رقم ڦٻائڻ ٿو گهري سو به هڪ اهڙي خزاني جي لالچ ڏئي، جنهن جو ڪو وجود ئي نه هجي. هي به شايد ڪو حرفتي خانه بدوش ئي آهي، ريڊار سوچيو.

پر ان کان اڳ جو ڇوڪرو ڪجهه ڳالهائي، پوڙهو هيٺ جهڪيو، هڪڙي ڪاني کنيائين ۽ پلاڙا جي زمين تي پيل واريءَ تي ڪجهه لکڻ شروع ڪيائين. سندس ڇاتيءَ منجهان ڪاشيءَ ڇلڪي، جنهن جي چمڪ ايڏي ته تيز هئي جو ڇوڪرو گهڙي پلڪ لاءِ ڇڻ انڌو ٿي ويو. پوڙهي حيرت انگيز ڦرتيءَ سان يڪدم ان شيءَ کي پنهنجيءَ ٽوپيءَ سان ڍڪي ڇڏيو. جڏهن ريڊار جي اکين تان ڌنڌ هٽي ته هو واريءَ تي لکيل تحرير پڙهڻ جي قابل ٿيو.

اتي واريءَ تي سندس ماءُ، پيءُ ۽ ان اسڪول جا نالا لکيل هئا، جتان هو پڙهيو هو. اتي واريءَ تي ان واپاريءَ جي ڏيءَ جو به نالو لکيل هو، جنهن جي پوڙهيءَ کي ڪا خبر نه هئي. هن تحرير ۾ انهن واقعن جو به ذڪر ٿيل هو، جيڪي هن جي سيني ۾ دفن ٿيل هئا ۽ هن ڪنهن کي به نه ٻڌايا هئا.

☆☆☆

"مان صليم جو بادشاهه آهيان،" پوڙهي شخص وري پنهنجي ڳالهه ورجائي.

"ڀلا هڪ بادشاهه کي ريڊار سان ڳالهائڻ جي ڪهڙي پئي آهي؟" ريڊار حيران پريشان ۽ ششدر ٿيندي پڇيو.

"ان جا گهڻا ئي سبب آهن، پر سڀ کان وڏيڪ اهم اهو آهي ته تون پنهنجي "منزل مقصود" کي تلاش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهين،"

ريڊار نه ٿي ڄاتو ته "منزل مقصود" ڇا ٿيندي آهي.

"اها منزل، جيڪا ماڻڻ جي تمنا هر انسان کي سدائين رهندي آهي،" پوڙهي "من جي خواهش" جي معنيٰ بيان ڪندي چيو، "هر ماڻهو جڏهن جوان هوندو آهي ته ڄاڻندو آهي ته سندس "منزل مقصود" ڪهڙي آهي."

" نوجوانيءَ ۾ هر ڳالهه بلڪل صاف نظر ايندي آهي ۽ سڀ ڪجهه ممڪن هوندو آهي. نوجوان خواب ڏسڻ کان ناهي گهبرائيندا۽ سرَ تان سانگو لاهي به هو پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ

جدوجهد ڪندا آهن، پر جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو آهي تہ ڪا "اڻ ڄاڻ طاقت" ڪين سمجهائڻ شروع ڪندي آهي تہ پنهنجي "منزل مقصود" تي سوڀ پائڻ ممڪن ناهي."

پوڙهي شخص جون ڳالهيون ريڊار جي مٿي تان گذري ويون، پرهن ڄاڻڻ پئي چاهو تہ اها " اڻ ڄاڻ طاقت" ڪهڙي آهي. ان جي متعلق هن کي ڪابہ خبر نہ هئي ۽ هن کي اهو بہ خيال آيو تہ هو جڏهن ان متعلق واپاريءَ جي ڌيءَ کي ٻڌائيندو تہ هوءَ بہ سندس ڳالهين مان متاثر ٿيندي.

"هيءَ بظاهر منفي طاقت لڳندي آهي پر اهائي طاقت حقيقت ۾ اوهان کي پنهنجي تقدير تي سوڀ پائڻ جو دڳ ڏيکاريندي آهي. هن ڌرتيءَ تي هڪ عظيم سچ اهو آهي تہ: چاهي تون ڪير بہ هجين، ڇا بہ ڪندو هجين پر جڏهن تون ڪجهہ کي چاهيندو آهين تہ اهو فقط ان لاءِ جو اها چاهت، اها خواهش ڪائناتي روح جي عين مطابق هوندي آهي. هن ڌرتيءَ تي اهائي تنهنجي منزل ۽ تنهنجي حياتيءَ جو مقصد ۽ مشن هوندي آهي."

"يعني جيڪڏهن ڪوئي رڳو سفرڪرڻ چاهيندو هجي يا ڪنهن واپاريءَ جي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ چاهيندو هجي تہ بس اهو ئي هن جو مقصد حيات ٿئي ٿو؟"

"ها، يا وري خزاني جي ڳولا بہ هن جو مقصد حيات ٿي سگهي ٿو. ماڻهن جون مسرتون، ڪائناتي روح جي غذا آهن ۽ گڏوگڏ ڏک، تڪليفون ۽ حسرتون پڻ. پنهنجو نصيب ڳولي هٿ ڪرڻ ئي هر انسان جي واحد حقيقي غرض آهي.ڪثرت ۾ وحدت آهي. سڀ شيون هڪ آهن ۽ جڏهن تون ڪجهہ ڪرڻ چاهين ٿو تہ سموري ڪائناتي طاقتون ملي ڪري ڪوشش ڪن ٿيون تہ توکي ڪاميابي ۽ ڪامراني نصيب ٿئي."

هو ٻئي ڪجهہ دير لاءِ بلڪل خاموش ٿي ويا ۽ پوءِ وري پوڙهي ڳالهايو.

"تون ريون چوٽو چارين؟"

"چو تہ مون کي سفر ڪرڻ ۾ مزو ايندو آهي."

پوڙهي پلاڙا جي هڪ ڪنڊ ۾ ٿهيل بيڪريءَ جي مالڪ ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "جڏهن هي ٻار هو، تڏهن هن پڻ سفر ڪرڻ پئي چاهيو، پر پوءِ هن فيصلو ڪيو تہ پهرين ڏنڌو ڏاڙي ڪري ڪجهہ پئسا ڏوڪڙ ميڙجن. ۽ هاڻي جڏهن هي پوڙهو اچي ٿيو آهي تہ تڏهن وڃي وقت مليو اٿس مهينو ڪن آفريڪا گهمڻ جو."پوڙهي ٿوري ساهي ڪڍي ڳالهہ جاري رکي، " هن کي ڪڏهن بہ اهو احساس نہ ٿيوآهي تہ انسان منجهہ ايتري صلاحيت موجود هوندي آهي تہ هو زندگيءَ جي جنهن بہ موڙ تي چاهي اهو ڪم ڪري سگهي ٿو، جيڪي هو ڪرڻ چاهي ٿو."

"هن کي جيڪڏهن مسافريءَ جو شوق هو تہ هن کي بہ مون وانگر ريڊار ٿيڻ جو فيصلو ڪرڻ ڪپي ها." ريڊار

يڪدم تبصرو ڪندي چيو.

"ها، هن ائين ڪرڻ لاءِ به سوچيو." پوڙهي وراڻي ڏني، "پر سماج ۾ ريڊار ڪان وڌيڪ بيڪريءَ جي مالڪ جي عزت هوندي آهي. بيڪرين جي مالڪن کي پنهنجا گهر هوندا آهن جڏهن ته ريڊار ڪليل آسمانن هيٺان سمهندا آهن، ۽ پيئر پنهنجون ڏيئر به ريڊارن ڪان وڌيڪ بيڪريءَ جي مالڪن سان پرڻائڻ پسند ڪندا آهن."

ريڊار جي دل ۾ سور جي سَٽَ ايري. واپاريءَ جي ڏي هن کي ڪنهن بيڪريءَ جي مالڪ سان پرڻجندي نظر اچڻ لڳي.

" مستقبل لاءِ سوچيندي ماڻهو پنهنجي مقدر جو سڪندر ٿيڻ بدران ان کي وڌيڪ اهم ٿا سمجهڻ لڳن ته ٻيا ماڻهو ڪين ڪهڙي نظر سان ٿا ڏسن."

پوڙهو وري ڪتاب جا ورق اٿلائڻ لڳو ۽ ڪتاب ۾ محو ٿي ويو. ريڊار سندس ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائيندي ڪانئس سوال ڪيو، "تون آخر مونکي اهو سڀ ڪجهه ڇو ٻڌائي رهيو آهين؟"

"ڇو ته تون پنهنجي خوابن جي تعبيرلاءِ پنهنجي مقصد حيات کي ماڻڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهين ۽ هڪ اهڙي موڙ تي اچي پهتو آهين جتي تون اهو سڀ ڪجهه ڇڏڻ جي تياري ڪري ر هيو آهين."

" ڇا تون سدائين اهڙي ئي موڙ تي ماڻهن آڏو ايندو آهين؟"

"ها، پر سدائين اهڙي طريقي سان نه. مان بس ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ظاهر ضرور ٿيندو آهيان. ڪڏهن مان مامري جي حل طور آڏو ايندو آهيان ته ڪڏهن ڪنهن بهترين خيال جي روپ ۾. ڪن ٻين وقتن تي، ڪڏهن ڪنهن نازڪ گهڙيءَ ۾، مان مشڪلن کي آسان بڻائي ڇڏيندو آهيان. ٻيا به ڪيترائي ڪم آسان ڪري ڇڏيندو آهيان. پر اها ٻي ڳالهه آ هي ته ماڻهو اهو نه سمجهي سگهندا آهن ته اهي ڪم منهنجا ڪيل هوندا آهن."

پوڙهي هن کي ٻڌايو ته هفتو ڪن اڳ هو هڪ ڪاٺيون ڪوٺيندڙ ماڻهوءَ آڏو هڪ پٿر جي روپ ۾ ظاهر ٿيو هو. هن شخص زمرد جي پٿرن جي تلاش ۾ باقي سڀ ڪم ڇڏي ڏنو هو. پنجن سالن کان مسلسل هو هڪ نديءَ جي ڪناري هزارن پٿرن کي ڏسي چڪو هو ۽ آخر ۾ مايوس ٿي پنهنجي اها زمرد جي تلاش جي مهم ان وقت ختم ڪرڻ وارو هو جڏهن ڪيس باقي فقط هڪ وڏيڪ پٿر چڪاسڻ جي دير هئي ۽ ڪيس زمرد ملي وڃي ها. جيئن ته هن پنهنجو مقصد ماڻڻ خاطر سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو هو، تنهن ڪري هن سندس مدد ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هو هڪ پٿر بڻجي زور سان سندس پير ۾ اچي لڳو. پنجن سالن جي لاحاصل محنت جو سڄو غصو ان پٿر تي ڇنڊيندي هن اهو پٿر پوري زور سان ڪٽي پرتي اڇليو. اهو پٿر جنهن پٿر متان ڪريو سو ڀڄي ٻه اڌ ٿي پيو ۽ ان مان هڪ خوبصورت زمرد ظاهر ٿيو. اهو دنيا

جو خوبصورت ترين زمرد هو.

"انسان پنهنجي زندگي جي ابتدائي مرحلن ۾ ئي ڄاڻي وٺندو آهي ته سندس وجود جو ڪارڻ ڪهڙو آهي ۽ شايد اهو ئي ڪارڻ آهي ته هو جلدئي پنهنجي مقصد تان هٽ ٻه ڪٽي وٺندو آهي. پر ڇا ڪجي، اها ئي زندگي آهي." پوڙهي تلخ لهجي ۾ زندگيءَ جي هڪ ڪڙي سچائي بيان ڪئي.

ريڊار پوڙهي کي ياد ڏياريو ته هن ڪيس لڪل خزاني جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو پئي.

"پاڻي جي تيز وهڪري جي ڌارائن ۾ اهو خزانو ظاهر ٿئي ٿو ۽ وري ساڳين ئي ڌارائن سبب اهو دٻجي وڃي ٿو. جيڪڏهن تون پنهنجي خزاني جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهين ٿو ته پوءِ توکي پنهنجي ڏڻ جو ڏهون حصو مون کي ڏيڻو پوندو." پوڙهي ڪيس وراڻي ڏني.

"پر ان جي بدران مان جيڪڏهن توکي پنهنجي خزاني جو ڏهون حصو آڇيان ته؟"

" تون مون کي اهو آڇي رهيو آهين جيڪو اڳا تو وٽ آهي ئي ڪو نه. جيڪڏهن تون پنهنجي ڪم جي شروعات اهڙي طريقي سان ڪندين ته تنهنجو خزانو جلد ئي ختم ٿي ويندو." پوڙهي ڪيس سمجهاڻي ڏني.

ريڊار ڪيس ٻڌايو ته هن اڳ ۾ ٻه هڪ خانه بدوش سان پنهنجي خزاني جو ڏهون حصو ڏيڻ جو وعدو ڪيو آهي.

"خانه بدوش اهڙن ڪمن ۾ ماهر ٿين ٿا." پوڙهي ڏڏو ساهه ڪڍندي چيو. "بهرحال، اهو بهتر آهي ته تون سمجهي وٺين ته زندگي ۾ هر شيءِ جي قيمت هوندي آهي. "روشنيءَ جا ويڙهاڪ" ٻه اسان کي اهو ئي سيکارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن."

پوڙهي، ريڊار کي سندس ڪتاب موٽائي ڏيندي چيو. "سياڻي، هن ئي وقت تي تون منهنجي لاءِ پنهنجي ڏڻ جو ڏهون حصو آڻجان ۽ مان توکي ٻڌائيندس ته تون پنهنجو لڪل خزانو ڪيئن هٿ ڪري سگهين ٿو. هاڻي موڪلائي." ائين چئي هو پلاڙا جي پويان گم ٿي ويو.

☆☆☆

ريڊار وري ڪتاب پڙهڻ ۾ لڳي ويو پر هاڻي ڪتاب ۾ سندس من نه پئي لڳو. هن تي گهبراهٽ ۽ پريشاني طاري هئي، ڇو ته هن ڄاتو پئي ته پوڙهي جي ڳالهين ۾ هڪ گهري سچائي سمايل هئي. هي اتان اڀي شهر ۾ آواره گردي ڪرڻ لڳو. گهمندي ڦرندي هو هڪ اهڙي جاءِ تي پهتو، جتي ماڻهو آفريڪا لاءِ ٽڪيٽون خريد ڪري رهيا هئا. هن ڄاتو ٿي ته مصر، آفريڪا ۾ آهي. ٽڪيٽن واري دريءَ وٽ بيهي هو پنهنجي ڏڻ بابت سوچڻ لڳو. هن اتي بيٺي بيٺي اهو فيصلو ڪيو ته هو واپس ويندو ۽ وڃي ڏنارڪو ڪم ڪندو. ٻن سالن ۾ هن ڏنارڪي ڏنڌي بابت سڀ ڪجهه ڄاڻي ورتو هو. هو واپس پنهنجي دوست جي وٽان ڏانهن ورڻ لڳو. رستي ۾ محل وٽان گذرندي، سندس خيالن وري موڙ کاڌي.

هو اتي موجود هڪ ٽڪريءَ تي چڙهي ويو جتان ڏورانهين تي ڪيس آفريڪا نظر پئي آيو. ڪنهن هن کي ٻڌايو هو ته ان ئي رستي سان مسلمان آيا هئا ۽ سڄي اسپين تي قابض ٿي ويا هئا.

ان ٽڪريءَ کان هن کي سڄو شهر نظر پئي آيو. هن جي نظر ان پلاڙا تي به پئي جتي ڪيس اهو پوڙهو گڏيو هو. "تياڳي هئي اها گهڙي جڏهن اهو پوڙهو مونسان مليو." هن کي دل ۾ خيال آيو. هو ته هن شهر ۾ رڳو ان لاءِ آيو هو ته خانه بدوش عورت کان پنهنجي خواب جي تعبير معلوم ڪري. نه هن عورت ۽ نه وري هن پوڙهي شخص کي ان ڳالهه سان ڪا دلچسپي هئي ته هو هڪ ريڊار آهي ۽ هنن نه ٿي ڄاتو ته ريڊار کي پنهنجي رڍن سان ڪيترو پيار هوندو آهي.

آهستي آهستي هوا جو زور وڌڻ لڳو. هو ان هوا کان چڱيءَ ريت واقف هو. اتان جا رهواسي ان هوا کي "اوير پونوچ جي هوا" چوندا آهن. مسلمان ان هوا جي رستي سان اسپين ۾ داخل ٿيا هئا.اوير پونوچ جي هوا جو زور وڌندو ر هو ۽ سندس خيالن ۾ به هڪ طوفان جاري هو. هو ڪنهن جي چونڊ ڪري ڏڻ جي يا خزاني جي. هڪ شيءَ تي هو پوريءَ ريت هريل مريل هو ۽ ٻي شيءَ جي ڪيس خواهش هئي. هن کي واپاريءَ جي ڏي به ياد آئي. هن سوچيو ته سندس ڏڻ جو دارومدار ته هن تي آهي پر واپاريءَ جي ڏي جي معاملي ۾ ائين نه آهي. ان کي مان ريڊار ياد به هجان الائي نه. هن کي پڪ هئي ته ڇوڪريءَ سندس انتظار نه ٿي ڪيو. هن لاءِ ته هر ڏينهن ساڳيو هو. هر ڏينهن ساڳيو ان ڪري هوندو آهي جو ماڻهو اهو سمجهڻ کان قاصر هوندا آهن ته هر نئين ڏينهن جو سج سندن زندگين لاءِ نئون پيغام کڻي ايندو آهي.

"مان پنهنجا ماءُ، پيءُ پنهنجو ڳوٺ پوئتي ڇڏي آيو آهيان. اهي مون کان پري رهڻ تي هري ويا آهن ۽ مان به ڪانئن پري رهڻ تي هري ويو آهيان. رڍون به مون کان پري رهڻ تي هري ويندیون." ريڊار کي خيال آيو.

هي جتي ويٺو هو، اتان هو پلاڙا جو مشاهدو چڱيءَ ريت ڪري پئي سگهيو. بيڪريءَ تي ماڻهن جي اچ وڃ جاري هئي ۽ جنهن بينچ تي ويهي هن پوڙهي سان ڳالهايون ڪيون هون. اتي هاڻ هڪ نوجوان جوڙو ويهي پيار جون سرگوشيون ڪري رهيو هو.

"هي بيڪريءَ وارو...."هن پاڻ سان ڳالهائڻ شروع ڪيو پر هوا جي زوردار جهٽڪي سان سندس سوچن جو سلسلو ٽٽي ويو. هوا جو زور وڌي ويو ۽ هن پنهنجي منهن تي وڌندڙ هوا جو زور شدت سان محسوس ڪيو. هيءَ اها ئي هوا هئي جنهن مسلمانن کي هتي آندو هو. ها، پر ان ئي هوا صحرا جي خوشبو به پاڻ سان آندي هئي ۽ نقاب پوش حسينائن جي سونهن پڻ. هن هوا پاڻ سان گڏ انهن انسانن جاخواب به آندا هئا جيڪي ڪنهن اڻجاتي سفر جا راهي هئا.

ريڊار کي هوا جي آزادي تي رشڪ اچڻ لڳو ۽ سندس من ۾ هڪ عجيب خواهش ڪَرَ موڙيا ته ڪاش هو به هن هوا جيان آزاد هجي. پر هن کي ڪنهن ٿي روڪيو! هو ته پنهنجو پاڻ کي خود روڪي بيٺو هو. هي رڍون، واپاريءَ جي ڏي ۽ هي اندلس جا ميدان ته سندس منزل ڏانهن ويندڙ رستي جا پهريون نشانيون هيون.

هئي ڏينهن ڇوڪرو منجهند جو پوڙهي شخص سان مليو. هن پاڻ سان ڇهه رڍون پڻ آنديون هيون.

"مون کي حيرت آهي،" ريڊار ڳالهائڻ شروع ڪيو، "منهنجي دوست مون کان يڪدم سڀ رڍون خريد ڪري ورتيون آهن. هن چيو ته هو سدائين ريڊار ٿيڻ جا خواب پيو لهندو هو. مان سمجهان ٿو ته اهو نيڪ سنوڻ آهي."

"ها، ائين ئي ٿيندو آهي،" پوڙهي وراڻي ڏيندي چيو، "ان کي "موافقت جو اصول" چيو ويندو آهي. تون جڏهن پهريون پيرو جوا کيڏڻ ويهندو آهين ته توکي ڪٿڻ جي ڇٽڪ پڪ هوندي آهي. اهائي شروعاتي خوشقسمتي هوندي آهي."

"پر ائين ڇو آهي؟"

"ڇاڪاڻ ته ڪائنات ۾ هڪ شڪتي هوندي آهي جيڪا چاهيندي آهي ته تون پنهنجي منزل ماڻين، تنهن ڪري اها توکي پهريان ڪاميابيءَ جو مزو چکائيندي آهي."

ائين چئي پوڙهو رڍن جي جانچ جونچ ۾ لڳي ويو. هن ڏٺو ته هڪڙي رڍ مندي هئي. ريڊار ان لاءِ صفائي ڏيندي چيو ته مندي آهي ته ڪا ڳالهه ناهي، هيءَ رڍ منهنجي ڏڻ جي سڀ کان سياڻي رڍ آهي ۽ هن مان ٻُمون کي سڀ کان وڌيڪ ان ملندي آهي.

"هاڻي ٻڌاءِ ته خزانو ڪٿي آهي؟" ريڊار اتاولو ٿيندي پڇيو.

"خزانو مصر ۾ آهي، اهرامن جي ويجهو."

ڇوڪرو پريشان ٿي ويو. ايتري ڳالهه ته ڪيس هن پوڙهي عورت بنا ڪنهن معاوضي جي ٻڌائي هئي.

"خزاني جي ڳولها ڪندي،توکي مختلف نشانيون ملنديون رهنديون. تون انهن نشانين آڌار اڳتي وڌندو رهجان. خدا هر ڪنهن لاءِ رستو تيارڪري ڇڏيو آهي. تون رڳو انهن نشانين کي پڙهڻ سک."

ڇوڪرو اجا جواب ڏيڻ جو سوچي ئي ر هو هو ته هڪ پوپٽ، پوڙهي ۽ ريڊار جي وچ ۾ اچي پرڙا ڦڙڪائڻ لڳو. ريڊار کي يڪدم ڏاڏي جي ڳالهه ياد اچي وئي ته پوپٽ جو ائين ظاهر ٿيڻ سنو سنوڻ هوندو آهي.

پوءِ پوڙهي هڪ ڳوٽري کولي ۽ ڇوڪرو اهو ڏسي حيران ٿي ويو ته ڳوٽريءَ ۾ نهايت ئي قيمت سوني چين ۽ قيمتي پٿر پيل هئا. پوڙهي انهن منجهان هڪڙو اڇو ۽ هڪڙو ڪارو پٿر ڪڍي ريڊار کي ڏيندي چيو "هي وٺ، هي يورم (Urim) ۽ ٿمر (Thumum) آهن. ڪارو پٿر "ها" ۽ اڇو پٿر "نه" جي نشاني

اٿئي. جڏهن تون قدرت طرفان ملندڙ اشارا پڙهڻ ۾ ڪٿي منجهي پوين ته هي پٿر تنهنجي مدد ڪري سگهن ٿا پر جڏهن به سوال ڪرين ته اهو موضوعي نه معروضي هئڻ گهرجي. جيتري حد تائين ممڪن ٿي سگهي، تون پنهنجا فيصلا پاڻ ڪجان. تنهنجو خزانو اهرامن وٽ آهي. اهو تون اڳواٽ ئي ڄاڻين ٿو. مون توکان معاوضي طور ڇهه رڍون ان لاءِ ورتيون آهن جو مون توکي تنهنجي فيصلي ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي."

ريڊار اهي پٿر وٺي پنهنجي ڪيسي ۾ وڌا ۽ سوچي ورتو ته هاڻ هو پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندو.

"اهو ڪڏهن به نه وسارجانءِ ته تنهنجو جنهن شيءَ سان به واسطو پوي ٿو اها فقط هڪ ئي شيءِ هوندي آهي. هيو ته اشارن جي زبان ڪڏهن به نه وسارجانءِ ۽ سڀ کان وڌيڪ اهو آهي ته تون پنهنجي منزل ماڻڻ ڪڏهن به نه پلجان."

هاڻ توکان موڪلائڻ کان اڳ، مان توکي هڪڙي ننڍي آڪاٽي ٻڌائڻ ٿو چاهيان:

"هڪڙي دڪاندار پنهنجي پٽ کي دنيا جي سڀ کان ڏاهي انسان ڏانهن موڪليو ته وڃي ڪانئس خوشيءَ جو راز معلوم ڪري اچ. ڇوڪرو چاليهه ڏينهن رڻ پٽ ۾ سفر ڪري اچي هڪ ٽڪريءَ وٽ پهتو جنهن جي چوٽيءَ تي هڪ خوبصورت محل ٺهيل هو، جنهن ۾ اهو ڏاهو انسان رهندو هو. ڇوڪرو جڏهن محل جي مک ڪمري ۾ پهتو ته اتي نظاروئي ڪجهه ٻيو هو. واپارين جي اڄ وڃ لڳي پئي هئي. ماڻهو ڪنڊن پاسن ۾ بيهي ڳالهيون ڪري رهيا هئا، آرڪسٽرا تي ڌيمي ڌيمي موسيقي وڄي رهي هئي ۽ هڪڙي پاسي ميز تي ڏاڍا مزيدار طعام رکيل هئا. ڏاهو شخص واري واري سان هر هڪ کان احوال وٺي رهيو هو. واپاري جي پٽ جو وارو ٻن ڪلاڪن کان پوءِ آيو. ڏاهي شخص ريڊار جي ڳالهه ٻڌي وراڻيو هو ته ڪيس في الحال خوشيءَ جو راز نه ٿو سمجهائي سگهي.هن ڪيس صلاح ڏني ته محلات گهمي ڦري ڪري ٻن ڪلاڪن کانپوءِ وٽس موٽي اچي.

" تيستائين تون هڪڙو ڪم ڪري وٺ،" ڏاهي شخص ڪيس هڪ چمچو ڏيندي چيو، جنهن ۾ تيل جا ٻه ڦڙا پيل هئا،" تون هي چمچو هٿ ۾ جهلي محل گهمي ڦري وٺ پر ڏس، هي تيل جا ٻه ڦڙا ڪٿي به هيٺ پٽ تي نه ڪرڻ گهرجن." ڇوڪرو هيٺ مٿي لهندي چڙهندي محل گهمڻ لڳو پر سندس اکيون مستقل چمچي ۾ ئي اٽڪيل رهيون. ٻن ڪلاڪن کانپوءِ هي ڏاهي شخص وٽ موٽي آيو. ڏاهي شخص ڪانئس يڪدم سوال ڪرڻ شروع ڪيا، "تو منهنجي ڊرائنگ روم واري ڪمري ۾ ٽنگيل خوبصورت ايراني فانوس ڏٺا؟ تو ان شاندار باغ جو لطف ورتو جنهن کي تيار ڪرڻ ۾ منهنجي مالهيءَ کي ڏهه سال لڳي ويا هئا؟ ۽ ڇا تو منهنجي لئبريري ۾ رکيل خوبصورت مجسمن جي حسن

جمال جو جائزو ورتو؟ واپاريءَ جو پٽ ڏاهي انسان جا سوال ٻڌي حيران پريشان ٿي ويو.هن جو ته سمورو ڌيان فقط چمچي ۾ ڌريل هو ته جيئن ان ۾ رکيل تيل جا ٻه ڦڙا ڪٿي پٽ تي نه ڪري پون.

"هاڻي تون وري واپس وڃ ۽ وڃي منهنجي دنيا جا نظارا پسي اچ." ڏاهي ڪيس نصيحت ڪندي چيو. " توکي ڪنهن اهڙي ماڻهو تي اعتبار نه ڪرڻ گهرجي جنهن جي گهر کان تون واقف نه هجين."

واپاريءَ جي پٽ هڪ پيرو وري چمچو کنيو ۽ محل گهمڻ شروع ڪيو. هن پيري هن چتين ۽ پتين تي ٿيل چٽسالي ۽ آرٽ جي شاهڪارن جو ڀرپور مشاهدو ڪيو. هو باغ ۾ به خوب گهميو ۽ گلن جي سونهن به پسي. هو سمورو محل خوب گهمي، واپس وريو ۽ اچي ڏاهي شخص کي سربستو احوال ڏنو.

ڏاهي شخص کانئس پڇيو." پر تيل جا اهي ڦڙا ڪاڏي ويا جن کي سنڀالڻ جي مون توکي تاڪيد ڪئي هئي؟"

ريڊار جي نظر اچانڪ چمچي تي پئي جيڪو هاڻ بلڪل خالي ٿي چڪو هو ۽ تيل جا ڦڙا ڪٿي ڪري چڪا هئا.

"مان توکي رڳو هڪڙي صلاح ڏيندس." سڀ کان سياڻي شخص ڪيس چيو." خوشيءَ جو راز اهو آهي ته تون دنيا جي نظارن مان به لطف اندوز ٿي ۽ اهو به ڪڏهن نه وسار ته چمچي ۾ رکيل تيل جا ڦڙابه پٽ تي نه ڪرن."

پوڙهي جي آڪاڻي ٻڌي ريڊار چپ ٿي ويو. هي سمجهي ويو ته هن کي سفر تي به روانو ٿيڻو آهي ۽ پنهنجي رڍن جي ڏڻ کي به ناهي وسرڻو. پوڙهي شخص ريڊار تي آخري نظر وڌي ۽ هن جي ٻئي تي هوا منجهه پنهنجن هٿن سان ڪيترائي عجيب غريب هوائي نشان ٺاهيا ۽ پوءِ پنهنجون رڍون ساڻ ڪري هليو ويو.

☆☆☆

"هي آفريڪا به ڪيڏو نه عجيب و غريب آهي." ريڊار سوچيو. هو ٽئنجير (Tangier) شهر جي سوڙهين گهٽين ۾ واقع هڪ مئڪدي ۾ ويٺو هو. اوچتو ئي هن کي ڳٺتي ورائي وئي ته هن کي عربي زبان ته آئي ڪو نه ٿي ۽ هن ملڪ ۾ ته هر ڪنهن اها ئي زبان ٿي سمجهي. هن کي لڳو ته ان زبان کانسواءِ هو پنهنجي خزاني تائين مشڪل سان ئي پهچي سگهندو. پر اهو ياد ڪري في الحال مطمئن ٿي ويو ته وٽس ڪافي پئسا هئا جنهن سان سندس ڪافي مشڪلاڻون حل ٿي سگهيون پئي. ريڊار ڄاتو پئي ته دولت اهو جادو آهي جنهن سان گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ هن پنهنجون رڍون وڪٽي ڪافي پئسا هٿ ڪري ورتا هئا. هن پنهنجي دل کي آٿت ڏيندي چيو ته، "مان جلد ئي مصر جي اهرامن وٽ پهچي ويندس. آخر پوڙهي ماڻهو محض ڇهن رڍن خاطر مونسان ڪوڙ ته ڪو نه ڳالهايو هوندو." پوڙهي جو خيال ايندي ئي سندس ڌيان اشارن بابت ٻڌايل نصيحت ڏانهن ويو.

اندلس جي ميدانن ۾ رڍون چاريندي هن زمين ۽ آسمان جي نشانن ذريعي پنهنجو رستو ڳولڻ سکي ورتو هو. هن ڄاتو پئي ته ڪهڙي پکيءَ جي موجودگي نانگ جي پرَ پاسي ۾ هئڻ جو ڏس ڏيندي آهي ۽ ڪهڙو ٻوٽو ٻڌائيندو آهي ته هاڻ پاڻي بس ويجهو ئي ڪٿي آهي. رڍن هن کي اهو سڀ ڪجهه سيکاري ڇڏيو هو. جيڪڏهن خدا رڍن کي ايڏي سڻي نموني پالي نپائي سگهي ٿو ته هڪڙي ماڻهو جي رهنمائي به ڪري سگهي ٿو. اهو سوچي سندس طبيعت ڪجهه هشاش بشاش ٿي وئي.

هي پنهنجي خيالن ۾ گم هو ته ڪنهن اچي ڪانئس اسپيني زبان ۾ پڇيو ته "تون ڪير آهين؟"

"تون اسپيني زبان ڪيئن ٿو ڄاڻين؟" ريڊار حيرت مان اجنبيءَ کان جوابي سوال ڪندي پڇيو. اجنبيءَ کي مغربي طرز جي پوشاڪ پهريل هئي، پر سندس رنگ روپ مان ظاهر پئي ٿيو ته هو هن ئي شهر جو باشندو هو. سندس عمر ۽ قد بت به ريڊار جيترو هو.

"هتي گهڻو ڪري سڀئي اسپيني زبان ڄاڻن ٿا. اسپين هتان کان صرف ٻن ڪلاڪن جي پنڌ تي آهي."

"ڇڏو ويهه ته تنهنجي ڪا خدمت ڪريان. بيري کي پاڻ ٻنهيءَ جي لاءِ شراب جو آرڊر ڏي. مون کان هيءَ ڄانهه بلڪل نه ٿي پيتي ٿئي."

"هن ملڪ ۾ شراب ناهي ملندو." اجنبي ويهندي وراڻيو."هتي شراب مٿان مذهب طرفان پابندي لڳل آهي."

اهو ٻڌي ريڊار موضوع ٻدلائيندي ڪيس ٻڌايو ته هو مصر جي اهرامن ڏانهن وڃڻ ڄاهي ٿو. هو پنهنجي خزاني جي باري ۾ ٻڌائيندي رڪجي ويو ۽ ڪيس خيال آيو ته هڪ اجنبي آڏو ڪيس خزاني جي ڳالهه نه کولڻ کپي. هن اجنبي کان يڪدم پڇي ورتو ته ڇا تون مون کي اتي پهچڻ ۾ مدد ڪري سگهين ٿو؟ مان توکي ان جو اجورو ڏيڻ لاءِ پڻ تيارآهيان"

اجنبي جواب ۾ پڇيس، "توکي ڪجهه اندازو آهي ته تون اتي ڪيئن پهچي سگهي ٿو؟"

ريڊار ڏٺو ته هوٽل جو مالڪ سندس پرسان بيهي انهن جي گفتگو ڌيان سان ٻڌي رهيو هو. اهو ڏسي ڇوڪرو ٿورو گهبرائجي ويو.

"توکي سڄو صحرا جو رڻ پار ڪرڻو پوندو." اجنبي ڪيس چيو. "ڇا ان لاءِ ڪافي پئسن جي ضرورت پوندي، ڇا تو وٽ ايترا پئسا آهن؟"

ريڊار کي پهرين ته ان اوچتي سوال پريشان ڪري وڌو پر ڪيس يڪدم وري پوڙهي جي چوٽي ياد اچي وئي ته ڇڏهن صاف نيت سان اوهين ڪجهه چاهيندا آهيو ته ڪائنات به اوهان جي حق ۾ راهه هموار ڪندي آهي.

ريڊار ريڊار پئسن جي ڳوٿري ڪڍي اجنبي کي ڏيکاري، جيڪا هوٽل جي مالڪ پڻ ڏسي ورتي. هوٽل جي مالڪ ۽ اجنبي شخص پاڻ ۾ عربي زبان ۾ ڪجهه ڳالهايو ۽ ائين لڳو ته هوٽل جو مالڪ ڇڪ چڙي پيو هجي.

"اچ تہ هتان هلون، هي چاهي ٿو تہ اسان هتان هليا وڃون" اهو ٻڌي ريڊار دلجاءِ ٿيو.

هو اتي بل پرڻ ويو تہ هوٽل جي مالڪ ڪيس ٻانهن کان جهلي غصي ۾ ڪجهہ چوڻ ۽ سمجهائڻ لڳو پر ريڊار کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو ۽ ان اجنبيءَ هوٽل جي مالڪ کي ڏکو ڏئي پاسي تي ڪيو ۽ ريڊار کي ٻاهر وٺي آيو.

هوٽل جي مالڪ وري بہ ريڊار کي تنبيهہ ڪندي چيو تہ " هي شخص تنهنجا پئسا ڦٽائڻ ٿو چاهي، تنهنجاءُ، باقي آفريڪا وانگر ناهي. هي بندرگاهہ آهي ۽ هر بندرگاهہ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ٺڳ ضرور هوندا آهن."

پر ريڊار کي سندس ڳالهہ تي اعتبار نہ آيو. هن تہ ان جي ابتڙ اجنبيءَ کي پنهنجو محسن پئي سمجهيو هو. ٻاهر نڪري اجنبي شخص کانئس پئسا وٺي ڳٽيا.

اجنبي شخص سندس پئسا پنهنجي ڪيسي ۾ وجهندي چيو، "مون کي ٻہ اٺ خريد ڪرڻا پوندا، پاڻ سيائي ئي اهرامن ڏانهن سفر شروع ڪنداسين".

هو ٻئي گڏجي اٺن جي خريداريءَ لاءِ بازار ڏانهن روانا ٿيا. ڇوڪري جون نظرون مسلسل اجنبي شخص ۾ ڪتل هون جو سندس سمورا پئسا هن جي ڪيسي ۾ پيل هئا. ڪيس خيال آيو تہ هو کانئس پنهنجا پئسا گهري وٺي، پر هن سوچيو تہ اهو ڪو دوستاڻو فعل نہ ليکبو، سو دل کي ڪوڙي تسلي ڏئي ماڻ ٿي ويو.

ٽئنجاڻو شهر جي سوڙهين گهٽين مان گذري هو مک بازار ۾ پهتا. اوچتو ئي هن جي نظر هڪ تلوار تي پئي جنهن جهڙي خوبصورت تلوار هن پنهنجي زندگيءَ ۾ اڳ ڪڏهن ڪو نہ ڏٺي هئي. هن تلوار ڏانهن حسرت سان ڏسندي سوچيو تہ جڏهن هو مصر مان موٽندو تہ واپسيءَ ۾ اها تلوار ضرور خريد ڪندو.

هن بيخوديءَ ۾ عالم ۾ اجنبيءَ کي چيو، "هن دڪان جي مالڪ کان پڇ تہ هيءَ تلوار گهٽي جي آهي."

اٿين چوندي ئي ڪيس محسوس ٿيو تہ اجنبي سندس پير ۾ هوئي ڪو نہ. سندس پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. سندس دل جي ڏڪ ڏڪ تيز ٿي وئي. هن تلوار جي سونهن ۾ مگن ٿي ڏاهي انسان واري نصيحت وساري ڇڏي هئي ۽ هاڻي هو واٽڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ لڳو پر سندس نئون دوست ڪيس ڪٿي بہ نظر نہ آيو.

هن وري بہ دل کي آئت ڏني تہ متان هو رستي ۾ ڪانئس الڳ ٿي ويو هجي. اهو سوچي هو اتي ئي بيهي رهيو تہ هو متان ڪٿان موٽي اچي.

تان جو سج بہ لهڻ لڳو. لهندڙ سج ڏانهن اداسي ڀري نظر وجهي هن سوچيو تہ صبح جو سج ايرڻ وقت هو هڪ ٻئي ڪنڊ ۾ هو، وٽس سڻ ردون هيون ۽ واپاريءَ جي ڏيءَ سان ملڻ جي آس سندس دل ۾ هئي. هاڻي سانجهيءَ تائين هو هڪ ٻئي ملڪ ۾ هو. هڪ اجنبي سرزمين تي اجنبي انسان، جنهن

کي اتان جي ٻولي ٻه سمجهه ۾ نه ٿي آئي. هاڻ هو نه ريڊار رهيو هو ۽ نه ئي وٽس ايتري رقم کيسي ۾ بچي هئي جو هو واپس وڃي ڪري وري نئين سر ڪجهه شروع ڪري سگهي.

"هڪ ئي ڏينهن جي دوران هي ڇا ٿي ويو." ڇوڪري افسوس سان هٿ مهٽيندي سوچيو. هو حيران هو ته يڪدم ڪيئن سڀ ڪجهه بدلجي ويو هو. هو پنهنجي بيوقوفيءَ تي ايترو ته شرمندو ٿي ويو، جو سندس دل پئي چاهيو ته هو رانيات ڪري روئي. پر هو ته ڪڏهن پنهنجي رڙن آڏو به ڪين رنو هو.

هن هيڏانهن هوڏانهن نظر ڊوڙائي ڏٺو ته بازار بلڪل خالي ٿي چڪي هئي ۽ سندس آسپاس ڪوئي به ڪو نه هو. پنهنجي گهر کان پري پاڻ کي ائين نڌڻڪو بي يارو مددگار ڏسي هو بي اختيار روئي ويٺو. هو دل ۾ دانهڻ لڳو ته خدا ساڻس چڱو نه ڪيو آهي. هو سوچڻ لڳو ته ڇا جيڪي ماڻهو پنهنجي خوابن جي تعبير تي يقين رکندا آهن، خدا تن جو اهڙو حشر ڪندو آهي؟

هاڻي هن کي بک به ستائڻ لڳي هئي. هن ان اميد سان ڳوٺري کولي ته من ڪيس ڪجهه ملي پوي پر ڳوٺريءَ ۾ ته هڪ رپيو به بچيو ڪو نه هوس. بس هڪ ٿلهو ڪتاب، ڪوٽ ۽ پوڙهي جا ڏنل ٻه پٽر هاڻ سندس ڪل ميڙي پونجي هئا. پٽرن تي نظر پوندي ئي هن کي گهڙي پل لاءِ تسلي ٿي. هن سوچيو ته هن ڇهن رڙن جي بدلي هي ٻه قيمتي پٽر حاصل ڪيا هئا، سو ڇو نه اهي وڪڻي واپسيءَ جي ٽڪيٽ خريد ڪري. هاڻ پٽرن جي حفاظت لاءِ هوشيار ٿي ويو هو، ڇو ته هن ڄاڻي ورتو هو ته بندرگاهي شهر نڳن سان ڀريل هوندا آهن.

هاڻ هن سمجهي ورتو هو ته هوٽل جي مالڪ ته هن کي خبردار ڪري ڪيس نڳجڻ کان بچايو پئي پر هن ئي مٿس اعتبار نه ڪيو. هن سوچيو، "مان به بس ٻين وانگر ئي آهيان، دنيا کي ائين نه ٿو ڏسان جيئن اها آهي، پر پنهنجي خواهشن پٽاندر ڏسڻ چاهيان ٿو."

ڇوڪري کي هڪ ڀيرو وري پوڙهي جي هدايت ذهن تي تري آئي ته توهان جڏهن ڪجهه ڪرڻ گهرو ٿا ته ڪائناتي طاقتون به اوهان جي حق ۾ راهه هموار ڪن ٿيون. هن سوچڻ شروع ڪيو ته پوڙهي جي ان ڳالهه ۾ ڪيتري صداقت آهي. هن جو ذهن پٽرن طرف متوجه ٿيو. هن هڪ تجربو ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هن بلڪل چٽو سوال سوچيو ته ڇا پوڙهي شخص جي شفقت جو هٿ اڃا سندس مٿي تي آهي؟ اهو سوال ڪري هن هڪ پٽر ڪڍيو ته ڪيس جواب مليو، "ها."

"ڇا مان اڃان به پنهنجي خزاني جي ڳولا جاري رکان"؟ هن ٻيو سوال ڪيو.

هن جواب لاءِ جيئن ڳوٺري ۾ هٿ وڌو ته ٻئي پٽر هيٺ پٽ تي اچي ڪريا. هن کي خبر ئي نه ئي ته سندس ڳوٺريءَ ۾ هڪ ننڍو سوراخ هو، جنهن منجهان ٻئي پٽر نڪري ڪري اچي پٽ تي پيا هئا.

اهو ڏسي کيس پوڙهي بادشاهه جي هڪ ٻي نصيحت ذهن تي تري آئي،

" اشارن جي زبان سمجهڻ سک ۽ انهن جي پوئواري ڪر."

ٻئي پٽر پٽ تي پيل ڏسي هو سمجهي ويو ته اهو به هڪ اشارو هو. چوڪري دل ۾ مرڪي ٻئي پٽر پٽ تان کڻي واپس ڳوٺري ۾ وڌا.

هن ارادو ڪري ورتو ته هو ڳوٺري جي سوراخ کي نه سبندو، پل ته پٽر جڏهن چاهين تڏهن پٽ تي اچي پون. هي سمجهي ويو ته دنيا ۾ ڪجهه شيون اهڙيون هونديون آهن جن متعلق ڪڏهن به ڪوئي سوال نه ڪرڻ گهرجي. انهن منجهان سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته انسان پنهنجي منزل کي ڪڏهن به نه ڇڏي. هن کي ياد آيو ته هن واعدو ڪيو هو ته هو پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندو.

هن کي اهو سوچي به آئت ملي ته پٽرن کيس اشارو ڏنو هو ته پوڙهي جو ساٿ اڃا تائين ساٿس هو. هاڻ هن جي دل تان ناميديءَ جا بادل ڪجهه هٽي ويا ۽ هو ڪجهه پراعتماد ٿي ويو هو. هاڻ هن لاءِ اها جاءِ اجنبي نه رهي هئي. بس اها هڪ نئين جاءِ هئي.

هن چاهيو به ته اهو ئي ٿي ته هو نيون جايون گهمي ڏسي. جيڪڏهن هو مصر جي اهرامن تائين نه به پهچي سگهيو هو، پر تڏهن به هو ايترو پري اچي چڪو هو، جتي ڪانئس اڳ، سندس ملڪ جو ڪو ريڊار اڃان تائين ڪو نه پهچي سگهيو هو. هو حيران ٿي سوچي رهيو هو ته سندس گهر کان فقط ٻن ڪلاڪن جي فاصلي تي بلڪل ئي هڪ نئين دنيا واقع هئي. جتوڻيڪ هو هاڻي خالي هٿين هو ۽ ساٿس ٽيل دوکي جو زخم به اڃان تازو هوس، پر هن سوچيو ته هو ڪير آهي؟ هڪ دوکي جو شڪار انسان يا پنهنجي خزاني جي ڳولا ۾ نڪتل هڪ مهم جو انسان.

"مان هڪ مهم جو انسان آهيان، جيڪو پنهنجي خزاني جي تلاش ۾ نڪتو آهي." هن پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو.

☆☆☆

هن کي اوجتوئي ڪنهن ننڍ مان ڏوڙي اتاريو. کيس اتي وچ بازار ۾ ئي ننڍ اچي وئي هئي. هاڻ صبح ٿي رهيو هو.

هن اکيون کوليندي ئي پهرين پنهنجي رڍن کي ڳولڻ شروع ڪيو پر پوءِ کيس هڪدم ياد آيو ته هاڻ هو هڪ نئين دنيا ۾ هو جتي وٽس هڪ به رڍ نه هئي. اهو خيال ايندي هو اداس ٿيڻ بدران خوشي محسوس ڪرڻ لڳو ته هاڻ هن کي پنهنجي رڍن لاءِ پاڻي ۽ ڪاڏي جي تلاش ناهي ڪرڻي بلڪ هو بلڪل آزاد آهي ته وڃي پنهنجي خزاني جي ڳولا ڪري. جيتوڻيڪ هاڻ هن جي ڪيسي ۾ هڪ پائي به ڪا نه هئي پر سندس دل ايمان سان ڀريل هئي. هن رات جو فيصلو ڪري ورتو هو ته هاڻ هو اهڙي مهم جو هيرو بڻجندو، جنهن هيرن بابت هن ڪتابن ۾ پڙهيو هو.

هو نند مان اٿي آهستي آهستي بازر ۾ ٽهلڻ لڳو. دڪاندار پنهنجا پنهنجا دڪان سجائي رهيا هيا. هڪڙو ڪٺمنڙن جو وڪٽنڊڙ ڏاڍي پيار سان پنهنجو ٺيلهو سجائي رهيو هو. سندس منهن تي مرڪ هئي. هن کي ڏسي ڇوڪري کي پوڙهي جي چيل هڪ ڳالهه ذهن تي تري آئي ۽ ڇوڪري سوچيو." هي ڪٺمنڙن جو وڪٽنڊڙ ان لاءِ ڪٺمنڙا ٿو وڪڻي ته جيئن هو پوءِ ڪنهن سفر تي روانو ٿي سگهي يا ڪنهن دڪاندار جي ڌيءَ سان شادي ڪري سگهي. هي اهو ڪم ان لاءِ ڪري پيو جو هن جو من چاهي ٿو."

ڇوڪري کي احساس ٿيو ته پوڙهي سچ پئي چيو ته هر ڪنهن کي اهو ڏسڻ کپي ته هو پنهنجي منزل طرف وڌي رهيو آهي يا ان کان ڏور ٿي رهيو آهي.

ڇوڪري ان ٺيلهي واري کان اجازت وٺي ان جي ٺيلهي کي سجائڻ ۾ مدد ڪئي ۽ ان ڪٺمنڙن جي وڪٽنڊڙ به پهرين مٺائي اجوري طور ڇوڪري کي ڪارائي. ڇوڪرو مهرباني مڃي اڳتي وڌيو. اچانڪ ڪيس احساس ٿيو ته هنن ٻنهي ڇٽن ته هڪٻئي سان الڳ الڳ زبانن يعني عربيءَ ۽ اسپينيءَ ۾ پئي ڳالهايو، پر پوءِ به ٻنهي هڪ ٻئي جي ڳالهه چڱيءَ ريت سمجهي ورتي هئي. هن کي يڪدم خيال آيو، ان جي معنيٰ اها آهي ته ڪا زبان اهڙي به آهي، جيڪا لفظن جي محتاج ناهي. جيتوڻيڪ رڍن سان اهڙي زبان ۾ ڳالهائڻ کي هريل هو. پر ماڻهن سان اهڙي زبان ۾ مخاطب ٿيڻ جو سندس هي پهريون تجربو هو.

هو هاڻ ڪافي نيون ڳالهون سکي رهيو هو. جن مان ڪيتريون ته اهڙيون هيون، جيڪي هي اڳ به ڏسي چڪو هو، پر انهن مٿان هن جو پهرين ڪڏهن ڌيان نه ويو هو. هن سوچيو ته جيڪڏهن مان اهڙي زبان سکي وٺان جيڪا لفظن جي محتاج ناهي ته پوءِ يقينن مان سڄي دنيا کي سمجهڻ جي قابل ٿي ويندس.

هن فيصلو ڪري ورتو ته هو آرام سان ۽ بنا ڪنهن جلد بازي جي ٽٽنجائر جي شهر جي سوڙهين گهٽين جو مشاهدو ڪندو. هن ڄاڻي ورتو هو ته اهو ئي رستو آهي اشارن جي زبان سکڻ جو. هن ڄاتو ٿي ته ان لاءِ ڪيس صبر جي ضرورت پوندي ۽ هن رڍن کان صبر ڪرڻ ته هونئن ئي سکي ورتو هو. هن کي پنهنجي ماضيءَ جي تجربي جو قدر ٿيڻ لڳو. هو اجنبي سرزمين تي به اهي ئي سبق ورجائي رهيو هو جيڪي هن رڍون چاريندي سکيا هئا. هن کي وري پوڙهي جي چوٽي ياد آئي. "هر شي ساڳي آهي."

☆☆☆

ٽٽنجائر جي شهر ۾ هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي شيشي جي ٽانون جي هڪ واپاريءَ جو دڪان هو، جيڪو ڪنهن وقت ۾ ڏاڍو مشهور هو. عرب واپاري، فرانسيسي ۽ انگريز ارضيدان، جرمن سپاهي وغيره سڀ سندس گراهڪ هوندا هئا.

پر وقت گذرڻ سان گڏ ٽٽنجائر جي

قسمت بہ پلٽو کاڏو. هن جي پرسان هڪ نئون شهر "ڪيوٽا" ڏسندي ئي ڏسندي ترقي ڪري ويو ۽ ٽئنجائر جو زوال اچي ويو. هاڻ ان ٽڪريءَ تي ڪجهه ئي دڪان باقي وڃي بچيا هئا، جن مان هڪڙو اهو شيشي جا ٿانون جو دڪان پڻ هو. هاڻي اتي فقط چند گراهڪن جو مس اچڻ وڃڻ ٿيندو هو.

ان شيشي جا ٿانون جي واپاريءَ ٽيهن سالن کان بس اهو ئي ڪم ڪيو هو، جنهن ڪري هاڻ هن کي ٻيو ڪجهه ڪرڻ سمجهه ۾ نه ٿي آيو.

هو صبح کان شام تائين دڪان تي ويهي ايندڙن ويندڙن کي پيو ڏسندو هو. ان ڏينهن منجهند ماني جي وقت کان ٿورو اڳ هڪ ڇوڪرو اچي سندس دڪان وٽ بيٺو پر سندس تجربيڪار اکين پروڙي ورتو ته ڇوڪري جي ڪيسي ۾ خريداريءَ لاءِ ڪي بہ پئسا ڪو نہ هئا. واپاريءَ سوچيو ڇوڪرو ٺري ته پوءِ ٿو ماني‌ءَ تي ويهان.

☆☆☆

دڪان جي در تي هڪ بورڊ ٽنگيل هو جنهن تي لکيل هو ته هتي ڪيترين ئي زبانون ڳالهايون ۽ سمجهيون وڃن ٿيون. ڇوڪرو اهو بورڊ پڙهي ئي رهيو هو ته دڪاندار اچي دخل تي ويٺو.

ڇوڪرو فورن سائس مخاطب ٿيو "مان شوڪيسن ۾ رکيل شيشي جي شين جي چڱيءَ ريت صفائي ڪري سگهان ٿو. اهي ايترين ته گدليون تي ويون آهن جو انهن کي ڪو بہ گراهڪ خريد ڪو نہ ڪندو."

دڪاندار مٿس هڪ نظر وڌي پرڪو بہ جواب نہ ڏنو. ڇوڪري وري بہ ڳالهہ جاري رکندي چيو، "ان جي بدلي تون رڳو مون کي ماني کارائجانءِ."

دڪاندار وري بہ ڪا ورندي نہ ڏنس. ڇوڪري ڇا ڪيو جو پنهنجي ڳوٺريءَ مان ڪوٽ ڪڍي ڪري دڪان جي صفائي ۾ مشغول ٿي ويو. ڪم جي دوران ۾ گراهڪ دڪان تي چڙهيا ۽ ڪجهه شيشي جا ٿانو خريد ڪري ويا.

ڪم پورو ٿيڻ تي دڪاندار کيس ماني کارائڻ لاءِ پر واري هوٽل ۾ وٺي ويو. دڪاندار کيس چيو، "ماني کائڻ لاءِ توکي صفائي ڪرڻ جي ضرورت نہ هئي. قرآن شريف جي هدايت مطابق بکايل کي روٽي کارائڻ منهنجو فرض آهي."

ڇوڪري يڪدم وراڻيس، "پوءِ تو مون کي ڪم ڪرڻ کان ان وقت ڇو نہ روڪيو؟"

"ڇو ته منهنجا شيشي جا ٿانو واقعي ڏاڍا ميرا ٿي چڪا هئا ۽ پاڻ ٻنهي کي بہ منفي سوچن کان نجات حاصل ڪرڻ جي ضرورت هئي." دڪاندار کيس جواب ڏنو.

جڏهن هنن ماني کائي پوري ڪئي ته دڪاندار، ڇوڪري ڏانهن منهن ڪندي چيو، "مان چاهيان ٿو ته تون منهنجي دڪان تي ڪم ڪر. تو جڏهن ڪم پئي ڪيو ته ٻہ گراهڪ دڪان تي آيا هئا، اهو سٺو سنئون آهي."

"ماڻهو سنئوڻن جي باري ۾ گهڻو ڪجهه ڳالهائن ٿا،" ڇوڪري سوچيو، "پر هو نه ٿا ڄاڻن ته هو ڇا چئي رهيا آهن. جيئن مون ٿوري دير اڳ تائين نه ٿي ڄاتو ته مان سالن کان رڍن سان هڪ اهڙي زبان ۾ ڳالهائيندو رهيو هيس جيڪا زبان لفظن جي محتاج نه هئي."

"ڇا تون منهنجي دڪان تي ڪم ڪندين؟" دڪاندار کانئس ورائي پڇيو.

"مان اڄ جو باقي سمورو ڏينهن ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مان سڄي رات به ڪم ڪندس پرهه ڦٽيءَ تائين. مان تنهنجي دڪان جا سمورا شيشي جا ٿانو صاف ڪري چمڪائي ڇڏيندس. پر ڇا ان جي بدلي تون مون کي سيائي ايترا پئسا ڏيندين جو مان مصر وڃي سگهان؟"

دڪاندار کان بي ساخته ٽهڪ نڪري ويو، "جيڪڏهن تون سڄو سال به منهنجي دڪان جا شيشي جا ٿانو صاف ڪندو رهين... ۽ جيڪڏهن مان توکي هر شيشي جي ٿانو جي وڪري تي ڪجهه ڪميشن پڻ ڏيان، پوءِ به توکي مصر پهچڻ جو پاڙو ڪرايو ڪرڻ لاءِ قرض کڻڻو پوندو. هزرين ميل صحرا پار ڪرڻ ايترو سولو ۽ سستو ناهي."

ڇوڪرو اها ڳالهه ٻڌي ڇڻ پٽرُ ٿي ويو. ايئن لڳس ڇڻ ڇوڏاري موت جو راڪاس گهمي ويو هجي. سندس سمورين اميدون مٽيءَ ۾ملي ويون. پنهنجي منزل جي تلاش، خزاني جي ڳولا ۽ مصر جي اهرامن تائين رسڻ جا خواب سڀ ڪن پل ۾ چڪنا چور ٿي ويس. هن چاهيو ته ڪاش هو مري وڃي ۽ سمورو ڪيل اتي ئي ختم ٿي وڃي.

دڪاندار ڇوڪري جي حالت ڏسي ڏاڍو پريشان ٿي ويو ۽ فورن ڪيس نئين آڇ ڪئي، "مان توکي تنهنجي ملڪ واپس موٽڻ جيترا پئسا ڏئي سگهان ٿو،منهنجا پٽ."

ڇوڪري جواب ۾ ڪجهه نه ڪڇيو. هو اٿيو، ڪپڙا سنوان ڪيا ۽ پنهنجي ڳوٺري ڪٽندي چيو، "مان تنهنجي دڪان تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

هڪ ڊگهي خاموشيءَ کانپوءِ هن چيو، "مون کي پئسا ڪمائڻا آهن ته جيئن مان رڍون خريد ڪري سگهان."

☆☆☆

شيشي جي ٿانو جي دڪان تي ڪم ڪندي هن کي هڪ مهينو گذري ويو. هن کي اهو ڪم ڪندي ڪا خاص خوشي نه ٿي ملي. دڪان جو مالڪ سڄو ڏينهن دخل پويان ويهي پيو پڻ پڻ ڪندو هو ۽ ڇوڪري کي پيو خبردار ڪندو هو ته شيشي جون شيون نازڪ آهن. هو خيال سان انهن جي صفائي ڪري.

ان هوندي به هڪ ڳالهه هئي ته هو ڇوڪري جو خيال به ڏاڍو ڪندو هو ۽ ڪيس هر وڪريءَ تي ڪميشن پڻ ڏيندو هو جنهن ڪري ڇوڪري ڪجهه پئسا گڏ به ڪري ورتا هئا. هن حساب لڳايو ته ان طرح هو هڪ سال کن ۾ ايترا پئسا

گڏ ڪري سگهندو جو ڪجهه رڍون خريد ڪري سگهندو.

"منهنجو خيال آهي ته ٻاهر به هڪ شو ڪيس نهرائي ان ۾ شيشي جي ٽانون جي نمونن جي نمائش ڪريون ته جيئن پري کان گذرندڙ مسافر به انهن کي ڏسي چڪجي اچن." چوڪري پنهنجي تجويز مالڪ آڏو رکي.

"مون کي ڪڏهن ان جي ضرورت محسوس نه ٿي آهي." مالڪ ناڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻيندي چيو."ٻاهر شيون رکڻ ۾ هڪ خطرو اهو به آهي ته ڪٿي اهي ڪنهن بي احتياطي سبب ٽٽي نه پون."

" اها ته ڪا ڳالهه نه ٿي، مان جڏهن رڍون چارڻ ويندو هيس ته انهن مان ڪي نانگ جي ڏنگڻ سبب مري به ويندين هيون. اڳتي وڌڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن خطري کي ته ڪٽڻو ئي پوندو آهي." چوڪري پنهنجي ڳالهه تي زور ڏيندي چيو.

ان گهڙيءَ هڪڙو گراهڪ دڪان تي چڙهيو، جنهن ٿي شيشي جا ٽانو خريد ڪيا. دڪان هڪ پيرو وري ائين هلڻ لڳو هو جيئن ٽئنجائر جي عروج وارن ڏينهن ۾ هلندو هو.

گراهڪ جي وڃڻ کانپوءِ واپاريءَ چوڪري کي چيو، "ڪاروبار هاڻي ترقي ڪري رهيو آهي. جنهن ڪري تون به جلدئي ان قابل ٿي ويندين جو پنهنجي لاءِ ڪجهه رڍون خريد ڪري سگهندين. ان هوندي به تون زندگي کان وڌيڪ ڇو ٿو طلبين؟"

"ڇو ته مون کي قدرت جي اشارن ۾ مان ڏيٺو آهي." چوڪري جي وات مان بي ساخته سچ نڪري ويو. هن کي هڪ پيرو وري پوڙهي شخص جي چيل ڳالهه ياد آئي، زندگي چاهي ٿي ته انسان پنهنجي منزل ماڻي، تنهن ڪري اها ابتدا ۾ انهن جي لاءِ سفر سولو ڪري ڇڏي ٿي. ان ڳالهه کي "حوصلہ افزائي جو اصول" سڏجي ٿو.

واپاري، چوڪري جي ڳالهه سمجهي ويو. آخر چوڪري جي سندس دڪان ۾ موجودگي به قدرت جو هڪ اشارو ئي ته هو.

"تو مصر جي اهرامن ڏانهن ڇو پئي وڃڻ چاهيو؟" هن چوڪري کان ٻيو سوال ڪيو.

"ڇو ته مان سدائين انهن متعلق ٻڌندو رهيو آهيان." چوڪري وراڻيو. هن دڪاندار کي پنهنجي خواب جي متعلق ڳالهائڻ نه ٿي چاهيو. خزاني جي ڳولا هاڻ هن لاءِ هڪ اذيتناڪ ياد بڻجي وئي هئي ۽ هن ان لاءِ هاڻي ڪجهه سوچڻ به نه ٿي چاهيو.

"مان پنهنجي پوريءَ زندگيءَ ۾ ڪنهن به اهڙي ماڻهو سان نه مليو آهيان، جيڪو محض اهرام ڏسڻ خاطر خطرناڪ صحرا پار ڪرڻ جو جوکم سر تي کڻندو هجي." واپاري بي اعتباريءَ منجهان چيو، "اهرام ته بس پٿرن جا ڍير آهن. جنهن جهڙو هڪڙو ڍير تون پنهنجي گهر جي پوياڙيءَ ۾ به تعمير ڪري سگهين ٿو."

"توکي ڪڏهن به سفر جي شوق نه

رهيو آهي، تنهن ڪري تون اهڙي ڳالهه تو ڪرين." ڇوڪري ڪيس رکو جواب ڏنو ۽ دڪان تي چڙهيل نئين گراهڪ ڏانهن متوجه ٿيو ويو.

هن ڏينهن ڪانپوءِ واپاريءَ نئين شوڪيس جو موضوع پاڻ کولينديءَ ڇوڪري کي چيو، "مان تبديليءَ کي گهڻو پسند ناهيان ڪندو ۽ مان ڪو امير واپاري به نه آهيان جو ڪنهن نقصان جو بار برداشت ڪري سگهان. مون کي پنهنجين غلطين جي ڳري قيمت ڀرڻي پوندي."

" هي چوي ته سچ تو." ڇوڪري دل ۾ سوچيو.

"تون ڪهڙي خيال کان اهو چيو ته اسان کي شوڪيس ٻاهر رکڻ کپي." واپاري سندس ڏنل تجويز ۾ دلچسپي وٺي رهيو هو.

"مان جلدڪان جلد رڍون خريد ڪرڻ تو چاهيان. هاڻ جڏهن قسمت اسان جو ساٿ ڏئي رهي آهي ۽ قدرت اسان جي مدد ڪري رهي آهي ته اسان کي به ساٿس هر آهنگ تي قدم کڻڻ گهرجن. اهو حوصلہ افزائي جواصول آهي. اوهين ان کي نئين مسافر جي ابتدائي خوشقسمتي به چئي سگهو ٿا."

واپاري ڪجهه گهڙين لاءِ بلڪل شانت ٿي ويو، پوءِ هن ڳالهائڻ شروع ڪيو، "پياري پيغمبر اسان کي قرآن پاڪ ڏنو ۽ اسان کي پنجن فرضن جي ادائگي جي تلقين ڪئي. جنهن مان سڀ کان اهم اهو آهي ته اسين هڪ خدا ۾ ايمان رکون. ٻيا فرض اهي آهن ته پنج وقت نماز پڙهون، رمضان ۾ روزا رکون ۽ غريبن جي مدد ڪريون."

هو ائين چئي چپ ٿي ويو. پياري پيغمبر صه متعلق ڳالهائيندي هن جون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي ويون. هو هڪ متقي شخص هو. جنهن پنهنجي زندگي اسلامي اصولن تحت گذارڻ ٿي چاهي.

"پنجون فرض ڪهڙو آهي؟" ڇوڪري تجسس منجهان پڇيو.

"به ڏينهن اڳ، تو چيو هو ته مون کي شايد سفر جو شوق نه آهي. جڏهن ته اها ڳالهه ناهي. هڪڙي مسلمان لاءِ پنجون فرض اهو آهي ته هو سفر ڪري، حج ادا ڪري. اسان کي پنهنجي زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو ڀيرو مڪي پاڪ جو سفر ضرور ڪرڻو هوندو آهي."

"مڪو، مصر جي اهرامن کان به ڀري آهي. مان جڏهن تو جيان نوجوان هيس ته مون چاهيو پئي ته ايترو پئسو گڏ ڪريان جو هي دڪان کوليان ۽ پوءِ مون وٽ ايترو پئسو گڏ ٿي وڃي، جو مان مڪي وڃي سگهان. مون ايترو پئسو گڏ به ڪري ورتو پر ان وقت مون وٽ اهڙو ڪو ماڻهو ڪو نه هو جنهن جي حوالي هي دڪان ڪري مان مڪي وڃي حج ڪري سگهان. شيشي جون شيون ڏاڍيون نازڪ ٿيون ٿين. حالانڪه انهن ڏينهن ۾ ڪيترا قافلا هتان ئي مڪي ڏانهن روانا ٿيندا هئا جن ۾ ڪجهه ته انتهائي امير ماڻهو هوندا هئا. انهن سان پنهنجا اٺ ۽ نوڪر چاڪر ساڻ هوندا هئا، پر

سفر ڪرڻ وارن جي اڪثريت مون وانگر غريب ماڻهن جي هوندي هئي."

"اهي سڀ ماڻهو ڏاڍو خوش هوندا هئا ته هو حج ڪرڻ وڃي رهيا آهن. هڪڙي موڃيءَ مون کي ٻڌايو ته هن کي صحرا پار ڪرڻ ۾ پورو هڪ سال لڳي ويو هو، پر پوءِ به هو ڏاڍو خوش هو."

"پوءِ تون هاڻي مڪي ڇو نه ٿو وڃين؟" ڇوڪري کانئس پڇيو.

" مڪي وڃڻ جو خيال ئي مون کي زنده رکيو ويٺو آهي. هي ساڳيا ساڳيا بيزار ڪندڙ ڏينهن راتيون مان اداسين ۾ ڪاٽي رهيو آهيان ته مان هڪ ڏينهن مڪي ضرور ويندس. پر مون کي اهو به ڊپ ٿو ٿئي ته جيڪڏهن منهنجو اهو خواب پورو ٿي ويو ته پوءِ منهنجي زندهه رهڻ جو ڪو جواز باقي نه بچندو."

"تون پنهنجون رڍون واپس حاصل ڪرڻ ۽ اهرامن ڏانهن وڃڻ جا خواب ڏسي رهيو آهين پر تون هڪ ڳالهه ۾ مون کان مختلف آهين. تون پنهنجن خوابن جي تعبير به چاهين ٿو. مون هزار ڀيرا تصور ۾ صحرا پار ڪيو آهي ۽ حجر اسود واري ڪعبي جي چوڌاري ست ڀيرا طواف به ڪيو آهي ۽ مقدس پٿر کي چهيو آهي. پر الائجي ڇو مون کي محسوس ٿيندو آهي ته جيڪڏهن مان حقيقت ۾ راتي پهچندس ته مون کي ڏاڍي مايوسي ٿيندي. جنهن ڪري مان بس تصور ۾ ئي تڪميل ڪرڻ کي ترجيح ڏني آهي."

ان ڏينهن واپاريءَ ڇوڪري کي اجازت ڏني ته هو پل ٻاهر شوڪيس ۾ شيشي جا تانو نمائش لاءِ رکي. هر ڪنهن کي پنهنجي خوابن جي تعبير ايئن آسانيءَ سان ته نه ملندي آهي.

☆☆☆

ٻه مهينا ٻيا به گذري ويا. نئون تجربو ڪامياب ويو. پري کان گذرندڙ ڪيترا مسافر ڇڪجي دڪان تي چڙهڻ ۽ خريداري ڪرڻ لڳا. ڇوڪري اندازو لڳائي ورتو ۽ جيڪڏهن هو اڃان ڇهه مهينا ڪم ڪندو ته هو واپس اسپين وڃي سٺ رڍون خريد ڪري سگهندو ۽ سال کان به گهٽ عرصي ۾ هو پنهنجو ڏڻ ٻيٽو ڪرڻ جي قابل ٿي ويندو. هاڻ هو عربن سان به ڪاروبار ڪرڻ جي قابل ٿي چڪو هو، جو هاڻ هو سندن اجنبي زبان کان واقف ٿي چڪو هو.

هن کي اوچتو ياد آيو هن پوڙهي جي ڏنل پٿرن "يورم" ۽ "تمم" جو وري ڪڏهن به استعمال نه ڪيو هو. هن اهي پٿر آخري ڀيرو سڀ کجهه وڃائڻ کانپوءِ فقط هڪ ڀيرو آزمايا هئا. هن کي انهن جي استعمال جو خيال ان ڪري به ڪڏهن نه آيو، جو هن لاءِ مصر جو سفر به ائين ئي هڪ خواب بنجي ويو هو. جيئن هن واپاريءَ لاءِ مڪي جو سفر.

بهر حال، هاڻ ڇوڪرو پنهنجي ڪم مان خوش هو ۽ هاڻي هو رڳو سرخرو ٿي واپس ٽئريفا وڃڻ جو سوچي رهو هو.

"توهان کي هميشه اها ڄاڻ هئڻ گهرجي ته توهان چاهيو ڇا ٿا؟" هن کي

ان پوڙهي بادشاهه جي ڳالهه ياد آئي. چوڪري اهو خوب ڄاتو ٿي ۽ ان لاءِ ئي پاڻ پتوڙيو پئي. شايد اهو ئي هن جو خزانو هو ته هو هڪ اجنبي سرزمين تي پهچي، هڪ نڳ هٿان نڳجي، سڀ ڪجهه وڃائي ويهڻ ڪانپوءِ وري هڪ پائي خرچڻ کان سواءِ ئي پنهنجو ڏڻ ٻيڻو ڪرڻ جو سامان پيدا ڪري رهيو هو. هاڻ هن کي پنهنجو پاڻ تي ناز ٿيڻ لڳو هو. هن ڪافي ڪجهه سکي ورتو هو. شيشي جي ٿانون جو ڪاروبار ڪرڻ ۽ قدرت جا اشارا سمجهڻ سان گڏوگڏ هن هڪڙي اهڙي زبان به سکي ورتي هئي جيڪا لفظن جي محتاج نه هئي يعني اشارن جي زبان.

هڪڙي ڏينهن شام جو هڪ مسافر ٽڪري چڙهي سندس دڪان تي جڏهن مٿي پهتو ته هن يڪدم شڪايت ڪئي ته هتي ڪا به اهڙي ڊنگ جي جاءِ ناهي، جتي ويهي ٿورو ٽڪ پيجي ۽ اڄ اجهائجي. چوڪرو جيئن ته اشارن جي زبان کان واقف ٿي چڪو هو، تنهن يڪدم واپاريءَ کي چيو:

"جيڪي ماڻهو ٽڪري چڙهي مٿي اچن تا تن لاءِ اسان کي چانهه پاڻي جي بندوبست ڪرڻ لاءِ هڪ ننڍڙي هوٽل کولڻ گهرجي."

"هتي جام هوٽلن تي چانهه پاڻي ميسر آهي،" واپاري کيس ورندي ڏني.

"پر اسين شيشي جي گلاسن ۾ ڪين چانهه پاڻي وڪڻنداسين. ماڻهو انهن منجهان لطف اندوز ٿيندا ۽ اسان جي گلاسن جي وڪري وڌي ويندي. سائين، سونهن انسان کي سدائين موهيندي آهي."

واپاري ان وقت نه ڪجهه وڌيڪ ڪين ڪڍيو پر شام جو دڪان بند ڪري سانجهيءَ جي نماز ڪانپوءِ هن چوڪري کي دعوت ڏني ته هو عربن جو اهو عجيب و غريب پائيپ، جنهن کي انهن حقو پئي سڏيو، سو ساڻس گڏجي ويهي پيئي.

واپاريءَ وري ڳالهه چورينڊي کانئس پڇيو، "هاڻي ٻڌاءِ ته تو ڇا پئي چيو؟"

"مان توکي اڳواٽ ئي ٻڌائي چڪو آهيان. مان جلد کان جلد پنهنجون رڍون واپس خريد ڪرڻ ٿو چاهيان. جنهن لاءِ ضروري آهي ته مان گهٽي کان گهٽو ڪمايان."

واپاريءَ حقي ۾ نئون پاڻ وجهي حقو ڇڪيو.

"مون کي هي دڪان هلائيندي ٽيهه سال ٿي ويا آهن. مون کي شيشي جي ٿانون جي باري ۾ پلي بري جي چڱيءَ ريت ڄاڻ آهي. مان ڄاڻان ٿو ته جيڪڏهن اسين شيشي جي گلاسن ۾ چانهه آڇينداسين ته اسان جو دڪان ترقي ڪندو، پر ان لاءِ مون کي پنهنجي زندگيءَ جو طور طريقو تبديل ڪرڻو پوندو."

"ڇا اهو بهتر نه ٿيندو؟"

"جيئن زندگي گذري رهي آهي، مان ان تي هري ويو آهيان. تنهنجي اچڻ کان اڳ مان سوچيندو هيس ته مون هن

هڪڙي جاءِ تي ويهي ڪيڏو وقت وڃايو آهي. جڏهن ته منهنجي دوستن مان ڪي ترقي ڪري اڳتي وڌي ويا آهن ۽ جڏهن ته ٻيا غربت ۾ پيڙجي رهيا آهن. جڏهن ته مان اتي جو اتي ئي بيٺو آهيان. اهو احساس مونکي ڏهني دٻاءِ جو شڪار بڻائي ڇڏيندو هو. جڏهن ته هاڻ مان سوچيان ٿو ته اهو سڀ ڪجهه ايترو برو به ناهي. اڄ دڪان ايتري ترقي ڪري ورتي آهي جيتري مون چاهي پئي. مان هاڻي ڪا به تبديلي نه ٿو چاهيان ڇو ته مان نه ٿو ڄاڻان ته مان ان بدلاءِ سان ڪيئن منهن ڏئي سگهندس. مان جيئن آهيان تيئن ئي رهڻ ٿو چاهيان."

ڇوڪري کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هو ڪهڙو جواب ڏئي.

واپاري پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو، "تون منهنجي لاءِ سچ پچ ته هڪ رحمت بڻجي آيو آهين. اڄ مان اهو ڪجهه ڄاڻان ٿو جيڪو مون اڳ نه ٿي ڄاتو. اسان جو ايمان آهي ته جيڪڏهن اسان کا رحمت ٺڪرايون ٿا ته اها اسان لاءِ پاراتو بڻجي وڃي ٿي. مون کي زندگي ۾ ٻيو ڪجهه به نه ٿو گهرجي. پر تون مون کي مجبور ڪري رهيو آهين ته مان وڏيڪ دولت ڪمايان ۽ زندگي جي انهن واٽن تي هلان جن کان مان اڻ ڄاڻ آهيان. هاڻ جڏهن مون کي محسوس ٿئي ٿو ته مستقبل جا ڊير سارا امڪانات اڃان مون لاءِ موجود آهن ۽ جيڪي مون کي صاف نظر پيا اچن ته مون کي هڪ اڻ لکو خوف پيو محسوس ٿئي ۽ لڳي ٿو ته ڇڏڪ مان هاڻي ان کان به بدتر صورتحال ۾ ڦاسي ويندس، جنهن ۾ آئون تنهنجي اچڻ کان اڳ ڦاٿل هيس. ڇو ته هاڻ مان ڄاڻان ٿو ته مان زندگيءَ کان ڇا ڇا حاصل ڪري سگهان ٿو ۽ مان ائين ڪرڻ نه ٿو چاهيان."

"ڇڳو ٿيو جو مون ٽئريفا ۾ بئڪري واري ڪي ڪجهه به نه چيو" ڇوڪري مالڪ جون ڳالهون ٻڌي دل ۾ سوچيو.

هو ائين ڪافي دير حقو پيئندا ۽ ڳالهون ڪندا رهيا. هو هاڻي سڄي ڳالهه ٻولهه عربي ۾ ڪري رهيا هئا ۽ ڇوڪري کي دل ۾رخوشي پئي ٿي ته هو عربي ٻولي سکي چڪو هو. ريون ڪيس عربي نه ٿي سيکاري سگهيون حالانڪه ڪو وقت هو جو هو سمجهندو هو ته سندس ضرورت جي هر ڳالهه ريون ڪيس سيکاريندي. تنهن هوندي ريچاريون ته صرف فقط ڪاڏي پاڻي جون متلاشي هونديون آهن. ٿي سگهي ٿو ته اهي مون کي ڪجهه به نه سيکاريندیون هجن ۽ مان ئي پيو انهن کان سکندو رهندو هيس.

"مڪتوب،" واپاري ٿڌو ساهه ڪڍي چيو.

"ان جي ڇا معنيٰ آهي؟"

"ان جي صحيح معنيٰ سمجهڻ لاءِ تنهنجو پيدائشي عرب هئڻ ضروري آهي پر تنهنجي ٻولي ۾ ان جي معنيٰ "لکت" آهي."

۽ حقي ۾ ڪوئلن کي اٿلائيندي پٽلائيندي هن ڇوڪري کي چيو ته هو

شيشي جي گلاسن ۾ گراهڪن کي چانهه پاڻي پيارڻ جو بندوبست ڀل ڪري.

ڪڏهن ڪڏهن نديءَ جي وهڪري کي روڪڻ جي ڪا واهه نه هوندي آهي.

☆☆☆

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن ڪي مسافر مٿي چڙهيا ۽ چوڪري ڪين شيشي جي خوبصورت گلاسن ۾ چانهه پاڻيءَ جي آڇ ڪئي ته هو ڏاڍو خوش ٿيا. هڪڙي بي اختيار چيو، "منهنجي زال ڪڏهن شيشي جي گلاس ۾ چانهه پيئڻ جو سوچيو به نه هوندو." هن اهو چئي گهر لاءِ به گلاس خريد ڪيا.

رات جو مهمانن کي شيشي جي گلاسن ۾ چانهه پيش ڪيائين ته انهن مهمانن منجهان هڪ چيو." اڄ ته چانهه ۾ واهه جو مزو آهي."

" اهو مزو ان ڪري آهي جو شيشي جي گلاسن ۾ چانهه جي خوشبوءِ ، مزو ۽ تازگي جلدئي ختم ڪا نه ٿي ٿئي."

" ان ڪري ئي چين ۾ چانهه پيئڻ جو مزو وڌيڪ ايندو آهي. چون ٿا ته شيشي جي گلاس ۾ ڪا جادوئي صلاحيت هوندي آهي."

جلدئي اها خبر چوڌاري ڦهلجي وئي ته مٿي ٽڪريءَ تي اهو واپاري ڪا نئين شيءَ پيش ڪري رهيو آهي. ماڻهو تجسس وچان مٿي اچي ان مان لطف اندوز ٿيڻ لڳا. ڏسندي ئي ڏسندي ٻين دڪاندارن به ان جو نقل ڪرڻ شروع ڪيو پر ماڻهن کي جيڪو مزو مٿي ٽڪريءَ تي چڙهي ڪري شيشي جي ٿانون جي دڪان تي چانهه پاڻي پيئڻ ۾ ٿي مليو، ان جو مقابلو ٻيو ڪو به ڪري نه ٿي سگهيو. هاڻ ان دڪان جو واپار ايترو ته وڌي ويو جو هن کي به ٻيا ملازم به رکڻا پيا. ڪيس چانهه ۽ شيشي جا ٿانوَ خريد ڪرڻا پيا.هاڻ سندس دڪان نئين شيءَ جي متلاشي مسافرن جو مرڪز بڻجي ويو هو ۽ ائين ڪافي مهينا گذري ويا.

☆☆☆

چوڪري جي اک پرهه ڦٽي ڪان به اڳ کلي وئي. هن کي آفريڪا آئي هاڻي پورا يارنهن مهينا ۽ نو ڏينهن گذري چڪا هئا.

هن اٿي ڪري عربن واري اڇي پوشاڪ پاتي، جيڪا هن خاص طور تي ان ڏينهن لاءِ خريد ڪئي هئي. شهر اچا تائين ننڊ جي ڳهر ۾ هو ۽ هي تيار ٿي هيٺ لٿو.

ناشتو ڪري، چانهه پي حقو چڪڻ لڳو. هو خاموشيءَ سان حقو چڪيندو رهيو ۽ سندس ذهن سوچن کان بلڪل خالي هو. هو صبح جي سانت ۾ هوائن جو آواز ٻڌي رهيو هو ۽ انهن هوائن ۾ صحرا جي سڳنڌ هئي. حقو چڪي هن ڪيسي مان پئسا ڪڍي ڳڻيا. هاڻ هن وٽ ايترا پئسا هئا، جنهن مان هو هڪ سو ويهه رڍون، واپسيءَ جي ٽڪيٽ ۽ آفريڪا کان پنهنجي ملڪ سامان جي درآمد جو لائسنس خريد ڪري پئي سگهيو.

هاڻ چوڪرو واپاري جي جاڳڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. واپاريءَ جي اچڻ تي

هنن ٻنهي گڏجي دڪان کوليو ۽ ٻاهر چانهن پيئڻ لاءِ اچي وينا.

"مان اڄ وڃي رهيو آهيان." ڇوڪري ڳالهه شروع ڪندي چيو. "هاڻ مون وٽ ايترا پئسا آهن جو مان رڍون خريد ڪري سگهان ٿو ۽ تو وٽ به ايترا پئسا آهن جو تون به مڪي وڃي سگهين ٿو."

واپاري ڪجهه به نه ڳالهايو.

"ڇا تون مون کي پنهنجو آشيرواد ڏيندين؟" ڇوڪري نماڻائي سان ڪانئس پڇيو. "تون منهنجي ڏاڍي مدد ڪئي آهي."

"مون کي توتي فخر آهي." آخرڪار واپاري ڇوڪري ڏانهن منهن ڪري ڪيس ورندي ڏيندي چيو. "تون منهنجي دڪان ۾ نواڻ پيدا ڪري ڇڏي آهي. پر تون ڇاڻين ٿو ته مان مڪي نه پيو وڃان ۽ نه ئي تون رڍون خريد ڪرڻ وڃي رهيو آهين."

"اهو تون ڪيئن ٿو چئين؟" ڇوڪري ڇرڪ ڀري حيرت منجهان ڪانئس پڇيو.

"مڪتوب." پوڙهي واپاريءَ بس هڪ لفظ پڌڪيو.

۽ هن پيار ۽ پاڻپڻو سان ڇوڪري کي پنهنجو آشيرواد ڏنو.

☆☆☆

واپاري کان موڪلائي ڇوڪرو پنهنجي ڪمري ۾ آيو ۽ پنهنجو سامان سهيڙڻ لڳو. امالڪ سندس نظر پنهنجي ڳوٺري تي وڃي پئي. جيڪا هڪ ڪنڊ ۾ پئي هئي. جنهن کي هو ڪافي عرصي کان وساري چڪو هو. هن ڳوٺري مان ڪوٽ ڪڍي ورتو ته جيئن اهو ٻاهر ڪنهن غريب کي ڏئي ڇڏي. هو ڪوٽ ويڙهي ٻاهر نڪرڻ وارو ئي هو ته ان منجهان ٻه پٿر نڪري وڃي پٽ تي پيا. هڪڙو اڇو، ۽ ٻيو ڪارو پٿر. يورم ۽ ٿمر. پٿرن کي نظر پوندي ئي ڪيس اهو پوڙهو بادشاهه ياد آيو جنهن کي ڇٽڪ هن وساري ئي ڇڏيو هو.

"خواب لهڻ ڪڏهن به نه وسارجان." پوڙهو بادشاهه ڪيس چئي رهيو هو. "قدرت جي اشارن جي پوئواري ڪجان."

ڇوڪري يڪدم پٽ تان پٿر کڻي ورتا ۽ ڪيس هڪ انوکو احساس ٿيڻ لڳو ته اهو پوڙهو بادشاهه ڇٽڪ سندس ڀر پاسي ڪٿي موجود هو.

هن پورو سال محنت ڪئي هئي ته جيئن هو واپس وڃي رڍون چاري سگهي. حالانڪ رڍن هن کي عربي ڳالهائڻ کو نه سيکاري هئي.

پر رڍن هن کي هڪڙي اهم ڳالهه ضرور سيکاري هئي ته دنيا ۾ هڪ اهڙي ٻولي به آهي جيڪا هر کو ئي سمجهي ٿو ۽ هن ڇوڪري دڪان تي سڄو سال سخت محنت ڪندي اها زبان استعمال ڪئي هئي. اها اميد ۽ حوصلي جي زبان هئي. اها پيار ۽ مقصد سان ڪجهه ماڻڻ جي زبان هئي، جنهن کيس سيکاريو هو ته اوهان جو جيڪڏهن پنهنجي منزل ۾ پورو ويساهه آهي ۽ اوهين ان لاءِ پاڻ

پتوڙيو تا تہ اوهان کي اوس منزل ملي ويندي.

ٽئنجائر جو شهر هاڻ هن لاءِ اجنبي شهر نہ رهيو هو ۽ هن کي احساس ٿيو تہ جيڪڏهن هو هن اجنبي شهر کي فتح ڪري ٿي سگهيو تہ پوءِ باقي دنيا کي بہ هو فتح ڪري نہ ٿو ڪري سگهي.

"جڏهن اوهين ڪجهہ ڪرڻ چاهيو تا تہ سموري ڪائنات اوهان جي حق ۾ راهہ هموار ڪري ٿي." ڪيس هڪ پيرو وري پوڙهي بادشاهہ جي چيل ڳالهہ ياد اچي وئي پر هن پوڙهي بادشاهہ هن کي ٽڳجڻ متعلق ڪجهہ نہ ٻڌايو هو، نہ ئي ڪيس اڻ ڪٽ صحرا بابت ٻڌايو هو ۽ نہ ئي ڪيس اهو ٻڌايو هو تہ دنيا ۾ ڪي ماڻهو اهڙا بہ ٿين تا جيڪي ڄاڻن تا تہ سندن خواب ڪهڙا آهن، پر اهي پنهنجي خوابن جي عملي تعبير نہ تا چاهين. پوڙهي بادشاهہ ڪيس اهو بہ نہ ٻڌايو هو تہ مصر جا اهرام محض پٿرن جو ڍير آهن، جنهن جهڙو ڍير هر ڪوئي پنهنجي گهر جي پوياڙيءَ ۾ تعمير ڪري سگهي ٿو ۽ ان ڪيس اهو بہ نہ ٻڌايو هو تہ جڏهن اوهان وٽ ايترا پئسا اچي وڃن جو اوهين اڳ کان ٻيٽيون رڍون خريد ڪري سگهو تہ اوهان کي اهي خريد ڪرڻ گهرجن.

ڇوڪري سامان کنيو ۽ دڪان تي واپاريءَ کان موڪلائڻ لاءِ آيو. اڄ دڪان تي معمول کان ڪجهہ وڌيڪ رش هئي. واپاري پرڏيهي گراهڪن سان ڳالهائڻ ۾ محو هو. واپاري جي چهري تي نهار وجهندي اڄ هنُ کي سندس چهري ۾ پوڙهي بادشاهہ جي جهلڪ نظر آئي ۽ هن پهريون ڀيرو ڏٺو تہ هن واپاريءَ جا اڇا وار بہ بلڪل ان پوڙهي شخص جي وارن جهڙا هئا. ائين ٿي لڳو تہ واپاريءَ جي شخصيت تي بہ هن پوڙهي بادشاهہ جي شخصيت جي ڪا ڇاپ لڳل هجي.

ڇوڪرو بنا موڪلائڻ جي پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿي ويو. هن ٻين ماڻهن جي آڏو روئي موڪلائڻ نہ ٿي چاهيو. هن کي اندر ۾ پنهنجو وجود خالي خالي محسوس ٿيڻ لڳو هو. هن هتان گهڻو ڪجهہ پرايو هو ۽ هن شهر سان هن جو جذباتي لڳاءُ بہ ٿي ويو هو. هاڻي هو ڪافي پراعتماد هو ۽ هن محسوس ٿي ڪيو تہ هاڻي هو سڄي دنيا کي فتح ڪري سگهي ٿو.

"پر مان تہ واپس رڍن جو ڏڻ چارڻ وڃي رهيو آهيان." هن کي هاڻي ان فيصلي تي ڪا بہ خوشي نہ ٿي محسوس ٿي. هن سڄو سال ان لاءِ محنت ڪئي هئي تہ سندس واپسيءَ جو اهو خواب پورو ٿي سگهي ۽ هاڻ هو گذرندڙ پل سان گڏ ڪيس پنهنجو اهو خواب بلڪل بي معني پئي لڳو، شايد اهو هن جو اصلي خواب ڪو نہ هو.

ڪير ٿو ڄاڻي ... شايد اهو ئي بهتر آهي جيئن شيشي جي تانون جي واپاري ڪيو. ڪڏهن بہ مڪي نہ وڃجي ۽ رڳو وڃڻ جي تمنا دل ۾ رکي زندگي گذاري ڇڏجي. هن پنهنجو پاڻ کي مطمئن ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي سوچيو پر هن کي پوڙهي بادشاهہ جي ڏنل

پٿرن هڪ پيرو وري اٿڇاتل سفر لاءِ پئي اتساهو. اتفاق سان ... يا وري اهو به هڪ اشارو هو جو ڇوڪرو ڇانهه پيئڻ لاءِ ان ساڳي هوٽل ۾ آيو هو، جنهن ۾ پهرين ڏينهن ساٿس اهو نڳ ٽڪريو هو، جيڪو سندس الهه تلهه چٽ ڪري ويو هو.

"مان جڏهن به چاهيان واپس وڃي ريڊارڪو ڪم ڪري سگهان ٿو." ڇوڪري کي اتي وينئي سوچ اچڻ شروع ٿي." پر جيڪڏهن مان هڪ پيرو واپس وريس ته پوءِ مون کي ٻيهر پنهنجي خزاني جي تلاش لاءِ نڪرڻ جو موقعو شايد نه ملي سگهندو. هن پوڙهي شخص گهڻو ڪجهه ڄاتو ٿي. لڳي ٿو هو سچ ڀچ بادشاهه هو، هڪ سياڻو بادشاهه." هڪ پيرو وري خزاني جي ڳولا ۾ نڪرڻ جي خيال هن جي من ۾ عجيب خوشيءَ جي لهر پيدا ڪري ڇڏي.

هي اهو فيصلو ڪري هوٽل مان نڪتو. هن کي ياد آيو ته شيشي جي ٽانون جي دڪان تي هڪڙو واپاري صحرا پار ڪري شيشي جا ٽانو آڻيندو هو. هن کي هڪ پيرو وري آسپاس پوڙهي بادشاهه جي موجودگيءَ جو احساس ٿيو. "جڏهن به ڪوئي پنهنجي منزل ماڻ لاءِ عهد ڪندو آهي ته مان هميشه سندس قريب ئي موجود هوندو آهيان."

☆☆☆

هو انگريز هڪ اهڙي بينچ تي وينو هو جتي جانورن، پيشاب ۽ گند جي ڏپ پئي آئي. اها جاءِ هڪ گدام به هئي ته وتاڻ به. ان انگريز کي اتي وينئي خيال آيو. "مون ڪڏهن سوچيو به نه هو ته ڪو مان ڪڏهن اهڙي بدبودار جاءِ تي به اچي ويهندس. ڏهه سال يونيورسٽي ۾ گذاريا اٿم ۽ اڄ هتي وتاڻ ۾ اچي وينو آهيان." هن هڪ سائنسي رسالي جا پنا اٿلائيندي سوچيو.

هن پنهنجو سفرجاري رکيو. هن کي قدرتي اشارن تي پختو يقين هو. هن پنهنجي سڄي زندگي، سڄو مطالعو ڪائنات جي سڄي زبان سکڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. پهرين هن عالمي زبان اسپيني سکي. پوءِ سمورن مذهبن جو مطالبو ڪيو ۽ هاڻي هو ڏاتن جا خواص مٽائي سون ٺاهڻ ۽ ابدي زندگي جو امرت حاصل ڪرڻ جو علم "ڪيميا" سکي رهيو هو. هن ڪيترن ئي اهم ڳالهين جي سچائي ڄاڻي ورتي هئي، پر هاڻ هو هڪ بند ڳلئ ۾ اچي بيٺو هو، جتان ڪان اڳتي وڌڻ جو رستو هن کي نه ٿي مليو.

هن هڪڙي ڪيمياداں سان رابطو رکيو، پر ڪيمياداں به عجيب ماڻهو هوندا آهن، هو پنهنجو علم ٻئي ڪنهن کي نه ڏيندا آهن. ڪير ٿو ڄاڻي ته اهي لوه کي سون بنائڻ واري " پارس پٿر" (s StonePhilosopher) جو راز معلوم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويا هجن، جنهن ڪري هو پنهنجي ڄاڻ پاڻ تائين محدود رکندا هجن.

هن پنهنجي پيءُ کان مليل ملڪيت جو ڳپل حصو پارس پٿر حاصل ڪرڻ ۾ کپائي ڇڏيو هو، پر ڪيس اجا تائين

ڪاميابي حاصل نہ ٿي هئي. هن دنيا جي بهترين لائبررين ۾ ويهي ڪيميا جو مطالعو ڪيو هو ۽ گڏوگڏ ڪيميا جا ڪيترائي انتهائي اهم ۽ اٽلي نسخا ۽ ڪتاب ڳولي خريد ڪيا هئا.

جن منجهان ڪنهن هڪ ۾ هن پڙهيو هو تہ ڪجهہ سال اڳ هڪ مشهور عرب ڪيميادان يورپ جي دوري تي آيو هو. جنهن لاءِ چيو پئي ويو تہ هن جي عمر ٻہ سو سال هئي۽ هن پارس پٿر ۽ ابدي حيات جو امرت ڳولي لڌو هو. ان انگريز کي اها ڳالهہ بلڪل ڏندڪٿائي محسوس ٿي پر جڏهن ڪيس سندس هڪڙي دوست ٻڌايو تہ عرب صحرا ۾ قديم آثارن جي دريافت دوران واقعي هن جي ملاقات هڪ اهڙي عرب سان ٿي هئي جيڪو غير معمولي طاقتن جو مالڪ هو تہ هن کي ان ڳالهہ تي اعتبار ڪرڻو پيو.

"هو ال فايوم نخلستان ۾ رهي ٿو." سندس دوست ڪيس ٻڌايو. "۽ ماڻهو چون ٿا تہ سندس عمر ٻہ سو سال آهي، ۽ هو ڪنهن بہ ذاتو کي سون ۾ بدلائي سگهي ٿو."

اهو ٻڌي انگريز جو تجسس وڌي ويو. جنهن ڪري هن پنهنجا ٻيا سمورا پروگرام ختم ڪري اُن عرب ڪيميادان سان ملڻ جو فيصلو ڪيو. ضروري ڪتاب ساڻ ڪري هي سفر تي روانو ٿيو ۽ هاڻي هتي هن گدلي گدام ۾ اچي پڙاءُ ڪيو هئائين، جتان ڪان هڪ قافلو صحرا. لاءِ روانو ٿيڻ وارو هو. ان قافلي کي ال فايوم نخلستان منجهان بہ گذرڻو هو.

هڪڙو نوجوان عرب، پنهنجي سامان سڌو اندر داخل ٿيو ۽ اچي ان انگريز کي سلام ڪندي پڇيائين، "اوهين ڪيڏانهن وڃي رهيا آهو؟"

"مان صحرا ڏانهن وڃي رهيو آهيان." انگريز رکو جواب ڏئي ڪتاب پڙهڻ ۾ محو ٿي ويو. هن فضول ڪچهري ۾ وقت وڃائڻ بدران ڪيميا جي اهم ڪتابن جو وري جائزوپئي وٺڻ چاهيو. جو هن ڄاتو پئي تہ ال فايوم نخلستان جو عرب ڪيميادان ضرور ڪانئس ڪيميا جو امتحان ويندو.

عرب نوجوان هڪ ڪتاب ڪڍيو ۽ پڙهڻ لڳو. سندس ڪتاب اسپيني ٻولي ۾ هو. اهو ڏسي انگريز خوش ٿي ويو. ڇو تہ هن کي عربي کان وڌيڪ اسپيني ٻولئ تي مهارت حاصل هئي. هن سوچيو تہ جيڪڏهن هي نوجوان بہ ال فايوم نخلستان تو وڃي تہ پوءِ ساڻس رستي ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندس ۽ سندس اسپيني ڪتاب پڙهندس.

☆☆☆

" نهايت عجيب ڳالهہ آهي". ڇوڪري ڪتاب جو پهريون ورق اٽلائيندي پاڻ سان ڳالهائيندي چيو. "مان ٻن سالن کان هي ڪتاب پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان پر شروعاتي ورقن کان اڳيان نہ تو وڌي سگهان."

هن کي اڃان تائين بہ پنهنجي فيصلي جي درست هجڻ تي شڪ هو، پر هي هڪڙي ڳالهہ ضرور سمجهي ويو

هو تہ فيصلو ڪرڻ ڪنهن شيءُ جي شروعات هوندي آهي. جڏهن به ڪو ٻي فيصلو ڪندو آهي تہ هو پنهنجو پاڻ کي حالتن جي هڪ اهڙي زوردار وهڪري حوالي ڪري ڇڏيندو آهي، جيڪو هن کي اهڙن هنڌن تي پهچائي ڇڏيندو، جتي پهچڻ جو خيال فيصلي ڪرڻ وقت هن جي وهم ۽ گمان ۾ به نہ هوندو آهي.

"جڏهن مان پنهنجي خزاني جي تلاش ۾ نڪتس تہ مون کي خواب ۽ خيال ۾ به نہ هو تہ مان ڪو نڱجي سڀ ڪجهہ وڃائي ويهندس، پوءِ وري هڪ شيشي جي ٿانون جي دڪان تي ويهي سڄو سال ڪم ڪندس." هن جي سوچن جو سلسلو شروع ٿي ويو." ۽ هن قافلي ۾ شريڪ سفر ٿيڻ جو فيصلو تہ منهنجو آهي پر مان نہ تو ڄاڻان تہ هن قافلو جو هي سفر مون کي ڪٿي پڄائيندو." چوڪري پنهنجو ڪتاب بند ڪري ڇڏيو. هن محسوس ڪيو تہ هن نہ ٿي چاهيو تہ هو ڪو اهڙو ڪم ڪري جنهن سان هو انگريز جهڙو لڳي، جيڪو رڳو ڪتابن پڙهڻ ۾ محو هو. چوڪري پنهنجا ٻئي پٽ ڪڍيا ۽ انهن سان کيڏڻ لڳو.

"يورم ۽ ٿمر!" انگريز کان بي اختيار وات مان نڪري ويو.

چوڪري يڪدم اهي ٻئي پٽ ڪيسي ۾ واپس وجهندي چيو." هي وڪڻڻ لاءِ ناهن."

"انهن جو ملهہ به ڪو گهٽو ڪونهي." انگريز به يڪدم وراڻيو."اهي عام پهاڙي شيشي جا نهيل آهن ۽ انهن عام پهاڙي بلورن جي ڏرتيءَ تي ڪا اٿاڻ ناهي. مون کي اها خبر نہ هئي تہ ڏرتيءَ جي هن ٽڪري تي به هي يورم ۽ ٿمر موجود آهن."

"مونکي هي بلور بادشاهہ تحفي ۾ ڏنا آهن." چوڪري کيس ورندي ڏني.

انگريز هن کي ڪو به جواب ڏيڻ بدران پنهنجي ڪيسي مان پڻ اهڙا ساڳيا ٻہ بلور ڪڍيا.

"تو ڇا چيو تہ بادشاهہ توکي هي تحفي ۾ ڏنا آهن!؟"

"ها، توکي اعتبار نہ ايندو تہ ڪو بادشاهہ مون جهڙي عام ريڍار سان به ڳالهائي سگهي ٿو." چوڪري ائين چيو ۽ هن گفتگو ختم پٽي چاهي.

"نہ، اهڙي ڳالهہ ناهي. پهريائين ريڍار ٿي تہ بادشاهہ کي سڃاتو هو، جڏهن تہ باقي دنيا بادشاهہ کي سڃاڻي نہ سگهي هئي. تنهن ڪري ان ۾ ڪائي تعجب جي ڳالهہ ناهي تہ بادشاهہ ريڍارن سان ڳالهون ڪندا آهن."

اهو سوچي تہ چوڪري هن جي ڳالهہ پوريءَ ريت نہ سمجهي هوندي، انگريز وڌيڪ واضح ڪندي چيو تہ" اها ڳالهہ بائيبل ۾ بيان ڪيل آهي تہ حضرت عيسيٰ کي سڀ کان پهريان ريڍارن سڃاتو هو. مون يورم ۽ ٿمر جي باري ۾ بائيبل ۾ ٿي پڙهيو آهي. اهي پٿر تقدس جي نشاني آهن. پادرين جي گلي ۾ پيل سوني مالها ۾هي پٿر پويل هوندا آهن."

اهو ٻڌي چوڪري کي ڏاڍي خوشي

ٿي. هن محسوس ڪيو تہ هو صحيح جاءِ تي پهتو هو."

" ٿي سگهي ٿو تہ اهو هڪ اشارو هجي." انگريز اڃان ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو.

" توکي اشارن جي باري ۾ ڪنهن ٻڌايو آهي؟" انگريز جي ڳالهين ۾ هاڻ ڇوڪري جي دلچسپي هرگهوڙي وڌڻ لڳي هئي.

"زندگيءَ جي هر شيءَ ۾ هڪ اشارو آهي"، انگريز بي ساختہ وراڻيو. انگريزڪي بہ ڳالهين ۾ مزو اچڻ لڳو هو. جنهن ڪري هن بہ پنهنجو ڪتاب بند ڪندي چيو، "هتي زمين تي ڪائناتي زبان جو وجود آهي، جنهن کي هر ڪوئي سمجهي سگهندو هو. پر هاڻي ماڻهن اها ڪائناتي زبان وساري ڇڏي آهي. مان ان ڪائناتي زبان جي تلاش ۾ آهيان. منهنجي هتي اچڻ جو هڪ اهم سبب اهو آهي. مون کي هڪ اهڙي ماڻهو جي تلاش آهي جيڪو اها ڪائناتي زبان ڄاڻي ٿو. اهو هڪ ڪيمياگر آهي."

اوچتو گدام جي مالڪ اچي سندن ڳالهين جو سلسلو ڪٽيندي چيو "اوهين ٻئي خوش قسمت آهو. ال فايوم نخلستان جي لاءِ اڄ ئي قافلو روانو ٿي رهيو آهي."

"پر مون کي تہ مصر وڃڻو آهي،" ڇوڪري بي صبريءَ سان ڳالهائيندي چيو.

"تون ڪهڙي قسم جو عرب آهين؟ توکي اها بہ خبر ناهي تہ ال فايوم نخلستان مصر ۾ آهي." ايئن چئي گدام جو مالڪ اتان هليو ويو.

انگريز ڇوڪري کي مخاطب ٿيندي چيو "اها خوش قسمتيءَ جي نشاني آهي، جيڪڏهن مان انسائيڪلو پيڊيا لکان تہ جيڪر اهو ٻڌايان تہ ڪائناتي زبان ۾ لفظن "قسمت" ۽ "اتفاق" تي مشتمل آهي."

هن ڇوڪري کي ٻڌايو تہ اهو ڪو اتفاق ناهي تہ هو ساڻس انهن ٻن پٿرن يورم ۽ ٿمر معرفت مليو آهي. هن ڪانئس پڇيو تہ ڇا هو بہ ڪنهن ڪيمياگر جي تلاش ۾ نڪتل آهي.

"مان پنهنجي خزاني جي تلاش ۾ نڪتو آهيان،" ڇوڪري جي زبان مان سچ نڪري ويو، جنهن تي ڪيس يڪدم پيچيدگي ٿيڻ لڳو. پر هن ڏنو تہ انگريز سندس خزاني واري ڳالهہ کي ڪائي خاص اهميت نہ ڏني.

"هڪ لحاظ کان، مان بہ پنهنجي خزاني جي تلاش ۾ ئي نڪتو آهيان،"

"مون کي خبر ناهي تہ ڪيميا ڇا آهي؟" ڇوڪري چيو. ايتري ۾ گدام جي مالڪ کين ٻاهر سڏي ورتو. قافلو هلڻ وارو هو.

☆☆☆

"مان هن قافلي جو اڳواڻ آهيان،" هڪڙي گهاٽي وارن واري ماڻهو کين پنهنجو تعارف ڪرائيندي ٻڌايو. سندس اکيون گهريون ڪاريون هون. "منهنجي قافلي ۾ شامل هر مسافر جي زندگي ۽ موت جو اختيار منهنجي هٿ ۾ هوندو

آهي. هي صحرا هڪ من موجي محبوبہ جيان آهي جيڪا ڪڏهن تہ مون کي بلڪل پاڳل ڪري ڇڏيندي اهي."

ان قافلي ۾ ٻہ سو ماڻهو ۽ چار سو جانور هئا. جانورن ۾ اٺ، گهوڙا، خچر ۽ پالتو ڪڪڙ شامل هئا. ماڻهن جي هجوم ۾ عورتون، ٻارڻ مرد هئا جن جي ڪمربدنن ۾ تلوارون ۽ ڪلهن تي بندوقون هيون. قافلي جي سرواڻ سيني جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائيندي ڪين مخاطب ٿيو."

"هتي مختلف قسمن جا ماڻهو موجود آهن. هر ڪنهن جو پنهنجو خدا آهي. پر واحد خدا جنهن ۾ منهنجو ايمان آهي سو الله آهي ۽ مان ان جو قسم کڻي چوان ٿو تہ هڪ پيرو وري ڪاميابيءَ سان صحرا پار ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪجهہ منهنجي وس ۾ هوندو، سو مان ڪندس. هاڻ مان چاهيان ٿو تہ اوهان مان ٻہ هر ڪو پنهنجي ان خدا جو قسم کڻي، جنهن ۾ سندس ايمان آهي تہ اوهين منهنجي حڪمن جي مڪمل پوئواري ڪندا، چاهي پوءِ مان ڪهڙو ٻہ حڪم ڇو نہ ڏيان. صحرا ۾ نافرماني جي معنيٰ موت آهي."

هجوم ۾ ڀڻ ڀڻ شروع ٿي وئي. سيئي مرد توڻي عورتون چپن ۾ پنهنجي خدا جو سونهن کڻي رهيا هئا. ڇوڪري ٻہ يسوع مسيح جو قسم کنيو. پر انگريز بلڪل خاموش رهيو. ڀڻ ڀڻ جو وقفو ڪجهہ طويل ٿي ويو جو ماڻهن قسم کڻڻ کانپوءِ وري حفاظت لاءِ دعاءِ خير ٻہ پئي گهري.

پوءِ بگل وڳو ۽ هر ڪوئي پنهنجي سواريءَ تي چڙهڻ لڳو. ڇوڪري ۽ انگريز اٺ خريد ڪيا هيا، جن جي پٺن تي هو چڙهي ويٺا. ڇوڪري کي انگريز جي اٺ تي قياس پئي آيو جو مٿانهس ايتريون تہ ڪتابن جون پريون پيل هيون جو اٺ ويچارو ان بار سبب هيٺ جهڪي ويو هو.

"اتفاق جو ڪو ٻہ وجود ناهي،" انگريز ڳالهين جو سلسلو اتان کان ئي بحال ڪندي ڳالهائڻ شروع ڪيو، جتي گدام جي مالڪ اچي اهو ٽوڙيو هو." مان هتي آهيان ڇو تہ مون کي منهنجي هڪڙي دوست ٻڌايو تہ هن هڪ اهڙي عرب بابت ٻڌو هو جيڪو ...."

پر قافلي جي هلي پوڻ سبب سندس ڳالهہ وري ٻہ اڌ ۾ رهجي وئي، ڇاڪاڻ تہ هاڻ گوڙ شور جي ڪري هڪبئي جي ڳالهہ ٻڌي سگهڻ ممڪن نہ رهي هئي. ڇوڪري ڇاتو پئي تہ انگريز ڪهڙي ڳالهہ چوڻ پئي چاهي." هڪ پراسرار زنجير آهي جنهن ۾ هر شيءِ ٻيءَ شيءِ سان ڳنڍيل آهي. ان ئي پراسرار زنجير جون ڪجهہ ڪڙيون هيون: سندس ريڍار ٿيڻ، بار بار خواب لهڻ، آفريڪا جي نزديڪ هڪ شهر ۾ پهچڻ، اتي هڪ بادشاهہ سان ملڻ، وري ٽئنجائر پهچي هڪ نڳ هٿان نڳجڻ، شيشي جي ٿانون جي دڪان تي نوڪري ڪرڻ ۽ هاڻي ...

ڇوڪري کي محسوس ٿيو تہ،" انسان جيترو پنهنجي منزل جي ويجهو

پهچي ٿو اوترو ڪيس احساس ٿئي ٿو تہ سندس زندگي جو اصل ڪارج تہ فقط پنهنجي منزل ماڻڻ ئي هوندو آهي."

قافلو اوير طرف مڙيو. صبح جو قافلي تيز وڪون وڌايون هيون ۽ منجهند جو شديد گرميءَ ڪري هڪ هنڌ پڙلاءُ ڪيو. وري جڏهن ٿورو ڏينهن ٿريو تہ قافلو ٻيهر سفر تي روانو ٿيو. ڇوڪري انگريز سان ڪا ٿوري گهٽي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي نہ تہ انگريز پنهنجو گهڻو وقت ڪتاب پڙهڻ ۾ ئي گذاريو.

ڇوڪرو خاموشيءَ سان صحرا ۾ ماڻهن ۽ جانورن جي هلچل ۽ احساسن جو مشاهدو ڪرڻ لڳو. هاڻي قافلي ۾ ابتدا واري گوڙ گهمسان جو ڪو بہ نالو نشان نہ هو. چوطرف سانت لڳي پئي هئي. رڳو هوا جي زوزاٽن ۽ جانورن جي هڻڪارن جا آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا. مسافر تہ نهيو، پر قافلي جا سونهان بہ گهڻو تڻو خاموش هئا.

"مون هي رڻ پٽ ڪيئي پيرا جهاڳيا آهن." هڪڙي اونار رات جو چيو." پر هتي رڻ ايڏو تہ وسيع ۽ ڦهليل آهي جو ان جي سامهون انسان پاڻ کي بنهہ ننڍڙو محسوس ٿو ڪري ۽ ڪيس ائين لڳندو آهي تہ هن صحرا ۾ هن کي بس خاموش رهڻ کپي."

ڇوڪرو جيتوڻيڪ پهريون ڀيرو رڻ جو سفر ڪري رهو هو پر ڪيس لڳو تہ اونار بلڪ سچ چئي رهيو هو. سمنڊ ۽ باهہ جي شڪتيءَ آڏو بہ هو ايئن ئي بلڪل سانت ئي ويندو هو.

"مون رڍن کان بہ سکيو آهي ۽ بلورن کان بہ. مان هاڻ صحرا کان بہ گهڻو ڪجهہ سکي سگهان ٿو. سياڻن جون پراڻيون چوڻيون سچيون آهن." ڇوڪري دل ۾ چيو.

هوا رڪجڻ جو نالو ئي نٿي ورتو. ۽ انهن تيز هوائن ڪيس ٿئريفا جي زوردار هوائن جي ياد تازي ڪرائي ڇڏي. هن کي پنهنجون رڍون بہ ياد آيون، جن کي ڇڏڻ جو هاڻ هن کي ڪو بہ افسوس ڪو نہ هو. هن ڄاتو تي تہ سندس رڍون هاڻي ٻئي ريڍار سان هري ويون هونديون ۽ اها سڻي ڳالهہ هئي. رڍن جهڙي مخلوق جيڪا سدائين سفر ۾ هوندي آهي، سا ڄاڻندي آهي تہ زندگي سدائين روان دوان رهي ٿي. هن کي واپاري جي ڏيءَ بہ ياد آئي. هن سوچيو تہ هاڻ شايد سندس شادي بہ تي چڪي هوندي. شايد ڪنهن بيڪريءَ واري سان يا ٻئي ڪنهن پڙهيل ڳڙهيل ريڍار سان جيڪو هن کي دلچسپ ڪهاڻيون ٻڌائيندو هوندو. دنيا ۾ هو ڪو اڪيلو پڙهيل ڳڙهيل ريڍار تہ ڪو نہ هو. هن کي هن جي وجدان ٻڌايو تہ اونار بلڪل سچ چئي چيو.

هو اها ڪائناتي زبان سکي رهيو هو جنهن جو تعلق ماضي ۽ حال جي سمورن انسانن سان آهي. سندس ماءُ چوندي هئي تہ وجداني احساس انسان کي رونما ٿيڻ وارن واقعن جو ڏس پتو ٻڌائي ڇڏيندا آهن. ڇوڪري هاڻ سمجهڻ شروع ڪيو هو تہ وجدان، زندگي جي ڪائناتي ڌارا ۾ روح جو اوچتو ۽

مڪمل جذب ٿي وڃڻ جو ٻيو نالو آهي. جتي سمورن انسانن جي تاريخ جو تاڃي پيٽو هڪٻئي سان ڳنڍيل آهي. ڇو ته اتي ئي سڀ ڪجهه لڪيل آهي.

"مڪتوب،" ڇوڪري کي شيشي جي ٿانون جو واپاري ياد اچي ويو.

صحرا جا اٿانگا لَڪَ لتاڙيندي، جڏهن صبح جو تارو نظر ايندو آهي ته مسافر سمجهي ويندا آهن ته هاڻي نخلستان نزديڪ آهي.

سندن قافلو هلندو رهيو. انگريز پنهنجي ڪتاب ۾ گم هو. ان جي ابتڙ ڇوڪري کي وري خاموشيءَ سان سفر ڪرڻ ۽ هوائن سان ڳالهائڻ پئي وڻيو. هي آهستي آهستي اٿ ۽ اونار سان به هري مري ويو هو.

هڪڙي رات،باهه جي پرسان ويهي حال احوال ڪندي هن اونار کي پنهنجو داستان پڻ ٻڌايو ۽ اهڙي ئي هڪ ڪچهري ۾ اونار به هن کي پنهنجي حيات جو حال بيان ڪندي ٻڌايو ته "مان ال ڪيئرم (Elcairum) جي ويجهو رهندو هيس. مون کي پنهنجا بهترين ميويدار باغ هئا. منهنجا ٻار سکي زندگي گهاريندا هئا. ايئن لڳندو هو ته اسين مرڻ گهڙيءَ تائين ائين سک سان پيا جيئنداسين. هڪڙي سال، جڏهن فصل تمام پلو ٿيو، ته اسين سڀ مڪي شريف وياسين ۽ ائين منهنجي آخري اٿپوري خواهش به پوري ٿي وئي. مون سوچيو ته هاڻي مان خوشيءَ سان مري سگهان ٿو ۽ ان احساس مون کي بلڪل مطمئن ڪري ڇڏيو.۽

" هڪ ڏينهن ڏرتي ڏڏي ۽ نيل ندي اتلي پئي. ائين جيتوڻيڪ گهڻو اڳ ٿي چڪو هو، پر مان ائين سمجهندو هوس ته اهو اڳ ٻين سان ٿيوءَ آهي مونسان ائين نه ٿيندو. ٻوڏ آئي ته منهنجا پاڙيسرين کي ڊپ لڳو ته سندن ،سمورا زيتون جا وڻ تباهه ٿي ويندا. منهنجي زال کي اچي خوف ورايو ته ڪٿي اسان پنهنجا ٻار نه وڃائي ويهون. مون کي لڳو ته بس هاڻ سڀ ڪجهه تباهه ٿي ويو.۽

"اسان جي سڄي زمين تباهه ٿي وئي، جنهن ڪري گذر سفر لاءِ مون کي ٻيا ذريعا ڳولڻا پيا. ائين پٽڪندي پٽڪندي مان اونار ٻڌجي ويس."

"اسان کي سدائين اهو خوف هوندو آهي ته جيڪي ڪجهه اسان وٽ آهي، پوءِ اها زندگي هجي يا ڪا ملڪيت، ڪٿي اسين اها وڃائي نه ويهون. پر جڏهن اسين ڄاڻي وٺندا آهون ته اسان جي زندگي جي ڪهاڻي توڙي دنيا جي تاريخ انهيءَ ساڳي هٿ جي لڪيل آهي ته پوءِ اسان جو خوف ختم ٿي ويندو آهي."

ڪڏهن ڪڏهن انهن جي ملاقات ڪنهن ٻئي قافلي سان به ٿي ويندي هئي ۽ هر قافلي وٽ ضرور اهڙي شيءَ هوندي هئي، جنهن جي ٻئي قافلي کي ضرورت هوندي هئي . ايئن لڳندو هو ته هر شيءَ هڪ ئي هٿ جي لڪيل آهي. اهي قافلا جڏهن باهه جي چوڌاري ويهندا هئا ته ٻنهي قافلن جا اونار هڪٻئي سان اوپاريون لهواريون ڪندا هئا، هڪٻئي

کي هوائن جو حال پيا سڏائيندا هئا ۽ صحرا جا داستان ٻڌائيندا هئا.

سفر دوران، ڪن جاين تي ڪين هڪڙا پراسرار نقاب پوش اچي ملندا هئا. اهي بدوي عرب هوندا هئا، جيڪي قافلي جي وات لاءِ اڳواٽ جاسوسي ۽ چوڪيداري پيا ڪندا هئا. اهي ڦورن، ڦڙن ۽ اوچتو حملا آور وحشي قبيلن بابت پيا خبردار ڪندا هئا. اهي بدو خاموشيءَ سان ايندا هئا ۽ ساڳئي ئي رستي سان موٽي ويندا هئا. ڪين سڄي ڪاري پوشاڪ پهريل هوندي هئي جنهن مان رڳو سندن اکيون نظر ايندیون هيون. هڪڙي رات، هڪ اونٽار، انگريز ۽ چوڪري جي پر ۾ ويهي ڪين ٻڌايو ته "ٻڌڻ ۾ پيو اچي ته قبائلي جنگيون شروع ٿي ويون آهن."

چوڌاري بلڪل سانت ٿي وئي. چوڪري کي لڳو ته چوڌاري هوائن ۾ به خوف جي لهر ڊوڙي وئي هئي. حالانڪ ڪنهن کو لفظ به نه ڳالهايو هو. هڪ پيرو وري هن کي ان زبان جو تجربو ٿي رهيو هو، جيڪا لفظن جي محتاج نه هوندي آهي، يعني ڪائناتي زبان.

انگريز اونٽار کان پڇيو ته ڇا هو خطري ۾ هئا؟

"صحرا ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ واپسيءَ جو ڪو به رستو نه هوندو آهي. اوهان کي فقط اڳتي وڌڻ جي سڀ کان محفوظ ۽ بهتر راهه ڳولڻي هوندي آهي. باقي سڀ ڪجهه الله جي هٿ ۾ آهي. جوڪر مان جان بچائڻ به."

۽ هن به پنهنجي ڳالهه جي پڇاڻي ساڳئي پراسرار لفظ سان ڪئي: "مڪتوب."

جڏهن اونٽار اتان اٿي ويو ته چوڪري انگريز کي چيو"تون ڪتابن کان وڌيڪ صحرا ۽ قافلي جو مطالعو ڪر. اسين جيتوڻيڪ پنهنجون پنهنجون واٽون ڳوليندا آهيون، پر دراصل سڀ هڪ ئي منزل جا راهي هوندا آهيون."

انگريزڪي هن جي ڳالهه نه وٺي ۽ هن ڪيس يڪدم ورندي ڏني، "تون وري ڪجهه ڪتابن جو به مطالعو ڪندو ڪر. ڪائنات کي سمجهڻ جي سفر ۾ اهي ڪنهن قافلي جيان هوندا آهن، جنهن کان سواءِ به زندگيءَ جي صحرا پار ڪرڻ ممڪن نه هوندي آهي."

☆☆☆

قافلي پنهنجي سفر جي رفتار تيزڪري ڇڏي هئي. ڏينهن جو ته هونئن ئي ماڻار جو راڄ هوندو هو، پر هاڻي راتيون به خاموش ٿي ويون هيون. قافلي جي سرواڻ حڪم ڏنو ته رات جو باهه به نه ٻاري وڃي ته جيئن ڪنهن جو به ڏانهن ڌيان نه ڇڪجي. قافلي وارا هاڻي چوڌاري جانورن جو گهيرو ٺاهي پاڻ وچ ۾ سمهڻ لڳا ۽ ڪجهه هٿياربند پهرو ڏيندا هئا.

هڪڙي رات انگريز کي نند نه آئي. هن آهستي سان چوڪري کي سڏيو. هو به جاڳيو پئي. ٻئي ڇٽا اٿي پرسان واري پٽ تي وڃي ويٺا. چاندوڪي رات هئي ۽ ڪين ڳالهين ۾ ڏاڍو مزو پئي آيو.

چوڪري انگريز کي پنهنجي زندگيءَ جو سڄو داستان ٻڌائڻ شروع ڪيو.

انگريز کي ان ڳالهه خصوصن حيران ڪري ڇڏيو تہ ڇوڪري جڏهن شيشي جي ٿانون جي دڪان تي ڪم شروع ڪيو تہ دڪان ترقي ڪرڻ لڳو هو. هن ڪيس ٻڌايو، "اهو اصول ڪائنات ۾ سيني شين تي لاڳو ٿئي ٿو. ڪيميا ۾ ان کي "ڪائنات جو روح" سڏيو ويندو آهي. جڏهن اوهين دل جي سورين سچاين سان ڪا شيءَ چاهيندا آهيو، تڏهن اوهين ان ڪائناتي روح جي بلڪل قريب پهچي ويندا آهيو ۽ اهو ڪائناتي روح هڪ ابدي چڱائي جي شڪتي آهي. هن جو دائرو ڪار فقط انساني زندگي تائين محدود ناهي، بلڪل هي سيني لاءِ "رحمت ڀريو تحفو" آهي. هن ڌرتيءَ تي جيڪي ڪجهه موجود آهي يعني ٻوٽن ۽ جانورن سميت هر قسم جي حياتيات توڙي معدنيات، هر شيءَ ۾ روح هوندو آهي. . ۽ نہ رڳو ايترو پر اسان جون عام سوچون بہ روح کان خالي نہ هونديون آهن."

"ڌرتي تي موجود هر شيءَ مسلسل تبديليءَ جي عمل مان گذري رهي آهي ڇو تہ ڌرتي زنده آهي... ۽ ڌرتي منجهه بہ روح آهي. اسين ان روح جو جُزُ آهون، جنهن ڪري اسين اهو نہ سمجهي سگهندا آهون تہ اهو روح اسان لاءِ ڪم ڪندو رهي ٿو. پر شيشي جي ٿانون جي دڪان تي ڪم ڪندي تو اهو محسوس ڪري ورتو هوندو تہ شيشي جا ٿانو بہ تنهنجو ساٿ ڏئي رهيا هئا."

ڇوڪري ڪن پل لاءِ ان تي سوچيو ۽ صحرا جي وارياسي پٽ تي هڪ نهار وجهي چيو، "هن صحرا کي پار ڪندي مون قافلي جو پئي مشاهدو ڪيو. هي قافلو ۽ صحرا ساڳي ئي ٻولي ڳالهائين ٿا ۽ اهو ئي سبب آهي جو هي صحرا قافلي کي گذرڻ جي اجازت ڏئي ٿو. هي رڻ بہ قافلي جي هر قدم کي تڪي توري رهيو آهي تہ اهو وقت سان هم آهنگ آهي يا نہ. ۽ جيڪڏهن سندس قدم وقت سان هم آهنگ رهيا تہ قافلو نخلستان پهچي ويندو.۽

"جيڪڏهن اسان ٻنهي مان ڪو هڪ بہ اها ڪائنات جي زبان نہ سمجهي سگهندو هجي ها تہ پوءِ پل اسان ۾ ڪيڏي بہ همٿ ڇو نہ هجي ها اسان جو سفر ائين آسان نہ گذري ها.۽

" اهو اشارن جو جادو آهي. مون سڄي سفر دوران ڏٺو آهي تہ ڪيئن قافلي جا سونهان رڻ جا اشارا پڙهي وٺن ٿا ۽ ڪيئن قافلي جو روح، رڻ جي روح سان رهاڻ ڪري ٿو."

انگريز کي ڇوڪري جي ڳالهه دل سان لڳي ۽ هن بي اختيار اعتراف ڪندي چيو، "ها، اهو بهتر ٿيندو تہ مان بہ قافلي تي ڌيان ڌريان."

"۽ منهنجي لاءِ بہ اهو بهتر رهندو تہ مان ڪجهه تنهنجي ڪتابن منجهان پرايان." ڇوڪري بہ پنهنجي دل جي ڳالهه چئي ڇڏي.

☆☆☆

اهي عجيب ڪتاب هئا. انهن ۾ ياري ۽ لوڻ، ديون ۽ بادشاهن وغيره جو ڪجهه اهڙي طرح ذڪر هو، جيڪو ڇوڪري کي بنهه سمجهه ۾ نه آيو. پر سمورن ڪتابن ۾ هڪڙو ئي خيال سمايل هو ته سورين شيون، هڪ ئي شيءَ جو مظهر آهن.

انهن منجهان هڪڙي ڪتاب ۾ لکيل هو ته ڪيميا جي ادب جو اهم ترين مواد فقط چئن سٽن ۾ لکيل آهي جيڪو هڪڙي زمرد تي تحرير ٿيل آهي.

انگريز به وڏي فخر سان ان ڳالهه جي تصديق ڪئي، "ها، فقط هڪڙي زمرد تي ڪيميا جو اهم راز تحرير ٿيل آهي."

"جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ باقي هنن ڪتابن پڙهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟" ڇوڪري معصوميت منجهان ڪانئس پڇيو.

"زمرد تي لکيل انهن چند سٽن کي سمجهڻ لاءِ هي سڀ ڪتاب آهن."

ڇوڪري کي سڀ کان دلچسپ ڪتاب اهو لڳو جنهن ۾ مشهور ڪيمياگرن جون ڪهاڻيون بيان ڪيل هون. هي اهي ماڻهو هئا جن پنهنجون سموريون حياتيون لئبارٽرين ۾ ذاتن کي ذاتن کان پاڪ ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏيون هيون. هن کي يقين هو ته جيڪڏهن ڪنهن ذاتو کي ڪيترن سالن تائين مسلسل گرمائي، سندن سمورين انفرادي خصوصيتن کان پاڪ ڪبو ته باقي جيڪي بچندو، اهو ئي ڪائنات جو روح هوندو. ان ڪائنات جي روح ئي ڪين ذرتي تي موجود هر شيءَ جي حقيقت بابت آگاهي ٿي ڏني. ڇاڪاڻ ته اهائي زبان آهي جنهن سان سمورين شين جو اظهار ٿئي ٿو. هو ان دريافت کي ۽ شاهڪارءِ قرار ڏين ٿا ۽ اهو ۽ شاهڪارءِ ڪجهه پاڻيائو آهي ۽ ڪجهه نهرو.

"ان زبان کيس سمجهڻ لاءِ ڇا ماڻهن ۽ نشانين جو مشاهدو ڪرڻ ڪافي ناهي؟" ڇوڪري کانئس پڇيو.

"اسان ۾ هر شيءَ کي آسان بڻائڻ جي عادت پيل آهي،" انگريز ٽورو ڇڙ مان ورندي ڏني. "ڪيميا هڪ سنجيده علمي ضابطو هو."

هن ڇوڪري کي ٻڌايو ته شاهڪار جو پاڻيائو حصو آب حيات سڏجي ٿو، جيڪو سمورين بيمارين جوعلاج آهي. اهو آب حيات ئي ڪيمياگرن کي پوڙهائپ کان بچائي ٿو. ڪيميا جي شاهڪار جو نهرو حصو پارس پٿر سڏجي ٿو.

"پارس پٿر ڳولڻ ڪو آسان ڪم ناهي.ڪيمياگر ڪيترائي سال لئبارٽرين ۾ ويهي ذاتن کي باهه سان پاڪ صاف ڪرڻ جو ڪم ڪندا آهن. ائين ڪندي ڪين دنيا جي سمورين آسائشن تان هٿ کڻڻو پوندو آهي. هو باهه جي ايترو ته قريب ٿي ويندا آهن جو ذاتن سان گڏ هو به پگهرجي پاڪ ٿي ويندا آهن."

ڇوڪري کي شيشي جي ٽانون جو وايارى ياد آيو جنهن کيس چيو هو ته "شيشي جي ٽانون کي صاف ڪرڻ سان

تنهنجي ذهن مان بہ منفي سوچن جي صفائي ٿي ويندي." ڇوڪري کي محسوس ٿيو تہ ڪيميا جو علم روزمرہ جي زندگي منجهان بہ سکي سگهجي ٿو.

"پارس پٿر ۾ هڪڙي ٻي بہ حيرت انگيز خوبي آهي. پٿر جو ذرو ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي وڏي ڍڳ کي سون ۾ بدلائي سگهي ٿو."

اهو ٻڌڻ کان پوءِ ڇوڪري جي ڪيميا ۾ دلچسپي اڃان وڌي وئي. هن سوچيو ٿوري وڌيڪ محنت ۽ صبر سان هو هر شيءَ کي سون ۾ بدلائڻ جي قابل ٿي ويندو. هن انهن ماڻهن جي باري ۾ پڙهڻ شروع ڪيو جيڪي ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا:هيلويٽئس، ايليئاس، فوليئنيلي ۽ گيبر(Fuleanel- ،Elias ،etiusHelv li and Geber).انهن جي زندگي جون ڪهاڻيون حيرت انگيز هون. انهن مان هر هڪ جي زندگي پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ وقف ٿيل هئي ۽ هنن توڙ تائين نٿايو. هنن مسافري ڪئي. ڏاهن ماڻهن سان مليا، معجزا سرانجام ڏنا ۽ آب حيات ۽ پارس پٿر حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

پر ڇوڪري جڏهن شاهڪار کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيميا سکڻ شروع ڪيو تہ بنهہ پريشان ٿي ويو. هنن ڪتابن منجهہ تہ اهڙيون تصويرون، نقش، مخفي هدايتون ۽ مبهم عبارتون هيون جو سندس مٿو چڪرائجي ويو.

☆☆☆

"هو شين کي ايترو پيچيده ڇو بڻائين ٿا؟" آخرڪار ڇوڪري کان رهيو نہ ٿيو ۽ هن انگريزڪان پڇيو.

" ان جو سبب اهو آهي تہ جيئن هن ڪم ۾ فقط اهي ئي ماڻهو هٿ وجهن جن تي اها ذميواري رکي وئي آهي. اهي ئي هن علم کي سمجهي بہ سگهندا. جيڪڏهن هر ڪو ئي شين کي سون ۾ بدلائڻ لڳي تہ سون جو ڪو ملهہ ئي نہ رهندو. هن ڪم ۾ فقط اهي ڪامياب ٿي سگهن ٿا، جيڪي ثابت قدمي ۽ دلجمعي سان شين جي گهرائي تائين پهچندا. فقط انهن مان ئي ڪي ڪيميا جو شاهڪار ماڻي سگهن ٿا."

"هي ڪتاب ڪڏهن جا لکيل آهن؟"

"ڪيئي صديون اڳ جا."

"ان زماني ۾ پرنٽنگ پريس جو ڪو وجود ڪو نہ هو تنهن ڪري ان وقت اهي ڪتاب هونئن بہ ايترو عام نہ ٿيا هوندا ۽ پوءِ بہ هنن هن علم ڪيميا کي ايترو پيچيده بڻائي ڇڏيو هو؟" ڇوڪري سوال ڪيو.

انگريز سندس سوال جو ڪو جواب نہ ڏنو ۽ گفتگو جو موضوع بدلائيندي ڇوڪري کي ٻڌايو تہ هو ڪجهہ ڏينهن کان قافلي جو چٽي ريت مشاهدو ڪري رهيو هو، پر اڃان ڪيس ڪا بہ نئين ڳالهہ محسوس نہ ٿي هئي. باقي هن صرف اها ڳالهہ محسوس ڪئي هئي تہ قافلي وارن جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ جنگ جو ذڪر وڌندو پئي ويو.

☆☆☆

پوءِ هڪ ڏينهن ڇوڪري انگريز کي ان جا ڪتاب موٽائي ڏنا.

"تو انهن منجهان ڪجهه پرايو؟" انگريز کانئس پڇيو.

"مون انهن منجهان اهو سکيو آهي تہ ڪائنات جو هڪ روح آهي ۽ جنهن ماڻهوءَ جي ان روح تائين رسائي ٿئي ٿي، اهو شين جي زبان بہ سمجهي وٺي ٿو. مون ڄاتوآهي تہ ڪيترائي ڪيمياگر پنهنجي منزل ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن ۽ انهن ڪائنات جو روح، پارس پٿر ۽ آب حيات ماڻي ورتو هو پر سڀ کان وڌيڪ اهم اهو آهي تہ هي سڀ ڳالهون ايتريون تہ سڌيون سادين آهن جو انهن کي هڪڙي زمرد تي بہ تحرير ڪري سگهجي ٿو."

اهو ٻڌي انگريز ڏاڍو مايوس ٿيو. صدين جي تحقيق، جادوئي علامتن، پراسرار لفظن ۽ لٽبارٽرين جي تجربن جي داستانن منجهان ڪنهن بہ ڳالهہ ڇوڪري کي ڪو خاص متاثر نہ ڪيو هو. انگريز سوچيو تہ هن ڇوڪري جو روح اڃان ان قابل ئي نہ ٿيو آهي جو هنن شين کي سمجهي سگهي. انگريز پنهنجا ڪتاب واپس ٿيلهي ۾ وجهي ڇڏيا ۽ ڇوڪري کي چيو "بهتر آهي تہ تون قافلي جو ئي مطالعو ڪندو رهہ. تو کي ان جي مطالعي مان ڪجهہ حاصل نہ ٿيو آهي."

ڇوڪرو هڪ ڀيرو وري صحرا جي سانت ۾ گم ٿي ويو ۽ خيال آيس تہ" هر ڪنهن جي سکڻ جو پنهنجو طريقو آهي. هن انگريز جو طريقو اهو ساڳيو نہ ٿو ٿي سگهي، جيڪو منهنجو آهي ۽ نہ ئي مان سندس طريقي تي هلندي ڪجهہ سکي سگهان ٿو. پر اسين ٻئي پنهنجي پنهنجي منزل جي تلاش ۾ ضرور آهيون ۽ مون کي هن لاءِ بي حد احترام آهي."

☆☆☆

قافلي ڏينهن رات سفر ڪرڻ شروع ڪيو. هاڻي نقاب پوش بدوي عرب ڪجهہ جلدي جلدي ظاهر ٿي رهيا هئا.اونار، جنهن جي ڇوڪري سان دوستي ٿي وئي هئي، ڪيس ٻڌايو تہ قبيلن جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي چڪي هئي ۽ جيڪڏهن هو صبح تائين نخلستان پهچي ويندا تہ اها سندن وڏي خوشقسمتي هوندي.

ڏينهن رات سفر سبب جانور بہ ڏاڍو ٿڪجي پيا هئا ۽ قافلي ۾ بہ خوف جا آثار وڌندا پئي ويا. رات جي سانت ۾ هونئن جڏهن اٿن جي ڪنجهڪار فقط ڪنجهڪار ئي هوندي هئي سا هاڻ ڇڻ حملي جو سائرن پائنڊجڻ لڳي. اونار ائين پئي ماڻهن کي محسوس ڪرايو تہ ڇٽڪ ڪين جنگ جي خطري جي ڪا خاص پرواهہ نہ هجي.

"مان زندهہ آهيان،" هو ڪجور ڪائيندي ڇوڪري سان مخاطب ٿيو. اها هڪ اونداهي رات هئي ۽ هنن ڪا باهہ بہ نہ ٻاري هئي، "جڏهن مان ڪائيندو آهيان تہ فقط ان متعلق ئي سوچيندو آهيان. جڏهن سفر ڪندو آهيان تہ منهنجو سمورو ڌيان سفر تي هوندو آهي ۽ جيڪڏهن مون

نُي وڙهڻو پيو تہ ايئن وڙهندس، چٽڪ اهو منهنجي زندگيءَ جو آخري ڏينهن هجي.

"چاڪاڻ تہ مان نہ ماضيءَ ۾ جيئندو آهيان ۽ نہ مستقبل ۾. مان فقط حال ۾ جيئندو آهيان. جيڪڏهن تون حال ۾ جيئندين تہ خوش گذاريندين. توکي نظر ايندو تہ هن صحرا ۾ بہ زندگي آهي، آسمان ۾ تارا آهن ۽ هي قبيلا پاڻ ۾ ان ڪري تا وڙهن جو اهي انساني نسل جو حصو آهن. جيڪڏهن تون حال ۾ جيئندين تہ زندگي تنهنجي لاءِ هڪ پرلطف دعوت بڻجي ويندي. هڪ شاندار جشن. ۽ تہ زندگي بس اهو ئي پلُ آهي جنهن ۾ اسين زنده آهيون."

ٻن راتين کانپوءِ، هو جڏهن اڃان سمهڻ جي تياري ڪري رهيا هئا تہ ڇوڪري ان تاري کي ڳولڻ شروع ڪيو جنهن جي انتظار ۾ هو هر رات آسمان ڏانهن واجهائيندا هئا. ڇوڪري کي محسوس ٿيو تہ افق جو منظر ڪجهہ هيٺ ڀرو ٿي ويو هو. هن کي ائين ٿي لڳو جڻ ستارا صحرا ۾ لهي آيا هجن.

"اها نخلستان جي نشاني آهي." اوٺار ڇوڪري کي خوشخبري ٻڌائيندي چيو.

"پوءِ اسين اوڏانهن ڇو نہ تا هلون؟" ڇوڪري اتاولو ٿيندي پڇيو.

"ڇو تہ اسان کي ننڊ ڪرڻي آهي."

☆☆☆

سج اڀرندي ئي ڇوڪري جي اک کلي وئي. سندس نظر ڪجين جي وڻن جي اٽڪڻ قطارن تي پئي. هاڻي صحرا ۾ ستارن بدران هر طرف ڪجين جا وڻ نظر آيا.

" اسين پهچي وياسين!" انگريز حيرت گاڏڙ خوشيءَ وچان چيو.

پر ڇوڪرو بلڪل خاموش رهو. سندس وجود صحرا جي سانت ۾ سمائجي ويو هو. هن خاموشيءَ سان وڻن ڏانهن پئي نهاريو.سندس منزل اڃان اڳتي هئي.ڪيس مصر جي اهرامن تائين پهچڻو هو ۽ ڪنهن ڏينهن ڪان پوءِ اڄوڪي صبح بہ هڪ ياد بڻجي ويندي. موجود پل ۾ رهي ان کي ماڻڻ، ان ۾ جيئڻ ئي چاهيو. جيتوڻيڪ هي ڪجين جي وڻن جون قطارن بہ ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ فقط هڪ ياد ئي وڃي رهنديون، پر هن پل ۾ اهي ڪجيون نخلستان جي خوشخبري ڪٽي آيون هون جتي ڪين آرام، ڪاڏو، پاڻي ۽ جنگ کان تحفظ ملي ٿي سگهيو. ڪالهہ اٿن جي جهنجهڪار جنگ جي خوف کي ٿي اپاريو ۽ هاڻي وري ڪجين جون قطارون ڪنهن معجزي جي رونما ٿيڻ جا ڏس ٻڌائي رهيون هيون.

"ڪائنات گهڻيون ئي ٻوليون ڳالهائي ٿي." ڇوڪري سوچيو.

☆☆☆

" وقت گذري وڃي ٿو، حال ماضي بڻجي ٿو وڃي ۽ ائين ئي قافلا بہ گذري تا وڃن"، ڪيمياگر سوچيو. هن ڏٺو تہ سوين ماڻهو ۽ جانور نخلستان ۾ داخل ٿي رهيا هئا. نخلستان جي ماڻهن رڙيون

ڪري ڪين دڳ تي ٻڌايو. ڊوڙندڙ جانورن جي پيرن جي ڪري اٿندڙ دز سڄي فضا ۾ ڇانئجي وئي هئي ۽ نخلستان جا ٻار جوش ۽ تجسس سان اجنبين جي آجيان ڪري رهيا هئا. ڪيمياگر ڏٺو ته نخلستان جي قبائلي چڱن مڙسن، قافلي جي اڳواڻ کي ڪيڪاريو ۽ ڪافي وقت ساڻس حال احوال اوريو.

پر ڪيمياگر جو انهن ڳالهين سان ڪو به واسطو نه هو. هن ڪيترن ئي قافلن کي ائين ايندي ۽ ويندي ڏٺو هو. هن بادشاهن ۽ بڪارين کي صحرا جي واري لتاڙيندي ڏٺو هو. وارياسون پٽون هوا جي زور تي مسلسل تبديل ٿينديون آهن پر واري ته اها ساڳي ئي هوندي آهي جيڪا هو ننڍپڻ کان ڏسندو پئي آيو. هي سدائين اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو هو ته ڪيئن نه مسافرن جا چهرا، هفتن جا هفتا مسلسل صحرا جي پيلاڻ ۽ آسمان جي نيراڻ ڏسڻ کانپوءِ ڪجين جي ساواڻ ڏسي خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳندا هئا. هن سوچيو ته شايد خدا صحرا کي ان لاءِ خلقيو آهي ته جيئن انسان کي ڪجيءَ جي وڻن جو قدر ٿئي.

ڪيمياگر سوچيو ته هن کي هاڻي پنهنجي ڪم ڏانهن ڌيان ڏيڻ کپي. هن ڄاتو ٿي ته هن قافلي ۾ هڪ اهڙو مسافر به آهي جيڪو هن کان ڪيميا جا ڪجهه راز پروڙيندو. هن کي اهڙا اشارا ملي چڪا هئا. هن ايان ان ماڻهو کي نه ڏٺو هو، پر هو جڏهن به ظاهر ٿيندو ته ڪيمياگر جون تجربيڪار اکيون ڪيس سڃاڻي وٺنديون. هن کي اميد هئي ته هو به سندس اڳئين شاگرد وانگر باصلاحيت هوندو. هي پنهنجي سوچن ۾ گم ٿي ويو، " خبر ناهي ته ڳالهين کي وات مان نڪرندڙ لفظن ذريعي ڇو ٿو ظاهر ڪرڻو پوي. ائين به ناهي ته ڪو اهي مخفي آهن. خدا ته پنهنجا راز آسانيءَ سان پنهنجي سوري مخلوق تي منڪشف ڪري ٿو.۽ هن حقيقت جي ڪيمياگر وٽ فقط هڪ ئي سمجهاڻي هئي ته شين کي اهڙيءَ ريت ظاهر ڪيو وڃي ٿو جو اهي پاڪ ۽ صاف زندگيءَ جي ڪک مان جنم وٺن ٿيون ۽ ان قسم جي زندگيءَ کي تصويرن ۽ لفظن ذريعي نه ٿو ماڻي سگهجي.

" پر دنيا جا ماڻهو ته لفظن ۽ تصويرن ۾ اهڙو موهجي ويا آهن جو هنن ڪائناتي زبان به وساري ڇڏي آهي."

☆☆☆

ڇوڪري کي پنهنجي اکين تي اعتبار ئي نه پئي آيو. هن سمجهيو هو ته نخلستان ڪجهه ڪجين سان گهيريل ڪو ننڍو ڳوٺڙو هوندو، جنهن جي تصوير هن هڪ جاگرافي جي ڪتاب ۾ ڏٺي هئي. پر هيءُ نخلستان اسپين جي ڪيترن ئي شهرن کان وڏو هو. هن نخلستان ۾ ٽي سو کوهه، پنجاهه هزار ڪجين جا وڻ ۽ بي شمار خيما هئا.

انگريز کان به بي ساخته دانهن نڪري وئي ته هي ته الف ليلي وارو منظر ٿو لڳي. انگريز ڪيميا گر سان ملڻ لاءِ اتاولو هو. قافلي وارن کي چوڌاري ٻار

وکوڙي ويا هئا. وڏا کانئن پڇڻ لڳا ته هنن ڪٿي ويڙهه هلندي ته نه ڏٺي. عورتون واپارين کان نون ڪپڙن ۽ موتين زيورن وغيره جي باري ۾ پڇڻ لڳي ويون. صحرا جي سانت جو هاڻ ڪٿي به ڪو نالو نشان ڪو نه بچيو هو. قافلي جا ماڻهو زور زور سان ڳالهائڻ ۽ ٺهڪن ڏيڻ ۾ لڳا پيا هئا. ائين ٿي لڳو ته جڻ هو ڪنهن روحاني دنيا مان نڪري وري ٻيهر پاڻ جهڙن انسانن جي دنيا ۾ پهچي ويا هئا.

هتي پهچي هنن کي خوشي ۽ آرام پئي محسوس ٿيو. ... جو هاڻ هو جنگ جي خطري کان محفوظ هئا. اوڻار، سفر دوران ڇوڪري کي ٻڌايو هو ته صحرا ۾ نخلستان تي ڪير به حملو نه ڪندو آهي جو اتي گهڻو ٿڻو عورتون ۽ ٻار هوندا آهن. مرد صحرا ۾ ويڙهه ڪندا آهن ۽ لڙائي ختم ٿيندي ئي اچي نخلستان ۾ پناهه وٺندا آهن.

وڏي مشڪل سان قافلي جي اڳواڻ سيني مسافرن کي وري هڪ هنڌ گڏ ڪيو ۽ ڪين هدايتون ڏنيون. هن ڪين ٻڌايو ته جيستائين قبائلين جو جهيڙو ختم نه ٿو ٿئي تيستائين ڪين هن نخلستان ۾ رهڻو پوندو ۽ جيئن ته قافلي وارا اتي مهمان هئا، ان ڪري هتان جا رهواسي ڪين پنهنجين جاين ۽ اوطاقن ۾ رهائيندا. هن پوءِ قافلي جي سمورن هٿياربند ويڙهن کي حڪم ڏنو ته اهي پنهنجا هٿيار هتان جي چڱن مڙسن جي حوالي ڪن. سندن حفاظت هاڻ انهن جو ذمو آهي.

قافلي جي اڳواڻ وضاحت ڪندي چيو، اهو هتي جي جنگ جو قانون آهي، ڇو ته نخلستان ورا ڪنهن جي به فوج يا هٿياربندن کي پناهه نه ڏيندا آهن، ڇو ته نخلستان هڪ غير جانبدار علائقوهوندو آهي.۽

ڇوڪرو اهو ڏسي حيران ٿي ويو ته انگريز به پنهنجي سامان مان هڪ پسٽل ڪڍي چڱن مڙسن جي حوالي ڪري ڇڏيو.

" تو هي پسٽل ڇو رکيو آهي؟" ڇوڪري کانئس حيرت منجهان پڇيو.

"ماڻهن تي ڀروسو ڪرڻ ۾ هن منهنجي مدد ڪئي آهي." انگريز وراڻيو.

ڇوڪري کي هڪ ڀيرو وري پنهنجو خزانو ياد آيو. هو جيترو پنهنجي خواب جي تعبير جي ويجهو پهچي رهيو هو اوترو معاملا وڌيڪ ڳنڀير ۽ پيچيده ٿيندا پئي ويا. هن کي محسوس ٿيو ته پوڙهي بادشاهه جنهن ابتدائي خوشقسمتي جي ڳالهه ڪئي هئي تنهن جو هاڻ ڪٿي به ڪو نالو نشان نه هو. هن کي لڳو پئي ته کانئس مسلسل سندس مستقل مزاجي ۽ همت جو امتحان ورتو پئي ويو. هن سوچيو، ڪيس نه تڪڙ ڪرڻي آهي ۽ نه ٻي صبري جو مظاهرو. جيڪڏهن آئون اڀهرو ٿي اڳتي وڌندس ته اهي اشارا ۽ نشانيون ڏسي نه سگهندس جيڪي خدا سندس رهنمائيءَ خاطر رستي ۾ رکيون آهن.۽

" خدا اهي نشانيون منهنجي راه ۾

رکيون آهن.۽ چوڪري کي پنهنجي ان سوچ تي ڪجهه حيرت لڳي. هيسيتائين هي ائين سمجهندو هو ته اهي نشانيون هن دنيا جون ئي شيون آهن جهڙوڪ ڪائڻ پيئڻ، سمهڻ، پيار ڪرڻ، روزگار ڪرڻ وغيره. هن ڪڏهن به انهن نشانين کي خدا جي زبان طور نه ورتو هو. هن کي ڪڏهن به ائين نه لڳو هو ته ڪو خدا هنن نشانين رستي ڪيس ٻڌائيندو ته هاڻي هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي.

"بي صبرو نه ٿي." هن پنهنجو پاڻ کي چيو، "اونار جي چواٽي ته ڪائڻ جي وقت کاءُ ۽ هلڻ جي مهل اچي ته اٿي هل."

☆☆☆

اهو پهريون ڏينهن هو ۽ سيني کي سفر جي ٿڪاوٽ سبب جلدي نند اچي وئي. چوڪري کي سندس دوست انگريز کان الڳ هڪ خيمي ۾ رهائش مليل هئي، جنهن ۾ سندس ئي عمرجا پنج نوجوان ساٿس گڏ هئا. اهي رڻ جا رهواسي هئا ۽ هنن چوڪري کان شهرن جا حوال وٺڻ شروع ڪيا.

چوڪري کين پنهنجي ريڊارڪي زندگي جا احوال ڏئي، اڃان شيشي جي ٿانون واري واپاري جي ڪهاڻي شروع ڪرڻ وارو هو ته انگريز اتي اچي پهتو. هو کيس ٻاهر وٺي ويو.

"مان صبح کان وٺي توکي ڳولي رهيو آهيان. اڄ ته گڏجي هلي ڪيماگر کي ڳوليون ۽ هن سان ملون."

هو ٻئي ڪيمياگر جي تلاش ۾ نڪري پيا. هنن جو اندازو هو ته ڪيمياگر ڪنهن مختلف قسم جي خيمي ۾ رهندو هوندو ۽ جتي هر وقت باهه پئي ٻرندي هوندي. هنن ڏاڍي تلاش ڪاري ڪئي پر نخلستان سندن اندازي کان گهڻو وڏو هو. تڪ کان چور تي هو اچي هڪ کوهه جي پير ۾ ويهي رهيا.

چوڪري کيس صلاح ڏني،۽ ايئن پٽڪڻ کان بهتر آهي ته ڪنهن کان پڇا ڪجي.۽

پر انگريز جيئن ته ٻين سان ڪيميا جو ذڪر نه ٿي ڪرڻ چاهيو، تنهن ڪري منجهي پيو . آخرڪار هن چوڪري کي اجازت ڏني ته هو پل ڪنهن کان پڇي وٺي.

چوڪرو کوهه تان پاڻي ڀرڻ واسطي آيل هڪ عورت کان ڪيمياگر جو ڏس پتو پڇيو. عورت اڻڄاڻائي ظاهر ڪندي کيس هدايت ڪئي ته هو ڪڏهن به ڪاري پوشاڪ پهريل ڪنهن عورت سان نه ڳالهائي ڇو ته اها شادي شده هوندي آهي ۽ ان جو غيرمرد سان ڳالهائڻ ڳوٺ جي روايتن جي خلاف هوندو آهي. ائين چئي اها عورت تڪڙي اتان رواني ٿي وئي.

انگريز کي ڏاڍي مايوسي وکوڙي وئي. کيس لڳو ته سندس سڄو سفر اجايو ويو. چوڪري کي به ڏاڍو ڏک رسيو. هن سوچيو،۽ پوڙهي بادشاهه چيو هو ته جيڪو به ماڻهو دل سان پنهنجي منزل ماڻڻ چاهيندو آهي ته سڄي ڪائنات سندس واهر ڪندي آهي ۽

بادشاهہ غلط نہ ٿو ٿي سگهي. منهنجو هي دوست بہ تہ پنهنجي منزل جي تلاش ۾ نڪتو آهي. سندس ڪو نہ ڪو رستو نڪري ايندو.۽

"ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ هتان جي ماڻهن کي، مون وانگر، اها خبر نہ هجي تہ ڪيمياگر ڪنهن کي چئبو آهي.۽

۽ چو نہ اسين ماڻهن کان ڪنهن اهڙي ماڻهو جو ڏس پتو پڇون، جيڪو سندن بيمارين جو علاج ڪندو هجي؟" انگريز جي اکين ۾ اميد جو ڪرڻو روشن ٿي ويو هو.

پر ڪوهہ تي جيڪي بہ عورتون پاڻي ڀرڻ آيون، سي سڀ ڪاري پوشاڪ پهريل هيون. ڇوڪري هن پيري انهن عورتن سان ڳالهائڻ جي ساڳي غلطي نہ ڪئي.

ڪجهہ وقت کان پوءِ هڪڙو ماڻهو اتان گذريو، جنهن کان ڇوڪري پڇي ورتو.۽ تون ڪنهن اهڙي ماڻهو کي سڃاڻين جيڪو بيمارين جو علاج ڪندو هجي؟"

" الله ئي اسان جي بيمارين جو علاج ڪندو آهي." هن ڪيس ڇنڀيندي چيو." ڇا تون ڪنهن جادوگر جي لاءِ پڇي رهيو آهين؟" ائين چئي هن قرآن جون ڪجهہ آيتون پڙهيون ۽ اتان هليو ويو.

ڪجهہ دير ڪانپوءِ ٻيو ماڻهو گذريو، جيڪو ڪجهہ وڏي عمر جو هو، ڇوڪري کانئس بہ ساڳيو سوال ڪيو.

" توهان کي اهڙي ماڻهو جي تلاش ڇو آهي؟" ان عرب کانئس پڇيو.

"ڇو تہ منهنجي هي دوست تمام وڏي مسافري ڪري خاص ان سان ملڻ لاءِ هتي آيو آهي." ڇوڪري انگريز ڏانهن اشارو ڪندي ڪيس ٻڌايو.

"جيڪڏهن هتي ڪو اهڙو ماڻهو واقعي آهي تہ پوءِ پڪ سان اهو ڏاڍو طاقتور هوندو.۽ عرب ڪجهہ گهڙيون سوچي چيو." پنهنجي مرضيءَ سان تہ قبائلي ڇڳا مڙس بہ هن سان نہ تا ملي سگهن، جيستائين هو خود پاڻ ملاقات جي حامي نہ ٿي. جنگ جي ختم ٿيڻ جو انتظار ڪريو ۽ پوءِ قافلي سان گڏ هتان هليا وڃو. نخلستان جي زندگي ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪجو." عرب ڪين خبردار ڪري هليو ويو.

هن پيري انگريز کي ڪا مايوسي نہ ٿي بلڪ هو بيحد خوش ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو. لڳو پئي تہ هو صحيح جاءِ تي پهتو هو.

آخرڪار هڪڙي نوجوان ڇوڪري ڪوهہ تي آئي، جنهن کي ڪاري پوشاڪ پهريل نہ هئي. هوءَ ڪلهي تي گهاگهر کنيو پئي آئي. سندس مٿو ڍڪيل هو، پر منهن ڪليل هو. ڇوڪري وٽس اچي ڪيمياگر بابت پڇيو.

ان گهڙيءَ، هن کي لڳو تہ وقت بيهجي ويو هجي ۽ ڪائنات جو روح ان ۾ سموئجي ويو آهي. هن جڏهن سندس گهرين اکين منجهہ نهاريو ۽ ڏٺو تہ سندس چپ، ٿهڪن ۽ خاموشي جي وچ واري ڪيفيت بيان ڪري رهيا هئا. هن

ان پل ۾ ان ڪائناتي زبان جي سڀ ڪان اهر ڳالهه سکي ورتي، جيڪا سڄي دنيا ڳالهائي رهي هئي.اها ڪائناتي زبان جيڪا ڌرتي تي موجود هر شخص پنهنجي دل جي گهراين سان سمجهي سگهڻ جي سگهه رکي ٿو. جنهن جو نانءُ آهي پيار. پيار انسانيت کان به اڳ جو آهي ۽ صحرا کان به قديم اهي. هڪ اهڙو جذبو جيڪو ٻن اکين جي ملڻ سان هڪ اهڙي شڪتي جو اظهار ڪندو آهي، جهڙو کوهه وٽ هنن ٻنهي جي اکين جي ملڻ سان ظاهر ٿيو.

ڇوڪري مرڪي ۽ پڪ سان اهو هڪ سٺو سنوڻ هو. اهڙي ئي ڪنهن سنئوڻ جو، اشاري جو هن کي انتظار هو. حالانڪ هن نه ٿي ڄاتو ته هن سڄي زندگي اهڙي ئي ڪنهن اشاري جي انتظار ۾ گذاري ڇڏي هئي. هي ئي اهو اشارو هو جنهن جي هن ڳولا پئي ڪئي. رڍن ۾، ڪتابن ۾، شيشي جي ٿانون ۾ ۽ صحرا جي سانت ۾.

اهائي سموري عالم جي، نج اصلي،پاڪ پوتر زبان آهي جنهن کي ڪنهن به سمجهاڻيءَ جي ائين ڪا به گهرج نه هوندي آهي جيئن ڪائنات کي وقت جي وهڪري ۾ سفر ڪرڻ لاءِ ڪنهن سهاري جي گهرج نه هوندي آهي.

ان پل ۾ ڇوڪري محسوس ڪيو ته سندس زندگي ۾ داخل ٿيندڙ هوءَ واحد ڇوڪري هئي ۽ ساڳيوئي احساس ڇوڪريءَ جي من ۾ به اڀريو ۽ اهو محسوس ڪرڻ لاءِ ڪين لفظن جي ڪائي ضرورت نه هئي.

هن کي سندس ابن ڏاڏن پهرين سمجهايو هو ته ڪنهن سان اقرار ڪرڻ ڪان اڳ ڪيس پيار ڪرڻ ۽ سچ ڀچ سڃاڻڻ بيحد ضروري هوندو آهي. پر ٿي سگهي ٿو ته سندس وڏن کي ڪائناتي زبان جي خبر نه هجي ڇو ته جڏهن اوهان اها زبان سکي وٺو ٿا ته پوءِ اهو سمجهڻو ڏکيو نه ٿو رهي ته دنيا ۾ ڪوئي اوهان جو انتظار ڪري رهيو آهي ۽ اهو اوهان سان ڪنهن صحرا ۾ به ملي سگهي ٿو يا ڪنهن شهر ۾ به ٽڪرائجي سگهي ٿو. ۽ جڏهن اهڙا به انسان هڪبئي سان منهن مقابل ٿين ٿا ۽ سندن اکيون اکين سان ملن ٿيون ته انهن آڏو ماضي ۽ مستقبل پنهنجي معنيٰ وڃائي ويهن ٿا. سندن زندگي جي سموري معنيٰ ان پل ۾ سموئجي وڃي ٿي ۽ ڪين يقين ٿي وڃي ٿو ته هرشيءَ هڪ ئي هٿ جي لکيل آهي. اهو ئي هٿ پيار کي سرجي ٿو ۽ هر انسان جي ڇاڙيءَ روحءِ جي تخليق ڪري ٿو. اهڙي پيار کانسواءِ ڪنهن جي خوابن جي ڪا به معنيٰ نه هوندي آهي.

"مڪتوب"، ڇوڪري دل ئي دل ۾ چيو.

انگريز، ڇوڪري کي هوش ۾ آڻيندي چيو،"جلدي ڪر، تون هن ڪان ڪيمياگر جو ڏس پتو پڇي وٺ!"

ڇوڪرو ٽورڙو اڳيان وڌي ڇوڪريءَ جي نزديڪ ٿيو ۽ جڏهن هوءَ مرڪي ته هن به مرڪي ڪانئس پڇيو، "تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

" فاطمہ." ڇوڪريءَ نظرون چرائيندي وراڻيو.

"اهو نالو تہ منهنجي ملڪ ۾ربہ ڪيترين ڇوڪرين تي رکيل آهي."

"اهو اسان جي پياري نبيءَ جي ڏيءَ جو نالو آهي. مسلمانن جيڪي بہ ملڪ فتح ڪياآهن، اتي اهو نالو عام آهي." ڇوڪريءَ فخر سان پنهنجي نالي جي تاريخ بيان ڪئي.

انگريزڪيس ٺونٽ هئني. ڇوڪري فاطمہ کان ڪيمياگر جو ڏس پڇيو.

"هي تہ اهو شخص آهي جيڪو دنيا جي سيني رازن کان واقف آهي. هي ماڻهو، صحرا جي روحن سان هر ڪلام ٿيندو آهي." ائين چئي ڇوڪري ڏکڻ ڏانهن اشارو ڪندي ڪين ٻڌايو تہ ڪيمياگر ان پاسي رهي ٿو. اهو ٻڌائي اها ڇوڪري گهاگهر ۾ پاڻي ڀري هلي وئي.

انگريز بہ اتي ڏکڻ ڏانهن پنڌ پيو. ڪيمياگر سان ملڻ جي آس ۾. پر ڇوڪرو اتي ئي ڪوهہ وٽ ويٺو رهيو. هن کي ياد آيو تہ هڪڙي ڀيري ٿئريفا ۾ صحرا مان ايندڙ هوائن منجهہ ڪيس ان ئي ڇوڪريءَ جي سڳنڌ محسوس ٿي هئي. هن کي محسوس ٿيو تہ هن ڇوڪريءَ سان تہ ڪيس ان وقت کان پيار هو جڏهن ڪيس هن جي وجود جي بہ خبر ڪا نہ هئي. هن ڄاڻي ورتو تہ فاطمہ جو پيار ڪيس دنيا جي هر خزاني کي ڳولي هٿ ڪرڻ جي قابل بڻائي ڇڏيندو.

ٻئي ڏينهن وري ڇوڪرو فاطمہ سان ملڻ جي آس من ۾ رکي کوهہ وٽ آيو. پر هو اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ اتي سندس انگريز دوست ويٺو هو.

"مون لاڳيتو منجهند ۽ شام ويهي ڪيمياگر جو انتظار ڪيو. هو سانجهيءَ جي پهرين تارن سان گڏ نمودار ٿيو. مون هن کي پنهنجي اچڻ جو مقصد بيان ڪيو. هن مون کان پڇيو تہ ڇا مون ڪڏهن شيهي کي سون ۾ بدلايو آهي. مون ڪيس ٻڌايو تہ مان اهو ئي تہ سکڻ آيو آهيان.هن چيو، تون وڃ ۽ وڃي ڪوشش ڪر.۽

ڇوڪري ڪجهہ بہ نہ ڪڇيو. ويچارو انگريز! هيڏو رڻ جهاڳي صرف اهو ٻڌڻ لاءِ آيو هو تہ وڃي اهو ساڳيو ئي تجربو ڪري جيڪو هو اڳ ڪيترائي ڀيرا ڪري چڪو هو.

"پوءِ، تون وري بہ ڪوشش ڪر." ڇوڪري انگريزکي صلاح ڏني.

"ها، مان اهو ئي ڪرڻ وڃي رهيو آهيان. مان هاڻي ئي وڃي ٿو ان تجربي کي ٻيهر شروع ڪريان."

جيئن ئي انگريز اتان اتي ويو تہ فاطمہ اچي پهتي ۽ پاڻي ڀرڻ لڳي.

"مان بس توکي هڪڙي ڳالهہ چوڻ آيو آهيان. مون سان شادي ڪر. مان توسان پيار ٿو ڪريان."

ڇوڪريءَ کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ سندس گهاگهر مان پاڻي ڇلڪي پيس.

"مان هر روز هتي اچي تنهنجو انتظار ڪندس. مان خزاني جي تلاش ۾ نڪتو آهيان جيڪو اهرامن وٽ ئي

ڪنهن جاءِ تي آهي. مان صحرا ۾ ٿيندڙ هن جنگ کي پنهنجي لاءِ رحمت ٿو سمجهان، ڇو ته ان ئي مون کي هتي توسان اچي ملايو آهي."

"جنگ ته نيٺ هڪ ڏينهن ختم ٿي ويندي." ڇوڪريءَ کيس جواب ڏنو.

ڇوڪري پنهنجي چوڌاري بينل ڪجين تي هڪ نظر وڌي. هن کي خيال آيو ته هو اصل ۾هڪ ريڊار آهي ۽ هڪ پيرو ٻيهر ريڊار بڻجي سگهي ٿو. دنيا جي ڪنهن به خزاني کان فاطمه وڌيڪ اهم آهي.

"قبائلي مرد به سدائين خزاني جي تلاش ۾ هوندا آهن ۽ صحرا جون عورتون پنهنجن قبائلي مردن تي فخر ڪنديون آهن." ڇوڪريءَ شايد سمجهي ورتو هو ته ڇوڪرو سندس بابت ڇا سوچي رهيو هو. اهو چئي هوءَ پنهنجي گهاگهر ۾ پاڻي ڀري هلي وئي.

ڇوڪرو هاڻي روزفاطمه سان ملڻ کوهه تي ويندو هو. هن کيس پنهنجي زندگيءَ جو سربستو احوال ٻڌائي ڇڏيو. هو ٻئي ڇڻا هاڻ سٺا دوست ٿي ويا هئا. فاطمه سان ملاقات وارن پندرهن منٽن کان سواءِ باقي سمورو ڏينهن کيس بلڪل بي معنيٰ محسوس ٿيندو هو. ائين مهينو گذري ويو ۽ هڪ ڏينهن قافلي جي اڳواڻ سيني کي سڏي ورتو.

" جيئن ته جنگ هلي رهي آهي، تنهن ڪري ان وقت تائين اسان پنهنجو سفر جاري نه ٿا رکي سگهون. هتي لڙايون ڊگهو وقت هلي سگهن ٿيون. شايد ڪيترائي سال. ٻئي ڌريون سگهاريون آهن ۽ هيءَ جنگ ٻنهي لاءِ اهم آهي. هيءَ ڪا چڱائي جي برائي خلاف جنگ ناهي. ٻئي ڌريون طاقت جو توازن پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ وڙهي رهيون آهن ۽ جڏهن اهڙي قسم جي جنگ شروع ٿيندي آهي ته اها ٻين جي نسبت وڌيڪ عرصو هلندي آهي."

ماڻهو واپس پنهنجين رهائشگاهن ڏانهن موٽيا ۽ ڇوڪرو منجهند جو فاطمه سان ملڻ ويو. هن کيس گڏجاڻي جو حال احوال ڏنو.

فاطمه کيس چيو "پهرين ڏينهن اسين جڏهن مليا هئاسين ته ان جي ٻئي ڏينهن ئي تو مون کي چيو ته تون مون سان پيار ٿو ڪرين. پوءِ تو مون کي ڪائناتي زبان ۽ ڪائنات جي روح جي باري ۾ ٻڌايو هو. انهن ڳالهين کي سمجهڻ کان پوءِ مان هاڻي پاڻ کي تنهنجي وجود جو اڻ ٽوٽ انگ سمجهان ٿي."

ڇوڪري انتهائي مسرت سان ڏانهس ڏٺو. هن کي سندس آواز جو ترنم ڪجين جي خوشبو سان وسيل هوا جي ترنم کان به خوبصورت لڳو.

"مان شايد هن نخلستان ۾ سدائين تنهنجو انتظار پئي ڪيو آهي. مون پنهنجو ماضي ۽ پنهنجون روايتون به وساري ڇڏيون آهن. مون کي ته اهو به هوش نه رهيو آهي ته صحرا جا مرد، عورتن جي طور طريقن بابت ڪهڙيون اميدون رکندا آهن. مان ٻاروتڻ کان ئي

خواب ڏسندي آئي آهيان تہ هي صحرا منهنجي لاءِ ڪا خوبورت تحفو موڪليندو ۽ هاڻ مون کي اهو ملي چڪو آهي. تون ئي منهنجي لاءِ صحرا جو تحفو آهين."

چوڪري چاهيو تہ هو فاطمہ جو هٿ کڻي چمي،پر فاطمہ جا هٿ جڳ جي هٿئي ۾ مضبوطيءَ سان جڪڙيل هئا.

"تو مون کي پنهنجي خوابن جي باري ۾ ٻڌايو آهي ۽ پنهنجي خزاني باري ۾ بہ. ۽ تو مون کي اشارن جي باري ۾ بہ ٻڌايو آهي. تنهن ڪري مون کي هاڻي ڪنهن بہ شيءَ جوخوف ناهي. انهن اشارن ئي تہ توکي هتي آڻي مونسان ملايو آهي ۽ تنهنجن لفظن ۾ تہ مان تنهنجي خواب جو حصو آهيان ۽ تنهنجي منزل مقصود جو حصو پڻ.۽

"تنهن ڪري مان چاهيان ٿي تہ تون پنهنجو سفر جاري رک. جيڪڏهن تون جنگ جي ختم ٿيڻ جو انتظارڪرڻ چاهين ٿو تہ پلي ڪر. پر جيڪڏهن تون اڳ ئي نڪري وڃڻ چاهين ٿو تہ تون پل پنهنجي خواب جي تڪميل خاطر هليو وڃ. هوائن جي زور تي پٽون تہ بدلجنديون رهنديون آهن پر صحرا نہ بدلجندو آهي. تون پل سفر شروع ڪر. اسان جو پيار زندگيءَ جي هر موڙ تي اسان سان گڏ هوندو.۽

"مڪتوب." فاطمہ ڳالهہ کي ختم ڪندي چيو، "جيڪڏهن مان تنهنجي خواب جو حصو آهيان تہ پوءِ هڪ ڏينهن تون ضرور موٽي مون وٽ ايندين."

چوڪرو ان ڏينهن ڏاڍو اداس ٿي ويو. هن کي پنهنجي ڳوٺ جا شادي شده ريڍار ياد آيا. اهي ريڍار جڏهن رڻ جا راهي ٿيندا هئا تہ سندن زالون روئينديون هيون ۽ انهن کي ماٺ ڪرائڻ ۽ پرچائڻ جا جتن ڪرڻا پوندا هئا. پيار تہ ماڻهن کي مجبور ڪندو آهي تہ هو سدائين هڪٻئي سان گڏ رهن. پر هتي فاطمہ پاڻ کيس وڃڻ لاءِ زور ڀري رهي هئي. هن ٻئي ڏينهن فاطمہ کي پنهنجي ڳوٺ جي چوڪرين ۽ سندن زالن بابت ٻڌيو.

"هي صحرا سدائين اسان عورتن کي اسان جي مردن کان الڳ ڪري ڇڏيندو آهي ۽ انهن مان سڀ واپس ناهن ورندا. اسان کي اها خبر آهي ۽ اسين ان تي هريل آهيون. اهي مرد جيڪي صحرا منجهان واپس نہ موٽندا آهن، سي بادلن جو حصو بڻجي ويندا آهن، زمين جو حصو بڻجي ويندا آهن، پاڻيءَ جو حصو بڻجي ويندا آهن، اهي خوشيءَ جو حصو بڻجي ويندا آهن ۽ اهي ڪائنات جو روح بڻجي ويندا آهن.۽

" جڏهن ڪجهہ مرد موٽي ايندا آهن تہ انهن کي ڏسي ٻيون عورتون بہ خوش ٿينديون آهن. ڪين اميد جاڳندي آهي تہ سندن مرد بہ موٽي ايندا. مان انهن عورتن کي ڏسندي هيس تہ مون کي انهن تي رشڪ ٿيندو هو ۽ هاڻ مان بہ انهن منجهان هڪ هوندس. مون کي تنهنجي موٽڻ جو انتظار هوندو.۽

"مان صحرائي عورت آهيان، ۽ مون کي ان ڳالهہ تي فخر آهي. مان چاهيان ٿي تہ منهنجو مڙس بہ هن آزاد هوا جيان آزاديءَ سان گمهي ڦري ۽

جيڪڏهن ڪو اهڙو ڏينهن آيو تہ مان بہ ان حقيقت کي بہ قبولي وٺندس تہ هو بادلن جو، زمين جو ۽ پاڻي جو حصو بڻجي ويو آهي."

☆☆☆

چوڪرو فاطمہ کان موڪلائي انگريز وٽ آيو. هن ڪيس فاطمہ جي باري ۾ ٻڌائڻ ٿي چاهو. هي اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ انگريز پنهنجي خيمي جي ٻاهران باهہ جي بٽي تيار ڪري ورتي هئي. اها بند عجيب بٽي هئي جنهن ۾ ڪانئين ذريعي باهہ جو بندوبست ڪيل هو ۽ بٽي جي منهن تي هڪ شفاف گهڳهي گرم ٿي رهي هئي. اڄ انگريز جي اکين ۾ اميد جي جهلڪ صاف نظر اچي رهي هئي.

"هي منهنجي ڪم جو پهريون مرحلو آهي. مون کي اجان گندرف کي الڳ ڪرڻو آهي. اهو ڪم ڪاميابيءَ سان ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ مان ناڪامي جي خوف کان نجات حاصل ڪريان. اهو ناڪاميءَ جو خوف ئي هو جنهن مون کي شاهڪار ڪم ڪرڻ کان روڪي رکيو هو. مان هاڻي اهو ڪم شروع ڪري رهيو آهيان، جيڪو مان ڏهہ سال اڳ بہ ڪري ٿي سگهيس. پر مون کي خوشي آهي تہ اهو ڪم شروع ڪرڻ لاءِ مون کي ويهہ سال انتظار نہ ڪرڻو پيو."

هي انگريز مسلسل باهہ ۾ ڪانئيون وجهندو رهيو ۽ چوڪرو ڪيس ڏسندو رهيو، تان جو سج لهي ويو. هو اٿي صحرا ڏانهن ويو. هن صحرا جي خاموشي ۾ پنهنجي سوالن جا جواب تلاش ڪرڻ پئي چاهيا.

چوڪرو ٿوري دير هيڏانهن هوڏانهن ٽٽڪيو پر نخلستان جي ڪجين جي وڻن کان گهڻو پري نہ ويو. هن هوا جو آواز ٻڌڻ لڳو ۽ هن پنهنجي پيرن هيٺان پٿرن جو وجود محسوس ڪيو. ڪٿي ڪٿي هن کي سپين جا خول نظر آيا ۽ هن ڄاڻي ورتو تہ ڏور ماضي جي ڪنهن زماني ۾هي صحرا، شايد ڪو سمنڊ هو. هي هڪڙي پٿر تي ويٺو ۽ افق جي سحر ۾ گم ٿي ويو.هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ هو اهو سمجهي ۽ قبول ڪري وٺي تہ پيار ۽ پاڻڻ بہ الڳ شيون آهن پر هو ائين ڪري نہ ٿي سگهيو. فاطمہ هڪ صحرائي شهزادي هئي ۽ ڪيس سمجهڻ ۾ فقط صحرا ئي چوڪري جو مددگار ثابت ٿي پئي سگهيو.

هي پنهنجن خيالن ۾ گم هو تہ هن پنهنجي سر جي مٿان ڪا چرپر ٿيندي محسوس ڪئي. هن مٿي نهاريو تہ ڪيس آسمان ۾ عقابن جو هڪ جوڙو اڏامندي نظر آيو. هن عقابن جي اڏام ۾ بہ ڪجهہ ڳولڻ چاهيو. شايد اهي عقاب ڪيس ملڪيتي حقن بنا پيار جي معنيٰ سمجهائي سگهن.

هاڻ هن کي نند اچڻ لڳي هئي. جيتوڻيڪ هن جاڳڻ پئي چاهيو، پر گڏوگڏ ڪيس نند جي ضرورت بہ محسوس پئي ٿي.

"مان ڪائنات جي زبان سکي رهيو آهيان ۽ هاڻي مون کي هر شيءَ ۾ ڪا نہ ڪا معنيٰ ملي ٿي... ويندي عقابن جي اڏام ۾ ب." هن پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي چيو. هن کي خوشي ٿي تہ مٿس عشق جي الهام ٿي چڪو هو. عشق ۾ هر شيءَ کي وڌيڪ معنيٰ ۽ مفهوم ملي ويندو آهي.۽ چوڪري کن پل لاءِ سوچيو.

اوچتو ئي، هڪڙي باز آسمان ۾ چمڪاٽ ڪندي غوطو هنيو ۽ ٻئي باز تي حملو ڪيو. اهو ڏسي چوڪري جي ذهن تي بي ساختہ هڪ نظارو اڀريو،۽ هڪڙي فوج پنهنجون تلوارون اڀيون ڪري، نخلستان ۾ داخل ٿي رهي هئي.۽ سندس اهو تصور کن پل ۾ ئي غائب ٿي ويو، پر ان خيال سندس سمورو وجود لوڏي ڇڏيو هو. هن ان تصور کي وساري پنهنجي سوچ ۾ گم ٿي وڃڻ پئي چاهيو پر هو ائين ڪري نہ سگهيو. ڪاشيءَ ڪيس بني چين ڪري رهي هئي.

"اشارن جي زبان تي هميشہ ڌيان ڏيندو ڪر." ڪيس پراسرار بادشاهہ جي چيل ڳالهہ ياد آئي. هن کي يڪايڪ لڳو تہ هن خيالي تصور ۾ جيڪي ڏٺو هو، سو حقيقت ۾ ٿيڻ وارو هو. هي اٿيو ۽ ڪجين جي وٽن ڏانهن وريو. هڪ پيرو وري هن کي محسوس ٿيو تہ شين ۾ رکيل نشانيون هو پڙهي سگهيو ٿي. هن پيري صحرا محفوظ هو ۽ نخلستان خطري ۾ هو.

☆☆☆

اونار هڪڙي ڪجيءَ جي وڻ هيٺان ويٺو هو ۽ هن ڪان صحرا جي پٽن مان چوڪري کي ڏانهس ايندي ڏٺو.

"هڪڙي فوج هن طرف اچي رهي آهي. مون اهو پنهنجي ٽين اک سان ڏٺو آهي." چوڪري اونار کي خطري کان آگاهي ڏيندي ٻڌايو.

"صحرا ۾ اهڙا خيالي تصور گهڻن ئي ماڻهن کي ايندا آهن." اونار بي پرواهيءَ سان وراڻيو.

پر چوڪرو پنهنجي ڳالهہ تي قائم رهو. هن ڪيس عقابن جي باري ۾ ٻڌايو تہ هن جيئن ئي سندن اڏام تي نهار وڌي تہ اوچتو ئي هن ئي محسوس ٿيو تہ سندس وجود ڪائنات جي روح ۾ سموئجي ويو هو. اونار سمجهي ويو تہ چوڪري جي ڳالهہ ۾ وزن هو. هن چاتو ٿي تہ ڌرتي تي موجود ڪا ٻيءَ ٻين سمورين شين جي حقيقت منڪشف ڪري سگهي ٿي. ڪوئي ماڻهو اکيون ٻوٽي بند ڪتاب جو ڪو صفحو کولي يا ڪنهن جو هٿ جانچي سگهي ٿو. گهڻا ماڻهو ڪوئي پتو ڪڍي يا پڪين جي اڏام وغيره ڏسي ان منجهان پنهنجي ان پل جي تجربي جو ڳانڍاپو معلوم ڪري سگهن ٿا. دراصل ائين نہ هوندو آهي تہ ڪو اهي شيون پنهنجو پاڻ ظاهر ڪرڻ جي ڪا سگهہ رکنديون آهن. اصل ۾ اهي ماڻهو، جيڪي اهو مشاهدو ڪندا آهن سي انهن شين ذريعي ڪائنات جي روح ۾ داخل ٿي تجلي ڏسڻ جي سگهہ حاصل ڪري وٺندا آهن.

صحرا ۾ اهڙن ماڻهن جي کوٽ نہ هوندي آهي جيڪي پنهنجي ان سگهہ کي روزگار جو ذريعو بڻائيندا آهن. ماڻهو انهن کي پير، فقير، اولياء، پهتل چئي پوڄڻ شروع ڪندا آهن. ڪمزور ماڻهو ۽ عورتون سندن سگهہ کان خوف محسوس ڪندا آهن. اونار بہ انهن ۾ يقين رکندو هو ڇو تہ انهن مان ڪيترن جون ڪجهہ ڳالهيون صحيح ثابت ٿينديون هيون. جيتوڻيڪ سندن ڪيتريون ڳالهيون غلط بہ ثابت ٿينديون آهن، پر ماڻهن جو مٿن ويساهہ ختم نہ ٿيندو آهي.

اونار کي ياد آيو تہ هڪڙي ڏينهن هو سڀ کان جهوني اولياء وٽ ويو هو، جنهن کان ماڻهو سڀ کان وڏيڪ خوف کائيندا هئا ۽ سندس احترام ڪندا هئا.

اولياء کانئس پڇيو تہ هو مستقبل جي معاملي ۾ ڇو ٿو ڄاڻڻ گهري؟—

"ڇو تہ مان صحيح رخ تي هلڻ ٿو چاهيان ۽ گهران ٿو تہ مان اهو سڀ ڪجهہ بدلائي ڇڏيان، جيڪو ٿيڻ وارو تہ آهي، پر منهنجي حق ۾ ناهي." اونار پنهنجي مطلب جي ڳالهہ ڪئي.

"جيڪڏهن اهو ممڪن هجي ها تہ پوءِ اهي ڳالهون تنهنجي مستقبل جو حصو تہ نہ چئبيون." اولياء کيس سمجهائيندي چيو.

"تہ پوءِ مان شايد ان ڪري مستقبل بابت ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ جيئن مان اڳواٽ ئي ان لاءِ ذهني طرح تيار رهان."

"جيڪڏهن ڪي چڱيون ڳالهون ٿيڻيون هونديون ۽ توکي اڳواٽ خبر نہ هوندي تہ انهن جي اوچتي ٿيڻ تي توکي وڏيڪ خوشي ٿيندي ۽ جيڪڏهن ڪي خراب واقعا پيش اچڻا هوندا تہ انهن لاءِ اڳواٽ معلوم ڪري تون خوامخواهہ وڏيڪ پريشان ٿيندين." پوڙهي اولياء کيس نصيحت ڪندي چيو.

هو ڪائيون اڇلائڻ مستقبل ٻڌائڻ جي علم جو ماهر هو. هو پٽَ تي ڪائيون اڇلائيندو هو ۽ انهن جي ڪرڻ جي انداز مان مستقبل جي واقعن بابت ٻڌائيندو هو. ان ڏينهن هن ڪائين جو استعمال نہ ڪيو ۽ انهن کي ڪپڙي ۾ ويڙهي پنهنجي صندوق ۾ واپس رکي ڇڏيو.

"مان ماڻهن کي مستقبل جون پيشنگويون ٻڌائي پنهنجي روزي ڪمائيندو آهيان. مان ڪائين جي علم جي سائنس کان واقف آهيان ۽ مان ڄاڻان ٿو تہ انهن کي ڪيئن استعمال ڪري ان جاءِ تي پهچي سگهجي ٿو، جتي سڀڪجهہ لکيل آهي. اتي مان ماضي پڙهي سگهندو آهيان ۽ اهو ڏسي سگهندو آهيان جيڪو اوهين وساري چڪا هوندا آهيو ۽ مان اهي اشارا سمجهندو آهيان جيڪي هتي حال ۾ موجود هوندا آهن."

"۽ ماڻهو جڏهن مون کان مستقبل جي باري ۾ پڇڻ ايندا آهن تہ ائين ناهي تہ ڪو مان سندن مستقبل پڙهي وٺندو آهيان. بلڪ اصل مان مستقبل جي باري ۾ اندازو لڳائي وٺندو آهيان. مستقبل تہ خدا ٿو ڄاڻي ۽ اهو ئي فقط ڪن انتهائي

غير معمولي حالتن ۾ مستقبل کي ظاهر ڪندو آهي. مان مستقبل جو اندازو ڪيئن لڳائيندو آهيان؟ حال جي اشارن منجهان. مستقبل جو راز حال ۾ سمويل هوندو آهي. جيڪڏهن تون حال تي ڌيان ڏيندين ته مستقبل جي باري ۾ به صحيح اندازو لڳائڻ شروع ڪندين ۽ جيڪڏهن تون حال کي سنواريندين ته تنهنجو مستقبل به سنوارجڻ لڳندو. مستقبل لاءِ پريشان نه ٿي ۽ پنهنجو هر ڏينهن نيڪيءَ سان گذار. اهو ڪڏهن به نه وسار ته خدا پنهنجي ٻانهن سان پيار ڪري ٿو. هر ڏينهن پنهنجو پاڻ ۾ ابدي آهي."

"پلا خدا ڪهڙين حالتن ۾ مستقبل کي ظاهر ڪري سگهي ٿو، فقط تڏهن، جڏهن هو خود توتي منڪشف ڪري ۽ خدا مستقبل مشڪل سان ئي ڪڏهن ظاهر ڪندو آهي ۽ اهو به فقط هڪ سبب جي ڪري، جڏهن مستقبل لاءِ لکيل هوندو آهي ان کي بدلجڻو آهي."

اونار سوچيو ته شايد خدا، چوڪري کي نخلستان جي مستقبل جي جهلڪ ڏيکاري آهي، پر خدا ان چوڪري کي ئي صرف ڇو چونڊيو!؟

اونار، چوڪري کي چيو،ءِ وڃ ۽ وڃي تبيلي جي چڱن مڙسن کي ٻڌاءِ ته هڪڙي فوج نخلستان تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ اچي رهي آهي.۽

"اهي مون تي ٽوڪون ڪندا."

"هو صحراجا ماڻهو آهن ۽ صحرا جا ماڻهو اشارن جي زبان سمجهندا آهن"

"جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ ممڪن آهي ته هو اڳ ئي ڄاڻي چڪا هجن."

"نه، هنن کي خبر ناهي. هنن کي يقين هوندو آهي ته جڏهن خدا چاهيندو آهي ته ڪين ڪنهن ڳالهه جي اڳواٽ خبر پوي ته پوءِ ڪو ئي نه ڪوئي اچي ڪين اها خبر ٻڌائي ويندو آهي. اڳ به ڪيترائي پيرا ائين ٿي چڪو آهي، پر هن پيري اهو ماڻهو تون آهين."

چوڪري کي يڪدم فاطمه جو خيال دل ۾ آيو ۽ هن فيصلو ڪري ورتو ته هو چڱن مڙسن کي خطري کان آگاهه ڪندو.

☆☆☆

چوڪرو نخلستان جي مرڪز ۾ قائم قبائلي چڱن مڙسن جي وسيع سفيد خيمي وٽ پهتو. چوڪري اتي موجود محافظ کي چيو ته هو چڱن مڙسن سان ملڻ چاهي ٿو ۽ ڪين صحرا مان مليل خاص اشاري بابت آگاهي ڏيڻ چاهي ٿو.

بنا ڪجهه ڳالهائڻ جي محافظ اندر ويو ۽ هڪ نوجوان عرب سان گڏ ٻاهر نڪتو. جنهن ڪانئس سربستو احوال ورتو.

عرب اندر ويو ته وري آيو ئي ڪين. ڪافي ڪلاڪن جي انتظار ڪانپوءِ ڪيس اندرگهرايو ويو. اندر جو نظارو ڏسي چوڪرو دنگ رهجي ويو. هن ڪڏهن تصور به نه ڪيو هو ته صحراجي وچ ۾ ڪنهن خيمي اندر اهڙا رنگ به ٿي سگهن ٿا. فرش تي بي انتها خوبصورت ۽ قيمتي قالين وڇايل هو جنهن جهڙو هن اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو هو. چڱا مڙس نير دائرو ناهي ويٺا هئا.

اهي ڪل اٺ ڇٽا هئا. جن مان سردار نيم دائري جي مرڪز ۾ ويٺو هو. ڇوڪري جي سڀ کان پهرين نظر ان تي وڃي پئي.

"هي اجنبي ڪير آهي جيڪو صحرا جي اشارن جون ڳالهيون ٿو ڪري؟" ڇڪن مڙسن مان هڪڙي ڇوڪري ڏانهن ڏسندي پڇيو.

"سائين اهو مان آهيان." ڇوڪري ورندي ڏني ۽ هن جيڪي ڏٺو هو سو ٻڌايو.

"صحرا اهڙيون ڳالهيون هڪ اجنبيءَ تي ڇو ظاهر ڪندو، جڏهن ته ان کي ڄاڻ آهي ته اسان هتي صدين کان رهون ٿا؟" هڪ ٻئي سردار سوال ڪيو.

"ڇو ته منهنجون اکيون اڃان صحرا تي هريل نه آهن، جنهن ڪري مان اهو ڪجهه ڏسي سگهان ٿو، جيڪو صحرا ۾ رهندڙن جون عادي اکيون نه ٿيون ڏسي سگهن." ڇوڪري پوري يقين سان وراڻيو.

"۽ ڇو ته مان ڪائنات جي روح کان واقف آهيان." ڇوڪري دل ۾ سوچيو.

"نخلستان غيرجانبدار هوندو آهي، ڇو ڪوئي ان تي حملو ڪندو؟" ٽئين سردار ڳالهايو.

"مون جيڪي ڏٺو، اوهان کي ٻڌايو، جيڪڏهن اوهان کي اعتبار نه ٿو اچي ته پوءِ پل اوهين ڪجهه به نه ڪريو."

خيمي ۾ زوردار بحث شروع ٿي ويو. هنن ڪجهه اهڙي عربي لهجي ۾ ٿي ڳالهايو، جيڪو ڇوڪري جي سمجهه کان مٿي هو. ڇوڪري مايوس ٿي موڪلائڻ چاهيو ته محافظ ڪيس رکجڻ جو اشارو ڪيو. ڇوڪري کي اچي ڊپ ورايو. هن کي پڇتاءُ ٿيڻ لڳو ته هن اجايو اونار سان اها ڳالهه ڪئي جنهن ڪيس هتي موڪلي مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

اوچتو ئي مک ڇڳي مڙس جي ڇهري تي اٺ لکي مرڪ تري آئي. ڇوڪري ڪجهه سڪ جو ساهه ڪنيو. هن مک ڇڳي سردار سموري بحث ۾ ڪو به حصو نه ورتو هو ۽ اڃان تائين بلڪل خاموش رهيو هو، پر جيئن ته ڇوڪرو ڪائناتي زبان کان روشناس ٿي ڇڪو هو، تنهن ڪري هن خيمي ۾ امن ۽ سڪون جون لهرون محسوس ڪري ورتيون هيون. هن کي سندس ڇهين حس ٻڌايو ته هتي اچي صحيح ڪم ڪيو آهي. بحث پنهنجي پڇاڻي تي پهچي ڇڪو هو. سمورا ڇڳا مڙس به خاموش ٿي ويا ۽ مک سردار ڳالهائڻ شروع ڪيو." ٻه هزار سال اڳ، ڪنهن ڏورانهين ڏيهه ۾، هڪڙو ماڻهو رهندو هو جنهن کي خوابن تي يقين هوندو هو. ان کي اونداهيءَ قيد خاني ۾ وڌو ويو ۽ پوءِ بطور غلام وڪيو ويو. ان کي اسانجي واپارين خريد ڪيو ۽ ڪيس مصر آندو. اسين سڀ ڄاڻون ٿا ته جيڪو خوابن جي ڳالهه ڪندو آهي، اهو انهن جي تعبير به ڄاڻندو آهي.۽

۽ جڏهن فرعون خواب ۾ ست

ڏهريون ۽ ست سگهاريون ڳئون ڏٺيون تہ هن شخص فرعون جي خواب جي تعبير ٻڌائي، سڄي مصر کي ڏڪار جي مصيبت کان بچائي ورتو ۽ توهان ڄاڻو تا تہ هن جو نالو يوسف هو. هو بہ مصر جي سرزمين تي تو وانگر ئي اجنبي هو ۽ شايد سندس عمر بہ انوقت تو جيتري مس هوندي. اسان هميشہ روايت جي پيروي ڪندا آهيون. ان روايت ئي مصر کي مصيبتن مان ڪاميابيءَ سان پار ڪرايو آهي ۽ مصري دنيا جا امير ترين ماڻهو بڻجي ويا. روايت ئي سيڪاريندي آهي تہ صحرا ڪيئن پار پئجي ۽ صحرا جي ٻارن کي ڪيئن شادي ڪرڻ گهرجي. روايت چئي ٿي تہ نخلستان غير جانبدار رهندو آهي، ڇو تہ هي ٻنهي ڌرين جو نخلستان آهي. تنهن ڪري ڪوئي بہ هن تي حملو نہ ڪندو آهي. پر روايت اهو بہ سيکاري ٿي تہ اسان کي صحرا جي پيغامن تي اعتبار ڪرڻ گهرجي. اسين جيڪي ڪجهہ ڄاڻون تا اهو اسان کي صحرا ئي تہ سيکاريو آهي."

اٿين چئي مڪ سردار اشارو ڪيو ۽ سڀ اٿي بيٺا. ڳڏجاٽي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. حقا اجهايا ويا ۽ سنتري هوشيار ٿي بيٺا. ڇوڪرو وڃڻ لڳو تہ مڪ سردار ساڻس وري مخاطب ٿيو،سياڻي اسان ان معاهدي کي ٽوڙي رهيا آهيون تہ نخلستان ۾ ڪو بہ هٿيار نہ ڪڍندو. اسان سڄو ڏينهن پنهنجي دشمن لاءِ واجهہ وجهي ويهنداسين. جڏهن سڄ لهندو تہ اسان جا ماڻهو پنهنجا هٿيار واپس مون وٽ جمع ڪرائيندا. جيڪڏهن سياڻي حملو ٿيو تہ دشمن جي هر ڏهن لاشن تي توکي هڪ سوني اشرفي انعام طور ڏني ويندي.۽

" پر هتي هٿيار فقط تڏهن ڪڍيا ويندا آهن، جڏهن انهن کي ويڙهہ ۾ استعمال ڪرڻو هوندو آهي. هٿيار بہ صحرا وانگر پورالا هوندا آهن. جڏهن اهي هڪ ڀيري استعمال نہ ڪيا ويندا آهن تہ ٻئي ڀيري اهي پڙ بہ ڪڍي بيهي سگهن ٿا. سو جيڪڏهن سياڻي صبح لئي تائين هڪ بہ هٿيار استعمال نہ ٿيو تہ پوءِ انهن منجهان هڪڙو هٿيار توتي استعمال ڪيو ويندو."

ڇوڪرو خيمي کان ٻاهر نڪتو. چوڏس چانڊوڪي ڦهليل هئي. سندس خيمو ويهن منٽن جي پنڌ تي هو.

ڇوڪرو ڏاڍو ڇرڪيل هو. ڪائنات جي روح تائين تہ هو پهچڻ ۾ ڪامياب تہ ٿي ويو هو پر ان جي بدلي سندس سرُ ٿي ويو. هاڻ هو هڪ خطرناڪ صورتحال جو شڪار ٿي چڪو هو. هن کي خيال آيو تہ جڏهن کان هي رڍون وڪڻي پنهنجي منزل مقصود جي تلاش ۾ نڪتو هو، تڏهن کان مسلسل جوا ئي تہ ڪيڏي رهيو هو.

هن کي اونار جي اها ڳالهہ بہ ياد آهي تہ ماڻهو مرڻ کان ڇو گهبرائي. هر ماڻهوءَ کي اڄ نہ تہ سياڻ ضرور مرڻو آهي. هر شيءَ جو دارو مدار فقط هڪ لفظ تي آهي: "مڪتوب."

هاڻ خاموشيءَ سان هلندو رهيو.

ڪيس ڪو پڇتاءُ نہ پئي ٿيو. جيڪڏهن هو سپاٽي مري ويو تہ ان جو مطلب اهو هوندو تہ خدا مستقل بدلائڻ نہ ٿو چاهي. جيڪڏهن هو سپاٽي مري ٻہ ويو تہ ڪيس ڪو افسوس نہ ٿيندو. هن کي ٻين ريڊارن جي پيٽ ۾ گهٽو ڪجهہ ڏسڻ جو موقعو ملي چڪو هو، ۽ هو خوشقسمت هو جو مرڻ کان اڳ ڪيس فاطمہ جي اکين جو ديدار ۽ پيار نصيب ٿيو هو.

اوچتوئي هن گجگوڙ جهڙو آواز ٻڌو ۽ تيز هوا جي جهوني ڪيس پٽ تي ڪيرائي وڌو. اهڙي زوردار هوا جو تجربو هن کي اڳ ڪڏهن ٻہ نہ ٿيو هو. سڄي علاقي ۾ ايڏي تہ دز ڦهلجي وئي جو چنڊ ٻہ نظرن کان اوجهل ٿي ويو هو. هڪ تمام وڏو اڇو گهوڙو سندس آڏو نمودر ٿيو، جنهن نرا ڪٽي هڪ خوفائتي رڙ ڪئي.

اها انڌو ڪندڙ دز جڏهن ٿورو ڇڏي ٿي تہ ڇوڪري جيڪو ڏٺو تنهہ ڪيس ڏڪائي ڇڏيو. ٻہ لوانگو وينل گهوڙي سوار کي ڪاري پوشاڪ پهريل هئي ۽ سندس ڪاٻي ڪلهي تي هڪ باز ويٺو هو. مٿي تي دستار هئس ۽ سڄو منهن ڪاري رومال سان ڍڪيل هو، جنهن مان رڳو ٻہ اکيون ظاهر پئي ٿيون. هي صحرا جو پيامبر پئي لڳو پر سندس موجودگي محض پيامبر جي موجودگي کان وڌيڪ پئي محسوس ٿي.

اجنبي گهوڙي سوار مياڻ مان هڪ شاهي تلوار ڪڍي ورتي. جيڪا چنڊ جي چانڊاڻ ۾ چمڪڻ لڳي.

"عقابن جي اڏام جي معنيٰ پڙهڻ جي همت ڪنهن ڪئي آهي؟" هن جي آواز جو پڙاڏو ڇٽڪ نخلستان جي پنجاهہ هزار ئي ڪجين جي وڻن منجهہ گونجيو.

"اها همت مون ڪئي آهي،" ڇوڪري همت سان جواب ڏنو. هن جي ذهن ۾ سانتيڪو ماتاموروس جو تصور اپريو جيڪو سفيد گهوڙي تي سوار هو ۽ جنهن جي گهوڙي جي سنبن هيٺان ڪافرن جا لاش هئا. ڇوڪري سوچيو هي بلڪل ان سانتياگو وانگر ٿو لڳي، پر ڪردار ابتڙ اٿس.

"اهو مان ئي آهيان جنهن اها همت ڪئي آهي تہ جيئن بي گناهہ زندگيون بچائي سگهان. ڇاڪاڻ تہ مون ڪائنات جي روح منجهہ جهاتي پائڻ سکي ورتو آهي." ڇوڪري پنهنجي ڳالهہ دهرائي ۽ تلوار جو وارُ سهڻ لاءِ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

پر تلوار سندس ڪنڌ نہ ڪپيو. ان جي بدران اجنبي سوار پنهنجي تلوار جي نوڪ آهستگي سان سندس نرڙ تي هنئي جنهن مان رت جو هڪ ڦڙو نڪري آيو.

گهوڙيسوار ۽ ڇوڪرو ٻئي ڇٽا ڇڻ پٿر بنجي ويا هئا. ڇوڪري جي دماغ ۾ هڪ پل لاءِ ٻہ ڀڄي وڃڻ جو خيال دل ۾ نہ آيو. ان جي ابتڙ هو پنهنجي دل ۾ هڪ عجيب خوشي محسوس ڪري رهيو هو،ء هو پنهنجي منزل مقصود جي تلاش ۾ ۽ فاطمہ جي خاطر موت کي گلي سان لڳائي رهيو هو. هاڻ هو دشمن سان منهن مقابل هو، ڪيس مرڻ جي ڪا

پرواهه ڪا نه هئي. هن سمجهيو ته ڪائنات جو روح سندس انتظار ڪري رهيو هو ۽ هو جلدئي ان جو حصو بڻجي ويندو ۽ سياڻي سندس دشمن به ان ئي ڪائناتي روح جو حصو بڻجڻ وارو هو.۽

اجنبي سوار تلوار ڇوڪري جي نرڙ تان نه هٽائي. هن هڪ ڀيرو وري ڇوڪري کان پڇيو "تو عقابن جي اڏام جو مفهوم ڇو پڙهيو؟"

"مون ته فقط اهو پڙهيو جيڪو هنن مون کي پڙهائڻ چاهيو پئي. هنن عقابن نخلستان کي بچائڻ پئي چاهيو. سياڻي اوهين سڀ مارجي ويندا. ڇو ته نخلستان ۾ توهان کان وڌيڪ هٿياربند موجود آهن."

"تون ڪير ٿيندو آهين جيڪو الله جي مرضيءَ کي بدلائڻ ٿو چاهين؟" هن جي تلوار اڃان به ڇوڪري جي نرڙ تي رکيل هئي.

"الله ئي فوجون پيدا ڪيون آهن ۽ الله ئي عقاب پيدا ڪيا آهن. الله ئي مون کي پڪين جي ٻولي سيکاري آهي. هر شيءَ ساڳئي ئي هٿ جي لکيل آهي." ڇوڪري آخر ۾ اوٺار جا لفظ ياد ڪندي، دهرايا.

اجنبي سور سندس نرڙ تان تلوار هٽائي ڇڏي. ڇوڪري کي نجات جو ڀرپور احساس جاڳيو.

"تون پنهنجي اڳڪٿين جي باري ۾ خبرداريءَ کان ڪر وٺ. جڏهن ڪا شيءَ لکيل آهي ته ان کي بدلائڻ جي ڪا واٽ نه هوندي آهي." اجنبي سوار ڪيس نصيحت ڪئي.

"مون فقط فوج کي ايندي ڏٺو آهي، پر جنگ جو نتيجو نه ڏسي سگهيو آهيان." ڇوڪري کيس ٻڌايو.

اجنبي سوار سندس جواب مان مطمئن نظر اچڻ لڳو. پر هن تلوار اڃان مياڻ ۾ واپس نه وڌي هئي." هن اجنبي سرزمين تي تون ڇو آيو آهين؟"

"مان پنهنجي منزل مقصود جي تلاش ۾ آيو آهيان. پر توکي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي."

گهوڙيسوار پنهنجي تلوار مياڻ ۾ وجهي ڇڏي ۽ ڇوڪري سڪ جو ساهه کنيو.

"مان تنهنجي همت جو امتحان وٺڻ آيو هيس. ڪائناتي زبان کي سمجهڻ لاءِ همت جو هئڻ بيحد ضروري آهي."

اهو ٻڌي ڇوڪرو حيران ٿي ويو. اجنبي اهڙي ڳالهه ڪري رهيو هو، جيڪا بنهه گهٽ ماڻهن ڄاڻي ٿي.

"تون صحرا ۾ هيڏو پري تائين ڪاميابيءَ سان پهچڻ ڪانپوءِ به لاپرواهيءَ کان ڪم نه وٺجانءِ ۽ نه ڪڏهن همت هارجان. تون ڀل صحرا سان پيار ڪر، پر مٿس مڪمل ڀروسو ڪرڻ جي غلطي ڪڏهن به ڪجان. ڇو ته صحرا سيني ماڻهن کي آزمائيندو آهي، صحرا هر قدم تي آزمائش وٺندو آهي ۽ انهن کي ماري ڇڏيندو آهي، جيڪي پٺڪي ويندا آهن يا مايوس ٿي ويندا آهن.۽

"جيڪڏهن ويڙهاڪ هٿي اچي وڃن ۽ سج لٿي تائين به تنهنجو سر سلامت

رهي ته تون مون کي ڳولي لهي مون وٽ اچجاءِ. ۽ ائين چئي گهوڙيسوار واپس ورڻ لڳو. هاڻ سندس هٿ ۾ تلوار بدران چهبڪ هو.

"تون ڪٿي رهندو آهين؟" چوڪري يڪدم ڪانئس رڙ ڪري پڇيو.

چهبڪ واري هٿ سان ڏکڻ ڏانهن اشارو ڪيو.

چوڪري جي ملاقات ڪيمياگر سان ٿي وئي هئي.

☆☆☆

ٻئي ڏينهن صبح ساڻ ٻه هزار هٿياربندن سڄي ال فايوم نخلستان جي ڪجين جي وٽن ۾ مورچا سنڀالي ورتا. ٻن پهرن جي وقت پنج سو قبائلي افق تي ظاهر ٿيا. اهي اتر کان نخلستان ۾ داخل ٿيا. ائين پئي لڳو ته اهي ڪنهن پرامن مهم تي آيل هئا، پر انهن سيني جي چوغن ۾ هٿيار لڪل هئا. اهي جڏهن نخلستان جي مرڪز ۾ قائم خيمي وٽ پهتا ته هنن يڪدم نندڙيون تلوارون ۽ رائفلون ڪڍي ورتيون ۽ خيمي تي حملو آور ٿي وڃا، پر خيمو بلڪل خالي هو.

ڪجين جي وٽن ۾ لڪل نخلستان جي هٿياربندن سندن چوڌاري گهيرو ڪري سواءِ هڪ جي باقي سيني حملو آورن کي ماري ڇڏيو. هنن اها سڄي ڪارروئي اڌ ڪلاڪ ۾ پوري ڪري ورتي.

اهو واحد قبائلي جنهن کي زندهه رکيو ويو هو، سو ان حملو آور دستي جو ڪماندر هو. ڪيس چڱن مڙسن جي آڏو پيش ڪيو ويو. جنهن ڪانئس پڇا ڪئي ته هن روايت جي پڇڪڙي ڇو ڪئي ۽ نخلستان تي حملو ڇو ڪيو.

ڪماندر ڪين ٻڌايو ته سندس ماڻهو اڄ ۽ بڪ ڪان مري رهيا هئا، جنهن ڪري هنن فيصلو ڪيو ته نخلستان مان ڪاڏي پاڻي جو بندوبست ڪري واپس جنگ ۾ شريڪ ٿجي. نخلستان جي قبائلي سردار ڪيس چيو ته هن کي قبائلين جي موت تي افسوس آهي پر هنن کي قبيلي جي مقدس روايت ٽوڙڻ نه گهندي هئي. هن ڪماندر کي موت جي سزا ٻڌائي ۽ ڪيس موت ۾ ڪو عزت وارو نه ڏنو. ڪيس بجاءِ گولي هڻي مارڻ جي، هڪ سڪل ڪجي جي وڻ ۾ لڙڪائي ڦاهي ڏني وئي، جتي سندس لاش هوا ۾ لڙڪندو رهيو.

قبائلي سردار چوڪري کي سڏايو ۽ ڪيس پنجاهه سونيون اشرفيون ڏنيون. هن چوڪري يوسف جي تاريخ دهرائي هئي ۽ چوڪري کي نخلستان جو صلاحڪار بڻجڻ جي پيشڪش ڪئي.

☆☆☆

جڏهن سج لٿو ۽ آسمان ۾ تارا ظاهر ٿيڻ لڳا، ته چوڪري اتي ڏکڻ طرف هلڻ شروع ڪيو. پنڌ ڪندي هو اچي هڪ خيمي وٽ پهتو. اتان گذرندڙ عربن ڪيس ٻڌايو ته هن خيمي ۾ جنن جو واسو آهي. تنهن ڪري اتان هليو وڃي پر هو ان خيمي جي ٻاهران ويهي رهيو ۽ ڪيمياگر جو انتظار ڪرڻ لڳو.

جڏهن چنڊ ڪافي چڙهي آيو ته

ڪيماگر کي گهوڙي تي ايندي ڏٺائين. ۽ مثل عقاب سندس ڪلهي تي رکيل هئا.

"مان هتي آهيان." چوڪري اٿي بيهي چيو.

"توکي هتي نہ هئڻ گهرجي ها." ڪيماگر ڪيس ٿهہ پهہ جواب ڏنو. "لڳي ٿو تہ توکي تنهنجي منزل مقصود هتي وٺي آئي آهي؟"

"قبائلين جي ويڙهہ هلندي صحرا پار ڪرڻ ممڪن نہ هو. جنهن ڪري مان اڄ هتي آهيان."

ڪيماگر گهوڙي تان لٿو ۽ چوڪري کي اشارو ڪيائين تہ هو ساڻس گڏ خيمي ۾ اندر هلي. اهو نخلستان جي عام خيمن جهڙو ئي خيمو هو. چوڪري هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي پر ڪيس ڪٿي بہ ڪيماگر جو ڪو سامان نظر نہ آيو. اتي فقط ڪجهہ ڪتاب، رڌ پچاءُ لاءِ سگري ۽ ڪي قالين رکيل هئا،جن مٿان ڊزائنون ٿهيل هيون.

"ويهي رهہ. پاڻ هاڻي ڪجهہ پيئنداسين ۽ هي عقاب ڪائينداسين." چوڪري کي لڳو تہ هي اهي ساڳيا عقاب هئا جيڪي هن صحرا ۾ ڏٺا هئا. پر هن ڪجهہ بہ ڪو نہ ڪڍيو. ڪيماگر باهہ ٻاري. خيمي ۾ چوڌاري مٺي خوشبو ڦهلجي وئي. هيءَ حقن جي خوشبو کان وڌيڪ بهتر هئي.

"تو مونسان ملڻ ڇو پئي چاهيو؟" چوڪري کانئس پڇيو.

"ڇو تہ مون کي اشارا مليا هئا،" ڪيماگر جواب ڏنو،"مون کي هوائن ٻڌائي ڇڏيو هو تہ تون اچي رهيو آهين، ۽ توکي منهنجي مدد جي ضرورت پوندي."

"هوائن جنهن جو ذڪر تو سان ڪيو آهي، اهو مان نہ آهيان، پر اهو انگريز آهي. جيڪو خاص توسان ملڻ لاءِ آيو آهي."

"هن کي پهريائين ٻيا ڪم ڪرڻا پوندا، پر بهرحال هو هاڻ صحيح رستي تي آهي. هن صحرا کي سمجهڻ شروع ڪري ڏنو آهي."

"۽ منهنجي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

"جڏهن ڪوئي شخص سچي دل سان ڪجهہ ڪرڻ چاهيندو آهي تہ سموري ڪائنات ان شخص جي مدد ڪندي آهي تہ جيئن هو پنهنجي خواب جي تعبير ماڻي سگهي." اهو ٻڌي چوڪري جي ذهن ۾ پراسرار پوڙهي بادشاهہ جي لفظن جو پڙاڏو گونجيو. چوڪرو سمجهي ويو تہ ڪيماگر ڪيس پنهنجي منزل مقصود ماڻڻ ۾ مدد ڪرڻ چاهي ٿو.

" ان جو مطلب اهي تہ تون منهنجي رهنمائي ڪندين؟ " چوڪري کانئس پڇيو.

"نہ، تون اڳ ۾ ئي اهو ڪجهہ ڄاڻين ٿو، جيڪو ڄاڻن تنهنجي لاءِ ضروري آهي. مان توکي رڳو تنهنجي خزاني جو طرف ٻڌائڻ وارو آهيان."

"پر هينئر تہ صحرا ۾ اڃان ويڙهہ هلي رهي آهي."

"مون کي خبر آهي تہ صحرا ۾ ڇا

ٿي رهيو اهي."

"مون کي پنهنجو خزانو ملي چڪو آهي. مون کي هڪڙو اٺ آهي. شيشي جي ٿانون جي دڪان تان خوب ڪمائي چڪو آهيان ۽ هاڻي مون وٽ پنجاهه سونيون اشرفيون پڻ آهن. پنهنجي ملڪ ۾ مان هاڻي هڪ امير شخص هوندس."

"پر اهو سڀ ڪجهه توکي اهرام وٽان ناهي مليو."

"مون وٽ فاطمه به آهي ۽ هن جهڙو قيمتي خزانو ٻيو ڪو به نه ٿو ٿي سگهي."

"پر اها به توکي مصر جي اهرامن وٽان ناهي ملي."

پوءِ خاموشي ڇانئجي وئي ۽ ٻنهي ماڻ ۾ ڪاڻ شروع ڪيو.

ڪيمياگر هڪ بوتل کولي ۽ ڇوڪري جي گلاس ۾ ڳاڙهو پاڻي اوتيو. هن جهڙو مزيدار شراب ڇوڪري اڳ ڪڏهن به نه پيتو هو.

"ڇا هتي شراب منع ناهي؟" ڇوڪري کانئس پڇيو.

"جيڪو انسان جي وات ۾ وجي ٿو اهو خراب ناهي هوندو، پر جيڪو سندس منهن مان نڪري ٿو سو خراب هوندو آهي."

ڪيمياگر جي منهن ۾ ٿور گهنج پئجي ويو هو، پر ڇوڪري جي شراب پيئڻ کانپوءِ هو ٺيڪ ٿي ويو هو.

ڪاڏي ڪاڻ ڪانپوءِ هو خيمي کان ٻاهر نڪري آيا.

ڪيمياگر ڏٺو ته ڇوڪرو هاڻي ڪافي خوش نظر اچي رهيو هو. هن کيس چيو "پي ۽ خوب مزو ماڻ. اڄ رات ڇڳيءَ ريت آرام ڪري وٺ. ائين سمجهه ته تون ويڙهاڪ آهين ۽ صبح جو وڙهڻ لاءِ تياري ڪري رهيو آهين. هڪڙي ڳالهه ياد رک ته جتي تنهنجي دل هوندي، اتي توکي پنهنجو خزانو ملي ويندو. تون خزاني جي تلاش ۾ نڪتو آهين ۽ اهو سمجهي ڇڏ ته رستي ۾ جيڪي ڪجهه تو سکيو يا ماڻيو آهي سو سڀ تنهنجي ڪم ايندو.۽

"سڀاڻي پنهنجو اٺ وڪڻ ۽ گهوڙو خريد ڪر. اٺ اوچتو ئي دوکو ڏئي وجهندا آهن. اهي هزارين ميلن تائين هلندا رهندا آهن ۽ لڳندو آهي ته اهي ٿڪبائي ڪو نه. پر پوءِ اهي اوچتو ئي گوڏن ۾ ويهي رهندا آهن ۽ مري ويندا آهن. ان جي پيٺ ۾ گهوڙا آهستي آهستي ٿڪبا آهن. سوار ڇاڻي سگهندو آهي ته هو اڃان ڪيس ڪيترو ڊوڙائي سگهي ٿو. جيڪڏهن هو مرڻ جي ويجهو هوندا آهن ته سواز کي اها به ڄاڻ پئجي ويندي آهي.

☆☆☆

هئي ڏينهن رات جو، ڇوڪرو گهوڙي تي چڙهي ڪيمياگر وٽ آيو. ڪيمياگر پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ ڪاهي ڪلهي تي باز کي ويهاريائين. هلندي هلندي هن ڇوڪري کي چيو "مون کي ڏيکار ته صحرا ۾ زندگي ڪٿي آهي، فقط اهي ئي پنهنجو خزانو ڳولڻ جي قابل هوندا آهن جيڪي صحرا ۾ زندگي جا نشان ڏسي سگهندا آهن."

ڇوڪري سوچيو ته هو صحرا ۾ زندگيءَ جا نشان سڃاڻي به سگهندو الائي نہ. شايد صحرا کان هو اجان ايڏو واقف نہ ٿي سگهيو هو.

هن ڪيمياگر کي اهو ٻڌائڻ پئي چاهيو پر ائين ڪندي ڪيس هيڪ پئي ٿي. هلندي هلندي هو ان جاءِ تي پهتا جتي ڇوڪري اڏامندڙ عقاب ڏٺا هئا پر هاڻي اتي بلڪل ماڻار جو راڄ هو.

"مان نٿو ڄاڻان ته صحرا ۾ زندگي کي تلاش ڪيئن ڪجي." ڇوڪري نيٺ چئي ڏنو. "مون کي اها ته ڄاڻ آهي ته صحرا ۾ زندگي جو وجود آهي پر مون کي اهو پتو ناهي ته ان کي ڪيئن تلاش ڪجي."

"زندگي، زندگيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي." ڪيمياگر ڪيس اشارو ڏنو.

ڇوڪرو سمجهي ويو. هن گهوڙي جي واڳ ڊري ڪري ڇڏي ۽ گهوڙو ٽڪرين ۽ وادين مٿان ڇلانگون ڏيندو اڳتي وڌڻ لڳو. ڪيمياگر سندس ڪڍ هو. هو ڪانئس ڪافي پنڌيان رهجي ويو هو. نخلستان جي ڪجين جا وڻ هاڻ نظرن کان اوجهل ٿي چڪا هئا. هو ڪافي اڳيان وڌي چڪا هئا. اوچتو ئي ڇوڪري جي گهوڙي پنهنجي رفتار گهٽائي ڇڏي، جنهن جو بظاهر ڪو سبب نظر نہ پئي آيو.

"زندگي هتي آهي،" ڇوڪري، ڪيمياگر سان مخاطب ٿيندي چيو.ءِ مان صحرا جي زبان نہ ٿو ڄاڻان پر منهنجو گهوڙو زندگي جي زبان ڄاڻي ٿو."

ڪيمياگر موٽ ۾ ڪجهہ به نہ چيو.ٻئي ڄڻا گهوڙن تان هيٺ لهي پيا.

آهستي آهستي اڳتي وڌندي، هو پٿرن ۾ ڪجهہ تلاش ڪرڻ لڳا. اتي ڪيس پٿرن ۾ هڪ سوراخ نظر آيو. ڪيمياگر ان سوراخ ۾ پهرين پنهنجو هٿ، ۽ پوءِ ڪلهن تائين پنهنجي پوري ٻانهن وڌي. اتي ڪا شيءَ ڇري پري رهي هئي ۽ ڪيمياگر جون اکيون به ان ئي طرح ڦري رهيون هيون. ڇوڪرو رڳو سندس اکيون ڏسي ٿي سگهيو. ائين ٿي لڳو ته ڪيمياگر جي ٻانهن، سوراخ ۾ موجود ڪنهن شيءَ سان ڄڻ وڙهي رهي هجي ۽ پوءِ هڪ جهٽڪي سان هن ٻانهن ٻاهر ڪڍي ورتي. سندس هٿ ۾ نانگ جو پڇ هو.

نانگ ڪيمياگر سان وڙهڻ لڳو.پر ڪيمياگر جهٽ ۾ ڪيس قابو ڪري ورتو. اهو ڪاريهر نانگ هو، جنهن جو ڏنگ منٽن ۾ ئي ماڻهو کي ماري سگهي ٿو.

ڇوڪري يڪدم رڙ ڪري چيو "هن جي ڏنگ کان بچجان." ڇوڪري جو ان پاسي تڪڙ ۾ ڌيان ئي نہ ويو ته ڪيمياگر جڏهن ڪاريهر جي ٻر ۾ هٿ وڌو هو تڏهن ئي ان نانگ ڪيس ڏنگي وڌو هوندو. ان جي باوجود به ڪيمياگر بلڪل پرسڪون هو. ڇوڪري کي انگريز جا لفظ ياد آيا ته ڪيمياگر جي عمر ٻہ سو سال آهي. ڪيس يقين ٿي ويو ته ڪيمياگر صحرا جي نانگ کي منهن ڏيڻ

ڇاڻي ٿو.

ڇوڪري ڏٺو ته ڪيمياگر پنهنجي گهوڙي ڏانهن وري اتان نندي تلوار ڪڍي ورتي. تلوار جي ڌار سان هن واريءَ تي هڪ گول دائرو ٺاهيو ۽ نانگ کي ان جي اندر ڦٽو ڪيو . نانگ اتي بلڪل شانت ٿي ويو.

"هاڻي گهبرائڻ جي ڪائي ڳالهه ناهي." ڪيمياگر وراڻيو. "هاڻي هي نانگ هن دائري کان ٻاهر نه ايندو. ها، تو واقعي صحرا ۾ زندگي کي ڳولي لڌو. مون اهو ئي ڏسڻ پئي چاهيو."

"پر اها ڳالهه ايڏي اهميت واري ڇو آهي؟"

"ڇو ته اهرامن جي چوطرف رڳو صحرا آهي."

ڇوڪري اهرام جي باري ۾ ڳالهائڻ نه ٿي چاهيو. فاطمه کان وڇوڙي جي خيال هن کي جهوري ٿي وڌو. سندس هنيان ڀرجي آيو. هو رات کان وٺي ڏاڍو اداس ۽ غمگين هو. خزاني جي تلاش ۾ نڪرڻ جو مطلب فاطمه کان وڇڙڻ هو.

"مان هاڻي توکي صحرا پار ڪرائڻ لاءِ تنهنجي رهنمائي ڪندس." ڪيمياگر کيس ٻڌايو.

"مان نخلستان ۾ ئي رهڻ چاهيان ٿو." ڇوڪري کيس جواب ڏنو."منهنجي لاءِ فاطمه کان وڌيڪ قيمتي ٻيو ڪو به خزانو ناهي."

"فاطمه، صحراجي عورت آهي،" ڪيمياگر کيس سمجهائيندي چيو. "هوءَ ڄاڻي ٿي ته مرد پري ويندا آهن ۽ پوءِ موٽي نه ايندا آهن. هن جو خزانو تون آهين، جيڪو هن کي ملي چڪو آهي. هاڻي هوءَ ان اميد سان آهي ته تون اهو ڪجهه حاصل ڪري موٽندين جنهن جي تلاش ۾ تون نڪتو آهين."

"جيڪڏهن مان پوءِ به نخلستان ۾ ئي ترسڻ جو فيصلو ڪريان ته؟"

"مان توکي ٻڌايان ٿو ته پوءِ ڇا ٿيندو. تون نخلستان جو صلاحڪار بڻجي ويندين. تو وٽ ايترو سون آهي جو تون رڍون ۽ اٺ به خريد ڪري وٺندين. تون فاطمه سان شادي ڪندين ۽ هڪ سال تائين اوهان ٻئي خوش گذاريندا. تون صحرا سان پيار ڪرڻ سکي وٺندين ۽ تون هر هڪ ڪجيءَ جي وڻ کان واقف ٿي ويندين. تون انهن کي اپرندي، وڌندي ۽ ويجهندو ڏسندين ۽ سمجهي ويندي ته ڪيئن دنيا سدائين بدلجندي رهي ٿي. تون اشارن کي سمجهڻ ۾ به ڏينهون ڏينهن ڀڙ ٿيندو ويندين، ڇو ته صحرا جهڙو بهترين استاد توکي ان جي تربيت ڏيندو رهندو.۽

"ٻئي سال دوران، ڪنهن وقت توکي پنهنجو خزانو ياد ايندو. صحرا جا اشارا توکي اهو ڳولي هٿ ڪرڻ لاءِ زور ڀرندا، پر تون مسلسل انهن کي نظر انداز ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪندين. تون پنهنجو سمورو علم ۽ تجربو نخلستان ۽ هتان جي رهواسين جي ڀلي لاءِ استعمال ڪندين، جنهن جي ڪري قبائلين ۽ ڇڳن مڙسن وٽ تنهنجو مان وڌي ويندو. تنهنجا اٺ، تنهنجي دولت ۽ طاقت ۾

اضافو ڪندا رهندا."

" ٽئين سال دوران، اشارا توکي تنهنجو خزانو ۽ تنهنجي منزل مقصود ياد پيا ڏيارينداِ. پوءِ تون هر رات نخلستان ۾ پيو پٽڪندين ۽ فاطمہ اداس ٿي ويندي تہ هن جي ڪري تو پنهنجي خزاني جي تلاش اڌ ۾ ڇڏي ڏني، پر تون هن کي پيار ڏيندو رهندين ۽ هوءَ بہ توکي موٽ ۾ پيار ڏيندي رهندي. توکي ياد ايندو تہ هن توکي وڃڻ کان ڪڏهن بہ نہ روڪيو هو ڇو تہ صحرا جي هر عورت ڄاڻي ٿي تہ هن کي پهنجي مرد جو انتظار ڪرڻو ٿي پوندو آهي. جنهن ڪري تون هن کي ڪو بہ طعنو ڏئي نہ سگهندين. پر تون ڪيترائي ڀيرا صحرا ۾ پٽڪي اهو پيو سوچيندين تہ جيڪر تون پنهنجي خزاني جي تلاش ۾ نڪري ويو هجين ها.... ۽ اهو تہ توکي فاطمہ جي پيار تي ڀروسو هجي ها. توکي احساس ٿي ويندو تہ توکي ان خوف روڪي وڌو هو تہ متان تون ڪڏهن بہ نہ موٽي سگهين.۽

"پوءِ چوٿين سال دوران اشارا توسان ڳالهائڻ ڇڏي ڏيندا. ڇو تہ تو ڪين ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو هو. قبيلي جا چڱا مڙس بہ جلد ئي اهو سمجهي وٺندا تہ اشارا تنهنجو ساٿ ڇڏي ويا آهن، جنهن ڪري توکي صلاحڪاريءَ جي عهدي تان هٽايو ويندو. جيتوڻيڪ ان وقت تائين تون امير واپاري بڻجي چڪو هوندين، پر تون باقي زندگي ان افسوس ۾ گذاريندين تہ تو پنهنجي منزل مقصود جي تلاش اڌ ۾ ڇڏي ڏني ۽ ان وقت ڏاڍي دير ٿي چڪي هوندي.۽

"تون هڪڙي ڳالهہ چڱيءَ ريت ذهن نشين ڪري ڇڏ تہ پيار ڪڏهن بہ انسان کي پنهنجي منزل مقصود جي تلاش کان ناهي روڪيندو. جڏهن ڪوئي ائين ڪندو آهي تہ فقط ان ڪري جو اهو پيار سچو پيار نہ هوندو آهي.... سچو پيار تہ ڪائناتي زبان ڄاڻندو آهي."

ڪيمياگر گول دائرو مٽائي ڇڏيو ۽ نانگ واپس ۾ منجهہ هليو ويو. ڇوڪري کي شيشي جو واپاري ياد آيو جنهن هميشہ مڪي وڃڻ تہ چاهيو پئي پر وڃي نہ ٿي سگهيو. هن فاطمہ جي باري ۾ سوچيو، جنهن کي صحرا تي پورو ڀروسو هو ۽ هن صحرا ڏانهن ڏٺو، جنهن هن کي فاطمہ سان ملايو هو.

هو ٻئي ڇٽا گهوڙن تي چڙهيا ۽ هن دفعي نخلستان ڏانهن موٽندي ڇوڪرو ڪيمياگر جي ڪڍ هو. هوائون نخلستان جا آواز وٺن ڪٽي آيون ۽ ڇوڪري فاطمہ جو آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي.

اها سڄي رات هو سوچيندو رهيو. آخر دل ۾ فيصلو ڪيائين.

"مان توسان گڏ هلڻ لاءِ تيار آهيان." سندس زبان مان جيئن ئي اهي لفظ نڪتا تہ ڪيس محسوس ٿيو تہ ڇڻ سندس اندر جو سڄو طوفان ماڻ ٿي ويو ۽ سندس دل سڪون سان ڀرجي وئي هجي.

"اسين سياڻي سڄ ايرڻ کان اڳ نڪرنداسين." ڪيمياگر بس ايترو

ڳالهايو.

☆☆☆

چوڪري کي سڄي رات ننڊ نہ آئي. سج اڀرڻ کان ٻہ ڪلاڪ اڳ، هن پنهنجي خيمي ۾ ستل هڪ عرب چوڪري کيَ جاڳائي چيو تہ هو ڪيس فاطمہ جي خيمي ڏانهن وٺي هلي. هو ٻئي گڏجي اچي فاطمہ جي خيمي وٽ پهتا ۽ چوڪري پنهنجي عرب دوست کي هڪ رڍ خريد ڪرڻ جيترو سون تحفي ۾ ڏنو ۽ ڪيس ڄيو تہ هو اندر وڃي فاطمہ کي اتاري ۽ ٻاهر وٺي اچي. عرب چوڪري ائين ئي ڪيو. هن وري ڪيس وري ايترو سون ڏنو جو هو ٻي ٻہ رڍ خريد ڪري سگهيو ٿي. پوءِ اهو عرب چوڪرو واپس پنهنجي خيمي ڏانهن وريو.

فاطمہ خميي جي لنگهہ وٽ اچي بيٺي ۽ پوءِ ٻئي ڇٽا ڪجين جي وڻن طرف هلڻ لڳا. چوڪري ڇاتو پئي تہ اها روايت جي پيڇڪڙي هئي، پر هاڻ هن ڪيس ان ڳالهہ جي ڪا پرواهہ نہ هئي.

"مان وڃي رهيو آهيان ۽ مان توکي اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ مان موٽي ايندس. مان توکي پيار ٿو ڪريان چاڪاڻ ...."

"وڌيڪ ڪجهہ نہ چئہ،" فاطمہ سندس ڳالهہ وچ ۾ ڪٽيندي چيو، "پيار ڪرڻ لاءِ ڪنهن سبب جو هئڻ ضروري ناهي. جيڪڏهن ڪنهن سان پيار آهي تہ بس پيار آهي."

پر چوڪري وري ڳالهائڻ شروع ڪيو." منهنجو هڪڙو خواب هو ۽ مون کي هڪڙو پراسرار بادشاهہ گڏيو. مون شيشي جي ٽانون جي دڪان تي ڪم ڪيو ۽ صحرا جو سفر ڪيو. قبائلي ويڙهہ سبب مان هتي رڪيس ۽ ڪيمياگر جي تلاش ۾ ڪوهہ تي پهتس، جتي مون کي تون ملينءَ. مان توسان پيار ڪريان ٿو، چاڪاڻ تہ سموريءَ ڪائنات مون کي توسان ملائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي آهي."

ٻنهي ڄڻن بي اختياريءَ ۾ هڪ ٻئي کي ڀاڪر پاتو. هي پهريون ڀيرو هو، جو هنن هڪٻئي کي ڇهيو هو.

"مان ضرور ورندس." چوڪري وري ٻہ ساڳي ڳالهہ ڪئي.

"هن کان اڳ مان صحرا ڏانهن بي مقصد سان واجهائيندي هيس، پر هاڻي مون کي سدائين تنهنجي موٽڻ جي آس هوندي. هڪڙي ڏينهن منهنجو پيءُ ٻہ صحرا ڏانهن ويو هو ۽ پوءِ هو منهنجي ماءُ وٽ موٽي آيو هو. تڏهن کان هو جڏهن ٻہ ويندو آهي تہ واپس ورندو آهي."

هنن وڌيڪ ڪجهہ ڪو نہ ڳالهايو. هو ٻئي واپس وريا. چوڪري فاطمہ کي سندس خيمي جي لنگهہ وٽ ڇڏيو.

"مان ايئن موٽي ايندس جيئن تنهنجو پيءُ تنهنجي ماءُ ڈي موٽي آيو هو." چوڪري موڪلائيندي چيو.

هن ڏنو تہ فاطمہ جون اکيون ڀرجي آيون هيون.

"تون روئي رهي آهين؟"

" جيتوڻيڪ مان صحرا جي عورت

آهيان،" فاطمہ منهن پاسيرو ڪندي چيو،" پر پوءِ بہ تہ آهيان عورت نہ..." ائين چئي فاطمہ ڪائنس موڪلائي خيمي ۾ اندر هلي وئي. جڏهن سج اڀري آيو تہ هن ٻاهر نڪري اهي ڪم ڪار شروع ڪيا جيڪي هوءَ سالن کان ڪندي ٿي آئي. پر اڄ سندس سڀ ڪجهہ بدلجي ويو هو. نخلستان ۾ اڄ سندس پيار موجود ڪو نہ هو، جنهن ڪري اڄ نخلستان ۾ اها رونق نہ پئي نظر آيس، جيڪا ڪالهہ ڏني هئائين. هاڻ نخلستان ۾ نہ پنجاهہ هزار ڪجين جا وڻ هئا ۽ نہ ئي ٽي سو ڪوهہ، جتي مسافر اچي تڪ ڀڃندا هئا. هاڻ فاطمہ لاءِ نخلستان هڪ ويران جڳہ ڪانسوءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو.

هاڻ هن لاءِ صحرا ئي سڀ ڪجهہ هو. هوءَ روزانو صحرا ڏانهن نهاريندي هئي ۽ راتين جو اندازو لڳائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي تہ سندس محبوب پنهنجي خزاني ۾ تلاش ۾ ڪهڙي ستاري سان گڏ سفر ڪندو هوندو. هن هوا ۾ پنهنجون چميون موڪليون تہ جيئن اهي سندس محبوب جي مک کي چمي ڪيس ٻڌائين تہ هوءَ اڃان زندهہ آهي. ان ڏينهن کان وٺي صحرا هن جي اميد جو مرڪز بڻجي ويو.

☆☆☆

"تون جيڪي ڪجهہ پوئتي ڇڏي آيو آهين تنهنجي باري ۾ نہ سوچ." ڪيمياگر ڪيس نصيحت ڪندي چيو، "ڪائنات جي روح ۾ سيڪجهہ لکيل آهي، ۽ اتي اهو سدائين قائم دائم رهندو."

"مرد گهرن ڏي موٽڻ جا خواب وڌيڪ ڏسندا آهن بسنت گهرن ڇڏڻ جي." ڇوڪري وراڻي ڏني ۽ صحرا جي سانت ۾ گم ٿي وڃڻ چاهيو.

جيڪڏهن ڪاشيءَ نج مادي جي ٺهيل هوندي آهي تہ اها ڪڏهن بہ خراب ناهي ٿيندي. هر ڪو هميشہ واپس اچي سگهي ٿو .پر جيڪڏهن تلاس رڳو هڪ تاري جي روشني آهي تہ اها جلدئي اجهامي ويندي ۽ توکي ڪجهہ بہ نہ ملندو."

جيتوڻيڪ هن ڪيميا جي زبان ۾ ڳالهايو هو، پر ڇوڪرو سمجهي ويو تہ هُو فاطمہ جي باري ڳالهائي رهيو هو.

اهو ڏاڍو مشڪل هو تہ هو ان باري ۾ نہ سوچي جيڪو هو پوئتي ڇڏي آيو هو. صحرا جي اٽڪڻ نظر ايندڙ سفر ڪيس خوابن جي دنيا ۾ موڪلي ڇڏيو. گهڙي گهڙي هن جي نظرن آڏو نلخستان جون ڪجيون، پاڻيءَ جا ڪوهہ ۽ ان عورت جو حسين چهرو ڦري پئي آيا جنهن سان هن پيار ٿي ڪيو. هن کي لڳو تہ ڪيمياگر شايد ڪڏهن بہ پيار نہ ڪيو آهي.

ڪيمياگر اڳيان اڳيان هلي رهيو هو ۽ باز سندس ڪاڀي کلهي تي ويٺل هو. باز صحرا جي ٻولي چڱيءَ ريت ڄاتي پئي. هو جڏهن بہ ڪٿي رڪبا هئا تہ عقاب شڪار شڪار جي ڳولا ۾ اڏامي ويندو هو. پهرين ڏينهن باز موٽيو تہ ساڻس سهو گڏ هو، ٻئي ڏينهن هن ٻہ

پڪي آندا.

☆☆☆

هو رات جو باه اجهائي سمهندا هئا تہ متان صحرا ۾ وڙهندڙ قبيلا نہ ڪين ڏسي وٺن. هو اهڙا رستا وٺي وڃي رهيا هئا، جن تي قبائلي وڙهڻ وارن سان ٽڪرجڻ جو ڪو گهٽو خدشو هو. ٻنهيءَ کي سفر ڪندي هفتو گذري ويو. ستين ڏينهن تي ڪيمياگر معمول جي پيٽ ۾ سويل ئي خيمو کوڙيو. باز شڪار ڪرڻ اڏامي ويو هو. ڪيمياگر پنهنجي پاڻيءَ جي جهلي چوڪري کي آڇيندي چيو، "هاڻي تون ڄاڻ پنهنجو سفر پورو ڪرڻ وارو آهين. مان توکي مبارڪباد تو ڏيان تہ تو پنهنجي منزل مقصدو کي ماڻڻ لاءِ هيترو پاڻ پتوڙيو آهي."

"پر تو مون کي سڄي رستي ۾ ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو آهي. مون سمجهيو هو تہ تون مون کي رستي ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ سيکاريندو هلندين. تو وٽ پهچڻ تائين مون اهڙي ماڻهوءَ سان سفر ڪيو، جنهن وٽ ڪيميا جي ڪتابن جون پريون هيون، پر مان انهن منجهان ڪجهہ بہ سکي نہ سگهيس."

"سکڻ جو فقط هڪڙو ئي رستو آهي،" ڪيمياگر ڪيس ورندي ڏني، "اهو آهي عمل. جيڪي ڪجهہ توکي سکڻ جي ضرورت آهي، سو تو سفر ذريعي سکيو آهي."

چوڪرو اڃان ڪجهہ پڇڻ وارو هو تہ هن ڏٺو تہ ڪيمياگر آسمان ۾ باز لاءِ واجهائي رهيو هو.

"توکي ڪيمياگر ڇو تو سڏيو وڃي؟"

"ڇو تہ مان ڪيمياگر آهيان."

"پر ٻين ڪيمياگرن سان ائين ڇو تو ٿئي، جو هو سون ٺاهڻ جي ڪوشش تہ ڪن ٿا پر ناڪام ٿي وڃن ٿا؟"

"ڇو تہ اهي فقط سون جي تلاش ۾ هوندا آهن." ڪيمياگر وراڻيو. "هو پنهجي منزل مقصود ماڻڻ بدران فقط خزانو حاصل ڪرڻ چاهيندا آهن."

"اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا منهنجي لاءِ سکڻ ضروري آهي؟"

پر ڪيمياگر وري بہ جواب ڏيڻ بدران افق ڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ آخرڪارباز شڪار سميت موٽي آيو. هنن هڪڙي ڪڏ ڪوٽي ان ۾ باهہ ٻاري تہ جيئن باهہ جي روشني ٻاهر ڏسڻ ۾ نہ اچي. قبائلي ويڙهہ اڃان بہ هلي رهي هئي ۽ هنن سڄي سفر دوران اهو احتياط ڪيو هوتہ جيئن ڪنهن بہ فوج جو ڌيان انهن ڏانهن نہ وڃي.

"ها بالڪل سڌي سئين ڳالهہ آهي تہ مان ڪيمياگر آهيان. ڇو تہ مان ڪيمياگر آهيان." ماني پچائيندي هن چيو، "مون پنهنجي ڏاڏي کان اها سائنس سکي، هن پنهنجي پيءُ کان سکي هئي ۽ ان وري پنهنجي پيءُ کان.... اهو سلسلو ڪائنات جي تخليق کان وٺي هلندو تو اچي. انهن جي زمانن ۾ ڪيميا جو شاهڪار ڪم هڪ زمرد تي لکيل هو. پر پوءِ ماڻهن سڌين سادين شين کي رد ڪرڻ شروع ڪيو. ان جي بدران هنن

وڏيون وڏيون تشريحون، پيچيده خاڪا ۽ فلسفيانا نظريا لکڻ شروع ڪيا. ائين ڪندي هو سمجهڻ لڳا ته هن ٻين جي پيٽ ۾ وڏيڪ بهتر رستا تلاش ڪري ورتا آهن. جڏهن ته زمرد جي اها تختي اڄ به زنده آهي."

"زمرد جي تختي تي ڇا لکيل آهي؟" چوڪري تجسس منجهان پڇيو.

ڪيمياگر واريءَ تي ليڪا پائڻ شروع ڪيا ۽ پنجن منٽن ۾ ڪجهه لکي پورو ڪيو. هو لکڻ ۾ مشغول هو ته چوڪري کي پراسرار بادشاه ياد اچي ويو. ڪيس ائين لڳو ته ساڻس ملي الائي ڪيترا سال گذري چڪا آهن.

ڪيمياگر جڏهن لکي پورو ڪيو ته چوڪري سان مخاطب ٿيو:

"زمرد جي تختي تي هي لکيل هو."

چوڪري واريءَ تي لکيل ليکڻ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيس.آخرڪار مايوس ٿي چيو." هيءَ ڪا ڳجهي ٻولي ٿي لڳي، اهڙي جيڪا مون انگريز جي ڪتابن ۾ ڏٺي هئي."

" نه." ڪيمياگر وراڻيو." هيءَ انهن ٻن عقابن جي اڏام جيان آهي، انهيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. هن کي فقط عقل ۽ منطق سان نه ٿو سمجهي سگهجي. زمرد جي تختي، ڪائنات جي روح ڏانهن وڃڻ جو سڌو لنگهه آهي."

"ڏاهن ماڻهن سمجهي ورتو هو ته هيءَ قدرتي دنيا دراصل جنت جو نقل ۽ عڪس آهي. هن دنيا جو وجود ان ڳالهه جي ضمانت آهي ته هڪ اهڙي دنيا موجود آهي جيڪا مڪمل ۽ بي عيب آهي. خد هيءَ دنيا ان لاءِ خلقي آهي ته جيئن انسان ظاهري نظر ايندڙ شين رستي روحاني تعليم حاصل ڪري سگهي ۽ قدرت جي ڏاهپ جا موتي ماڻي سگهي. جڏهن مان عمل جي ڳالهه ڪريان ٿو ته ان جي معنيٰ اهائي آهي."

"ڇا مان زمرد جي تختي تي جيڪي لکيل آهي، سو سمجهي سگهان ٿو؟"

"ها شايد، جيڪڏهن تون هينئر ڪيميا جي ڪنهن لئبارٽري ۾ هجين ها ته زمرد جي تختي تي لکيل تحرير کي پڙهڻ سمجهڻ جو هي بلڪل صحيح وقت هجي ها، پر هينئر تون صحرا ۾ آهين. سو تون پاڻ کي ان ۾ سموئي ڇڏ. صحرا توکي سڄي دنيا جي باري ۾ سمجهاڻي ڏئي ڇڏيندو. سچ اهو آهي ته هن ڌرتي جي مٽاڇري تي موجود ڪا به شيءِ ائين ڪري سگهي ٿي. تولاءِ صحرا کي به سمجهڻ ضروري نه آهي. توکي فقط ايترو ڪرڻو آهي ته تون واريءَ جي هڪ ذري تي ڌيان ڏي، ۽ توکي ان منجهه تخليق جا سمورا عجب اسرار نظر ايندا."

"مان پنهنجو پاڻ کي صحرا ۾ ڪيئن سمويان؟"

"پنهنجي اندر جو آواز ٻڌ. اهو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو، ڇاڪاڻ ته جيڪي ڪجهه وجود رکي ٿو، اهو ڪائنات جي

روح طرفان اچي ٿو ۽ اهو ئي اوڏانهس واپس ويندو."

☆☆☆

هو ٻه ڏينهن ٻيا ٻه صحرا ۾ سفر ڪندا رهيا. هر گهٽو تڏو خاموش رهندا هئا. هاڻي هو ان علاقي وٽ پهچي رهيا هئا جتي قبائلين وچ ۾ ويڙهه ٿي رهي هئي. ڪيمياگر گهڻو محتاط ٿي ويو هو. اڳتي وڌندي. چوڪري پنهنجي اندر جو آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي.

ائين ڪرڻ آسان نه هو. گذريل زمانن ۾، هن جي دل هر وقت ڪيس پنهنجي ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ تيار هوندي هئي. پر هاڻي ائين نه هو ۽ هن جي دل ڪڏهن خاموش نه ٿي رهي. ان مهل به نه، جڏهن هو ۽ ڪيمياگر ماڻ ۾ هوندا هئا.

"اسان کي پنهنجي دلين جو آواز ڇو ٻڌڻ گهرجي؟" چوڪري ڪيمياگر کان رات جو خيمي ۾ آرام دوران پڇيو.

"ڇو ته جتي تنهنجي دل هوندي، توکي پنهنجو خزانو اتان ئي ملي سگهندو." ڪيمياگر وراڻيو.

"پر منهنجي دل احتجاج ڪري رهي آهي. هن جا پنهنجا خواب آهن. اها جذباتي ٿي وڃي ٿي، ڇو ته هن جو صحرا جي عورت سان جذباتي لڳاءُ ٿي ويو آهي. هوءَ مون کان ڪجهه طلبي ٿي ۽ مون کي ڪيترين ئي راتيون سمهڻ نه ٿي ڏئي. مان بس فاطمه لاءِ ئي سوچيندو رهان ٿو."

"اها سٺي ڳالهه آهي، تنهنجي دل زنده آهي. اها جيڪي ڪجهه توکي چوڻ چاهي ٿي، تون ٻڌندو رهه."

ٻيا ٽي ڏينهن به هو ائين سفر ڪندا رهيا. ڪيس رستي ۾ ڪيترائي هٿياربند قبائلي ملڻا ۽ ڪجهه هنن کي افق تي نظر آيا. چوڪري جي دل خوف جون ڳالهيون ڪرڻ لڳي. سندس دل ڪيس اهي ڳالهيون ٻڌايون جيڪي ان ڪائنات جي روح کان ٻڌيون هيون، انهن ماڻهن جون ڪهاڻيون جيڪي پنهنجي خزني جي تلاش ۾ ته نڪتا هئا، پر ڪڏهن ڪامياب نه ٿيا هئا. اهي ڳالهيون ٻڌي ڪڏهن ڪڏهن چوڪري کي ڊپ اچي لڳندو هو ته متان ڪٿي هو به پنهنجو خزانو ڳولڻ ۾ ناڪام نه ٿي وڃي، يا وري هتي صحرا ۾ ئي نه مري وڃي. ڪن ٻين موقعن تي سندس دل ڪيس آئت ڏيڻ لڳندي هئي ته هوءَ بلڪل مطمئن آهي ڇو ته ڪيس پنهنجو پيار ۽ دولت ٻئي ملي چڪا آهن.

"منهنجي دل موٽ کي ڊيڄاري رهي آهي." گهوڙن کي ساهي پٽائڻ وقت چوڪري، ڪيمياگر کي چيو. "اها نٿي چاهي ته مان پنهنجو سفر جاري رکان."

"اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي." ڪيمياگر وراڻيو، "هن کي قدرتي اهو خوف آهي ته ڪٿي تون پنهنجي خواب جي تڪميل جي سفر ۾ اهو سڀ ڪجهه وڃائي نه ويهين جيڪي تون جيتي چڪو آهين."

"جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ مان پنهنجي دل جي ڳالهه ڇو ٻڌان؟"

"ڇو ته تون ڪڏهن به ان کي ماڻ

ڪرائي نہ سگهندين، پل تون ان کي اهو محسوس بہ ڪرائين تہ تون سندس ڳالهہ ٻڌي نہ رهيو آهين. ڇو تہ اها هميشہ تنهنجي اندر رهي ٿي ۽ تنهنجي آڏو اها ڳالهہ دهرائيندي رهندي تہ تون زندگي ۽ ڪائنات جي باري ۾ ڇا سوچي رهيو آهين."

"تنهنجو مطلب آهي تہ مان دل جي ڳالهہ ٻڌان، پوءِ پل ڇو نہ اها دوکو ڏيندي هجي؟"

"دوکو اهو صدمو آهي جيڪو انتهائي غير متوقع هوندو آهي، پر جيڪڏهن تون پنهنجي دل کان چڱيءَ ريت واقف آهين تہ پوءِ اها ڪڏهن بہ توسان غداري نہ ٿي ڪري سگهي. ڇو تہ ان صورت ۾ تون پنهنجي دل جي خواهش ۽ خواهشن کان چڱيءَ پر واقف هوندين ۽ اهو بہ ڄاڻي سگهندين تہ انهن سان ڪيئن منهن ڏجي.۽

تون پنهنجي دل کان ڪڏهن بہ پڇي نہ ٿو سگهين. ان ڪري اهو بهتر آهي تہ تون ٻڌ تہ اها ڇا ٿي چوي. ان طرح سان توکي اهو بہ خوف نہ رهندو تہ ڪو تنهنجي دل ڪڏهن توکي دوکو ڏيندي."

صحرا پار ڪندي ڇوڪرو پنهنجي دل جو آواز ٻڌندو رهيو. هي دل جي دڙڪن، دهمانن ۽ اٽڪلن کي هاڻ سمجهڻ لڳو هو ۽ هن پنهنجي دل کي ائين ئي قبول ڪيو، جيئن اها هئي. هاڻ خوف هن کان موڪلائي ويو هو ۽ نخلستان ڏانهن واپس وري جي خواهش هن کي محسوس نہ ٿيڻ لڳي هئي، ڇو تہ هڪڙي ٻيهريءَ جو هن جي دل ساڻس سرپاڻ ڪيو تہ هوءَ خوش آهي. هن جي دل چيو "جيتوڻيڪ مان ڪڏهن ڪڏهن شڪايت ڪندي آهيان، پر اهو ان ڪري جو مان انسان جي دل آهيان ۽ انسانن جون دليون بس ائين ئي هونديون آهن. ماڻهو پنهنجن اهم ترين خوابن جي حاصلات کان ڊڄندا آهن، ڇاڪاڻ تہ هو سمجهندا آهن تہ هو ان جا اهل ناهن، يا ڪين اها صلاحيت نہ آهي تہ پنهنجن خوابن جي حاصلات ڪري سگهن. جيڪي سندن دليون آهيون، ڊڄي ويندين آهيون تہ ڪٿي اسين پنهنجن پيارن کان هميشہ لاءِ وڇڙي نہ وڃون. ڇو تہ ان صورتحال ۾ اسان کي بي انتها پوڳڻو پوندو آهي."

"منهنجي دل کي سدائين اهو خوف ٿو رهي تہ ڪٿي هن کي بي انتها پوڳڻو نہ پوي." هڪڙي رات ڇوڪري، ڪيمياگر کي پنهنجي دل جي ڳالهہ ٻڌائي.

"پنهنجي دل کي ٻڌاءِ تہ پوڳڻ جو خوف، پوڳڻ کان وڌيڪ اذيتناڪ هوندو آهي ۽ ڪيس ٻڌاءِ تہ ڪا بہ دل ان وقت تائين ناهي پوڳيندي جيسيتائين اها پنهنجي خوابن جي ڳولا ۾ محو هوندي آهي ڇو تہ تلاش جو هر لمحو خدا اسان ملاقات جو لمحو هوندو آهي، ابديت سان ملڻ جو لمحو هوندو آهي."

"تلاش جو هر لمحو خدا سان ملڻ جو لمحو هوندو آهي،" ڇوڪري پنهنجي

دل کي سمجهايو." جڏهن مان پنهنجي خزاني جي سچي تلاش ۾ هوندو آهيان تہ منهنجو هر ڏينهن روشن هوندو آهي. جڏهن مان پنهنجي خزاني جي سچي تلاش ۾ هوندو آهيان تہ مون کي اهو سڀ ڪجهہ ملندو آهي. جيڪڏهن مان خزاني جي تلاش جي همت نہ ڪريان ها تہ مون کي ڪجهہ بہ نہ ملي ها. خزاني جي تلاش ۾ مون کي جيڪي ڪجهہ مليو آهي تنهن لاءِ ڪوئي ريڊار سوچي بہ نہ ٿو سگهي."

سندس دل اهو ٻڌي سچو ڏينهن ماڻ رهي. رات جو بہ ڇوڪري کي ڏاڍي گهري مني ننڊ آئي. صبح جو جڏهن سندس اک کلي تہ هن جي دل کيس اهي ڳالهيون ٻڌائڻ لڳي جيڪي ڪائنات جي روح کيس ٻڌايون هيون. هن کيس چيو تہ اهي سمورا ماڻهو جيڪي خوش هوندا آهن، خدا تن جي اندر منجهہ هوندو آهي. اها خوشي ماڻهن کي واريءَ جي هڪ ذري مان بہ ملي سگهي ٿي، جيئن کيس ڪيمياگر ٻڌايو هو. ڇو تہ واريءَ جو اهو ذرو تخليق جو هڪ پل آهي ۽ ڪائنات کي اهو تخليق ڪرڻ ۾ ڪروڙين سال لڳا آهن.

"هن ڌرتي تي هر ڪنهن لاءِ ڪو نہ ڪو خزانو رکيل آهي، جيڪو سندس منتظر رهي ٿو." هن جي دل چوڻ لڳي. "اسين، انسانن جون دليون، انهن خزانن جي باري ۾ ورلي ڳالهائيندیون آهيون، ڇو تہ ماڻهو هاڻي پنهنجي خزاني جي تلاش ۾ وڃڻ نہ ٿا چاهين. اسين انهن خزانن جو ذڪر هاڻي ٻارن سان ڪنديون آهيون. پوءِ اسين ڪين ڇڏي ڏينديون آهيون تہ زندگي انهن کي پنهنجي رستي تي اڳتي وٺي وڃي، سندن پنهنجي تقدير جي طرف. پر بدقسمتيءَ سان تمام ٿورا انسان پنهنجي راهہ تي سفر ڪندا آهن. ان راهہ تي جيڪا خاص سندن لاءِ ئي جوڙي وئي هوندي آهي، جيڪا ڪين پنهنجي منزل مقصود تي پهچائيندي آهي، جيڪا ڪين خوشي ۽ مسرت بخشيندي آهي.۽

"گهڻا ماڻهو ائين سمجهن ٿا تہ هي دنيا هڪ خطرناڪ جاءِ آهي ۽ جيئن تہ هو ائين سمجهڻ شروع ڪندا اهن، تنهن ڪري هيءَ دنيا بہ سندن لاءِ سچ ڀچ خطرناڪ جاءِ بڻجي ويندي آهي.۽

"سو، اسين، انسان جون دليون، نرمائي سان ڳالهائيندیون آهيون. اسين ڳالهائڻ بند نہ ڪنديون آهيون، پر اسان اها اميد ڪرڻ لڳنديون آهيون تہ اسان جا لفظ انهن تائين نہ پهچندا. اسان نہ ٿيون چاهيون تہ ماڻهو ان ڪري پوڳين جو هو پنهنجي دلين جي پوئواري ڪن ٿا."

"پلا ماڻهن جون دليون ڪين اهو ڇو نہ ٿيون ٻڌائين تہ اهي پنهنجي خوابن جي تلاش جاري رکن؟" ڇوڪري، ڪيمياگرڪان پڇيو.

"ڇو تہ ائين ڪرڻ سان دل ئي سڀ ڪان وڌيڪ پوڳيندي آهي. ۽ دليون پوڳڻ نہ ٿيون چاهين."

ان ڏينهن ڪان وٺي ڇوڪري پنهنجي دل کي سمجهڻ شروع ڪيو. هن

پنهنجي دل کي چيو ته هو ڪڏهن به هن سان ڳالهائڻ بند نه ڪري بلڪ جڏهن به هو پنهنجن خوابن کان پري ٿيڻ وڃي ته اها ڪيس ٻڌائي ۽ خطري جي گهنٽي وڄائي. چوڪري قسم کنيو ته هو جڏهن به سندس دل ۾ وڃندڙ خطري جي گهنٽي ٻڌندو ته ان جي پيغام تي ضرور ڌيان ڏيندو.

ان رات، هن اهو سڀ ڪجهه ڪيمياگر کي ٻڌايو ۽ ڪيمياگر سمجهي ويو ته چوڪري جي دل ڪائنات جي روح ڏانهن موٽي وئي آهي.

"هاڻي ٻڌا ته مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟" چوڪري پڇيو.

"اهرامن ڏانهن سفر جاري رک،" ڪيمياگر وراڻيو، "۽ اشارن جي طرف کان ڌيان نه هٽاءِ. هاڻ تنهنجي دل ان قابل آهي جو اها توکي ٻڌائي سگهي ٿي ته خزانو ڪٿي آهي."

"ڇا اها ئي ڳالهه هئي جيڪا منهنجي لاءِ سمجهڻ ضروري هئي؟"

"نه،" ڪيمياگر جواب ڏنو "جيڪا ڳالهه تنهنجي لاءِ سمجهڻ ضروري آهي، سا اها آهي ته خواب جي حاصلات کان اڳ ڪائنات جو روح بار بار امتحان وٺندو آهي. ته اسان خزاني جي واٽ ۾ ڇا ڇا سکيو آهي. هو ائين ان لاءِ نه ڪندو آهي ته ڪو هو اسان کي تنگ ٿو ڪرڻ چاهي، پر هو ائين ان لاءِ ڪندو آهي ته جيئن اسين خواب جي حاصلات سان گڏوگڏ انهن ڳالهين سکڻ ۾ به پڙ ٿي وڃون جيڪي اسان خواب جي حاصلات جي سفر ۾ سکيون هونديون آهن. پنهنجي خزاني وٽ پهچڻ کان اڳ اڪثر ماڻهو اميدون لاهي ڇڏيندا آهن، جنهن لاءِ اسين صحرا جي زبان ۾ چوندا آهيون ته هو ان وقت اڄ کان مري ويو جڏهن افق تي ڪجهه جا وڻ ظاهر ٿي چڪا هئا."

"هر تلاش، ابتدائي خوشقسمتيءَ سان شروع ٿيندي آهي ۽ هر تلاش جي پڇاڻي فاتح جي انتهائي سخت آزمائش تي ٿيندي آهي"

چوڪري کي پنهنجي وطن جي هڪ پراڻي چوٽي ياد آئي ته پرهه ڦٽيءَ کان اڳ رات جي تاريڪي سڀ کان گهري هوندي آهي.

☆☆☆

ٻئي ڏينهن تي خطري جي پهرين نشاني ظاهر ٿي. ٿي هٿياربند قبائلي وڻن اچي پهتا ۽ کانئن پڇيائون ته هو هتي ڇا ڪري رهيا آهن؟

"مان پنهنجي باز سان گڏ شڪار ڪري رهيو آهيان،" ڪيمياگر ڪين چيو.

"اسين توهان جي تلاشي وٺڻ ٿا چاهيون ته ڪٿي توهان وٽ هٿيار ته ناهن،" هڪڙي هٿياربند سندن ويجهو اچي چيو.

ڪيمياگر ۽ چوڪرو ٻئي آهستي آهستي گهوڙن تان لٿا.

"تو ايترا پئسا ڇو ڪنيا آهن؟" چوڪري جي سامان جي تلاشي دوران نڪتل سونا سڪا ڏسي هڪڙي هٿياربند کانئس پڇيو.

"مون کي اهرامن تائين پهچڻ لاءِ

انهن جي ضرورت آهي." جنهن قبائليءَ کيمياگر جي سامان جي تلاشي ورتي تنهن کي وٽس هڪڙي بلوري گهڳهي نظر آئي جنهن ۾ ڪا پاڻياٽي شي پيل هئي ۽ ٻيو ڪيس پيلو شيشي جو ٺهيل بيدو نظر آيو جيڪو ڪڪڙ جي بيدي کان ٿورو وڏو هو.

"هي ڪهڙي قسم جون شيون آهن؟" هن ڪيمياگر کان پڇيو.

"هي پارس پٿر ۽ آب حيات آهي. هي ڪيمياگرن جا شاهڪار آهن. جيڪو به آب حيات پيئندو، اهو وري ڪڏهن به بيمار نه ٿيندو ۽ هن پٿر جو ذرو ڪنهن به ڌاتوءَ کي سون ۾ بدلائي سگهي ٿو."

عرب مٿس ڪلڻ لڳا ۽ ڪيمياگر به انهن سان گڏڪلڻ لڳو. هنن سمجهيو ته هو ساڻن مسخري ڪري رهيو آهي جنهن ڪري هن ٻنهي کي پنهنجي سامان سميت ڇڏي ڏنو.

" ڇا تون پاڳل آهين؟" هٿياربندن جي پري وڃڻ کانپوءِ ڇوڪري يڪدم ڪيمياگر کان پڇيو." تو ائين ڇو ڪيو؟"

"تو کي زندگي جو بلڪل سادو سبق سيکارڻ خاطر مون ائين ڪيو." ڪيمياگر ڪيس اطمينان سان جواب ڏنو. "جڏهن اوهان جي اندر عظيم خزانا لڪل هوندا آهن ۽ اوهان ماڻهن کي انهن جي باري ۾ ٻڌائڻ ڇاهيندا آهيو ته ورلي ڪو ماڻهو ان تي اعتبار ڪندو آهي."

☆☆☆

هو صحرا ۾ هلندا رهيا. هو گذرندڙ ڏينهن سان گڏ، ڇوڪري جي دل جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ خاموش رهڻ لڳي. هن جي دل هاڻي ماضي توڙي مستقبل لاءِ به وڌيڪ ڪجهه ڄاڻڻ نه پئي چاهيو. هوءَ فقط صحرا ۾ مگن هئي ۽ ڇوڪري سان گڏ، ڪائنات جي روح طرفان مليل جام پي رهي هئي. ڇوڪرو ۽ سندس دل هاڻ هڪٻئي جا دوست بڻجي چڪا هئا. ۽ هاڻي ڪوئي به ڪنهن سان دوکو نه ٿي ڪري سگهيو. هاڻي جڏهن به هن جي دل ساڻس ڳالهائيندي هئي ته هن کي اتساهه ڏيارندي هئي ۽ وڌيڪ سگهه فراهم ڪندي هئي. ڇو ته صحرا ۾ اهي خاموشيءَ جا ڏينهن ڏاڍو ٿڪائيندڙ ۽ بيزار ڪندڙ هوندا هئا.

ڇوڪري جي دل کيس ٻڌايو ته منجهس سڀ کان سگهاريون خوبيون ڪهڙيون هيون، هن جي همت، جنهن سبب هو پنهنجون رڍون وڪٽي سگهيو هو ۽ پنهنجي منزل مقصود جي تلاش ۾ نڪري سگهيو هو. ٻيو هن جو اتساهه ۽ حوصلو، جنهن سان ان شيشي جي دڪان تي ڪم ڪيو هو.

هن جي دل هن کي ڪجهه ٻيو به ٻڌايو جنهن ڏانهن هن جو ڌيان اڳ ڪڏهن به نه ويو هو. دل کيس ٻڌايو ته هو ڪيترا پيرا اهڙن خطرن کان بچيو هو، جنهن جي کيس خبر به نه هئي. هن جي دل کيس ٻڌايو ته هڪڙي پيري هن اها ٻندوق لڪائي ڇڏي هئي جيڪا ڇوڪري پيءَ کان ورتي هئي. سندس دل کي خوف ٿيو هو ته ڪٿي هو پاڻ کي ئي نه ان سان زخمي ڪري وجهي. دل ڇوڪري ئي ياد

ڏياريو تہ هڪڙي پيري هو بيمار ٿي پيو هو ۽ ميدانن ۾ ئي الٽي ڪري ڇڏي هيائين. جنهن کان پوءِ ڪيس تمام گهري ننڊ اچي وئي هئي. اتان ٿورو پريرو ٻہ چور هئا، جن منصوبو ٺاهيو هو تہ اهي ڇوڪري کي ماري سندس مال چورائي ويندا، پر جيئن تہ ان ڏينهن ڇوڪرو بيمار ٿي پوڻ سبب اتان نہ گذريو هو ، ان ڪري اهي چور انتظار ڪري اتان هليا ويا. هنن سمجهيو تہ ڇوڪري پنهنجو دڳ مٽائي ڇڏيو هو.۽

"ڇا انسان جي دل سدائين هن جي مدد ڪندي رهندي آهي؟" ڇوڪري ڪيمياگر کان پڇيو.

"گهڻو ٿڻو انهن جون دليون، جيڪي پنهنجي منزل مقصود جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪندا آهن. ٻارن، پوڙهن ۽ پيتل شرابين جون دليون بہ سندن مدد ڪنديون آهن."

"ڇا ان جو مطلب اهو آهي تہ مان ڪڏهن بہ خطري ۾ نہ ڦاسندس؟"

"ان جو مطلب فقط اهو آهي تہ دل جي وس ۾ جيڪي هوندو اهو ئي ڪندي رهندي."

☆☆☆

هڪڙي ڏينهن منجهند ڌاري، هو هڪڙي قبيلي جي پڙلاءُ وٽان گذريا. پڙلاءُ جي هر ڪنڊ تي خوبصورت ڇوڳا پهريل هٿياربند عرب وينا هئا. هو آرام سان حقن مان لطف اندوز ٿي رهيا هئا. ڪنهن جو بہ هنن ٻن مسافرن ڏانهن ڌيان نہ ويو.

هو جڏهن اتان ڪان گذري ويا تہ ڇوڪري ڇيو "هتي ڪو خطرو ناهي."

ڪيمياگر ڪاوڙجي ڇيو،"تون دل تي اعتبار پلي ڪر، پر اهو ڪڏهن بہ نہ وسار تہ تون صحرا ۾ آهين. جڏهن ماڻهو هڪٻئي سان وڙهہ ۾ مشغول هوندا آهن تڏهن ڪائنات جو روح جنگ جون رڙيون ٻڌي سگهندو آهي. سچ جي پاڇي هيٺ جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي تنهن جا نتيجا هر ڪنهن کي پوڳٽا پوندا آهن."

"سموريون شيون هڪ آهن." ڇوڪري سوچيو.

۽ پوءِ ائين لڳو تہ ڇڪ صحرا ثابت ڪرڻ چاهيندو هجي نہ ڪيمياگر صحيح ٿي ڇيو. اوچتو ئي ٻہ گهوڙيسوار سندن ڪڍ اچي پهتا.

انهن مان هڪ ڇٽي کين روڪيندي ڇيو،۽ اوهان وڏيڪ اڳيان ڪو نہ تا وڃي سگهو. اوهان ان علائقي منجهہ آهيو جتي قبائلي وڙهہ هلي رهي آهي."

"مان ڪو گهڻو پري ڪو نہ ٿو وڃان،" ڪيمياگر گهوڙيسوارن جي اکين ۾ سڌو نهاريندي کين جواب ڏنو.

اهي ٿوري دير لاءِ خاموش ٿي ويا، ۽ پوءِ ٻنهي کي اڳتي وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيائون.

ڇوڪري ڪيمياگر جي اکين جي ڪشش جو ڪمال ڏسي ورتو هو. هن ڪيس ڇيو،" جنهن طريقي سان تو کين ڏنو هو،تنهن جي زير اثر ئي تون هنن تي غالب پئجي وئين."

" ماڻهن جون اکيون انهن جي، روح

جي سگهه ظاهر ڪنديون آهن."
ڪيمياگر ڪيس جواب ڏنو.

"اهو سچ آهي"، ڇوڪري سوچيو.

جڏهن هو ڏور پڪڙيل جبلن جي قطار بہ ٽپي ويا تہ ڪيمياگر ڇوڪري کي ٻڌايو تہ اهرامن تائين باقي ٻن ڏينهن جو پنڌ بچيو آهي.

"جيڪڏهن هاڻي اسان کي ڌار ڌار ٿيڻو آهي تہ پوءِ تون مون کي ڪيميا سيکاري ڇڏ." ڇوڪري ڪيس درخواست ڪئي.

"تون ڪيميا جي باري ۾ اڳ ئي ڄاڻين ٿو. اها ڪائنات جي روح ۾ سموئجڻ سيکاري ٿي ۽ توهان کي پنهنجو خزانو ڳولي لهڻ بابت ٻڌائي ٿي."

"تہ، منهنجو مطلب اهو ناهي. مان شيهي مان سون ٺاهڻ واري ڪيميا جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان."

ڪيمياگر خاموش ٿي ويو. سندس خاموشيءَ ۽ صحرا جي خاموشيءَ ۾ ڪو فرق باقي نہ رهيو هو. هن ايسيتائين نہ ڳالهايو، جيسيتائين ڪاڏو ڪائڻ لاءِ ڪنهن جاءِ رکيا ڪين. ڪيمياگر ڳالهايو،" ڪائنات ۾ هر شيءِ ارتقا ڪئي آهي ۽ ڏاهن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ سون اهو ڏاتو آهي جنهن سڀ کان وڌيڪ ارتقا ڪئي آهي. مون کان اهو نہ پڇجانءِ تہ ڇو، مان نہ ٿو ڄاڻان تہ ڇو. مان فقط اهو ٿو ڄاڻان تہ "روايت" هميشہ درست هوندي آهي. ماڻهن، ڏاهن انسانن جي لفظن کي ڪڏهن سمجهيو ئي نہ آهي. جنهن جي ڪري سون ارتقا جي اهڃاڻ بدران جهيڙي جو بنياد بڻجي ويو آهي.۽

"مون کي سڄن ڪيمياگرن جي خبر آهي. انهن پنهنجو پاڻ کي لٽبارٽرين ۾ بند ڪري ارتقا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيئن سون ارتقا ڪئي هئي. هنن پارس پٿر ڳولي ورتو ڇو تہ هنن ڄاڻي ورتو تہ جڏهن ڪا شيءِ ارتقا ڪري ٿي تہ ان جي چوڌاري موجود هر شيءِ بہ ارتقا ڪري ٿي.۽

"ٻيا ڪجهہ اهڙا بہ هئا جن کي حادثاتي طور پارس پٿر ملي ويو. سندن روح ٻين جي روحن جي پيٽ ۾ اهڙي قيمتي تحفي جي اوچتي حاصلات لاءِ تيار ۽ اهل هوندا آهن، پر اهڙا ماڻهو اڳرين تي ڳڻڻ جيترا مس ئي گذريا آهن.۽

"۽ گهڻائي وري اهڙن ماڻهن جي رهي آهي جيڪي رڳو سون ۾ دلچسپي رکندا آهن. اهي ڪيميا جو راز ڪڏهن بہ ڄاڻي نہ سگهندا آهن. هو وسازي ڇڏيندا آهن تہ شيهي، ٺامي ۽ لوهہ جي بہ پنهنجي پنهنجي منزل مقصود هوندي آهي جيڪا انهن ڏاتن کي حاصل ڪرڻي هوندي آهي ۽ جيڪو بہ ٻئي ڪنهن جي منزل جي حاصلات جي معاملي ۾ مداخلت ڪندو آهي، اهو پنهنجي منزل مقصود ماڻي نہ سگهندو آهي."

ڪيمياگر جي لفظن ۾ پاراتي جو پڙاڏو هو. هن صحرا جي ميدان منجهان هڪ سپي کڻي چيو،" هي صحرا ڪنهن وقت ۾ سمنڊ هو."

چوڪري ساڻس متفق هو.

ڪيمياگر، چوڪري کي چيو ته هو سپي ڪٿي پنهنجي ڪن تي رکي. چوڪري ننڍي هوندي ڪيترا ڀيرا ائين ڪيو هو ۽ ڪيس سدائين سنپيءَ منجهان سمنڊ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو.

"سمنڊ اڄ به هن سپي منجهه زنده آهي ۽ هي ايستائين اتي زندهه رهندو جيستائين صحرا هڪ ڀيرو وري سمنڊ بڻجي نه ويندو، چو ته اهائي سمنڊ جي پنهنجي منزل مقصود آهي."

هو گهوڙن تي چڙهيا ۽ مصر جي اهرامن ڏانهن روانا ٿيا.

☆☆☆

سج لٿي مهل چوڪري جي دل خطري جي گهنٽي وڄائي. چوڌاري پربت جيڏيون پٽون هيون. چوڪري ڪيمياگر ڏانهن نهاريو ته هن به خطري جي بوءِ سونگهي ورتي آهي يا نه. پر هو ڪنهن به خطري کان بلڪل بي پرواهه پئي لڳو. پنج منٽ ئي نه گذريا ته چوڪري ڏٺو ته به گهوڙيسوار سندن اڳ وٺيو بيٺا هئا. هن اڃان ڪيمياگر کي ڪجهه چوڻ ئي پئي چاهيو ته ڏٺائين ته اهي سون جي تعداد ۾ چوطرف بيٺل هئا.

اهي نيري پوشاڪ پهريل قبائلي هئا جن جي پٽڪن تي ڪارا گهير هئا. سندن منهن به نيرن نقابن سان ڍڪيل هئا جن مان فقط اکيون ئي نظر آيون. پري کان ئي سندن اکين منجهان سندن روح جي سگهه ظاهر ٿي رهي هئي ۽ انهن جي اکين منجهه موت جو پيغام هو. هو ٻنهي ڇٽڻ کي گهيري سندن پرواري فوجي ڇانوڻي ۾ وٺي آيا. هڪڙي سپاهي ٻنهي ڇٽن کي ڏڪا ڏيندي هڪ خيمي اندر ڌڪيو، جتي سندن سردار پنهنجي ساٿين سان ويٺل هو.

"هي جاسوس آهن."

"اسين مسافر آهيون،" ڪيمياگر يڪدم وراڻي ڏني.

" ٿي ڏينهن اڳ اوهين اسان جي دشمنن جي ڇانوڻي وٽ موجود هئا ۽ انهن جي هڪ سپاهي سان ڳالهائي رهيا هئا."

"مان صحرا ۾ گهمندو رهندو آهيان ۽ ستارن کان واقف آهيان. مون کي فوجن يا قبائلين جي چرپر جي باري ۾ ڪائي ڄاڻ ڪانهي. مان هتي فقط پنهنجي دوست جي رهنمائي ڪرڻ خاطر آيو آهيان."

"تنهنجو دوست ڪير اهي؟" سردار کانئس پڇيو.

"هڪ ڪيمياگر." ڪيمياگر چيو. "هي قدرت جي قوتن کان واقف آهي ۽ هي توهان کي پنهنجي غير معمولي طاقت ڏيکارڻ چاهي ٿو."

اهو ٻڌي چوڪري کي اندر ۾ خوف ڪري سيسراٽي نڪري وئي.

"هڪڙو پر ڏيهي ماڻهو هتي ڇا ڪري رهيو آهي؟" هڪڙي قبائليءَ پڇيو.

"هن اوهان جي قبيلي کي ڏيڻ لاءِ پئسا آندا آهن." ڪيمياگر چيو ۽ چوڪري جي، ڪجهه چوڻ کان اڳ ئي ڪيمياگر سندس ٽيلهو کڻي ورتو ۽ ان

مان سونا سڪا ڪڍي سردار کي ڏنا.

عرب سردار بنا ڪجهه ڪچڻ جي اهي قبول ڪري ورتا. اهي پئسا هٿيارن وٺڻ لاءِ ڪافي هئا.

"ڪيمياگر ڇا ٿيندو آهي؟" هن آخرڪار پڇي ورتو.

"ڪيمياگر اهو انسان آهي جيڪو دنيا ۽ قدرت کي سمجهي ٿو. جيڪڏهن ڇوڪرو چاهي ها ته توهان جي هيءَ ڇانوٽي هوا جي زور سان تباهه ڪري ڇڏي ها."

اها ڳالهه ٻڌي خيمي ۾ ويٺل سڀئي قبائلي ٿهڪ ڏئي ڪلڻ لڳا. هوا جي تباهڪارين سان هنن جو روز واسطو پوندو هو.. هنن ڇاتو پئي ته هوا ڪين ڪڏهن به موتمار ڏڪ ناهي رسائيندي. تنهن هوندي به سندن دليون ٿورو زور سان ڌڙڪڻ لڳيون. هو صحرا جا ماڻهو هئا ۽ جادوگرن کان ڊنل هوندا هئا.

"مان چاهيان ٿو ته هي ائين ڪري ڏيکاري." سردر پنهنجو فيصلو ٻڌايو.

" ان لاءِ هن کي ٽن ڏينهن جي مهلت ڪپي." ڪيمياگر وراڻيو."پنهنجي قوتن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ هن کي پنهنجو پاڻ کي هوا ۾ بدلائڻو پوندو. جيڪڏهن هي ائين نه ڪري سگهيو ته اسان ٻئي پنهنجون زندگيون توهان جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏينداسين."

"توهان جون زندگيون هينئر به منهنجي ئي قبضي ۾ آهن، پر خير مان توهان کي ٽن ڏينهن جي مهلت ڏيان ٿو."

ڇوڪرو ڊپ کان ڏڪيو پئي. ڪيمياگر ڪيس يڪدم خيمي کان ٻاهر ڪڍي ويو.

"تون هنن آڏو ڪڏهن به اهو ظاهر نه ڪر ته تون ڊڄي ويو آهين؟"ڪيمياگر ڪيس چنڀيندي چيو." هي بهادر ماڻهو آهن ۽ بزدلن کي ڏڪاريندا آهن."

پر ڇوڪري کي ڪجهه ڳالهائڻ جي به همت نه ٿي. عربن کين قيد ڪرڻ بدران رڳو ڪانئن گهوڙا ڪسي ڇڏيا هئا. سو هو جڏهن پنڌ ڪندا ڇانوٽي کان ٿورو پري نڪري آيا ته پوءِ وڃي ڇوڪري کجهه ساهه کنيو. دنيا هڪ ڀيرو وري پنهنجي بوقلمونيءَ جو مظاهرو ڪيو هو. صحرا جيڪو ڪجهه گهڙيون اڳ تائين اٽڪل ۽ آزاد هو، هاڻي هڪ ناقابل تسخير ديوار بڻجي ويو هو.

"تو کين منهنجو سڀ اهو سڀ ڪجهه ڏئي ڇڏيو، جيڪي مون سڄي زندگي محنت ڪري ڪمايو هوا!" ڇوڪري کيس ميار ڏني.

"جيڪڏهن تون ساريو وڃيين ها ته پوءِ اهو تنهنجي ڪهڙي ڪم اچي ها؟" ڪيمياگر کيس سمجهائيندي سوال ڪيو." تنهنجن پئسن اسان کي ٽن ڏينهن لاءِ بچائي ورتو آهي نه ته عمومن پئسا ڪنهن ماڻهو جي زندگي ناهن بچائيندا."

پر ڇوڪرو ايترو ته ڊنل هو، جو هن کي ڪيمياگر جون ڏاهپ واريون ڳالهيون سمجهه ۾ نه پئي آيون. هن کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته هو پاڻ کي هوا ۾ ڪيئن بدلائيندو. هو ڪيمياگر نه هوا!

"خوف کي پاڻ تي حاوي ٿيڻ نہ ڏي،" ڪيمياگر ڏاڍي پيار ڀري ۽ ڏيمي لهجي ۾ ڳالهائيندي ڪيس صلاح ڏني،" جيڪڏهن ائين ڪندين تہ پوءِ تون پنهنجي دل سان ڳالهيون نہ ڪري سگهندين."

"پر مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ مان پاڻ کي هوا ۾ ڪيئن بدلائيندس"

"جيڪو ماڻهو پنهنجي منزل مقصود جي حاصلات لاءِ جيئندو آهي، اهو هر اها شيءِ ڄاڻي وٺندو آهي، جيڪا ڄاڻڻ هن لاءِ ضروري هوندي آهي. فقط هڪڙي شي آهي جيڪا خواب جي حاصلات کي ناممڪن بڻائيندي آهي، اها اهي ناڪاميءَ جو خوف."

"مون کي ناڪاميءَ جو خوف ناهي، پر مون کي اها خبر ناهي تہ مان پاڻ کي هوا ۾ ڪيئن ٿو بدلائي سگهان."

"توکي اهو سکڻو پوندو، تنهنجي زندگي جو دارومدار هاڻ ان تي آهي"

"۽ جيڪڏهن مان نہ سکي سگهيس تہ؟"

"پوءِ تون مري ويندين. پنهنجي منزل مقصود ماڻڻ جي جدوجهد ڪندي تون اڌ پنڌ ۾ ئي مري ويندين. پر پوءِ بہ تنهنجو اهو انجام انهن لکن ماڻهن جي زندگين ۽ موت کان بهتر هوندو جيڪي اهو ڄاڻڻ ڪانسواءِ ئي مري ٿا وڃن تہ سندن منزل مقصود ڪهڙي هئي." ڪيمياگر ڪيس تسلي ڏيندي چيو،" پر تون گهبراءِ نہ، مرڻ جو خطرو توکي جيئڻ جو اتساهہ ڏيندو."

☆☆☆

پهريون ڏينهن گذري ويو. ڀرپاسي ۾ شايد چتي ويڙهہ هلي رهي هئي. زخمين کي ان ڇانوڻيءَ ۾ آندو پئي ويو. جيڪي مري پئي ويا، تن جي جاءِ ٻين پئي والاري ۽ زندگي جاري هئي. ڇوڪري سوچيو "موت ڪنهن بہ شيءِ کي نہ ٿو بدلائي."

ڏينهن جي پڇاڻيءَ وقت ڇوڪرو ڪيمياگر سان ملڻ ويو جيڪو پنهنجي باز کي ڪٿي صحرا ۾ هليو ويو هو.

"مون کي اجان تائين سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ مان پاڻ کي هوا ۾ ڪيئن بدلايان." ڇوڪري ڪيمياگر کي چيو.

"ياد ڪر مون توکي ڇا چيو هو، هيءَ دنيا خدا جو فقط ظاهري مظهر آهي ۽ ڪيميا جو ڪم آهي، ان مادي دنيا سان رابطي لاءِ روحاني ڪامليت پيدا ڪرڻ."

"۽ تون هيئنر ڇا ڪري رهيو آهين؟"

"مان پنهنجي باز کي ڪارائي رهيو آهيان."

"جيڪڏهن مان پاڻ کي هوا ۾ بدلائي نہ سگهيس تہ اسين ٻئي ماريا ويندا سين. پوءِ هاڻي باز کي ڪارائڻ مان فائدو؟"

"ان ڪري جو اهو صرف تون هوندين جو مرندين. مون کي خبر آهي تہ پاڻ کي هوا ۾ ڪيئن بدلائي سگهجي."

☆☆☆

ٻئي ڏينهن تي ڇوڪرو ڇانوڻيءَ جي پرسان واري ٽڪريءَ جي چوٽي تي

چڙهي ويو. هن شام تائين سڄو ڏينهن اتي ويهي صحرا کي جانچيندي ۽ پنهنجي دل جو آواز ٻڌندي گذاريو. چوڪري ڄاتو ٿي ته صحرا به سندس خوف کي محسوس ڪري ورتو هو. ٻنهي ساڳي زبان ٿي ڳالهائي.

ٽئين ڏينهن تي سردار پنهنجن ساٿين کي سڏي، ڪيمياگر کي گهرائي چيو " هل! ته ڏسون اهو چوڪرو ڪيئن ٿو پنهنجو پاڻ کي هوا ۾ بدلائي؟"

" هلو" ڪيمياگر جواب ڏنو.

چوڪرو ڪين ساڳي ٽڪريءَ تي وٺي ويو، جنهن تي هو هڪ ڏينهن اڳ وڃي ويٺو هو.

هن سيني کي ويهڻ جو اشارو ڪندي چيو، " ٿورو وقت لڳندو."

" اسان کي ڪا تڪڙ ناهي،" سردر وراڻيو، " اسين صحرا جا ماڻهو آهيون."

چوڪري افق ڏانهن نهاريو. ڏور فاصلي تي جبل هئا. پرسان پٿون، ٽڪريون ۽ ٻوٽا هئا، جيڪي اتي صحرا ۾ زندهه رهڻ تي بضد هئا، جتي زندهه رهڻ ڇڏڪ ناممڪن هو. هو هتي ئي صحرا ۾ ڪافي مهينن کان گهميو پئي ۽ ان هوندي به هو فقط صحرا جو ٿورو حصو گهمي سگهيو هو.

"تون ڇا ٿو ڇاهين؟" صحرا کانئس پڇيو، " ڪالهه به مون ڏانهن نهاريندي تو سڄو ڏينهن گذاري ڇڏيو هو."

"تنهنجي ئي وجود جي ڪنهن حصي ۾ اهو انسان رهي ٿو جنهن سان مان پيار ڪيان ٿو. سو مان جڏهن تو ڏانهن نهاريان ٿو ته ان سان گڏ ان انسان ڏانهن به نهاريان ٿو. مان ان ڏانهن واپس ورڻ چاهيان ٿو. ان لاءِ مون کي تنهنجي مدد گهرجي ته جيئن مان پاڻ کي هوا ۾ بدلايان."

"اهو پيار ڇا آهي؟" صحرا کانئس پڇيو.

"پيارُ تنهنجي واريءَ مٿان باز جي اڏام آهي. هن جي لاءِ تون سرسبز کيت آهين جتي هي شڪار ڪري ٿو ۽ پنهنجي خوراڪ سان گڏ واپس وري ٿو. هو تنهنجي ٽڪرين، تنهنجين پٿن ۽ تنهنجن جبلن سان هريل مريل آهي ۽ تون به ان تي مهربان آهين."

"باز جي چنهب منهنجي ئي وجود جا ڪجهه حصا ڪٽي وڃي ٿي،" صحرا وراڻيو، " مان سالن کان هن جي شڪار جو خيال ڪندو آهيان. پنهنجي وجود ۾ موجود ٿوري گهڻي پاڻيءَ سان هن جي اڄ اجهائيندو آهيان ۽ هن کي ٻڌائيندو آهيان ته هو ڪٽي وڃي شڪار ڪري ۽ هڪ ڏينهن جڏهن مان ان حقيقت مان لطف پيو ماڻيندو آهيان ته باز منهنجي مٿاڇري تي پيو ٿو ڪڏي ۽ شڪار ڪري ته هو آسمان منجهه زوردار غوطو هڻي اهو ڪجهه ڪٽي ويندو آهي جيڪو مون تخليق ڪيو هوندو آهي."

"پر تو شڪار به ته ان لاءِ ئي تخليق ڪيو آهي ته جيئن باز پلجي سگهي ۽ پوءِ باز وري انسانن کي پاليندو آهي. انسان وري موٽ ۾ تنهنجي واريءَ کي ڪاراڻيندو آهي ۽ واري وري شڪار لاءِ

ميدان فراهر ڪندي آهي. ائين ئي دنيا هلي رهي آهي."

"ڇا اهو ئي پيار آهي؟"

"ها، اهو ئي پيار آهي. ان پيار سبب ئي شڪار باز بڻجي وڃي ٿو، باز انسان بڻجي وڃي ٿو ۽ انسان صحرا بڻجي وڃي ٿو. اهو پيار ئي آهي جيڪو شيهي کي سون ۾ بدلائي ٿو ۽ سون ڌرتيءَ ڏانهن موٽي اچي ٿو."

"مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته تون ڪنهن جي باري ۾ ڳالهائي رهيو آهين." صحرا چيو.

"پر گهٽ ۾ گهٽ تون اهو ته سمجهي سگهين ٿو ته تنهنجي ئي وجود جي ڪنهن حصي ۾ هڪ چوڪري رهي ٿي جيڪا منهنجو انتظار ڪري رهي آهي ۽ ان جي خاطر مون کي پنهنجو پاڻ کي هوا ۾ بدلائڻو آهي."

ڪجهه گهڙين تائين صحرا هن کي ڪو به جواب نه ڏنو.

"مان توکي پنهنجي واري آڇيان ٿو، پر مان اڪيلي سر ڪجهه نه ٿو ڪري سگهان. تون هوا کي چئه ته تنهنجي مدد ڪري." ٿوري دير ڪانپوءِ صحرا سندس مدد ڪرڻ جي حامي ڀري.

اوچتو ٽڏڙي هير گهلڻ لڳي. قبيلي جا ماڻهو پري کان چوڪري کي ڏسي رهيا هئا ۽ پاڻ ۾ جنهن زبان ۾ ڳالهايائون پئي سا چوڪري کي سمجهه ۾ نه پئي آئي.

ڪيمياگر مرڪي رهيو هو.

هوا چوڪري وٽ پهتي ۽ سندس منهن کي ڇهي وئي. چوڪري صحرا سان جيڪي ڳالهايو هو، هوا کي به ان جي ڄاڻ هئي ڇو ته هوائون سڀ ڪجهه ڄاڻن ٿيون. هوائون سموري دنيا ۾ سفر ڪن ٿيون، سندن نه ته ڪا جنم ڀومي آهي ۽ نه ئي ڪو شمشان گهاٽ.

"اي هوا! منهنجي مدد ڪر، چوڪرو هوا سان ڳالهائڻ لڳو." ته ئي هڪ ڏينهن منهنجي فاطمه جو آواز مون تائين پهچايو هو."

"صحرا ۽ هوا جي زبان ڳالهائڻ تو ڪنهن کان سکيو آهين؟" هوا پڇيس.

"منهنجي دل مون کي اها ٻولي سيکاري آهي،" چوڪري جواب ڏنو.

"تون هوا نه ٿو ٿي سگهين." هوا کيس چيو." اسان ٻئي بلڪل مختلف شيون آهيون."

"نه، اهو سچ ناهي،" چوڪري کيس جواب ڏنو. "مون سفر دوران ڪيمياگر جا راز ڄاڻي ورتا آهن. منهنجي اندر هوائون آهن، صحرا آهن، سمنڊ آهن، ستارا آهن ۽ اهو سڀ ڪجهه آهي جيڪو هن ڪائنات ۾ تخليق ٿيو آهي. اسان سيني کي هڪ ئي هٿ جوڙيو آهي ۽ اسان سيني جو ساڳيو ئي روح آهي. مان تو وانگر ٿيڻ ٿو چاهيان ته جيئن دنيا جي هر ڪنڊ ۾ پهچي سگهان، سمنڊ اڪري سگهان، واريءَ کي اڏائي سگهان، جنهن منهنجي خزاني کي لڪائي ڇڏيو آهي. ان جنهن چوڪريءَ کي جنهن سان مان پيار ڪيان ٿو تنهن جو آواز پنهنجي وجود ۾ ڪٽي سگهان."

"مون تنهنجون ۽ ڪيمياگر جون ڳالهيون ٻڌيون هيون. هن توکي چيو پئي ته هر شيءَ جي پنهنجي منزل مقصود هوندي آهي پر ماڻهو پاڻ کي هوا ۾ نه ٿا بدلائي سگهن."

"تون رڳو مون کي ڪجهه گهڙين لاءِ هوا ۾ بدلجڻ ۾ مدد ڪر ته جيئن تون ۽ مان انسانن ۽ هوائن جي اڻ ڪٿ امڪانن بابت ڳالهائي سگهون."

اهو ٻڌي هوا ۾ تجسس پيدا ٿيو. ائين اڳ ڪڏهن به نه ٿيو هو. هوا انهن شين متعلق ڳالهائڻ چاهيو پئي، پر ڪيس خبر نه هئي ته انسان کي هوا ۾ ڪيئن بدلائجي. هوا سمجهندي هئي سندس سگهه جي ڪا حد نه هئي ۽ هتي هڪ چوڪرو ڪيس چئي رهيو هو ته هوا جيڪي ڪجهه هن وقت تائين ڪيو هو. ان کان علاوه به ٻيا ڪم هئا، جيڪي ڪرڻ جي سگهه هوا منجهه آهي پر هن اهي ڪڏهن ڪيا ناهن.

"هيءَ اها سگهه آهي جنهن کي اسين پيار چئون ٿا،" چوڪري ڪيس همٿائيندي چيو. "جڏهن ڪوئي توسان پيار ڪري ٿو ته تون تخليق جو هر ڪرشمو ڪرڻ جي قابل بڻجي وڃين ٿي. جڏهن ڪو ئي توسان پيار ڪري ٿو ته پوءِ اهو سمجهڻ جي ڪا ضرورت باقي نه ٿي رهي ته ڇا ٿي رهيو آهي. ڇو ته سڀ ڪجهه تنهنجي اندر ٿئي ٿو ۽ تنهنجي اندر ئي انسان به هوا ۾ بدلجي سگهي ٿو پر ان لاءِ اهو ضروري آهي ته تون انسان جي مدد ڪرين."

هوا کي پنهنجو پاڻ تي غرور هو ۽ چوڪري جون ڳالهيون ٻڌي ڪيس چڙ لڳي. هوءَ زور سان هلي. صحرا جي واري اڏامي. چوڌاري فضا ڏوڙ ۾ ڀرجي وئي پر ڪيس مڇڻو پيو ته پوري دنيا ۾ هلڻ باوجود هن کي اها خبر نه هئي ته انسان کي هوا ۾ ڪيئن بدلائجي ۽ هن پيار جي باري ۾ ڪجهه به نه ٿي ڄاتو.

"دنيا جي چوڌاري سفر ڪندي، مون اڪثر ماڻهن کي پيار جي باري ۾ ڳالهائيندي ۽ آسمانن ڏانهن نهاريندي ڏٺو آهي،" هوا جواب ڏنو. ڪيس مڇڻو پيو هو ته سندس سگهه جي به ڪا حد هئي ۽ هوءَ وڌيڪ ڪجهه نه ٿي ڄاڻي.

هوا، چوڪري کي صلاح ڏني ته هو آسمانن کان پڇي وٺي ته هو پاڻ کي هوا ۾ ڪيئن ٿو بدلائي سگهي. چوڪري هوا کي چيو ته هوءَ ڪيس آسمانن سان ڳالهائڻ ۾ مدد ڪري،" هن سڄي جڳهه کي ايڏي ته زوردر واريءَ جي طوفان سان ڀري ڇڏ جو سج به ڏنڌلو پئجي وڃي ته جيئن مان آسمان ڏانن نهاري ڪانئس پڇي سگهان."

هوا پنهنجي سموري سگهه سان اڏاڻي. جنهن ڪري سڄو آسمان واريءَ سان ڀرجي ويو. سج به هاڻ هڪ سوني تاڪهي ۾ بدلجي ويو هو. ڇانوڻيءَ وارن لاءِ ڪجهه به ڏسڻ مشڪل ٿي پيو. صحرا جا ماڻهو ان هوا کان واقف هئا. اهي هن کي "سمم" (Simum) سڏيندا هئا ۽ اها ساموندي طوفان کان به وڌيڪ خطرناڪ هوندي آهي. سندن گهوڙا

رانيات ڪرڻ لڳا ۽ سندن هٿيار واريءَ سان ڀرجي ويا. اها حالت ڏسي هڪڙي ڪمانڊر سردار کي چيو."بهتر ٿيندو تہ اسان ان ڳالهہ کي اتي ئي ڇڏي ڏيون."

هو هاڻي ڇوڪري کي نہ ٿي ڏسي سگهيا. سندن منهن نيرن ڪپڙن سان ڍڪيل هئا ۽ سندن اکين مان ڊپ صاف نظر پئي آيو.

"هن کي روڪيو." ٻئي ڪمانڊر بہ ساڳي صلاح ڏني.

"مان الله جي عظمت ڏسڻ ٿو چاهيان." سردار چيو. "مان ڏسڻ ٿو چاهيان تہ انسان ڪيئن پاڻ کي هوا ۾ بدلائي ٿو." هن انهن ٻنهي ڪمانڊرن جا نالا ذهن نشين ڪري ڇڏيا جيڪي هوا کان ڊڄي ويا هئا. هن دل ۾ ڪين برطرف ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو ڇو تہ سندسن نظر ۾ صحرا جي سڄن انسانن کي ڪڏهن بہ ڊڄڻ نہ گهرجي.

"هوا مون کي ٻڌيو آهي تہ تون پيار جي باري ۾ ڄاڻين ٿو." ڇوڪري سڄ مان ڳالهائيندي چيو." جيڪڏهن تون پيار جي باري ۾ ڄاڻين ٿو تہ پوءِ ضرور توکي ڪائنات جي روح جي باري ۾ بہ ڄاڻ هوندي. ڇو تہ اهو بہ سراپا پيار آهي".

"مان جتي آهيان، اتان ڪائنات جو روح ڏسي سگهان ٿو. اهو منهنجي روح سان همڪلام ٿيندو آهي ۽ اسان ٻئي گڏجي ٻوٽن کي روشني فراهم ڪندا آهيون تہ جيئن اهي وڌي ويجهي سگهن ۽ رڍون انهن جي ڇانو ۾ آرام ڪري سگهن. مان جيتوڻيڪ ڌرتي کان گهڻو پري آهيان، پر مون اتان بہ اهو سکي ورتو آهي تہ پيار ڪيئن ڪجي. مان ڄاڻان ٿو تہ جيڪڏهن مان ڌرتيءَ جي ٿورڙو بہ ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڌرتي تي موجود هر شيءِ مري ويندي ۽ ڪائنات جي روح جو بہ ڪو وجود نہ رهندو. سو اسين ٻئي هڪٻئي کي سمجهون ٿا ۽ هڪٻئي کي چاهيون ٿا. مان ڌرتي کي زندگي ۽ گرمي ڏيان ٿو ۽ ڌرتي مون کي منهنجي جيئڻ جو سبب ميسر ڪري ٿي." سڄ چاهہ سان چيو.

" ان جو مطلب آهي تہ تون پيار جي باري ۾ ڄاڻين ٿو." ڇوڪري وري پيار جو موضوع ڇيڙيو.

" مان ڪائنات جي روح کي بہ ڄاڻان ٿو، ڇو تہ ڪائنات ۾ اٽڪڻ ڇڪر هڻندي اسان هڪٻئي سان تمام گهڻيون ڳالهيون ڪيون آهن. هن کي ڏک آهي تہ هن وقت تائين رڳو معدنيات ۽ نباتات سڄ سمجهي سگهيا آهن تہ سڀ شيون هڪ آهن. انهن کي خبر آهي تہ لوهہ کي ٽامي جهڙو ٿيڻ جي ضرورت ناهي يا وري ٽامي کي سون جهڙو ٿيڻ جي خواهش ناهي. انهن مان هر ڪوئي منفرد آهي ۽ پنهنجو مخصوص ڪم ڪري رهيو آهي. هر شي سڪون سان پنهنجي ڪم ڪندي رهي ها، جيڪڏهن هي سڀ ڪجهہ جوڙڻ وارو هٿ تخليق جي پنجين ڏينهن تي رڪجي وڃي ها.....پر تخليق جو عمل ڇهين ڏينهن بہ جاري رهيو." سڄ افسرده لهجي ۾ چيو.

"تون ڏاهو آهين. تون پري کان هر

شيءَ جو مشاهدو ڪرين ٿو، پر تون پيار جي باري ۾ نہ ٿو ڄاڻين. جيڪڏهن تخليق جو عمل ڇهين ڏينهن جاري نہ رهي ها تہ انسان جو وجود نہ هجي ها ۽ پوءِ ٿامو هميشہ فقط ٿامو ۽ شيهو فقط شيهو ئي رهي ها. اهو سچ آهي تہ هر شيءَ جي پنهنجي منزل مقصود هوندي آهي. پر ان جي حاصلات لاءِ هر شيءَ کي پاڻ کان بهتر شيءَ ۾ بدلڻو پوندو آهي. سندن هڪ نئين منزل مقصود جو سفر شروع ٿي ويندو آهي. اهو سلسلو تيستائين جاري رهندو جيستائين ڪنهن ڏينهن ڪائنات جو روح فقط هڪ شيءَ نہ ٿو بڻجي وڃي."

سچ سوچڻ لڳو ۽ سندس روشني ڏاڍي تيز ٿي وئي. هوا، جنهن ڇوڪري ۽ سچ جي گفتگو ڏاڍي ڌيان ۽ دلچسپي سان پئي ٻڌي، تنهن تمام زور سان هلڻ شروع ڪيو تہ جيئن سچ جي تيز روشني ڇوڪري کي انڌو نہ ڪري سگهي.

" ڪيميا جو وجود ان لاءِ آهي تہ جيئن هر ڪوئي پنهنجو خزانو ڳولي سگهي ۽ اڳ کان بهتر زندگي ماڻي سهي. شيهو پنهنجو ڪردار ايستائين نباهيندو رهندو جيستائين دنيا کي ان جي ضرورت رهندي ۽ پوءِ هو پنهنجو پاڻ کي سون ۾ بدلائي ڇڏيندو.۽ ڇوڪري چيو،ءڪيمياگر اهو ئي ڪندا آهن. اهي ڏيکارين ٿا تہ جڏهن اسين بهتر ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون تہ اسان جي اردگرد جيڪا بہ شيءِ هوندي آهي، اها بہ بهتر ٿيڻ لڳندي آهي."

"پر اهو تون ڪيئن ٿو چوين تہ مان پيار جي باري ۾ نہ ٿو ڄاڻان؟" سچ ڇوڪري کان پڇيو.

"ڇو تہ پيار اهو ناهي تہ صحرا رانگر جامد ٿي وڃجي ۽ نہ ئي پيار اهو آهي تہ هوا وانگر سڄي دنيا ۾ پٽڪندو وتجي. پيار اهو بہ ناهي تہ هر شيءَ کي پري کان ڏسجي، جيئن تون ڪندو آهين. پيار اها طاقت آهي جيڪا ڪائنات جي روح کي بہ بهتر ڪري ٿي ۽ بدلائي ٿي. جڏهن مان پهريون ڀيرو ڪائنات جي روح تائين پهتس تہ مون سوچيو ڪائنات جو روح بي عيب آهي، پر پوءِ مون ڏٺو تہ اهو بہ تخليق جي ٻين رخن جيان ئي آهي. هن وٽ بہ پنهنجا جذبات ۽ جهيڙا آهن. اهي اسين ئي آهيون جيڪي ڪائنات جي روح جي پرورش ڪريون ٿا، جنهن دنيا ۾ اسين رهون ٿا، اها اڃان بهتر ٿيندي يا خراب ٿيندي، تنهن جو دارومدار ان تي آهي تہ اسين بهتر ٿيون ٿا يا بگڙجون ٿا. ان ئي موڙ تي پيار جي طاقت پنهنجو اثر ڏيکاري ٿي، ڇو تہ جڏهن اسين پيار ڪندا آهيون تہ اسين هميشہ ڪوشش ڪندا آهيون تہ اسين بهتر کان بهتر ٿي ڏيکاريون."

" تون مون کان ڇا ٿو چاهين؟ سچ، ڇوڪري کان پڇيو.

"مان چاهيان ٿو تہ تون منهنجي مدد ڪر تہ جيئن مان پاڻ کي هوا ۾ بدلائي سگهان.

"قدرت جي نظر ۾ مان تخليق جي سڀ کان ذهين ترين هستي آهيان، پر مان

نہ تو ڄاڻان تہ توکي هوا ۾ ڪيئن بدلايان." سج پنهنجي بيوسي ظاهر ڪئي.

" پوءِ مان ڇا ڪريان؟" ڇوڪري سج کان پڇيو.

سج هڪ منٽ لاءِ سوچ ۾ گم ٿي ويو. هوا، سج ۽ ڇوڪري جون ڳالهيون غور سان ٻڌي رهي هئي. سندس دل چاهيو تہ هوءَ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڏي واڪ ٻڌائي تہ سج جي ڏاهپ جي بہ هڪ حد آهي ۽ سج، ان ڇوڪري سان منهن نہ ڏئي سگهيو. جيڪو ڪائنات جي زبان ڳالهائي ٿو.

"جنهن هٿ سڀ ڪجهہ لکيو آهي، تون ان سان ڳالهاءِ." سج ڇوڪري کي صلاح ڏني.

هوا خوشيءَ ۾ خوب رڙيون ڪيون ۽ ايڏو تہ زور سان اڏاڻي جو شايد ٿي اڳ ڪڏهن هوا جي شدت ۾ ايڏو زور ٿيو هجي. هوا جي شدت ڪري خيما اکڙجي ويا. جانور ڪلن مان آزاد ٿي ويا ۽ چوٽيءَ تي موجود قبائلي اڏامي وڃڻ جي خوف کان هڪٻئي سان جڪڙجي ويٺا.

ڇوڪرو ان ءِهٽيءَ ڏانهن مڙيو، جنهن سڀ ڪجهہ لکيو آهي. هن جيئن ئي اڻين ڪيو تہ ڪيس محسوس ٿيو تہ سموري ڪائنات خاموش ٿي وئي آهي. هن بہ خاموش رهڻ جو فيصلو ڪيو.

ڇوڪري جي دل ۾ پيار جي تيز لهر اٿي ۽ ڇوڪري دعا گهرڻ شروع ڪئي. اهڙي دعا ڇوڪري اڳ ڪڏهن بہ نہ گهري هئي. سندس دعا لفظن ۽ التجائن کان آزاد هئي. سندس دعا ۾ مهربانين مڃڻ جهڙي بہ ڪائي ڳالهہ شامل نہ هئي.

ڇوڪرو سمجهي ويو تہ ان ڪائنات جي خاموشيءَ ۾ ئي صحرا، هوا ۽ سج بہ انهن نشانين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، جيڪي ان ءِهٽيءَ جون لکيل هيون جنهن سڀ ڪجهہ لکيو آهي.

ڇوڪري ڏٺو تہ سڄي ڌرتيءَ ۽ خلا ۾ نشانيون ڦهليل هيون پر ڪنهن جي بہ هٿ جو سبب يا اهميت ظاهر نہ پئي ٿيو. هي ڏسي ٿي سگهيو تہ صحرا توڙي هوا، سج توڙي انسان ڪنهن بہ نہ ٿي ڄاتو ڪين ڇو خلقيو ويو آهي پر ان ءِهٽيءَ کي اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ سبب موجود هو ۽ فقط اهو ءِهٽيءَ ئي معجزا سرانجام ڏئي سگهيو ٿي يا سمنڊ کي صحرا ۾ ۽ انسان کي هوا ۾ بدلائي سگهيو ٿي. ڇو تہ فقط ءِهٽيءَ ئي ڄاتو پئي تہ اها هڪ وسيع تخليق هئي ، جنهن تخت ڪائنات ان نقطي تي پهتي هئي. جتي تخليق جا ڇهہ ڏينهن ارتقا ڪري شاهڪار ڪم ۾ تبديل ٿي ويا هئا.

ڇوڪرو، ڪائنت جي روح تائين پهتو ۽ ڏٺائين تہ هو خود خدا جي روح جو هڪ حصو هو ۽ هن ڏٺو تہ خدا جو روح سندس ئي روح هو. ڇوڪرو سمجهي ويو تہ هو معجزا سرانجام ڏئي سگهي ٿو.

☆☆☆

ان ڏينهن کان وٺي ڪيترين صدين تائين عرب اهو داستان ٻڌائيندي ٿي آيا

تہ ڪيئن هڪڙي ڇوڪري پاڻ کي هوا ۾ بدلائي ڇڏيو هو ۽ صحرا جي سيءَ کان طاقتور سردار جي فوجي ڇانوڻي اڏائي ڇڏي هئي.

ان ڏينهن اها هوا، سمر (Si-mum)، ايڏو زور سان هلي جو اڳ ائين ڪڏهن به نہ ٿيو هو. جڏهن اها هوا سمر رڪجي وئي تہ سيني اوڏانهن ڏٺو، جتي ڇوڪرو بيٺل هو. پر هاڻي هو اتي ڪو نہ هو. هو ڇانوڻي جي آخري ڇيڙي وٽ بيٺل سپاهي سان گڏ بيٺو هو. جيڪو سڄي واريءَ سان ڊڪجي ويو هو.

سيئي ويڙهاڪ قبائلي ڇوڪري جي جادوگري ڏسي ڊڄي ويا پر اتي اهڙا ماڻهو به هئا جيڪي مرڪي رهيا هئا. انهن ۾ هڪڙو ڪيمياگر هو، جنهن کي خوشي هئي تہ سندس هڪ ڪامل شاگرد پيدا ٿي چڪو هو ۽ ٻيو قبائلي سردار، جنهن کي خوشي هئي تہ ڇوڪرو خدا جي شان کان واقف ٿي چڪو هو.

ٻئي ڏينهن تي سردار وڏي مان سان ڪيمياگر ڇوڪري کي الوداع ڇيو ۽ قبائلي هٿياربندن جو هڪ دستو ساٿن گڏ موڪلڻائين تہ اهي ڪين حفاظت سان اڳيرو ڪن.

☆☆☆

اهي سڄو ڏينهن هلندا رهيا. شام ڏاري هو هڪ خانقاهہ وٽ پهتا. ڪيمياگر اتي گهوڙي تان لهي پيو ۽ هٿياربند دستي کي واپس وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيائين.

"هتان کان هاڻي تون اڪيلو ويندين. اهرام هتان کان فقط ٽن ڪلاڪن جي پنڌ تي آهن." ڪيمياگر ڇوڪري کي ٻڌايو.

"تنهنجي وڏي مهرباني. تو مون کي ڪائنات جي زبان سيکاري،" ڇوڪرو سندس شڪر گذار ٿيو.

"سڀ ڪجهہ تنهنجي اندر ۾ هو، مون تہ رڳو ان کي اجاگر ڪيو." ڪيمياگر چيو.

☆☆☆

ڪيمياگر خانقاهہ جو دروازو کڙڪايو. هڪڙو پروهت ڪارن ڪپڙن ۾ خانقاهہ جي دروازي وٽ اچي بيٺو. ٻنهي ڪاپٽڪ (Coptc) زبان ۾ چند منٽ ڳالهايو ۽ پوءِ ڪيمياگر ڇوڪري کي اندر هلڻ جو اشارو ڪيو.

"مون هن کي ڇيو آهي تہ مون کي خانقاهہ جو بورچيخانو ڪجهہ دير لاءِ استعمال ڪرڻ ڏي." ڪيمياگر مسڪرائيندي ڇوڪري کي ٻڌايو.

هو خانقاهہ جي پوياڙيءَ ۾ نهيل بورچيخانی ۾ ويا. ڪيمياگر باهہ ٻاري ۽ پروهت کي شيهو آڻي ڏنو، جيڪو هن لوهہ جي تئيءَ تي رکيو. جڏهن شيهو ڳري پاڻياٽ ٿي ويو تہ ڪيمياگر پنهنجي ڳوٿريءَ مان انوکو شيشي جو بيدو ڪڍيو. هن ان منجهان وار جيتري سنهي چاندي جي ذري ڪڍي، ان کي ميڻ ۾ ويڙهي ان تئي ۾ وڌو جنهن ۾ شيهو ڳري پاڻياٽ ٿي ويو هو.

هاڻ ان شيءِ جو رنگ ڦري رت وانگر ڳاڙهو ٿي ويو هو. ڪيمياگر باهہ

تان تئي لاهي پاسيري ڪري رکي ته جيئن اها نري وڃي. تيستائين هو پروهت سان قبائلي جنگ بابت ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

جڏهن تئي نري وئي ته پروهت ۽ ڇوڪري جون اکيون حيرت وچان ڦاٽي ويون. شيهو خشڪ ٿي تئيءَ جي شڪل اختيار ڪري ويو هو پر هاڻي اهو شيهو نه پر سون هو.

"ڪنهن ڏينهن مان به ائين ڪرڻ سکي وٺندس؟" ڇوڪري پڇيو.

"اها منهنجي منزل مقصود آهي، تنهنجي نه. مون رڳو توکي ڏيکارڻ پئي چاهيو ته ائين ڪرڻ ممڪن آهي." ڪيمياگر ڪيس سمجهايو.

اهي تئي ڇڻا خانقاهه جي دروازي وٽ آيا، جتي ڪيميگر، سون جي ٽڪيءَ کي چئن حصن ۾ ورهائي، هڪ حصو پروهت کي ڏيندي چيو. "هي تنهنجو حصو آهي، تو سدائين مسافرن جي دل سان شيوا ڪئي آهي."

"پر منهنجي لاءِ هي گهڻو آهي." پروهت ٿورائتو ٿيدي ڪيس چيو.

"ائين وري نه چئجانءِ، ممڪن آهي ته زندگي اهو ٻڌندي هجي ۽ ٻئي پيري توکي گهٽ حصو ڏئي ڇڏي." ڪيمياگر ڪيس تاڪيد ڪئي.

پوءِ ڪيمياگر، ڇوڪري ڏانهن مڙيو، "هي تنهنجي لاءِ آهي. انهن سونن سڪن جي بدلي جيڪي مون سردار کي ڏئي ڇڏيا هئا."

ڇوڪري جي وات مان نڪرڻ وارو هو ته هي سون ته سندس سونن سڪن جي پيٽ ۾ گهڻو وڌيڪ هو، پر هو يڪدم رڪجي ويو. ڪيمياگر طرفان پروهت کي ڏنل جواب ڪيس ڪجهه به ڪچڻ کان روڪي ورتو هو.

"۽ هي منهنجي لاءِ آهي، ڇو ته مون کي صحرا ۾ واپس وڃڻو آهي، جتي قبائلي ويڙهه هلي رهي آهي." ڪيمياگر ٽيون حصو پاڻ وٽ رکندي چيو.

هن ڇوٽون حصو ڪٽي پروهت کي ڏنو ۽ چيو، "هي ڇوڪري لاءِ آهي. هن کي جڏهن به ضرورت پوي ته ڪيس ڏئي ڇڏجانءِ."

"پر مان ته پنهنجي خزني جي تلاش ۾ وڃي رهيو آهيان ۽ مان ان جي بلڪل ويجهو پهچي چڪو آهيان،" ڇوڪري حيران ٿيندي چيس.

"۽ مون کي پڪ آهي ته تون اهو خزانو ڳولي وٺندين." ڪيميا گر چيو

"پوءِ هي ڇو؟"

"ڇو ته تون اڳ به ٻه ڀيرا پنهنجو سڀ ڪجهه وڃائي ويٺو آهين. هڪڙو ڀيرو هڪ ننگ هٿان ۽ ٻيو ڀيرو قبائلي سردار هٿان. مان پوڙهو، وهمي عرب آهيان، ۽ منهنجو پهاڪن ۾ اعتبار آهي. اسان وٽ هڪ چوٽي آهي ته جيڪا شيءَ هڪ ڀيرو ٿئي ٿي، اها ممڪن آهي ته وري ڪڏهن به نه ٿئي. پر جيڪا شيءَ ٻه ڀيرا ٿئي ٿي اها پڪ سان ٽئين ڀيري به ٿيندي."

☆☆☆

هو ٻئي گهوڙن تي چڙهي اڳيرا ٿيا. ڪيمياگر، ڇوڪري کي چيو: "مان

توکي خوابن جي باري ۾ هڪ ڪهاڻي ٻڌائڻ چاهيان ٿو."

چوڪرو پنهنجو گهوڙو هڪلي ڪيمياگر جي ويجهو ٿيو.

"بادشاهه تبريس جي زماني ۾ قديم روم ۾ هڪ نيڪ شخص رهندو هو جنهن کي ٻه پٽ هئا. هڪڙو فوج ۾ هئو ۽ ڪيس بادشاهي جي تمام پرانهين حصي ۾ ذميواري سونپي وئي هئي. ٻيو پٽ شاعر هو جنهن پنهنجي خوبصورت شاعريءَ سان سڄي روم کي ديوانو بڻائي ڇڏيو هو.

"هڪڙي رات سندن پيءُ خواب لڌو ته هڪڙو فرشتو هن وٽ آيو هو ۽ اچي ڪيس چيائين ته تنهنجي هڪڙي پٽ جا لفظ سڄي دنيا ۽ ايندڙ سمورا نسل ياد ڪندا ۽ دهرائيندا. سندس اک کلي ته هو ڏاڍو خوش ٿيو ته زندگي مٿس مهربان آهي ۽ هن مٿس اهو راز منڪشف ڪيو آهي، جنهن تي هر پيءُ فخر ڪري سگهي ٿو."

" ٿوري ئي وقت کان پوءِ هو هڪ ٻار کي گاڏيءَ جي ڦيٿي هيٺان اچڻ کان بچائيندي پاڻ مري ويو. جيئن ته هن سڄي زندگي نيڪ رستي تي هلندي گذاري هئي، تنهن ڪري هو سڌو جنت ۾ ويو. جنت ۾ سندس ملاقات ان ئي فرشتي سان ٿي، جيڪو ڪيس خواب ۾ نظر آيو هو."

"تون سدائين سٺي ماڻهو وانگر پيار ۽ نيڪي جي راهه تي سڄي زندگي گذاري ۽ تو موت کي شان سان گلي لڳايو تنهن ڪري تون ان جو حقدار آهين ته تون پنهنجي ڪا خواهش ٻڌاءِ جيڪا مان پوري ڪريان." فرشتي کيس آچ ڪئي.

"زندگي منهنجي لاءِ نعمت ثابت ٿي ۽ تون جڏهن منهنجي خواب ۾ آئين ته مون کي لڳو ته مون کي پنهنجي نيڪين جو ڦل ملي ويو هو. مون کي پڪ ٿي وئي ته منهنجي پٽ جي شاعري سڄي دنيا ۾ ۽ ايندڙ سمورن نسلن ۾ مشهور ٿيندي. مون کي پنهنجي لاءِ ڪجهه نه گهرجي، پر هر پيءُ چاهيندو آهي ته هو پنهنجي ٻار جي حاصلات کان واقف ٿئي. سو مان به چاهيان ٿو ته ڏور مستقبل ۾ منهنجي پٽ جا جيڪا لفظ مشهور ٿيندا سي مان هينئر ڏسان ۽ ٻڌان."

" فرشتي هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ هو مستقبل ڏور منجهه هليا ويا. هنن ڏنو ته هزارين ماڻهن جو هجوم هو ۽ اهي هڪ اجنبي زبان ۾ ڳالهائي رهيا هئا."

۽ اهو ڏسي نيڪ مرد خوشيءَ ۾ روئي ويٺو. هن فرشتي کي چيو ته مان ڄاڻان ٿو ته منهنجي پٽ جي شاعري لاثاني آهي پر مون کي هنن ماڻهن جي ٻولي سمجهه ۾ نه ٿي اچي، تون مهرباني ڪري مون کي ٻڌاءِ ته هي منهنجي پٽ جا ڪهڙا شعر پڙهي رهيا آهن؟"

۽ فرشتي کيس وٺي وڃي هڪ بينچ تي پاڻ سان گڏ ويهاريو ۽ کيس ڏيمي لهجي ۾ ٻڌيو."برابر تنهنجي پٽ جي

شاعري سڄي روم ۾ ڏاڍي مشهور هئي ۽ هر ڪنهن ان کي پسند ڪندو هو پر جڏهن تبريس بادشاهه جو دور ختم ٿيو ته سندس شاعري سيني کان وسري وئي. تون هينئر جيڪي لفظ ٻڌي رهيو آهين سي تنهنجي ٻئي پٽ جا آهن، جيڪو فوج ۾ هو."

"اهو ٻڌي نيڪ مرد حيران ٿي ويو. فرشتي کيس ٻڌايوته تنهنجي پٽ کي هڪ تمام پرانهين علاقتي ۾ ذميواري سونپي وئي هئي. اتي هو هڪ سو سپاهين جو تمندار بڻجي ويو. هو تمام سٺو ۽ انصاف پسند فوجي هو. هڪڙي ڏينهن سندس هڪ خدمتگار بيمار ٿي پيو ۽ اٿين پٽي لڳو ته اهو مري ويندو. تنهنجي پٽ کي ڪنهن ٻڌايو ته اتان کان ڪافي پري هڪڙو حڪيم رهي ٿو جيڪو هر بيماري جو علاج ڪري ٿو. هو ان حڪيم جي ڳولا ۾ نڪري پيو. ڳولينديءَ ڳولينديءَ ڪيس ڪيترا ڏينهن لڳي ويا. رستي تي ڪن ماڻهن کيس ٻڌايو ته هو جنهن جي تلاش ۾ آهي، اهو ته خدا جو پيغمبر آهي. هن کي ڪجهه اهڙا ماڻهو به مليا جيڪي وٽانئس شفايابٿيا هيا، تن تنهنجي پٽ کي سندس روح کان آگاهي ڏني. هو جيتوڻيڪ روم فوج جو تمندار هو، تنهن هوندي به هن ان پيغمبر جو مذهب اختيار ڪيو. جلد ئي پوءِ هو ان جاءِ تي پهتو جتي اهو ماڻهو اچڻو هو جنهن سان ملڻ لاءِ هن ايڏا ڪشالا ڪاٽيا هئا."

"تنهنجي پٽ ان ماڻهو کي ٻڌايو ته هن جو هڪڙو خدمتگار بيمار ٿي پيو آهي ۽ ان حڪيم ساڻس گڏجي سندس گهر هلڻ لاءِ راضيو ڏيکاريو. پر تنهنجو پٽ ايمان وارو انسان هو. تنهن جڏهن حڪيم جي اکين منجهه نهاريو ته هن کي پڪ ٿي وئي ته سندس سامهون خدا جو پيغمبر آهي ۽ پوءِ تنهنجي پٽ جيڪي لفظ چيا سي ڪوئي به وساري نه ٿو سگهي. تنهنجي پٽ چيو "منهنجا پيغمبر، مان ان لائق نه آهيان ته تون منهنجي گهر هلين، بس تون رڳو هڪ لفظ ڳالهاءِ، مون کي يقين آهي ته منهنجو خدمتگار بلڪل ٺيڪ ٿي ويندو."

ڪيمياگر ڳالهه کي اتي ئي ختم ڪندي چوڪري کي چيو، "هن ڌرتيءَ تي موجود هر انسان پل ڇا به ڪري پر پوءِ به اهو انسان دنيا جي تاريخ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري ٿو، پر بدقسمتيءَ اها آهي جو ڪين ان ڳالهه جو ڪو پتو ڪونهي."

چوڪري مسڪرايو. هن کي ڪڏهن وهم و گمان ۾ به نه هو ته زندگيءَ جي باري ۾ اهڙا خيال هڪ ريڍار لاءِ ايترا اهم به ٿي سگهن ٿا.

"الوداع،" ڪيمياگر موڪلائيندي چيو.

☆☆☆

چوڪرو ڪافي ڪلاڪن تائين صحرا ۾ هلندو رهيو ۽ دل جي ٻڌندو رهيو. چو ته هاڻ سندس دل ئي ٻڌائي ٿي سگهي ته هن جو خزانو ڪٿي لڪل هو.

ڪيمياگر ڪيس ٻڌايو هو ته "جتي تنهنجو خزانو آهي اتي ئي تنهنجي دل به هوندي." پر سندس دل ته ٻين شين جي باري ۾ ڳالهائي رهي هئي.

هلندي هلندي هو جڏهن هڪڙي پٽ تي چڙهڻ وارو هو ته، هن جي دل ڀڻڪيو. "ان جاءِ کان هوشيار رهجانءِ جتي توکي گهوڙا ڳاڙڻ لاءِ آندو ويو آهي. اتي ئي مان هوندس ۽ اتي ئي تنهنجو خزانو آهي."

چوڪرو پٽ تي آهستي آهستي چڙهڻ لڳو، تارن ڀرئي آسمان ۾ اڄ چوڏهينءَ جو چنڊ پوري آب و تاب سان چمڪي رهيو هو. چانڊوڪيءَ ۾ پٽن جي منظر، چوليون هٿندڙ سمنڊ جي ڏس پئي ڏنو. اهڙي ئي چانڊوڪي رات ۾ گهوڙي تي سوار ڪيمياگر سان سندس پهرين ملاقات ٿي هئي ۽ اڄ هن کي نخلستان مان نڪتي هڪ مهينو ٿي چڪو هو.

جڏهن هو پٽ جي چوٽيءَ تي پهتو ته سندس دل خوشيءَ ۾ ڇال ڏنو. سندس نظرن آڏو مصر جا شاهي اهرام هئا.

چوڪرو گوڏن ڀر ويهي رهيو ۽ بي اختيار روئي ويٺو. هن خدا جو شڪرانو اداڪيو جنهن ڪيس پنهنجي منزل مقصود جي حاصلات ۾ ويساهه ڏنو هو ۽ تلاش جي راهه ۾ هڪ پراسرار بادشاهه، مهربان واپاري، مسافر انگريز ۽ ڏاهي ڪيمياگر سان ملايو هو. هن خدا جو شڪر ادا ڪيو جنهن ڪيس صحرا جي حسن جا جلوا پسايا ۽ صحرا جي عورت سان ملايو، جنهن ڪيس سيڪاريو ته پيار، انسان کي پنهنجي منزل مقصود جي حاصلات کان ڪڏهن به روڪيندو ناهي. سچو پيار ته منزل مقصود جي حاصلات لاءِ حوصلو ۽ اتساهه بخشيندو آهي.

هاڻي جيڪڏهن هي چاهي ته نخلستان ڏانهن موٽي سگهي ٿو ۽ فاطمه سان گڏجي هڪ عام ريڍار وانگر باقي زندگي سک سان گذاري سگهي ٿو. ڪيمياگر پنهنجي منزل مقصود ماڻڻ کانپوءِ به ته صحرا ۾ ئي رهيو پيو آهي، جيتوڻيڪ هن ڪائنات جي زبان به سکي ورتي آهي ۽ شيهي کي سون ۾ بدلائڻ به ڄاڻي ٿو پر پوءِ به هن کي اها ضرورت نه ٿئي ٿي ته ڪو پنهنجي فن، پنهنجي سائنس، پنهنجي ڪيميا جو مظاهرو لوڪ آڏو ڪندو رهي. چوڪري سوچيو پنهنجي منزل مقصود جي تلاش جي راهه ۾ مون به اهو ڪجهه سکي ورتو آهي جنهن لاءِ مون ڪڏهن تصور به نه ڪيو هو.

هاڻي هو پنهنجي خزاني جي ويجهو اچي پهتو هو. چوڪري پنهنجي چوڌاري پکڙيل واريءَ تي نظر وڌي ۽ ڏٺو ته جتي سندس گهوڙا ٽميا هئا اتي ٽنڊڻ (Scarab beetle) ڊوڙون پائي رهيو هو. صحرا ۾ هن ٻڌو هو ته مصر ۾ ماڻهو ٽنڊڻن کي خدا جي نشاني سمجهندا آهن.

هڪ ٻيو اشارو!!

چوڪري اتي ئي زمين کوٽڻ شروع ڪئي. کوٽيندي کوٽيندي رات اچي کٽڻ لڳي پر چوڪري کي هٿ ڪجهه

نہ آيو. هيٺ کوٽيندي کيس ايئن پئي محسوس ٿيو تہ جڻ هو وقت جي ڌارا تي سوار ٿي اهرامن جي جڙڻ جي دور منجهہ وڃي رهيو هو. هاڻي هوا بہ کيس پريشان ڪرڻ لڳي هئي. هن جيترو هيٺ کوٽيو ٿي، هوا واريءَ کي گهلي ان جاءِ کي واپس ڀري ٿي ڇڏيو. پر پوءِ بہ هن همت نہ هاري ۽ کوٽائي جاري رکي. هن کي پنهنجي دل تي اعتبار هو، جنهن کيس ٻڌايو هو تہ خزانو اتي ئي آهي، جتي هن ڳوڙها ڳاڙيا هئا.

اوچتوئي ڪجهہ ماڻهن جي قدمن جا آواز هن جي ڪنن تي پيا ۽ ڪجهہ پاڇولا ظاهر ٿيا جن جون پٺيون چانڊوڪيءَ ڏانهن هيون. ڇوڪرو نہ سندن اکيون ڏسي ٿي سگهيو ۽ نہ سندن منهن.

انهن مان هڪڙي پاڇولي ڪڙڪيدار آواز ۾ ڪانئس پڇيو.

"تون هتي ڇا ڪري رهيو آهين؟"

ڇوڪري تي دهشت طاري ٿي وئي ۽ هو ڪو بہ جواب نہ ڏئي سگهيو. هن کي ڊپ لڳو تہ جيڪڏهن هو پنهنجي لڪل خزانی جو ذڪر ساڻن ڪندو تہ هو ڪانئس سڀ ڪجهہ ڦري وٺندا. ڇوڪرو پريشان واڙن وانگر کين ڏسي رهيو هو.

ايتري ۾ ٻئي ڳالهايو." اسان قبائلي جهيڙن کان ڀڄي پناهہ جي تلاش ۾ آهيون، تنهنڪري اسان کي پئسن جي سخت ضرورت آهي. تون هتي ڇا لڪائي رهيو آهين؟"

"مون هتي ڪجهہ بہ ناهي لڪايو." ڇوڪري يڪدم ورندي ڏني.

پر ڪنهن کي بہ سندس جواب تي اعتبار نہ آيو. انهن سان هڪڙي هن کي پڪڙي کوٽيل کڏ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ ٻئي سندس ٿيلهي جي تلاشي ورتي جنهن مان سون جو ٽڪرو نڪتو، جيڪو کيس ڪيمياگر ڏنو هو. هنن سمجهيو تہ ڇوڪري شايد ٻيو سون بہ هيٺ کڏ ۾ لاٿي رکيو آهي. هنن کڏ ۾ لهي پاڻ بہ ڳولڻ ۽ ڇوڪري کي بہ چيو تہ هو باقي لڪايل سون واپس کوٽي کين ڪڍي ڏئي. ڇوڪري هيٺ کوٽڻ لڳو پر کيس ڪجهہ بہ نہ مليو ۽ نيٺ سچ بہ ايرڻ لڳو. ڪاوڙ ۾ ماڻهن هن ڇوڪري کي لتون مڪون هڻي مارڻ شروع ڪري ڏنو. ڇوڪري کي ڏاهي ڪيمياگر جا لفظ ياد آيا." جيڪڏهن تون مري وئين تہ پوءِ پئسا تنهنجي ڪهڙي ڪم جا رهندا؟"

ڇوڪري يڪدم رڙ ڪري چيو تہ "مون کي نہ ماريو. مان توهان کي سچ ٿو ٻڌايان. مان هتي پنهنجي لڪل خزاني جي تلاش ۾ آيو آهيان. مون بہ پيرا خواب ۾ ڏٺو هو تہ هتي منهنجو خزانو لڪل آهي."

ٽولي جي اڳواڻ کي ڇوڪري جي ڳالهہ تي شايد اعتبار اچي ويو ۽ هن ٻين کي چيو." هن کي ڇڏيو، هن وٽ وڌيڪ ٻيو ڪجهہ ڪونهي."

ڇوڪري مان هٿ ڪڍيائون هو تقريبن بيهوش ٿي ڪري پيو.

ٽولي جي اڳواڻ کيس ڏونڌاڙيندي چيو." اسين وڃون پيا."

ٽورو اڳيان وڃي، هو وري واپس

شيخ چلي ۽ شادي

شيخ چلي جي سادگي ۽ بي وقوفيون جڳ ۾ مشهور هيون. ڪيس ڪير به ڏيءَ ڏيڻ لاءِ تيار ڪونه هو. سندس پيءُ وڏي مشڪل سان ڪا چوڪري ڳولي. شيخ چلي به خوش هو ته هاڻي سندس شادي به ٿي ويندي.

هڪ ڏينهن هو ٺيڪ ٺاڪ تيار ٿي پنهنجي ٽيندڙ سهري جي گهر پهچي ويو.

چوڪري وارا وائڙا ته ڏاڍا ٿيا پر ٽيندڙ گهوٽ کي ڪافي خدمت ڪيائون.

"گهوٽ ڪيئن اچڻ ٿيو؟"

"اسان اهو چوڻ آيا آهيون ته آخر اسان جي ٽيندڙ زال کي اسان سان گڏ چو نه ٿو ڇڏيو وڃي."

"اسان ٻڌو هو ته تون عجيب عجيب ڳالهيون ڪندو آهين. مطلب ته اسان جيڪو ٻڌو هو، اهو اسان ٺيڪ ٺيڪ ٻڌو هو. پلا شادي کان پهرئين ئي چوڪري کي توسان ڪري ڇڏيون؟"

"جنهن چوڪريءَ کي اسان سڃاڻون ئي ڪو نه ٿا، ان سان شادي ڪيئن ٿا ڪري سگهون. ڪجهه ڏينهن اسان سان گڏ رهندي پوءِ اسان سوچينداسين ته ساڻس شادي ڪجي يا نه."

ڳالهه ئي اهڙي هئي، وڏي بي عزتيءَ سان هن کي اتان ڪڍيو ويو ۽ چوڪري وارن شادي کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو. (ابراهيم خاصخيلي- جيڪب آباد)

چوڪري وٽ آيو ۽ ڪيس چيائين، " تون مرندين ڪو نه، تون زنده رهندين ۽ سکي وڻندين ته ماڻهو کي ايترو بيوقوف نه هئڻ ڪپي. ٻه سال اڳ، ٺيڪ هن جاءِ تي، مون پڻ بار بار خواب لڏو هو. خواب ۾ مون کي ٻڌايو ويو ته مان اسپين جي ميدانن ڏانهن وڃان ۽ اتي وڃي هڪ ويران گرجا گهر ڳوليان. مون خواب ۾ ڏٺو ته ان ويران گرجا گهر ۾ هڪ ريڍار ۽ سندس رڍون ستل هيون. اتي ان ويران گرجا گهر ۾ هڪ ويڪرن پنن وارو وڻ اپري آيو هو. مون کي ٻڌايو ويو ته ان وڻ جي ٿڻن وٽ منهنجو خزانو لڪل آهي. پر مان ايترو بيوقوف ناهيان جو ان خواب جي ڪڍ لڳي سڄو صحرا لتاڙي اسپين جي ميدانن ۾ اها ويران گرجا گهر ڳولينڊو وتان."

ائين چئي هو واپس وڃي پنهنجي ماڻهن سان گڏيو ۽ هو اڳتي روانا ٿي ويا.

چوڪرو ڏکندڙ جسم سان پاڻ سنڀالي اٿي بيٺو ۽ هڪ نظر مصر جي اهرامن تي وڌائين. ڪيس لڳو ته اهي مٽس ڪلي رهيا آهن ۽ موٽ ۾ هو به ڪليو. سندس دل خوشيءَ ۾ جهومڻ لڳي.

چو ته هن ڄاڻي ورتو هو ته سندس خزانو ڪٿي هو.

پائيواري

هڪ سال وتائي کي خيال ٿيو تہ ٻني پوکجي سو هڪ شخص سان پائيواري ڪيائين. هڪ ڏينهن ٻئي ڇٽا گڏجي زمين تي ويا تہ انهيءَ شخص جهنگ وڍڻ شروع ڪيو ۽ وتائي فقير کي چيائين "فقير تون وڃي ٽانڊو ڪٽي اچ تہ هيءُ جهنگ ساڙيون." وتايو فقير اتان روانو ٿيو. هو ويچارو نهاريندو رهيو تہ اجهو ٿو فقير ٽانڊو ڪٽي اچي پر سج لهڻ تائين وتائي جي ڪا بہ خبر نہ هئي. نيٺ هو بيزار ٿي گهر موٽيو ۽ ٻئي ڏينهن اڪيلو ٻني تي هليو ويو. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي سر ٻنيءَ تي ويندو رهندو هو. ٻني بہ پوکجي راس ٿي ۽ پچي ويئي. ان صاف ٿيو ۽ ٻنئي شروع ٿي. وٽائي فقير کي خبر پئي تہ اڄ فلاڻيءَ هاري جي ٻنئي آهي سو ٽانڊو ڪٽي ڊوڙندو آيو ۽ جيئن ئي ڪري (ٻر) کي ويجهو پهتو تہ تکڙو تکڙو هلڻ شروع ڪيائين تہ ٿيڙ ڪائي ۽ وڃي ڪريو. ان تي سامهون ويٺل ماڻهن چيو، مارا وتئي فقير ٽانڊو ڪيرائي ڇڏيو. "ان تي وتائي فقير اٿندي چيو تہ "ادا، ماريو تہ اوهان جي انهي تکڙ آهي نہ!".

(عبدالرشيد "راهي" ميمن - شڪارپور)

☆☆☆

ڇوڪرو سانجهي سمي واپس ويران گرجا گهر وٽ پهتو. اندر اچي ڏٺائين تہ ويڪرن وڏن پنن وارو وڻ اجان تائين موجود هو. هن کي اها رات ياد آئي جڏهن هو پنهنجا ريڍن سان گڏ اچي اتي پناهہ ورتي هيائين.

پر اڄ هن سان ريڍن جو ڏڻ ساڻ نہ هو. ان جي بدران سندس هٿ ۾ ڪوڏر هئي.

هو ڪافي دير اتي ويهي آسمان ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ هن پنهنجي بغلي ٿيلهي مان هڪڙي شراب جي بوتل ڪڍي ان مان ٿورو پيتو. هن کي صحرا جي اها رات يادآئي جڏهن هن ڪيمياگر سان گڏ ويهي پيتو هو. سندن ذهن تي انهن سپني راهن جا نقش ابرڻ لڳا جن تان گذري هو هاڻ واپس هتي پهتو هو. هي حيران هيو تہ خزانو ڳولي هٿ ڪرڻ لاءِ خدا اهڙي انوکي رستي جي چونڊ ڇو ڪئي هئي. هن سوچيو تہ جيڪڏهن هو پنهنجن خوابن تي يقين نہ رکي ها تہ ڪڏهن بہ پنهنجو خزانو هٿ ڪري نہ سگهي ها.

"رستي جي هو موڙ تي نشان موجود هئا، بس انهن کي پروڙي اڳتي وڌڻ جي ضرورت هئي" ڇوڪري نتيجو ڪڍيو.

پيٽڻ ۽ ٽڪ سبب هن کي جلدي ننڊ اچي وئي. جڏهن سندس اک کلي تہ سج ڪافي مٿي چڙهي آيو هو. هو اٿيو ۽ وڻ جي پاڙ وٽ ڪوٽڻ شروع ڪئي. جڏهن ٽڪو تہ ساهي ڪٽي آسمان ڏانهن ڏٺو ۽ ڪيس چيو "اي قدير جادوگر، تو

سڀ ڪجهه ڇاتو پئي، تو منهنجي واپسي ۽ خانقاهه ۾ سون جو ٽڪرو به رکائي ڇڏيو هو. مان جڏهن مارڪائي بدحال ٿي موٽيو هوس ته خانقاهه جو پروهت مون تي ڏاڍو ڪليو هو. جيڪڏهن هتي ئي موٽڻو هو ته پوءِ هيڏين سارين مصيبتن جو ڇا مطلب. تون مون کي انهن کان بچائي به ته سگهئين پئي؟"

" نه... جيڪڏهن مان توکي اڳ ئي ٻڌائي ڇڏيان ها ته پوءِ تون مصر جا اهرام ڏسي نه سگهين ها. اهي ڏاڍا خوبصورت آهن. تون ئي ٻڌاءِ اهي خوبصورت آهن نه؟" هن هڪ آواز ٻڌو.

ڇوڪرو مرڪيو ۽ ٻيهر کوٽڻ ۾ لڳي ويو. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ سندس ڪوڏر ڪنهن سخت شيءِ سان ٽڪري. ڪلاڪ ڪانپوءِ سندس آڏو اسپيني سونن سڪن سان ڀريل صندوق پئي هئي. صندوق ۽ سونن سڪن سان گڏوگڏ قيمتي پٿر، اڇن ۽ ڳاڙهن ڪنين سان سينگاريل، سونا نقاب ۽ هيرن جواهرن سان سٽيل پٿر جا مسجما به هئا. اهو ڪنهن فتح جو مال غنيمت هو، جنهن جو فاتح ڪنهن کي ان جو ڏس پتو ٻڌائڻ کان سواءِ ئي مري ويو هو.

ڇوڪري پنهنجي ٽيلهي مان ٻئي پٿر يورم ۽ ٿمر ڪڍيا. هن اهي پٿر فقط هڪ ڀيرو استعمال ڪيا هئا. مارڪيٽ جي اندر. پوءِ ڪيس ايترا ته اشارا ملندا رهيا جو هن کي ڪڏهن اهي پٿر استعمال ڪرڻ جي ضرورت نه پئي هئي. هن اهي پٿر صندوق ۾ رکيا. اهي پٿر به سندس خزانی جو حصو هيا. اهي پٿر ان پراسرار بادشاهه جي نشاني هئا، جنهن سان هو شايد وري ٻيهر ڪڏهن به ملي نه سگهندو.

"اهو سچ آهي. زندگي انهن تي مهربان ٿئي ٿي جيڪي پنهنجي منزل مقصود ماڻڻ لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا." ڇوڪري دل ۾ نتيجو ڪڍيو.

پوءِ ڪيس ياد آيو ته هن کي ٿئريفا وڃي خانه بدوش عورت کي وعدي مطابق خزاني جو ڏهون حصو ڏيڻو آهي. هن ويچاريو، اهي خانه بدوش ڏاڍا سياڻا آهن. شايد ان ڪري جو هو گهمندا ڦرندا رهن ٿا ۽ گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيئن ٿا."

هڪ ڀيرو وري هوا لڳڻ لڳي ۽ اها هوا آفريڪا کان پئي آئي. اڄ ان هوا ۾ صحرا جي سڳنڌ نه هئي ۽ نه ئي هن هوا ۾ حملہ آورن جي خطري جي لهر هئي. ان جي بدران ان هوا ۾ اها خوشبو هئي جنهن کان ڇوڪرو چڱيءَ ريت واقف هو ۽ جنهن ڪيس مدهوش ڪري ڇڏيو هو ۽ خوشبوءَ سان گڏ هوا ۾ هڪ چمي به آهستي آهستي لهرائيندي آئي جيڪا اچي ڇوڪري جي چپن تي لٿي.

اهو پهريون ڀيرو هو جو ڇوڪري ائين محسوس ڪيو هو.

ڇوڪرو مرڪيو ۽ هوائن ۾ سندس آواز گونجيو، "فاطمہ! مان اچي رهيو آهيان."

☆☆☆

Salgarh Greetings

The present time is a very critical time, for the Sindhi literature, where there is no any platform for uplifting Sindhi literature, while, emergence of Krizma Digest is the feast in current time.

We Congratulate with our soul and heart Krizma management team whose high diligence and hardworking to publish such a nice and memorable digest, which has very high standard and quality material.

We hope, in future Krizma management team continue to work hard to give us such a nice Sindhi literature for amusement and knowledge full.

WITH BEST COMPLEMENTS

From

Saddar-ud-Din

Graphics & Printers

We deals in All Kind of Printing, Sindhi, Urdu, English, Composing & Graphics Designing

Shop: # 20, Taj Paper Centre, Building, Shahrah-e-Liaquat, Near Paper Market, Karachi.

Ph: 021-2214834, Mob: 0333-3484143, 0345-2087813